
(آتم ڪتا)
زندگي هڪ سفر
محمد علي شيخ
پوپٽ

زندگي هڪ سفر

(آتم ڪٿا)

ليکڪ:
محمد علي شيخ

پوپٽ پبلشنگ هائوس ـ خيرپور، سنڌ
2016ع

ڊجيٽل ايڊيشن:
2019ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

حق ءِ واسطا محفوظ

POPAT BOOK NO: 97

زندگي هڪ سفر

(آتم ڪٿا)

ليکڪ: محمد علي شيخ
ڇاپو پهريون: 2016ع
تعداد: هڪ هزار
ٽائيٽل ڊزائين: سعيد منگي
لي آئوٽ: آصف نظاماڻي
ڪمپوزنگ: عرفان ڀٽو
ڇپيندڙ: پوپٽ پرنٽنگ پريس، خيرپور، فون:0243-552913
ڇپائيندڙ: پوپٽ پبلشنگ هائوس خيرپور ـ سنڌ.
ملهه: -/500 روپيه

All Right Are Reserved

ZINDAGI HIK'U SAFAR
(Autobiography)

By: **Muhammad Ali Shaikh**

First Edition: 2016
Quantity: 1000 Copies
Title Design: Saeed Mangi
Lay 'out by Asif Nizamani
Composing by Irfan Bhutto
Printed by Popat Printing Press, Khairpur Ph: 0243-552913
Published by Popat Publishing House, Khairpur – Sindh.
Price: **Rs. 500/-**

ارپنا

والد صاحب **مهر الله خان شيخ** مرحوم

والده مرحومه ۽

رفيقه حيات مرحومه جي نالي

ـ محمد علي شيخ

سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب **"زندگي هڪ سفر"** اوهان اڳيان پيش آهي. هي ڪتاب محترم **محمد علي شيخ** صاحب جي لکيل آتم ڪٿا آهي.

محمد علي شيخ صاحب پنهنجي عمر جي مختلف سالن ۾ جيڪي مشاهدا ماڻيا ۽ تجربا حاصل ڪيا انهن کي نهايت سليس، سهڻي ۽ آسان انداز ۾ قلمبند ڪيو اٿائين جيڪو پڙهندڙن کي زندگيءَ جي سفر ۾ ڪيئي سهڻا سبق آڇي ٿو. نصير مرزا لکي ٿو:

"محمد علي شيخ صاحب، لاڙڪاڻي جي هڪ تعليم يافتہ، وضعدار ۽ روايتن جي پاسدار شيخ گهراڻي جا اهڙا فرد آهن، جن بطور، سيلف ميڊ.... پنهنجي محنت، جاکوڙ، جدوجهد ۽ جفاڪشيءَ سان، هيٺين عهدن تان ترقي ماڻي ۽ نهايت ايمانداري سان پنهنجي ڪارڪردگيءَ جو مظاهرو ڪري، ڊپٽي ڪليڪٽر جي منصب کي ماڻيو، ۽ جتان پاڻ، وڏي عزت آبروءَ سان 1984ع ڌاري ريٽائر ڪيو.... تہ بس صاف گو ئي، سچائي ۽ شفاف هٿن سان روينيو ڊپارٽمينٽ ۾ حياتيءَ جا 35 ورهيہ گذاريندڙ هيءَ هڪڙي ريٽائر ۽ سيلف ميڊ ڊپٽي ڪليڪٽر جي زندگيءَ جي سچي ڪهاڻي آهي ۽ جنهن جو عنوان آهي: "زندگي هڪ سفر"! يا ٻين لفظن ۾ ائين سمجهو، تہ هي زندگي نامو آهي.

هي ڪتاب **پوپٽ پبلشنگ هائوس، خيرپور** پاران 2016ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون پوپٽ پبلشنگ، هائوس جي سرواڻ قربان منگيءَ جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي. مهربانيون فريد ڀٽو صاحب جون جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ جي اجازت ڏني.

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

سٿاءُ

- **پبلشر نوٽ:** قربان منگي 7
- **ڊپٽي ڪليڪٽر جي هيءَ آتم ڪٿا:** نصير مرزا 8
- **ماموو ڏو:** انعام شيخ 12
- **آتم ڪٿا**

پبلشر نوٽ

آتم ڪٿائون ۽ ٻيو سوانحي ادب ڪنهن بہ ٻوليءَ جي ادب ۾ نهايت اهميت واري حيثيت رکي ٿو. سماجَ سان لاڳاپيلَ مختلف شعبن جا غير معمولي ڳَمَ ڪندڙ ڪردارَ جڏهن پنهنجي جيونَ جي سفرَ جون ڪهاڻيون قلمبند ڪندا آهن تہ اهي ڪهاڻيون نسلن جي لاءِ راهہ جي روشني بڻجي ويندیون آهن.

محمد علي شيخ صاحب پنهنجي عمر جي مختلف سالن ۾ جيڪي مشاهدا ماڻيا ۽ تجربا حاصل ڪيا انهن کي نهايت سليس، سهڻي ۽ آسان انداز ۾ قلمبند ڪيو اٿائين جيڪو پڙهندڙن کي زندگيءَ جي سفر ۾ ڪيئي سهڻا سبقَ آڇي ٿو. اسان جا بزرگ ۽ وڏڙا جن سماج ۾ سونهن پيدا ڪرڻ لاءِ پنهنجي عمر جا سونهري ورهيہ خرچ ڪري ڇڏيا انهن جي عمر جي جمع پونجي سندن تجربن جي صورت ۾ سامهون ايندي آهي. هي ڪتاب انهيءَ حوالي سان نهايت وٽندڙ ۽ اهم ڪتاب آهي، جنهن کي ڇاپيندي ادارو پوپٽ پبلشنگ هائوس نهايت خوشي محسوس ڪري رهيو آهي. اميد تہ پڙهندڙ بہ هن ڪتابَ کي جيءَ ۾ جوڳي جاءِ ڏيندا.

قربان منگي

چيئرمين

پوپٽ پبلشنگ هائوس، خيرپور

ڊپٽي ڪليڪٽر جي هيءَ آتم ڪٿا

علامہ آءِ آءِ قاضي صاحب فرمائيندا هئا. ڏکي، سُکي، زندگي، هر ماڻهوءَ کي ميسر هوندي آهي. ائين جي، رڳو هرڪو پڙهيو لکيو ماڻهو پنهنجي پنهنجي زندگيءَ جو احوال لکي وٺي، تہ هوندَ هر ٻوليءَ جو ادب، سوانحي ڪتابن سان مالا مال ٿي وڃي. دنيا ۾ ڏنو ويو آهي، تہ رڳو مشهور ماڻهن ئي پنهنجون آتم ڪٿائون، يا تہ خود پاڻ پئي لکيون يا ٻين ڪن تہ وري، ٻين قلمڪارن کان بہ پئي لکرايون. مثال طور هند ۾، مهاتما گاندي، خان عبدالغفار خان، امرتا پريتم، قرة العين حيدر ۽ ائين سنڌ ۾ وري مرزا قليچ بيگ، علامہ عمر بن محمد دائود پوٽي، رئيس ڪريم بخش نظاماڻي، شيخ اياز، مخدوم طالب المولي (منهنجو ننڍپڻ) يا پرڏيهہ ۾ ٽالستاءِ، رسول حمزه توف، پئبلو نيرودا، گارشيا مارڪُئيز، فيڊرل ڪاسترو ۽ گورڪي وغيره پنهنجون آتم ڪٿائون پاڻ ئي لکيون آهن يعني انهن هزارين فنڪارن، مصورن ۽ سياستڪارن جو ئي ذڪر آئون نٿو ڪريان جن ٻيا قلمڪار هائير ڪري پنهنجون جيونيون انهن کان لکرايون. اجهو قطع نظر، اهڙن سوانح عمرين کان جي ويجهي ماضيءَ ۾، هندو ئي ڇا، سنڌ ۽ پاڪستان ۾ بہ اهڙا ڪيئي ريٽائرڊ ڪامورا، ڪرنيل ۽ جرنيل تازو سامهون آيا آهن جن ماڻي ورتل ڊگهي ڄمار مان فائدو وٺندي ۽ واندڪائيءَ جي وندر طور ئي سهي ۽ باوجود پروفيشنل قلمڪار نہ هجڻ جي پنهنجون طرح طرح جون آتم ڪٿائون پاڻ ئي لکي ورتيون آهن.بي شڪ تہ قليچ بيگ صاحب بہ هڪڙو ريٽائرڊ ڪامورو (ڊپٽي ڪليڪٽر)هئو پر گڏوگڏ نشانبر، عظيم ليکڪ بہ هو پر هن بہ پنهنجي خود نوشت ”سائوپن يا ڪارو پنو“ 1923 ع ڌاري، ريٽائر ٿيڻ جي چوڏهن ورهين کانپوءِ ئي ستر ورهين جي ڄمار ۾ پهچڻ بعد لکي ڪئي.

اجهو هن، آتم ڪٿا..... ”زندگي هڪ سفر“.... جو مصنف سائين محمد علي شيخ پڻ ريٽائرڊ ڊپٽي ڪليڪٽر آهي، جنهن جي ڄمار هن وقت 90 پلس آهي. شيخ صاحب برابر تہ، قليچ اصاحب وانگر روينيو ڊپارٽمينٽ مان ريٽائر ٿيل ڪامورا آهن، پر مرزا صاحب وانگر ليکڪ وغيره قطعي نہ. (ها! اِها ٻي ڳالهہ، تہ سندن سڳن پاڻيجن مان، بطور ليکڪ دانشور، انعام شيخ ۽ ان جي وڏي برادر امان الله شيخ جو نالو ادب ۽ قومي سياست ۾ وڏي احترام سان ورتو ويندو آهي). جيئن هن آتم ڪٿا جي مطالعي مان، مون ڄاتو تہ محمد علي شيخ صاحب، لاڙڪاڻي جي هڪ تعليم يافتہ، وضعدار ۽ روايتن جي پاسدار شيخ گهراڻي جا اهڙا فرد آهن، جن بطور سيلف ميڊ.... پنهنجي محنت، جاکوڙ، جدوجهد ۽ جفاڪشيءَ سان، هينئين عهدن تان ترقي ماڻي ۽ نهايت ايمانداري سان پنهنجي

ڪارڪردگيءَ جو مظاهرو ڪري، ڊپٽي ڪليڪٽر جي منصب کي ماڻيو ۽ جتان پاڻ، وڏي عزت آبروءَ سان 1984ع ڌاري ريٽائر ڪيو.... تہ بس صاف گو ئي، سچائي ۽ شفاف هٿن سان روينيو ڊپارٽمينٽ ۾ حياتيءَ جا 35 ورهيہ گذاريندڙ هيءَ هڪڙي ريٽائر ۽ سيلف ميڊ ڊپٽي ڪليڪٽر جي زندگيءَ جي سچي ڪهاڻي آهي ۽ جنهن جو عنوان آهي: ”زندگي هڪ سفر“! يا ٻين لفظن ۾ ائين سمجهو تہ هي زندگي نامو آهي سائين محمد علي شيخ لاڙڪاڻويءَ جو، هونئن روينيو ڊپارٽمينٽ ۾، ڪو بہ ماڻهو، پوءِ تپيدار مقرر ٿئي، يا هو ڪليڪٽر وڃي بڻجي، اهڙي نوڪري، ڪوئلن جو ڪاروبار ئي سڏبي آهي، ۽ ٿانڊن جي اهڙي آڙاهہ مان، ڪي آڱرين تي، ڳڻن جيترا ئي ماڻهو، گل و گلزار تي اتان پارُ پوندا آهن. ظاهر آهي جيئن سڀ ماڻهو هڪڙي شڪل جهڙا ناهن، ايئن روينيو جا سڀ ڪامورا بہ ”هٿ ـ ڪارا“ نہ چئي سگهبا. پير علي محمد شاهہ راشديءَ پنهنجي مشاهيرن بابت لکيل ڪتاب.... ”اُهي ڏينهن اُهي شينهن“ ۾ لکيو آهي..... ڇڙو هي ڊپٽي ڪليڪٽر مرزا قليچ بيگ ئي نہ، ٿنڊي ٺوڙهي سان واسطو رکندڙ ڪنهن بہ مرزا آفيسر جي سنڌ جي ڪنهن بہ تعلقي ۾، جي تقرريءَ بابت ماڻهو، ٻڌندا هئا تہ سک جو ساهہ ڪٽي چوندا هئا.... ”هائو ٻيلي، اِهي معزز ۽ اشراف ماڻهو، اسان کان رشوت بلڪل ئي نہ گهرندا“. سائين محمد عليءَ جي هن ”داستان حيات“ کي پڙهندي، بقول سندن، زندگيءَ ۾ آزمائش جا ڪيئي اهڙا سونهري طوفان چؤطرف کان مون کي ويڙهڻ ۽ وڪوڙڻ لاءِ وڌيا، پر هر اهڙي طوفان منجهان، مان عزت ۽ آبرو سان.... ”مڇڻ پاند پسايئيئن“ چئي، پنهنجا ڪپڙا ۽ روح آلوده ٿيڻ کان بچائيندو رهيس.

نهايت احتياط ۽ خودارياءَ سان، روينيو کاتي ۾ زندگي گذاري ۽ هاڻي، پوئين دؤر ۾ لکيل هن پوتا ميل کي پڙهندي پڙهندي، ڪتاب ۾ آندل البم اندر شيخ صاحب جي نيڪ صورت، تصوير ڏانهن، جنهن وقت بہ اک ڪٽي مون ڏنو ٿئي تہ ڄڻ فيض صاحب جي، هيءَ سِٽَ سندن چپن مان، مون کي صاف صاف ٻڌڻ پئي آئي: بابا..... مرزا صاحب! پڪ ڄاڻو!

هر داغ هي اس دل پہ، بحر داغِ ندامت

ها! ياد آيم، ڊپٽي ڪليڪٽر، مرزا قليچ بيگ جي هونئن تہ ساري حياتي صاف شفاف.... پر پاڻ جڏهن ضلع دادوءَ جي ٿرڙي محبت تعلقي ۾ مختيار ڪار هئا، تہ راڌڻ ريلوي اسٽيشن جي اسٽيشن ماسٽر جي نياڻي ايلس سان عشق ۾ اڪيون ضرور تہ چار ڪري وينا هئا. پر شيخ صاحب جي هن ”زندگي نامي“ ۾ ٻيو ڪوئي عيش عشرت تہ ڇڏيو، قليچ بيگ صاحب وانگر ڇڙو ڪو هڪڙو بہ عشق اسان کي ڳوليو نٿو ليي، ها! ڪراچي جي ڪلبن وارا ڪي ڊانس ٻانس، يا مئجسٽريٽ جي حيثيت ۾ سندن عدالت جي ڪٺهڙي ۾ اچي بينل ڪي حسينائون اسان کي ضرور نظر آيون. ۽ بقول شيخ صاحب، هر اهڙي ڏکئي وقت، مان مرشد جو نالو وٺي، پاڪ و پاڪيزه دامن سان مان پارُ پوندو رهيس.

هونئن بظاهر تہ هيءَ آتم ڪٿا. روينيو ڪاتي ۾ گهاريل 35 ورهين جي ڪٿا آهي، پر هن ڄمار (+90) ۾ وڏا سفر، نہ ڪري سگهڻ جي باوجود، شيخ صاحب يادن ۾ ڊگهو سفر ڪندي، پري پري تائين نڪري ويا آهن. سندن ولادت 1924ع ڌاري سنڌ مٿان برٽش راج دؤران ٿي هئي. اُنَ بعد پوءِ هڪڙو پُورو خلافت موومينٽ جو دؤر.... پوءِ ورهاڱو.. لڏ پلاڻ.... پوءِ فوجي راج، پوءِ قهري مارشلائون.... پوءِ نام نهاد جمهوري دؤر.... پوءِ جمهوريت جي قتلام وارو زمانو..... وچ ۾ ڪِئَر ٽيڪر حڪومتون.... ۽ شيخ صاحب ان دؤران پنهنجي وقت جي روينيو ڪاتي جي آفيسرن، سنڌ جي ميرن، پيرن، وڏيرن جي عذابن ۽ هاڃن دلچسپ بيان ڪندي ڪندي، جڏهن ٻڌائڻ ٿا لڳن، تہ پاڻ قائد اعظم، نواب بهادر يا جنگ، نواب غيبي خان چانڊيي، خواجہ ناظم الدين ۽ سردار عبدالرب جهڙن بزرگن کي بہ روبرو ۽ اکين سان ڏٺو پئي. اهو پڙهي حيرت وٺيو پئي وئي، تہ اڃا! گذريل صديءَ جي انهن يادگار ۽ عجوبہ روزگار انسانن جون مورتون بہ، شيخ صاحب ڏٺيون ويٺي.... ۽ اهي سڀ تہ خير، ڪڏهوڪو هاڻي هليا ئي ويا، پر بقول شيخ صاحب، هن جي پنهنجن هڪ جيڏن همعصرن، همسفرن ۽ هم منصبن مان بہ دنيا ۾ هاڻي ڪو ورلي ئي يار، وڃي باقي بچيو آهي يعني..... بقول محسن پوپالي.... شيخ صاحب جي دل جي ڳالهہ هتي هيءَ بہ تہ:

محسن هماري ساٿ، بڙا حادثا هوا
هم رهہ گئي، همارا زمانا گذر گيا

هونئن هن زندگي نامي ۾، اِهو پڙهي بہ ڪيڏي تہ خوشي ٿي، جو پيراناساليءَ جي باوجود، ڪي ورهيہ اڳ شيخ صاحب، عمرو بہ ادا ڪري آيا آهن، ۽ منجهن وضعداري اج بہ ايتري جوڪو عزيز قريب بيمار ٿئي، تہ ڪوشش ڪري ان جي عيادت وڃي ڪندا ۽ جي ڪو گذاري وڃي تہ هٿ فاتحہ لاءِ پڻ ڏکويل خاندان وٽ وڃڻ کي پنهنجو فرض ڪري ڄاڻندا آهن. نوڪريءَ سانگي ۽ بدلين سدلين ۾، پاڻ برابر تہ سنڌ جا اڪثر تعلقا ۽ ضلعہ گُهمي ڦري ڏٺائون پئي، پر هاڻي واري پوئين زندگيءَ ۾، پڪنڪ بهاني ئي سهي، ننگرپارڪر، ٿر، نٿي، مڪليءَ جي سياحت بابت لکيل سندن احوال ۽ گڏوگڏ گدو بندر ۾ چرين جي اسپتال ۾ گهاريل "چار گهڙيون چرين سان" ۽ ڪوٽڙيءَ ۾، شراب چڪائڻ واري فيڪٽريءَ ڏسڻ بابت، پاڻ جيڪي جيڪي پنهنجا مشاهده جنهن دلچسپ پيرائي ۾ لکيا آهن، انهن تہ هن آتم ڪٿا کي ويتر ۽ بي حد دلچسپيءَ سان پڙهڻ لائق بنائي ڇڏيو آهي. ظاهر آهي، هر انسان، انسان ئي آهي ۽ فرشتو ٿي نٿو سگهي، پر شيخ صاحب جي هيءَ آتم ڪٿا پڙهي ڪين آئون فرشتہ صنف انسان ضرور تہ مڃڻ تي مجبور ٿي پيو آهيان. برابر هر انسان، عيبدار بہ آهي تہ گنهگار بہ، پر جنهن حد تائين بہ محمد علي شيخ صاحب، پاڻ کي دنياوي گناهن، حق تلفين ۽ براين کان آجو رکي سگهيا آهن، ضرور رکيو اٿن. موت ۾ قدرت ڪين، انهيءَ جو اُجر هي

عطا ڪيو جو ڪين ستن نياڻين ۽ ٻن فرزندن جو نيڪ صالح اولاد عطا ڪري ڇڏيو. جيڪي هن وقت سڀ جا سڀ، اولادي اوڪادي ۽ پنهنجن پنهنجن ٻچن سان خوش ۽ شاد آباد زندگي گذاري رهيا آهن.

ها! روان دوان ۽ سلاست ڀريي نثر ۾ لکيل، محمد علي شيخ صاحب جي هن آتم ڪٿا جي ست ست مان، ساري انسان ذات لاءِ، هڪڙو سنيهو به ته مون کي ٻُڌڻ ۾ آيو آهي.... ڪهڙو سنيهو.... ڪهڙو پيغام!؟ اجهو سندن ساري زندگيءَ جي حاصلات تي اڌارڪ، ڀٽائي صاحب جي هن ست وارو هي سنيهو ته.....

سا ڪا هڙ هلاءِ جو آگي اڳيان اُيهين.

نصير مرزا

ماموءَ وڏو

ميان صاحب، خانصاحب ۽ محمد علي خان جي نالي سان تہ ڪيس دوست، ماتحت ۽ زماني وارا سڏيندا هُئا. اسان ڪيس ننڍپڻ ڪان "ماموءَ وڏو" چوندا هُئاسين ۽ اڄ بہ ائين ئي ٿا سڏيونس. "مامي وڏي" جو لاڳاپو ضلعي دادو، تعلقي ميهڙ جي ڳوٺ ٻُٽ سرائيءَ جي شيخن جي هڪ اهڙي خاندان سان آهي، جيڪو انگريزن جي دؤر ڪان بہ اڳ سرڪاري عملداريءَ ۾ رهيو. سندس والد تہ ٻاروتڻ ۾ گُذاري ويو. پر سندس ڏاڏو سدا رنگ خان صوبيدار، سندس هڪ چاچو تپيدار تہ ٻيو مُختيارڪار جي عُهدن تي رهيو. پاڻ بہ ابتدا ۾ ماپ تور جو انسپيڪٽر بڻيو. پر "فضل ربي" هُجڻ ڪري اُها نوڪري ڇڏي وڃي واپار ڪيائين. ظاهر آهي تہ هڪ خانداني سرڪاري عملدار واپار ڪندي نقصان ڪان سواءِ ٻيو ڇا پئي حاصل ڪري سگهيو؟! سو ٻيهر روينيو جي نوڪريءَ ۾ اچي ڪاتي جي مٿين عُهدن تي پهتو. جيڪڏهن ابتدائي نوڪري جاري رکي ها تہ بيشڪ سنڌ حڪومت جو سيڪريٽري ٿي رٽائر ڪري ها.

"ماموءَ وڏو" (جيڪو مُنهنجو سهرو بہ ٿئي) هڪ حساس، خوددار، ديانتدار ۽ ڪڙڪ آفيسر سان گڏ انتهائي مخلص، سڏو سنئون ۽ انسان ذات سان پيار ڪندڙ شخص بہ آهي. مون ساڻس گڏ ننڍي هوندي ڪيترائي سفر ڪيا ۽ سندس مُختلف پوسٽنگس دوران، هفتن جا هفتا وٽس رهيس، پر بظاهر سخت ۽ اصول پسند هوندي، مون اندر ۾ ڪيس هڪ ٻاجهارو ۽ غريب پرور انسان ڏٺو. ڪيترا اهڙا مرحلا ۽ معاملا آيا هوندا، جن ۾ ڪاوڙ وچان هُن ڪي اُگرا ۽ سخت قدم ڪنيا هوندا، پر ڪاوڙ لٿي انهن ڪمن جو فورن ازالو بہ ڪيو هوندو. تاريخ ۾ مامن ۽ ڀاڻيجن جو لاڳاپو انتهائي دلچسپ ۽ پيچيده رهيو آهي، مامي وڏي جي سلسلي ۾ بہ اهو معاملو ساڳيو ئي آهي. ڪيس اڪثر ڀاڻيجن مان هاڪاري موٽ نہ ملي، پر هُنَ انتهائي وڏ ــ پڻي سان اهڙي موٽ ڪي نظر انداز ڪندي، پنهنجو ڪردار باوقار طريقي سان ادا ڪيو. مُنهنجي وڏي ڀاءُ امان الله شيخ جي حوالي سان ڪيس جيڪا تڪليف پهتي اُها گهڻي قدر ذاتي نہ پر "قومي" ۽ اجتماعي هُئي، خاص ڪري ادا امان الله جي سياسي سرگرمين جي ڪري، ڪيس لاڙڪاڻي جي ايس پي پڇيل ۽ ٻين آفيسرن سان تڪو منو ٿيڻو پيو ۽ حڪومتي سطح تي بہ ڪيترن مامرن ڪي مُنهن ڏيڻو پيو. پر هُنَ ٿيندڙ هر هلان ڪي سدائين همٿ سان هٿائي ڇڏيو. سياسي سرگرمين ڪري جڏهن اسان جي گهر تي پوليس ۽ ٻين ادارن جا ڇاپا پوندا هُئا، ڀُٽي صاحب جي ناراضگي ڏسڻي پوندي هئي ۽ ڪورٽن ڪي مُنهن ڏيڻو پوندو هئو. تہ "ماموءَ وڏو" ظاهري توڙي ڳُجهي، هر قسم جي مدد لاءِ هردم تيار هلندو هُئو.

مان پنهنجي جسماني، توڙي ذهني ساخت ۾ ناناڻن تي ويو آهيان، ان ڪري جو ننڍي هوندي کان ئي تصوراتي شخصيت يا رول ماڊل اسان جو وڏو مامو ئي رهيو آهي. سخت حالتن ۾ وقار سان بيهڻ، غلط ڳالهه ڏانهن عدم برداشت، غلطيءَ جي بروقت تسليمي ۽ عزت کي مقدم رکڻ سميت، تمام گهڻيون عادتون مامن وٽان ورثي ۾ مليون.

مامو وڏو خيرن سان 93 ورهين جي عُمر ۾ به هشاش بشاش، پوڳائي، سَرلو، پرفيڪشنسٽ ۽ جرمن فيلوسوف امانيوئيل ڪانٽ وانگر وقت جو سخت پابند آهي. وقت گُذرڻ سان گڏ، سونهاريءَ جي آمد سندس شخصيت کي پُرڪشش، معتبر، رونق پريو ۽ رحمدل بڻائي ڇڏيو آهي. مان هڪ وڏي کان علاوه دوستاڻي انداز ۾ به ساڻس چرچا گهڻا ڪندو رهندو آهيان. ڪچهرين دوران سندس ايامڪاريءَ جا قصا ايترا ته پُڌم جو اڪثر برزبان ياد اٿم. انهن داستانن بابت سوچيندي هڪ دفعو خيال آيو ته انهن قصن ۾ دفن ٿيل تاريخي واقعن، حوالن ۽ معاملن کي ڇونه لکت جي دائري ۾ وٺي ڇڏجي؟! ساڻس اها ڳالهه سَليَم، ڪيس آئڙي ۽ هڪدم 500 صفحن تي مُبني آتم ڪهاڻي لکي پوري ڪيائين. جيڪا آهي ته هڪ عام قسم جي روئداد، پر پڙهندي ڪيتريون حيرتون، اهميتون ۽ نعمتون نروار ڪندي ويندي.

انعام شيخ

آتم ڪتا

آغازِ سفر

منهنجو جنم تاريخ 12 اپريل 1924 تي ڳوٺ ٻُٽ سرائي تعلقي ميهڙ ۾ ٿيو. مان اڃا ٻارنهن مهينن کن جو هوس تہ منهنجو والد بزرگوار مهرالله خان شيخ منهنجن ناناڻن واري ڳوٺ (پنهنجن ساهرن ۾) آريجا تعلقي لاڙڪاڻي ۾ وفات ڪري ويو. ڪيس اتي ئي دفنايو ويو. ايئن مان يتيم ٿي ويس. ڪافي عرصي گذرڻ ۽ سمر سيلاب جي ڪري آريجن واري مقام ۾ ٻين پراڻين قبرن وانگر منهنجي والد مرحوم جي قبر جو نشان تہ هن وقت موجود نظر نٿو اچي. تنهن هوندي بہ، وقتي وقتي اتي مُقام تي وڃي ڪيس ۽ مقام ۾ سيني دفن ٿيل ميتن کي قُل پڙهي ختمو بخشي ايندو آهيان. آريجين گهٽو ڪري نثار علي عباسي جن سان وڃڻ ٿيندو آهي.

يتيم ٿيڻ کان پوءِ مان پنهنجن چاچن جي زير ڪفالت رهيس. مون کي چار چاچا 1ـ الهڏنو خان مرحوم 2ـ غلام محمد خان مرحوم 3ـ ميان نور گل خان مرحوم ۽ 4ـ محمد ادريس خان مرحوم هئا. وڏي ۾ وڏي چاچي الهڏني خان مرحوم کي مان بابو ۽ سندس فرزند مرحوم غلام نبيءَ کي ادا ڪري سڏيندو هوس. اڄ بہ جڏهن ڪٿي سندن ذڪر نڪرندو آهي تہ ڪين ايئن ئي سڏيندو آهيان. بابو الهڏنو خان مرحوم روينيو ڪاتي ۾ سپروائيزنگ ٽپيدار رهي رٽائر ٿيو ۽ اپريل 1980ع ۾ لاڙڪاڻي ۾ وفات ڪيائين. چاچو غلام محمد مرحوم مختيارڪار ٿي سال 1969ع ۾ رٽائر ڪيو ۽ 67 سالن جي عمر ۾ جولاءِ 1979ع ۾ وفات ڪري ويو. چاچي نور گل خان مرحوم کي ڪرياني جو دڪان هو ۽ هن اپريل 1977ع ۾ وفات ڪئي. چاچو محمد ادريس مرحوم درزڪو ڪم ڪندو هو ۽ هو پنهنجن مٿين ٽنهي ڀائرن کان اڳ وفات ڪري ويو هو.

بابي الهڏني مرحوم جو وڏو فرزند ادا غلام نبي مرحوم، ڊويزنل فاريسٽ آفيسر جي عهدي تان دادوءَ مان رٽائر ٿيو هو ۽ 55 سالن جي ننڍي عمر ۾ ڪراچي، اسپتال ۾ زير علاج هئڻ دوران وفات ڪيائين. ڪيس 5 آڪٽوبر 1977ع تي لاڙڪاڻي ۾ [illegible] س مرحوم جو اڪيلو فرزند رحمت الله سال 1964ع ۾ ڦوهہ جوانيءَ ۾ وفات ڪري ويو ۽ پويان بيواهہ ۽ هڪ پٽ رفيق احمد ڇڏيائين.

جيئن تہ پاڪستان ٿيڻ کان پوءِ ترت ئي اسان جو سمورو خاندان آبائي ڳوٺ ٻُٽ سرائي ڇڏي اچي لاڙڪاڻي شهر ۾ رهائش پذير ٿيو هو. انهيءَ ڪري منهنجا چارئي چاچا، ادا غلام نبي مرحوم منهنجو سؤٽ رحمت الله .... ۽ منهنجي ڏاڏي سڀ لاڙڪاڻي جي ابوبڪر مقام ۾ دفن ٿيل آهن. جيتوڻيڪ اسان جو گهر لاڙڪاڻي ۾ آهي، پر سال 3 مئي 2000ع کان حيدرآباد ۾ رهندا آهيون. منهنجي والده جنهن تاريخ 17 مئي 2004ع تي هتي حيدرآباد ۾ ئي وفات پاتي، ان کي بہ لاڙڪاڻي ڪٽائي وڃي ابوبڪر مقام ۾ ئي ٻين سيني دفن ٿيل عزيزن جي پرسان دفنايو ويو. البت

منهنجو ڏاڏو سدا رنگ خان مرحوم آبائي ڳوٺ ٻٽ سرائيءَ ۾ ئي مدفون آهي جو هن اتي وفات پاتي هئي. اسان جي اصلي آبائي ڳوٺ مان سڀ شيخ لڏي اچي هاڻي لاڙڪاڻي ، حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ۾ آباد ٿيا آهن.

اسان جي ڳوٺ ۾ ٻين ذاتين، جهڙوڪ اسراڻ، ٻٽ، ميراسي، قمبراڻي، حجم، يوڏ، پتوجا، پير گهراڻو، سيد سڳورا، ڊڪڻ، ميربحر ڪنڀر وغيره اجان به رهندڙ آهن. انهن ذاتين وارن مان پڻ جزوي فردن، نوڪريءَ يا ڌنڌي ڌاڙيءَ سانگي، لڏي وڃي ڪي ٻيا شهر وسايا آهن، پر انهن جي گهڻائي اجا تائين پنهنجي ڳوٺ ٻٽ سرائيءَ ۾ ئي رهي ٿي.

اسان جي ڳوٺ ۾ هندو به گهڻي تعداد ۾ رهندڙ هئا، جن کي پنهنجيون زمينون، باغ ۽ واپار ڪاروبار هئا، تن ۾ سيٺ نارو مل تمام مشهور ماڻهو هو، پر اهي سڀ هندو لڏي گهڻي ڀاڱي هندستان هليا ويا. تنهن وقت اسان جي ڳوٺ جا زميندار سرائي عبدالرحمان اسراڻ مرحوم، سرائي علي مراد مرحوم ۽ سرائي غلام رسول ٻٽ مرحوم هئا، جن جي ڳوٺ توڙي آسپاس ۾ سني عزت هوندي هئي.

انهن کان علاوه پير حجت الله شاهه مرحوم جو به ڳوٺ توڙي پسگردائيءَ ۾ سنو اثر رسوخ هوندو هو. سندس مريدي خادمي به چڱي خاصي هئي. پير حجت الله شاهه مرحوم ڏاڍو رعبدار ۽ هشمت وارو هو ۽ سندس ڳالهائڻ به ڀيڪيدار هوندو هو. بدن ۾ ڪجهه ڀريل هو، پر سندس قد ڪاٺ مطابق ڏاڍو ٺهندڙ بت هوس. سندس مُنهن ويڪرو ۽ گهاٽي ڪاري سونهاري مبارڪ سندس منهن تي گهڻي ٺهندي هئي ۽ دستار مبارڪ پڻ اهڙي ته سهڻي ٻڌل هوندي هئي، جو مون مٿين مڙني وصفن ۽ سندس سهڻي شڪل شباهت جهڙو ٻيو ماڻهو اڄ تائين نه ڏٺو آهي. نماز پڙهائڻ ۾ سندس قرائت بلند آواز سهڻي، بلڪل ڪليل ۽ دل کي ڇڪيندڙ هئي. پير حجت الله شاهه جو ننڍو ڀاءُ انور شاهه به چڱي شڪل شباهت وارو هو البت خاموش طبع هو هو پڻ وفات ڪري ويو آهي ۽ ٻڌجي ٿو ته هن پنيان ڪافي ملڪيت ڇڏي آهي. پير حجت الله شاهه مرحوم نهايت ڪشادي هٿ هئڻ جي ڪري، پنهنجي ننڍي ڀاءُ مرحوم انور شاهه جي ڀيٽ ۾ ڪا خاص ملڪيت ڪانه گڏ ڪئي هئي.

پير حجت الله شاهه مرحوم جو ذڪر نڪتو آهي ته ان بابت ڪي احوال اتي ئي لکي ٿو ڇڏيان. سال 1960ع ۾ وارهه ۾ تعلقي هيڊ منشي هوس. هڪ ڏينهن آفيس کان موٽيس ته ٻن ٽن مريدن سان گڏ منهنجي جاءِ تي ويٺل هئا. ساڻن ملي خوش خير عافيت ڪرڻ کان پوءِ سندن تڪليف ڪري اچڻ جو پڇيو. پاڻ چيائون ته اسان جا ڪجهه مريد مختيارڪار جي ڪورٽ ۾ مٿن هلندڙ ڪيس ۾ جيل ۾ بند آهن. انهن جو اسان کي ضامن ڪرائي ڏي، مون پير صاحب جن کي چيو ته مختيارڪار صاحب آهي پنهنجي خيال وارو ماڻهو، پر اوهان اميد سمجهي تڪليف ڪري آيا آهيو، انهيءَ ڪري مان ڪيس عرض ڪري ڏسان ٿو. پوءِ مختيارڪار منهنجي چوڻ تي انهن جوابدارن جو ضامن منظور ڪري ڪين آزاد ڪيو ۽ پير صاحب جن وٽ، جيڪي ڳوٺ جي هجڻ ڪري اميد پائڻي آيا هئا، انهن وٽ منهنجي پَٽ رهجي آئي.

اسان جي ڳوٺ ۾ پير پنهل صاحب جن بہ وڏي بزرگ هستي ۽ ڪرامت وارا پير ٿي گذريا آهن. مون حياتيءَ ۾ پاڻ تہ ڪين ڪونہ ڏٺو هو. پر بابي الهڏني خان مرحوم، جيڪو دادو ضلعي ۾ ڪاڇي واري علائقي ۾ نوڪري ڪري چڪو هو، تنهن پير صاحب جن جي هڪ ڪرامت ٻڌائي هئي تہ پير صاحب جن جا ٻہ نوجوان نينگر هڪ پيري ٻہ چار مريد ساڻ ڪٽي ڪاڇي ڏانهن سفر تي ويا هئا تہ اتي ڪن ماڻهن ٻنهي نينگرن کي روڪي رکيو ۽ ڪين چيائون تہ جيستائين اوهان جا والد بزرگوار پير صاحب جن پاڻ اچي اسان کي پنهنجي ڪا ڪرامت نہ ڏيکاريندا، تيستائين اوهان کي هتان وڃڻ جي اجات نہ ڏيندا سين.

پير صاحب جي نينگرن انهيءَ ماجرا بابت هڪ درد ڀريو خط پنهنجي والد صاحب جن ڏانهن لکي موڪليو، جو ڪين ان وقت پهتو، جنهن وقت هو جمعي جي نماز جو خطبو پڙهي رهيا هئا. خطبي پوري ڪرڻ کان پوءِ پير صاحب جن اهو خط پڙهي روئي ويٺا ۽ جمعي جي نماز کان فارغ ٿيڻ کان پوءِ ڪجهہ مريد ساڻ ڪٽي، جتي سندن نينگر هئا، اوڏانهن روانا ٿيا. هوڏانهن ان ڳوٺ جي ماڻهن کي جڏهن پير صاحب جن جي اچڻ جي خبر پئي تہ هنن ڇا ڪيو جو هڪڙي جيئري ماڻهوءَ کي ڪفن پارائي ميت طور کڻ تي سمهاري ڇڏيائون. پير صاحب جن اتي پهچي نينگرن سان ملڻ جي خواهش ڏيکاري پر فرضي ميت جي وارثن ڪين اڳ ۾ ميت جي جنازي نماز پڙهڻ لاءِ عرض ڪيو. پير صاحب جن ڏانهُن ڏسي وري بہ ڪين نينگرن سان ملاقات ڪرائڻ لاءِ چيو، پر هنن وري بہ جنازي نماز پڙهڻ لاءِ اصرار ڪيو. پير صاحب جن پوءِ فرضي ميت جي وارثن کان اجازت وٺي جنازي نماز پڙهي ڇڏي.

جنازي نماز پڙهڻ کان پوءِ ميت جي وارثن پير صاحب جن کي چيو تہ سائين اسان اوهان جي ڪرامت ڏسڻ لاءِ هڪ زندهہ ماڻهوءَ کي فرضي ميت ڪري سمهاريو هو. پير صاحب جن فرمايو تہ بابا وڃي دفنايوس. وارثن جان کڻي ڏٺو تہ واقعي بہ اهو ماڻهو رحلت ڪري ويو هو ۽ ڪيس وڃي دفنايائون.

پير صاحب جن جي اها ڪرامت ڏسي سيني کين پيرن پئي آزيون ڪري معافي ورتي ۽ نہ رڳو هڪدم ڪين سندن نينگرن سان ملايائون پر سڀ سندن مريد ٿيا ۽ ايئن سڄو ڪاڇو سندن مريد ٿي پيو.

ان وقت کان وٺي اڄ تائين پير صاحب جن جي گاديءَ جا ڪاڇي ۾ تمام گهڻا مريد آهن. جيتوڻيڪ اسان جي ڳوٺ جي زميندارن جو پاڻ ۾ ٺاهہ بلڪل ڪونہ هو ۽ هڪٻئي جا سخت مخالف هئا پر تڏهن بہ راڄ، ڳوٺ وارن کي هروپرو آزاريندڙ نہ هئا. ڳوٺ وارا سڀ پڻ هڪٻئي سان (هندو توڙي مسلمان) تمام ميٺ محبت ۽ امن امان سان گذاريندا هئا. البت سرائي غلام رسول ٻٽ مرحوم ۾ غرور ڏاڍو هوندو هو. هن کي خاص ڪري شيخن جي ڳوٺ ۾ پڙهيل لکيل هجڻ ۽ ڪاروبار هجڻ ڪري عوام ۾ عزت هوندي هئي. اها هن جي دل تي بار هوندي هئي. ايتريقدر جو بابي الله ڏنو

خان مرحوم جو تنهن وقت تپيدار هو ۽ ڪيس عزت سان ڏنو ويندو هو. اوطاق ۾ قران مجيد جي تلاوت ڪندي مٿس محمد قنبر اڻي ۽ هٿان حملو ڪرايو هئائين.

ڳوٺ ۾ ڪو سنهو ٿلهو جهڳڙو ٿيندو هو ته ڏرين وچ ۾ فيصلو ڳوٺ جا واسطيدار زميندار ئي ڪري ڇڏيندا هئا. تنهن وقت ڪي فيصلا خانبهادر غلام محمد خان اسراڻ مرحوم وينل خيرپور جوسو تعلقہ قمبر، ضلع لاڙڪاڻو بہ اچي ڪندو هو. هو بي ريائي ۽ انصاف سان فيصلي ڪرڻ ۾ وڏي شهرت رکندو هو ۽ انهيءَ ڪري ان جي ڪيل فيصلي کي هر ڪو دل سان قبول ڪندو هو.

هڪڙي هنڌ ته مون هڪ معزز ماڻهوءَ واتان خانبهادر غلام محمد خان اسراڻ مرحوم جي ڪيل هڪڙي فيصلي بابت ته ايئن بہ ٻڌو هو ته سندس هڪ ڀائٽيي هڪ ٻانهن زوريءَ ڪٽي اچي پاڻ وٽ ويهاري هئي. تنهن عورت جو مڙس وٽس اچي دانهي ٿيو جنهن تي خانبهادر صاحب پنهنجي ڀائٽيي کي گهرائي گهڻو سمجهايو ته ٻانهن واپس ڪري، پر هن جي گس گساءُ ڪرڻ تي ڪيس ايئن چئي ڏنائين ته تون جيڪا ٻانهن ڪٽي آيو آهين ۽ اها توکي وڻي ٿي ته نيڪ آهي تون اها ڀلي پاڻ وٽ جهل ۽ پنهنجي زال کي وڻي اچ ته اها هن دانهي آيل مڙس جي حوالي ڪريان. هن ڪهڙو ڏوهہ ڪيو! ان چوڻ تي سندس ڀائٽيو ڪٽي آيل ٻانهن وڻي اچي سندس مڙس جي حوالي ڪئي. (وڏيڪ خبر خالق کي.)

(اڄ ڪلهہ جيئن ته اهي حق جا فيصلا ڪرڻ وارائي نہ رهيا آهن، انهيءَ ڪري هاڻي وارن فيصلن کي ڏرين پاران مڃيو ئي ڪونہ ٿو وڃي. جنهن جي نتيجي ۾ تڪراري ڏرين ۾ جهيڙا ڏينهون ڏينهن شدت اختيار ڪندا ٿا وڃن.)

ان زماني ۾ اسان جي ڳوٺ ۾ ڪوبہ شيعو ڪونہ ٻڌبو هو. پر ڀرپاسي واري ڪنهن ڳوٺ ۾ ڪي شيعا رهندڙ بہ هئا ته اهي بہ ڪڏهن ماتمي جلوس ڪڍي اسان جي ڳوٺ جو پاسو ڏئي لنگهڻ جي جرئت بہ نہ ڪري سگهندا هئا. هينئر ته قصو ئي تبديل ٿي ويو آهي ۽ ٻٽ سرائي ۽ ميهڙ تعلقي جو ڳوٺ شاهہ پنجو شيعن جا ڳڙهہ سڏجن ٿا. ٻٽ سرائيءَ ۾ ته محرم جي تيرهين تاريخ تائين ماتم ٿيندو آهي ۽ اتان جو علي گوهر ٻٽ مرحوم (سرائي غلام رسول جو پٽ) دادو ضلع شيعا تنظيم جو صدر بہ هو ۽ سندس ننڍو ڀاءُ منور علي خان ٻٽ پڻ ڪٽر شيعو آهي. البت سندن وڏو ڀاءُ مرحوم محمد صالح خان اهلسنت هو.

سيد محمود شاهہ، سيد عبدالفتاح خان مرحوم جو پٽ، جيڪو پڻ اڳ اهلسنت هو، سو بہ هينئر پڪو شيعو ٿي ويو آهي.

اسان جي ڳوٺ جي ڀرسان (ناري واهہ جي پرئينءَ پر) جهتيالن جو ڳوٺ آهي. ان ڳوٺ جو محراب خان جهتيال پنهنجي دور جو وڏو ناليوارو ملهہ هو. ان زماني ۾ اسان جي ڳوٺ يا تر ۾ چوري چڪاريءَ جي واردات بہ ڪا ورلي ٻڌبي هئي، سا بہ ڪنهن ڏور ڏيڳي جي. پر ڀاڳئي جي سجاڳ ٿيڻ تي چور ڪيس گهوٻاتا (ڏيڍ هٿ ڪن ڪاٺيءَ جا گهڙيل ڪلا) ڇاپڙ ڪري هڻي ڏور ڇڏي پاڻ بچائي

پڇي ويندا هئا ۽ اڄ جهڙو ظلم ڪونہ هو. جو ڀاڱئي جي جاڳڻ ۽ مزاحمت ڪرڻ تي ڪيس گوليءَ جو نشانو بڻائي ٽڏي تي ماري وڌي آرام سان چور/ڏاڙيل هليا ٿا وڃن ۽ ڪوبہ داد فرياد ٻڌڻ وارو ڪونهي. الٽو گهر ڌڻي، پوليس جا ڏنل عذاب پيا پوڳين.

اسان جي ڳوٺ ۾ البت ٻہ ڄڻا بخشل ميراثي ۽ شريف لوهر چور ٻُڌبا هئا، پر اهي بہ ڳوٺ يا ويجهي تر ۾ ڪا واردات ڪونہ ڪندا هئا. اهي پري ڪنهن جوءِ ۾ وڃي چوري چڪاري ڪندا هئا.

البت ڳوٺ ۾ چوريءَ جي هڪ انوکي واردات ٿي هئي. اها بہ منهنجي چاچي ميان نور گل خان جي دڪان مان ٿي هئي، جا ٻن ڄڻن حافظ محمد عثمان ۽ فريد ڪئي هئي. محمد عثمان اکين کان نابين هئو پر هن جا ٻيا حس ڏاڍا تيز هوندا هئا ۽ فريد اک کان ڪاڻو هوندو هو. هنن دڪان مان عطر جون شيشيون، ڏونگهيءَ جا کوپا ۽ نباتون وغيره کڻي وَرَ ۾ وجهي، جيئن دڪان مان ٻاهر نڪري رهيا هئا تہ چوڪيدار کين ڏسي ورتو ۽ اچي حافظ عثمان کي پڪڙيو. باقي سندس ساٿي پڇي وڃي ڳوٺ کان ٻاهر اسڪول جي ڇت تي چڙهي سمهي پيو. چوڪيدار عثمان چور کي (جو نابين هو ۽ پڇي نہ سگهيو) گهليندو پئي آيو تہ سندس ور مان چورايل شيون ڪرنديون پئي آيون. پوءِ چوڪيدار هن کي اوطاق ۾ اچي سرائي علي مراد اسراڻ زميندار آڏو پيش ڪيو ۽ ڪيس سموري حقيقت ٻڌائي. سرائي علي مراد خان تہ پوءِ عثمان چور تي پادر وسائڻ شروع ڪري ڏنا. ڪجهہ دير کان پوءِ ٻيو چور فريد پاڻ پنهنجي ساٿيءَ کي ڏسڻ لاءِ اوطاق ۾ آيو؟ ڏٺائين تہ هن تي پادرن جو وسڪارو هو. جنهن تي هن کي الاهي ڪهڙي ڪٿيءَ ڪنيو جو سرائي علي مراد کي چيائين تہ هڻوس حراميءَ کي پادر. فريد جو آواز ٻڌي عثمان رڙ ڪندي زميندار کي چيو تہ سائين اهو حرامي بہ مون سان گڏ هو. جنهن تي هن عثمان کي ڇڏي، فريد تي موچڙن جو ٺاهوڪو وسڪارو ڪڍي، ٻنهي کي سيکت ڏئي اوطاق مان روانو ڪيو. ان واردات سبب ڳوٺ ۾ هڪ پهاڪو مشهور ٿي ويو تہ ”ڄڻا ٻہ، اک هڪ، هليا آهن چوريءَ تي.“

تن ڏينهن ۾ عبدالرحمان بروهي نالي ڏاڙيل جو وڏو ڏهڪاءُ هوندو هو. ٻڌبو هو تہ سندس پيٽ بہ سدائين ڏاڙن ۾ ساڻس گڏ هوندي هئي. هن لاءِ اهو پڻ ٻڌبو هو تہ هو گهڻو ڪري وڏن ماڻهن کي ڏاڙا هڻندو هو ۽ ڪانئن ڦريل رقم غريبن کي ڏيندو هو. اهو بہ ٻڌڻ ۾ ايندو هو تہ هن کي هڪ تعويز ٻڌل هوندو هو، جنهن ڪري مٿس گولي بہ اثر نہ ڪندي هئي.

ضلعي لاڙڪاڻي ۾ بہ ليمي ڪوش نالي وڏو ڏاڙيل مشهور هو، پر هو قرآن شريف جو وڏو احترام ڪندو هو. هڪ ڀيري منهنجن ناناڻن واري ڳوٺ آريجن ۾ هڪ شاديءَ جي موقعي تي ڏاڙو هڻڻ آيو ۽ ڀر واري گهر جي ڏاڪڻ تي چڙهي شاديءَ واري گهر ۾ وڃڻ جي پئي ڪيائين تہ گهر ۾ عورتن ڪلام پاڪ مٿي تي رکي ڪيس ان جا واسطا وڌا، جنهن تي هنن کي چيائين تہ ڪلام پاڪ هيٺ ڪيو ۽ هن ڪابہ ڪارروائي نہ ڪئي ۽ ساٿين سميت واپس هليو ويو.

ٻئي موقعي تي ليمون ڪوش ساٿين سميت منهنجي ناني رضا محمد مرحوم جي ڪپڙي جي دڪان ۾ ڏاڙو هڻڻ آيو. هن جي ساٿين ڪاٺ جي پيتيءَ مان ڪپڙن جا تاڪيا پئي ڪڍيا. ڳاڙهي پوتيءَ ۾ ويڙهيل قرآن شريف به اتي موجود هو. جيڪو هنن ٻاهر ڪڍيو ته ان کي ڏسي پنهنجن ساٿين کي چيائين ته اهو قران شريف آهي ڇا!؟ پر هنن ڪيس چيو هيءَ ڪنڌيءَ جي بندي آهي ۽ پوءِ هو ڪپڙو ڪٽي فرار ٿي ويا. ان کان ترت پوءِ ليمي ڪوش کي گولي لڳي هئي. هُو علاج هڪڙي خانگي ڊاڪٽر کان ڪرائيندو هو، پر ان مان بچي ڪونه سگهيو ۽ مري ويو. هاڻي ته ڏاڙيلن جا اٽڪت ٿولا نهي ويا آهن، جيڪي اغوا جهڙيون وڏيون ۽ ٻيون راهزنيءَ جون عام جام وارداتون ڪندا ٿا رهن، پر سرڪاري/حڪومتي مشينري انهن آڏو بلڪل بيوس بڻيل آهي.

ملڪ ۾ سستائپ به ان زماني ۾ ڏاڍي هوندي هئي. مون کي اج به چڱيءَ طرح ياد اچي ٿو ته هڪ رپئي ۾ خالص مکڻ پنج پاءُ ملندو هو.

ماڻهو سادو کائيندا ۽ سادو هنڌائيندا هئا. پئسي ڏوڪڙ جي جيتوڻيڪ فراواني ڪانه هوندي هئي ته به ماڻهن وٽ شڪر ڏاڍو هوندو هو ۽ اج وارو قصو ڪونه هو جو پئسي جي گهٽائيءَ هوندي به ۽ خوش خوراڪ ۽ خوش پوشاڪ هوندي به، وڏي بي شڪري ۽ وڏيڪ دولت گڏ ڪرڻ جي هوس ۽ حرس عام آهي. جنهن جو نتيجو بي برڪتيءَ جي صورت ۾ سڀ اڳيان ڇِٽو آهي. ڪاڏي پيتي جون سڀ شيون جهڙوڪ: ڪير، مکڻ، گيهه، اٽو ويندي مرچن، مصالحن وغيره تائين، بلڪل خالص ملنديون هيون. اج جي دور وارو ملاوٽ جو مرض ۽ ماپ تور ۾ به ڪوٽ ڪرڻ جو ته تصور ئي نه هو. دڪاندار مورڳو سڀ سودو اَٽل سان ڏيندا هئا. گهرن ۾ به خالص مکڻ مان تيار ڪيل شيون استعمال ٿينديون هيون. اج وارن استعمال ۾ ايندڙ ڪاڏي جي تيلن_ ڊالڊا، حبيب ڪڪنگ آئل، پڪوان، تلو، مطلب ته ڪنهن به قسم جو تيل ڪونه استعمال ٿيندو هو. نه رڳو اهو پر پوءِ جڏهن ڊالڊا پهريائين ڪم اچڻ شروع ٿيو ته ماڻهوءَ کي ڊالڊا جو ڊپو ظاهري ڪٽي اچڻ ۾ شرم محسوس ٿيندو هو ته جيئن ڪو ڏسي نه وٺي. انهيءَ ڪري لڪائي لڪائي آڻيندا هئا. ڪاڏي جي شين ۾ ملاوٽ جو مرض مهاجرن جي اچڻ کان پوءِ شروع ٿيو. ڳاڙهن مرچن ۾ پڪين سرن جو پائوڊر ملائڻ، ڪارن مرچن ۾ پپيتي جو ٻج ۽ ڪٽڪ جي پيسائيءَ مهل ان ۾ سڪل مانين جو چورو گڏائڻ به انهن مهاجرن جون ئي ايجاد آهن. اهو ملاوٽ جو مرض ته هاڻي نه رڳو شهرن ۾ هلندڙ آهي پر هاڻي ته اهو به ٻڌجي پيو ته ٻهراڙين ۾ مکڻ لاءِ جيڪو ڪير جمائي ولوڙجي ٿو ان ۾ ڊالڊا گڏي پوءِ ولوڙي ملاوٽي مکڻ ناهيو وڃي ٿو ۽ لسي هاري ٿي ڇڏجي جو اها پيئڻ جي قابل نه ٿي رهي. ڀاڳيا صبح وارو ڪير به گهٽو ڪري گهرن ۾ يا هوٽلن تي ئي وڪرو ڪري ٿا ڇڏين. ٻهراڙي وارن جو به هاڻي گهٽو زور چانهه تي آهي. اج ته آفيم جي موالين کي به آفيم خالص نٿو ملي ۽ اهي ان ۾ رسول جي ملاوٽ جي شڪايت ڪندا آهن ۽ ٻاڙ پوري ڪرڻ لاءِ ڪين آفيم جو مقدار وڌائي ڪائڻو ٿو پوي.

اسان جي ڳوٺ جي ڏکڻ ۾ رائيس ڪئنال (جنهن کي نارو سڏيندا هئاسين) تمام ويڪرو، اونهو ۽ تمام تيز وهڪري سان وهندو هو ۽ يڪ ساهي ٽٻي هٽي ناري جي پرئين ڪپ تي پهچڻ ۾ ڏکيو لڳندو هو. هاڻي ته اهو نارو ئي نه رهيو آهي. لٽجي سوڙهو ٿي ويو آهي. ڳوٺ کان ٿوري مفاصلي تي منياڻين جو ڳوٺ اوپر پاسي ۽ ٻيٽو جتوئي (عبدالحميد خان جتوئيءَ جو ڳوٺ) اولهه پاسي اٽڪل ٻن اڍائي ميلن جي پنڌ تي آهن. ناري (رائيس ڪئنال) جي پرينءَ پر جهتيالن ۽ ڪانڌڙن جا ڳوٺ آهن ۽ اسان جي ڳوٺ جي ميربحرن جا انبن وارا باغ به اُن پر هوندا هئا. اسان جي ڳوٺ ۽ منياڻين جي وچ تي ناري لڳ سيٺ نارو مل جو انبن وارو باغ هوندو هو. جنهن جا توڙي مير بحرن جي باغن جا انب به ڏاڍا مٺا ۽ لذيذ هوندا هئا. سيٺ نارو مل جي انبن جي باغ جي هڪ وڻ کي ته سڏيندا ئي پتاشو هئا.

لاڙڪاڻي ضلعي ۾ وري باقراڻي جي باغن جا انب مشهور هوندا هئا. اهي سڀ ديسي انب هئا. اڄ ڪلهه جا قلمي انب سنڌڙي، چورسو، دوسيري، بگڻ ڦلي، سرولي وغيره گهڻو پوءِ آيا. هاڻي ته ديسي انبن وارا باغ مالڪن ڪٽائي ختم ڪري ڇڏيا آهن، جو ملڪ ۾ سمر سيلاب وڏي وڃڻ ڪري انهن انبن ۾ شروع وارو سواد نه رهيو آهي. تڏهن به وقتي وقتي ديسي انب به ڏسڻ ۾ ايندا آهن، جيڪي اگهه جي لحاظ کان قلمي انبن کان سستا ملندا آهن.

جهتيالن جي ڳوٺ مان محراب خان جهتيال وقت جو وڏو ملهه ٿي گذريو آهي. ساڳيءَ طرح ڪانڌڙن جي ڳوٺ مان ملان محمد رمضان ڪانڌڙو مشهور حڪيم ٿي گذريو آهي. سندس جيئري اسان جو خاندان گهڻو ڪري ڪانئس ئي علاج ڪرائيندو هو. هن جي بابي الله ڏني خان سان ڏاڍي سٺي دوستي هوندي هئي. اسان جي ڳوٺ جي عبدالله خان پتوجي مرحوم ۽ منياڻن جي حاجي محمد بچل خان منياڻيءَ جي وري منهنجي چاچي غلام محمد خان سان گهاٽي ياري هوندي هئي. منهنجي دوستي پنهنجي همعمر ڳوٺ واري عبدالواحد ميراڻي سان هئي (هو حال حيات آهي ۽ هاڻي ڪوٽڙي ۾ رهي ٿو) انهيءَ دور ۾ ناري جي اورينءَ پر ڪان پرئين پاسي اڄ وڃ لاءِ ٻيڙي هوندي هئي جنهن لاءِ ٻنهي ڪپن تي ٿلهيون ۽ تمام مضبوط ڪانيون ڪافي هيٺ زمين ۾ ڪتل هونديون هيون، جن ۾ مضبوط ٿلهي نوڙي ٻڌل هوندي هئي. جنهن ۾ هڪ هڪڙي وڏل هوندي هئي جنهن جي آڌار تي ٻيڙي هڪ پر کان ٻيءَ پر آندي ويندي هئي ۽ ڪنهن به خوف خطري جي ڳالهه نه هوندي هئي پر هينئر ناري تي اڄ وڃ لاءِ پڪي پل اڏيل آهي، جا تاج محمد خان شيخ (سائين ولي محمد خان مرحوم جي فرزند) پنهنجي سنڌ حڪومت ۾ سيڪريٽري آبپاشي (ايريگيشن) واري دور ۾ ٺهرائي هئي. ان کان علاوه هن ميهڙ- راڌڻ رستي کان ٻٽ سرائي ڳوٺ تائين اٽڪل هڪ ميل کن ڪچو رستو پڻ ٺهرايو هو. اهو رستو هاڻي پڪو سيمنٽ جو ٺهيل آهي، جو شايد مرحوم محمد صالح ٻٽ ٺهرايو آهي. ڇاڪاڻ ته سندس نالي جو بورڊ رستي جي منڊ تي لڳل آهي.

محمد صالح ٻٽ مرحوم ميهڙ ٽائون ڪاميٽيءَ جو اڪثر ڪري ائڊمنسٽريٽر ٿي رهيو هو. عبدالحميد جتوئيءَ جي سخت مخالفت هوندي به پوري ميهڙ شهر تي سندس ئي ڪنٽرول هوندو هو.

هن ۾ شاديون هڪ پنهنجي خاندان مان ۽ ٻي مهاجرن مان ڪيون، پر ويچاري ڪي ٻنهي زالن مان اولاد ڪونہ ٿيو.

اسان جي ڳوٺ وارو پرائمري اسڪول ۾ پڙهائيءَ جي لحاظ کان ڏاڍو مشهور هو. جتي ڳوٺ جي پر پرپاسي وارن ڳوٺن جهڙوڪ، منياڻي، جهتيالن ۽ ڪانڌڙن، جا ٻار ۾ چڱو خاصو پنڌ ڪري اچي تعليم پرائيندا هئا.

اسڪول ۾ استاد صاحبَ، سائين ولي محمد خان مرحوم هيڊ ماستر صاحب ۽ نائب ماستر صاحب سائين قطب علي شاهہ مرحوم، سائين جان محمد خان شيخ مرحوم ۽ سائين غلام رسول جهتيال صاحب مرحوم هوندا هئا. سائين قطب علي سيد جوانيءَ ۾ ئي گذاري ويو هو. باقي ٻيا استاد ڪافي عمر پائي پوءِ وفات ڪري ويا.

هاڻي تہ قصو بلڪل اُلٽو ٿي ويو آهي. استادن جي پڙهائڻ ۾ ڪا دلچسپي نہ رهي آهي، نہ ئي شاگردن وٽ هنن لاءِ ڪا عزت رهي آهي، جنهن جي نتيجي ۾ ڪافي ڊگهي عرصي کان تعليم جو ٻيڙو ٻڏو پيو آهي ۽ ان ۾ سڌاري جي اميد ويجهڙائيءَ ۾ نظر نٿي اچي.

ميهڙ هاءِ اسڪول ۾ تعليم پرائڻ لاءِ داخلا

مان ڇهه درجا سنڌي ڳوٺ ۾ پڙهي انگريزي تعليم لاءِ ميهڙ هاءِ اسڪول ۾ وڃي داخل ٿيس. اسان جي ڳوٺ جي ٻين هيٺين شاگردن به ميهڙ هاءِ اسڪول مان ئي مئٽرڪ پاس ڪئي. 1. عبدالله خان مرحوم 2. حاجي غلام حيدر شيخ مرحوم (عبدالله خان شيخ مرحوم جو ننڍو ڀاءُ) 3. ادا غلام نبي شيخ مرحوم 4. واحد بخش شيخ مرحوم 5. شاهنواز شيخ مرحوم 6. شمس الدين شيخ مرحوم ۽ سندس ٻه ننڍا ڀائر 7. نظام الدين شيخ مرحوم 8. ظفر الدين شيخ مرحوم 9. محمد صالح ٻٽ مرحوم 10. محمد خان ٻٽ مرحوم 11. محمد عثمان ٻٽ مرحوم.

باقي تاج محمد شيخ ۽ عبدالستار شيخ لاءِ ياد نه ٿو اچي ته انهن ميهڙ هاءِ اسڪول يا لاڙڪاڻه مدرسه مان مئٽرڪ ڪئي. ساڳيءَ طرح عبدالعزيز شيخ مرحوم لاءِ به نٿو چئي سگهان ته هن مئٽرڪ ميهڙ مان ڪئي يا هالا مان. مون جڏهن هاءِ اسڪول ۾ داخلا ورتي ته مون کي پنجئين درجي تائين سائين محمد ابراهيم خان مرحوم، جيڪو هاءِ اسڪول ۾ ٽيچر هو، اهو گهر ۾ ماني کارائيندو هو، پر پوءِ جڏهن هو وفات ڪري ويو ته سائين محمد عارب خان جن جي مهرباني‌ءَ سان مون کي مئٽرڪ تائين فري بورڊ شپ ملي. سائين محمد ابراهيم خان جن جي فرزند حمزي خان سان اڄ تائين اچ وڃ جو رستو آهي.

اسان سڀ شيخ شاگرد بورڊنگ هائوس ۾ ئي رهندا هئاسين، سواءِ ادا غلام نبي مرحوم جي، جيڪو شهر ۾ پنهنجي والد صاحب بابي الله ڏني خان وٽ رهندو هو. اسان ڇنڇر تي شام جو ڳوٺ ايندا هئاسين ۽ سومر ڏينهن صبوح جو ميهڙ ويندا هئاسين، جيڪو اسان جي ڳوٺ کان پنجن ميلن جي پنڌ تي آهي.

محمد عمر بورڊنگ هائوس جو بورچي هوندو هو. ميهڙ هاءِ اسڪول تعليم جي لحاظ کان به ڏاڍو مشهور هو، جنهن ڪري، نه رڳو ميهڙ شهر جا، پر پوري دادو ضلعي جي ڪيترن ئي ڳوٺن ۽ ان کان علاوه لاڙڪاڻه ضلعي جا شاگرد جهڙوڪ احمد نواز اعواڻ، عبدالوحيد ڪٽپر ۽ رسول بخش عباسي (ٻئي وينل ڏوڪري) مريم بخش شيخ (وينل نصير آباد) عبدالمجيد شيخ (وينل جاني بند) حاجي ڪريم بخش شيخ (وينل پناڻ) ۽ صدر الدين شيخ به ميهڙ هاءِ اسڪول مان مئٽرڪ ڪئي.

جيڪب آباد ضلعي جي هڪڙي شاگرد علي بخش ٻرڙي به ميهڙ مان ئي مئٽرڪ ڪئي. ميهڙ هاءِ اسڪول ۾ گهڻائي هندو شاگردن جي هوندي هئي، پر مسلمان شاگرد به چڱي انداز ۾ هوندا هئا.

هندو شاگردن مان هاڻي رڳو هڪڙو هولارام اڄ تائين به لاڙڪاڻي ۾ رهندو آهي ۽ پاڪستان ڇڏي ڪونه ويو. ڪيس شروع ۾ گُٽي جو دڪان هوندو، پر هاڻي شايد پاڻ ڪجهه ڪونه ڪندو آهي.

باقي ممڪن آهي تہ سندس پٽ ڪنهن نوڪريءَ يا ڌنڌي ڌاڙيءَ سان هجن. هاڻي بہ وقتي وقتي ساڻس لاڙڪاڻي شهر ۾ رستي ويندي ملاقات ۾ ڳالهہ ٻولهہ ٿيندي آهي. هن کان سواءِ ٻيو ڪوبہ هندو شاگرد وري نظر ڪونہ آيو آهي.

مسلمان شاگردن ۾ زمينداري ڪلاس وارا ٿورا هوندا هئا. باقي ٻيا مڊل ڪلاس سان واسطو رکندڙ هئا.

اسڪول ۾ هيٺيان استاد صاحب هوندا هئا.

1. سائين تلوڪچند هيڊ ماستر صاحب 2. سڪرامداس صاحب 3. سائين علي اصغر شاهہ صاحب 4. سائين محمد ابراهيم صاحب 5. سائين محمد عارب خان صاحب 6. ديوان هاسانند صاحب 7. سائين مينگ راج صاحب 8. سائين لوڪومل صاحب ۽ 9 سائين چندناڻي صاحب (سائنس ٽيچر)

سڀ استاد صاحب پنهنجي پنهنجي سبجيڪٽ ۾ نهايت قابل هئڻ سان گڏوگڏ تمام محنتي ۽ هندو توڙي مسلمان شاگردن کي ڪنهن بہ فرق کان سواءِ هڪ ڪري ڏسندا هئا ۽ سندن تعليم توڙي اخلاق ڏانهن پورو پورو توجهہ ڏيندا هئا تہ جيئن سندن شاگرد هوشيار ۽ بااخلاق بڻجي اسڪول مان تعليم پرائي نڪرن جنهن ۾ سندن بہ عزت ٿيندي ۽ ان کان علاوه شاگرد بہ ڪين دعائون ڪندا.

ان دور ۾ اڄ وانگر ٽيوشن وٺڻ جو تہ تصور هو ئي ڪونہ. اسڪول ۾ پڙهائي ڪري واپس اچي وري شاگرد بورڊنگ هائوس پنهنجي گهر ۾ محنت ڪري پڙهندا هئا. هندو استاد صاحبن مان ٻيا تہ پاڪستان ٿيڻ کان پوءِ لڏي هندستان هليا ويا. باقي ٻہ استاد صاحب سڪرامداس صاحب ۽ مينگهراج صاحب آخر تائين هتي رهيا ۽ هتي ئي ديهانت ڪري ويا. اڳتي هلي سائين علي اصغر شاهہ صاحب هيڊ ماستر صاحب ٿيو هو.

سائين علي اصغر شاهہ صاحب جن جي هڪ فرزند انور علي شاهہ کي عبدالوحيد ڪٽپر، جو سندن شاگرد ٿي رهيو هو، پنهنجي وزارت واري وقت ۾ سڌو اسسٽنٽ ڪمشنر ڪري ڪڍايو هو، جو هاڻي رٽائر ڪري چڪو آهي.

مان جڏهن 1983ع ۾ دادوءَ ۾ A.D.M هوس تہ سائين سڪرامداس، جيڪو منهنجو ميهڙ هاءِ اسڪول ۾ پهرئين درجي جو ڪلاس ٽيچر ٿي رهيو هو، اهومنهنجي آفيس ۾ آيو تہ مان اٿي بيهي ڏاڍي عزت سان ساڻس مليس ۽ ڪين ڪرسيءَ تي ويهاري ڪائن تڪليف ڪري اچڻ جو پڇيم تہ چيائين تہ منهنجو تہ ڪو ڪم ڪار ڪونهي پر مون کي راڌڻ واري سيٽ ڌرمداس اوهان لاءِ مالڻا ڏنا آهن، سي ڪڍي آيو آهيان، جي مون کانئس وٺي رکيا. باقي ٻين استاد صاحبن سان ميهڙ هاءِ اسڪول ڇڏڻ کان پوءِ ڪڏهن بہ وري ملاقات ڪانہ ٿي.

زمينداري ڪلاس جا هيٺيان شاگرد مئٽرڪ ڪري وڃي پنهنجي زمينداريءَ کي لڳا.

1. عبدالحميد خان جتوئي 2. الله ڏنو ٽيپو (گهاڙي وارو) 3. غلام نبي مهيسر (وينل گاهي مهيسر) 4. مير محمد جانوري (وينل منگواڻي) اهي سڀ منهنجا هم ڪلاس هئا. 5. ولي محمد ناريجو (وينل ٽرڙي محبت) 6. غلام اڪبر لغاري (وينل ڳوٺ راوت لغاري تعلقو خيرپور ناٿن شاهه) 7. غلام قادر ڪوڪر ۽ سندس ڀاءُ حسين علي ڪوڪر (وينل سائينداد ڪوڪر تعلقو وارهه) باقي ٻن ڄڻن هڪ محمد شفيع جوڻيجو ولد رئيس محمد وارث جوڻيجو (وينل ڳوٺ ٻورڙي تعلقو خيرپور ناٿن شاهه ڪراچي انجنيئري ڪاليج مان B.E ڪري چيف انجنيئر اريگيشن جي عهدي تي پهچي رٽائر ٿيو.)

محمد شفيع جوڻيجو پهرئين درجي انگريزيءَ کان N.E.D ڪاليج ۾ پهرين سال تائين منهنجو ڪلاس فيلو هو.

ٻيو محمد صالح خان ٻٽ، جيڪو اسان جي ڳوٺ جي زميندار سرائي غلام رسول خان ٻٽ جو وڏو فرزند هو. ان L.L.B ڪري ميهڙ ۾ وڪالت شروع ڪئي ۽ آخر تائين اتيئي رهيو. (محمد شفيع جوڻيجو ۽ محمد صالح ٻٽ ٻئي وفات ڪري ويا آهن.)

ميهڙ ۾ تعليم دوران مان ٻه ڀيرا لاڙڪاڻي ۾ ڊرائنگ جا امتحان، ايليمينٽري ۽ انٽرميڊيٽ ڏيڻ ويو هوس. انڪري جو انهن امتحانن جو سينٽر لاڙڪاڻي ۾ ئي هو. اتي بورڊنگ هائوس ۾ رهڻ ٿيو هو. لاڙڪاڻي مدرسي ۾ روزانو شام جو والي بال راند کيڏي ويندي هئي. والي بال ٽيم محمد ٺارل جي ٽيم سڏبي هئي ۽ انهيءَ ٽيم جا ٻيا رانديگر عبدالغفور ڀرڳڙي، محمد پنهل جتوئي، عبدالخالق ٿانوري ۽ ٻيا هوندا هئا. ڏاڍي مشهور ٽيم ليکبي هئي. ان زماني ۾ والي بال راند جو وڏو اوج هو. شهرن کان علاوه جهر جنگ ۽ وستي واهڻ ۾ ڏاڍي شوق سان کيڏي ويندي هئي. اسان جي ڳوٺ جي ٽيم به سٺي هوندي هئي، جنهن ۾ رانديگر محمد صالح ٻٽ، ادا غلام نبي، محمد خان ٻٽ، علي گوهر ٻٽ مان ۽ علي گوهر ٻگهيو هوندا هئاسين. محمد صالح ٽڳي جي ٽيم به ٻڏبي هئي، پر مون کيس ڪونه ڏٺو هو. محمد ٺارل ۽ ابرار شاهه ٻئي قداور هوند هئا ۽ والي بال ڏاڍي زور سان هڻندا هئا. ابرار شاهه جو هڪ پير ٻئي پير جي پيٽ ۾ ڪجهه وڏو هوندو هو.

شاهه پنجي وارو عنايت دايو سدائين نيٽ تي بيهندو هو ۽ ڏاڍي سٺي راند ڪندو هو. محمد ٺارل ۽ محمد صالح سينٽر ۽ نيٽ ٻنهي هنڌ کيڏندا هئا ۽ ٻنهي ئي فيلڊن تي سهڻي راند ڪندا هئا. محمد ٺارل مرحوم جو نالو والي بال راند جي حوالي سان پوري سنڌ ۾ مشهور هو. هو پوليس ۾ D.S.P رهي رٽائر ٿيو. ميهڙ هاءِ اسڪول ۾ به والي بال جي سٺن رانديگرن واري ٽيم هئي. اسان جي ڳوٺ واري ٽيم جي مئچ اڪثر ڪري شاهيپن جي ۽ ميهڙ جي ٽيمن سان ٿيندي هئي. لاڙڪاڻه مدرسي ۾ محمد ٺارل سان ملاقات کان ڪيترا سال پوءِ حياتيءَ ۾ رڳو هڪ ڀيرو ملاقات سکر ۾ ٿي هئي. ان وقت ۾ اسان ٻئي نوڪريءَ مان رٽائر ٿي چڪا هئاسين. مان سکر جي ڊپٽي ڪمشنر جي آفيس ڏانهن پنڌ پئي ويس ته هو به سامهون پنڌ پئي آيو. ٻئي پاڻ ۾ ملياسين ۽ ڪجهه وقت بيهي ڳالهايو

ٻولهايوسين. هن ٻڌايو تہ نوڪريءَ کان رٽائر ٿيڻ کان پوءِ هن ڪوٽڏيجيءَ ڀرسان هڪ ٽڪريءَ جتان ميٽ نڪرندو آهي. ان ٽيڪو ڪنيو آهي.

ميهڙ هاءِ اسڪول مان ڪي مئٽرڪ ڪري وڃي نوڪريءَ ۾ لڳا. ڪن مختلف ڪاليجن مان تعليم پرائي اتان ڊگريون وٺي وڪالت جو پيشو اختيار ڪيو. ڪن مختلف ڪاتن ۾ نوڪريون ڪري وڏن عهدن کي ماڻي رٽائر ڪيو.

جن وڪالت شروع ڪئي انهن ۾ 1. محمد سچل رند مرحوم 2. محمد عرس ٻرڙو مرحوم 3. غلام اصغر شيخ مرحوم (هيءُ بنيادي طرح خوش گهراڻي مان هو.) 4. عطا محمد ڪانڌڙو مرحوم 5. فيض محمد ٻرڙو 9. احمد نواز اعواڻ مرحوم 10. عبدالوحيد ڪٽپر 11. ۽ غلام حيدر بلوچ.

شاهنواز لاڙڪ نوابشاهہ جو ويٺل هو پر سندس والد حاجي خان صاحب ميهڙ ۾ وڪالت ڪندو هو. انهيءَ ڪري هن مئٽرڪ ميهڙ مان ڪئي پر وڪالت نوابشاهہ ۾ ڪرڻ لڳو . اتي ڊسٽرڪٽ پبلڪ پرازيڪيوٽر بہ ٿي رهيو. عبدالوحيد ڪٽپر وڪالت سان گڏوگڏ سياست ۾ بہ گهڻو بهرو وٺندڙ هو. سندس لاڳاپو پيپلز پارٽيءَ سان رهيو. ان پارٽيءَ جو سنڌ حڪومت ۾ وزير ۽ وقتي عارضي طرح وزيراعليٰ پڻ ٿي رهيو آهي. هاڻي ڪراچيءَ ۾ رهندو آهي. اڃا تائين وڪالت ڪندو اچي. هن جو شمار قابل وڪيلن ۾ ٿيندو آهي. ٻيا شاگرد جيڪي مئٽرڪ ڪري وڃي مختلف ڪاتن ۾ نوڪري ڪري رٽائرڊ ٿيا، تن ۾

- مخدوم غلام محمد عباسي (ٽلٽيءَ وارو) چيف منسٽر ممتاز علي ڀٽي جو سيڪريٽري ٿي رهيو.
- محمد اسماعيل ٻگهہ ڪالرنائيزيشن آفيسر گڏو بئراج، ڊپٽي ڪمشنر جي گريڊ تي رهيو.
- عبدالعليم انصاري A.D.M عبدالڪريم ابڙو ستي مئجسٽريٽ S.D.M، عزيز الله بلوچ ۽ محمد عثمان ٻٽ بہ S.D.M جي گريڊ جي عهدي تي رهي رٽائر ٿيو.
- ڪوڙا خان ميمڻ ۽ غلام محمد ميمڻ (ٻئي ويٺل دادو) مختيارڪار هئا. غلام محمد ميمڻ ميهڙ هاءِ اسڪول ۾ گيمس جو ڪپتان هوندو هو.
- ڪريم بخش شيخ، ويٺل نصير آباد، ميهڙ ۾ مختيارڪار هو ۽ ڪنهن سياسي چڪر ۾ اچي ويو. جنهن کي ان وقت جي دادوءَ جي ڪليڪٽر نور محمد ڀٽي جي رپورٽ تي نوڪريءَ مان ڪڍيو ويو. هن پوءِ L.L.B ڪري وڪالت شروع ڪئي.
- عبدالخالق ابڙو ۽ علي خان چانڊيو ٻئي ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ پوليس ٿي رهيا.
- جان محمد پنهيار سائين محمد ابراهيم جو ڀائٽيو، روينو ۾ سپروائيزنگ ٽپيدار هو، جو نوڪريءَ واري عرصي دوران ننڍي عمر ۾ وفات ڪري ويو. سندس والد آدم خان، سائين محمد ابراهيم جو وڏو ڀاءُ هو ۽ ساڻن گڏ رهندو هو.

- قمرالدين ابڙو دادو ڪليڪٽري ۽ عبدالمجيد شيخ خيرپور ۾ آفيس سپرينٽينڊنٽ ٿي رهيا.
- نور محمد پنهور (سيف الدين جو چاچو ۽ محمد حسين جو مامو) ٽنڊي ڄام يونيورسٽيءَ ۾ نوڪري ڪري رٽائر ٿيو.

مرحوم تاج صحرائي، هيءُ صاحب طالب المولا هاءِ اسڪول دادوءَ جو هيڊ ماسٽر ٿي رهيو. فيض محمد ٻرڙي ميهڙ ۾ وڪالت شروع ڪئي، پر هاڻي صحت جي خراب رهڻ ڪري وڪالت ڪرڻ ڇڏي ڏني اٿس. باقي ٿورو ٽڪو پنهنجين زمينن جو ڪم ڪار سنڀالينڊو اچي ٿو.

فيض محمد ٻرڙو جنهن ٽڪنڊڙ جڳهه ۾ ميهڙ ۾ رهندو آهي، اها ميهڙ جي سيٺ لولومل جي هئي. اها جڳهه تمام سٺي ۽ مٿي اوچائي تي ٺهيل آهي. مان به ان جڳهه ۾ آئلداس سان، جيڪو سيٺ لولو مل جو پائٽيو ۽ منهنجو ڪلاس فيلو هو، ان سان هڪ ٻه پيرا ملڻ ويو هوس ۽ جڳهه گهمي ڏٺي هيم. آئل داس جي پيءُ ويڙهي مل کي ميهڙ شاهي بزار ۾ ڪپڙي جو دڪان هو. پرسان ئي سندس گهر جي جڳهه هئي، جتي پڻ آئلداس ۽ سندس عزيز نندلال، جيڪو پڻ ميهڙ ۾ پڙهندو هو، سان هڪ ٻه پيرا ملڻ ويو هوس).

ٻڌڻ ۾ اچي پيو ته اها ٽڪنڊي عمارت فيض محمد ٻرڙي پاڪستان ٿيڻ کان پوءِ هندن جي لڏپلاڻ وقت صرف 35000 (پنجٽيهه هزار) رپين ۾ خريد ڪئي هئي. هاڻي ان لاءِ ڪيس هڪ ڪڙور رپيا جي به آڇ (آفر) آئي آهي، پر هن ايا تائين ته ڏيڻي ڪانه ڪئي آهي.

- فقير محمد سميجو ۽ علي نواز چانڊيو. ٻئي S.P جي آفيس ۾ نوڪريءَ ۾ رهيا.
- عبدالله خان شيخ (منهنجو سوٽ) ڪجهه وقت دادو لوڪل بورڊ ۾ نوڪري ڪري پوءِ نوڪري ڇڏي لاڙڪاڻي شاهي بزار ۾ ڪپڙي جو دڪان ڪڍيو.
- ڪريم بخش شيخ ڪجهه وقت تپيدار رهي پوءِ نوڪري ڇڏي لاڙڪاڻي شاهي بزار ۾ ٻڌي ڪپڙي (هول سيل) جو دڪان کوليو.

(ڪريم بخش جو سالو غلام رسول شيخ پراڻو ۽ قابل ڊاڪٽر هو. ٺٽي ضلعي ۾ ڪيترا سال سول سرجن ٿي رهيو. منهنجي پٽ غلام ياسين، جيڪو ڊاڪٽري پڙهندو هو، ان جي هر سال امتحان ۾ ڪريم بخش شيخ پنهنجي سالي ڊاڪٽر غلام رسول معرفت ڏاڍي مدد ڪندو هو. اها ڳالهه مون کي منهنجو پٽ، پاڻ ٻڌائيندو هو.

- غلام حيدر شيخ (منهنجو سوٽ) ۽ غلام محمد سومرو خيرپور ناٿن شاه وارو ٻئي پوسٽ ماسٽر ٿي رهيا.

غلام حيدر شيخ بابت خبر ناهي ته هن رٽائرمينٽ جي عمر جي حد کان ڪجهه اڳ چو رٽائر ڪيو. ڇاڪاڻ ته پوءِ به ڪو ڏنڌو ڏاڙي ڪونه ڪندو هو. البت هن ۽ مان گڏجي

لاڙڪاڻي ۾ ميڊيڪل اسٽور ڇهه مهينا بہ مس ڪوليو هو (جنهن بابت ذڪر اڳتي پڻ ايندو) پر نقصان پوڻ ڪري اهو بہ ڇڏي ڏنو هوسين.

- ميان عبدالرحمٰن سومرو (شاهہ پنجي وارو) دادو لوڪل بورڊ ۾ ٿورو عرصو نوڪري ڪري پوءِ پنهنجيون زمينون سنڀالڻ لڳو. هن جي هڪ نوجوان پٽ، جيڪو ڊاڪٽر هو ۽ پنهنجي ڳوٺ ۾ ئي پنهنجي ڪلينڪ هلائيندو هو، کي ڏاڙيلن ڳوٺ ۾ ئي قتل ڪري ڇڏيو هو. سندس ٻيو پٽ خالد محمود PCS ڪري دادوءَ ۾ سال 1974 ۾، مان جڏهن اتي A.D.M هوس، ٽريننگ وٺندو هو. جيڪو پوءِ ڊپٽي ڪمشنر جيڪب آباد ۽ سکر ۾ ڪمشنر ٿي رهيو. هاڻي ڪٽي سيڪريٽري هوندو.
- محمد يوسف چنہ (عبدالله خان چنہ ڪليڪٽر جو فرزند) هن بابت مون کي اڳ تہ خبر ڪانہ هئي، پر سال 2004ع ۾ جڏهن مون کي عمري ادا ڪرڻ جي سعادت خدا تعاليٰ نصيب ڪئي تہ جنهن هوٽل ۾ مڪي پاڪ ۾ مان ترسيل هوس تہ اتي محمد يوسف جي ڳوٺ پاٽ جو عمر رسيده رهواسي پنهنجي پٽ سميت بہ اچي مون سان گڏ ساڳي ڪمري ۾ رهيو. ان کان حال احوال وٺندي هن ٻڌايو تہ محمد يوسف حرن جي لوڙهي تي مئنيجر هو ۽ ان دوران لوڙهي ۾ بند حرن خواه ساڻ ملاقات لاءِ ايندڙ عزيزن وغيره سان ورتاءُ ڏاڍو سٺو هوندو هو ۽ هو ان مان ڏاڍا خوش هوندا هئا. پوءِ هڪ پيري محمد يوسف جڏهن ٽنڊي آدم ۾ آيو تہ پير صاحب جا مريد (تر وارا حر) ساڻس ملڻ آيا ۽ سندس لاءِ تحفي (سوڪڙي) طور ڪو ڍڳي، ڪو دنبو يا رڍ يا ڪو ٻڪر يا ٻڪري پاڻ سان آڻي اچي ڪيس ڏنائون ۽ ائين وٽس چڱو خاصو مال گڏ ٿي ويو. محمد يوسف جي ننڍي ڀاءُ نواب لاءِ ٻڌايائين تہ فوت ٿي ويو آهي. محمد يوسف لاءِ اهو پڻ ٻڌايائين تہ هاڻي ڪراچيءَ رهندو آهي.
- حبيب الله ناريجو (ٿرڙي محبت وارو) ۽ ميهڙ جو عبدالستار ابڙو پوليس ڪاتي ۾ نوڪري ڪئي.
- غلام علي اپريءَ ميهڙ شهر ۾ هوٽل هلائيندو هو. (هيءُ عبدالوحيد ڪٽپر جو هم ڪلاسي هو)
- محمد صفر شيخ (خيرپورناٿن شاهہ وارو) روينيو ڪاتي ۾ ڪلارڪ رهيو.
- عبدالواحد مهيسر (گاهي مهيسر وارو) بہ روينيو ڪاتي ۾ نوڪري ڪئي.
- عبدالصمد بہ روينيو ڪاتي ۾ ڪلارڪ ٿي رهيو.
- اسان مان ڪيترن ميهڙ هاءِ اسڪول مان مئٽرڪ ڪري مختلف ڪاليجن ڏي _ جي ڪاليج ڪراچي، انجنيئرنگ ڪاليج ڪراچي، مسلم ڪاليج ڪراچي، ڪن

جهوناڳڙهه ۾ علي ڳڙهه ڪاليجن مان مختلف شعبن ۾ ڊگريون حاصل ڪري وڏين نوڪرين تي رهي رٽائر ڪيو. جن ۾

- تاج محمد شيخ سيڪريٽري اريگيشن (آبپاشي)
- واحد بخش شيخ مرحوم، ڊئريڪٽر تعليم ڪاتو سنڌ
- شاهنواز شيخ مرحوم سپرنٽينڊنگ انجنيئر، اريگيشن
- صدرالدين شيخ ۽ غلام نبي شيخ مرحوم ڊويزنل فاريسٽ آفيسر ٿي رهيا.
- ظفرالدين شيخ مرحوم انجنيئر، اريگيشن
- شمس الدين شيخ اسسٽنٽ انجنيئر
- عبدالعزيز شيخ مرحوم ۽ شير محمد راهوجو ڊسٽرڪٽ انسپيڪٽر آف اسڪولس.
- عبدالستار شيخ سب انسپيڪٽر پوليس (C.I.D)
- راقم الحرف ائڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر
- عبدالقادر چنو ۽ محمد جعفر ڪانڌڙو، چيف آفيسر ميونسپل ڪاميٽي
- شمس الدين صديقي سنڌي پٽرن وارو سيشن جج
- رسول بخش عباسي، ڏوڪري وارو، انچارج رائيس ريسرچ انسٽيٽيوٽ ڏوڪري.
- محمد حسين پهنور ابراهيم علي، ڪنچر وارو، مڪينيڪل انجنيئر ٽنڊو ڄام
- محمد خان چاوڙو سنڌي پٽرن وارو ائڊيشنل سيٽلمينٽ ڪمشنر حيدرآباد
- ملان عبدالله ڪرياني جي دڪاندار جي پٽ احمد علي بابت ڪا خبر نه آهي.
- مجيب الرحمٰن آخوند (دادوءَ وارو) مئنيجر ڪو آپريٽو بئنڪ لاڙڪاڻو ٿي رهيو. (هيءُ عبدالوحيد ڪٽپر جو هم ڪلاسي هو)
- قادر بخش لنڊ سٽي سرويئر رهيو.
- انور ڪوجو شاگرديءَ دوران گذاري ويو
- محمد حسين خان پنهور، جيڪو نوڪريءَ جي شروعات واري عرصي ۾ ٽنڊي ڄام ۾ مڪينيڪل انجنيئر هو، اهو ميهڙ هاءِ اسڪول ۾ انگريزي پهرئين درجي کان وٺي ڪراچي ۾ انجنيئرنگ ڪاليج ۾ انجنيئريءَ پهرئين سال (First year) تائين هم ڪلاسي هو. جڏهن هو مڪينيڪل انجنيئر هو ته ان دور ۾ ٽرئڪٽر عام جام ته نه هوندا هئا، پر هن وٽ اڳواٽ پئسا جمع ڪرائي انڊينٽ داخل ڪرائي هئي. تنهن وقت واري اچڻ تي ٽرئڪٽر ملندو هو. مون به ان طريقي پنهنجي هڪ دوست الهوسائي مهر لاءِ ٽرئڪٽر ورتو، جيڪو ان وقت رتيديري تعلقي ۾ ڪنهن کي ڏنل هو. اهو ڪم ختم ڪرڻ کان پوءِ ورتو هو.

محمد حسين پنهور ترت ئي نوڪري ڇڏي، پنهنجي زمين ۽ باغن جي ڪم کي لڳو ۽ هن ڪيترن تي شعبن ۾ ميون سميت ريسرچ (تحقيقات) ڪري دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ پنهنجا پيپر پڙهيا ۽ مشهور شخصيت هو. تازو ئي هو وفات ڪري ويو آهي. هن سان پوءِ وري منهنجي ملاقات سال 2005ع ۾ ٿي، جڏهن مان سندس پٽ جي وفات تي تعزيت لاءِ ويو هوس. پاڻ ٻڌايائين تہ سندس اهو پٽ آمريڪا ۾ ڊپارٽمينٽل اسٽور هلائيندو هو جنهن کي ان اسٽور جي مئنيجر ئي قتل ڪيو هو جو هن ڏانهن سندس ڪافي پئسا رهيل هئا، جي ڪانئس وٺڻ لاءِ سندس ڳوٺ ويو تہ اتي هن کيس قتل ڪري ڇڏيو. هن جا ٻيا تي پٽ بہ آمريڪا ۾ ئي پنهنجو ڪاروبار ڪندا آهن. محمد حسين پنهور جي مستقل رهائش ڪراچيءَ ۾ آهي، پر حيدرآباد ۾ لطيف آباد ۾ پڻ سندس ذاتي بنگلو آهي، جتي هفتي ۾ بہ ڏينهن اچي رهندو هو ۽ پنهنجي زمين ۽ باغن جو سڏ سماءُ ڪندو هو.

هن جي منهنجي ڀاڻ انعام الله سان پڻ دوستي آهي، جنهن سندس دعوت ڪئي هئي تہ اتي بہ ساڻن ملاقات ٿي هئي. انعام الله هونءَ تہ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ انٽرنيشنل رليشن جو اسسٽنٽ پروفيسر آهي، پوءِ ڊيپوٽيشن تي سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري رهيو. هاڻي علامہ اقبال اوپن يونيورسٽيءَ ۾ ريجنل ڊئريڪٽر آهي.

الهرڪيو پريو ڊسٽرڪٽ فوڊ ڪنٽرول ٿي رهيو. محمد خان چاوڙي (سنڌي پٽرن وارو) ڪراچي ڪاليج ۾ گرئجوئيشن ڪئي هئي ۽ پهريائين ڪجهہ وقت سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ نوڪري ڪيائين. پوءِ وري حيدرآباد ۾ ائڊيشنل سيٽلمينٽ ڪمشنر هو جو مان وٽس پنهنجي جڳهہ، جيڪا مون سٽرڊين ڊپارٽمينٽ مان خريد ڪئي آهي، ان جي ڪنفرميشن ڪرائڻ ويو هوس، جيڪا جڳهہ جي قيمت جي لحاظ کان ضروري هئي، جا هن ڪري ڏني. (هو ميهڙ هاءِ اسڪول ۾ پهرئين درجي کان مئٽرڪ تائين منهنجو ڪلاس فيلو هو.)

بلاول لانگاهہ (عنايت الله لانگاهہ) خراب صحبت ۾ اچي ويو ۽ مٿس ڏاڙي جو الزام بہ لڳو هو. رسول بخش عباسي مرحوم (ڏوڪري جو وينل) انچارج رائيس ريسرچ انسٽيٽيوٽ ڏوڪري ٿي رهيو ۽ سارين تي ريسرچ ڪري هڪڙي گهٽي سارين ڏيڻ واري ٻج جي ايجاد ڪئي هئي. هيءَ ننڍي عمر ۾ ئي وفات ڪري ويو.

مجيب الرحمٰن آخوند (رهائش دادو) لاڙڪاڻي ۾ ڪوآپريٽو بئنڪ جو مئنيجر ٿي آيو هو. جوانيءَ ۾ ئي مٿس فالج جو حملو ٿيو هو جنهن مان هيءُ خوش نہ ٿي سگهيو. انهيءَ ئي عارضي ۾ ڪيترا سال بستري داخل رهي آخر وفات ڪري ويو. (مان هڪ پيرو دادوءَ سندس گهر طبع پرسيءَ لاءِ ويو هوس. ويچارو بستري تي سمهيل هو پر ڳالهائڻ ٻولهائڻ جهڙو نہ هو.

اسان سڀ شاگرد جيڪي بورڊنگ هائوس ۾ رهندا هئاسين، سي پنج وقت نماز پابنديءَ سان ڪڪول واهہ تي سائين علي اڪبر شاهہ واري مسجد ۾ پڙهندا هئاسين. امامت بہ پاڻ ڪندا هئا ۽

فجر جي نماز کان پوءِ ذڪر بہ ڪرائيندا هئا. ڪجھ ضروري فقهي مسئلا بہ ٻڌائيندا هئا. سائين علي اڪبر شاھ جن نهايت نيڪ ۽ پرهيزگار شخص هوندا هئا.

سائين علي اصغر شاھ سندن ننڍو ڀاءُ، جيڪو ميهڙ هاءِ اسڪول ۾ ٽيچر هو اهو بہ ڏاڍو نيڪ ۽ سٺي طبيعت وارو هو. ٻنهي ڀائرن جون مزار مبارڪون مسجد جي ٽئين در وٽ ڪمري ۾ آهن. جتي روزانو ڪيترا ماڻهو زيارت ڪرڻ ۽ قل پڙهي بخشڻ لاءِ ايندا رهندا آهن.

ميهڙ هاءِ اسڪول ۾ تعليم دوران هڪ نهايت شرمناڪ ۽ مذمت جوڳو واقعو بہ ٿي گذريو هو. اهو قصو ائين آهي تہ وئڪيشن جا ڏينهن هئا. بورڊنگ هائوس ۾ شاگرد نہ هئا. رڳو ٽي چار مسلمان شاگردن موجود هئا، جن ۾ علي بخش ٻرڙو جيڪب آباد ضلع جو احمد نواز اعواڻ لاڙڪاڻي وارو ۽ هڪ بہ ٻيا شاگرد شامل هئا. رڳو هڪ هندو شاگرد ميارام راڻڻ واري ناليواري سيٺ ڪيئلداس جو پٽ، بورڊنگ هائوس ۾ ئي ترسيل هو. انهيءَ دور ۾ اسٽيج ڊرامن جو اوج هوندو هو. جهڙوڪ ليلي مجنون، شيرين فرهاد وغيره. ڊراما ڏاڍي شوق سان ڏٺا ويندا هئا. احمد نواز اعواڻ ۽ بہ ٻيا مسلمان شاگرد ميهڙ ۾ هلندڙ اسٽيج ڊرامو ڏسڻ هليا ويا. باقي بورڊنگ هائوس بہ مسلمان شاگرد علي بخش ٻرڙو ۽ هندو شاگرد ميارام بورڊنگ هائوس ۾ ترسيل هئا.

انهيءَ رات علي بخش ٻرڙي ميارام واري ڪمري جي منگھ جو ٽيئر ۾ پٽڪو ٻڌي هيٺ لهي وڃي ساڻس زوريءَ ڏاڍائي ڪري پوءِ مٿي وڃي پٽڪو ڇوڙي هندن جي سماڌين ڏانهن پڇي وڃي، اتي لڪو. اها خبر جڏهن احمد نواز ۽ ٻين مسلمان شاگردن کي پئي، جيڪي اسٽيج ڊرامو ڏسڻ ويا هئا تہ هو ڊرامو ڇڏي بورڊنگ هائوس ۾ آيا، پر علي بخش کي موجود نہ ڏسي سندس تلاش ڪندي سماڌين مان وٺي آيا.

پوءِ جڏهن وئڪيشن پوري ٿي ۽ اسڪول کليو تہ پهرئين ڏينهن روزانو جي دستور موجب جيئن سڀ شاگرد اسيمبليءَ ۾ بيٺا هئاسين تہ هيڊ ماستر تلجارام صاحب پٽيوالو ساڻ ڪري پاڻ سان نيٺ جو لڪڻ ڪٽي آيو. علي بخش ٻرڙي کي گهرائي ورانڊي جي در وٽ ٻيهاري سندس سڄو هٿ کولرائي ان تي پنهنجي پوري زور سان ويهہ لڪڻ هنيا. وري ڪيس ڪاپي هٿ کولڻ لاءِ چيو جنهن تي هن چيس تہ اهو ڪافي آهي. پوءِ هيڊ ماستر وڏيڪ ڪجھ ڪونہ چيس. سيٺ ڪيئلداس وڏو عزت وارو هو. هن وڏيڪ بدنامي نہ پئي چاهي، تنهن ڪري پوليس ۾ فرياد ڪانہ ڪئي.

ڪراچي ڪاليج ۾ تعليم وارو عرصو

هاءِ اسڪول ميهڙ مان 1942ع ۾ 72 سيڪڙو مارڪون حاصل ڪرڻ سان بمبئي يونيورسٽيءَ مان مئٽرڪ پاس ڪري، ڪراچي ڊي _ جي سائنس ڪاليج ۾ مون فرسٽ ايئر سائنس (انجنيئري گروپ) ۾ وڃي داخلا ورتي.

منهنجو ارادو جهوناڳڙهه ڪاليج ۾ وڃڻ جو هو. پر بابي الله ڏني خان مرحوم اوڏانهن وڃڻ جي اجازت نه ڏني. سائنس ڪاليج مان انٽرميڊيٽ ڪري N.E.D انجنيئرنگ ڪاليج ۾ پهرئين سال (F.E) ۾ داخلا ورتي، پر امتحان ۾ فيل ٿيس ۽ نه رڳو مان پر، سڀ مسلمان توڙي گهڻي تعداد ۾ هندو شاگرد به فيل ٿيا، جو انهيءَ سال ڪورس تبديل ٿيو هو ۽ پوريءَ يونيورسٽيءَ جو نتيجو به تمام گهٽ 14% چوڏنهن سيڪڙو آيو هو. امتحان ۾ فيل ٿيڻ کان پوءِ به ٻين هم ڪلاسي فيل ٿيل مسلمان شاگردن جي ڪنيل مارڪن جي ڀيٽ ۾ منهنجيون ڪنيل مارڪون ڪي گهٽ ڪين هيون، پر مان دلشڪستو ٿي پيس ۽ وڏيڪَ انجنيئري پڙهڻ جو خيال لاهي ڇڏيم ۽ وڃي D.G ڪاليج ۾ B.Sc ۾ داخلا ورتم. سال 1947ع ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ مان B.Sc پاس ڪري نڪتس. اهو بمبئي يونيورسٽيءَ جو آخرين امتحان هو. مان انجنيئري ڪاليج ۾ داخلا وٺڻ کان پوءِ علامه دائودپوٽي عمر بن محمد خان، ڊئريڪٽر پبلڪ انسٽرڪشن، جن سان اسڪالرشپ ڏيڻ لاءِ وڃي مليس، جنهن 50 (پنجاهه) رپيا ماهوار جي عنايت ڪئي، جيڪا منهنجي پهرئين سال ۾ ئي فيل ٿيڻ ۽ انجنيئري پڙهڻ ڇڏي ڏيڻ ڪري ختم ڪئي وئي. خير محمد سولنگي ۽ عبدالرحيم يوسفاڻي، جيڪي به انجنيئري جي پهرئين سال ۾ فيل ٿيا هئا، انهن به مون سان گڏ B.Sc پاس ڪئي پر هنن وري وڃي انجنيئري ڪاليج ۾ داخلا ورتي ۽ B.E پاس ڪري انجنيئري ڪاتي ۾ وڃي نوڪري ڪئي ۽ اتان رٽائر ڪيو. منهنجا B.Sc ۾ غلام علي ميمڻ ۽ غوث بخش شيخ پڻ هم ڪلاسي هئا.

منهنجي ۽ غلام علي ميمڻ مرحوم جي پاڻ ۾ چڱي دوستي هئي، انهيءَ ڪري ڪي پيرڊ فارغ هوندا هئاسين ته هو گهڻو ڪري لئبرريءَ ۾ ويهي انگريزي اخبار پڙهندو هو يا وري ٻئي گڏجي سنڌ سيڪريٽريٽ جي ڪئنٽين ۾ وڃي چانهه پيئندا هئاسين. جيڪڏهن اجلاس هلندڙ هوندو هو ته اسيمبلي هال ۾ وڃي اجلاس جي هلندڙ ڪارروائي ڏسندا هئاسين.

انهن ڏينهن ۾ رسول بخش انڙ صاحب ضلع نوابشاهه واري تي قلم 110 ۽ پ ر تحت ڪيل ڪارروائي خلاف جڊيشل ڪورٽ ۾ اها ڪارروائي رد ٿيڻ (Qunsh) لاءِ داخل اپيل درخواست تي هلندڙ ڪارروائي وڃي ٻڌندا هئاسين. اها ڪارروائي خارج (رد) ڪرڻ لاءِ ڏنل درخواست، ڪورٽ سڳوريءَ جا ٽي جج صاحبان، ٽئي انگريز، جسٽس ڊيوس (چيف جسٽس) جسٽس لوبو صاحب ۽

جسٽس ڪانسٽنٽائين ٻڌندا هئا ۽ آخر رسول بخش خان انڙ خلاف 110 ۽ پ ر هيٺ ٿيل ڪارروائي رد ٿي. اهو پڻ پوءِ ٻڌڻ ۾ آيو هو تہ ڪارروائي رد ٿيڻ کان پوءِ بہ رسول بخش خان ٻيهر ڪڏهن بہ پڳ ڪانہ ٻڌي.

هڪڙي ڏينهن اهڙو عجب اتفاق ٿيو جو مان شهر ڏي پئي ويس. برنس گارڊن کان ٿپي رستي تي ٿورو ئي اڳتي وڌيس تہ مون هڪ خوش لباس پهريل ماڻهو ڏٺو. جنهن کي اڇي شلوار قميص پهريل هئا ۽ مٿي تي بہ سٺو اڇو پٽڪو ٻڌل هو. ٺهندڙ ڪاري گهاٽي سونهاري هئي ۽ ويجهو ٻيو ڪوبہ ماڻهو ڪونہ هو. مان جڏهن هن جي پرسان لنگهيس تہ هن مون کي چيو تہ سائين هو عزت وارو ماڻهو آهي، پر هتي سندس سڀ پئسا ڪو شاهينگ ڪڍي ويو آهي، سو مون کي حيدرآباد جي ٽرين لاءِ ڪرايي جيترا پئسا ڏيو تہ مان اتي پهچان. ايئن چوندي هن پنهنجن ٻنهي هٿن سان پٽڪو مٿي تان لاهي مون کي چيو تہ هي اوهان پاڻ وٽ گروي رکو ۽ هو پئسا ڏئي واپس وٺي ويندو. مون کي هن پرديسي جي مجبوريءَ جو ڏاڍو شدت سان احساس ٿيو. مون کيس چيو تہ ڪا ڳالهہ ڪانهي توهان پٽڪو مٿي تي رکو. اوهان کي ٽڪيٽ لاءِ گهٽا پئسا کپن. پوءِ هن جيڪي ٻڌايا سي مون کيس ڏنا. ان وقت ڪرايا بہ سستا هئا.

اسيمبلي اجلاس بہ انهيءَ دور ۾ ڏاڍي شائستگيءَ ۽ احسن طريقي سان هلندو هو. اڄ وانگر هل هنگامو هائوس ۾ ڪونہ هوندو هو. سيد ميران محمد شاهہ صاحب اسپيڪر اسيمبلي اجلاس هلندي، جڏهن ڪنهن ڪنڊ پاسي کان ڪو ڏاڍيان آواز ٻڌي وٺندو هو تہ ٽيبل تي هئمر (هٿوڙو) هڻي آرڊر، آرڊر چوندو هو تہ سڄي هال ۾ مڪمل خاموشي ڇانئجي ويندي هئي. هو مڙس بدن ۾ هوندو سنهڙو هو، پر جڏهن اسپيڪر جي ڪرسيءَ تي ويهي اسيمبليءَ جي ڪارروائي هلائيندو هو تہ سڄي هائوس تي سندس رعب ڇانيل هوندو هو. اسيمبليءَ ۾ اجلاس هلندي ڪا ڇڪتاڻ جيڪڏهن اتفاقي ٿي پوندي هئي تہ بہ ميمبرن جي گفتگو اخلاق جي دائري اندر هوندي هئي. اڄ وانگر هائوس مڇي مارڪيٽ ڪونہ بڻبو هو ۽ نہ وري ڪو غيرپارلياماني لفظ اچاربو هو ۽ نہ وري ميمبر پنهنجيون سيٽون ڇڏي اڇي اسپيڪر جي سامهون هنگامو ڪري بيهندا هئا. سڀ هڪ وقت جنهن کي جيڪي وڻي سو ڳالهائڻ شروع ڪري. مطلب تہ اڳي اسيمبليءَ جو تقدس هوندو هو جو اڄڪلهہ پارليامينٽ هائوس توڙي صوبائي اسيمبلين ۾ بنهہ نظر ڪونہ ٿو اچي. ميمبرن ۾ بہ ڪو سهپ جو مادو ناهي رهيو. سندن ٻولي بہ بازاري ٿي وئي آهي. ان دور ۾ اپوزيشن وارن کي اڄ وانگر بلڪل نظرانداز ڪونہ ڪيو ويندو هو. سنڌ اسيمبليءَ جا اڳيان سياسي ليڊر بہ اعليٰ پائي جا هوندا هئا. سر غلام حسين هدايت الله خان، خانبهادر محمد ايوب کهڙو صاحب، هاشم گذدر، قاضي فضل الله صاحب، مير غلام علي ٽالپر صاحب، جي. ايم سيد صاحب (غلام مصطفيٰ شاهہ صاحب)، آغا غلام نبي خان پٺاڻ، پيرزادو عبدالستار، عبدالمجيد شيخ سنڌي ۽ پير الاهي بخش خان سنا ليڊر ٿي گذريا آهن. هندن ۾ نهچلداس وزيرائي بہ نالي وارو ليڊر هو ۽ جيئي سپاهيملاڻي بہ سٺي ڊپٽي اسپيڪر ٿي

رهي. اڄ جي سنڌ اسيمبليءَ جي نام نهاد ليڊرن (وزيرن توڙي ميمبرن) ۾ اڳ وارن ليڊرن جهڙي اهليت ۽ فضيلت ڪاٿي. اڄ واري سياست تہ، مورڳو وڏي نفعي وارو واپار ٿي وئي آهي.

غلام علي ميمڻ مرحوم، B.Sc ڪرڻ کان پوءِ قانون جي ڊگري ورتي. پهريائين اي. ڪي. بروهيءَ سان ڪجهہ وقت گڏ رهي پوءِ الڳ ٿي وڪالت شروع ڪيائين. سندس شمار قابل وڪيلن ۾ ٿيندو هو. هو سنڌ جو ائڊووڪيٽ جنرل بہ ٿي رهيو پر جلد اها ڇڏي وري پنهنجي خانگي پرئڪٽس شروع ڪيائين.

جناب ذوالفقار علي خان ڀٽي صاحب تي هلندڙ خون جي ڪيس ۾ پڻ سندس وڪيل ٿي رهيو ۽ يحييٰ بختيار وڪيل جيڪو ڀٽي صاحب جو وڪيل رهيو، ان کي ڪيس جي پيرويءَ ۾ Assist (مدد) ڪندو هو، جو ڀٽي صاحب پنهنجي نظربنديءَ دوران ڪيس گهرائي چيو هو تہ تو مجيب الرحمٰن کي چيو هو تہ توکي ڦاسي نہ ايندي ۽ منهنجو ڪيس بہ تون هلاءِ.

ائين بہ ٻڌڻ ۾ آيو هو تہ اعجاز بٽالوي، جيڪو ڀٽي صاحب خلاف خون وارو ڪيس سرڪار پاران هلائيندو هو، ان هڪ موقعي رتي يحييٰ بختيار کي ائين بہ چيو هو تہ تون ڪيس خراب ٿو ڪرين ۽ ميمڻ غلام عليءَ کي چئو تہ ڀلي اهو پاڻ ڪيس هلائي.

ان ڪيس هلندي دوران اوچتو هڪ ڏينهن غلام علي ميمڻ کي سندس رهائش واري هوٽل ۾ ئي فوت ٿيل ڏٺو ويو، جنهن لاءِ اهو پڻ ٻڌڻ ۾ آيو هو تہ ڪيس زهر ڏئي ماريو ويو آهي. غلام علي ميمڻ جي وفات کان پوءِ ڪيس پهريائين نٿي ۾ دفنائڻ جو پروگرام رکيو ويو هو، جو هو نٿي جو ويٺل هو. مان ان وقت سانگهڙ ۾ S.D.M هوس ۽ سندس دفنائڻ وارين رسمن ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ نٿي ويس. مختيارڪار کان پروگرام معلوم ڪرڻ لاءِ سندس آفيس ۾ ويس تہ ميمڻ غلام عليءَ جي هڪڙي عزيز ٻڌايو تہ نٿي وارو پروگرام رد ڪري هاڻي ڪيس ڪراچيءَ دفنائيندا، پر مان اوڏانهن ڪونہ وڃي سگهيس، جو ڪافي دير ٿي چڪي هئي.

منهنجي 1947ع ۾ B.Sc ڪري ڪراچي ڇڏڻ کان پوءِ وري ساڻس ملاقات 1973ع ۾ سندس آفيس ۾ ٿي، جڏهن مان ڪراچيءَ ۾ ائڊيشنل سٽي مئجسٽريٽ هوس. ساڻس بہ ڪلاڪ کن ملاقات رهي ۽ ٻڌايائين تہ ڀٽي صاحب جي پهرين چونڊن ۾ اي. ڪي. بروهي صاحب قائم علي شاهہ (جو سندس پيٽوبو هو) کي پاڻ وٽ سکر گهرائي اليڪشن ۾ نہ بيهڻ جو چيو هو، جو اي. ڪي. بروهيءَ جو تعلق جماعت اسلامي سان هو. هن پاڻ بابت وڌيڪ ٻڌايو تہ بہ پيرا لاڙڪاڻي خانبهادر محمد ايوب کهڙي صاحب وٽ آيو هو ۽ ٻئي پيرا منهنجي پڇا ڪئي هئائين، پر ملاقات ڪانہ ٿي سگهي، مون ٻڌايومانس تہ انهن موقعن تي مان شايد ڪنهن تعلقي ۾ هيڊ منشي هوندس، جو منهنجي نوڪري روينيو ڪاتي ۾ هئي.

1943ع ۾ آل انڊيا مسلم ليگ جو اجلاس ڪراچيءَ ۾ هاءِ ڪورٽ جي بلڊنگ پنيان ان وقت خالي پيل ميدان (هينئر اتي مختلف آفيسرن لاءِ بئرڪون ٺهيل آهن) تي ٿيو هو. جنهن ۾ جناح صاحب کان علاوه پوري هندستان مان مسلم ليگ جا چوٽيءَ جا ناميارا ليڊر شريڪ ٿيا هئا.

پهريائين جناح صاحب انگريزيءَ ۾ تقرير ڪئي پوءِ چيائين ته ڪو ان تقرير جو مفهوم اردوءَ ۾ اجلاس ۾ حاضر ماڻهن کي ٻڌائي. ان وقت ڪراچي شهر جي آدمشماري به ايتري گهٽي ڪانه هئي پر جلسي ۾ مڪرانين جو چڱو تعداد موجود هو. جي انگريزي نه ڄاڻيندا هئا.

ان کان پوءِ نواب بهادر يار جنگ، جيڪو حيدرآباد دڪن جو باشندو هو. ان اردوءَ ۾ جناح صاحب جي ڪيل تقرير جو مڪمل مفهوم پنهنجي نهايت سهڻي ڪيل تقرير ۾ ٻڌايو. جو سڀني حاضرين ڏاي سڪون سان ٻڌو ۽ ان کي ساراهيو.

نواب بهادر يار جنگ تمام سنو مقرر هو. پر هن جي حياتي تمام ٿوري رهي. هن کي حيدرآباد دڪن جي ان وقت جي وزيراعظم مير لائق علي دعوت ڏئي گهرايو. ڪاڏي ۾ اچا ڪجهه دير هئي. اڳ ئي سٽيل منصوبي هيٺ حقي ۾ تماڪ سان گڏ قاتل زهر ملائي حقو آڻي نواب بهادر يار جنگ جي ڇڪڻ لاءِ سندس آڏو رکيو ويو. هو حقو ڇڪيندڙ هو. پر هن حقي مان هڪ ڪش هڻي وري ٻيو ڪش اچا مس هنيو ته زهر اثر ڏيکاري ڇڪو. ايئن سندس روح اتي ئي پرواز ڪري ويو. نواب بهادر يار جنگ جي حيدرآباد دڪن واري جاگير ته اڳ ئي ضبط ڪئي وئي هئي.

ڪراچي ڪاليج ۾ داخلا وٺڻ کان پوءِ پهريائين مان، منهنجو پاءُ غلام نبي مرحوم، آخوند مجيب الرحمٰن (دادو) ۽ عبدالوحيد ڪٽپر رام باغ روڊ (هاڻي آرام باغ روڊ) تي لوٽيا بلڊنگ جي هڪ فليٽ ۾ رهياسين ۽ ان کان پوءِ مئڪلوڊ روڊ تي برنس گارڊن پرسان هڪ فليٽ ۾ رهياسين. ان کان پوءِ وري ڪجهه عرصو رنچوڙ لائين ۾ هڪ جڳهه ۾ رهڻ ٿيو. پوءِ مونکي پهريائين جناح ڪورٽس جي مين بلڊنگ پنيان هڪ بئرڪ ۾ الاٽمينٽ ملي. ٿوري عرصي کان پوءِ مين بلڊنگ ۾ مٿئين فلور تي هڪ ڪمرو الاٽ ٿيو. جنهن ۾ ڪراچي ڇڏڻ تائين رهڻ ٿيو. مون سان ٻيو هڪڙو روم ميٽ به هو. پر ان جو نالو ياد ناهي، ڪٽپر صاحب به اتي ئي الڳ ڪمري ۾ رهندو هو.

لوٽيا بلڊنگ ۾ اسان جي مٿان هڪ فليٽ ۾ پير علي محمد راشدي رهندو هو. جڏهن به ٻاهر ڪاڏي ويندو هو ته سدائين روالور لوڊ ڪري نڪرندو هو. جو "سورهيه بادشاهه" جي ڦاسيءَ اچڻ کان پوءِ حرن کان ڏاڍو ڊڄندو هو. حر ڦاسيءَ لاءِ ڪيس ذميوار سمجهندا هئا.

مرحوم غوث بخش شيخ به B.Sc ۾ منهنجو هم ڪلاسي هو. لئبارٽريءَ ۾ ايڪسپيريمينٽ (Experiment) ڪرڻ مهل هو. ميمڻ غلام علي ميمڻ مرحوم ۽ مان اڪثر گڏ بيهندا هئاسين. هو B.Sc ڪرڻ کان پوءِ سب ڊويزنل فاريسٽ آفيسر صلور چونڊيو ويو. مان جڏهن ڪليڪٽر جي آفيس ۾ نوڪريءَ ۾ هوس ته هو لاڙڪاڻي ۾ ڊويزنل فاريسٽ آفيسر ٿي آيو هو ۽ ساڻس سندس آفيس

۾ وقتي ملاقات ڪرڻ ويندو هوس. هن ٻڌايو هو تہ هڪ پيري ڪيس ذوالفقار علي پُٽو صاحب زور پري پاڻ سان گڏ ايران گهمائڻ وٺي ويو هو.

غوث بخش شيخ صاحب سان وري هڪ پيرو پوءِ سکر ۾ ملاقات ڪئي هئي. جڏهن هو اتي ڪنزرويٽر آف فاريسٽ هو. ان کان پوءِ وري ساڻس ملاقات ڪانہ ٿي، البت ڪجهہ ايترو ذهن ۾ اچي ٿو تہ سندس والد جي وفات تي وٽس تعزيت لاءِ روهڙي ويو هوس. پٽي صاحب جڏهن سرڪاري ملازم، نوڪريءَ مان ڪڍيا تہ هيءُ بہ ان جي عتاب هيٺ آيو.

پوءِ مون ٻڌو هو تہ غوث بخش شيخ جي ڪنهن ويجهي عزيز پُٽي صاحب وٽ ڪيس نوڪريءَ ۾ ڪڍڻ لاءِ عرض ڪيو هو، جنهن کي پُٽي صاحب چيو تہ غوث بخش پاڻ وٽس اچي، پر هن وٽس وڃڻ کان انڪار ڪيو. اڳتي هلي پٽي صاحب جي دور کان پوءِ ٻڌو هيم تہ هن کي وري نوڪريءَ ۾ ڪنيو ويو هو ۽ ڪيس چيئرمين گيهہ ڪارپوريشن طور مقرر ڪيو ويو هو.

مون هڪڙي پيري صدر الدين شيخ مرحوم، جيڪو رٽائرڊ ڊويزنل فاريسٽ آفيسر هو، سان ڳالهين ڪندي ڪانئس غوث بخش بابت پڇيو. هن ٻڌايو تہ هڪڙي ڏينهن هو پنهنجي نٽي واريون زمينن تان گهمي ڦري ۽ سڌ سماءَ لهي واپس اچي پنهنجي بنگلي تي چڙهيو تہ ڪيس اوچتو دل جو دورو پيو. هڪدم ڪيس اسپتال ڏانهن ڪڍائي ويا، پر علاج کان اڳ ئي وفات ڪري ويو.

هڪڙي ڏينهن مان، ميمڻ غلام علي، غوث بخش شيخ ۽ هڪڙو گجراتي شاگرد (جيڪو چڱو ڪارو هو) ليبارٽريءَ ۾ Experiment پئي ڪيو تہ گجراتي شاگرد چيو تہ وٽس پڙهڻ لاءِ هڪ چمني آهي، جنهن جي روشنيءَ تي پورو پڙهي نٿو سگهي. هن اهو چئي بس ڪئي تہ مون چيومانس تہ تنهنجو Cocfficiant of also reption آهي پورو هڪ انهيءَ ڪري چمنيءَ جي روشني تہ تون ئي جذب ڪري ڇڏيندين تہ ڪتاب تي ڇا هوندو جو تون پڙهي سگهين. ان تي ميمڻ غلام علي ۽ غوث بخش شيخ ڏاڍو ڪليا ۽ ٿهڪ ڏنا ۽ اسان ٽئي ٻاهر ورانڊي ۾ ٿورو بيهي ڪلي وري جڏهن اندر وياسين تہ ان گجراتي شاگرد مونکي چيو تہ "چهوٽي شيخ تم بڙي شرارتي هو." غوث بخش شيخ قد ۾ مون کان ڪجهہ وڏو هو.

ڪاليج وارن منهنجن ميهڙ وارن ڪلاس فيلوز کان علاوه ٻيا، بہ ڪاليج ۾ ڪلاس فيلوز ٿي رهيا. سنڌ مسلم ڪاليج جي شاگردن سان هاسٽل ۾ رهڻ دوران، خاڪسار تحريڪ ۾ ڪجهہ عرصو رهڻ دوران، اسٽوڊنٽس فيڊريشن ۾ هجڻ وقت، ڪئنٽين ۽ ميس تي گڏ ٽيڻ دوران يا اسپورٽس ۾ ڪين ڏسڻ دوران جن ٻين مختلف ڪاليجن ۾ پڙهندڙ شاگردن سان چڱي ڏيٺ ويٺ ٿي وئي هئي. انهن جي باري ۾ ڪجهہ ذڪر ۽ سندن مختلف سرڪاري عهدن وغيره تي رهڻ يا ٻين مشغولين بابت ذڪر اڳتي هلي ڪبو. باقي ڪاليج واري عرصي دوران ٿيل ڪجهہ واقعن جو ذڪر هيٺ ڪجي ٿو.

گهڻو ڪري سال 1943ع ۾ گڏيل هندستان واري وقت ۾ بنگال ۾ سخت قحط پيو هو، جنهن وگهي وڏي تعداد ۾ ماڻهو مري رهيا هئا. ڪجهہ خاڪسار تحريڪ جا شاگرد اوڏانهن امدادي ڪمن

لاءِ ويا هئا ۽ ڪراچي هاسٽل مان مانيون پچرائي ۽ ڊبل روٽيون وٺي ڊاڪا ڏڪار جي مصيبت ۾ ورتلن لاءِ ڪاڏ خوراڪ لاءِ موڪليون هيون. خاڪسار شاگرد جڏهن اتان موٽيا هئا تہ بقول انهن جي تہ هو لاش ڪٽڻ ۽ ڪين دفنائڻ جي ڪم ۾ مشغول هوندا هئا تہ هوڏانهن وري ليگي لڏي وارا ٻي آني واري ڊبل روٽي هڪ رپئي ۾ بليڪ تي ڏڪار جي متاثرين کي وڪرو ڪندا هئا. ليگين جا ڪم سدائين اهي ئي رهيا آهن. هتي بہ جيڪي اٽي ۽ ڪنڊ، دالين وغيره جا بحران پيدا ڪيا ويا آهن، اهي بہ حڪومت ۾ ويٺل ليگي ليڊرن جا ئي ڪرايل آهن ۽ غريبن کي وڏا عذاب پيا ڏيندا اچن ۽ انهن جي ان اڍنگي طريقيڪار کي روڪڻ موجوده حڪومت جي وس ۾ ناهي.

هڪ ڀيري خاڪسار تحريڪ جي باني علامہ عنايت الله مشرقي صاحب ڪراچي عيدگاهہ ميدان ۾ تقرير پئي ڪئي تہ ان تي ليگي ڪارڪنن پٿر بہ وسايا هئا. گهڻو ڪري ساڳئي ئي سال 1943ع ۾ يا 1942ع ۾ وڏي ٻوڏ آئي هئي. اسان پنهنجي ڳوٺ پئي وياسين پر سيوهڻ کان اڳتي ترين ڪانہ پئي وئي جو سڄو علائقو ٻوڏ جي پاڻي هيٺ اچي ويو هو. انهيءَ ڪري اسان کي ٽلٽيءَ تائين ٻيڙيءَ ۾ وڃڻو پيو هو. جتان پوءِ خشڪي رستي دادو پهچي پوءِ ريل رستي راڻڻ اسٽيشن پهچي ڳوٺ ٻٽ سرائي وياسين.

سال 1945ع ۾ ڪراچيءَ کان ويندڙ هڪ پئسينجر ترين سان جنگشاهي اسٽيشن تي هڪ خطرناڪ حادثو پيش آيو هو. ان جو ڪارڻ اهو پئي ٻڌايو ويو تہ جنگشاهي اسٽيشن تان رات جو انهيءَ تائيم تي ويندڙ ترين ۾ پلا ٻاهر موڪلڻ لاءِ چاڙهيا ويندا هئا ۽ اسٽيشن ماستر کي هڪ پلو هر رات رسائيءَ ۾ ڏنو ويندو هو. حادثي واري رات بارش بہ ڏاڍي پيئي پوي. چوڌاري اوندهہ انڌوڪار هئي. ان ترين جي پنيان ساڳي لائين تي گڊس ترين اچڻ واري هئي، جيڪا جنگشاهي اسٽيشن تي بيهڻي نہ هئي، پر ٿُرو وڃڻي هئي. ان دور ۾ گاڏين ۾ اسٽيم بئالر انجڻ لڳندي هئي ۽ ڊيزل انجڻ گهڻو عرصو پوءِ گاڏين ۾ لڳڻ شروع ٿيون. ان حادثي هيٺ آيل ترين ۾ اسان جو هڪڙو دوست مرحوم شير محمد راهوجو (جيڪو ميهڙ هاءِ اسڪول ۾ پڙهندو هو ۽ اسان کان سينيئر هو) بہ سفر ڪري رهيو هو ۽ بقول هن جي تہ اهو هڪ تمام وڏو ۽ نهايت ئي خطرناڪ ريلوي حادثو هو. جنهن ۾ ڪيتريون ئي جانيون ضايع ٿي ويون هيون. حادثي جو اصل ڪارڻ اهو پئي ٻڌايو ويو تہ اسٽيشن ماستر مسافر ترين کي رواني ٿيڻ لاءِ سگنل بہ ڏياري ڇڏيو ۽ ان پويان ايندڙ مال گاڏيءَ کي بہ لائين ڪليئر جو سگنل ڏياري ڇڏيو. پر هن پَلن جي مالڪن کي هڪ بدران ان وقت ٻن پَلن ڏيڻ لاءِ چيو ويو. جيڪو هُو ڏيڻ کان انڪار ڪندا رهيا. انهيءَ گهپيءَ تي اسٽيشن ماستر ناراض ٿي پئسينجر ترين جو هيٺ ٿيل سگنل اپ (مٿي) ڪرائي ڇڏيو. جنهن جي نتيجي ۾ ترين اسٽيشن تي بيني رهي ۽ انهيءَ دوران پويان ساڳي پٽڙيءَ تي تيز رفتاريءَ سان ايندڙ مال گاڏي (جنهن کي لائين ڪليئر تہ مليل ئي هئي) جنهن جا سڀ گاڏا ڪٽڪ سان ڀريل هئا. اها تيز رفتار سان اچي مسافر گاڏيءَ سان ٽڪرائي. ان جون بوگيون چيريندي آئي ۽ ائين ڪافي بوگيون تباهہ ٿي ويون. مال گاڏيءَ جو بئالر بہ ڦاٽي پيو ۽

استيم خارج ٿي وئي ته انجڻ رڪجي وئي، جا مرحوم شير محمد راهوجي جي پرسان اچي بيني ۽ سندس لڳ وينل ۾ ماڻهو انجڻ جي هينان اچي ويا، پر پاڻ خوشقسمتيءَ ۽ الله پاڪ جي فضل ڪرم سان بچي ويو. ان گاڏيءَ ۾ ڪي انگريز به سفر ڪري رهيا هئا، جي گاڏن مان گاديلا ڪڍي وسندي بارش ۾ لاشن ۽ زخمي مسافرن کي ڪڍي انهن گاديلن تي سمهاريندي پئي ويا.

ان بدنصيب ٽرين ۾ ڪراچيءَ جي ريزيڊنٽ مئجسٽريٽ روپچند جي پوري فئملي پڻ سفر ڪري رهي هئي، جا پوري جي پوري حادثي جو شڪار ٿي وئي. هن جي عورتن کي ڪافي سونا زيور به جان تي پاتل هئا. اهڙي قيامت صغريٰ واري حالت ۾ به اسان جا پلارا مسلمان ريلوي پورٽرن (ڪولين) جنهن به عورت جي ڪنهن عضوي ۾ سونو زيور پاتل پئي ڏٺو ته مورڳو اهو عضوو ئي ڪپي ڪڍي پئي ويا.

ان مسافر گاڏيءَ ۾ محمد الياس احمداڻي، جيڪو انجنيئرنگ ڪاليج جو شاگرد هو، پڻ سفر ڪري رهيو هو. مال گاڏيءَ جي استيم بئالر ڦاٽڻ سبب خارج ٿيل استيم مسافر گاڏيءَ جي سيني لوهه وارين لڳل دروازن ۽ درين جي شيخن کي تمام گرم ڪري ڇڏيو هو ۽ جيئن ئي احمداڻي صاحب دروازي جي شيخن ۾ هٿ وجهي هيٺ لٿو پئي ته تتل شيخن سبب سندس هٿن جون ڪلون سڙي ويون ۽ هٿ سخت زخمي ٿي پيس. جن جو پوءِ هن آپريشن ڪرايو تڏهن وڃي ٺيڪ ٿيو.

ڪاليج واري زماني ۾ ڪيترن ئي ليگي ليڊرن جي اسڪئنڊلز بابت داستان پڻ ٻڌڻ ۾ ايندا هئا، پر انهن ۾ ڪا صداقت به هئي يا رڳو بهتان بازي هئي، ان باري ۾ خاطريءَ سان ڪجهه نٿو چئي سگهجي. بهرحال اهي هتي دهرائڻ مناسب نٿو سمجهان.

سال 1946ع ۾ وئڪيشن دوران منهنجو ڳوٺ ٻني (تعلقو ميرپور بٺورو ضلعو ٺٽو) وڃڻ ٿيو هو جو ادا غلام نبي مرحوم اتي رينج فاريسٽ آفيسر هو.

درياءَ ٻني شهر کان ٿوري ئي مفاصلي تي وهندڙ آهي. اتي ان زماني ۾ پلو به ڏاڍو مرندو هو ۽ وڏو به هوندو هو ۽ ٻني جي پرسان ئي مياڻي هوندي هئي، جتي پلا مرندا هئا ۽ اگهه به سستو هوندو هو. جيڪڏهن ڪو موالي مڙد نشي جي ٻاڙ مارڻ لاءِ مياڻيءَ تي وڃي ملاحن کان ڪنهن پلي جي صدا ڪندو هو ته ان کي نه موتائيندا هئا ۽ هڪڙو پلو ڪيس مفت ۾ ڏئي ڇڏيندا هئا. جيڪو هو ڪپائي نشو پتو ڪندو هو، پر ان دور ۾ موالي به ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ ٻڌبو هو ۽ نشو به ڀنگ يا آفيم تائين محدود هو. پلي پچائڻ جو هڪ اهو طريقو به ٻڌائيندا هئا جو پلي جي مٿان چوني جو چڳو تهه ڏئي ان مٿان ڳوڻ ٽپڙي ۾ ويڙهي نوڙيءَ سان قابو ٻڌي درياهه ۾ اڇلائي نوڙيءَ جو ڇيڙو ٻيڙيءَ سان ٻڌي ڇڏيندا هئا ۽ اهو پلو درياهه ۾ ٻيڙي سان گڏ هلندو رهندو هو ۽ چوني تي پاڻي لڳڻ سان جيڪا ٻاڦ نڪرندي هئي ان تي پلو پچي تيار ٿي ويندو هو. پوءِ ملاح اندازو لڳائي سمجهندا هئا ته تيار ٿي ويو هوندو ته ڇڪي درياهه مان ڪڍي وٺندا هئا جو ڏاڍو لذيذ لڳندو هو.

هونءَ بہ هو پلو ڏاڍو لذيذ تيار ڪندا هئا، پلي جي خاص ڪري آني تہ اهڙا گرم مصالحا وجهي ڪري پچائيندا هئا جو ٻڌايائون پئي تہ هڪڙي ماڻهوءَ ٻن آنين کائڻ جي شرط رکي، پر هن هڪ آني کائي ٻي آنيءَ جو اڃا اڌ کان بہ گهٽ مس کاڌي تہ کيس اتي ئي دست شروع ٿي ويا.

ٻني ۾ هوا بہ روزانو ڏاڍي ۽ وٽندڙ لڳندي هئي. تنهن ڪري ڏاڍي ڪوشش هوندي بہ والي بال راند نہ ڪري سگهبي هئي. ڪجهہ ڏينهن ٻني ترسي مان واپس پي آيس تہ مون سان جهرڪ ٽاٽي جي صوبيدار بہ گڏ سفر پئي ڪيو. ٻني وٽ درياهہ بہ تازو وهي آيو هو ۽ پوري موج ۽ تيز وهڪري سان وهي رهيو هو ۽ اسان کي ٻيڙي رستي درياهہ پار ڪري جهرڪن جي پتڻ تي پهچڻو هو.

ٻني وٽ درياهہ جي وچ سير مان ڦاٽ کائي پاڻي پچاري واهہ ۾ وهندو هو جو بہ ڪافي ويڪرو ۽ اونهو هو ۽ پاڻي بہ ڏاڍو تيز وهندو هو. ان هنڌ ڪا پل يا ريگيوليٽر ڪونہ هو. اسان کي پهريائين پچاري واهہ پار ڪري درياهہ جي وچ سير مان ٻيڙي ڪڍي درياهہ جي پرئين ڪناري تي وڃڻو هو جو جهرڪ ٽاٽو ان ڪناري تي هو.

جڏهن ٻيڙي پچاري واهہ مان اچي درياهہ جي وچ سير ۾ پهتي تہ درياهہ جي پاڻيءَ جي ڇولين اچي ڪيس ڪنيو. خير جڏهن الله پاڪ کي سنڀاليندي درياهہ جي سير مان نڪري اڳتي ٿياسين تہ ڇوليون بہ جهڪيون ٿيون. توڻي جو هوا بہ ان وقت ڏاڍي پئي لڳي، پر خير خوبيءَ سان اچي جهرڪن ۾ پهتاسين.

ٻني ۾ ترسڻ دوران مان ٽنڊي سائينداد جي سرهندي بزرگن جي زيارت لاءِ بہ ويو هوس جتي آغا هاشم جان، آغا ستار جان جي زيارت نصيب ٿي. آغا حسن جان جن انهن کان وڏا هئا، پر انهن جي زيارت ڪانہ ڪري سگهيس. باقي اسان جي ڳوٺ ٻن سرائن ۾ ڪڏهن ڪڏهن ايندا هئا تہ اتي سندن زيارت ڪبي هئي. آغا هاشم جان جن گهڻو ڪري ڪوئيٽا ۾ رهندا هئا. ڪافي سال اڳ هڪ ڀيري جڏهن هو اسان جي سؤٽ حاجي نظام الدين مرحوم وٽ لاڙڪاڻي آيل هئا تہ اتي بہ سندن زيارت ڪئي هيم. سرهندي بزرگ نالي وارا حڪيم بہ هوندا هئا.

ادا غلام نبي مرحوم جنهن وقت ۾ مظفر ڳڙهہ ۾ سب ڊويزنل فاريسٽ آفيسر هو تہ وٽس گهمڻ بہ ويو هوس. ان وقت ۾ مظفر ڳڙهہ وارو علائقو ايترو آباد ڪونہ هو ۽ سڄو علائقو بنجر پئي لڳو.

سال 1946ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ جون چونڊون ٿيون هيون. سائين علي اڪبر شاهہ ميهڙ وارو اسيمبليءَ ميمبرشپ لاءِ وڏيري محمد قاسم مهيسر، گاهي مهيسر واري، خلاف چونڊ ۾ اميدوار بيٺل هو. شاهہ صاحب جن جي اليڪشن مهم ۾ بهرو وٺڻ لاءِ ڪراچي ڪاليج جا شاگرد بہ آيا هئاسين. مان ٻين سان گڏ فريد آباد ورڪ لاءِ ويو هوس.

هڪڙي ڏينهن حاجت ضروري پوري ڪرڻ لاءِ جڏهن ٻاهر جهنگ ڏانهن پئي ويس تہ رستي ۾ هڪ جهوپڙيءَ ٻاهران ايوان ۾ هڪ نهايت خوبصورت بروهڻ عورت جنڊ پيهي رهي هئي، جنهن جو

حسن ڏسي دنگ رهجي ويس. مون گهڙي کن بيهي کيس غور سان ڏٺو پر پوءِ اڳتي روانو ٿي ويس جو اتي وڌيڪ بيهڻ مناسب نہ پئي لڳو.

شاهہ صاحب کي اليڪشن ۾ ڪاميابي نصيب ٿي ۽ ميمبر چونڊجي آيو. تڏهن بہ ڪن ماڻهن کي شاهہ صاحب جن جهڙي نيڪ ۽ پرهيزگار شخص جو سياست ۾ اچڻ، پسند نہ ايندو هو. توڙي جو جو اڄ هنن سٺن لکڻ ڪان لڳ ڀڳ 68 سال اڳ سياست ۾ ايتري گندگي (Pollution) اچا ڪانہ آئي هئي. پاڪستان تحريڪ ۾ مسلم اسٽوڊنس فيڊريشن بہ اهم ڪردار ادا ڪندي هئي. ان مهم دوران ڪجهہ شاگرد سائين جي، ايم، سيد صاحب جن سان ڪنهن معاملي تي ڳالهائڻ ويا. مان بہ انهن شاگردن واري وفد ۾ شامل هوس. شاه صاحب جن شاگردن سان ڳالهائي پوءِ ڪين مشورو ڏنو تہ اوهان وڃي شيخ عبدالمجيد صاحب جن سان ملو پوءِ هو جيڪو فيصلو ڪري.

شاگردن وارو وفد پوءِ وڃي شيخ عبدالمجيد صاحب جن سان مليو. پر سندن شاگردن سان گفتگو جو جيڪو انداز هو، ان جي اهڙي نامياري ليڊر مان توقع ڪانہ هئي. انهيءَ ڪري ڪي شاگرد ڪجهہ جذباتي ٿي ويا ۽ ماحول جهڳڙي جي نوبت تائين پهچڻ وارو ئي هو تہ ٻين شاگردن وچ ۾ پئي انهن جذباتي ٿي ويلن کي سمجهايو تہ ان ۾ وڏي بدنامي ٿيندي. اها ڳالهہ هنن بہ محسوس ڪئي ۽ خاموش ٿي ويا. وفد بہ شيخ صاحب جن سان وڌيڪ ڪنهن بحث مباحي ڪرڻ بنا واپس موٽي آيو. قاضي غلام هادي هالاڻيءَ وارو اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو صدر هو.

مون اپريل 1947ع ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ مان B.Sc پاس ڪئي. اهو بمبئي يونيورسٽيءَ جو آخري امتحان هو، پوءِ سنڌ يونيورسٽي قائم ٿي.

مون سان ميهڙ اسڪول کان وٺي ڪاليج تائين جيڪي ڪلاس فيلوز هئا، انهن مان ڪي وڃي پنهنجي زميداريءَ کي لڳا. ڪن قانوني ڊگري وٺي وڪالت شروع ڪئي. باقي جيڪي سرڪاري نوڪري ڪري رٽائر ٿيا، انهن بابت تفصيلي ذڪر اڳي ڪري چڪو آهيان.

هينئر وري جيڪي شاگرد ڪراچي ڪاليج ۾ منهنجا ڪلاس فيلوز رهيا يا جن سان هاسٽل ۾ رهڻ دوران يا ڪلب ۾ ميس تي اسٽوڊنٽس فيڊريشن ۾ رهڻ دوران، ڪجهہ عرصو خاڪسار تحريڪ ۾ هجڻ وقت ۽ وري جن سان ڪين اسپورٽس ۾ ڪيڏندي واسطو رهيو يا ڪن سان دوستي، دعا سلام يا واقفيت وڙي رهي، انهن مان بہ ڪن جو احوال ڪري آيو آهيان ۽ باقي ٻين جو ذڪر ڪرڻ بہ بهتر ٿو سمجهان.

عبدالوهاب شيخ، ائڊيشنل چيف سيڪريٽري اريگيشن ٿي رهيو ۽ گورنر جو صلاحڪار بہ ٿي رهيو. امان الله ميمڻ، (خيرپور ميرس) چيف انجنيئر ٿي رهيو ۽ نوڪريءَ دوران ئي دل جي دوري پوڻ سبب وفات ڪري ويو. ٻڌڻ ۾ آيو هو تہ پي. اي. ڪي Dictation ڏئي رهيو هو تہ هلندي هلندي سندس آواز اوچتو بند ٿي ويو. جنهن تي پي. اي. ڪنڌ مٿي ڪري جان ڏسي تہ امان الله خان جو ڪنڌ ٽيبل تي پيل هو. سندس روح پرواز ڪري ويو هو. هن کي ڪاليج دوران مون سدائين ڪلمک ۽

خوش طبع ڏنو. هڪ بہ پيرا انجنيئريءَ جي ٻئي سال ۾ فيل ٿيو هو تہ بہ هن جي منهن تي ڪڏهن بہ ڪي ڳڻتيءَ جا آثار نہ ڏٺا. مان دادوءَ ۾ A.D.M هوس تہ مسٽر تاج محمد شيخ (جيڪو اسان جي ڳوٺ جو هو) ان وقت سيڪريٽري اريگيشن هو ۽ دادوءَ ٽوئر (گشت) ۾ آيل هو. مان بنگلي تي ساڻس ملڻ ويس تہ ڏٺم تہ امان الله خان، جو ان وقت چيف انجنيئر هو، اهو بہ هن سان گڏ آيو هو. مان ٻنهي سان ملي تاج محمد صاحب سان وينس تہ امان الله خان جيڪو ٿورو پرتي وينل هو، انهيءَ مون کي چيو تہ هيڏي آءُ ۽ منهنجي پرسان اچي ويهہ. پر پوءِ پنهنجي سيٽ (جڳهہ) تان اٿي اچي منهنجي پرسان وينو ۽ زماني جا حال احوال ڪندا رهياسين. مون سندس طبيعت ۾ ان وقت بہ اها ئي خوش مزاجي ۽ منهن تي مرڪ ڏٺي، جيڪا ڪاليج واري زماني ۾ منجهس ڏسڻ ۾ ايندي هئي. اسان جناح ڪورٽس هاسٽل ۾ رهندا هئاسين ۽ شام جو روزانو والي بال راند ڪندا هئاسين، جنهن ۾ امان الله خان، عبدالله خان آرائين، مان، محمد عمر ميمڻ ۽ ٻيا هوندا هئاسين. هو ان وقت بہ اڳي جهڙو خوش مزاج هو. مرڪي مون کي چيائين تہ محمد علي اسان جا سگنل ڊائون ٿي ويا آهن.

مسٽر محمد هاشم ميمڻ (وينل ضلع نوابشاهہ) چيف انجنيئر جي عهدي تان رٽائر ڪيو.

هيءُ جڏهن لاڙڪاڻي ۾ سپرنٽينڊنگ انجنير ٿي آيو هو ۽ پوءِ وري سکر ۾ چيف انجنيئر هو تڏهن ساڻس ملاقات ٿيندي رهندي هئي.

مسٽر عزيز الله خان هيسباڻي، هيءَ سپرنٽينڊنگ انجنيئر ٿي رهيو ۽ ٿورو وقت اڳ وفات ڪري ويو آهي. مسٽر شير محمد بلوچ مرحوم، وينل ضلع نوابشاهہ، هيءُ اولهہ پاڪستان جو اريگيشن سيڪريٽري ٿي رهيو. هن سان واقفيت ڪراچيءَ ۾ تڏهن ٿي، جڏهن هو شايد S.S.E جو امتحان ڏيڻ آيو هو ۽ ساڳي ڪلب ۾ ئي ماني کائيندا هئاسين.

مان جڏهن دادوءَ ۾ 1983ع ۽ 1984ع ۾ A.D.M هوس، تڏهن هن ڪئٽل فارم لاءِ پنج هزار ايڪڙ زمين سيوهڻ ۾ گرانٽ ڪرائي هئي ۽ ان سلسلي ۾ جڏهن بہ سندس دادوءَ اچڻ ٿيندو هو تہ مون وٽ مڙئي ايندو ئي هو ۽ محمد پريل برهماڻي سدائين ساڻس گڏ هوندو ئي هوندو هو.

پر شير محمد صاحب جيڪا زمين پنهنجي نالي الاٽ ڪرائي هئي، اها مسٽر عبدالجبار عباسي، جيڪو ان وقت سيوهڻ ۾ S.D.M هو، هارين کي گرانٽ ڪري ڇڏي. ڇاڪاڻ تہ عبدالجبار عباسيءَ جو پيءُ مسٽر محمد عيسيٰ عباسي (رٽائرڊ ڊپٽي ڪليڪٽر) ۽ شير محمد بلوچ وارن جو گهڻي وقت کان پاڻ ۾ ناهہ ڪونہ هو. انهيءَ ڪري بلوچ صاحب کي ان زمين جو قبضو ڪونہ مليو. هن قبضي ملڻ لاءِ ڏاڍي جدوجهد ڪئي، پرجيستائين مان دادوءَ مان 11 اپريل 1984ع تي رٽائرڊ ٿيس، تيستائين تہ ڪيس قبضو ڪونہ مليو هو. پوءِ جي خبر ناهي.

بلوچ شير محمد صاحب هڪڙي پيري ڳالهين ڪندي ٻڌايو تہ سندس پٽ محمد عالم (جيڪو بہ سنڌ جو اريگيشن سيڪريٽري ٿي رهيو هو) ڪيس چيو تہ بابا توهان هاڻي بس ڪري ڪم ڪار ڇڏي چپ ڪري ويهو. مان توهان کي هڪ لک رپيا ماهوار ڏيندس، جنهن تي هن ڪيس چيو تہ

پٽ توکي مون ڄڻيو آهي ۽ تو مون کي ڪونہ ڄڻيو آهي. هن وڏيڪ اهو بہ ٻڌايو تہ سندس پٽ محمد عالم کي سندس Cattle farm ۾ 500 مينهون هن وقت موجود آهن پر هو چوي ٿو تہ 1000 مينهون ڪندو. شير محمد بلوچ صاحب تمام گهڻي جائداد پنيان ڇڏي ويو. هينئر تہ سندس پٽ محمد عالم بہ وفات ڪري ويو آهي.

احمد خان ڪان بارڪزئي مرحوم: هيءُ جناح ڪورٽس ۾ مون واري ڪمري جي ويجهو ئي ڪمري ۾ رهندو هوو ۽ انهيءَ ڪري ساڻس گهڻي دعا سلام رهندي هئي. هن سيشن جج جي پوسٽ تان رٽائر ڪيو هو. پر رٽائرمينٽ کان پوءِ اليڪشن ڪمشنر سنڌ ۽ آخر ۾ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو ميمبر ٿي رهيو جنهن دوران ساڻس هڪ پيرو فون تي پڻ ڳالهہ ٻولهہ ٿي هئي. ان کان پوءِ ساڻس ملاقات ڪانہ ٿي هئي.

احمد خان بارڪزئي صاحب سان سندس ٻيو روم ميٽ امتياز صاحب مرحوم رهندو هو. هڪ پيري ڳالهين ٻولهين دوران ڪانئس هن جي باري ۾ پڇيم تہ ٻڌايائين تہ هو ايئر فورس ۾ پائلٽ مقرر ٿيو هو پر ٽريننگ دوران ئي هوائي جهاز جي حادثي ۾ جوانيءَ ۾ فوت ٿي ويو.

احمد خان بارڪزئي پنهنجي پٽ جو نالو بہ امتياز رکيو هو جيڪو سال 1978ع ۾ جڏهن مان سانگهڙ ۾ S.D.M هوس تہ هو D.S.P هو. ان باري ۾ پڇيومانس تہ ٻڌايائين تہ هن C.S.S ڪئي پر انڪم ٽئڪس گروپ ۾ آيو. هن اتي وڃڻ نہ پئي چاهيو. سندس ارادو هو تہ وري وڃي واپس D.S.P ٿئي، پر منهنجي گهڻي سمجهائڻ کان پوءِ اتي وڃي جوائن ڪيائين.

قاضي خدا بخش مرحوم: هيءُ سيشن جج هو. ڪيس اوچتو دل جو دورو پيو. ان مان بچي ڪونہ سگهيو. ان وقت سندس عمر ايڏي وڏي بہ ڪانہ هئي.

عبدالجبار بچاڻي مرحوم: هيءُ جنهن وقت ۾ وارهہ ۾ سب جج هو تڏهن سندس محمد پريل جيڪو ان وقت ۾ وارهہ ۾ S.H.O هو ان سان ٽڪر ٿي پيو ۽ هن ڪيس ڪورٽ جي بي ادبيءَ جي ڏوهہ ۾ 50 رپين ڏنڊ جي سزا ٻڌائي هئي.

مان 1973 ۾ جڏهن ڪراچيءَ ۾ ائڊيشنل سٽي مئجسٽريٽ هوس تڏهن هي ليبر ڪورٽ جو پرزائيڊنگ آفيسر (ائڊيشنل سيشن جج) هو. اسان ٻئي ان وقت ۾ گارڊن جي پرسان آفيسرس هاسٽل ۾ رهندا هئاسين ۽ گهڻو ڪري منهنجي ڪمري ۾ اچي ڪچهريون ڪندو هو. هو وري جڏهن دادوءَ ۾ سيشن جج هو تڏهن ساڻس ملاقات ٿي هئي. ان کان پوءِ وري ملاقات ڪانہ ٿي، هي ٽنڊي الهيار جو وينل هو ۽ تازو وفات ڪري ويو آهي. هي ڪاليج واري وقت ۾ ڏاڍو حسين هوندو هو.

جمال الدين ابڙو مرحوم، هي سيشن جج ٿي رهيو ۽ سنڌ اسيمبليءَ جو سيڪريٽري ٿي رهيو هي سنو ۽ ناليواري اديب هو ۽ سندس لکيل ڪهاڻيون ڏاڍيون مقبول ٿيون ڪمال الدين ابڙو مرحوم، هيءَ جماالدين ابڙي جو ننڍو ڀاءُ هو هن B.E پاس ڪري ٿورو ئي عرصو انجنيئري ڊپارٽمينٽ ۾

نوڪري ڪئي جو ڦوهه جوانيءَ ۾ انتقال ڪري ويو. جمال الدين ابڙو ۽ ڪمال الدين ابڙو ٻئي شمس الدين ابڙي وڪيل مرحوم جا ننڍا ڀائر هئا.

الاهي بخش سومرو هن بہ N.E.D ڪاليج ڪراچيءَ مان B.E ڪري سپرنٽينڊنگ انجنيئر ٿي رهيو ۽ پوءِ سياست ۾ آيو ۽ وفاقي وزير ۽ قومي اسيمبليءَ جو اسپيڪر بہ رهي چڪو آهي.

آغا امداد علي، هيءُ ۽ الاهي بخش خان سومرو پاڻ ۾ ڏاڍا گهرا دوست هوندا هئا ۽ گهڻو ڪري ٻئي گڏ ڏسڻ ۾ ايندا هئا.

هيءُ هاءِ ڪورٽ جو جج ٿي رهيو ۽ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو چيئرمين بہ ٿي رهيو. بخت علي جڪراڻي مرحوم (ويٽل ضلع جيڪب آباد) هيءُ سيشن جج ٿي رهيو ۽ پوءِ وري وڪالت ڪندو هو. محمد صالح ميمڻ (ڏيپلي وارو) هيءُ هيلٿ سيڪريٽري ٿي رهيو ۽ تازو فوت ٿيو آهي، ميمڻ مير محمد مرحوم (ويٽل نوابشاهه)، قاضي غلام هادي (ويٽل هالاڻي)، مرحوم عبدالمنان قاضي (لاڙڪاڻو ضلعو) مرحوم دوست محمد ابڙو (ويٽل رتوديرو) نظام الدين ميمڻ، ملڪ غلام ياسين مرحوم (ويٽل ڪنڌ ڪوٽ)، مرحوم غلام رسول صديقي (ويٽل گڏيجي ضلع خيرپور) مرحوم عبدالرزاق ميمڻ (ويٽل خيرپور) فقير امير علي هيسباڻي مرحوم (ويٽل خيرپور ضلع) مرحوم خير محمد سرهيو (ويٽل خيرپور ضلع) هادي بخش شيخ (ويٽل گمبٽ) الاهي بخش ڪيهر (ويٽل خيرپور) انهن سڀني وڃي وڪالت شروع ڪئي.

خير محمد گهانگهرو B.Sc مون سان گڏ ڪئي ۽ وڃي پنهنجي زمينداريءَ کي لڳو. قاضي عبدالمنان مرحوم پوءِ سياست ۾ آيو ۽ سنڌ حڪومت ۾ ايريگيشن کاتي جو وزير ٿي رهيو. مرحوم غلام رسول صديقي سينيٽر بہ ٿي رهيو. الاهي بخش ڪيهر، اصل ويٽل خيرپور جو هو پر هن وڪالت لاڙڪاڻي ۾ شروع ڪئي ۽ سندس مستقل رهائش ان ڪري لاڙڪاڻي ٿي وئي. اڄا بہ اتي وڪالت ڪندو اچي ٿو. محمد اڪرم انصاري، هيءُ شڪارپور ڪاليج ۾ انگريزيءَ جو پروفيسر هو. خير محمد سولنگي (ويٽل جوهي ضلع دادو)، هيءُ چيف انجنيئر روڊس/بلڊنگس ٿي رهيو. منهنجي ساڻس آخري ملاقات سندس نوڪريءَ دوران شهباز بلڊنگ ۾ سندس آفيس ۾ گهڻا سال اڳ ٿي هئي، پوءِ وري ملاقات ڪانہ ٿي آهي.

مان نوڪريءَ مان رٽائر ٿيڻ کان پوءِ لاڙڪاڻي ۾ ئي رهندو هوس ۽ صبح جو واڪ تي ويندو هوس. الاهي بخش ڪيهر وڪيل بہ واڪ ڪندو هو تہ هڪ ڏينهن لکي ريلوي پليٽ فارم تي گڏياسين تہ مونکي چيائين تہ محمد علي اسان جي خيرپور واري سڄي سنگت وفات ڪري وئي آهي. مرحوم عبدالڪريم شيخ (خيرپور ضلع) مرحوم سائينداد سولنگي، مرحوم محمد صديق ميمڻ سپرنٽينڊنگ انجنيئر ٿي رهيا. مرحوم سائينداد جڏهن لاڙڪاڻي ۾ انجنيئر هو تہ ساڻس سندس آفيس ۾ ملاقات ٿي هئي. مرحوم ظفر الدين شيخ (منهنجو سؤٽ) ۽ مرحوم محمود ميمڻ ايگزيڪٽو انجنيئر ٿي رهيا.

محمد بچل خان سومرو آرميءَ ۾ مڪينيڪل انجنيئر هو ۽ اتي ڪرنل جي عهدي تي هو تہ فوج ۾ سپاهين جي پرتي جي سلسلي ۾ دادوءَ آيو هو. مان تڏهن دادوءَ ۾ A.D.M هوس. هن چيو تہ سيوهڻ ۾ پرتي ڪرڻي آهي، تڏهن شايد قلندر شهباز جي ميلي جو موقعو هو. انهيءَ ڪري هن چيو تہ اتي شاميانين ۽ فرنيچر جو بندوبست ڪرائي ڏيو. مون ڪيس سيوهڻ جي مختيارڪار کي چئي اهو ڪم ڪرائي ڏنو هو.

عبدالعليم دريشاڻي صاحب: مان جڏهن سال 1969ع ۾ پني عاقل ۾ مختيارڪار هوس تہ هو جيڪب آباد ۾ سيشن جج هو ۽ اسان جي اڪثر ڪري سکر اسٽيشن تي ملاقات ٿيندي هئي. ان کان پوءِ ڪڏهن ڪونہ مليا آهيون. هو ڏاڍي سٺي سياءَ وارو هو، جنهن کان مان ڏاڍو متاثر هوندو هوس. **عبدالله آرائين صاحب:** ڪاليج واري عرصي دوران اسان ٻئي جناح ڪورٽس ۾ رهندا هئاسين. هو نهايت خوش طبع هو ۽ سندس منهن تي سدائين مُرڪ هوندي هئي. اسان هاسٽل ۾ روزانو شام جو والي بال راند بہ ڪندا هئاسين. اسان جي ڳوٺائي محمد صالح ٻٽ مرحوم سان سندس گهڻي گهاٽائي هوندي هئي. خوش طبع هئڻ ڪري محمد صالح کي سدائين سالو ڪوٺيندو هو، جيڪو ڪيس برو نہ لڳندو هو.

سال 1947ع ۾ ڪراچي ڇڏڻ کان 36 سالن جي ڊگهي عرصي کان پوءِ منهنجي ساڻس 1983ع ۾ دادوءَ ۾ ملاقات ٿي هئي. جڏهن مان اتي A.D.M هوس ۽ هو ڪنزرويٽر آف فاريسٽ سکر هو ۽ دادوءَ گشت تي آيو هو. اقبال جوڻيجو صاحب، جيڪو تنهن وقت دادوءَ ۾ ڊويزنل فاريسٽ آفيسر هو، ان آرائين صاحب جي اچڻ بابت ٻڌايو تہ مون ڪيس چيو تہ جنهن وقت هو اچي تہ مونکي ٻڌائجو تہ مان ان سان ملندس. جنهن وقت آرائين صاحب بنگلي تي پهتو تہ D.F.O مون کي فون تي اطلاع ڪيو. مان پوءِ بنگلي تي ويس ۽ جيئن ئي ڪمري ۾ گهڙيس تہ آرائين صاحب ڏسندي ئي چيو تہ تون تہ محمد علي آهين، پر احمد علي ڪڏهن کان ٿيو آهين. مون چيومانس تہ مان محمد علي ئي آهيان. هن پوءِ D.F.O ڏانهن اشارو ڪندي چيو هيءُ راڌڻ کان وٺي احمد علي، احمد علي پيو چوندو اچي. پوءِ مون کي پاڻ سان گڏ ويهاري حال احوال ڪندي ٻڌايائين تہ خدا بخش بچہ صاحب وزير مٿس ناراض ٿي ڪيس پشاور اڪيڊمي ۾ موڪليو ۽ مون اتي قرآن شريف حفظ ڪيو آهي.

منهنجي اها ئي آرزو رهندي آهي تہ جن سان گذريل ڪنهن وقت ۾ بہ چار ڏينهن گڏ گهاريا آهن، تن سان ملجي. انهيءَ ڪري مان جڏهن لاڙڪاڻو ڇڏي اچي هتي حيدرآباد ۾ رهيس تہ دل چاهيو تہ آرائين صاحب سان ملان، پر سندس ائڊريس جي خبر ئي نہ هئي. پوءِ هڪڙي ڏينهن غلام رسول ڪيريو صاحب، سکر جي ڪنزرويٽر آف فاريسٽ، جنهن سان مسجد ۾ نماز پڙهندي واقفيت ٿي وئي هئي، ان کان عبدالله آرائين صاحب جي ائڊريس جي پڇا ڪيم، پر هو پوري ائڊريس ڪونہ ٻڌائي سگهيو. باقي ايترو ٻڌايائين تہ لطيف آباد ۾ رهندو آهي. پر لطيف آباد يونٽ نمبر يا آرائين صاحب جي بنگلي نمبر وغيره جي ڪيس معلومات ڪانہ هئي. پوءِ مان حيدرآباد جي موجوده

ڪنزرويٽر آف فاريسٽس محمد عمر ميمڻ صاحب جن کان مڪمل ائڊريس وٺي آرائين صاحب سان ملڻ ويس. بنگلي تي پهچي مون ڊرائيور کي چيو تہ بيل وڄاءِ. گهنٽيءَ تي هڪ عورت اچي دروازو کوليو جنهن کي ڊرائيور منهنجي نالي ٻڌايو تہ صاحب سان ملڻ آيو آهي، جيڪا مونکي اندر اچڻ جو چئي پاڻ اڳيان ٿي هلي. بنگلي جو ايوان تمام وڏو هو. مون ويندي ڏٺو تہ هڪ پيرسن ماڻهو ڪٽ تي سمهيو پيو هو. مون سمجهيو تہ آرائين صاحب اندر بنگلي جي ڪمري ۾ هوندو. جتان ڪيس وڃي منهنجي اچڻ جو اطلاع ڏيندي، پر اها عورت سڏو هلي ان ڪٽ تي ليٽيل پيرسن مٿان بيٺي ۽ ٻڌايائين تہ هيءُ آرائين صاحب آهي. پوءِ اندر وڃي ڪرسي کڻي اچي ڪٽ جي ڀرسان رکي ڏنائين.

مان آرائين صاحب جن جي حالت ڏسي حيران ٿي ويس ۽ دل جي اهڙي ڪيفيت ٿي وئي جو ڇڻ پڪ ئي نہ پئي پوي تہ هيءُ اهو ساڳيو آرائين صاحب آهي، جنهن کي ڪراچيءَ واري وقت ۾ ۽ پوءِ دادوءَ ۾ ڏٺو هيم ۽ ساڻس ڪچهري ٿي هئي. آرائين صاحب ڪٽ تي ليٽي تسبيح پڙهي رهيو هو. مون ڪيس ٻہ ٽي ڀيرا ٻڌايو تہ مان محمد علي شيخ آهيان، پر ان هوندي بہ ڪونہ سڃاتائين. البت ٻہ منٽ کڻي ڪٽ تي اٿي ويهي هٿ ڏنائين ۽ وري ڪٽ تي آهلي پيو ۽ تسبيح پڙهڻ لڳو. مون سان زبان سان هڪ حرف بہ ڪونہ ڳالهايائين ۽ نہ وري آخر تائين سڃاتائين. ان عورت جي اکين ۾ پاڻي اچي ويو ۽ چيائين تہ هوءَ سندس نُنهن ٿئي ۽ ٻڌايائين تہ پاڻ ذات جي لغاري آهي ۽ چيائين تہ ماڻهو شايد ائين سمجهندا هوندا تہ مون ڪيس بنگلي مان ڪڍي ڇڏيو آهي جو ايوان ۾ ڇاپري هيٺان ڪٽ تي سمهيو پيو آهي. وڌيڪ ٻڌايائين تہ اٽڪل ٻن سالن کان سندس اها حالت آهي. مان آرائين صاحب جي اها حالت ڏسي سوچ ۾ پئجي ويس تہ انسان پيرسنيءَ ۾ ڪيترو تہ بيوس ۽ ٻين لاءِ هڪ مثال بڻجي وڃي ٿو. بس پوءِ مان ساڻس ڪنهن بہ گفتگو ٿيڻ کان سواءِ واپس هليو آيس.

انور چوڌري: هيءُ N.E.D انجنيئرنگ ڪاليج (هاڻي يونيورسٽي) ۾ پروفيسر ٿي رهيو آهي. باڪسنگ ائسوسيئيشن جو صدر آهي. عبدالرسول ميمڻ (ويٽل شڪارپور) غلام عباس شيخ ۽ منير شيخ (ٻئي ويٽل شڪارپور) پڻ N.E.D مان B.E ڪئي، پر خبر ناهي تہ هو ڪهڙي عهدي تي رهي رٽائر ٿيا. عبدالرب شيخ مرحوم: هن کي اسپورٽس ۾ بهرو وٺندي ڏسبو هو ۽ ڏاڍو سٺو اسپورٽس مئن هو. هو لاڙڪاڻي ۾ S.P ٿي آيو هو ۽ مٿس پنهنجي ئي صوبيدار محمد مسلم سنجراڻيءَ کي قتل ڪرڻ جو الزام لڳو هو. جنهن کان پوءِ هن پاڻ کي ڪراچيءَ ۾ گولي هڻي آپگهات ڪيو هو. محمد مسلم سنجراڻيءَ جو پيءُ الهہ رکيو خان سنجراڻي پاڻ D.S.P هو ۽ لاڙڪاڻي ۾ دڙي محلي ۾ رهائش هوندي هئس. هو پاڻ وڃي تصديق ڪري آيو هو تہ واقعي عبدالرب آپگهات ڪيو هو. ڇو جو پهريان اهو افواهہ اٿيو هو تہ گوهر ايوب، جيڪو سندس دوست هو، ڪيس ملڪ کان ٻاهر روانو ڪري ڇڏيو هو.

عبدالرب شيخ مرحوم جڏهن لاڙڪاڻي ۾ S.P هو، تڏهن هڪ ڏينهن منجهند جي وقت جيپ ۾ ميرو خان گشت ۾ پئي ويو. تن ڏينهن ۾ لاڙڪاڻو ميروخان روڊ سِرن جو ٺهيل ۽ سوڙهو هو، جنهن تي

بہ گاڏيون ڪراس نہ ڪري سگهنديون هيون. هڪ گاڏيءَ کي روڊ جي پاسي تي ڪچي ۾ لهڻو پوندو هو. مان بہ ان جي پويان عبدالمنان قاضيءَ جي ڪار ۾ ميرو خان ئي وڃي رهيو هوس. جيئن تہ منجهند جو ٽائيم هو ۽ منهنجيون اکيون ننڊ اچڻ ڪري ٻوٽيل هيون تہ اوچتو منهنجي ڪار ڊرائيور S.P جي جيپ کي ڪراس ڪرڻ لاءِ ڪار ڪچي ۾ لاٿي تہ جهٽڪي اچڻ ڪري اکيون کليون تہ مون جيپ تي پنيان S.P لکيل پليٽ ڏني ۽ ڊرائيور کي چيم تہ گاڏي روڪ پر ان دوران ڪچي مان مٽي اٿڻ جي ڪري S.P صاحب جو مُنهن سڄو مٽيءَ ۾ ڀرجي ويو. سندس ڪئپ بہ ڏوڙ ۾ لٿجي وئي.

هو اتي پهچي سڏو ميرو خان سب جيل تي ويو ۽ ٽوپي ڇنڊي چيائين تہ پنيان الائي ڪنهن جي ڪار پئي آئي جنهن ڏوڙ ۾ لٿي ڇڏيو. مان ميرو خان پهتس تہ علي نواز خان جاگيراڻيءَ مون سان اها ڳالهہ ڪئي، جنهن کي ٻڌايم تہ ان ڪار ۾ مان هوس. ٻن چئن ڏينهن کان پوءِ مان جڏهن لاڙڪاڻي موٽيس تہ S.P جن جي آفيس ۾ ويس. ساڻس ملڻ لاءِ رپورٽ ڪرايم. مون کي اندر گهرايائين. جيئن ئي مان سندس آفيس ۾ گهڙيس تہ پاڻ مشڪيو. مون کيس چيو تہ سائين اها ڊرائيور جي نالائقي هئي. جنهن تي چيائين تہ ڪا ڳالهہ ناهي. جيڪو ٽائيم مان وٽس وينس تہ تمام سهڻي نموني ڳالهائيندو ٻولهائيندو رهيو. (اها هئي اڳئين وقت جي آفيسرن جي فراخدلي)

حسن علي ارباب مرحوم: هيءُ سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ سيڪشن آفيسر هو. هن نوجوانيءَ ۾ ئي پاڻ کي گولي هڻي آپگهات ڪيو. مون هن جي دوست احمد نواز اعوان کان آپگهات جو سبب پڇيو پر هن ان متعلق لاعلمي ڏيکاري. احسان علي بلوچ: هيءُ منهنجو ڪلاس فيلو هو ۽ دادوءَ ۾ E.A.D.A تي آيو هو تہ اتي ساڻس ملاقات ٿي هئي. محمد ثابت خشڪ: هيءُ مون کان جونيئر هو. هن سان هڪ ڀيري ٽرين ۾ ملاقات ٿي هئي تہ ٻڌايو هئائين تہ هو E.A.D.A آهي. وري ساڻس ملاقات ڪانہ ٿي. هو وفات ڪري ويو آهي.

شمس الدين سومرو مرحوم (نوابشاهہ ضلع)، هن ويچاري کي شاگرديءَ واري عرصي دوران ئي T.B جو عارضو هو ۽ جوانيءَ ۾ ئي وفات ڪري ويو. نصير الله خان خشڪ مرحوم: هن B.E ڪئي پر ٿورو ئي وقت نوڪري ڪيائين ۽ وفات ڪري ويو. هن ۾ اها خوبي هئي جو روزانو باقاعدگيءَ سان قران شريف جي تلاوت معنيٰ ۽ تفسير سان ڪندو هو. علي بخش ٽالپر: هيءُ ميونسپالٽيءَ ۾ چيف آفيسر ٿي رهيو. يار محمد ٽالپر: هيءُ ليبر ڊپارٽمينٽ ۾ سروس ۾ هوندو هو. دلشير ترڪ: هن B.Sc ڪئي هئي، پر خبر ناهي تہ ڪٿي نوڪري ڪيائين. عبدالرحمٰن شاهہ: هن B.E ڪئي. وڌيڪ هن جي باري ۾ ڪا خبر ناهي. تازو ئي هن لاءِ سندس هڪ ڳوٺائيءَ کان معلوم ٿيو تہ هو چيف انجنيئر ٿي رهيو هو ۽ وفات ڪري ويو آهي. حاجي خان: هيءُ اليڪٽريڪل انسپيڪٽر هو ۽ هڪ ڀيرو لاڙڪاڻي آيو هو تہ ساڻس ملاقات ٿي هئي. حاجي خان جو ڀاءُ سليم هاسٽل ۾ مون سان گڏ رهندو هو. وڌيڪ خبر ڪانهي تہ تعليم پوري ڪري ڪٿي نوڪري ڪيائين. زمان: ان کي گهڻو ڪري استاد زمان سڏيندا هئا. هيءُ سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ نوڪري ڪندو هو. ڪنهن وزير جو شايد P.A بہ ٿي

رهيو هو. ان سان دوري تي هڪ پيرو لاڙڪاڻي ۾ آيو جتي ساڻس ملاقات ٿي هئي. ڪٽپر عبدالواحيد وزير هو تہ مان ڪراچيءَ ۾ ائڊيشنل سٽي مئجسٽريٽ هوس تہ گهرايو هيائين. تڏهن زمان سان سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ ملاقات ٿي هئي. عبدالحميد جوڪيو ۽ در محمد شيخ سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ ڊپٽي سيڪريٽري ٿي رهيا هئا. احمداڻي محمد الياس: هن ۾ N.E.D مان B.E ڪئي پوءِ جي خبر ڪانهي تہ ڪٿي نوڪري ڪيائين جو ساڻس منهنجي ڪراچي ڇڏڻ کان پوءِ ڪڏهن ملاقات ڪانہ ٿي. هيءُ 1945ع ۾ جنگشاهي اسٽيشن تي ريلوي حادثي ۾ زخمي ٿي پيو هو جنهن جو ذڪر اڳي پڻ ڪري آيو آهيان. خير محمد خان گهانگهرو: رتيديري جو رهواسي هو. هن مون سان گڏ B.Sc پاس ڪئي. هو نوڪريءَ ۾ نہ گهڙيو تہ وڃي پنهنجي زمينداري ڪِرت کي لڳو.

عيد محمد کوکر (ويٽل ميرو خان): هيءُ ٽريزري ڪاتي ۾ آفيسر رهي رٽائر ٿيو. رٽائر ٿيڻ بعد ٿوري وقت کان پوءِ اوچتو دل جو دورو پوڻ ڪري لاڙڪاڻي ۾ وفات ڪري ويو. هو ميرو خان ڇڏي اچي لاڙڪاڻي رهيو هو.

قاضي نظير احمد: هن قانون جي ڊگري وٺي وڪالت شروع ڪئي، پر پوءِ ترت ئي اها ڇڏي ڏنائين. ان کان پوءِ Oath Commissioner ٿيو ۽ اهو ئي ڪم دادوءَ ۾ ڪندي تازو ئي وفات ڪري ويو آهي. عبدالرسول ميمڻ مرحوم (ويٽل ضلع نوابشاهہ): هن ۾ N.E.D انجنيئري ڪاليج مان B.E ڪئي. اريگيشن ڪاتي ۾ ڪيترن عهدن تي رهيو. هيءُ ارسا جو چيئرمين ۾ ٿي رهيو. هيءُ ويچارو گردن فيل ٿيڻ سبب وفات ڪري ويو. غلام حسن پرياڻي: هيءُ ڪراچيءَ ڇڏڻ کان پوءِ هڪ پيرو دادوءَ آيو هو جڏهن مان اتي A.D.M هوس. سندس پائر غلام حسين ۽ ڊاڪٽر عبدالعزيز اتي رهندا هئا. باقي پاڻ سيلاني ماڻهو آهي. مون کي پنهنجو ڪارڊ ڏيکاريائين، جنهن ۾ ڄاڻايل هو تہ ڪٿي ڪٿي ۽ ڪهڙي وقت ڪنسلٽنٽ ٿي رهيو هو. هو هر فن مولا شخص آهي. سندس زبان ۾ ڏاڍي تيز هلندي آهي. ايتريقدر جو ڪاما تہ ڪانہ هوندي اٿس، پر فل اسٽاپ ۾ ٿر واسي تمام دير دير سان ڏيندا آهن. ذهين ۾ لاجواب آهي. هڪ پيري مون سندس دعوت ۾ ڪئي هئي، جنهن ۾ سندس پائرن کي ۾ گهرايو هوم. غلام قادر ميمڻ: هيءُ ڊرگ انسپيڪٽر ٿي رهيو هو. ولي محمد انصاري: هيءُ ائنيمل هسبنڊريءَ ۾ چڱي عهدي تي رهيو. عطا محمد انصاري: هيءُ شايد سيشن جج ٿي رهيو. ائين ٻڌو هوم. باقي هن لاءِ ايتري پوري خاطري ڪانهي، انڪري جو ڪڏهن ۾ ملاقات ڪانہ ٿي آهي.

علي مدد جتوئي: هيءُ ڪراچيءَ ۾ انٽرميڊئيٽ ڪري بمبئي M.B.B.S ڪرڻ ويو. ٻڌو هوم تہ فارين ۾ F.R.C.S ڪرڻ کان پوءِ اتيئي شادي ڪري برمنگهام ۾ سيٽل ٿيو. هو مينارام هاسٽل ۾ رهندو هو. سندس ڪراچيءَ ۾ انٽرميڊئيٽ دوران سندس هڪ هندو ڪلاس فيلو ڇوڪريءَ سان ڏاڍي دل هوندي هئي. هو منهنجو گهاتو دوست هو. هڪ ڏينهن ٻڌايائين تہ هو ڪالهہ ان ڇوڪريءَ پنيان وڃي سندس گهر ڏسي آيو هو. سندس گهر پهچڻ وقت سندس نالو پڇيو جو هن ڪيس ٻڌايو.

علي مدد جتوئي مسٽر قائم الدين جتوئيءَ جو ڀائٽيو هو. ڪاليج ۾ ڪيس سپورٽ ٻه اهو ئي ڪندو هو. قائم الدين جتوئي صاحب پهريان روبنيو ۾ مختيارڪار هو پوءِ هن وڃي وڪالت شروع ڪئي.

مان سال 1953ع يا 1954ع ۾ قمبر ۾ هيڊ منشي هوس تہ هڪڙي تپيدار ڳڙهي ياسين پاسي رهندڙ ڪن ماڻهن خلاف منهنجي ڪورٽ ۾ سڌي فرياد داخل ڪئي هئي. جنهن درخواست کي مون ڪيس فائيل تي آڻي انهن ماڻهن خلاف ضامن جوڳا وارنٽ ڪڍيا، جيڪي تعميل ٿي آيا. ڪيس جي جيڪا شنوائي واري تاريخ هئي تہ مون آفيس جو ضروري ڪم ڪار لاهي ڪيس هلائڻ شروع ڪيا، مون کي پٽيوالي اچي چيو تہ سائين ٻاهر هڪڙو ماڻهو بيٺو آهي ۽ اوهان سان ملڻ ٿو چاهي. مون ان کي اندر گهرايو تہ اچڻ سان، مان جيستائين ساڻس ڳالهايان، هن اڳ ئي پنهنجي سڃاڻپ پاڻ ڪرائي تہ سندس نالو مولا بخش جتوئي آهي ۽ قائم الدين خان جتوئيءَ جو ڀاءُ آهي. قائم الدين جتوئيءَ جو نالو ڪڍڻ سان مون کي علي مدد جتوئي ياد اچي ويو. مون ڪيس ڪرسيءَ تي ويهاري ڪانئس علي مدد جتوئيءَ جو حال احوالي ورتو. ٻڌايائين تہ هو سندس پٽ ٿئي ۽ اها ٻه تصديق ڪيائين تہ هو برمنگهام ۾ ئي رهي ٿو. مون ڪانئس پڇيو تہ هو هتي اوهان وٽ ايندو ڪندو آهي، جنهن تي ٻڌايائين تہ ها هو وقتي ايندو آهي ۽ ڪجهہ عرصو اڳ ٻه هتي آيو هو. پوءِ مون هن کان پڇيو تہ اوهان جو ڀلا هتي اچڻ ڪيئن ٿيو آهي، جنهن تي چيائين تہ توهان وٽ هڪڙو ڪيس اسان جي ماڻهن تي هلي ٿو جن خلاف اوهان جي ڪورٽ مان وارنٽ ٻه نڪتا آهن. سڀ جوابدار حاضر ٿيا ٻاهر بيٺا آهن. پاڻ انهن جو ضامن پوڻ ٿو چاهي. ان کان پوءِ مون ڪيس ٻڌايو تہ تنهنجو پٽ علي مدد جتوئي ڪاليج ۾ منهنجو دوست هوندو هو. انهيءَ ڪري مان اوهان کي ڪورٽ جا ڪهڙا پنڌ ڪرايان؟ مون ڪيس ئي خارج ڪري ڇڏيو. جوابدارن کي مون اندر ڪورٽ ۾ ٻه ڪونہ گهرايو. ان کان پوءِ هو راضي ٿي روانو ٿي ويو.

جناح ڪورٽس واري مسجد ۾ هر جمعي جي ڏينهن علامہ آءِ، آءِ، قاضي صاحب جن ليڪچر ڏيندا هئا، جيڪي سڀ شاگرد ٻڌندا هئاسين. مير غلام علي خان ٽالپر جيڪو وزير هو ۽ نهايت ئي شريف انسان هو، اهو ٻه ليڪچر ٻڌڻ ايندو هو، پر هن کي جتي ٻه جڳهہ خالي ڏسڻ ۾ ايندي هئي، اتي ئي ويهي رهندو هو. هو ٻه صفون لتاڙي وڃي اڳين صف ۾ ويهڻ جي نہ ڪندو هو. هڪ ڀيري مان ٻين يا ٽين صف ۾ ويٺو هوس تہ منهنجي پاسي ۾ ڀت طرف خالي جڳهہ ڏسي اتي ئي ڀت سان لڳي ويهي رهيو. هاسٽل جا سپرنٽينڊنٽ سيد غلام مصطفيٰ شاهہ صاحب جن هوندا هئا، جي پوءِ سنڌ يونيورسٽيءَ جا وائيس چانسلر ۽ تعليم واري وزارت جا وفاقي وزير ٻه ٿي رهيا.

جڏهن هندستان جي ورهاڱي جي تجويز برٽش حڪومت جي زير غور هئي تہ جواهر لال نهروءَ ان وقت جي گورنر جنرل لارڊ مائونٽ بئٽن کي چيو هو تہ اسان ملڪ جي ورهاڱي کان پوءِ ٻه پنهنجي پارٽ جو اوهان کي ئي گورنر جنرل ڪري رکنداسين. خبر ناهي تہ جواهر لال نهروءَ ليڊي مائونٽ بيٽن سان سندس عشق جي ڪري يا ڪنهن ٻي مصلحت هيٺ ڪيس ايئن چيو هو. ساڳيءَ

طرح محمد علي جناح صاحب جن بہ کيس چيو تہ پاڪستان جو بہ گورنر جنرل اوهان کي ئي ڪري رکنداسين. لارڊ مائونٽ بئٽن اهڙي خبر پنهنجي برٽش گورنمينٽ تائين بہ پهچائي هئي، پر اڳتي هلي جناح صاحب جن ان ڳالهہ تي نہ بيٺا (مان تہ ان کي لياقت علي خان جو ئي منصوبو ٿو سمجهان، انڪري جو هن پاڪستان جو وزيراعظم ٿيڻ پئي چاهيو). جناح صاحب جن جي پنهنجي ڪيل ڳالهہ تي نہ بيهڻ ڪري لارڊ مائونٽ بيٽن ڪنهن قدر ناراض ٿي جناح صاحب جن کي ٿوري سخت لهجي ۾ چيو تہ سمجهو ٿا تہ ان جو نتيجو ڇا ٿيندو. جنهن تي جناح صاحب وراڻيو تہ اسان کي اسان جا اثاثا نہ ملندا. پر هن کيس جواب ۾ چيو تہ سڄي عمر لوڙيندئو ۽ برابر لوڙيون پيا ۽ لوڙيندا رهنداسين، خاص ڪري سنڌ. پوءِ ورهاڱي جو اَوارڊ (ريڊ ڪلف) جڏهن پڌرو ڪيو ويو تہ گرداسپور وارو ضلعو، جيڪو پنجاب جي ٻئي حصي سان گڏ پاڪستان کي ملڻو هو، اهو پارٽ کي ڏنو ويو، جنهن ڪري پارٽ کي ڪشمير ۾ گهڙڻ اچڻ جو ڪليل رستو ملي ويو. ڪشمير جو حصو جيڪو والاريل ڪشمير سڏجي ٿو، اهو حملي کان پوءِ پارٽ جي قبضي ۾ اچي ويو. هاڻي اسان جا پاڪستاني حڪمران ان خوشفهميءَ ۾ نہ رهن تہ پارٽ والاريل ڪشمير ڇڏيندو، ڇاڪاڻ تہ ڪشمير معاملي تي ٿيندڙ ڳالهين ۾ پارٽ هر پيري ان کي پنهنجو اٽوٽ انگ قرار ڏيڻ جو راڳ ڳائي ٿو.

باقي اسان جا حڪمران پلي پاڪستاني ويڪائو قوم کي بيوقوف بڻائيندا رهن. 14 آگسٽ 1947ع تي پاڪستان وجود ۾ آيو، جنهن جي خوشيءَ ۾ ڪراچيءَ ۾ بہ جلوس ڪڍيو ويو هو. جلوس ۾ جناح صاحب وڪٽوريا بگيءَ ۾ ويٺل هو ۽ سندن همشيره مادر ملت محترمہ فاطمہ جناح بہ ويٺل هئي. ان وڪٽوريا گاڏيءَ ۾ هڪ رنگي روپ وارا گهوڙا جوتيل هئا. اهو جلوس جناح ڪورٽس هاسٽل جي سامهون واري روڊ تان گذري رهيو هو، جيڪو اسان هاسٽل مان ئي بيٺي پئي ڏٺو. جلوس لاءِ بهرحال مختصر رستو ڪڍيو ويو هو، ڇو تہ ڪراچي شهر ۾ اها خبر ڦهليل هئي تہ پنجاب مان هڪ ڇهن سکن جو ٽولو جناح صاحب جن تي خوني حملي ڪرڻ لاءِ پهتل آهي. جناح صاحب 11 سيپٽمبر 1948ع تي وفات ڪئي، جنهن کان پوءِ خواجہ ناظم الدين گورنر جنرل ٿيو. پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ سردار عبدالرب نشتربہ جناح ڪورٽس ۾ هڪ پيرو اچي ڏاڍي جوشيلي ۽ سهڻي تقرير ڪئي هئي. هو شروع ۾ وفاقي وزير بہ ٿي رهيو، پر ترت ئي هن کي ڪنڊائتو ڪيو ويو. سردار عبدالرب نشتر لاءِ ٻڌبو هو تہ لنڊن ۾ گول ميز ڪانفرنس هلندي ڪانگريسي ليڊر سردار پٽيل کي جناح صاحب خلاف Indecent (ناشانائتو) گفتگو ڳالهائڻ تي هُن پريءَ ڪانفرنس ۾ سندس منهن تي هڪ زوردار چماٽ هڻي کيس خاموش ڪرائي ڇڏيو هو.

جيڪڏهن نواب بهادر يار جنگ خان مرحوم جن کي الله تبارڪ و تعاليٰ ڪجهہ وڌيڪ زندگي عطا فرمائي ها ۽ سردار عبدالرب نشتر جن کي ڪنڊائتو نہ ڪيو وڃي ها تہ پاڪستان اڄوڪي پاڪستان کان گهڻو مختلف هجي ها، انڪري جو اهي ٻئي مخلص ماڻهو هئا. سندن قول

فعل ۾ ڪوبہ تضاد نہ هوندو هو. انهن ٻن شخصيتن کان سواءِ اڄ تائين پاڪستان ۾ مون ڪوبہ ٻيو مخلص ماڻهو ڪونہ ڏٺو آهي ۽ نہ ئي پيدا ٿيڻ جي توقع ڪري سگهجي ٿي، جنهن کي پاڪستاني قوم لاءِ دلي درد هجي. البت جي. ايم. سيد ۽ حيدر بخش خان جتوئي سنڌ ۽ سنڌين لاءِ ڪافي ڪجهہ ڪيو. هندستان جي ورهاڱي کان پوءِ ڏاڍا فساد ٿيا، جن ۾ پارت توڙي پاڪستان جي لاتعداد ماڻهن جون جانيون ويون. ڪيتريون ئي لڄالٽ جون وارداتون ٿيون، عورتون اغوا ٿيون ۽ ماڻهن جي وڏي پئماني تي لڏپلاڻ ٿي.

ان دوران اهو بہ ٻڌڻ ۾ آيو هو تہ راس مسعود، جيڪو سنڌ ۾ نوابشاهہ ضلع جو ڪليڪٽر هو، تنهن جا ٻہ جوان پٽ پارت ۾ فسادن ۾ مارجي ويا تہ هن جي دل ۾ انتقام وٺڻ جي باهہ پڙڪي. هن ڇا ڪيو جو نوابشاهہ مان هڪ سکن سان پريل ٽرين جيڪا رواني پئي ٿئي، اها ٽرين روڪرائي پوري ٽرين ۾ جيڪي سک هئا، سي سڀ جا سڀ شوٽ ڪرائي ڇڏيا. ان دور ۾ ڪراچي محدود شهر هو ۽ اڄ وانگر ڦهليل نہ هو. انهيءَ ڪري ڏاڍو صاف ستڪو هوندو هو. البت جهونا مارڪيٽ، بولٽن مارڪيٽ وارو ٽڪرو، گورڌنداس مارڪيٽ وارو علائقو، نيپيئر روڊ، لياري، مينادر، کارادر وارا علائقا ڪجهہ گهڻي آباديءَ وارا هئا جو واپار وڙو اوڏانهن مڙئي وڏيڪ هوندو هو. جهونا مارڪيٽ ۾ چندو حلوائيءَ جو حلوو ڏاڍو مشهور هوندو هو. باقي ڊينسو هال کان وٺي جناح صاحب جي مزار تائين، جنهن کي ان زماني ۾ بندر روڊ ايڪسٽينشن ڪري سڏبو هو سارو علائقو نهايت کليل ۽ صاف ستڪو هوندو هو. ڪياماڙيءَ پاسي توڙي صدر واري علائقي ۾ بہ ايڏي رش ڪانہ هوندي هئي. ڪلفٽن برج ٺهڻ کان پوءِ تہ رڳو پاڻي ئي پاڻي هوندو هو. سمنڊ جو ڪنارو پوءِ ايندو هو. جناح صاحب جي مزار پرسان بہ ڪي ٿورا ئي بنگلا ٺهيل هئا. شهر ۾ اڄ وچ واسطي بہ گهڻو ڪري ٽرام ۾ ماڻهو سفر ڪندا هئا. ٽرام تمام سستي سواري هوندي هئي. هلندي بہ چڱي خاصي تيز هئي. ٽرام جا روٽ، صدر سٽي کان ڪياماڙي (جيڪا صدر مان گذري بندر روڊ ڏي ويندي هئي) جهونا مارڪيٽ، نيپيئر روڊ تان گذرندي لياريءَ ويندي هئي ۽ هوڏانهن سولجر بزار بہ ويندي هئي.

ان زماني ۾ فلمي دنيا بہ اوج تي هئي. ڪيتريون نيون سئنيمائون زور شور سان ٺهنديون هيون. بندر روڊ تي پئليس ۽ صدر ۾ پئرادائيز سئنيمائون بہ سنيون ٺهيون هيون. فلمون بہ نهايت معياري ۽ اخلاق جي دائري اندر هونديون هيون. ائڪٽرن توڙي ائڪٽريسز جي ائڪٽنگ بہ دل کي ڏاڍي ڪشش ڪندڙ هئي. هونءَ تہ گهڻا ئي ائڪٽر توڙيي ائڪٽريسون مشهور هئا، پر پرٿوي راج، چندر موهن، (ائڪٽر) ۽ سوينا سمرتي، مڌو بالا ۽ نرگس (ائڪٽريسون) ڪنهن قدر وڏيڪ شهرت رکندڙ هيون.

ڪاليج جي فنڪشنن ۾ سشيلا مهتاڻي نهايت سنو ڳائيندي هئي. ”ننگڙا نماڻي دا جيوين تينوين پالٽا“ ڪلام تہ خاص ڪري دلڪش انداز ۾ ڳائيندي هئي. مان دادوءَ ۾ A.D.M واري ٽائيم ۾ هڪ پيري ٽاڻي بولا خان گشت تي ويو هوس. اتي هڪڙو بنگلو ڏيکاريائون، جيڪو وڏو ۽ ڪافي

سهڻو ٺهيل هو. چيائون تہ اهو سشيلا مهتاڻيءَ جي چاچي جو هو پر ان وقت اهو خستہ حالت ۾ هو. اندر رڪيل فرنيچر بہ پڄي پري ويو هو ۽ بنگلو خالي پيل هو.

B.Sc ڪرڻ کان پوءِ مون ٿورو وقت سئائل ڪلاسيفڪيشن (Soil Classification) آفيس ۾ نوڪري ڪئي. ان کان پوءِ وري فوڊ ڊپارٽمينٽ ۾ ڪجھہ عرصو نوڪري ڪئي. خراس صاحب ڊئريڪٽر فوڊ هو. خدا بخش خان سهاڳ مرحوم بہ اتي ئي تنهن وقت نوڪريءَ ۾ هو ۽ مون کان سينيئر هو پر پوءِ اتان ڇڏي روينيو کاتي ۾ آيو ۽ مختيارڪار ٿي رهيو.

مون کي انسپيڪٽر ماپ تور (Weights & measures) جي نوڪري ملي. پوسٽنگ شڪارپور ۾ ٿي. عملي ۾ هڪ مئينوئل اسسٽنٽ عبدالله سومرو ۽ هڪ پٽيوالو مولا بخش سومرو ئي هئا. شڪارپور ۾ تنهن وقت محمد ڇُٽل جهتيال مختيار ڪار ۽ ان سان گڏ رينٽ ڪنٽرولر بہ هو. هو اسان جي ڳوٺ ڀرسان جهتيالن جي ڳوٺ جو رهندڙ هو. مون ان کي رهائش لاءِ ڪنهن جاءِ جي الاٽ ڪرڻ لاءِ چيو جنهن چيو تہ جنهن جاءِ کي بند پيل ڏسين تہ ان جو تالو ڀڃي وڃي ويھہ. تنهن وقت هندو اجا تازو ئي لڏي ويا هئا. جايون ڪجھہ خالي پيل هيون. مان پوءِ هاٿي در تي علوي محلي ڀرسان، پنهنجي آفيس جي ويجهو هڪ وڏي بلڊنگ جو تالو توڙائي اتي رهيس. جڳھہ جي هيٺان شاهي گودام هو ۽ رهائش مٿي هئي. لکي در بہ اتان ويجهو ئي هو. جتي ارباب ۽ سندس ڀاءُ جهنگل جتي هينئر ڪٽنگ سئلون هئي، ..... جتان وار ٺهرائيندو هوس، سئلون جي سامهون سئنيما هائوس بہ هو. وقتي سئنيما بہ ڏسبي هئي. منهنجي آفيس جي سامهون پوسٽ آفيس هوندي هئي. آفيس جي ڀرسان ئي فيض محمد سومري جو پئٽرول پمپ هو جيڪو تنهن وقت جو وڏو ٽرانسپورٽر هو. جماڻي هال ٿورو پرڀرو هو جنهن جو ايوان گهڻو ڪري سمر جي ڀاڻيءَ سان ڀريل رهندو هو. هزاري در چڱي پنڌ تي هو.

صادق علي شاهہ ستي مسلم ليگ جو صدر هو. وقتي وقتي مون وٽ ايندو هو. هو مڙئي ڀنگ جو شوقين هو. انهيءَ ڪري ڪجھہ ڀنگ ۽ بادامين وغيره مون وٽ سدائين موجود هونديون هيون. انهن ڏينهن ۾ عبدالعليم عقيلي صاحب شڪارپور ۾ ريزيڊنٽ مئجسٽريٽ هو. محمد عثمان ٻٽ منهنجي ڳوٺائيءَ خط لکيو هو تہ ساڻس ملاقات ڪجانءِ. مون ان جي حوالي سان ساڻس ملاقات ڪئي هئي.

عقيلي صاحب شڪارپور مان بدلي ٿي وڃڻ کان پوءِ ٻہ ڀيرا ڪنهن ڪيس ۾ شاهدي ڏيڻ لاءِ شڪارپور آيو تہ ٻئي ڀيرا مون وٽ اچي ترسيو هو. حالانڪ هڪڙي وڪيل (غالبن سڪندر شيخ) ڪيس پاڻ وٽ رهڻ لاءِ چيو پر هن کي انڪار ڪيائين. ٻيو ڀيرو جڏهن آيو تہ منجهند جي مانيءَ کان ٿورو اڳ مون ڪيس مذاق ۾ چيو تہ ڀنگ پيئندئو. بس منهنجو ايترو چوڻ تہ چيائين وارو ڪر، گهوٽائي وٽ. ڀنگ ۽ بادامين تہ مون وٽ اڳيئي موجود پيون هيون. پٽيوالي کي چيم تہ گهوٽي وٽ. هوڏانهن گاڏيءَ جو ٽائيم بہ ويجهو پئي ٿيندو ويو. چيائين تہ اچ تہ ڀنگ پاڻ ٿا چاڻيون. پوءِ اسان ٻنهي

(عقيلي صاحب ۽ مون) گڏجي ڀنگ ڇاڻي جڳ ڀريو. عقيلي صاحب ڀنگ پي ماني کاڌي. پوءِ اسان ٻئي گڏجي ٽانگي تي چڙهي اسٽيشن ڏانهن وياسين، پر ريلوي ڦاٽڪ بند هو. گاڏي ڇٽڻ واري هئي، انڪري اسان ٽانگي تان لهي پيرن تي زور رکيو. پٽڙيءَ پرسان تکا تکا وڃي پليٽ فارم تي پهتاسين مس ته گاڏي به آهستي چرڻ شروع ڪيو ۽ عقيلي صاحب گاڏي ۾ چڙهيو ئي ته گاڏي ڇٽي.

سال 1948 ۾ وڏي ٻوڏ آئي هئي. ڇيائون پئي ته ٿوڙي بند ڀڳو آهي. شڪارپور شهر کي به خطرو آهي. مان تڏهن لاڙڪاڻي ۾ ادا غلام نبي مرحوم وٽ ترسيل هوس. هو اتي ريجنل فاريسٽ آفيسر R.F.O هو. ڀٽن صاحبن جي بنگلي، جيڪو گرين پئلس هوٽل جي سامهون آهي، ان ۾ هيٺ سندس آفيس هئي ۽ مٿي سندس رهائش هئي.

ٻوڏ جو ٻڌي مان شڪارپور ڊيوٽي تي روانو ٿيس، پر ٽرين رُڪ اسٽيشن کان اڳتي نه هلي، انڪري جو ريلوي لائين مٿان ٻوڏ جو تيز پاڻي پي وهيو. انهيءَ ڪري مان ۽ ٻيا ڪجهه مسافر ٽرين مان لهي پياسين، جو اسان سيني کي شڪارپور وڃڻو هو. سڀ گڏجي ريلوي پٽڙيءَ تي پنڌ ڪندا پئي وياسين ۽ پاڻيءَ جي تيز وهڪري ڪري آڌار طور لٺيون به هٿ ڪري پاڻ سان کنيون سين. رُڪ اسٽيشن ۽ حبيب ڪوٽ اسٽيشن وچ ۾ تي ڪئنال رائيس ڪئنال، دادو ڪئنال ۽ ڪيرٿر ڪئنال وهندا آهن. انهن ڪئنالن مٿان گذرڻ ۾ ڏاڍو ڊپ پئي محسوس ڪيوسين، ڇو ته ريلوي پٽڙي ۽ ريلوي سليپر به پاڻيءَ مان ڇڳيءَ طرح ڏسڻ ۾ نه پئي آيا جو سليپرن تي پير رکي آهستي آهستي ڪئنالن تان لنگهي پار پئجي. سليپرن جي وچ ۾ وٿيون هنيون. اتي انتظار ۾ بيٺا ئي هئاسين ته ايتري ۾ سکر جي پاسي کان ريلوي وارن جي هڪ ٽرالي ايندي ڏٺيسين، جنهن ۾ حبيب ڪوٽ اسٽيشن جي عملي لاءِ راشن کنيو پئي ويا. ٽرالي اسان وٽي پهتي ته ان تي چڙهي پياسين. ٽراليءَ وارن اسان کي چڙهڻ کان منع ڪئي، پر اسان کين چيو ته مهرباني ڪري اسان کي رڳو ڪئنالن کان ٽپائي پرتي ڪيو ته اسان لهي ويندا سين، جنهن تي انهن اسان کي واهه ٽپائي پرين پر ڪيو. پوءِ اسان سڀ ٽراليءَ تان لهي وري ريلوي پٽڙيءَ سان پنڌ ڪندا وڃي خير خوبيءَ سان شڪارپور پهتاسين. رُڪ اسٽيشن کان شڪارپور تائين اٽڪل تيرنهن ميل کن پنڌ ڪيوسين. خدا تعاليٰ جي مهرباني اها ٿي جو ٻوڏ جو زور ٿٽي ويو ۽ شڪارپور جو شهر، جيڪو خطري ۾ پئي ڇيو ويو، اهو بچي ويو.

جيئن ته ٻٽ سرائن مان شيخ اسان جا عزيز توڙي برادريءَ وارا يا ٻيا گهڻو ڪري لڏيندا پئي ويا، انهيءَ ڪري مان به نوڪريءَ تان استعيفا ڏئي ڳوٺ مان لڏي اچي لاڙڪاڻي رهيس، ڇو ته گهر ۾ ٻيو ڪو مرد ماڻهو سار سنڀال لاءِ ڪونه هو. مان لاڙڪاڻي جي دڙي محلي ۾ هڪ شيخ صاحب جي جڳهه جي مٿئين حصي ۾ ڪرايي تي اچي رهيس. هو هيٺ پاڻ فيملي سان رهي پيو. لاڙڪاڻي ۾ اچي پنهنجي سوٽ غلام حيدر مرحوم سان گڏجي بندر روڊ تي هڪ ڪرايي واري ميونسپل جي

دڪان ۾ دوائن جو دڪان کوليو پر دڪان ۾ اسان کي نقصان پيو جنهن ڪري اهو بند ڪري ڇڏيوسين.

مون پوءِ لاڙڪاڻي ۾ ئي روينيو کاتي ۾ 15.06.49 تي ڪلارڪ طور وڃي نوڪري ڪئي ۽ ترقي ڪندي A.D.M جي عهدي تان دادوءَ مان تاريخ 11.04.84 تي ست سالن جي عمر ۾ رٽائر ڪيو.

لاڙڪاڻي ۾ مستقل رهائش ڪرڻ لاءِ، مان الڳ جاءِ جي ڳولا ۾ هوندو هوس تہ خبر پئي تہ مرمان باغ محلي ۾ هڪ هندوءَ جي جڳهہ ۾ (جيڪو هندستان لڏي ويو هو) غلام دستگير خان ڀٽو رهندو آهي، جنهن جي پنهنجي ذاتي جڳهہ مڇي مارڪيٽ پاسي ٺهي پئي، جا ذري گهٽ اڇي مڪمل بہ ٿي آهي ۽ هو اوڏانهن هليو ويندو ۽ جڳهہ خالي ڪري ويندو. غلام دستگير خان ڀٽي جي پيٽيويي مرحوم عبدالغفور خان ڀٽي، جيڪو ان وقت سکر ۾ پوسٽ ماسٽر هو، سان منهنجي دعا سلام هوندي هئي. انهيءَ ڪري مان ان کان وڃي غلام دستگير خان ڏانهن خط وٺي آيس تہ موجوده جڳهہ خالي ڪرڻ وقت ان جو قبضو مون کي ڏي ۽ خط اڇي کيس ڏنم. هن مون کي جڳهہ خالي ڪرڻ جو ڏينهن ڏسيو ۽ چيائين تہ ان ڏينهن پنهنجو سامان کڻي اچي جاءِ ۾ رکجانءِ. مان سندس ڏنل ڏينهن تي سامان کڻي وڃي ان جاءِ ۾ رهيس. هن کي لک شابس هجي جو مون کان قبضي ڏيڻ لاءِ پائي پئسي جي تقاضا ئي نہ ڪيائين. جڳهہ تازي ئي ٺهيل پئي لڳي. سٺي حالت ۾ ۽ هيٺ مٿي (ڊبل سٽوري) هئي. ان ۾ رهڻ جي ڪافي گنجائش هئي. جڳهہ جي ايراضي 1200 ڪن چورس فُٽ هئي ۽ مرمان باغ وارو محلو بہ سٺو هو.

اها جڳهہ پوءِ مان سٽوڊين ڊپارٽمينٽ مان اٽڪل ڇهہ هزار ۽ ٻن سون رپين ۾ خريد ڪئي پر قيمت جي لحاظ کان ان جي ڪنفرميشن (Confirmation) ائڊيشنل سيٽلمينٽ ڪمشنر حيدرآباد کان ڪرائڻي هئي. تنهن وقت جيئن مان مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان تہ مسٽر محمد خان چاوڙو، جيڪو ميهڙ هاءِ اسڪول ۾ منهنجو ڪلاس فيلو هو، اهو ائڊيشنل سيٽلمينٽ ڪمشنر هو، ان کان وڃي ڪنفرميشن آرڊر وٺي آيس. ان جڳهہ ۾ مان 1948ع کان 1965ع تائين رهيس. انهيءَ دوران مون مسٽر عبدالوحيد ڪٽپر صاحب کان 3081 چورس فُٽ ايراضي جو پلاٽ باقراڻي روڊ تي پنج رپيا في چورس فُٽ جي حساب سان خريد ڪيو هو. جنهن تي پوءِ جڳهہ ٺهرائي سيپٽمبر 1965ع (65 واري لڙائيءَ مهل) ۾ وڃي رهيس ۽ مرمان باغ واري جڳهہ مون ادا غلام نبيءَ کي سترهن هزار رپين ۾ وڪرو ڪري ڏني، جنهن ۾ هينئر سندس پٽ سعيد احمد رهندو آهي. مان باقراڻي روڊ تي ٺهرايل جڳهہ ۾ سيپٽمبر 1965ع کان سيپٽمبر 1996ع تائين، پورا 31 سال، رهيس. سيپٽمبر 1996ع ۾ مون ئي ان پوري جڳهہ کي ڊهرائڻ شروع ڪيو ۽ مڪمل طور ڊهرائي پٽ ڪيو.

جڳهہ کي پٽ ڪرائڻ کان پوءِ پلاٽ جي ڪل ايراضي 3081 چورس فُٽن مان 1108 چورس فُٽ ايراضي ڊاڪٽر امان الله شيخ کي وڪرو ڪري ڏني. باقي 1973 چورس فُٽ ايراضيءَ تي نئين

جڳهه ٺهرائي نومبر 1997ع ۾ وڃي ان ۾ وينس. 3 مئي 2000ع تائين ان جڳهه ۾ رهيس. انهيءَ دوران مون پنهنجي ننڍي فرزند محمد سليم جي اپريل 1998ع ۾ شادي ڪرائي.

محمد سليم تنهن وقت سکر ۾ نوڪريءَ ۾ هو. جتان ڪيس بدلي ڪري حيدرآباد ۾ مقرر ڪيو ويو. انهيءَ ڪري 3 مئي 2000ع تي لاڙڪاڻو ڇڏي، اسان پوريءَ فيمليءَ سوڌو حيدرآباد ۾ مستقل طور رهائش ڪئي آهي.

لاڙڪاڻي واري جڳهه بند پئي هئي، جا پوءِ 21 جون 2001ع کان فوجي فائونڊيشن وارن کي ڊسپينسري کولڻ لاءِ ٽن سالن لاءِ 8000 رپيا في ماهه ڪرايي جي حساب سان ڏنل هئي، جنهن جو مدو 20 جون 2004ع تي پورو ٿيو هو تہ وري وڌيڪ ٽن سالن لاءِ مدو وڌايو ويو آهي، جو 20 جون 2007ع تي پورو ٿيو. اها فوجي فائونڊيشن واري ڊسپينسري ڊاڪٽر محمد علي کوکر صاحب انچارج ميڊيڪل آفيسر جي نگرانيءَ ۾ هلي رهي آهي.

روينيو کاتي ۾ نوڪريءَ جي شروعات

مان روينيو کاتي ۾ 15.06.1949 تي ڪلارڪ ٿي نوڪري ۾ گهڙيس. مان B.Sc گرئجوئيٽ هوس. انهيءَ ڪري مئٽرڪ واري ڪلارڪ کان چار سالياڻيون اضافي انڪريمينٽن سميت شروعاتي پگهار 62 رپيا ماهوار ملندي هئي. مئٽرڪ واري ڪلارڪ جي شروعاتي ماهوار پگهار 50 رپيا هئي ۽ سالياڻو اضافو 3 رپيا ماهوار ملندو هو.منهنجي پهرين پوسٽنگ ڊپٽي ڪليڪٽر قمبر سب ڊويزن جي آفيس ۾ ڪلارڪ طور ٿي. ان وقت ڊپٽي ڪليڪٽر نور محمد خان پٺي صاحب هو. مئٽرڪ پاس ڪلارڪ کي پهريان کاتي جو امتحان (Sub _ Service Departmental) ڏيڻو پوندو هو. ان کان پوءِ ئي ڪيس هائر جي امتحان ۾ ويهڻ جي اجازت ملندي هئي، پر گرئجوئيٽ ڪلارڪ کي اهو امتحان نہ ڏيڻو پوندو هو. ڪيس ڏيڍ سال ڪلارڪي جي عرصي کان پوءِ هائر جي امتحان ۾ ويهڻ جي اجازت ملندي هئي، پر ان اجازت ملڻ کان اڳ ۾ ڇهہ مهينا تعلقي ۾ ٽريننگ وٺڻ لاءِ لازمي طور ڪلارڪ ٿي رهڻو پوندو هو. هائر جي امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ ئي روينيو کاتي ۾ مٿين عهدن تي ترقي ملندي هئي. مان ڊپٽي ڪليڪٽر جي آفيس ۾ 15.06.49 کان 17.04.50 تائين رهيس. ان کان پوءِ مون کي بدلي ڪري ڏوڪري تعلقي آفيس ۾ مقرر ڪيو ويو. جتي مان 17.04.50 تي ئي وڃي چارج ورتي. تعلقي آفيس ڏوڪريءَ ۾ ان وقت ٻيا ڪلارڪ نصير محمد ڀُٽو، غلام مصطفيٰ ڀُٽو ۽ عبدالله چنو هئا.جيئن تہ جنهن ڪلب ۾ ٻيا ڪلارڪ رهندا هئا ۽ ان ۾ وڌيڪ ڪنهن جي رهڻ جي گنجائش ڪانہ هئي، انهيءَ ڪري رهائش لاءِ مسٽر غلام نبي شيخ، جيڪو ڏوڪري هاءِ اسڪول جو هيڊ ماسر صاحب هو، ان بورڊنگ هائوس ۾ مٿي هڪ ڪمرو ڏنو هو (جنهن لاءِ مان سندس ٿورائتو آهيان). باقي ماڻي ڪلارڪن واري ڪلب ۾ ئي ڪائيندو هوس. مون کي سيڪنڊ منشيءَ جي ٽيبل ڏني وئي. نصير محمد ڀُٽو خزانچي هو. سيڪنڊ منشي ۽ خزانچيءَ جون ٽيبلون آفيس ۾ مٿي ٽلهي تي هيون، جيڪي ٻئي هڪٻئي جي پرسان هيون. باقي ٻين ڪلارڪن جون ٽيبلون هيٺ رکيل هيون.

جيئن تہ ان وقت ۾ ڏوڪريءَ ۾ نئشنل بئنڪ جي برانچ نہ هوندي هئي، انهيءَ ڪري پئسي جي ڏيتي ليتي تعلقي آفيس ۾ ئي سب ٽريزي ذريعي ٿيندي هئي. سب ٽريزي آفيسر هونءَ تہ مختيارڪار ئي هوندو هو، پر اهو ڪم تعلقي هيڊ منشي تي ڇڏيل هوندو هو. وصولي (ڊل جي) ڪري رقم گهٽي ٿي ويندي هئي تہ اها نئشنل بئنڪ لاڙڪاڻي موڪلبي هئي يا جڏهن وري بلن جي ادائگي ڪرڻ لاءِ وڌيڪ پئسن جي ضرورت پوندي هئي تہ نئشنل بئنڪ کان ئي گهرائبا هئا. استامپ وغيره بہ لاڙڪاڻي نئشنل بئنڪ کان گهرائبو هو.

ان وقت تعلقہ مختيارڪار قادر بخش خان لاڙڪ مرحوم ۽ تعلقہ هيڊ منشي رسول بخش خان ميراڻي هئا. آفيس ۾ هڪ ڪوٺي هوندي هئي، جنهن کي Strong room ڪوٺبو هو جنهن ۾ هڪ ٿجوڙي رکيل هوندي هئي، جنهن کي ڊبل لاڪ ڪري سڏيو ويندو هو. جنهن جي هڪ چابي هيڊ منشيءَ وٽ ۽ ٻي خزانچي وٽ هوندي هئي. رقم جڏهن روزانو ڏيتي ليتيءَ ۾ گهٽي جمع ٿيندي هئي تہ اها هيڊ منشي ۽ خزانچي گڏجي وڃي رکندا هئا يا وري ادائگين لاءِ گهرج هوندي هئي تہ بہ ٻئي گڏجي وڃي اتان ڪڍائيندا هئا. باقي روزانو ڏيتي ليتيءَ کان پوءِ جيڪا ٿوري رقم رهندي هئي تہ اها خزانچيءَ کي مليل پيتيءَ ۾ رهندي هئي. روزانو آفيس ٽائيم کان پوءِ اها پيتي بہ سٽرانگ روم ۾ ئي رکبي هئي ۽ ان جي چابي خزانچيءَ وٽ ئي هوندي هئي.

سٽرانگ روم کي ٻاهران ٻہ تالا لڳايا ويندا هئا، جن مان هڪ جي چابي هيڊ منشيءَ وٽ ۽ ٻي خزانچي وٽ رهندي هئي. تالن مٿان سيل هڻبي هئي ۽ اها انچارج گارڊ کي گهرائي ڏيکاربي هئي، جا هو صحيح ڏسي هيڊ منشيءَ کي اهڙي تصديق جي رپورٽ ڪندو هو.

هڪ ڏينهن ڇا ٿيو جو مير محمد پلهہ تپيدار ڍل جي وصوليءَ جا 13000 (تيرنهن هزار) کن رپيا چالان ناهي خزاني ۾ پيارڻ آيو پر ڏيتي ليتيءَ جو وقت ختم ٿي ويو هو ۽ اڪائونٽ جا ڪتاب بہ بند ٿي چڪا هئا. انهيءَ ڪري اها ڍل واري رقم ان ڏينهن جمع نہ ٿي سگهي. مير محمد پلهہ تپيدار پوءِ چالان ۽ رقم واري ٿيلهي خزانچي نصير محمد ڀٽي کي ڏني تہ حال في الحال پنهنجي پيتيءَ ۾ وجهي رکي ۽ صبح جو پياري ڇڏي. خزانچي هن کان ٿيلهي تہ ورتي پر پيتي ۾ وجهڻ هن کان وسري وئي ۽ اها ٻاهر ئي کانئس رهجي وئي. آفيس بند ٿيڻ کان پوءِ موالي ميري پٽيوالي جڏهن آفيس جي روزاني صفائي پئي ڪئي تہ هن اها ٿيلهي ڏٺي، جا هن کڻي وڃي رڪارڊ روم ۾ محفوظ ڪري رکي ڇڏي. صبح جو جڏهن آفيس ۾ آياسين، تڏهن ميرو پٽيوالو خزانچيءَ جي سامهون مشڪندو پئي ڦريو ۽ ڪيس چيائين پئي تہ ميان ڪا شيءِ گم تہ ڪانہ ٿي اٿئي. پر هن جو ايڏانهن ڌيان ئي نہ پئي ويو. ڪجهہ دير کان پوءِ ميري پٽيوالي اها ٿيلهي رڪارڊ روم مان کڻي اچي ڪيس ڏني، جنهن مان چالان ۾ ڏيڪاريل رقم مان هڪ رپيا بہ گهٽ ڪونہ هو. اها هئي اڳي موالين ۾ بہ ايمانداري، هاڻي وارن موالين جا پرڪار تہ سيني کي ساريا پيا آهن. ميري موالي پٽيوالي پنهنجي باري ۾ بہ دلچسپ ڳالهيون بہ ٻڌايون هيون جن جو ذڪر هيٺ ڪجي ٿو.

هن ٻڌايو تہ پاڪستان اچا وجود ۾ نہ آيو هو. تعلقہ هيڊ منشي ديوان صاحب هوس. جنهن لاءِ مان هڪ گهر مان روز کير وٺي ايندو هوس. هڪڙي ڏينهن کير وٺڻ ويس. هن اهو مون کي آڻي ڏنو. اچا هيٺ هن جي گهر جي در وٽ ئي ويٺو هوس. کير وارو ٿانءُ وٺي آڏو رکيل هو. مون کي ننڊ جي پنڪي لڳي وئي. ايتري ۾ گهر ڌياڻي يا گهر جي ٻي ڪنهن عورت در سان لڳ ڪاڪوس ۾ پيشاب ڪرڻ ويٺي. مان ان ڪاڪوس جي ٻاهران ئي ويٺو هوس تہ مائيءَ جي پيشاب جي شررات تي اوچتو منهنجي اک کلي تہ هڪل ڪري مائيءَ کي چيم، ڪوبلي اهو ڇا ٿي ڪرين ۽ ديوان جي کير ۾ پاڻي

چو ٿي ملائين! مائي پوءِ وڃي پنهنجي مرد کي اٿاريو جنهن پوءِ مون کي چيو ته اڙي ميرا موالي اڃا اتي وينو آهين. ڪير جو توکي ڏئي ويو هوس اهو آڏو پيو اٿئي. پوءِ مان ڪير وارو ٿانو ڪٽي هليو آيس.

هن پنهنجي باري ۾ ٻي ڳالهه ٻڌائي ته هڪڙي ڏينهن ڏوڪري اسٽيشن جي پليٽ فارم تي بينو هوس ته اتي هڪڙو همراهه هڪ نهايت خوبصورت ڇوڪريءَ ساڻ ڪيون پليٽ فارم تي گاڏيءَ جي انتظار ۾ بينو هو. ڪيس اها ڇوڪري ڏاڍي وڻي وئي ۽ ور ور ڪري ڪيس چتائي پئي ڏٺائين. آخر اهو همراهه ڪيس جهاڙي ويو ۽ پرسان اچي چيائين ته ڇوڪري وڻئي ٿي نه. جنهن تي هن ڪيس هاڪار ۾ جواب ڏنو. پوءِ ان ماڻهوءَ ڪيس چيو ته ڇوڪري سندس ڏيءَ آهي جي تون چوين ته توسان پرڻايانس، جنهن هن خوش ٿي ڪيس هائوڪار ڪئي جو ڇوڪري ڪيس ڏاڍي وڻي وئي هئي، پر اڳلو همراهه بہ پڪو هو. ڪيس چيائين ته سندس ڏيءَ کي ڪجهه آرزو آهي. ان جي علاج جي دوا لاءِ حڪيم ڳجهه جي ٻِتي آڻڻ لاءِ چيو آهي. اهو هٿ ڪري ڏي. هن چيو ته، اهو ڳجهه جو پتو ڪٿان آڻيان، پر همراهه ڪو مورڳو اڳئي هڪ ڏونڊ سامهون ڏٺو هو. جنهن کي ڳجهين پئي پٽيو. سو ڪيس چيائين ته هو سامهون ڏسين ٿو ڏونڊ کي ڳجهون پٽن پيون، انهن مان وڃي هڪ بہ پڪڙي آءُ. هن جي چوڻ تي هن ڇا ڪيو جو اڇي چادر مٿان وجهي وڃي ڏونڊ جي پرسان آهستي وڃي ليٽي پيو. پوءِ جيئن تي ڳجهون ڏونڊ کي چڪڻ آيون ته هن ڪٽي هڪ ڳجهه جي ڄنگهه ۾ هٿ وڌو ئي مس ته ان سندن نڪ ۾ چڪ وجهي ڇڪي وري هيٺ اڇلايو ۽ بہ تي دفعا ساڻس ان ڳجهه اهڙي تعدي ڪئي ۽ هو رتورت ٿي ويو. پوءِ هن جي رڙين تي ماڻهن اچي ڪيس ڇڏايو. هو رت ڳاڙيندو آيو ۽ ديوان هيڊ منشيءَ وٽ ويو. جنهن ڪيس ڏسي چيو هيءُ توکي ڇا ٿيو آهي ته هن ڪيس چيو ته هڪڙو ماڻهو ساڻس ريلوي پليٽ فارم تي وڙهيو آهي ۽ ان اها حالت ڪئي آهي. هيڊمنشيءَ ٻئي پٽيوالي کي ان همراهه کي وٺي اچڻ لاءِ روانو ڪيو. جو تڪڙو تڪڙو وڃي ان کي ڇوڪريءَ سوڌو وٺي آيو. جو ٽرين اڃا ڪانه آئي هئي. ديوان هن کي ڏاڍي ڇنڊ پٽي ته تون اسان جي پٽيوالي سان ڇو وڙهيو آهين. سندس هيءَ حالت ڪئي اٿئي. جنهن تي ان ماڻهوءَ هيڊ منشي صاحب کي چيو ته سائين هيءُ ڪوڙ ٿو ڳالهائي. هن ڪيس سربستو مٿيون احوال ٻڌايو. جيڪو ٻڌي هيڊ منشيءَ ميري پٽيوالي ڏاڍي ڦٽ لعنت ڪئي ۽ ان ماڻهوءَ کي سندس ڇوڪريءَ سوڌو وڃڻ جي اجازت ڏني.

اسان تعلقه آفيس جي ملازمن مان ٻن ڄڻن مان ۽ مير نصير محمد پٽي هائر جو امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ ترقي ڪري S.D.M جي عهدي تي پهچي رٽائر ڪيو. غلام مصطفيٰ پُٽو پوليس کاتي ۾ سب انسپيڪٽر ٿيو. پر جوانيءَ ۾ ئي وفات ڪري ويو. عبدالله چنه هائر امتحان ڪونه ڏنو. باقي ڇڳي عرصي کان پوءِ سينيارٽيءَ جي لحاظ کان هيڊ منشيءَ جي عهدي تي پهچي هن رٽائر ڪيو.

مونکي ڏوڪري تعلقه آفيس ۾ ٽريننگ جا ڇهه مهينا پورا ٿيا ته مون کي تار تي بدلي ڪري لاڙڪاڻه ڪليڪٽر صاحب جي آفيس ۾ انسپيڪيشن برانچ ۾ ڪلارڪ ڪري مقرر ڪيو ويو. جتي تاريخ 20 آڪٽوبر 1950ع تي اچي چارج ورتم. ان وقت مسٽر عبدالوارث شيخ نائب دفتردار

هو ۽ ٻيا ڪلارڪ مرحوم محمد خان وڏو (ويٽل قمبر) ۽ علي اڪبر شاهه (ويٽل نئون ديرو) هئا. اسان جي Combination ڏاڍي سٺي هئي. نائب دفتردار صاحب بہ ڏاڍو دلچسپ ماڻهو هو. سندس ڳالهائڻ سدائين جهيڻو ۽ بنا ڪنهن ڪاوڙ جي هوندو هو. ان وقت انسپيڪشن برانچ وارا اسان سڀ نائب دفتردار توڙي ڪلارڪ رشوت کان البت پري هوندا هئاسين. باقي جڏهن تعلقہ آفيسن ۾ ساليانی انسپيڪشن تي ويندا هئاسين تہ جيڪا انسپيڪشن جي شرح مقرر هوندي هئي اها وٺڻ ۾ اسان انڪار ڪونہ ڪندا هئاسين، جا تعلقي جي وليج عملہ (تپيدارن کان ملندي هئي ۽ نہ ڪنهن پبلڪ جي ماڻهوءَ کان.

سال 1951ع ۾ نوابزادو احمد سلطان احمد چانڊيو صوبائي اسيمبليءَ جي ميمبريءَ لاءِ چونڊ ۾ اليڪشن ۾ بيٺو هو. ان جي مقابلي ۾ مسٽر حيدر بخش جتوئي بيٺو هو. جنهن کي ڏاڍي تڪليف ڏئي سج ۾ ڦٽو ڪيو ويو هو. علي گوهر خان بگٽيءَ جي سربراهيءَ ۾ مان ۽ ٻيا ڪلارڪ غيبي ديري واري پولنگ اسٽيشن تي ڊيوٽيءَ لاءِ ويا هئاسين. محمد يوسف چانڊيو نٿي وارو بہ سلطان احمد چانڊئي جي اليڪشن مهم لاءِ آيو هو. پولنگ ختم ٿيڻ کان پوءِ اسان ڊيوٽيءَ تي آيل عملي واري سيني نواب غيبي خان چانڊئي سان ملاقات ڪئي هئي. هو ڏاڍو پيرسن ٿي چڪو هو ۽ ڏاڍو سخي مرد هو. هن سال 1954ع ۾ وفات ڪئي.

مان روينيو کاتي ۾ اهو ئي ارادو ڪري گهڙيو هوس تہ هائر جو امتحان پاس ڪري مٿي ترقي ڪيان، ڇاڪاڻ جو ان کان سواءِ ترقي مشڪل هوندي هئي. سڄي عمر ڪلارڪيءَ ۾ ڳهڻو پوندو هو. انهيءَ ڪري ڪلارڪيءَ دوران ئي مون هائر جي امتحان جي ڪورس وارا ڪتاب، گهر ۾ پڙهڻ شروع ڪيا هئا. بهرحال تاريخ 11.12.51 کان هائر جي امتحان ڏيڻ لاءِ Study leave (موڪل) ورتم. انهيءَ دوران مون ڪورس جا سڀ ڪتاب مڪمل طور پڙهي ڇڏيا هئا. جيئن تہ ان وقت منهنجي گهر ۾ بجلي ڪانہ هئي، انهيءَ ڪري مان مسٽر عبدالوحيد ڪٽپر وڪيل جي جڳهہ ۾ مٿي ڪمري ۾ پڙهندو هوس، جو ان وقت سندس شادي بہ ٿيل ڪانہ هئي. پاڻ اڪيلو هيٺ رهندو هو. سندس آفيس ۽ لئبرري بہ هيٺ ئي هونديون هيون. سندس جڳهہ ٽائون ٽاڻي جي بلڪل ويجهو هوندي هئي، جيڪا منهنجي جاءِ کان بہ ڪو گهڻو پري ڪانہ هئي. ڪجهہ ٽائيم کان پوءِ عبدالله انصاري مرحوم بہ هائر جي امتحان جي تياري ڪرڻ لاءِ موڪل ورتي، هو اڳ هڪ پيرو فيل ٿيو هو. هي سندس ٻي اٽيمپٽ (Attempt) هئي. هن مون کي چيو تہ هو بہ مون سان گڏ اتي ئي پڙهندو. عبدالوحيد ڪٽپر هن جو بہ دوست هو. انڪري ڪيس بہ عبدالله انصاريءَ جي مون سان گڏ ڪمري ۾ پڙهڻ تي اعتراض ڪونہ هو. اسان ٻئي گڏجي امتحان جي تياري ڪرڻ لڳاسين. جڏهن امتحان جا ڏينهن ويجها آيا تہ ٻئي ڪراچيءَ ڏانهن روانا ٿياسين. امتحان سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن وٺندي هئي. امتحان جو سينٽر ڪراچيءَ ۾ ئي هو. اسان لاڙڪاڻي کان پهريائين دادوءَ آياسين. منهنجو چاچو غلام محمد مرحوم اتي ئي نوڪري ءَ ۾ هو. چاهيم تہ ان کان موڪلائيندو وڃان. دادوءَ مان

روانگيءَ وقت چاچي غلام محمد خان چيو تہ سيوهڻ ۾ قلندر لال شهباز جي مزار مبارڪ جي زيارت ڪجو، دعا گهرجو. مولوي عزيز الله اتي قلندر شهباز واري مسجد ۾ ئي نماز پڙهندو اٿوَ ان کان بہ دعا گهرائيندا وڃجو. اسان ٻئي پوءِ سيوهڻ شريف اچي رات چنيسر خان بروهي (جيڪو اتي ان وقت هيڊ منشيءَ هو) وٽ ترياسين. صبح جو فجر جي نماز ان مسجد ۾ پڙهي مولوي عزيز الله صاحب جن کي چيو تہ اسان ٻنهي جي حق ۾ دعا گهري. مولوي صاحب جن مون کي چيو تہ تون امتحان تي نہ وڃ جو تو پڙهيو ئي ڪونهي ۽ عبدالله انصاريءَ کي چيائين تہ تون پلي وڃ ۽ پوءِ دعا گهريائين. مان اتي ٿورو دلشڪستو ٿي پيس. سيوهڻ اسٽيشن تي پهچي مان پنهنجي لاءِ لاڙڪاڻي جي ۽ عبدالله انصاريءَ لاءِ ڪراچيءَ جي ٽڪيٽ دريءَ تان پئي ورتي. ٻنهي گاڏين جي سيوهڻ اسٽيشن تي ڪراسنگ هئي. منهنجين ٽڪيٽن وٺڻ بابت عبدالله انصاري ٻڌي (مرحوم کي خدا جنت ۾ جاءِ ڏي) مون کي چيو تہ اهو ڇا ٿو ڪرين. مون کي ٽڪيٽ وٺڻ واري دريءَ کان هٽائي پاڻ ٻنهي لاءِ ڪراچيءَ جون ٽڪيٽون ورتائين. اسان ٻئي پوءِ ڪراچي اچي جناح ڪورٽس هاسٽل ۾ رهياسين. امتحان جو سينٽر N.J.V هاءِ اسڪول ۾ هو. جتي روزانو امتحان ڏيڻ ويندا هئاسين. ڪُل نو پيپر هئا، جن مان روزانو ٻہ پيپر ٿيندا هئا ۽ آخري ڏينهن هڪڙو پيپر هوندو هو. امتحان ۾ ڪي پيپر بنا ڪتابن جي ۽ ڪي ڪتابن سان هوندا هئا، جن لاءِ سوالن جا جواب ڪتاب مان ڏسي ڏئي سگهبا هئا.اهڙي اجازت هئي، هڪڙي ڏينهن With Books وارو پيپر هو تہ پيپر هلندي منهنجي پٽيان ويٺل هڪ اميدوار هڪ سوال جي جواب واري ڪتاب جو سيڪشن نمبر پڇيو. جوڪيس مون ٿورڙو ڪنڌ ورائي ٻڌايو. اهو شايد پبلڪ سروس ڪميشن جو ملازم هو. جيڪو اميدوارن مٿان نظرداري ڪرڻ لاءِ بيٺل هو تہ جيئن امتحان ۾ ڪاپي نہ ڪن. ان ڏسي ورتو ۽ هڪدم مون وٽ اچي چيائين تہ تو ايئن ڇو ڪيو. مون ان سان وڏيڪ ڪجهہ ڪونہ ڳالهايو. جو مون کي ڊپ ٿيو تہ مورڳو امتحان هال مان ئي نہ ٻاهر ڪڍي ڇڏي. اهڙو اختيار وٽس هو. خير سان امتحان ڏئي آچر جي ڏينهن واپس لاڙڪاڻي پهتاسين. امتحان ۾ ڪل 42 اميدوار ويٺا هئاسين، جن مان رڳو 14 پاس ٿياسين ۽ 28 ڇٽا فيل ٿيا. مان سنڌ ۾ پهرئين نمبر تي آيس. عبدالله انصاري نائين نمبر تي آيو. لاڙڪاڻي مان مون ۽ عبدالله انصاري سان گڏ قمرالدين پٽي ۽ ڪو هڪ ٻيو بہ امتحان ۾ ويٺا هئا، پر اهي فيل ٿيا. مان اپريل 1952ع واري ٽرم ۾ امتحان ۾ ويٺو هوس، جنهن جو نتيجو جون 1952ع تي ظاهر ٿيو. سال ۾ امتحان جو ٻيو ٽرم آڪٽوبر کان پوءِ هائر جو امتحان ڏئي موٽڻ کان پوءِ مان مولوي صاحب محمد قاسم مشوري ۽ حافظ امام بخش جن کان پنهنجي ڪاميابي لاءِ الله تعاليٰ کان دعا گهرائڻ ويو هوس تہ حافظ امام بخش صاحب جن منهنجي سيني تي هٿ رکي چيو تہ الله تبارڪ تعاليٰ تي ڀروَسو رک. هو انشاءَالله توکي ڪامياب ڪندو. مان پنهنجي هائر جي امتحان ۾ ڪاميابي ۽ پوري سنڌ ۾ پهرين نمبر تي اچڻ کي قدرت جو هڪ معجزو ئي سمجهندو آهيان، ڇاڪاڻ جو مولوي عزيز الله صاحب جن جي منع ڪرڻ تي (جنهن جو ذڪر مٿي ڪري آيو آهيان) ايترو تہ دلشڪستو ٿيو هوس، جو امتحان

۾ ويهڻ جي وري همت نہ ساري سگهان ها. الله پاڪ جا لک احسان آهن، جنهن مون کي ڪامياب ڪري منهنجو مستقبل روشن ڪيو نہ تہ سڄي زندگي ڪلارڪيءَ ۾ ئي ڳهجي ڳهجي برباد ٿي وڃي ها.

مان آچر تي ڪراچيءَ امتحان ڏئي واپس لاڙڪاڻي آيس تہ منهنجي پٽ ارشاد احمد کي بخار ٿي پيو. هو منهنجو پهريون ٻار هو ۽ سندس عمر اٽڪل ٽي سال ڪن هئي. سندس علاج هلي رهيو هو پر سندس طبيعت ۾ ڦيرو ڪونہ پئي آيو. بخار تمام وڌي ويو هو ۽ رات ٿي وئي هئي. مان پوءِ ٽانگو ڪري ٽانگي واري کي چيم تہ ڊاڪٽر ادريس ڏي هل، جنهن تي هن چيو تہ ڊاڪٽر ادريس ڪونہ ايندو جو دير ٿي وئي آهي. گذريل رات بہ هڪڙو ماڻهو هن ڏي ڪيس وٺي ويو هو پر ڊاڪٽر ادريس ڪونہ آيس. ڪيس مون پوءِ چيو تہ چڱو ڀلا ڊاڪٽر مقبول الحق ڏي هل، ڊاڪٽر مقبول الحق يڪدم رات وارن ڪپڙن ۾ ئي هليو آيو ۽ ٽانگي تي چڙهي جڏهن ڊاڪٽر صاحب کي ساڻ ڪري گهر وٽ پهتس تہ ٻڌايائين تہ ڪڪڙو وفات ڪري ويو. مان ڊاڪٽر صاحب کي في ڏني پئي، پر هن منهنجي گهٽي اسرار کان پوءِ بہ نہ ورتي. پوءِ ڪيس ٽانگو ڪري ڏنم، جنهن تي چڙهي هو واپس گهر ويو. ان وقت ۾ لاڙڪاڻي شهر ۾ ڪي گهڻا ڊاڪٽر ڪونہ ٻڌبا هئا، نہ وري ڪي گهڻيون ليڊي ڊاڪٽر ئي هونديون هيون. ڊاڪٽرن ۾ گهڻو ڪري چئن ڊاڪٽرن وٽ مريض علاج ڪرائڻ لاءِ ويندا هئا. 1. ڊاڪٽر ابوطالب 2. ڊاڪٽر ڪئپٽن، ايس ايم ادريس، 3. ڊاڪٽر بدرالحق ۽ 4 ڊاڪٽر مقبول الحق. سيني جي ڪلينڪ بندر روڊ تي هوندي هئي.

ڊاڪٽر ابو طالب جي ڪلينڪ ٽانگا اسٽينڊ پرسان بندر روڊ تي ڪنڊ تي هوندي هئي. ان جي بورڊ تي تہ ڊگريون چڱيون لکيل هونديون هيون، پر ڇا ٿيو جو هن جا بہ مريض انجيڪشن هڻڻ وقت فوت ٿي ويا. انهيءَ ڪري هن بدنامي ٿيڻ سبب لاڙڪاڻو ڇڏي وڃي لاهور وسايو. ليڊي ڊاڪٽرياڻيون بہ، بہ ٻڌڻ ۾ ايندیون هيون، جيڪي مشهور هيون. هڪڙي بيگم اشرف عباسي، جيڪا سول اسپتال ۾ هوندي هئي. ٻي هئي سرلا ديوي، جيڪا گهڻو ڪري تہ ميونسپل ۾ نوڪريءَ ۾ هئي.

مان هائر جي تياري پئي ڪئي تہ هڪڙي نهايت دکدائڪ خبر ٻڌم تہ منهنجو مامو گل حسن شيخ انتقال ڪري ويو آهي. هو ڪراچي ميڊيڪل ڪاليج ۾ پڙهندو هو. ان جو لاش ڪراچيءَ مان ڪٽايون پئي آيا. اهو ٻڌي مان اوڏانهن ويس تہ ٿوري وقت کان پوءِ لاش بہ پهتو. اتي خبر پئي تہ هن زهر پي آپگهات ڪيو هو. مون جڏهن هن جو منهن ڏٺو تہ هن جي چهري ۾ ڪابہ تبديلي نہ پئي نظر آئي. ايئن پئي لڳو جيئن ننڊ پيو هجي. شڪل ۾ پورو هو. ان وقت بہ اهڙو ئي پورو پئي لڳو. البت هن جي پيرن جا آڱوٺا ساوا هئا. اها خبر نہ پئجي سگهي تہ هن آپگهات ڇو ڪيو هو.

مان لاڙڪاڻي هيڊ آفيس ۾ نوڪريءَ ۾ هوس تہ منهنجو مرشد سائين غلام مرتضيٰ شاهہ صاحب ۽ سندن فرزند سائين محمد شاهہ جن حج تان موٽيا هئا. لاڙڪاڻي ۾ حاجي حسين بخش

شيخ سندن مريد هو. انهيءَ وٽ آيا هئا. مان بہ ڪين پنهنجي جڳهہ تي برڪت خاطر وٺي آيو هوس. چڱو وقت ترسي منهنجي ۽ منهنجي گهر ڀاتين لاءِ دعا خير گهري پوءِ روانا ٿي ويا.

پنهنجي هيڊ منشيءَ واري دور بابت ذڪر ڪرڻ کان اڳ مسٽر غلام حيدر چنڙ جيڪو لاڙڪاڻہ ضلع ۾ اسسٽنٽ ريهئبليٽيشن مختيارڪار ٿي آيو هو تنهن پنهنجي هيڊ منشيءَ واري وقت جو هڪ قصو ٻڌايو جيڪو هتي ورجائڻ چاهيان ٿو.

مسٽر غلام حدر چنڙ زباني، تہ هُو تعلقہ شهدادپور (ضلع سانگهڙ ۾ هيڊ منشي هو تہ هڪ ڏينهن سندس ڪورٽ ۾ ٽرئفڪ قانون جي ڀڃڪڙيءَ جي ڪيس جو چالان پيش ٿيو جنهن ۾ ڄام ڪانيو خان (مرحوم ڄام صادق عليءَ جو والد) ۽ ان جو ڊرائيور جوابدار ڄاڻايل هئا. ان دور ۾ اهڙا ڪيس هيڊ منشي، جيڪو ٽرڊ ڪلاس مئجسٽريٽ بہ هوندو هو جي ڪورٽ ۾ هلندا هئا. دراصل قصو اهو هو جو ڄام ڪانيو خان پنهنجي فارم ۾ وڃي رهيو هو. ڪار سندس ڊرائيور هلائي رهيو هو. ٽرئفڪ قانون جي خلاف ورزي ڪرڻ تي ڊيوٽيءَ تي بيٺل ٽرئفڪ هيڊ ڪنسٽيبل ڪين گاڏي روڪڻ جو اشارو ڪيو. جنهن تي ڄام ڪانيو خان ناراض ٿيو. سندس ڊرائيور گاڏي روڪي اچي هيڊ ڪنسٽيبل کي منهن تي چمات هڻي ڪڍي. ڪيس چيائين تہ ڏسين نہ ٿو تہ ڪار ۾ ڄام ڪانيو خان ويٺل آهي. هيڊ ڪنسٽيبل ٽاٽي تي وڃي ٻنهي خلاف ٽرئفڪ قانونن جي خلاف ورزيءَ جي فرياد F.I.R داخل ڪرائي. ڪيس جو چالان مسٽر غلام حيدر چنڙ جي ڪورٽ ۾ پيش ڪيو ويو. اها خبر جڏهن ڄام ڪانيو خان کي پئي تہ هن ان وقت جي آءِ جي يعني انسپيڪٽر جنرل آف پوليس شريف صاحب سان ڳالهايو. جيڪو وٽس شڪار ڪرڻ ايندو هو. جنهن هيڊ ڪنسٽيبل کي نوڪري تان سسپينڊ ڪري ڇڏيو. هوڏانهن ڪيس ڪورٽ ۾ هلندو رهيو. پر هر شنوائيءَ تي مهمل ٿيندو رهيو. ڇاڪاڻ جو ڊرائيور تہ ڪورٽ ۾ پيش ٿيندو هو. پر ڄام ڪانيو خان حاضر نہ ٿيندو هو ۽ جوابدار جي غيرموجودگيءَ ۾ ڪيس هلائي بہ نہ پيو سگهجي. ايئن لڳ ڀڳ ڇهہ مهينا ڪن گذري ويا. هوڏانهن هيڊ ڪنسٽيبل سسپينڊ ٿي ويٺو هو. هڪڙي ڏينهن اهو هيڊ ڪنسٽيبل پنهنجا ننڍڙا معصوم ٻار ساڻ ڪري وٽس آيو. ڏاڍو ستايائين تہ هنن معصوم ٻاڙن تي رحم ڪائي منهنجي ڪيس جو فيصلو ڪيو. جو هو هاڻي سخت پريشان حال آهي، سندس معصوم ٻارڙن تي رحم اچي ويو. ڪانئس پڇيم تہ هاڻي ڪيس جي شنوائي ڪڏهن آهي. هن تاريخ ٻڌائي، جنهن ڪان پوءِ مسٽر غلام حيدر چنڙ هيڊ ڪنسٽيبل کي مشورو ڏنو تہ ان تاريخ تي هڪ ماڻهوءَ کي سٺي پوشاڪ پهرائي جيئن هو معتبر ماڻهو نظر اچي ان کي پاڻ سان گڏ ڪورٽ ڏي وٺي اچي ۽ جيڏي مهل پٽيوالو ڄام ڪانيو خان ۽ ڊرائيور کي پڪاري تہ جوابدار ڪورٽ ۾ حاضر ٿين تہ اهو ماڻهو ڊرائيور سان گڏ اندر ڪورٽ ۾ هليو اچي ۽ پڇڻ تي ٻڌائي تہ هو ڄام ڪانيو خان آهي.

پوءِ ان ڪيس جي رڪيل تاريخ تي هيڊ ڪنسٽيبل سندس ڏنل مشوري تي عمل ڪيو ۽ جڏهن ڊرائيور ۽ ساڻس گڏ ٻيو ماڻهو اندر ڪورٽ ۾ آيا ۽ ان ماڻهوءَ پنهنجي نالي چيو تہ هو ڄام

ڪانيو خان آهي تہ هن ڪيس هلائي ڪيس ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڊرائيور کان رقم وصول ڪري ۽ فرضي ڄام ڪانيو خان تي وڏل ڏنڊ جي رقم پاڻ ڀري سموري رقم خزاني ۾ جمع ڪرائي ڇڏي. ٻہ تي ڏينهن رکي هيڊ ڪنسٽيبل وٽس آيو. ڇيائين تہ سائين مون کي فتوا جي ڪاپي مهرباني ڪري ڏيو تہ مان آءِ جي صاحب کي وڃي ڏيکاريان، جا هن ڪيس ڏئي ڇڏي. هيڊ ڪنسٽيبل پوءِ فتوا واري ڪاپي کڻي وڃي آءِ جي صاحب کي ڏيکاري تہ منهنجو ڪيس سچو ثابت ٿي ويو آهي هاڻ مون کي نوڪريءَ تي چاڙهيو پر آءِ جي صاحب فتوا جي ڪاپي ڏسي چيو تہ هيءَ ڪوڙي آهي. ڄام ڪانيو خان ڪورٽ ۾ حاضر ٿي نہ ٿو سگهي.

آءِ جي صاحب پوءِ D.M انور عادل صاحب کي لکي موڪليو تہ اوهان جي هيڊ منشيءَ ڪوڙي فتوا ڏني آهي، انهيءَ ڪري مٿس قدم کڻو. D.M صاحب A.D.M عبدالعليم عقيليءَ صاحب کي گهرايو ۽ چيائين تہ هيءَ جاچ ڪر تہ ڳالهہ ڇاهي!؟ عقيلي صاحب پوءِ غلام حيدر چنڙ کي گهرايو ۽ پڇا ڪئي، جنهن تي هن ڪيس چيو تہ اوهان آفيسر صاحبن سان ڪوڙ ڪونہ ڳالهائبو ۽ هن سربستي ڳالهہ ڪيس ٻڌائي. A.D.M صاحب وڃي D.M صاحب کي سمورو احوال ٻڌايو. D.M صاحب پوءِ آءِ جي صاحب کي ڪورٽ جي بي ادبيءَ جو (Contempt of Court) نوٽيس جاري ڪيو تہ اوهان مئجسٽريٽ جي فتوا کي ڪوڙو چئي ڪورٽ جي بي ادبي ڪئي آهي، اوهان انهيءَ بجاءِ مٿين ڪورٽ ۾ اپيل ڪري پئي سگهيا. آءِ جي صاحب ڳالهہ کي ڳچيءَ ۾ پوندو ڏسي ڄام ڪانيو خان کي ساڻ ڪري D.M صاحب وٽ سندس آفيس ۾ لنگهي آيو. تنهن کان پوءِ ئي D.M صاحب اهو Contempt of Court وارو نوٽيس واپس ورتو. ايئن قصو ختم ڪيو.اهو هو ان وقت ڪورٽن جو احترام، مئجسٽريٽن جي عزت ۽ آفيسرن جو پنهنجن زيردستن کي تحفظ ڏيڻ. مون کي پڻ سروس دوران ڪن موقعن تي پنهنجن آفيسرن کان تحفظ مليو هو، جن جو ذڪر اڳتي ايندو. اڄ اهو وقت ڪاٿي آهي، جو آفيسر پاڻ ئي ڪکن تي پير رکي ٿا ڏينهن گذارين، سي زيردست کي ڪهڙو تحفظ ڏيندا، انهيءَ ڪري انهن تي نہ پاڙجي، پر هر ڪم احتياط ۽ اڳ پوءِ سوچي ڪرڻ گهرجي.

ڪورٽ ۾ مئجسٽريٽن جي باري ۾ هڪ پنهنجي وقت جو داستان ٻہ ٻڌائي ڇڏيان تہ بهتر ٿيندو.

مان ان وقت رتيديري ۾ تعلقہ هيڊ منشي ۽ ٽرڊ ڪلاس مئجسٽريٽ هوس، جو هڪڙي ڏينهن احمد حسين لوڏي، جيڪو سي آءِ ڊي ۾ انسپيڪٽر هو لاڙڪاڻي مان فون ڪئي تہ ڪيس وارنٽ گهربل آهن اهي ڪڍي ڏي، مون ڪيس چيو تہ اڄ تہ پوءِ ڏسنداسين.

هو جڏهن مون وٽ آيو تہ ٻڌايائين تہ منڊي دائري (ضلع سکر) ۾ ڪن ماڻهن سان سندس تڪرار هلندڙ آهي، انهن خلاف وارنٽ ڪپن. پاڻ فرياد وٺي وارنٽ ڪڍڻ بجاءِ مون وڃي قاضي خدا بخش، جيڪو رتيديري ۾ سول جج ۽ فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ هو ۽ جنهن سان ڪراچيءَ پڙهائي

دوران ساڳي هاسٽل ۾ رهڻ هوندو هو. ساڻس سني دعا سلام هوندي هئي، تنهن کي وڃي چيو تہ مسٽر احمد حسين کان سڏي فرياد وٺي کيس وارنٽ ڪڍي ڏيو. هو هوندو تہ سخت هو پر چيائين تہ ٻيو ڪو هجي ها تہ نہ ڪري ها پر مون کي انڪار نٿوڪري. هن پوءِ فرياد وٺي وارنٽ اشو ڪري احمد حسين کي ڏنا، جيڪي هن وڃي تعميل ڪرايا. جوابدار ڏر وارا سکر جي D.M صاحب (محمد الياس يوسفاڻيءَ) وٽ پهتا، جنهن لاڙڪاڻي جي D.M صاحب (عبدالله خان چنہ) جن کي لکي موڪليو تہ اهو ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي، پر هن ڪيس واپس لکي موڪليو تہ اوهان ڪيئن ٿا چئي سگهو تہ ڪيس ڪوڙو آهي ۽ ڪيس ڪورٽ ۾ هلي رهيو آهي ۽ جيڪو ڪورٽ فيصلو ڪري.

ان کان پوءِ، جوابدارن، احمد حسين لوڏيءَ سان ناهہ ڪيو.

هڪ منهنجي ذات جو قصو اهو ايئن آهي تہ مان تعلقہ قمبر ۾ هيڊ منشيءَ ۽ ٽردِ ڪلاس مئجسٽريٽ هوس، جو اتي هڪ ماڻهوءَ کي ڪن خون ڪري لاش هڪ واهيءَ جي پيٽ ۾ پُوري ڇڏيو پر واهيءَ جي تري کان لاش جي پوريل جڳهہ جو دڙو ڪجهہ مٿي ظاهر پئي ڏسڻ ۾آيو. فوتيءَ جي وارثن جي درخواست تي D.M صاحب اهو لاش کوٽائڻ جو آرڊر ڪيو. جيئن تہ اهو ڪم مئجسٽريٽ جي موجودگيءَ ۾ ٿيندو هو، انهيءَ ڪري پوليس مون کي ساڻ ڪري واردات تي هلي. فوتيءَ جي وارثن جي روبرو لاش کوٽي ڪڍيو ويو. مون فوتيءَ جي سڃاڻپ سندس وارثن کان ڪرائي جن لاش ڏسي سڃاڻي تصديق ڪئي تہ برابر اهو ان فوتيءَ جو ئي آهي. اهڙو مشير نامو تيار ڪري کانئن ان مشير نامي تي صحيحون ورتيون. وڌيڪ جيڪا پوليس کي ڪارروائي دانستخامو وغيره تيار ڪرڻو هو، اها هنن پنهنجي ڪارروائي پوري ڪئي ۽ واپس آياسين.

اهو خون جو ڪيس سيشن ڪورٽ لاڙڪاڻي ۾ هلندڙ هو، مان ڪورٽ ۾ شاهدي ڏيڻ ويس. سرڪاري وڪيل منهنجو بيان رڪارڊ ڪرايو. جوابدارن جو وڪيل مرحوم شمس الدين ابڙو هو. منهنجي Examination in chief شاهدي ڏيڻ کان پوءِ هن مون کان آڏي پڇا شروع ڪري پڇيو تہ توهان پاڻ لاش جي سڃاڻپ ڪرائي هئي ۽ لاش اوهان جي روبرو ڪڍيو ويو هو. مون ڪيس جواب ۾ چيو تہ ها لاش منهنجي روبرو ڪڍيو ويو هو ۽ ان جي سڃاڻپ مون فوتيءَ جي فلاڻن وارثن کان ڪرائي. اهڙو مشر نامو تيار ڪري ان تي سندن صحيحون بہ ورتيون هيون. ان کان پوءِ هن ٻيا بہ چار سوال آڏي پڇا ڪندي وري ساڳي سوال تي آيو تہ اوهان پاڻ لاش جي سڃاڻپ ڪرائي. ان سوال ڪرڻ تي سيشن جج صاحب ڪيس سخت لهجي ۾ چيو تہ:

You have already asked this question and he (my self) has given its reply.
Why are you repeating the same question? After all he is third class Magistrate.

اها هئي اڳي ٽردِ ڪلاس مئجسٽريٽ جي بہ سيشن جج صاحبان وٽ عزت ۽ انهن تي اعتماد.

اڄڪلهه جي مئجسٽريٽن ڪوڙا 164 جا بيان ، اڄا به خون جي ڏوهن ۾ ڪوڙا اقبال جرم جا بيان وٺي نه رڳو پاڻ کي ڏنو ڪيو آهي، پر 164 جي پنهنجي ورتل بيان ۽ Confession جي اهميت ئي ختم ڪري ڇڏي آهي، جو جوابدار خواهه شاهد ٿيندي ئي انهن کان ڪورٽ ۾ انڪار ڪندا آهن ته هنن ايئن ناهي چيو ۽ نه جرم قبوليو آهي. مئجسٽريٽ جي اهميت ته اڳ وانگر اڄ سوڌو موجود آهي. ٽاٽي تي ڇاپو هڻڻو هجي يا ڪو ائنٽي ڪرپشن وارن کي ڇاپو هڻڻو هجي وغيره ته ان ۾ مئجسٽريٽ جي موجودگي لازمي قرار ڏني وڃي ٿي.

لاڙڪاڻي ۾ صلاح الدين پناڻ، محمد پور محله ۾ رهندو آهي. اهو پاڻ سپرنٽينڊنٽ آف پوليس جي آفيس ۾ آفيس سپرينٽينڊنٽ رهي رٽائر ٿيو آهي. هن جو گهڻو وقت اڳ پنهنجي ڀاءُ سان جاءِ تي تڪرار ٿيو هو جنهن ۾ پوءِ ٻنهي ڀائرن جو پاڻ ۾ ناهه ٿي ويو هو. اهڙو ناهه هنن لکت ۾ ڪري ان وقت جي D.S.P ڊسوزا کان تصديق به ڪرائي ڇڏي، پر ٿورو وقت اڳ وري هنن وچ ۾ ساڳئي معاملي تي تڪرار پيدا ٿي پيو جنهن تي صلاح الدين ان ڊي ايس پي جي تصديق ٿيل بيان جي آڌار تي ڪورٽ ۾ ويو پر ڪورٽ ان کي ڪا اهميت نه ڏني، جو اهو ڪنهن مئجسٽريٽ جو تصديق ٿيل نه هو. پوءِ عبدالستار شيخ، صوبيدار کي وٺي مون ڏانهن آيو ته تصديق ڪري ڏيان. ان وقت مان مئجسٽريٽ وارهه تعلقه هوس، پر مون ايئن ڪرڻ کان انڪار ڪري ڪين موڪلائي ڇڏيو.

مون هائر جو امتحان پاس ڪيو ته مون کي جون 1952ع ۾ ميرو خان تعلقه ۾ ان وقت جي هيڊ منشي عبدالاحد کي رورٽ ڪري هيڊ منشي مقرر ڪيو ويو جو هن ان وقت هائر پاس ڪانه ڪئي هئي. هو پوءِ آڪٽوبر 1952ع واري ٽرم ۾ هائر جي امتحان ۾ ويٺو ۽ سنڌ ۾ پهرين نمبر پوزيشن سان ڪامياب ٿيو.

ميرو خان ۾ 28.06.52 تي وڃي چارج ورتم ۽ وقفي وقفي سان مان ٽي دفعا هيٺين وقتن تي اتي هيڊ منشي ٿي رهيس.

1)	28.06.52	To	29.07.53	1-1-10
2)	25.09.58	To	13.05.59	0-7-18
3)	29.01.60	To	10.03.60	0-1-11
			Total Period	1-10-0

انهن عرصن ۾ ميرو خان ۾ محمد رمضان خان چانڊيو، محمد اعظم انصاري، مير محمد ڪولاچي ۽ علي رضا شاه صاحب جن مختيارڪار ٿي آيا هئا. مون جڏهن ميرو خان تعلقي ۾ پهريون ڀيرو هيڊ منشيءَ جي چارج ورتي ته محمد رمضان خان چانديو مختيارڪار هو. هو نهايت ايماندار ۽ نيڪ نيت هو ۽ رهڻي ڪرڻيءَ ۾ به سادگيءَ سان هلندو هو. ڪيس پٽ جي اولاد ڪانه هئي. فقط هڪ نياڻي هئي. سندس ٻي گهرواريءَ کي دم جو عارضو هو، انڪري تڪليف سبب آفيس ۾ البت گهٽ ايندو ڪندو هو. ڪم ڪار ڏاڍو سهڻي نموني هلندو هو. ڪاغذ ڪيس سندس جاءِ تي موڪلي ڏبا هئا، جي صحيح ڪري موڪليندو هو. مون تي نهايت مهربان هوندو هو.

مون کي ان وقت ۾ سني لتي ڪپڙي پائڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو. جو عيال جو بار بہ گهٽو ڪونہ هو. ڪاليج ۾ بہ پنج سال عرصو سفيد پوشيءَ سان گذاريو هيم. هيڊ منشيءَ جي شروعاتي پگهار 100 رپيا هوندي هئي، پر بہ ڏوڪڙ بہ فضيلت ڀرئي نموني ملي ويندا هئا. ان وقت ۾ سستائپ بہ هئي. انگلش ڪلاڻ بہ نهايت سنو هوندو هو. سو هڪ ڀيري مسٽر محمد رمضان شورو صاحب لاڙڪاڻي ضلعي جو ڪليڪٽر (ان وقت ڊپٽي ڪمشنر نہ سڏبا هئا) ميرو خان گشت ۾ آيو ۽ شاهہ پور بنگلي ۾ ترسيو. جو ميرو خان شهر کان ميل ڏيڍ کن ٻاهر هو. ان دور ۾ اڄ وانگر ڪليڪٽر صاحب جي منزل وقت ماڻهن جا انبوهہ ڪونہ اچي گڏ ٿيندا هئا، جو هر ڪنهن غريب توڙي امير جا تعلقي سطح وارا ڪم ڪين بنا ڪنهن تڪليف ڏيڻ جي ڪري ڇڏبا هئا. انهيءَ ڪري ڪين مٿين آفيسرن وٽ ڪم لاءِ وڃڻ جي ضرورت محسوس نہ ٿيندي هئي. انهيءَ ڪري رڳو مختيارڪار صاحب ۽ مان ڪليڪٽر صاحب جن جي آمد تي سندن استقبال لاءِ بنگلي تي وياسين.

ان وقت مون کي هلڪي سائي رنگ جي سمر ڪلاڻ جي پئنٽ ۽ ساڳي ڪپڙي جي بشرٽ پاتل هيون ۽ سفيد سني سئنڊل پاتل هئي. ڪليڪٽر صاحب جن جي آمد کان پوءِ بہ اسان ٻہ ڄڻا رڳو سندن سامهون ويٺل هئاسين. ڪليڪٽر صاحب مختيارڪار صاحب کان منهنجي باري ۾ پڇيو تہ هيءُ توهان جي تعلقي جو زميندار آهي ڇا؟ جنهن تي مختيارڪار صاحب ٻڌاين تہ هيءُ سندس هيڊ منشي آهي، پر ڪليڪٽر صاحب جن وڌيڪ ڪجهہ ڪونہ پڇيو. مختيارڪار ۽ هيڊ منشي ڪيڏا بہ شريف هجن۽ هڪٻئي سان نيڪ نموني هلندا هجن، پر وليج عملہ (سپروائيزنگ تپيدار ۽ تپيدار) هرويرو سدائين ٻنهي جي وچ ۾ اجائي ڪوڙيون ڳالهيون ڪري منجهن غلط فهمي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا رهندا آهن تہ جيئن ناجائز فائدا وٺندا رهن.

ان وقت ميرو خان تعلقي ۾ بہ هڪڙو نهايت بدنيت سپر وائزينگ تپيدار (حاجي نيڪ محمد) هوندو هو. جنهن جي منهن مان ئي سدائين بدنيتي پئي بکندي هئي. سدائين هڪ نہ، ٻي شرارت ڪرڻ هن جي عادت ٿي وئي هئي. سو هن مختيارڪار صاحب کي چئي هڪڙي سويي نالي تپيدار جي ٺاري وڌي تپي مان بدلي ڪرائي. جيتوڻيڪ هن جي سرڪل ۾ ئي ڪونہ هو. جو ڪيس ان کان ڪا شڪايت هجي.

اهو سويو تپيدار ۽ ٻيا تپيدار گڏجي مون وٽ آيا ۽ چيائون تہ تپيدار جي بدلي بند ڪرائي ڏيو. مان ان لاءِ مختيارڪار صاحب کي وڃي عرض ڪيو پر هن نہ مڃيو. اهو بدلي ٿيل تپيدار محمد يوسف ناريجي سپروائيزنگ تپيدار جو ماتحت هو. مون کانئن پڇيو تہ ڪيس تہ تپيدار کان ڪا شڪايت ڪانهي، جنهن تي هن چيو تہ ڪيس ڪابہ شڪايت ڪانهي. ڀلي سندس بدلي بند ٿي تہ هو راضي آهي.

ان کان پوءِ مون بابي الله ڏني خان کي لاڙڪاڻي تار ڪئي تہ مان سخت بيمار آهيان. ان وقت ۾ اڃا ٽيليفون ڪانہ هوندي هئي. ان کان پوءِ وري مون ڪيس ٻي اهڙي ايڪسپريس تار موڪلي. ان

وقت ڊپٽي ڪليڪٽر حاجي شاهه محمد شيخ صاحب جن جي منزل ميرو خان ۾ ٿي هئي. مون کي اها به خبر هئي ته هو ميهڙ ۾ ڪنهن وقت ۾ مختيارڪار هو ته بابي الله ڏني خان تي ڏاڍو مهربان هو جو هو ان وٽ سندس زيردست سپروائيزنگ تپيدار ٿي رهيو هو. منهنجن ٻن لاڳيتن تارن پهچڻ تي بابو الله ڏنو ۽ چاچو غلام محمد، جيڪو پڻ دادوءَ کان لاڙڪاڻي آيل هو ٻئي پريشان ٿي ويا. چاچي غلام محمد جنهن تار پهچڻ وقت ماني پئي کاڌي ته اها ڇڏي ٻئي منهنجي ناني جان محمد خان مرحوم، مامي محمد نواز مرحوم، منهنجي سهري حاجي محمد مبارڪ ۽ ٻن ٽن سؤٽن سميت سڄي وئگن ڀرجي ميرو خان پهتا ۽ سڌو گهر ويا جو مان ٻارن سان رهندو هوس. گهران پڇا ڪرڻ تي ڪين ٻڌايائون ته صبح آفيس ڏي ويو آهي. وڌيڪ ڪين ڪا خبر نه هئي. پوءِ سيئي پنڌ آفيس ڏانهن اچي رهيا هئا ته مان آفيس مان اٿيو گهر پئي آيس ته سيئي رستي ۾ مليا. مون کان پڇيائيون ته ڳالهه ڇا آهي. مان ڪين چيو ته گهر هلئون ته ٻڌايانوَ ٿو. پوءِ گهر پهچي مون بابي الله ڏني خان ۽ چاچي غلام محمد خان کي چيو ته ڊپٽي ڪليڪٽر صاحب کي چئي تپيدار جي بدلي بند ڪرائي ڏيو. جنهن تي چاچي غلام محمد چيو ته بدلي بند ڪرايون ٿا، پر مختيارڪار صاحب Annual confidential report متان خراب ڏئي. مون چيو ته ڀلي رپورٽ خراب ڏي، ان جو فڪر ڪونهي، پر بدلي بند ڪرائي ڏيو. پوءِ بابو الله ڏنو، چاچو غلام محمد ۽ مان ڊپٽي ڪليڪٽر صاحب جن وٽ بنگلي تي آياسين، جتي ٻنهي اچي ڪيس احوال ڪيو. ان تي ڊپٽي ڪليڪٽر صاحب چيو ته هنن کي تڪليف ڇو ڏني اٿئي. تون پاڻ اچين ها ته به ٺيڪ هو، جنهن تي مون چيومانس ته سائين مان اوهان جو زيردست هوس، انهيءَ ڪري ڪيئن پئي اچي سگهيس ۽ اوهان کي ڪيئن پئي چئي سگهيس.

بهرحال ڊپٽي ڪليڪٽر صاحب جن تپيدار جي بدلي رد ڪئي ۽ اهڙو آرڊر ڪڍي مون کي ڏنو جو مان ڪٽي آيس ۽ اهو مختيارڪار صاحب ڏانهن Perusal (ملاحظي) لاءِ موڪليم.

انهيءَ کان پوءِ به مختياڪار صاحب مون کي سالياني مخفي رپورٽ (Annual confidential report) اهڙي سني ڏني، جنهن جو مان تصور ئي نه پئي ڪري سگهيس. اها جنسي رپورٽ مون کي مرحوم ڪريم بخش شيخ، جيڪو ان وقت نائب دفتر دار هو، تنهن ڏيڪاري ۽ مون پاڻ پڙهي ڏني. هن ته ايترو به چيو ته تنهنجي رپورٽ ۾ مختيارڪار ڊڪشنريءَ جو ڪو سفارشي لفظ ئي ڪونه ڇڏيو آهي ۽ واقعي هو به ايئن. اهڙا فياض ۽ ڪشاده دل آفيسر اڄ چند ئي ڪي هجن ته هجن، نه ته ٻيو ٿيو مڙئي خير!

سال 1953ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبرن جي اليڪشن پئي ٿي. مان تنهن وقت ميرو خان ۾ ئي هيڊ منشي هوس. ميرو خان وارو تڪ اصل کان قاضي فضل الله صاحب جو هو ۽ سدائين اتان اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊجي ايندو هو، پر جيئن ته هُو ان وقت نااهل قرار ڏنل هو، انهيءَ ڪري ان پنهنجي ڀاڻ قاضي عبدالمنان صاحب کي ان تڪ تان اميدوار ڪري بيهاريو هو.

قاضي عبدالمنان پنهنجي اليڪشن مهم ۾ ميرو خان تعلقي ۾ گهڻو ايندو هو ۽ مون وٽ به ايندو رهندو هو. مون کي سندس چوڻ هو ته جڏهن به مون وٽ اچي ته ماني ضرور کائيندو.

مون کيس چيو ته ميرو خان شهر جا حال ته ڏسو ٿا ڇڻ واهڻ آهي. اوهان اليڪشن مهم ڪري گهڻو وقت ترسي به ڪونه سگهندئو. انهيءَ ڪري جيڪي تيار هوندو اهو حاضر ڪبو. اها ڳالهه هن کي به دل سان لڳي ۽ چيائين ته اهو نيڪ آهي ۽ جيڪي به ان وقت تيار هوندو اهو ئي کائيندو. پوءِ ڪڏهن چڱي ڀاڄي هوندي هئي ته اها به کائيندو هو ۽ ڪڏهن سبزي هوندي هئي ته اها به ڏاڍي خوشيءَ سان کائيندو هو. پوءِ توڙي واڳٽن جي ڀاڄي ئي ڇو نه هجي. ڪڏهن ته ائين به ٿيندو هو جو ان وقت ڪا ڀاڄي موجود نه هوندي هئي ۽ ڏسندو هو ته اها تيار ٿيڻ ۾ دير ٿيندي ته انبڙين جي ڪٽاڻ سان ئي به گرهه ماني کائي اليڪشن مهم تي روانو ٿي ويندو هو. الله پاڪ جي مهربانيءَ سان قاضي عبدالمنان چونڊ ۾ ڪامياب ٿي سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊجي آيو. پوءِ پنهنجي مامي قاضي فضل الله صاحب جن جي ذاتي ڪوشش سان سنڌ حڪومت ۾ آبپاشي کاتي جو وزير ٿيو.

وزير ٿيڻ کان پوءِ هن مون کي چيو ته لاڙڪاڻي اچ ته ڪليڪٽر صاحب کي چئي توکي سنو تعلقه شهدادڪوٽ وٺرائي ڏيان ته مان اتي هيڊ منشي ٿي وڃان. مان کيس هائوڪار ته ڪئي، پر وٽس ڪونه ويس، جو اهو ضمير جي خلاف پئي سمجهيم ته وڃي وزير صاحب ج در تي ويهان. پوءِ جڏهن سندس مرضي پوي ته گهرائي يا مورڳو گهرائي ئي نه، ته به مالڪ آهي. باقي ڪم ته ٿيو اڃا پوءِ جي ڳالهه. ان وقت لاڙڪاڻي جو ڪليڪٽر C.S.P آفيسر نصرت حسن صاحب هو. پر پوءِ ترت ئي منهنجي ميرو خان تعلقي مان بدلي ڪري، قمبر ۾ هيڊ منشي مقرر ڪيو ويو. جنهن لاءِ اهو ٻڌو هيم ته قمبر جي مختيارڪار قاضي محمد انور صاحب (مٿيارين جو ويٽل) منهنجي گهر ڪري اتي رڪرايو هو. بهرحال قمبر به چڱو تعلقو ليکبو هو.

خير وقت گذرندو رهيو ته ڪجهه عرصي کان پوءِ ادا غلام نبي مرحوم جيڪو دادوءَ ۾ (R.F.O) رينج فاريسٽ آفيسر هو. ان تي ٻيلي جي وڻن کي ناجائز طريقي وڍائڻ جو الزام لڳو. جنهن جي انڪوائري سرڪل آفيسر ائنٽي ڪرپشن شيخ نظير احمد ڪري رهيو هو. ان جي اها ئي ڪوشش هئي ته ادا غلام نبيءَ جي دادوءَ مان بدلي ٿئي ۽ سندس بدلي ٿي به پئي. اهڙي خبر کيس به پئجي وئي. هن مون کي چيو ته قاضي عبدالمنان وزير صاحب کي چئي سندس بدلي روڪرايان. مان کيس انڪار نه پئي ڪري سگهيس، ڇو ته سندس بدلي ٿيڻ کان پوءِ سرڪل آفيسر مٿس شاهد زوريءَ به بيهاري وڃي ها ۽ ايئن پنهنجي ڪارڪردگيءَ کي آفيسرن آڏو سنو ڏيکاري سگهي ها ۽ هوڏانهن ادا غلام نبي سخت تڪليف ۾ اچي پئي سگهيو.

اهي مڙئي ڳالهيون ذهن ۾ رکي مان وزير صاحب سان سرڪٽ هائوس لاڙڪاڻي ۾ ملڻ ويس. پاڻ اتي ترسيل هو. وڃي ساڻس ملڻ جي رپورٽ ڪرائي ته يڪدم مون کي گهرائي پاڻ سان گڏ صوفي تي ويهاريائين.ان وقت سندن سامهون ميرو خان تعلقي جا چڱا ڀلا ڪيترائي زميندار آبادگار

(جيڪي سندس ووٽر بہ هئا ۽ انهن جي ئي ووٽن آڌار هن منزل تي پهتو هو) وينا هئا ۽ سيني جو ڪانئس اهو ئي مطالبو هو تہ ڪين زمينن جي واٽر ڪورسن جا ماڊول موڪرا (ويڪرا) ٿي ملن. هنن سيني کي ٻڌي پوءِ مون ڏي منهن ڪري مُشڪي چيائين تہ محمد علي ٻڌين ٿو تہ هر ڪو ٿو چوي تہ ماڊول موڪرو ڪري ڏيو پر مان هڪڙو ڄڻو ڪيترن جا ماڊول موڪرا ڪري سگهندس.

وزير صاحب پوءِ مون کان احوال وٺڻ شروع ڪيو تہ مان جنهن غرض لاءِ وتس ويو هوس اهو ٻڌايومانس، جنهن کان پوءِ هن پنهنجي P.A کان D.O ليٽر ٽائيپ ڪرائي ۽ صحيح ڪري ڏنو تہ هيءُ ڪٽي وڃي فاريسٽ منسٽر صاحب (سردار احمد خان راڄپر) کي ڏيو ۽ انشاءَالله تہ ادا غلام نبيءَ جي بدلي ڪانہ ٿيندي. مان پاڻ تہ ڪونہ وڃي سگهيس، پر اهو ليٽر حاجي محمد عثمان ڪراچي ڪٽي وڃي وزير راڄپر صاحب کي ڏنو. ان وقت ادا غلام نبيءَ جي بدليءَ جا ڪاغذ بہ وزير صاحب جي ميز تي پهتل هئا، پر هن قاضي عبدالمنان وزير صاحب جي D.O پهچڻ تي بدلي نہ ڪئي ۽ ادا غلام نبي دادوءَ ۾ ئي R.F.O طور ڊيوٽي ڪندو رهيو.

هيڏانهن سرڪل آفيسر نظير احمد شيخ جي اها ئي سخت ڪوشش لڳي پئي هجي تہ ادا غلام نبي ڪيئن بہ ڪري دادوءَ مان بدلي ٿئي. ٿوري ئي وقت گذرڻ کان پوءِ وري ادا غلام نبيءَ کي خبر پئي تہ سندس دادوءَ مان بدلي ٿئي پئي. هن پوءِ وري بہ قاضي عبدالمنان صاحب کي چوڻ لاءِ تہ بدلي بند ڪرائڻ جو چيو. قاضي عبدالمنان صاحب ان وقت ڪراچيءَ هو. مون روبرو وڃي احوال ڪيومانس، جنهن فون تي چيف ڪنزرويٽر آف فاريسٽس کي ڏاڍي سخت لهجي سان ڳالهائي ڇنڊ پٽيائين، تنهن پاڻ اڳي بدلي بند ڪرائي هئي ۽ هاڻي وري ٿا ڪيس بدلي ٿا ڪيو ۽ ڏسو تہ ادا غلام نبيءَ جي ڪنهن بہ صورت ۾ بدلي نہ ٿئي. ان کان پوءِ سندس بدلي رڪجي وئي ۽ هو دادوءَ ۾ رهيو. سرڪل آفيسر جي ايڏي ضد هئڻ باوجود انڪوائري ثابت نہ ٿي. هتي اهو پڻ ذڪر ڪريان تہ ميرو خان جي عرصي کان اڳ ئي قاضي عبدالمنان صاحب مرحوم جن سان منهنجي چڱي دعا سلام هوندي هئي جو ٻئي ساڳي ئي هاسٽل ۾ رهندا هئاسين ۽ ڪيترا اهڙا بہ موقعا ٿيا جو منهنجي ڪمري ۾ اچي پڙهندو بہ هو.

سال 1958ع ۾ ميرو خان تعلقي ۾ سارين جي فصل کي ڪيڙو لڳو هو. ساريالو فصل بلڪل تباهہ ٿي ويو هو. آبادگارن پاران بالا آفيسرن کي پڪارون ڪيون ويون هيون، جنهن جي ڪري ان وقت جي ڪليڪٽر صاحب محمد يوسف جوڻيجو ۽ ڊپٽي ڪليڪٽر مدد علي نظاماڻي صاحب (شايد تہ ان وقت جي ڪمشنر صاحب) جن پنهنجي سر گهوڙن تي چڙهي وڃي ميلن تائين فصل جو معائنو ڪيو هو، پر سارين جي ان جو ڪٽو بہ بيٺل فصلن ۾ ڪونہ ڏٺائون. خير اهي صاحب فصل جو معائنو تہ ڪري موتي ويا. اهو وقت فصلن جي معافي ڏسڻ يعني ڍل معاف ڪرڻ جو هو. هيڏ منشي تعلقہ هيڏ ڪواٽر کان پنجن ميلن اندر ۽ ان ايراضيءَ کان ٻاهر مختيارڪار معافي ڏسندا هئا، پر اسان ٻنهي (مختيارڪار صاحب ۽ مان) معافي ڏسڻ اڃا شروع ڪانہ ڪئي هئي جو جنرل ايوب

صاحب جي مارشل لا لڳي، جنهن جو پوري ملڪ ۾ وڏو ڏهڪاءُ هو. ايتريقدر جو جيڪي عورتون ڪجهه سال اڳ ڪي رهزن پڇائي ويا هئا يا ڪن پاڻ پڇي وڃي يارن سان پرڻو ڪيو هو اهي سڀ اتي پنهنجن ٻچن ٻارن سميت پنهنجن مالڪن ڏانهن واپس موٽي آيون يا ڪين سندن يارن ئي ازخود مالڪن ڏانهن خوف وچان موٽائي موڪليو.

آفيس جي ڪم جو دٻاءُ بہ ڏاڍو وڌي ويو هو. روزانو رات جو يارهين ۽ ڪڏهن تہ ٻارهين بجي تائين بہ ڪم ڪرڻو پوندو هو. انهيءَ ڪم جي دٻاءَ جي ڪري مان آفيس کان واپس ايندي روزانو ميرو خان اسپتال جي ميڊيڪل آفيسر مسٽر محمد الياس صاحب، جيڪو بنگالي هو، ان کان Letamin ۽ برن (Berin) انجيڪشنون لڳرائي ايندو هوس، جو اسپتال آفيس کان گهر موٽندي رستي تي هئي. جيستائين مان آفيس کان واپس اچان تيستائين هو ويچارو بہ منهنجو انتظار ڪندو هو تہ اچان تہ انجيڪشن هڻي.

خير معافي ڏسڻي شروع ڪرڻ کان اڳ مان لاڙڪاڻي وڃي ڊپٽي ڪليڪٽر صاحب جن سان مليس ۽ ڪانئن پڇيم تہ سائين تعلقي جي ساريل فصل جو اوهان ۽ ڪليڪٽر صاحب جن پاڻ معائنو ڪري آيا آهيو ۽ هاڻي جيڪو حڪم ڪيو تہ فصل جي معافي ڏجي يا نہ. ڊپٽي ڪليڪٽر مدد علي نظاماڻي صاحب نهايت شريف، خدا ترس ۽ غريبن جو همدرد هوندو هو ۽ چيائين تہ ڪنهن سان ناانصافي نہ ڪجو. هوڏانهن ڪليڪٽر صاحب جن حڪم جاري ڪيو تہ جيڪا معافي ڏسو تہ ان جي نتيجي جي رپورٽ روزانو ڪين سڏيءَ طرح موڪلي وڃي، حالانڪہ عام رواجي حالتن ۾ رپورٽ ڪڏهن بہ ڪليڪٽر صاحب جن کي ڪانہ موڪلي ويندي هئي ۽ اپيل ٻڌڻ جو اختيار بہ ڊپٽي ڪليڪٽر صاحب کي هوندو هو ۽ ان جو فيصلو آخري هوندو هو.

مان معافي ڏسڻ شروع ڪئي جنهن ۾ مون 80 سيڪڙو کان 90 سيڪڙو تائين سروي نمبرن کي سموري ڊل جي معافي پئي ڏني. ڪليڪٽر صاحب جن کي رپورٽون پهچڻ شروع ٿيون تہ هو صاحب ڏاڍو ناراض ٿيڻ لڳو ۽ منهنجي سفارش ڪيل معافي پاڻ پنهنجي سر روبرو چڪاس ڪرڻ لاءِ ميرو خان آيو. پر مان ان ڏينهن تعلقہ هيڊ ڪواٽر ۾ موجود ڪونہ هيس جو ڪنهن ڪيس ۾ شاهدي ڏيڻ لاءِ لاڙڪاڻي ويل هوس.

ڪليڪٽر صاحب گهوڙي تي سوار ٿي معافي جي چڪاس ڪرڻ شروع ڪئي. ساڻس گڏ محمد پناهہ تنيو تپيدار ۽ شايد تہ حد جو سپروائيزنگ تپيدار بہ گڏ هئا، جيڪي ڪيس چڪاس ڪرائيندا پئي ويا. الله پاڪ جا لک شڪرانا جو سمورا فصل سر زمين تي سالم بيٺل هئا ۽ ڪوبہ فصل لٽيل ڪونہ هو، جو ڪيڙي لڳل فصل جو پلال بہ ڊور نہ پيا ڪائن. ڪيڙي لڳل فصل کي لٽڻ کان پوءِ جيڪو ناڙ رهيو پئي، سو تمام ڳاڙهو ۽ گهاٽو پيو لڳندو هو، جنهن کي ڏسي معافي چڪاس ڪندڙ آفيسر معافي ڏسندڙ آفيسر جي بي ايماني ليکي پئي سگهيو، جنهن لاءِ سزا بہ سخت هوندي هئي. ايتريقدر جو ان کي نوڪريءَ مان ئي خارج بہ ڪري سگهبو هو. آخر ڪليڪٽر صاحب جن

چڪاس ڪندي جڏهن ڪٿي بہ ان جو داڻو ئي نہ ڏٺو تہ تپيدار کي چيائين تہ اهي فصل ڏيکار جن ۾ ڪجهہ ان وغيره هجي، جنهن تي تپيدار کين عرض ڪيو تہ سائين اهي فصل اوهان صاحب ۽ ڊپٽي ڪليڪٽر صاحب جن ڪيترو مفاصلو اندر وڃي ملاحظہ ڪري ويا هئا، جو آبادگارن ڪيڙي سبب فصل تباهہ ٿيڻ جون دانهون ڪيون هيون، پر ڪليڪٽر صاحب چيس تہ اهي ڳالهيون اسان کي ياد ٿورئي پون ٿيون. آخر ڪليڪٽر صاحب جن منهنجي تمام معافيءَ کان بلڪل مطمئن ٿيا ۽ مون کان ان باري ۾ ڪابہ باز پرس نہ ٿي.

ان سال ساريالي فصل کي ايتري حد تائين ڪيڙي جو حملو ٿيل هو، جو فصل جي سُنڊين کي بہ باهہ ڏئي ساڙڻ جي مهم شروع ڪرائي وئي هئي ۽ ان پروگرام لاءِ Crash Program Munkhtiar مقرر ڪيا ويا هئا، جن جو ڪم ئي اهو هو تہ زمين کي هر ڏياري سارين جون سنڊيون ٻاهر ڪڍرائي، انهن کي باهہ ڏياري مڪمل طرح ساڙائڻو هو، جو ڪيڙو انهن سنڊين ۾ سڪل هو. الله پاڪ ايئن منهنجي عزت بچائي.

ميرو خان ۾ ان دور ۾ نئشنل بئنڪ جي برانچ ڪانہ هوندي هئي، انهيءَ ڪري سرڪاري ڏيتي ليتي يا وصول ڪيل ڍل جي رقم تعلقہ آفيس ۾ سب ٽريزيءَ ۾ ئي جمع ڪرائي ويندي هئي. جيڪڏهن پئسا گهڻا جمع ٿي ويندا هئا تہ لاڙڪاڻي نئشنل بئنڪ کي موڪلي ڏبا هئا يا جڏهن پئسن جي ضرورت پوندي هئي تہ اتان گهرائي وٺبا هئا.

تعلقہ آفيس ميرو خان شهر کان ٻاهر پري هوندي هئي. پرپاسي ۾ ڪا وسندي تہ نہ هئي. پسگردائيءَ واريون سموريون زمينون ڪلرانيون ۽ غير آباد هيون. مطلب تہ آفيس صفا رڄ ۾ هوندي هئي. باقي تعلقہ آفيس ۾ سب جيل ۽ ان تي مقرر ٿيل پوليس عملو هوندو هو. فيبروريءَ جو مهينو هو، جو هڪ ڏينهن ڍل جي رقم لک کان بہ وڌيڪ آئي، جا مون ۽ آفيس جا سڀ ڪلارڪ ڳڻي رهيا هئاسين تہ ڳڻي پوءِ خزاني روم ۾ رکيل ٽجوڙيءَ ۾ رکائبي. جيئن تہ آفيس سڄ ۾ هئي، انهيءَ ڪري جيل جي هڪڙي سپاهيءَ کي حفاظت لاءِ ڪرسي پنهنجي ڪمري ۾ اندر رکرائي ان تي ويهاري ڇڏيندو هوس، جو ٻاهر ٽڏ ڏاڍي هئي ۽ سپاهيءَ کي ٽڏ ۾ ٻاهر وراندي ۾ ويهارڻ مناسب نہ پئي سمجهيم.

سپاهي ڪمري ۾ اندر در جي پرسان ويٺو ئي هو، جو مون ۽ آفيس جي ڪلارڪن آفيس ۾ ٽلهي تي پئسا پئي ڳڻيا. جيئن تہ رقم تمام گهڻي هڪ لک رپين کان بہ وڌيڪ هئي، انهيءَ ڪري مون کي دل ۾ وهم ويٺو تہ ايتري رقم سپاهي ڏسي جيڪڏهن سندس دل بي ايمان ٿي پوي ۽ رائيفل اسان تي سڌي تاڻي رقم ڦري پيجي وڃي تہ اسان کيس ڇا ڪري سگهنداسين، پر مورڳو عذاب ۾ اچي ويندا سين. ان کان پوءِ مون اهڙن موقعن تي سپاهيءَ کي اندر ڪمري ۾ ويهارڻ بند ڪري ڇڏيو. کيس وراندي ۾ ويهاريندو هوس، جتان رقم تي سندس نظر نہ پئجي سگهي.

بهرحال اها رات الله پاڪ کي سنياليندي جيئن تيئن گذري. خير خوبيءَ سان ڪم پورو ڪيو. سموري رقم خزاني روم ۾ رکيل تجوڙيءَ ۾ بند ڪري، مون سک جو ساهه کنيو.

هڪڙي سال ڪنٽرولر سنڌ جي آفيس جو آڊيٽر ميرو خان خزاني آفيس (سب ٽريزي) جي انسپيڪشن ڪرڻ آيو هو. ان دوران ڏيتي ليتي پائين تائين بہ ٿيندي هئي. هڪ رپئي ۾ 16 آنا ۽ هڪ آني ۾ 12 پايون هيون. خزانچي وٽ ڏيتي ليتي بند ٿيڻ وقت جيڪا رقم وٽس بچندي هئي، ان ۾ گهٽو ڪري پايون بہ هونديون هيون. جيئن تہ پايون ڏکيائيءَ سان ملنديون هيون، انهيءَ ڪري خزانچي هڪ آني جون پايون مٽائي، ڏيتي ليتيءَ ختم ٿيڻ کان پوءِ وڌيڪ پايون پنهنجي پيتيءَ ۾ ئي ٻي رقم جي هيٺان مس چٽو رکي جدا ڪري رکيون هيون تہ جيئن ضرورت وقت اتان کڻي سگهجن. آڊيٽر خزانچي واري پيتيءَ ۾ پيل رقم جي ڳڻپ وقت ڇا ڪيو جو سڄي پيتي کڻي اونڌي ڪئي تہ سڀ پايون گڏجي ويون. انهيءَ ڪري خزانچي جي ڪتاب ۾ ڄاڻايل بئلنس کان ڪجهه پايون وڌيڪ ٿيون، جنهن تي هن هڪ لنبو چوڙو خراب انسپيڪشن ميمو ڪڍيو. اهو آڊيٽر ڪرسچن هو ۽ اهو موقعو بہ ڪرسمس جو هو. مون تر واري تپيدار، جيڪو اهڙن موقعن يا آفيسرن جي منزل وغيره تي خرچ پڪو هلائيندو هو، تنهن کي چيو تہ ٻي ايمان ڪرسچن آڊيٽر کي ڪو شراب جو آڏيو وٺي ڏي. پوءِ جڏهن هن جو اهو پيٽ جو سور لٿو تہ اڳيون ڪڍيل ميمو ڦاڙي اسان جي چوڻ مطابق نئون انسپيڪشن ميمو لکيائين، جنهن ۾ ڪابہ اعتراض جوڳي ڳالهہ يا ڪا ٻي قاعدگي ڄاڻايل ڪانہ هئي.

منهنجي ميرو خان واري وقت ۾ حاڪم علي گوپانگ ۽ پير محمد بروهيءَ کي گڏيل ڪپڙي جو دڪان هوندو هو. مون کي جڏهن ڪو ڪپڙو وٺڻو هوندو هو تہ انهن کي گهرائيندو هوس. اهي اوطاق ۾ ويهي ڪپڙو ڪڍي ڏئي پئسا وٺي ويندا هئا. اهي ٻئي پوءِ ڪافي زمينون ڪري ويا. اناج جي واپار مان ڪمائي ڪروڙ پتي ٻڌڻ ۾ اچن ٿا. پير محمد بروهي تہ وفات ڪري ويو آهي. حاڪم علي گوپانگ سان اٽڪل ڏهہ سال اڳ ملاقات ٿي هئي. هو پيرسن ۽ ڪمزور هو. هن وقت ان جي باري ۾ ڪا وڌيڪ خبر ناهي.

جيئن مان مٿي ڄاڻائي آيو آهيان تہ مان ميرو خان تعلقي ۾ مختلف وقتن تي ٿي دفعا هيڊ منشي ٿي رهيو هوس. انهن مان هڪ موقعي تي مسٽر محمد اعظم انصاري تعلقي مختيارڪار هو. هن هڪ ڏينهن حاجي محمد علي خان کهاوڙ جي ڳوٺ ڪارڙن پاسي گشت جو پروگرام رکيو. شايد تہ پرتال ڪرڻ جو پروگرام هو. حاجي صاحب جن منجهند جي مانيءَ جي دعوت پنهنجي ڳوٺ ڪارڙن ۾ مختيارڪار صاحب جن کي ڏني جا هن قبول ڪئي هئي. مختيارڪار صاحب جيڏي مهل گشت پورو ڪري منزل واري بنگلي تي پهتو تہ حاجي صاحب کي چوائي موڪليائين تہ هو سندن ڳوٺ ڪارڙا ڪونہ ٿو اچي سگهي. ماني بنگلي تي ڏياري موڪليو. بنگلو ڪارڙن ڳوٺ کان ٻن ميلن کن جي پنڌ تي هو، پر حاجي محمد علي خان کهاوڙ مختياڪار کي ورندي ۾ چوائي

موڪليو تہ هن سندس دعوت پنهنجي ڳوٺ ڪارڙن ۾ ڪئي هئي. ڪيس بنگلي تي ماني ڪانہ ڏياري موڪليندو ۽ نہ ڏياري موڪليائين. هو بک تي ئي رهيو يا شايد تپيدار بنگلي تي ماني تيار ڪرائي.

هڪڙي ڏينهن مختيارڪار صاحب وٽ شام جو سندس جڳهہ تي ويس تہ ڳالهہ ڪيائين تہ ڊپٽي ڪليڪٽر مظهر علي شيخ صاحب، جيڪو ان وقت قمبر سب ڊويزن جو ڊپٽي ڪليڪٽر هو ۽ تعلقہ ميرو خان بہ ان سب ڊويزن ۾ هو، چيو آهي تہ سندس پٽ عبدالقيوم شيخ شڪارپور ڪاليج ۾ پڙهندو آهي ۽ ڪاليج ۾ مسٽر محمد اڪرم انصاري انگريزيءَ جو پروفيسر آهي (اڪرم انصاري مختيارڪار محمد اعظم انصاريءَ جو عزيز هو) ان کي چئجي تہ سندس پٽ کي انگريزيءَ ۾ سٺيون مارڪون ڏئي. ان دور ۾ تعلقہ مختيارڪارن کي سرڪاري گاڏي جيپ وغيره ڪانہ مليل هوندي هئي ۽ وڏيڪ تہ انهن ڏينهن ۾ پوري تعلقي ۾جيپون رڳو ٻن زميندارن کي هونديون هيون. هڪ مهيسرن وٽ ۽ ٻي حاجي محمد علي خان کهاوڙ ڪارڙن واري وٽ. مختيارڪار صاحب کي ڊپٽي ڪليڪٽر صاحب جي مٿئين ڪم لاءِ شڪارپور وڃڻو هو، جنهن لاءِ ڪيس جيپ گهربل هئي. مون ڪيس چيو تہ حاجي محمد علي خان کي جيپ موڪلڻ لاءِ چوائي موڪليو. مان نٿو سمجهان تہ هو انڪار ڪندو. پهريائين تہ مختيارڪار صاحب حاجي صاحب کي جيپ موڪلڻ لاءِ چوائي موڪلڻ لاءِ تيار نہ هو، پر ڪيس ڊپٽي ڪليڪٽر صاحب جو سندس پٽ لاءِ ڪم چيو هو تہ لاچار حاجي صاحب جن کي جيپ لاءِ چوائي موڪليائين پر هن ڪانہ موڪلي.

مون پوءِ مختيارڪار صاحب کي چيو تہ جيڪڏهن اوهان اجازت ڏيو تہ مان حاجي صاحب جن کي پنهنجي پاران چوائي موڪليان، جو حاجي صاحب جن مون کي ڏاڍو پائيندا هئا. جڏهن بہ ميرو خان يا لاڙڪاڻي ڪم ڪار سانگي ايندا هئا تہ مون وٽ اچي ترسندا هئا. مختيارڪار صاحب جي هائوڪار ڪرڻ تي مان محرم ڪوٽوار، جنهن وٽ پلو گهوڙو هوندو هو، ان کي حاجي صاحب جن ڏانهن نياپو ڪري موڪليو. پر ڪوٽورار موٽي آيو، جو حاجي صاحب ان وقت ڳوٺ ۾ موجود ڪونہ هو. باقي حاجي صاحب جي پوٽي سڪندر حيات خط لکي موڪليو تہ اسان جا جاءِ جا ماڻهو بيمار آهن جن کي سيڻي علاج لاءِ شهدادڪوٽ وٺي وڃڻو آهي. جيئن تہ هو ٻارن کي ٽانگي تي نہ وٺي ويندا آهن انهيءَ ڪري جيپ موڪلڻ کان لاچار آهيون. اهو خط جنهن مهل پهتو تہ مان مختيارڪار صاحب وٽ ئي ويٺو هوس ۽ مون ڪيس چيو تہ هنن کي هيءَ لاچاري آهي، جا صحيح بہ آهي.

پوءِ مان موٽي جاءِ تي اچي سمهي رهيس تہ صبح جو چئين بجي ڏاري جيپ جو آواز منهنجي در تي ٿيو، جنهن تي پٽيوالي ٻاهر وڃي ڏٺو تہ حاجي صاحب جن جي ڊرائيور صيفل جيپ آندي هئي ۽ حاجي صاحب جن جو لکيل خط بہ ڪڍي آيو هو، جنهن ۾ حاجي صاحب جن لکي موڪليو هو تہ سندن پوٽي سڪندر حيات خان ٻارن کي علاج لاءِ موڪلڻ جو مون کي جيڪي لکي موڪليو هو،

اهو درست هو. پر پاڻ سڪندر حيات کي چيائين تہ هيڊ منشيءَ کين اڳي ڪڏهن بہ ڪو ڪم ڪار ڪونہ چيو آهي. هيءُ پهريون ڀيرو ئي آهي، جو جيڀ جو چوائي موڪليو اٿائين. انهيءَ عرصي جيڀ ڊرائيور سان موڪلجي ٿي.

مون اهڙو احوال مختيارڪار صاحب کي موڪليو ۽ ڪيس چوائي موڪليو تہ تيار ٿين تہ شڪارپور وڃي پروفيسر اڪرم انصاريءَ کي ڊپٽي ڪليڪٽر صاحب جن جي پٽ عبدالقيوم جي پارٽ ڪن، پر هن مون کي بہ ساڻس گڏ شڪارپور هلڻ لاءِ چوائي موڪليو. پوءِ گڏجي شڪارپور وياسين. پاڻ محمد اڪرم انصاريءَ کي عبدالقيوم جي پارٽ ڪيائين. پوءِ مون کي چيائين تہ هو ٽرين ۾ ڳوٺ دادوءَ ٿو وڃي ۽ مان پلي جيڀ ۾ ميرو خان وڃان. مون پوءِ ميرو خان پهچي جيڀ حاجي صاحب ڏانهن ڏياري موڪلي.

هڪ معتبر ماڻهوءَ کان ٻڌل قصو.

ميرو خان ۾ محمد حسن نالي ڪئنال اسسٽنٽ ٻارن سان رهندو هو. ان جي ڀرسان ئي روينيو ڪاتي جو هڪ ڪوٽوار خيرو ڪوکر ٻارن سان رهندو هو. جنهن جي زال تي محمد حسن ڪئنال اسسٽنٽ ايترو تہ عاشق ٿي پيو. جو خيري ڪوٽوار کي چوائي موڪليائين تہ اڄ تہ زالن تي سودو ڪيون، جو هو پنهنجي زال کيس ڏي ۽ خيرو ڪوٽوار پنهنجي زال هن (محمد حسن) کي ڏئي، پر غيرتمند ڪوٽوار اهو برداشت نہ ڪيو ۽ پنهنجا ٻار ڳوٺ بهرام ڇڏي آيو ۽ ايئن بي غيرت ڪئنال اسسٽنٽ کي دلي حسرت رهجي وئي.مان بهرحال محمد حسن ڪئنال اسسٽنٽ تي اهو الزام ڪونہ ٿو هڻان تہ هن جا خيرو ڪوکر ڪوٽوار جي زال سان ڪي اڳ ناجائز تعلقات هئا.

سال 1953ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ جي اليڪشن پئي ٿي، انهيءَ سلسلي ۾ مون کي سڀ پولنگ اسٽيشنون ڏسي هيڊ آفيس کي رپورٽ ڪرڻي هئي، جو ان وقت مختيارڪار موجود ڪونہ هو. مان ٻيون سڀ پولنگ اسٽيشنون چڪاس ڪري رات جو ميرو خان هيڊ ڪواٽر ۾ پهتس. باقي هڪڙي پولنگ اسٽيشن بني رهيل هئي. جيئن تہ صبح جو مون کي رپورٽ موڪلڻي هئي، انهيءَ ڪري رات جو ئي اها پولنگ اسٽيشن ڏسڻ جو پروگرام رکيم. جو ان دور ۾ مڪمل امن امان هوندو هو. رات جو سفر ڪرڻ ۾ ڪو خوف خطرو ڪونہ هوندو هو. رٿيل پروگرام مطابق مون تپيدار محمد پناهہ جروار کي چوائي موڪليو تہ پنهنجو ٽانگو آڻي جو بنيءَ هلڻو آهي. هن وٽ پنهنجو ذاتي ٽانگو ۽ گهوڙو هئا ۽ ٽانگو پاڻ هلائيندو هو. پوءِ رات جو هڪ وڳي ڌاري ان ٽانگي ۾ وارهہ برانچ جي اسٽيشن پاڻ سان وياسين پئي، ان ٽانگي ۾ محمد پناهہ تپيدار جو دوست جنهن جو نالو بہ محمد پناهہ هو. پڻ ٽانگي ۾ آڏو تپيدار ۽ منهنجي وچ ۾ ويٺو هو. ٽانگي ۾ پنيان محرم ڪوٽوار، جو ڏاڍو برجستو هو. ويٺو هو. رات اونداهي هئي، پر انسپيڪشن پاڻ تمام سني حالت ۾ هئي. ٽانگو مزي مزي سان هلي رهيو هو. اهي اونهاري جا ڏينهن هئا، پر رات جو مڙئي ڪجهہ هوا لڳي پئي. ڪجهہ پنڌ اڳتي هلياسين تہ پري ڪان سامهون هڪل ٿي، جنهن تي محمد پناهہ تپيدار اوڏانهن ٽارچ هنئي تہ ان تي سامهون ڪا گار

ٻڌڻ ۾ آئي، جنهن تي تپيدار ڪاوڙ ۾ اچي سندس پاسي ۾ رکيل بندوق کڻي سڌي ڪري سامهون گار اچڻ طرف فائر ڪرڻ تي هو تہ مون ڪيس روڪيو تہ صبر ڪر ۽ تڪڙ نہ ڪر. انهيءَ دوران ٽانگو هلندو پئي رهيو. ڪجهہ مفاصلو اڳتي هلياسين تہ ٽانگي ۾ جنهن پاسي مان ويٺو هوس تہ ان پاسي وارهہ برانچ جي پاڻ تي قربان علي ڀٽي تپيدار بيٺو هو جنهن مون کي ڏسي چيو تہ خان صاحب آهي. مان ٽانگو روڪرائي ڪانئس پڇيو تہ هن بيگاهہ وقت اتي ڪيئن بيٺو آهين؟ جنهن تي ٻڌايائين تہ هو پاڻ ۽ قاسم ڊڪڻ گدڙن جي شڪار تي آيا هئا. قاسم ڊڪڻ وارهہ برانچ جي ٻئي ڪپر تي هو. مون قربان ڀُٽي تپيدار کي چيو تہ خدا تعاليٰ سر بچايو اٿئي، جو محمد پناهہ جروار تو طرف بندوق سڌي بہ ڪئي هئي ۽ فائر ڪرڻ تي ئي هو جو مون روڪي وڏومانس، پوءِ اسان اڳتي روانا ٿي وياسين.

علي رضا شاهہ (ويٽل شڪارپور) بہ ميرو خان ۾ مختيارڪار ٿي آيو هو. ان جي سڪندر حيات کهاوڙ ڪارڙن واري سان ڏاڍي دوستي ٿي وئي هئي. منهنجي بہ سڪندر حيات خان سان اڳ ئي دوستي هئي، جيڪا خبر علي رضا شاهہ صاحب کي بہ هئي. انهيءَ ڪري جڏهن بہ سڪندر حيات خان وٽس ايندو هو تہ مختيارڪار صاحب مون کي بہ گهرائي وٺندو هو ۽ ڪچهري ٿيندي هئي. علي رضا شاهہ صاحب مون کي ڏاڍي عزت ڏيندو هو ۽ پنهنجو زيردست نہ سمجهندو هو.

مير محمد ڪولاچي صاحب (ويٽل ميرپور ماٿيلو) بہ ميرو خان ۾ مختيارڪار ٿي آيو هو. توڻي جو هو مون سان سٺو هلندو هو. پر هن جهڙو ذليل مختيارڪار يا ٻيو ڪو ڪامورو اڄ تائين مون نہ ڏٺو آهي.

هن جي ذلالت جي ڳالهہ ايئن آهي جو ميرو خان سب جيل ۾ هڪ عورت منهن ڏوهہ ۾ نظربند هئي. اها هڪ ڪنڊ واري عام خلق کان پري بئرڪ ۾ رهي پئي هئي. ٿورن ڏينهن ۾ سردار عالم خان گوپانگ بہ ڪنهن جرم ۾ ڦاٿو. سب جيل ميرو خان ۾ هڪ بئرڪ ۾ بند ٿيو. پر ان بئرڪ تي هر ايندڙ ويندڙ ماڻهوءَ جي نظر پوندي هئي، جي ڪيس جيل ۾ پيل ڏسندا ويندا هئا. عالم خان گوپانگن جو سردار هو. انهيءَ ڪري هو ڏاڍو شرمسار ٿيندو هو. هن پوءِ مختيارڪار (مير محمد ڪولاچيءَ) کي الائي بہ ڪيئن راضي ڪيو جنهن ڪري مختيارڪار ڪيس بند واري بئرڪ جنهن ۾ عورت قيڊ بند هئي، ان ۾ رهايو. جيئن مٿس ڪنهن جي نظر نہ پوي. عورت کي عالم خان گوپانگ واري ڪليل بئرڪ ۾ شفٽ ڪيو ويو. ان بئرڪ جي دروازي تي پاڻ پنهنجي سر هٿوڙي سان ڪوڪا ٺوڪي انهن ۾ پڙدو ٻڌي ڇڏيو تہ جيئن ان عورت تي ڪنهن بہ لنگهوڙ جي نظر نہ پوي.

سردار محمد جعفر خان بلوچستان صوبي ۾ نائب تحصيلدار هو. سندس والد سردار محدم حسين خان جي زمين ميرو خان تعلقي ۾ حاڪم شاهہ جي پرسان ڪنيل هئي. انهيءَ جي سنڀال لاءِ ايندو ڪندو هو تہ مون وٽ بہ ايندو هو. هڪ بہ پيرا لاڙڪاڻي بہ مون وٽ آيو هو. زردالن جي پيتي بہ هڪ بہ دفعا موڪلي هئائين. مان بہ هڪ پيرو وٽس ڪوئيٽا ويو هوس، هو توغي روڊ تي رهندو هو.

سڪندر حيات کهاوڙ ۾ مان زيارت وڃي، اتي ٻه مهينا ڪن آرام ڪرڻ جو پروگرام رٿيو. انهيءَ ڪري مون 13.05.1959 کان ٻن مهينن جي موڪل ورتي.

پروگرام ايئن طئ ڪيوسين تہ مان شام جو سڪندر حيات کهاوڙ جي ڳوٺ ڪارڙا ۾ ويندس. اتي رات جي ماني کائي ٿوري رات ٺرندي تہ ٻارهين وڳي ڏاري سندس جيپ ۾ زيارت لاءِ روانا ٿيندا سين.

سڪندر حيات خان سيڏو پاڏو (گهہ، اٽو، چانور وغيره) ۽ هنڌ بسترا، گلم غاليچا جيپ ۾ رکرايا ۽ ماني کائي رٿيل پروگرام مطابق رات جو 12 وڳي ڪارڙن مان روانا ٿياسين. سڪندر حيات جو ڏاڏو حاجي محمد علي خان کهاوڙ ٻہ اسان سان گڏ هليو، پر سندس پروگرام رڳو ڪوئيٽا تائين هو. سڪندر حيات پنهنجو ڊرائيور صيفل ۽ بورچي حاجي ٻہ ساڻ ڪنيا، جيڪي جيپ ۾ پويان سامان تي ويٺا هئا. جيپ هن پاڻ پئي هلائي. ڪلاڪ، ڏيڍ مس عيدن شاخ جي پاڻ سان هلياسين تہ اوچتو وڏو ڏماڪو ٿيو ۽ گاڏي بند ٿي وئي. هيٺ لهي ڏٺوسين تہ عيدن شاخ کي چڱو ڀلو گهارو پئجي ويو هو ۽ پاڻي تيز پئي وهيو. شايد تہ شاخ ۾ اڳيئي ڪا روڻ پيل هئي. پوءِ جيپ ۾ پنيان گهڻي سامان جي وزن ڪري روڻ واري هنڌ گهارو انڪري پئجي ويو هوندو، جو انهيءَ جڳهہ وٽ پاڻ جي مٿي ويهي وئي هوندي. جيپ جا اڳيان ويل تہ گهاري مان نڪري ويا هئا پر پويان ويل ان ۾ ڦاسي پيا، پر خدا تعاليٰ پناهہ ڏني، جو جيپ پوئتي ڪلتي نہ ڪاڏي نہ تہ خدا ڄاڻي الائي ڪهڙو حشر ٿئي ها. اها جڳهہ روجهاڻ وارن پٽن جي هئي. پئسو ڏوڪڙ ٻہ هر ڪنهن کي چڱو ساڻ هو، پر حاجي محمد علي خان توڻي سڪندر حيات کي هٿيارن هوندي ٻہ، ٻنهي مان ڪنهن ٻہ ڪو هٿيار پاڻ سان نہ ڪنيو هو. حاجي صاحب جن چيو پئي تہ هتي اهڙو ڪوبہ خوف خطرو ڪونهي جو هو پاڻ اتي ڪيترا دفعا شڪار ڪري ويو هو.

ڪجهہ پنڌ تي ڳوٺ مان ڪتن جي ڀونڪڻ جا آواز پئي آيا. سڪندر حيات پنهنجي ڊرائيور ۽ بورچيءَ کي اوڏانهن موڪليو تہ ڪن ماڻهن کي مدد لاءِ سڏي وٺي اچي، پر اڌ رات جو اٽڪل اڍائي ـ ٽين وڳي جو وقت هو، انهيءَ ڪري ڪوبہ ماڻهو سندن سڏڻ کان پوءِ ٻہ گهران نڪري مدد لاءِ ڪونہ آيو. خير پوءِ ڊرائيور صيفل ۽ بورچي حاجي، جيڪي ٻئي سگها مڙس هئا، تن جيپ کي مٿي پٽي گهاري ۾ ڦاٽل پويان ويل ڪڍي ورتا. سڄي گاڏي عيدن شاخ تي پاڻ تي اچي وئي، پر گاڏيءَ جون ڪمانيون ڇهيون ٿي ويون هيون، پر تڏهن ٻہ سڪندر حيات جيپ آهستي آهستي ڪاهيندو آيو ۽ ڪجهہ مفاصلو ڪرڻ کان پوءِ هزيري بنگلي تي پهتاسين. اتي صاف ڏينهن ٿي ويو. بنگلي تي هڪڙو اريگيشن ڪاتي جو اوور سيئز صديقي جيڪو پاڻ شهر ضلع دادوءَ جو ويٺل مليو، جنهن سان پنهنجي واقفيت ڪرائي سين ۽ سارو احوال ٻہ ڪيوسين. هن چيو تہ هتي اناج ڪاتي وارن جو گدام آهي ۽ ترڪ اچڻي آهي ۽ اها اچي تہ ان جي ڊرائيور کي چئي جيپ جون ڪمانون سڏيون ڪرايون ٿا. پوءِ جڏهن ترڪ آئي تہ ان جي ڊرائيور جيپ جون ڪمانيون سڏيون ڪري ڏنيون ۽ جيپ صحيح

هلڻ لڳي. منجهند جو اچي جهٽ پٽ پهتاسين ۽ هوٽل تي ماني کاڌي سين. گرمي تمام ڏاڍي هئي. ايتريقدر جو هوٽل جي ٻاهران جيڪي گڏهه يا گهوڙا بيٺا نظر پئي آيا، اهي به بيٺي ڏاڍو سهڪي رهيا هئا. ماني کائي پوءِ اڳتي روانا ٿياسين. رات جو 12 وڳي سبيءَ پهتاسين. صحبت سراءِ ۾ ڪٿون وٺي ويٺاسين.

سبيءَ جي گرمي به، الله جي پناهه، مشهور آهي. وڏيڪ ته صحبت سراءِ جون پٽيون به تمام اوچيون هيون. انڪري 12 وڳي رات کان 4 بجي صبح تائين ويٺي ئي گذاريسين. پوءِ حاجي صاحب جن چيو ته هلو ته ٻاهر هلي ڪنهن ميدان تي ٿيون، تيستائين فجر جي نماز جي مهل به ٿي ويندي. انهيءَ ڪري اتي نماز پڙهي پوءِ اڳتي هلجي. پوءِ ايئن ئي ڪيوسين ۽ مچ پهچي اتي وهنجي ٿورو آرام ڪري هوٽل تي ماني کائي ڪوئيٽا ڏانهن روانا ٿياسين. ڪوئيٽا پهچڻ تي حاجي محمد علي خان جن اتي ئي ترسيا ۽ اسان زيارت ڏانهن روانا ٿياسين.

ڪوئيٽا کان گلستان _ بوستان تائين ته رستو سٺو هو پر اڳتي جڏهن رستو جبلن ۾ شروع ٿيو اهو نهايت سوڙهو ۽ خطرناڪ هو. ٿوري ٿوري مفاصلي تي خطرناڪ موڙ هئا. ڪوئيٽا کان زيارت 76 ميل پنڌ تي آهي، پر جبلن ۾ 35 ميل کن رستو اهڙو ته تنگ خطرناڪ ۽ وڙ وڪڙن وارو هو جو رستي تي چپي چپي تي سائن بورڊ لڳل هئا، جن تي لکيل هو (Keep on Blowing) (هارن وڄائيندا رهو) ڇاڪاڻ جو روڊ سوڙهو هئڻ ڪري آمهون سامهون ايندڙ ٻن گاڏين جو ڪراس ڪرڻ به ڏاڍو مشڪل هو. خير الله پاڪ کي سنڀاليندي رات جي وقت زيارت پهتاسين. ان دور ۾ زيارت ۾ ڪا خاص آبادي ڪانه هئي، اتي رڳو سرڪاري آفيسون ۽ ريسٽ هائوس هئا. سبي ضلع جو اونهاري جي مند ۾ هيڊ ڪوارٽر سبي بجاءِ زيارت هئو. هينئر ٻڌڻ ۾ اچي ٿو ته زيارت ڪافي آباديءَ وارو ۽ سرڪاري آفيسن کان علاوه خانگي بنگلن وارو شهر بنجي ويو آهي.

صبح جو مان اٿي نماز پڙهي ويٺس ته ٿوري مهل کان پوءِ هڪڙو سپاهي آيو ۽ چيائين ته جيئن ته ڪمشنر صاحب اچي ٿو، سو تحصيلدار صاحب موڪليو آهي ته جيپ وٺي اچينِ جو هو ڪمشنر صاحب جن ڏانهن پيو وڃي. جيپ هوٽل جي ٻاهران سامهون روڊ تي بيٺل هئي جا ڏسي شايد سپاهي آيو هجي مون سپاهيءَ کي چيو ته جيپ جو مالڪ ننڊ پيو آهي، اهو اٿي ته پوءِ تون اچجانءِ. باقي مان ته جيپ ڪونه ڏئي سگهندس. پوءِ جڏهن سڪندر حيات ننڊ مان اٿيو ته مون ساڻس اهو احوال ڪيو. ٿوري دير کان پوءِ ساڳيو سپاهي وري آيو ۽ سڪندر خان کي جيپ ڏيڻ لاءِ چيائين، جنهن تي هن کيس سخت تڙي پٽائي ۽ چيائينس اسان سنڌ مان انهيءَ گاڏيءَ جي بيگر جي تتئون ته هت آيا آهيون ۽ هتي به اهائي بيگر. وڃي پنهنجي تحصيلدار کي چئو ته گاڏي ڪونه ڏيندس. سپاهي ويچارو ڪن ٻوساٽيون هليو ويو. اسان جي زيارت ۾ رهائش واري سموري عرصي دوران ڪڏهن به ڪونه آيو.

سڪندر حيات پوءِ چيو تہ هاڻي تحصيلدار کي ريسٽ هائوس ۾ ڪنهن ڪمري ڏيڻ لاءِ ڪونہ ٿا چئون. اتي هوٽل ۾ ئي رهيا پيا هونداسين. گلم، غاليچا، ڪمبل ۽ سوڙيون ۽ ڪاڏي پيتي جو سامان وغيره تہ سڀ ساڻ هئا ئي، انهيءَ ڪري سمورو عرصو ان هوٽل ۾ ئي رهياسين.

زيارت ۾ ان وقت ۾ ڪابہ ٻہ ماڙ جڳهہ ڪانہ هئي، سواءِ ريزيڊنسيءَ (Residency) جي، جنهن ۾ جناح صاحب گرميءَ جي ڏينهن ۾ اچي رهندو هو. ان ريزيڊنسيءَ ۾ هڪڙو چوڪيدار هوندو هو، جنهن جو خاندان پشت بہ پشت چوڪيدار رهندو پئي آيو. انهيءَ هلي اسان کي هيٺ مٿي ساري جڳهہ گهمائي.

جناح صاحب ۽ سندس همشيره محترمہ فاطمہ جناح جن لاءِ ٻڌايائين تہ اهي مٿي رهندا هئا. جناح صاحب جي علاج معالج وارو ڊاڪٽر صاحب هيٺ رهندو هو، پر جڏهن جناح صاحب کي تڪليف وڌي وئي تہ ڊاڪٽر بہ مٿي پاسي واري ڪمري ۾ رهڻ لڳو هو.

زيارت ۾ ساوڪ بہ ڏاڍي هوندي هئي. خاص ڪري ريزيڊينسيءَ سامهون جيڪو چڱو وڏو لان هو، اهو تہ ڄڻ سائو غاليچو پئي لڳو. اکروٽن جا وڏا وڻ بہ جام هئا، جن ۾ ان وقت ساوا اکروٽ بہ موجود هئا. پستن جا بہ ڪجهہ ٻوٽا موجود هئا جن ۾ پڻ پستا ڦٽا بيٺا هئا.

اسان زيارت کان ٿوري مفاصلي تي آبشار، جيڪي جبلن جي وچ ۾ هئا، اهي بہ وڃي ڏٺا، جن جا نظارا ڏاڍا دلڪش هئا. هوا بہ تمام ٿڌي پئي لڳي. اسان زيارت ۾ ٻہ مهينا ڪن عرصو رهڻ دوران ٻہ دفعا ڪوئيٽا بہ گهمڻ وياسين. زيارت ۽ ڪوئيٽا جي آبهوا ۾ بہ وڏو فرق هو. اسان زيارت مان گرم ڪپڙا پائي ڪوئيٽا کان ويهہ _ ٻاويهہ ميل ٻاهر گلستان بوستان وٽ پهچندا هئاسين تہ اهي ڪپڙا لاهي سوٽي ڪپڙا پائي ڪوئيٽا ايندا هئاسين.

ڪوئيٽا ۾ان دور ۾ يعني اڄ کان 45 سال ڪن اڳ بہ پڙدي جو گهڻو خيال ڪونہ ڪيو ويندو هو ۽ پناڻن جون نهايت خوبصورت شڪل، شباهت واريون چڱي وهيءَ واريون توڙي ننڍي عمر واريون جوان عورتون بلڪل ڪلي منهن روڊن توڻي بزارن ۾ گهمندي ڦرندي ڏسبيون هيون.

اها بي پردگي تہ هاڻي عروج تي پهچي چڪي آهي، جو خاص ڪري شهرن ۾ تہ ڪا ايڪڙ ٻيڪڙ عورت برقعي سان نظر ايندي، خاص طرح حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ۾. ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد ۾ خاص طور لباس ۾ بہ عورتن وڏي تبديلي آڻي ڇڏي آهي. اڳ واري دور جي گهرگهلن (ڊلن) ۽ زدامري ڪپڙي جي پوشاڪ جي جڳهہ تي نهايت چست (تنگ) ۽ باريڪ (سنهي) ڪپڙي واريون ڊريسون پهرڻ هر عمر واري عورت جي پسنديده ڊريس آهي. ٻين سنڌ جي وڏن شهرن جهڙوڪ سکر، نوابشاهہ، لاڙڪاڻي ۾ بہ سمجهان ٿو تہ اها ئي حالت هوندي، پر مان ڪافي عرصي کان ايڏانهن ڪونہ ويو آهيان انهيءَ ڪري ان باري ۾ ڪجهہ خاطريءَ سان نٿو چئي سگهان. البت لاڙڪاڻي جڏهن ڪنهن شاديءَ جي موقعي تي وڃڻ ٿيندو آهي تہ اتي بہ مٿي ذڪر ڪيل حالت گهڻو ڏسڻ ۾ ايندي آهي. ڳچيءَ وٽ بہ پهراڻ کي آهستي آهستي هيٺ تي ئي سوريندیون سرڪائيندیون وڃن ۽ خبر ناهي تہ ڪٿي وڃي دنگ ڪنديون.

هيڊ منشي تعلقہ لاڙڪاڻہ

مان لاڙڪاڻي تعلقي ۾ رڳو هڪ ڀيرو 12.06.1957 کان 24.08.1957 تائين هيڊ منشي ٿي رهيس.

جمع خان مختيارڪار هو. مير شهداد خان ٽالپر لاڙڪاڻي سب ڊويزن جو ڊپٽي ڪليڪٽر هو. هڪڙي رات خانبهادر محمد ايوب خان کهڙي صاحب جن جو ماڻهو منهنجي جاءِ تي آيو ۽ چيائين تہ خانبهادر صاحب چيو آهي تہ صبح جو آفيس وڃان تہ ساڻس سندس بنگلي تي ملندو وڃان. خانبهادر صاحب انهن ڏينهن ۾ پنهنجي اوائلي ايمپائر روڊ واري بنگلي ۾ رهندو هو.

مان صبح جو سندن بنگلي تي ويس ۽ کين اطلاع ڪرايو. جنهن تي مون کي اندر پاڻ وٽ گهرائي رڳو ايترو چيائين تہ سندس ڪمدار تي منهنجي ڪورٽ ۾ ڪيس هلندڙ آهي، ان جو ترت فيصلو ڪجو. مان هائو ڪري پوءِ ڪانئن اجازت وٺي آفيس آيس پر منهنجي لاڙڪاڻي تعلقي مان ترت ئي بدلي ٿي وئي. ان ڪيس جي هڪ شنوائي، منهنجي ٽائيم ۾ ڪانہ ٿي.

ان سال ڍل جو ريٽ (رڪب) اوچتو وڌي آيو هو. تعلقي جي ڍل جي مڪمل وصولي ڪري، ٻي باقيءَ جي رپورٽ 31 جولاءِ تي ڏيڻي پوندي هئي پر جيئن تہ ڍل جو ريٽ اوچتو وڌي آيو هو ۽ 31 جولاءِ تاريخ نزديڪ هئي انهيءَ ڪري ڍل جي وصولي ايتري خاطرخواهہ طرح نہ پئي ٿي، جو مقرر تاريخ تي ٻي باقي ڏئي سگهجي. اها حالت ڏسي ڊپٽي ڪليڪٽر صاحب (مير شهداد خان ٽالپر) تعلقي جي سمورن تپيدارن کي پنهنجي آفيس ۾ گهرايو ۽ مون کي ۽ مختيارڪار صاحب کي بہ پاڻ وٽ گهرايو. اسان ٻئي سندن پاسي ۾ رڪيل ڪرسين تي وڃي ويناسين.

ڊپٽي ڪليڪٽر صاحب جن سيني تپيدارن کي پنهنجي سامهون قطار ۾ بيهاري کين هڪ ڇيڙي کان وٺي آخري ڇيڙي تائين ويني، پوندا ڏيندو ويو. کين سخت ڇنڊ پٽيائين تہ وصولي وقت اندر ڪري ڏيو. هڪ بہ تپيدار کا ٻڙڪ نہ ڪڍي. وڃي وصوليءَ کي زور شور سان لڳا. سموري ڍل، وقت اندر وصول ڪئي وئي. ايئن مقرر تاريخ اندر تعلقي جي ٻي باقي رپورٽ ڪئي وئي.

اڄ اهو دور اچي ويو آهي جو ڪنهن هڪ تپيدار کي بہ جيڪڏهن سندس لاپرواهي ۽ ڊيوٽيءَ ۾ ڪوتاهي ڪرڻ تي زباني تنبيهہ ڪجي ٿي تہ ان آفيسر خلاف تعقلو يا ضلعو تہ ڇا، پر پوري سنڌ ۾ سندن ائسوسيئيشن وارا جلوس ڪڍي جلسا ڪري ٻڙڪ مچائي ٿا ڏين ۽ ڪابہ سختي برداشت ڪرڻ لاءِ تيار ناهن.

هيڊ منشي تعلقہ ڏوڪري

- 9.5.55 کان 1.7.1955 تائين
- 3.2.58 کان 23.9.58 تائين
- 14.7.59 کان 25.1.1960 تائين

منهنجي ڏوڪري ۾ عرصي دوران فضل محمد عباسي صاحب، محمد بچل جڪرو صاحب ۽عبيدالله خان مهر صاحب جن منهنجا مختيارڪار ٿي رهيا. هڪڙي ڏينهن مان ڊل جي وصولي لاءِ تعلقہ هيڊ ڪواٽر کان ٻاهر ڳوٺن ۾ پئي ويس تہ پٽيوالي کي چيم تہ ڪو ٽانگو ڪرائي اچي. هن هڪ ٽانگي واري کي چيو پر ان کيس اچڻ کان انڪار ڪيو. مون پوءِ کيس ٽاٽي تي موڪليو تہ وڃي صوبيدار کي چوي تہ ڪو سپاهي موڪلي ان ٽانگي واري کي وٺي اچي. پوءِ سپاهي ان ٽانگي واري کي مارڪٽ ڪري ٽانگي سوڌو وٺي آيو. توڻي جو مون کين ٽانگي واري کي مارڪٽ ڪرڻ لاءِ ڪونہ چيو هو. خير پوءِ مان گشت ۾ هليو ويس. شام جو موٽي آيس. ٽانگي واري کي جيڪو ڪرايو هن چيو اهو بہ ڏنم. ٻئي ڏينهن صبح جو ڏوڪري شهر جا سڀ ٽانگي وارا وفد ڪري منهنجي خلاف لاڙڪاڻي A.D.M صاحب وٽ پڪارڻ ويا. سندن وفد اڃا ٻاهر ئي بيٺو هو جو A.D.M اڃا آفيس ۾ ڪونہ آيو هو تہ اتان وڏيرو موسيٰ خان ٻگهيو ڏوڪري تعلقي جو زميندار اچي لنگهيو. وفد کي ڏسي سندن اچڻ جو سبب ڪانئن پڇيو. جنهن کي هنن سموري مٿين حقيقت ٻڌائي. وڏيري موسيٰ خان سيني ٽانگي وارن کي ڏاڍا دڙڪا ڏئي واپس ڪيو ۽ چيائين تہ هو پاڻهي ڏوڪريءَ اچي هيڊ منشيءَ سان ڳالهائيندو. پر هو ان باري ۾ ڪڏهن بہ مون وٽ ڪونہ آيو. اهو ٽانگي وارو پوءِ پنهنجو خانگي ٽانگو ڇڏي وڃي ٽاٽي جي صوبيدار جو ٽانگو هلائڻ لڳو.

هڪ ڏينهن مختيارڪار صاحب فضل محمد عباسي تعلقي ۾ گشت ۾ ويو تہ هڪڙي زميندار ڪيس منجهند جي مانيءَ جي دعوت ڏني. مانيءَ ۾ دير هئي، انهيءَ ڪري مختيارڪار صاحب وري پرسان ٻئي ڳوٺ ڏانهن گشت ۾ ويو تہ زميندار چيس تہ پوءِ ماني اتي ڏياري ٿو موڪليانوَ پر هن کي ماني موڪلڻي ئي ڪانہ هئي، سا نہ موڪلي نہ موڪليائين. رات جو مختيارڪار واپس آيو تہ هن لاءِ چانورن جي پليٽ ۽ بہ انب پيا هئا، جن مان چانورن جو اڌ ۽ هڪ انب ننگر ناٿر کي ڏنائين ۽ باقي اڌ چانور ۽ هڪ انب پاڻ کائي ٻنهي سڄي ڏينهن جي بک لاٿي.

مان هڪ ڏينهن رات واري ٽرين ۾ ڏوڪريءَ کان لاڙڪاڻي پئي آيس. ڏوڪري اسٽيشن تي ٻنهي گاڏين جي ڪراسنگ هئي. هڪ لاڙڪاڻي ۽ ٻي دادوءَ پئي وئي. اهو رات جو 11 وڳي ڌاري جو ٽائيم هو. مان ٽرين ۾ ويٺو ئي هوس تہ ڪنهن جو آواز ٻڌم تہ هيءُ ليٽر مختيارڪار صاحب کي پهچائي ڏيو. اهو هن شايد اسٽيشن ماسٽر کي ئي چيو هو پر جيئن تہ مختيارڪار هيڊ ڪواٽر ۾ موجود ڪونہ هو، انهيءَ ڪري مان ٽرين مان لٿس ۽ اڳ ۾ ٻاهر وڃي بگي جمعدار کي چيم تہ هڪڙو

ٽانگو منهنجي لاءِ روڪجانءِ جو پٽيوالو مون کي اسٽيشن تي ڇڏي موٽي ويو هو. مون پوءِ اچي اسٽيشن ماسٽر کان پڇا ڪئي ته ليٽر ڪنهن آندو آهي ۽ اهو ماڻهو ڪٿي آهي؟ هن ليٽر مون کي ڏئي چيو ته ليٽر آڻيندڙ ويٽنگ روم ۾ ويٺا آهن. مان ساڻن وڃي مليس، جيڪي فرانس جا رهواسي هئا، جن ۾ به مرد ۽ هڪ عورت هئي جي موهن جو دڙو گهمڻ آيا هئا.

ليٽر پڙهيم ته اهو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو مختيارڪار ڏانهن لکيل هو ته هي سياح ساڻس ترين ۾ واقف ٿيا آهن، جي موهن جو دڙو گهمڻ اچن ٿا ۽ انهن جي پارت هجيوَ. انهن مون کي چيو ته ڪين بنگلي تي پهچايان، پر مون ڪين چيو ته هن وقت تمام دير ٿي وئي آهي. انهيءَ ڪري اوهان رات ويٽنگ روم ۾ ئي گذاريو. صبح جو توهان کي بنگلي تي پهچائڻ جو بندوبست ڪبو. مان پوءِ پليٽ فارم کان ٻاهر آيس ته بگي جمعدار بيٺو هو، پر هن مون لاءِ جيڪو ٽانگو روڪيو هو، ان تي آڏو مسٽر غلام هادي بلوچ فرسٽ اسسٽنٽ ڏوڪري هاءِ اسڪول چڙهيو ويٺو هو ۽ پويان هڪڙو مڇيءَ وارو پنهنجي مڇي ٽانگي ۾ رکي چڙهيو ويٺو هو. مون بگي جمعدار کي چيو ته بابا مون جو توکي ٽانگي روڪڻ لاءِ چيو هو، اهو ڪاٿي آهي!؟ جنهن تي هن چيو ته سائين مون اهو ئي ٽانگو روڪيو هو ۽ استاد صاحب کي ٻڌايم به، پر هو زوريءَ چڙهي ويٺو جو ٻيو ٽانگو موجود ڪونه هو. مان جيستائين مسٽر غلام هادي بلوچ کي ڪجهه چوان، ان کان اڳ ئي هن چيو ته هيڊ منشي ڇا ڪندو، وڏ ۾ وڏ ڪنڊ جي پرمٽ نه ڏيندو نه! مون پوءِ ٽانگي واري کي چيو ته ٽانگي مان گهوڙو ڇوڙ ان تي چڙهي وڃي ٻيو ٽانگو ڏوڪريءَ مان ڪهرائي اچ. ٽانگي وارو پوءِ ٽانگي جا سازَ ... پَٽ تي رکي گهوڙي تي چڙهي روانو ٿيو، اتي مڇيءَ واري چيو ته سائين منهنجي مڇي خراب ٿي ويندي، جنهن کي مون چيو ته توکي ڪٿي هلندس. ان تي غلام هادي بلوچ چيو ته هو مڇيءَ واري جهڙو به ناهي. مون چيومانس ته اوهان جي ڳالهائڻ جو رويو ڇا هو اهو ڪونه ٿا ڏسو. پوءِ هن مجبور ٿي ٽانگي تان لهي ڏوڪري زرعي فارم وچان گوڏي کي وهايو ۽ پنڌ وڃي ڏوڪري پهتو ۽ شهر ۾ دانهون ڪندو پيو وڃي ته هيڊ منشيءَ ساڻس هيءَ حالت ڪئي آهي.

ايتري ۾ ڏوڪري شهر جي پاسي کان ٻئي ٽانگي جي گهوڙي جي هلڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ پئي آيو ۽ ٽانگو اچي اسٽيشن تي بيٺو، جيڪو ٽانگي وارو گهوڙي تي چڙهي ٽانگي وٺڻ لاءِ پئي ويو، اهو به اڌ رستي تان واپس موٽي آيو. مون پوءِ ٻنهي ٽانگي وارن کي ڪرايو ڏنو. هڪ ٽانگي تي مان چڙهيس ۽ ٻئي ٽانگي تي بم واري کي روانو ڪيم. ٻئي ٽانگي واري کي اهو به چئي ڇڏيم ته غلام هادي بلوچ کي رستي تي به نه ڪٽجانءِ.

صبح جو فرانس وارن سياحن کي ڏوڪري اسٽيشن جي ويٽنگ روم کان گهرائي ڪين ڏوڪري بنگلي ۾ رهايم. هو به ڏينهن اتي ترسيا ۽ موهن جو دڙو گهمي آيا. سندن پسند واري غذا مرغي پئي تيار ٿيندي هئي، جا ڏاڍي شوق سان پئي کاڌائون.

مسٽر اختر محمود صاحب C.S.P آفيسر اسسٽنٽ ڪمشنر انڊر ٽريننگ هو ۽ ڏوڪري تعلقي جي چارج ان کي مليل هئي. ٻن چئن ڏينهن کان پوءِ جڏهن هو لاڙڪاڻي کان ڏوڪريءَ آيو تہ مون سموري حقيقت ان کي ٻڌائي ۽ چيومانس تہ ايئن تہ انتظام نہ رکي سگهبو. مون ٿورو مرچ مصالح ڳنڍي چيو تہ سياحن کي ويٽنگ روم ۾ سڄي رات مڇرن پئي پٽيو. هو ننڊ بہ ڪونہ ڪري سگهيا هئا. صاحب موصوف مون کي چيو تہ هڪڙي پٽيوالي کي موڪل تہ وڃي غلام هادي بلوچ کي وٺي اچي، پر هو ان سان نہ آيو. پوءِ صاحب ڏوڪري ٽاٽي جي صوبيدار نظر احمد کي چوائي موڪليو تہ غلام هادي بلوچ کي وٺي اچي وٽس حاضر ڪرائي. غلام هادي بلوچ تہ اسڪول مان کسڪي گم ٿي ويو. باقي صوبيدار هاءِ اسڪول جي هيڊ ماسٽر صاحب کي ساڻ وٺي اختر محمود صاحب وٽ آيو جنهن کي صاحب ٿوري ڇنڊ پٽي چيو تہ هن کيس تہ ڪونہ گهرايو آهي، پر هاڻي غلام هادي بلوچ کي وڃي چوي تہ هيڊ منشيءَ کان معافي وٺي نہ تہ هو D.M صاحب (انور عادل) کي چئي کيس غنڊا ايڪٽ ۾ چالان ڪرائي ۽ کيس پاڻ ڏي ٽرانسفر ڪرائي غلام هادي بلوچ کي سزا ڏيندو. هيڊ ماسٽر صاحب پوءِ واپس روانو ٿي ويو. مون صاحب کي چيو تہ اها ڇنڊ ئي ڪافي اٿن. اميد تہ آئينده لاءِ سڌري ويندا.

اختر محمود صاحب سان لاڳاپي واري ڪنهن ماڻهوءَ تي ريزيڊنٽ مئجسٽريٽ ڏوڪري مسٽر محمد حسن سولنگيءَ جي ڪورٽ ۾ ڪيس هلندڙ هو. پر هن ان کي بري ڪرڻ لاءِ پاڻ ڪونہ چيو ۽ مون کي چيائين تہ ان ڪم لاءِ مان کيس چوان. مون پوءِ وڃي ريزيڊنٽ مئجسٽريٽ صاحب کي عرض ڪيو ۽ ساري حقيقت بہ ٻڌايم. جنهن پوءِ ان جوابدار کي بري ڪري ڇڏيو. وقت گذرندو رهيو ۽ هڪڙي ڏينهن مان لاڙڪاڻي کان ڏوڪريءَ ترين ۾ پئي ويس ۽ لاڙڪاڻي اسٽيشن تي جيئن ئي مان انٽر ڪلاس گاڏي ۾ چڙهيس تہ غلام هادي بلوچ اڳيئي ان گاڏي ۾ ويٺو هو. مون کي ڏسي چيائين تہ لهو بابا لهو روينيو وارا اچي ويا آهن. پاڻ پنهنجي پوٽڙي ۾ ٻڌل ڳنڍ ڪلهي تي رکي گاڏي مان لهي وڃي ٻئي گاڏي ۾ ويٺو. مان پوءِ جڏهن 1960ع ۾ وارهہ ۾ تعلقي هيڊ منشي ٿي ويس تہ هو اتي هاءِ اسڪول جو هيڊ ماسٽر هو. اتي ڪن وچ ۾ پئي اسان ٻنهي جو ناهہ ڪرائي ڇڏيو.

هڪڙي ڀيري مان ڏوڪريءَ ۾ هيڊ منشي هوس تہ عبيدالله خان مهر ان وقت مختيارڪار هو. ڏوڪري تعلقي جو زميندار عبدالقادر خان ٻگهيو وفات ڪري ويو هو. جنهن جي تعزيت ڪرڻ لاءِ مان وڏيري موسيٰ خان ٻگهئي ڏانهن سندس ڳوٺ ويو هوس. شام جو ڪو مختيارڪار منهنجي پڇا ڪئي، پر مان هيڊ ڪواٽر ۾ موجود ڪونہ هوس. صبح جو مختيارڪار صاحب ڳيريلي گشت ۾ وڃڻو هو. انهيءَ ڪري مان آفيس وڃڻ کان اڳ وٽس اوطاق تي ويس تہ متان ڪو ڪم ڪار هجي تہ پڇندو وڃان. مان جنهن وقت وٽس ويس تہ بہ سپروائيزنگ ٽپيدار قاضي غلام احمد ۽ عبدالعزيز ابڙو اڳ ۾ ئي وٽس ويٺا هئا. مون کان پڇيائين تہ ڪالهہ شام جو ڪاڏي ويو هئين. مون ٻڌايومانس تہ وڏيري موسيٰ خان ٻگهيي ڏانهن مرحوم عبدالقادر ٻگهيي جي تعزيت ڪرڻ لاءِ ويو هوس ۽ تعلقو

چڏي ڪونہ ويو هوس. جنهن تي چيائين تہ آئينده سندس اجازت کان سواءِ تعلقہ هيڊڪواٽر نہ چڏيندو ڪيان.

سپروائيزنگ ٽپيدارن جي روبرو سندس ايئن چوڻ مون کي ڪجهہ ڏکيو لڳو. ڇاڪاڻ جو انهن حالتن ۾ وليج عملي (ٽپيدارن توڙي سپروائيزنگ ٽپيدارن) کان سرڪاري ڪم ڪار وٺڻ بہ ڏکيو ٿي پوندو آهي. هوڏانهن مختيارڪار وري آفيس جي سموري ڪم ڪار لاءِ هيڊ منشيءَ کي ئي ذميوار ڄاڻائيندا آهن. پوءِ مان مختيارڪار وٽان اٿي آفيس هليو آيس.

خير ڪلاڪ _ ڏيڍ ڪن کان پوءِ مختيارڪار سپروائيزنگ ٽپيدار قاضي غلام احمد کي پاڻ سان ٽانگي ۾ ڪٽي ڳيريلي گشت ۾ پئي ويو تہ ٽانگو روڊ تي روڪرائي مون ڏانهن پنهنجي نائڪ کي موڪليائين تہ وڃي هيڊ منشيءَ کي سڏي اچ ۽ نائڪ اچي مون کي چيو تہ مختيارڪار روڊ تي ٽانگي ۾ ويٺو آهي ۽ مون کي گهرايو اٿس. مون نائڪ کي جواب ڏنو تہ مان اوڏانهن ڪونہ هلندس. نائڪ وڃي ڪيس ٻڌايو. مختيارڪار وري ٻيو ماڻهو بہ موڪليو. پر مون ان کي بہ جواب ڏنو تہ مان نہ هلندس. مختيارڪار پوءِ گشت ۾ ڳيريلي روانو ٿي ويو. بہ چار ڏينهن ايئن گذري ويا تہ نہ مون کي مختياڪار پاڻ وٽ گهرايو ۽ نہ ئي وري مان ئي ڪاغذ روبرو ڪٽي وڃي ڪانئس صحيح ڪرائڻ ويس.

جمعي جو ڏينهن هو جو مان آفيس ٽائيم پوري ٿيڻ کان پوءِ آفيس مان اٿيس پئي تہ مختيارڪار کي سامهون ايندي ڏٺم تہ آفيس ڏانهن پئي آيو. مون کي چيائين تہ ساڻس آفيس هلان جو ڪجهہ ڳالهائڻو آهي. مان سندس آفيس ۾ ويٺس تہ چيائين تہ انهيءَ ڏينهن مان سندس سڏ تي ڇو نہ آيس. مون کيس صاف چئي ڏنو تہ اوهان جيڪڏهن سپروائيزنگ ٽپيدارن جي روبرو هيڊ منشيءَ سان ايئن هلندا (جنهن جو ذڪر مٿي ڪري آيو آهيان) تہ پوءِ عملي کان ڪم ڪيئن وٺي سگهبو. ان تي چيائين تہ پنهنجي بدلي ڪرائي وڃ، جنهن تي مون چيومانس تہ هونءَ ڪرائي وڃان ها، پر هاڻي نہ ڪرائيندس. ان تي چيائين تہ هو منهنجي خلاف رپورٽ ڪندو. مون چيومانس تہ پلي رپورٽ ڪيو. جيئن تہ جمعي نماز کي دير پئي ٿي انهيءَ ڪري ڪانئس اجازت وٺي گهر هليو آيس.مون تہ دل ۾ اڳي ئي سوچيو هو تہ اهڙي ماحول ۾ هن مختيارڪار وٽ رهي نہ سگهبو. بهتري انهيءَ ۾ ئي سمجهي تہ ڏوڪري مان بدلي ڪرائي وڃان. پنهنجي بدليءَ لاءِ A.D.M صاحب عبدالعليم عقيليءَ کي وڃي چيم. ان جيڪي ڀال ڀلايا انهيءَ بابت تفصيلي ذڪر اڳتي ڪبو. منهنجو ڏوڪري تعلقي ۾ هيڊ منشيءَ وارو دور ايئن گذريو ۽ پوءِ وري منهنجي تعلقي ۾ پوسٽنگ ڪانہ ٿي. مون کي پنهنجي سموري نوڪريءَ واري عرصي ۾ جيتري تڪليف عبدالعليم عقيلي صاحب ڏني، اوتري ڪنهن بہ ٻئي آفيسر صاحب نہ ڏني. مان جيئن تہ ڏوڪري تعلقي مان بدلي ڪرائي وڃڻ ۾ ئي پنهنجي بهتري پئي سمجهي، انهيءَ ڪري لاڙڪاڻي وڃي دفتردار عبدالعليم عقيلي صاحب سان شام جو سندس جڳهہ تي مليس.واضح رهي تہ هيءُ ساڳيو ئي عبدالعليم عقيلي صاحب هو جيڪو شڪارپور ۾ مون وٽ بہ دفعا مهمان ٿي اچي رهيو هو ۽ پوئين پيري پنگ جو جڳ

پي منجهند جي ماني کائي ريلوي ڦاٽڪ بند هئڻ سبب پٽڙيءَ سان تکو تکو وڃي ٽرين ۾ چڙهي روانو ٿي ويو هو. مان هن جي مزاج مان ته واقف هوس ئي انهيءَ ڪري نلها هٿ لوڏيندي ڪونه ويو هوس پر به ڏوڪڙ ۽ باقراٽيءَ جا ان وقت جا سنا ديسي انب به ساڻ ڪٽي ويو هوس.

اليڪشن هيڊ منشي شهدادڪوٽ

مون صاحب موصوف کي پنهنجو بدلي ڪرڻ وارو غرض ٻڌايو ته مون کان ٻي ڪا پئسي ڏوڪڙ جي تقاضا ته ڪانه ڪيائين، پر چيائين ته بدلي تڏهن ڪندوسانءِ، جڏهن هڪ ڪم ڪرين ته مختيارڪار صاحب ڏوڪريءَ جي خلاف درخواست ڪراءِ ته هو ڪنڊ بلئڪ تي ٿو نيڪال. ڪري. مون ڪيس چيو ته اهو ڪم مون کان نه ٿي سگهندو. جنهن تي هن وراڻيو ته پوءِ بدلي به ڪونه ڪندوسانءِ. مان چيومانس ته اهو اوهان جو راض، بدلي نه ڪيو ته ڀلي نه ڪيو ۽ پوءِ ڪانئس اجازت وٺي واپس موٽي آيس. اڃا به يا ٿي ڏينهن ئي گذريا، جو هن مون کي بدلي ڪري اليڪشن هيڊ منشي شهدادڪوٽ ڪري رکيو ويو ۽ اتي تاريخ 7 جولاءِ 1955ع تي وڃي چارج ورتم. ان وقت شهدادڪوٽ ۾ تعلقه هيڊ منشي مسٽر محمد بخش شيخ هو. جيڪو منهنجي قمبر تعلقي ۾ هيڊ منشيءَ واري وقت ۾ مون وٽ زيردست يعني ڪلارڪ ٿي رهيو هو. اليڪشن هيڊ منشيءَ جي حيثيت تعلقه هيڊ منشيءَ کان تمام گهٽ هئي. دفتردار صاحب (عبدالعليم عقيليءَ) محمد بخش شيخ تعلقه هيڊ منشيءَ کان فون تي منهنجي باري ۾ پڇيو ته چارج ورتي اٿائين ۽ چوي ته نه پيو ته هو سينيئر ماڻهو هو. ان هوندي به ان کي اليڪشن هيڊ منشي ڪري رکيو ويو آهي. جنهن تي محمد بخش ڪيس ٻڌايو ته چارج ورتي اٿائين ۽ وڌيڪ ته ساڻس ڪو ذڪر ڪونه ڪيو اٿائين.اهو دفتردار صاحب منهنجي مذاق اڏائڻ لاءِ يا پنهنجي ضمير ۾ ڇهندڙي پوڻ ڪري پڇيو اها ته خبر ان کي هوندي.

اليڪشن هيڊ منشيءَ جي پوسٽ نواب محبوب علي خان مگسي جي ڪوشش سان پيدا ڪئي وئي هئي، جو هن شهدادڪوٽ تعلقي جي ووٽرن جي لسٽ ۾ وڌيڪ پنهنجا ماڻهو داخل ڪرائڻ پي چاهيا ۽ ان مقصد لاءِ هن نو هزار کن درخواستون جمع ڪرايون هيون .مون درخواستن جي چڪاس ڪئي ته واقعي انهن ۾ ڄاڻايل عرضدار ووٽرن جي لسٽ ۾ داخل ڪرڻ جا مستحق هئا ۽ اهي واقعي درخواستن ۾ ڄاڻايل ڳوٺن ۾ رهندڙ هئا. مان سڄو ڏينهن گهوڙي تي چڙهي مختلف ڳوٺن ۾ چڪاس ڪندو رهيس ۽ جيڪي درخواستون بوگس (ڪوڙيون) هيون ۽ جن ماڻهن جي نالن تي درخواستون ٿيل هيون، انهن جو مورڳو وجود ئي ڪونه هو. مون انهن درخواستن تي رد ڪرڻ جا آرڊر ڪري صحيح ڪري ڇڏيا. اڃا گهڻيون درخواستون چڪاس لاءِ رهيل هيون.

درخواستن رد ڪرڻ جي خبر جڏهن عبدالقادر خان کوسي (جنهن کي سردار محبوب علي خان مگسي ڪم لاءِ مقرر ڪيو هو) کي پئي ته هن وڃي عبدالعليم عقيلي صاحب کي منهنجي

خلاف شڪايت ڪئي. صاحب موصوف فون ڪري مون کي لاڙڪاڻي پاڻ وٽ گهرايو. پهريائين هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪرڻ لڳو. جڏهن مان ڪانئس اجازت وٺي واپس پئي آيس ۽ جڏهن پنيرو ٿي سندس آفيس جي در جي قريب ٻاهر نڪرڻ لاءِ پهتس تہ پٺيان وري سڏ ڪيائين. اصل مطلب جي ڳالهہ ڪيائين تہ عبدالقادر ڪوسي شڪايت ڪئي آهي تہ سندن خلاف مان زيادتي پيو ڪيان. مون صاحب کي صاف چئي ڏنو تہ مان ڪو بہ غلط ڪم نہ ڪندس ۽ موڪل تي وڃڻ لاءِ تيار آهيان. جنهن تي چيائين تہ موڪل ڪانہ ملندي، جيستائين ڪم پورو نہ ڪندين. مان پوءِ واپس شهدادڪوٽ هليو آيس. هوڏانهن عبدالقادر ڪوسي تعلقہ مختيارڪار صاحب غلام محمد لغاريءَ کي بہ ساڳي شڪايت ڪئي هئي. مون کي مختيارڪار چيو تہ مان رد ڪيل درخواستون بحال ڪيان، پر مون ڪيس ايئن ڪرڻ کان انڪار ڪيو. وڌيڪ ايترو چيومانس تہ رد ڪيل درخواستون ڀلي اوهان پاس ڪري انهن جي جاءِ تي ٻيون درخواستون وٺي بحال ڪيو تہ مون کي ڪوبہ اعتراض ڪونهي. مختيارڪار صاحب پوءِ ايئن ئي ڪيو. پر يڪدم پوءِ شهدادڪوٽ اليڪشن هيڊ منشيءَ جي پوسٽ ختم ڪئي وئي. اهو سمورو ڪم اڌ ۾ ئي رهجي ويو.

اليڪشن هيڊ منشي شهدادڪوٽ کان علاوه ضلعہ هيڊ ڪواٽر لاڙڪاڻي ۾ بہ اليڪشن هيڊ منشيءَ جي پوشٽ Create ڪئي وئي هئي، جا خالي پئي هئي. مون کي وري ان پوسٽ تي مقرر ڪيو ويو. جتي مون تاريخ 17 سيپٽمبر 1955ع تي اچي چارج ورتي. جڏهن ان پوسٽ جو مدو بہ ختم ٿيو تہ مون اتان تاريخ 17 آڪٽوبر 1955ع تي چارج ڇڏي. ان ڏينهن نائب دفتردار مسٽر محمد پنهل خان جتريءَ مون کي چيو تہ دفتردار صاحب چيو آهي تہ مون کي ٻڌاءِ تہ ان وقت بہ جڳهون هڪ سپلاءِ انسپيڪٽر (Supply Inspector) جي ۽ ٻي تعلقہ هيڊ منشي رتيديري ۾ خالي پيون آهن ۽ مان ڪاٿي ٿو وڃڻ چاهيان. جيئن تہ سپلاءِ انسپيڪٽر (Supply inspector) ٻڌجي راشن وارين شين کنڊ وغيره جي بلئڪ ڪري دفتردار کي راضي رکڻ وارو نيڪ ڪم منهنجي مزاج وٽان نہ هو، انهيءَ ڪري مون کيس رتيديري ۾ هيڊمنشي ڪري موڪلڻ جو چيو.

تعلقہ هيڊ منشي رتوديرو

پوءِ مان اهڙو آرڊر وٺي تاريخ 18 آڪٽوبر 1955ع تي رتيديري تعلقہ هيڊ منشيءَ جي چارج وڃي ورتي. اتي رتيديري ۾ ٿورو عرصو ئي رهيس تہ اتان وري عقيلي صاحب بدلي ڪري هيڊ آفيس لاڙڪاڻي ۾ سيڪنڊ ڪلارڪ ڪري رکيو. جا هڪ پاسيري ۽ سزا واري پوسٽ هئي، جنهن ڏينهن اهو آرڊر پهتو تہ ڊپٽي ڪليڪٽر غلا محمد سومري صاحب جي منزل رتيديري ۾ ئي هئي، جنهن پنهنجي هيڊ منشيءَ الهوسائي خان مهر کي چيو تہ جيڪڏهن محمد عليءَ کي پنهنجو مختيارڪار D.O Letter ڏئي تہ هو ان تي سفارش ڪري ڊپٽي ڪمشنر ڏانهن موڪلي تہ جيئن سندس بدلي بند ٿئي. ڊپٽي ڪليڪٽر صاحب تہ پوءِ منزل پوري ڪري واپس لاڙڪاڻي هليو ويو. مون اها ڳالهہ

مختيار صاحب سان ڪئي، جنهن منهنجي بدلي بند ڪرڻ لاءِ D.O Letter صحيح ڪري ڏنو. اهو مان پوءِ پنهنجي پٽيوالي گلڻ ابڙي کي ڏنو تہ لاڙڪاڻي ڊپٽي ڪليڪٽر صاحب جن ڏانهن ڪٽي وڃي پر جيئن تہ صاحب موصوف گشت ۾ ڏوڪريءَ هليو ويو هو، انهيءَ ڪري پٽيوالو ڏوڪريءَ ويو ۽ اهو D.O Letter ڪيس پهچايو، جنهن تي ڊپٽي ڪليڪٽر صاحب پنهنجي سفارش نامون، لفافي ۾ بند ڪري گلڻ پٽيوالي کي ڏنو ۽ ڪيس اها بہ هدايت ڪيائين تہ اهو سڌو وڃي ڪليڪٽر صاحب (عبدالله خان چنہ) وٽ پهچائي نہ تہ دفتردار صاحب مون کان چارج ڇڏرائي ڇڏيندو.

گلڻ پٽيوالي پوءِ ايئن ئي ڪيو ۽ سموري حقيقت اچي مون کي ٻڌائي. مان منجهند جي وقت پير بخش خان گهانگهري جي بنگلي تي وتس وينو هوس تہ ڪيس دفتردار صاحب فون تي چيو تہ مون کي چوي تہ مان ساڻس عقيلي صاحب سان فون تي ڳالهايان. پير بخش خان ٻڌايس تہ مان وتس ئي وينو آهيان. پوءِ عقليءَ صاحب مون کي فون تي چيو تہ تون چارج نہ ڇڏجانءِ. ان مان مون اندازو لڳايو تہ شايد ڪليڪٽر صاحب منهنجي بدلي بند ڪئي آهي، پر پوءِ شايد دفتردار صاحب ڪليڪٽر صاحب جن کي روبرو وڃي ڪجهہ چئي ڪري منهنجو سيڪنڊ ڪلارڪيءَ وارو ئي نڪتل آرڊر بحال ڪرايو ۽ مان انهيءَ ڪري رتيديري مون چارج ڇڏي لاڙڪاڻي 14.03.56 تي سيڪنڊ ڪلارڪيءَ جي چارج ورتي. جتان مان 30.05.56 کان 05.08.56 تائين موڪل تي ويس ۽ موڪل تان موٽڻ کان پوءِ وري بہ مون کي ساڳي جاءِ تي سيڪنڊ ڪلارڪيءَ واريءَ پوسٽ تي مقرر ڪيو ويو. 06.08.56 تي اتي اچي چارج ورتي ۽ 29.08.56 تائين اتي رهيس. انهيءَ وچ ۾ عبدالعليم عقيلي صاحب لاڙڪاڻي مان بدلي ٿي ويو. تڏهن وڃي ان مان منهنجي جان ڇٽي. مون ايئن تاريخ 7.7.55 کان وٺي 29.8.56 تائين رولڙن ۾ گذاريو.

عقيلي صاحب جي بدلي ٿي وڃڻ کان پوءِ ڪرم الله شاهہ صاحب جن دفتردار ٿي آيا، جنهن کي پير بخش گهانگهري چئي منهنجي بدلي ڪرائي رتيديري هيڊ منشي ڪري رکرايو. جو ڪرم الله شاهہ صاحب جن جڏهن رتيدري ۾ مختيارڪار هئا تہ پير بخش خان جو ساڻن گهاٽو رستو هو. انهيءَ ڪري شاه صاحب هن جي چوڻ کي سدائين مان ڏيندو هو ۽ ڪڏهن بہ ڪيس ناميد نہ ڪندو هو. مان تاريخ 30.08.56 تي رتيدري تعلقہ هيڊ منشيءَ جي وڃي چارج ورتي.

هڪڙي ڏينهن مان هڪ دڪان تان ڪجهہ خريداري ڪري رهيو هوس تہ اتي بيٺل ٻين گراهڪن مان هڪ ڄڻي اچي هٿ ڏنو ۽ پڇيائين تہ مان ڪيس سڃاڻان ٿو پر مون انڪار ڪندي چيومانس تہ ڪيس ڪونہ ٿو سڃاڻان. پوءِ پنهنجي سڃاڻپ ڪرائيندي چيائين تہ سندس نالو فرمان علي ابڙو آهي ۽ هن وقت ائڊيشنل ايڪسائيز ۽ ٽيڪس آفيسر آهي. وڌيڪ ٻڌايائين تہ گل محمد ابڙي جو پٽ آهي. سندس پيءُ مون وٽ رتيديري ۾ پٽيوالو هوندو هو. هُو ان وقت ننڍو هوندو هو. هن ٻڌايو تہ جڏهن هُو پنهنجي پيءَ کان خرچي گهرندو هو تہ اهو نہ ڏيندو هو، پوءِ توهان مون کي خرچي ڏيندا هئا. رتيديري تعلقي ۾ مان 5 دفعا تعلقہ هيڊ منشي ٿي رهيس.

- 04.04.55 کان 04.05.55 تائين
- 30.08.56 کان 10.06.57 تائين
- 18.10.55 کان 10.03.56 تائين
- 26.08.57 کان 21.09.57 تائين
- 21.03.68 کان 22.06.68 تائين

منهنجي وقت ۾ پنج تعلقہ مختيارڪار صاحب آيا.

1. مهراب خان مهر 2. سائين بخش ڪلهوڙو 3. هادي بخش شيخ 4. محمد عثمان ميمڻ 5. ڪمال الدين شيخ

پٽن صاحب وٽ هڪڙو رٽائرڊ سپروائيزنگ ٽپيدار رکيل هو. جيڪو روينيو ڪاتي توڙي ٻين ڪاتن ۾ سندن ڪمن لاءِ ايندو ڪندو هو. سياري جي موسم ۾ هو مختياڪار صاحب ۽ هيڊ منشيءَ لاءِ حلوي جا ٻہ ٽي ڊبا ڪٽي ايندو هو ۽ تحفي طور ڏئي ويندو هو. حلوو رنگ جو بلڪل ڪارو هوندو هو. جنهن لاءِ سندس چوڻ هو تہ پُٽا صاحب خاص طور اهو ڪوئلي مان ٺهرائيندا آهن.

❊

نئين ديري بنگلي جي ڳالهه:

R.A Mohammadi (آر_اي_محمدي) ڪمشنر صاحب رتيديري تعلقي اندر گشت ۾ نئين ديري پئي آيو. جيئن ته نئين ديري بنگلي ۾ ڪوبه فرنيچر، گلم، غاليچا، صوفا سيٽ وغيره موجود نه هئا، انهيءَ ڪري مختيارڪار صاحب محراب خان مهر مون کي چيو ته نئين ديري وڃي خانبهادر احمد خان ڀُٽي صاحب کي چوان ته گهربل فرنيچر ڏئي ته جيئن نئين ديري واري بنگلي کي فرنش ڪري سگهجي. مان سپروائيزنگ تپيدار علي شير خان منگيءَ (عبدالقادر منگي صاحب جن جي والد صاحب) کي پاڻ سان گڏ وٺي نئين ديري خانبهادر احمد خان صاحب جن سان ان سلسلي ۾ ملڻ ويس، پر پاڻ شڪار تي ويل هئا. شام جو سج لٿي ڌاري، جڏهن پاڻ شڪار تان موٽيا ته ڪين پنهنجي اچڻ جو اطلاع ڪرايم.

خانبهادر صاحب پوءِ ٻاهر اچي وينا ۽ اسان ٻئي به سندن سامهون ويناسين. اسان جي اچڻ جي باري ۾ پڇڻ تي مون ڪين مٿين حقيقت ٻڌائي، ته ان ڪم لاءِ مختياڪار صاحب جن اوهان ڏانهن موڪليو آهي. خانبهادر صاحب جن جي مهمان نوازيءَ ۽ خوش اخلاقيءَ جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي، هو نهايت ئي مهمان نواز ۽ بلند اخلاق جا صاحب هئا.

مون کان احوال وٺي چيائون ته خانصاحب اوهان تڪليف ڇو ڪئي آهي، سپروائيزنگ تپيدار کي ئي موڪلي ڏيو ها ته اهو ئي ڪافي هو. اوهان گهربل سامان جي لسٽ ٺاهي سپروائيزنگ تپيدار کي ڏئي ڇڏيو. پوءِ سامان پلي ڪڍائي وڃي، مان پوءِ سپروائيزنگ تپيدار سان صلاح مشورو ڪري سامان جي لسٽ ٺاهي ڪيس ڏئي رتيديري موٽي آيس.

رات جو اٽڪل 12 ڌاري سخت ٿڌ ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر ۽ دفتردار صاحب جا پٽيوالا آيا ۽ اچي ٻڌايائون ته ڪمشنر صاحب جن پهريائين رتيديري ايندا ۽ هتان ٿي، پوءِ نئين ديري ويندا. مختياڪار صاحب جن ته اڳ ئي نئين ديري روانا ٿي ويا هئا ۽ ائين ڪين ڪمشنر صاحب جن جي رتيديري اچڻ جو اطلاع نه ملي سگهيو هو. جنهن ڪري مون ان وقت ئي اهڙو اطلاع مسٽر احمد بخش علوي ائڊمنسٽريٽر ميونسپالٽيءَ کي ڏياري موڪليو. جيئن شهر جي صفائي وغيره جو بندوبست ڪري. مان پوءِ پاڻ وڃي پير بخش خان گهانگهري جي رتيدري واري بنگلي مان گهربل فرنيچر ڪڍائي اچي رتيديري وارو بنگلو فرنش ڪرايو. جو ان ۾ پڻ موزون فرنيچر رکيل نه هو.

صبح جو ڪمشنر صاحب جن پنهنجي بيگم صاحبه ۽ هڪڙي ننڍي ڪڪي سان گڏ بنگلي تي پهتا. ٻنهي کي بنگلي تي ترسائي پاڻ آفيسون توڙي شهر گهمڻ هليا ۽ اهي گهمي واپس بنگلي تي پهتا ته ڪين چانهه ڏني وئي. چانهه سان گڏ ڊراءِ فروٽ، بسڪيٽ وغيره جو بندوبست ته اڳ

ٽيل هو. ڪمشنر صاحب جن آفيسون وغيره گهمڻ هليا هئا تہ پنيان سندن بيگم صاحبہ کي چانهہ ۽ ان سان گڏ بسڪيٽ ۽ ڊراءِ فروٽ بہ ڏنا ويا هئا. ڪمشنر صاحب جن چانهہ پي رواني ٽيڻ لاءِ نڪتا تہ شايد ڪين بہ بسڪيٽ ۽ ڊراءِ فروٽ وغيره پيش ڪيا ويا هئا، جو مون کان پڇيائون تہ اهو بندوبست ڪنهن ڪيو هو؟! مون ڪين وراڻيو تہ هيءُ بندوبست اسان ڪيو هو. جنهن تي چيائون تہ سندس پڇڻ کان سواءِ آئيندہ اهڙو بندوبست نہ ڪندا ڪيو. پوءِ پاڻ نئين ديري روانا ٿي ويا.

مسٽر هادي بخش شيخ صاحب مختيارڪار هو. جو مان هڪڙي ڏينهن خريف جي معافي ڏسڻ لاءِ پنهنجي ايريا (تعلقي هيڊ ڪواٽر جي پنجن ميلن اندر) ۾ پئي ويس. مختيارڪار صاحب ان ڏينهن هيڊڪواٽر ۾ موجود هو ۽ سندس ٻاهر گشت ۾ وڃڻ جو پروگرام نہ هو. مان سپروائيزنگ ٽپيدار علي شير خان منگيءَ جي سرڪل رتيديري جي ديهہ ڪوڏراڻيءَ پئي ويس، انهي ڪري خزاني جون چابيون هن هٿان مختياڪار صاحب ڏانهن موڪليم ۽ ڪيس چيم تہ صاحب کي بہ ٻڌائي ڇڏي تہ مان ساڻس گڏ ديهہ ڪوڏراڻيءَ ۾ معافي ڏسڻ هلان ٿو.

جيئن تہ ان هڪ ڏينهن ۾ سڄي ديهہ جو ڪم پورو نہ ٿي سگهيو. انهيءَ ڪري رات الهرڪئي شاهہ جي ڳوٺ ۾ ترسي پيس، جو هن پنهنجو ڳوٺ منظور ڪرائڻ لاءِ جيڪا درخواست ڏني هئي، اها مون ئي سفارش ڪري مٿي موڪلي هئي ۽ سندس نالي ڳوٺ منظور ٿيو هو. انهيءَ ڪري مون کي دعوت ڏئي ويو هو. رات جو مانيءَ کان پوءِ راڳ جو پروگرام بہ الهرڪئي شاهہ رکيو هو. اجا ماني وينئي ڪاڏيسين تہ مختياڪار صاحب جو پٽيوالو آيو ۽ اچي چيائين تہ صاحب توهان کي گهرايو آهي. مون ڪيس چيو تہ ماني کائون تہ هلئون ٿا. ماني کائيندي ئي ٿوري دير کان پوءِ وري هڪ ڪوٽوار بہ مختيارڪار صاحب جو ساڳيو ئي نياپو اچي ڏنو. دل ۾ ڪاوڙ تہ ڏاڍي آئي، پر زيردستيءَ جي ڪري ڪجهہ ڪري بہ نہ ٿي سگهيس.

ماني کائي راڳ جو پروگرام ڇڏي سپروائيزنگ ٽپيدار علي شير خان کي چيم تہ هل تہ هلئون ۽ اسان گهوڙن تي چڙهڻ لڳاسين، ان دوران گلاب خان جوڻيجي حد جي ٽپيدار چيو تہ هو بہ اسان سان گڏ هلندو. مون هن کي هلڻ کان منع ڪئي، ڇاڪاڻ جو جوڻيجن ۽ زنگيجن جو پاڻ ۾ خوني تڪرار هلندڙ هو. انهيءَ ڪري گلاب خان ٽپيدار هميشہ 'مينهون' نالي هڪ محافظ بندوق سان گڏ ڪٽندو هو. پر هُو منع ڪرڻ تي نہ مڙيو. پوءِ مان، سپروائيزنگ ٽپيدار، ٽپيدار گلاب خان ۽ سندس محافظ مينهون گهوڙن تي چڙهي رات جو هڪ _ ڏيڍ ڌاري سڌو مختيارڪار صاحب جي در تي آياسين ۽ سندس دروازي تي لٽيون هڻي ڪيس ننڊ مان اٿاريوسين. مختيارڪار صاحب ٻاهر نڪري آيو ۽ چيائين تہ خزاني جون چابيون ڏئي هليا ويا! مون ڪيس چيو تہ صاحب چابيون اوهان کي سپروائيزنگ ٽپيدار هٿ ۾ اچي ڏنيون ۽ اوهان کي منهنجي نالي اهو بہ ٻڌايائين تہ معافي ڏسڻ ٿو هلي ۽ خزاني کي ڪهڙو ڏاڙو پيو لڳي جو هن وقت گهرايو اٿوَ. ائين بہ ڪيس وڌيڪ چيم تہ صاحب وڃي ٻيو هيڊ منشي گهرائي. مان ائين چئي وڃڻ لڳس، جنهن تي چيائين تہ توهان کي تڪليف ٿي

آهي، معاف ڪجو. مون وڏيڪ ساڻس نہ ڳالهايو پر دل ۾ ڪيس دڙڪا ڏيندو پنهنجي گهر آيس ۽ ٻيا بہ پنهنجي گهر هليا ويا.

مختيارڪار محمد عثمان صاحب کان بہ ڏينهن موڪل وٺي لاڙڪاڻي آيس. ٻئي ڏينهن شام جو مان رتيديري واپس ويس تہ سج لٿي کان بہ دير سان مختيارڪار صاحب مون کي گهرايو. مان اتي پهتس تہ ڪجهہ تپيدار ۽ هڪ بہ سپروائيزنگ تپيدار اڳ ئي موجود هئا. صاحب موصوف پن جي ٻيڙي پيئندو هو. پر ان وقت ڏنم تہ رواجي حالت کان مڙئي سرس ٻيڙيون پي رهيو هو. جو اجا هڪ ٻيڙي ڇڪي پوري پيو ڪري تہ يڪدم ٻي پيو دکائي ۽ پاڻي بہ هڪ گلاس مٿان ٻيو گلاس ٿي پيتائين. مان تہ سمجهي ئي نہ ٿي سگهيس تہ اڄ هن کي الائي ڪهڙي ڳالهہ ايتري خشڪي ڏئي ڇڏي آهي. ٿوري وقت کان پوءِ مون کي ۽ وليج عملي کي رخصتي ڏنائين تہ اوهان ڀلي وڃو. پر مون کي ويندي مهل اهو چيائين تہ سياڻي سڀ تپيدار پاڻ سان گڏ سندس آفيس ۾ وٺي اچان؟ صبح جو جڏهن سڀ تپيدار گڏ ٿيا تہ مون چوائي موڪليومانس تہ هنن کي وٺي اچان، پر چوائي موڪليائين تہ هو پاڻهي کين گهرائيندو.

مون کي هڪ ٻن تپيدارن کان حقيقت بابت پڇا ڪرڻ تي هنن ٻڌايو تہ ديهہ ڪوڏراڻيءَ ۾ ڪٽڪ جو فصل تمام گهڻو ٿيندو آهي. ان ديهہ ۾ مختيارڪار صاحب کاتيدارن کان سڌا پئسا وٺي ڍل جي معافي ڏني آهي، انهيءَ ڪري واسطيدار تپيدار کي دستور مطابق جيڪا سندس حصي جي رقم ملڻ کپندي هئي، اها ڪانہ ملي آهي، جنهن جي ڪري هنن استرائيڪ ڪئي آهي. اهو ئي ڪارڻ جو مختيارڪار کي ايڏي پريشاني ٿي آهي.

جيئن مان اڳي ئي ذڪر ڪري آيو آهيان تہ هڪڙو سپروائيزنگ تپيدار حاجي نيڪ محمد نهايت ئي بدنيت هوندو هو ۽ پنهنجي گندي ذهنيت جو ميرو خان تعلقي ۾ بہ مظاهرو ڪري چڪو هو. هتي بہ هن شرارت ڪري مختيارڪار صاحب کي بدظن ڪيو تہ استرائيڪ هيڊ منشيءَ ڪرائي آهي. حالانڪ مان بہ ڏينهن موڪل تي هيس ۽ استرائيڪ جي خبر منهنجن ملائڪن کي بہ ڪانہ هئي.

بهرحال صاحب موصوف هن ذليل سپروائيزنگ تپيدار جي چوڻ ۾ اچي ويو. جيڪو بہ ڪاغذ ڪيس صحيح ڪرڻ لاءِ موڪليم پئي، اهو هڪ نہ ٻئي مڙئي سڙئي سبب ۽ بهاني سان صحيح ڪرڻ بنا واپس ڪرڻ لڳو. ائين ڏينهن گذرندا رهيا ۽ 15 ڏينهن اسان ٻنهي هڪٻئي جي شڪل بہ ڪانہ ڏٺي. مختيارڪار جي اهڙي روش ڏسي مون ڪيس ٻن مهينن جي ڊگهي موڪل لاءِ درخواست ڏياري موڪلي تہ ڊپٽي ڪمشنر صاحب جن ڏانهن موڪل منظور ڪرڻ لاءِ موڪلي ڏئي، پر هن اها درخواست پورو مهينو پاڻ وٽ رکي ڇڏي ۽ مٿي نہ موڪلي.

پوءِ جڏهن ڊپٽي ڪليڪٽر صاحب مير شهداد خان ٽالپر رتيديري گشت ۾ آيو تہ مون ان کي چيو تہ مختيارڪار صاحب کي چوي تہ منهنجي موڪل واري درخواست مٿي ڊپٽي ڪمشنر صاحب

ڏانهن موڪلي، جنهن جي چوڻ کان پوءِ هن موڪلي ڏني. منهنجي موڪل تہ منظور ٿي، پر منهنجي جاءِ تي اڃا ٻيو ڪنهن هيڊ منشيءَ جو آرڊر ڪونہ ٿيو هو. جنهن ڪري مان لاڙڪاڻي وڃي نائب دفتردار مسٽر الهہ وسائي مهر کي چيو تہ منهنجي جاءِ تي ڪو ٻيو هيڊ منشي مقرر ڪيو تہ جيئن مان چارج ڇڏيان. هن مون کي ٻڌايو تہ هاڻي هڪ نئون سرڪيولر آيو آهي، جنهن مطابق هيڊ منشي نوڪريءَ جي سينيارٽيءَ موجب رکڻو آهي ۽ هائر جي امتحان کي ڪا اهميت ڪانهي ڏيڻي، انهيءَ ڪري منهنجي صلاح اٿئي تہ پنهنجي موڪل رد ڪرايان ڇو جو منهنجي سروس ٻين جي ڀيٽ ۾ گهڻي گهٽ هئي ۽ منهنجي رورٽ ٿيڻ جو گهڻو امڪان هو. مون کيس چيو تہ مختيارڪار منهنجي موڪل رد ڪرائڻ واري درخواست هيڏي نہ موڪليندو. تنهن هوندي بہ، مان سندس ڏنل مشوري تي رتيديري واپس ويس. اهو ڇنڇر جو ڏينهن هو ۽ شام جو وڃي مختيارڪار سان سندس بنگلي تي مليس ۽ چيومانس تہ منهنجي موڪل منظور ٿئي کي مهينو گذري ويو آهي، پر منهنجو عيوضي اڃا تائين مقرر ڪونہ ٿيو آهي ۽ مان هاڻي موڪل رد ڪرائڻ ٿو چاهيان، انهيءَ ڪري هيءَ منهنجي اهڙي درخواست ڊپٽي ڪمشنر صاحب جن ڏانهن موڪليو ۽ ايترو بہ چيومانس تہ اوهان ڀلي ائين بہ لکو تہ مان کيس سندس تعلقي ۾ نہ کپان، پر هن درخواست موڪلڻ کان انڪار ڪيو. سڀاڻي تي آچر جو ڏينهن هو ۽ ڊپٽي ڪليڪٽر صاحب بہ ڳوٺ ويل هو، نہ تہ انهيءَ کان درخواست فارورڊ ڪرائي سگهان ها. مون کي خبر هئي تہ مولا بخش شيخ سٽي سرويئر، جيڪو منهنجو دوست بہ هئو، ان نواب امير علي لاهوريءَ جي اسٽيشن روڊ تي جيڪا زمين هئي، ان جي پلاٽنگ ڪئي هئي، انڪري هُو نواب صاحب ۾ ڪافي اميد رکندو هو. مون پوءِ اها درخواست مولا بخش خان کي ڏني تہ نواب صاحب کي ڏئي تہ ڊپٽي ڪمشنر صاحب ڏانهن موڪلي تہ جيئن منهنجي موڪل رد ٿئي. نواب صاحب پوءِ اها درخواست ڊپٽي ڪمشنر سيد الطاف حسين ترمزي صاحب ڏانهن موڪلي ڏني تہ منهنجي موڪل رد ڪري ۽ کيس پارت بہ ڪيائين. ڊپٽي ڪمشنر صاحب نہ رڳو منهنجي موڪل رد ڪئي، پر رتيديري مان بدلي ڪري لاڙڪاڻي تعلقي ۾ هيڊ منشي مقرر ڪرڻ جو آرڊر درخواست تي ئي ڪري درخواست آفيس ڏانهن دفتردار صاحب (گوهر علي خان بلوچ) کي ڏياري موڪليو. ڊپٽي ڪمشنر صاحب منهنجي جاءِ تي مسٽر الطاف حسين قادري (جيڪو ان وقت پروبيشنري مختيارڪار هو ۽ کيس ڇهہ مهينا تعلقي ۾ ٽريننگ وٺڻي هئي) ان کي آرڊر ڪري رتيديري تعلقي ۾ هيڊ منشي ڪري موڪليو. سومر ڏينهن صبح جو مان اهو آرڊر هيڊ آفيس مان وٺي رتيديري ويس پئي تہ قادري صاحب چيو تہ تون هل تہ پاڻ بہ ٻي بس ۾ اچي ٿو. هو جيڏي مهل آيو تہ کيس چيم تہ هل تہ هلي مختيارڪار صاحب سان روبرو ملئون ۽ منهنجي چارج ڇڏڻ جي ۽ اوهان جي چارج وٺڻ جي کانئس اجازت وٺئون. اسان ساڻس وڃي ملياسين. هن ٻنهي کي اهڙي اجات ڏني. صاحب موصوف پوءِ مون کان پڇيو تہ منهنجي موڪل منظور ٿي وئي، جنهن تي مون کيس ٻڌايو تہ مون کي بدلي ڪري تعلقہ هيڊ منشي لاڙڪاڻي ۾ مقرر ڪيو اٿائون. جنهن تي چيائين تہ اهڙو آرڊر ڪٿي آهي. ان

آرڊر جي ڪاپي تہ منهنجي ڪوٽ جي ڪيسي ۾ پئي ئي هئي، جا مون ڪڍي ڪيس ڏيکاري ۽ ان آرڊر کي ڏسڻ سان ئي سندس شڪل ڦري وئي ۽ ڪاراتجي وئي، پر وڏيڪ ڪچيائين ڪونہ. خير مان تہ رتيديري ۾ چارج ڇڏي اچي لاڙڪاڻي ۾ چارج ورتي.

ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ جڏهن مختيارڪار صاحب لاڙڪاڻي آيو تہ دفتردار گوهر علي خان بلوچ صاحب کي چيائين تہ اسان مختيارڪارن جي عزت اها آهي، جو هن هيڊ منشيءَ جي موڪل روڪرائڻ جي درخواست اوهان ڏانهن موڪلي بہ ڪانہ هئي، پر تڏهن بہ اوهان نہ رڳو سندس موڪل رد ڪئي، پر مورڳو ان کي لاڙڪاڻي تعلقي ۾ هيڊ منشي ڪري رکيو، جنهن تي دفتردار صاحب کيس ٻڌايو تہ آرڊر ڊپٽي ڪمشنر صاحب جن پاڻ ئي ڪري موڪليو هو، انڪري هو ڇا پئي ڪري سگهيو.

مختيارڪار صاحب مون کي جيڪا سالياني مخفي رپورٽ (Annual Confidential Report) ڏني، اها ٻي تہ سموري سني ڏني، البت پڇاڙيءَ ۾ هڪ سِٽ لکي ڇڏيائين تہ (He keeps friendship with Tapedars) يعني هو تپيدارن سان دوستي ٿو رکي، پر اها رپورٽ Adverse يعني خلاف نہ ليکي وئي هئي ۽ نہ ئي اها مون ڏي موڪلي ان تي ڪو پڇاڻو ڪيو ويو، ڇاڪاڻ جو خلاف رپورٽ واسطيدار آفيسر کي موڪلي ان کان وضاحت طلب ڪئي آهي. محمد عثمان خان پوءِ ڪنهن عرصي ڪان پوءِ وارهہ ۾ مختيارڪار ٿي آيو هو.

محمد يعقوب اگهم صوبيدار هڪ رات پاڻ وڃي هڪ گهر ۾ ڏاڙو هنيو هو ۽ ٻئي ڏينهن تي وري ان ڏاڙي جي جاچ ۾ پاڻ ئي ويو تہ گهر جي عورتن هن کي سڃاڻي ورتو ۽ چيائونس تہ رات ڏاڙو تہ تون ئي هڻي ويو هئين ۽ هاڻي وري جاچ ۾ بہ تون آيو آهين. هن کي پوءِ ان ڏوهہ ۾ گرفتار ڪري رتيديري سب جيل ۾ بند ڪيو ويو هو.

عبدالله خان چنہ صاحب، جيڪو انهن ڏينهن ۾ لاڙڪاڻي ضلع جو ڪليڪٽر هو، اهو رتوديرو تعلقہ آفيس وزٽ ڪرڻ آيو. آفيس وزٽ ڪري سب جيل وزٽ ڪرڻ هليو. مان ساڻس گڏ هيس. ڪيس سب جيل پئي وزٽ ڪرايم. جڏهن ڪليڪٽر صاحب بہ بئرڪ وٽ پهتو، جنهن ۾ محمد يعقوب اگهم صوبيدار نظربند هو تہ محمد يعقوب ڊنڊيڪرون ڏئي روئڻ لڳو. ڪليڪٽر صاحب کي چئي رهيو هو تہ هو بيڏوهي آهي. هو ڪيترو وقت ائين ئي روئيندو رهيو. ڪليڪٽر صاحب جن خاموش بيٺا هئا ۽ هن ساڻس هڪ اکر بہ نہ ڳالهايون. پوءِ وڏي ٻي بئرڪ ڏانهن هليا.

احمد نواز انڙ لاڙڪاڻي تعلقي جي مختيارڪار جو سرشتيدار هو. هن کي قيصر خان جتوئي وڪيل ائنٽي ڪرپشن وارن هٿان ٽرئپ ڪرايو. احمد نواز انڙ تي ڇاپي هڻڻ وارو سرڪل آفيسر محمد ملوڪ خان بگٽي هو، جنهن لاءِ چوڻ ۾ تہ ائين ايندو هو تہ ايماندار هو، پر جڏهن هن ڇاپو هنيو تہ پئسا جيڪي رشوت ۾ ڏنل پئي ڄاڻايا ويا، اهي پٽ تان ڪنيا ويا هئا ۽ نہ احمد نواز انڙ جي قبضي مان، پر جيڪو مشير نامو ناهيو ويو، ان ۾ ائين ڄاڻايو ويو تہ پئسا احمد نواز انڙ جي بدن تلاشيءَ مان

هٿ ڪيا ويا هئا. ڪيس ڪورٽ ۾ چالان ڪيو ويو. جنهن ۾ هن کي هڪ هزار رپيا ڏنڊ جي سزا ڏني وئي، پر قيد جي سزا نہ ڏني وئي. تڏهن بہ هن جي نوڪري ختم ٿي وئي. هو ويچارو هائر جو امتحان بہ پاس ڪيو وينو هو. پر هن جي ان ڪيس ۾ مليل سزا جي ڪري سندس نوڪري ۽ ڪيريئر ختم ٿي ويا. محمد ملوڪ بگٽي ڊپٽي سپرينٽنڊنٽ ٿي رٽائر ٿيو.

”نادر بہ نادر آ پر قادر بہ قادر آ“ جي مصداق ڇا ٿيو. جو محمد ملوڪ بگٽيءَ جو پٽ عبدالرزاق بگٽي رتيديري اسپتال ۾ ميڊيڪل آفيسر هو. مان ان وقت رتيديري ۾ هيڊ منشي هوس. عبدالرزاق بگٽي ميڊيڪل آفيسر هڪ ڏينهن اسپتال ۾ ڊيوٽيءَ تي ئي هو ۽ سندس والد بزرگوار محمد ملوڪ بگٽي (جو ان وقت رٽائر ٿي چڪو هو) سندس پاسي واري ڪرسيءَ تي وينو هو. جو ڪنهن ماڻهو ڊاڪٽر صاحب کي 300 (ٽي سو رپيا) رشوت ۾ اچي ڏنا. هن اهي اپئسا بٽون کولي ان ۾ وجهي بٽون سوٽ جي پوئين کيسي ۾ اڇا مس وڌو تہ ائنٽي ڪرپشن وارن مٿس ڇاپو اچي هنيو. هن وٽان سندس والد صاحب جي موجودگيءَ ۾ رشوت ۾ ورتل پئسا برآمد ڪري کيس گرفتار ڪري وٺي ويا. ڊاڪٽر صاحب تي اهو ڇاپو سندس ئي استپال جي ليڊي ڊاڪٽر ئي هڻايو هو. جنهن سان سندس اٽبٽت ٿي پئي هئي. ڪيس هلندي ڊاڪٽر بگٽي سعودي عرب فرار ٿي ويو. ڪيترن سالن کان پوءِ موٽي آيو تہ ڪيس نوڪري تي وري چاڙهيو ويو. هن ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ٿي رٽائر ڪيو. ڊاڪٽر علي خان منهنجو سوٽ ان ڇاپي هڻندڙ پارٽيءَ سان گڏ آيل هو ۽ اهو ڪورٽ ۾ شاهدي ڏيڻ ويندو ڪندو هو. پر ڪيس ڪونہ هلندو هو ۽ هو ائين بنا شاهدي ڏيڻ جي ڪيس جي ٻي تاريخ وٺي موٽي ايندو هو. ان ٻڌايو هو تہ ويهہ سال کن گذري ويا آهن پر اهو ڪيس ايئن ئي پينڊنگ پيو هو. پوءِ جي خبر ناهي تہ اڳتي هلي ڇا ٿيو ۽ ڪيس جو ڪو نبيرو ٿيو يا ائين جو تيئن اڃا پيل آهي.

الله تبارڪ تعاليٰ ائين محمد ملوڪ بگٽي سرڪل آفيسر ائنٽي ڪرپشن جي ڪڏي ڪم جو نتيجو هن دنيا ۾ ئي ڪيس اکين سان ڏيکاري ڇڏيو. باقي اڳتي جي خبر تہ خاوند پاڪ کي ئي آهي تہ ڪيس معاف ڪري يا اڃا ٻي سزا بہ ڏئي.

هڪڙي ڏينهن مون کي لاڙڪاڻي ڪنهن ضروري ڪم جي ڪري رتيديري کان لاڙڪاڻي وڃڻو هو. مون سرڪل نئين ديري جي سپروائيزنگ ٽپيدار کي چيو تہ گاڏي تہ گهرائي. هن پوءِ نواب نبي بخش خان جن جي گاڏي گهرائي، جا نواب صاحب جن جو ڊرائيور ئي ڪاهي آيو هو. مون سان گڏ ان ڪار ۾ قادر بخش اعواڻ، جو رتيديري ۾ A.S.I هو. اهو بہ هو. جڏهن اسان رتيديري مان نڪتاسين تہ اهو لڳ ڀڳ سج لهڻ جو وقت هو. اسان جڏهن رتيديري کان پنج ميل مفاصلي تي بنگل ديري شهر جي ويجهو پهتاسين تہ ڏٺوسين تہ بنگل ديري شهر جي ٽورو اڳيان هڪڙو قداور ماڻهو جنهن کي مٿي تي پٽڪو هو. هٿ ۾ بندوق کنيو رستي جي وچ وٺي بيٺو هو. گاڏي جڏهن سندس ويجهو پئي پهتي تہ تيئن وچ رستي کان ٽورو پوئتي هٽندو پئي ويو. ڪار جڏهن هن جي ويجهو پهتي تہ بہ روڊ سان لڳ بيٺو هو تہ ڊرائيور ڪار سڏي هن جي مٿان پي چاڙهي تہ ان همراهہ روڊ

لڳ ڪامي ۾ وڃي ڪري جان بچائي. اتي سج لهي ويو هو ۽ ٿوري اوندهه ٿي چڪي هئي. مون ڊرائيور کي چيو ته بابا ٿورو خيال ته ڪرين ها ۽ همراهه کي ذري گهٽ ماري وڌو هيئي. جنهن تي هن چيو ته سائين جي هو پڇي جان نه بچائي ها ته مان ڪيس ماري به ڇڏيان ها. منهنجي اها صلاح اٿوَ ته رات جي وقت گاڏي ڪڏهن به نه روڪيندا ڪيو جو اسان گهڻو زمانو ڏسي وينا آهيون. مان جڏهن تعلقه رتيديري ۾ آخري دفعو 21.03.1968 کان 22.06.1968 تائين هيڊ منشي هوس ته ان وقت مسٽر ڪمال الدين شيخ مختيارڪار صاحب هو.

انهن ڏينهن ۾ جناب ذوالفقار علي خان پُٽي صاحب جن تي سندس ڪن مخالفن الزام هنيو هو ته هن سرڪاري ٽريڪٽر ننڍن ڪاتيدارن جي نالن تي رعايتي ڪرايي تي حاصل ڪري پنهنجي زمين تي هلرايا آهن ۽ هن سرڪار کي ٽرئڪٽرن جي ڪرايي جو نقصان پهچايو هو. مسٽر غلام صديق قادري ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ پوليس لاڙڪاڻي ((D.S.P Larkana) ان سلسلي ۾ انڪوائري ڪري رهيو هو. ٽرڊ ڪلاس مئجسٽريٽ جي حيثيت ڪري مون کي ٽرئڪٽر ڊرائيورن جا بيان رڪارڊ ڪرڻ لاءِ پاڻ سان گڏ ڪڻندو هو. پر ڪنهن به ڊرائيور (جيڪي اڪثر ڪري سڀ ذات جا پنهور هئا) پُٽي صاحب جن جي خلاف بيان ڪونه ڏنو. سيني ٽرئڪٽر ڊرائيورن جو اهو ئي چوڻ هو ته هنن ٽرئڪٽر انهن ئي ننڍن ڪاتيدارن جي زمينن تي هلايا آهن، جن جي نالي اشو ڪيا ويا هئا. انهيءَ ڪري پُٽي صاحب جن تي لڳايل الزام ڪوڙو ثابت ٿيو. قادري صاحب نهايت ايماندار هو ۽ ٽاڻي وارن جي ماني نه ڪائيندو هو. پر سندس منجهند جي ماني لاڙڪاڻي مان سندس گهران ايندي هئي. هن S.P تي رٽائر ڪيو.

ذوالفقار علي پُٽي صاحب جن جو عزت جي واندي ديهه ۾ زرعي فارم هو. جنهن ۾ ان وقت چوڌاري نگاهه جي حد تائين ڪٽڪ جو سنو تيار فصل بيٺو هو. انهن ئي ڏينهن ۾ هڪ دفعو منهنجي نواب نبي بخش خان پُٽي صاحب جن سان سندن ڳوٺ ۾ سندس مخصوص رهائش واري ڪمري ۾ نويڪلائيءَ ۾ ملاقات به ٿي هئي. پاڻ نهايت ئي خوش خلق هئا ۽ سندن گفتگو جو انداز به ڏاڍو سهڻو هو ۽ مون کي منجهن نواب وارو غرور قطعي محسوس ڪونه ٿيو. صاحب موصوف جن جو ذاتي ڪمرو به نهايت خوبصورت سينگاريل هو.

هڪڙي ڏينهن مون کي مختيارڪار صاحب گهرائي چيو ته ڊپٽي ڪمشنر صاحب (سيد الطاف حسين ترمزي) فون ڪئي آهي ته سندس نياڻيءَ جي شادي آهي، سو مهمانن لاءِ ڪي سنا بسترا سردار پير بخش خان پُٽي جن کان گهرائي ڏيو. مختيارڪار صاحب مون کي چيو ته مان پاڻ وڃي سردار پير بخش خان سان ملي بسترا وٺي ڪٽائي اچان. مان ساڻن سندن ڳوٺ بنگلي ۾ مليس ۽ مٿيون احوال ڪيومانس. جنهن تي چيائين ته سندن پڻ مهمان آيل آهن ۽ بسترا انهن لاءِ گهربل آهن ۽ وڌيڪ ڪونه ٿي سگهندا، جو ڏئي سگهجن. مون اهو جواب ٻڌي ڪلمو پڙهي ڏاڍو خوش ٿيس، جو مون کي پڪ هئي ته بسترا هڪ دفعو وڃن ها ته وري انهن جي واپس ٿيڻ جي اميد ئي نه ڪجي ها ۽

معاملو منهنجي ڳچيءَ ۾ ئي پئجي وڃي ها. پوءِ واپس اچي مختيارڪار صاحب کي سردار پير بخش خان وارو احوال ڪيم، خبر ناهي ته پوءِ مختيارڪار ڊپٽي ڪمشنر صاحب جن کي ڇا ٻڌايو.

خانبهادر احمد خان ڀُٽي صاحب جن جي وفات کان پوءِ ائين به ٻڌڻ ۾ آيو ته سندن بيگم صاحبہ ڀُٽا خاندان ۾ ئي رهڻ پئي چاهيو ۽ اهڙي خواهش سردار پير بخش ڀُٽي کي به ٻڌرائي هئي ته ساڻس شادي ڪرڻ چاهي ٿي، جيئن ان ئي خاندان ۾ رهي سگهي، پر سردار صاحب پنهنجي خاندان وارن جي منع ڪرڻ تي ڪيس جواب ڏياري موڪليو ته هو ساڻس شادي نه ڪري سگهندو.

خانبهادر احمد خان ڀُٽي جيڪا زمين پنهنجي بيگم صاحبہ جي ڪاتي ۾ ڪرائي ڪيس ڏني هئي، اها سردار پير بخش خان ۽ ممتاز علي خان ڀُٽي جن جي ڳوٺ جي ويجهڙائي ۾ هئي. بيگم صاحبہ شايد اهو خيال ڪري ته متان ڀُٽي خاندان وارا ان تي قبضو نه ڪري وڃن، اها پنهنجي سموري زمين جلباڻين کي مقاطع تي ڏئي ڇڏي، ڇاڪاڻ ته هڪ ته جلباڻين ۽ ڀُٽن جو پاڻ ۾ قديمي تڪرار هلندڙ هو ۽ ٻيو ته جلباڻي بنسبت ڀُٽن جي ڏاڍا سرڪش هئا.

جڏهن ان زمين جو فصل تيار ٿيو ته جلباڻين خيرات ڪرڻ جو رٿيو، اها خبر ممتاز علي خان ڀُٽي کي پئي ته هن مختيارڪار کي فون ڪئي ته خيرات جو رڳو بهانو آهي ۽ جلباڻي فساد ڪرائيندا، انهيءَ ڪري هو جلباڻين کي منع ڪري ته خيرات نه ڪن. مختيارڪار صاحب مون کي گهرائي اها حقيقت ٻڌائي ۽ چيائين ته هاڻي ڇا ڪرڻ گهرجي. مون کين چيو ته مان هن کان اڳ به رتيديري ۾ چار دفعا هيڊ منشي ٿي رهيو آهيان ۽ مون کي ذاتي طور اها به خبر آهي ته جلباڻي ۽ ڀُٽا پاڻ ۾ گهڻي عرصي کان تڪراري آهن ۽ جلباڻي خاص ڪري ته علي نواز خان تمام سرڪش آهي، انهيءَ ڪري هنن پاران فساد ڪرائڻ واري امڪان کي رد نٿو ڪري سگهجي. انهيءَ ڪري جيئن اوهان کي ممتاز علي خان ڀُٽي فون تي چيو آهي ته جلباڻين کي خيرات ڪرڻ کان منع ڪيو. مختيارڪار پوءِ جلباڻين کي خيرات ڪرڻ کان منع ڪئي، جنهن بعد هنن خيرات جو پروگرام رد ڪري ڇڏيو.

هڪڙي ڏينهن شام جو مون کي اطلاع مليو ته منهنجي ڀاڻيجا امان الله جي گهرواري سخت بيمار آهي ۽ ڪيس اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو آهي، پر جيئن ته اليڪشن جي ووٽرن جي لسٽن جو ڪم هلندڙ هو، انهيءَ ڪري مختيارڪار چيو ته اهو ڪم ختم ڪري پوءِ وڃ. ڪم رات جو 12 وڳي ڌاري پورو ٿيو ته مختيارڪار هڪڙو سپاهي گهرائي ان کي چيو ته لاڙڪاڻي ويندڙ ٽرڪ روڪي ان ۾ مون کي لاڙڪاڻي موڪلي. مان لاڙڪاڻي پهچي سڌو اسپتال ويس ۽ ڏٺم ته امان الله جي گهرواريءَ جي حالت نهايت تشويشناڪ هئي ۽ رات جو 3 وڳي ڌاري وفات ڪري وئي. صبح جو هن کي دفنائي اچي تڏي تي ويناسين ته اوجاڳي ڪري منهنجي اک لڳي وئي. ڪجهه وقت کان پوءِ اک کلي ته ڏٺم ته مون وارو پٽيوالو نياز وينو هو. هن کان اچڻ جو پڇيم ته ڪيئن آيو آهين ته چيائين مختيارڪار مون کي گهرايو آهي. بابي الهڏنہ خان مرحوم ۽ چاچي غلام محمد خان مرحوم چيو ته هو

وينا آهن ۽ نوڪري آهي انهيءَ ڪري مان رتيديري وڃان . مان پوءِ مختيارڪار جي سڏ تي رتيديري هليو ويس. رتيديري ۾ ئي هيڊ منشي هوس، جو منهنجو مختيارڪار جو پروموشن جو آرڊر ٿيو.

قمبر تعلقہ ۾ مان ٻہ دفعا هيڊ منشي ٿي رهيس.

- 03.08.1953 کان 21.06.1954 تائين
- 06.09.1954 کان 12.11.1954 تائين

قاضي محمد انور مرحوم (وينل مٿياري) مختيارڪار هو ۽ هن ئي مون کي ميرو خان تعلقہ مان بدلي ڪرائي پاڻ وٽ هيڊ منشي ڪري گهرايو هو. هڪڙي ڏينهن نصرت حسن صاحب جن (ڊپٽي ڪمشنر صاحب) قمبر تعلقہ آفيس وزٽ ڪرڻ آيا، پر مان ان ڏينهن آفيس ۾ موجود ڪونہ هوس ۽ لاڙڪاڻہ سيشن ڪورٽ ۾ ڪنهن ڪيس ۾ شاهدي ڏيڻ ويو هوس. صاحب موصوف جن تعلقہ آفيس وزٽ ڪري منهنجي آفيس پڻ منهنجي غير موجودگيءَ ۾ وزٽ ڪئي ۽ سندس اڳ جاري ڪيل هدايتن موجب آفيس فائيل ترتيب سان رکيل ڏسي مطمئن ٿيا ۽ مختيارڪار صاحب جن کي چيائون تہ مون کي چوي تہ روالر جي لائسنس لاءِ درخواست ڪري تہ ڏيانس. مون پوءِ اهڙي درخواست ڏني ۽ D.M صاحب جن روالور جو لائسنس ڏنو. ان زماني ۾ روالور جو ليسن باعث عزت سمجهيو ويندو هو، پر مان لائسنس وني سال بہ سال لائسنس جي نئين ڪرائڻ جي في ڀري ڀري بيزار ٿي پيس، پر هاڻ ڪجهہ سالن کان سرڪاري ملازم کي هڪ هٿيار ليسن ۽ نئين ڪرائڻ جي في ڀرڻ کان سواءِ رکڻ جي اجازت مليل آهي. انهيءَ کان پوءِ ان في مان جان ڇٽي آهي. 1954ع ۾ روالور تہ مون ورتو ۽ هٿيڪو بہ ڪري رکندو هوس، پر ليسن اڪثر گم ٿي ويندو هو ۽ مسٽر محمد خان وڏو جيڪو D.M صاحب جي جڊيشل برانچ ۾ A.D.M جو سرشتيدار هوندو هو اهو ليسن جي Duplicate ڪاپي ڪڍرائي ڏيندو هو.

مسٽر محمد خان وڏو ۽ مان ڪنهن وقت ڊپٽي ڪمشنر جي آفيس ۾ انسپيڪشن برانچ ۾ گڏ ڪلارڪ هوندا هئاسين. اسان جي ان وقت کان پاڻ ۾ گهاٽي دوستي هوندي هئي. مان جڏهن بہ ضلع هيڊ ڪواٽر کان ٻاهر تعلقہ هيڊ منشي هوندو هوس تہ پنهنجي گهرواري جڳهہ ان کي ڏئي ويندو هوس. محمد خان وڏي مرحوم جي گهرواري هڪ دفعي ڪنهن هنڌ منهنجي گهرواريءَ کي ملي تہ چيائين تہ ڪيس اسان واري جڳهہ ڀاڱ واري ٿي لڳي جو ڪيس اتي پٽ جي اولاد ٿي ۽ ان کان اڳ ڪين ڪا پٽ جي اولاد ڪانہ هئي. مسٽر محمد خان وڏو ۽ سندس دوست شاهہ محمد قادري ٻئي قمبر جا وينل هئا ۽ پاڻ ۾ گهاٽا دوست هئا. انهيءَ ڪري مان جڏهن قمبر ۾ هيڊ منشي هوس تہ محمد خان وڏي جي واسطي سان شاهہ محمد قادري بہ منهنجو دوست ٿي ويو هو. شاهہ محمد قادريءَ جي والد عبدالڪريم قادريءَ کي بوٽن جو دڪان هوندو هو، پر پيءُ پٽ ۾ ناهہ ڪونہ هو، انهيءَ ڪري شاهہ محمد قادري پنهنجي پيءُ جي دڪان تي نہ ويهندو هو. مون پوءِ ڪيس ڪنڊ جي راشن جو هڪ دڪان

منظور ڪرائي ڏنو هو. جتان پنهنجو گذرسفر ڪندو هو. وقتي لاڙڪاڻي واري جڳهه هن کي بنا ڪرايي جي ڏئي ويندو هوس ۽ مون کي ضرورت پوڻ تي خالي ڪري ڏيندو هو.

شاهه محمد قادري پوءِ ڪراچي وڃي وينو ۽ هن اتي به شاديون به ڪيون، هڪ سنڌين مان ۽ ٻي مهاجرن مان. ڪراچيءَ ۾ هو لاڙڪاڻي ضلع جي چانورن جي واپارين کان سندن پيري گودام تي چانورن جي موڪليل لاٽ تي في ٻوري 5 (پنج) رپيا وٺندو هو ۽ سندن لاٽ بحال ڪرائڻ ۾ مدد ڪندو هو يا ڪڏهن لاٽ خراب هئڻ ڪري چانورن موڪليندڙ واپاريءَ تي ڪو ڏنڊ وغيره لڳندو هو ته ان جي گهٽتائي ڪرائڻ ۾ به مدد ڪندو هو. هن جون ٻئي گهرواريون الڳ الڳ جڳهن ۾ رهنديون هيون. هن جي هڪڙي جڳهه ڪراچي سول اسپتال جي ويجهو هوندي هئي، جتي مان ساڻس هڪ دفعي ڪراچي ويو هوس ته مليو هوس.

شاهه محمد قادري ته پوءِ پُٽي صاحب (ذوالفقار علي خان) جن تائين پهچي ويو. هن لاءِ رنگين محفلون به رچائيندو هو. جنهن جو ان وقت جي اخبارن ۾ ذڪر به آيو هو. جڏهن شاهه محمد قادريءَ جي پٽ فرخ قادريءَ جي سردار واحد بخش پُٽي جي قتل ۾ ملوث هجڻ ڪري گرفتار ٿيو هو. منهنجا ٻئي دوست محمد خان وڏو ۽ شاهه محمد قادري ڪافي عرصو اڳ وفات ڪري ويا آهن.

محمد خان وڏي جو ذڪر نڪتو آهي ته هن ۽ مولوي محمد ابراهيم ميمڻ قمبر واري جو پاڻ ۾ ناسازيءَ جو احوال به ڪري ٿو ڇڏيان، ڇاڪاڻ جو مسٽر محمد خان وڏو منهنجو سيني کان وڏيڪ گهاٽو دوست هوندو هو. ايتريقدر جو مون کي وقتي پئسي ڏوڪڙ جي ضرورت پوندي هئي ته ان کان وٺندو هوس ۽ پوءِ واپس ادا ڪري ڇڏيندو هوس.

محمد خان وڏي ۽ مولوي محمد ابراهيم ميمڻ جن جو قصو ايئن آهي، جو هنن ٻنهي گڏجي زمين خريد ڪئي هئي. ٻئي خوشحال هئا. اڳتي هلي ٻنهي جي وچ ۾ ان گڏجي خريد ڪيل زمين تان تڪرار ٿي پيو. هڪڙي ڏينهن مولوي محمد ابراهيم ان تڪراري زمين تي ويو ته هارين کيس خون ڪري ڇڏيو. ان جو الزام محمد خان وڏي تي لڳو ته مولوي صاحب جو قتل هن ڪرايو آهي. خير اڳتي هلي مولوي صاحب جي فرزندن ۽ محمد خان وڏي وچ ۾ ناهه ٿيو. جنهن ۾ تڪراري زمين مولوي صاحب جي پٽن کي ڏياري وئي. محمد خان جي وفات کان پوءِ سندس فرزند ۽ مولوي صاحب جي پوٽي جي وچ ۾ نوڪ جهوڪ هلندي ايندي هئي، جنهن جو آخر نتيجو اهو ٿيو جو مولوي صاحب جي پوٽي هڪڙي ڏينهن مرحوم محمد خان وڏي جي نوجوان فرزند تي بندوق جو سڌو فائر ڪري کيس قتل ڪري ڇڏيو. ٻنهي ڌرين وچ ۾ پوءِ ڳالهيون ڪرائي چئن چڱن مڙسن ناهه ڪرائي ڇڏيو.

تعلقه جي سالياني انسپيڪشن ڪرڻ لاءِ ڊپٽي ڪمشنر جي آفيس جي انسپيڪشن برانچ جو عملو قمبر آيو هو. مون نائب دفتردار محمد پنهل خان جتوئيءَ کي چيو ته مهرباني ڪري انسپيڪشن ميمي ۾ مختيارڪار صاحب جي ڊائريءَ تي ڪي مخالف ريمارڪ نه ڏجو. باقي

جيڪي ٻيو ميمي ۾ لکڻو هجيوَ. اهو ڀلي لکجو. پر انسپيڪشن ختم ٿيڻ کان پوءِ لاڙڪاڻي مان دفتردار صاحب ميمو پڙهڻ آيو ۽ ان وقت مختيارڪار صاحب، مان ۽ نائب دفتردار بہ وٽس ويٺا هئاسين تہ انسپيڪشن ميمو پڙهندي جڏهن مختيارڪار جي ڊائريءَ تي ڪڍيل رمارڪ پڙهيا تہ اهي ڪجهہ خلاف هئا، جنهن تي مون کي دل ۾ ڪجهہ ڪاوڙ لڳي ۽ ان وقت مختيارڪار صاحب پڻ مون ڏانهن نهاريو. مختيارڪار صاحب مون کي چيو هو تہ انسپيڪشن جي معاملي کي ۽ خرچ پڪي کي مان پاڻ منهن ڏيان ۽ سندس ڪو واسطو نہ هوندو. محمد پنهل جتوئي، نائب دفتردار، مون کي خاطري بہ ڪرائي هئي تہ هو مختيارڪار جي ڊائريءَ تي ڪي بہ خلاف ريمارڪ نہ ڪڍندو. پر ان جي باوجود هنن خراب ريمارڪ ڪڍيا هئا، جنهن تي مون کي ڪاوڙ تہ آئي ئي هئي، انهيءَ ڪري مون وچ خرچ هلائيندڙ تپيدار محمد عثمان ميرجت کي چيو تہ انسپيڪشن برانچ وارن کي جيڪا سالياني شرح ڏبي ڪبي هئي، اها کين نہ ڏئي جنهن تي نائب دفتردار ناراض ٿي ويو هو.

ان انسپيڪشن واري موقعي تي انسپيڪشن برانچ جي عملي کان علاوه ساڳي ئي وقت ڊپٽي ڪمشنر صاحب، دفتردار صاحب ۽ ڊپٽي ڪليڪٽر صاحب جن جي قمبر ۾ منزل ڪيل هئي، جنهن جو خرچ ان زماني ۾ بہ 7000 (ست هزار) رپيا ٿي ويو هو ۽ ان خرچ پڪي جي پورائي لاءِ مون ديوان ٽانورداس گٽي واري کان پئسا وٺي خرچ هلائيندڙ تپيدار کي ڏنا هئا ۽ کيس تپيدارن جون ٽن مهينن جون اڳواٽ پگهارون لکائي ڏنيون هيون، جن مان هن آهستي آهستي پئسا وصول ڪيا. ڊپٽي ڪمشنر جي انسپيڪشن برانچ جو عملو تعلقہ جي انسپيڪشن ختم ڪري واپس لاڙڪاڻي روانو ٿي ويو. غلام محدم سومرو صاحب ان وقت دفتردار هو.

چئن _ پنجن ڏينهن کان پوءِ انسپيڪشن برانچ جو عملو شهدادڪوٽ تعلقہ جي انسپيڪش ڪرڻ پئي ويو تہ نائب دفتردار مون کي چوائي موڪليو تہ مان ساڻس قمبر اسٽيشن تي ملان، پر مان ڪونہ ويومانس. هن پوءِ منهنجي بدلي ڪرائي هيڊ آفيس ۾ هيڊ ڪلارڪ تو P.A ريهئبليٽيشن مقرر ڪرايو جتي مون تاريخ 25.06.1954 تي وڃي چارج ورتي. مان جڏهن وري ٻيو دفعو قمبر تعلقہ جو هيڊ منشي ٿي ويس تہ مختيارڪار صاحب قاضي محمد انور سروي ٽريننگ تي ويل هو ۽ تعلقہ مختيارڪار جي چارج مون وٽ هئي.

هڪڙي ڏينهن منهنجي آفيس جي ڪلارڪ محمد عظيم جتوئيءَ مون کي چيو تہ هڪڙو اريگيشن جو داروغو سندس زمين مان وڻ وڍائي ڪٽي ٿو وڃي ۽ جيئن تہ اسسٽنٽ انجنيئر صاحب اوهان جو عزيز آهي (هو مهنجو ماسات هو) انهيءَ ڪري انهيءَ کي سندس پارٽ ڪيو تہ داروغي کي سندس زمين مان وڻن وڍڻ کان منع ڪري. مان پوءِ کيس ساڻ وٺي اسسٽنٽ انجنيئر مسٽر عبدالحميد خان وٽ ويس، جنهن کي مون وڃي مٿين حقيقت ڪئي، پر هن داروغي کي ڪجهہ چوڻ بجاءِ منهنجي ڪلارڪ محمد عظيم جتوئيءَ کي ويٺر دڙڪا ڏنا ۽ چيائين تہ هو کيس جيل ۾ وجهائيندو. ان تي مون کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي، پر مون مسٽر عبدالحميد خان کي ڪجهہ ڪونہ چيو ۽

اتي هليوآيس. پنهنجي ڪلارڪ کي چيم تہ داروغي کي ڇڏي، سندس ٻين عزيزن تي مون کي فرياد لکي ڏئي تہ مان وارنٽ ڪڍي کين گرفتار ڪرايان، پوءِ ڏسئون تہ عبدالحميد شيخ ڇا ٿو ڪري، پر منهنجي ڪلارڪ چيو تہ سائين اوهان عزيزن ۾ تڪرار ڪرائڻ نہ ٿو چاهيان ۽ هن فرياد نہ لکي ڏني. عبدالحميد خان ۽ مان ٻئي پاڻ ۾ ماسات هوندي بہ هڪ ٻئي کان پاسيرا ٿي وياسين.

هڪڙي ڏينهن منهنجو چاچو غلام قادر شيخ، پنهنجي ڀاڻيج بدرالدين شيخ، جيڪو منهنجو پڦات هو ۽ مون وٽ تپيدار هو ان جي گهر قمبر آيو ۽ مونکي نياپو ڪيائين تہ ساڻس ملي وڃان. مان ساڻس ملڻ ويس ۽ ملي اوطاق ۾ ساڻس ويٺو هوس تہ ڪجهہ دير کان پوءِ عبدالحميد خان بہ اتي آيو. مون کي تہ ڪا خبر ڪانہ هئي تہ چاچي غلام قادر مون کي ڇو گهرايو آهي، پر عبدالحميد جي اچڻ جي ٿوري دير کان پوءِ مون کي چيائين تہ تون ۽ عبدالحميد هڪ ٻئي کان پاسيرا آهيو سو پاڪر پائي پاڻ ۾ ٺهي وڃون. جنهن تي مون کيس چيو تہ ڳالهيون ٻڌو، پر هن ان کان انڪار ڪيو. جنهن تي مون کيس چيو تہ اوهان منهنجا وڏا آهيو. اوهان پنهنجي زبان سان چئو تہ مان عبدالحميد کان معافي وٺان جو مون کي اوهان لاءِ عزت آهي، پر هن ان کان بہ انڪار ڪيو. پوءِ چيائين تہ اکر مهر ٿا ڪيون، ان ۾ جيڪو هارائي اهو معافي وٺي ۽ پوءِ ائين ئي هن ڪيو جنهن ۾ عبدالحميد خان هارايو ۽ مون کان معافي ورتي. هتي ڳالهہ معافي وٺڻ جي ناهي، پر فيصلي جي طريقي اختيار ڪرڻ جي آهي ۽ ڪنهن کي اخلاقي جرئت هجڻ جي آهي، جو ڪنهن کي سچ چئي سگهي. هيءَ ڳالهہ تہ 52 سال (ٻاونجاهہ سال) اڳ اخلاقي جرئت جي ڪال (نہ هجڻ) جي آهي. اڄ جي دور ۾ ڪنهن ۾ بہ اخلاقي جرئت جو هجڻ ۽ قصوروار کي مُنهن تي قصوروار چوڻ جو تصور ڪرڻ ئي پاڻ کي بيوقوف ئي بڻائڻ آهي.

هڪڙي ڏينهن آفيس ۾ ويٺو هوس تہ ديوان ٿانورداس ريزيڊنٽ مئجسٽريٽ صاحب قمبر ۽ مسٽر وجاهت حسين سول جج ۽ فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ صاحب جن آيا ۽ چيائون تہ هاءِ ڪورٽ جي انسپيڪشن ٽيم ڪورٽن جي انسپيڪش ڪرڻ ٿي اچي، سو انهن لاءِ قمبر وارو بنگلو فرنش ڪرائي ڏيو. مون بنگلو ٺيڪ ٺاڪ ڪرائي کين اطلاع ڪرايو تہ اچي نظر مان ڪڍي وڃن ۽ اهي اچي ڪري ڏسي بندوبست مان بلڪل مطمئن ٿيا. پوءِ چيائون تہ رڌ پچاءَ لاءِ ٿانو ٿپا ديڳڙا وغيره گهرائي ڏيو جو انسپيڪشن پارٽي بہ ڏينهن ڪن رهندي ۽ انهن جي ماني وغيره ڪرائبي. مون کين چيو تہ اوهان ان لاءِ ڪا تڪليف نہ ڪيو. مان تپيدار کي چئي ٿو ڇڏيان تہ ماني ٺڪيءَ جو سمورو بندوبست هو پاڻهي ڪندو، پر اوهان رڳو هر ٽائيم تي ڇا ڇا تيار ٿيندو اهو ڪيس ٻڌائجو تہ ان موجب ڪاڏو تيار ڪرائي. پوءِ سارو بندوبست تپيدار ڪيو.

ديوان ٿانورداس صاحب ڪجهہ عرصي بعد دفتردار ٿي آيو. مان ان وقت اسسٽنٽ ڪمشنر صاحب (1964ع ۾) قمبر جن وٽ هيڊ منشي هوس ۽ مسٽر محمد لطف الله صاحب جن اسسٽنٽ ڪمشنر هئا. مون کي هڪڙي ڏينهن ديوان ٿانورداس دفتردار صاحب جن گهرائي چيو تہ منهنجي

خلاف هڪڙي درخواست ٿي آهي، جيڪا ڊپٽي ڪمشنر صاحب (سيد عبدالواسع موئني صاحب) اسسٽنٽ ڪمشنر صاحب ڏانهن انڪوائريءَ لاءِ موڪلي آهي. جيئن ته اسسٽنٽ ڪمشنر صاحب جي بدلي ٿيل آهي، انهيءَ ڪري درخواست تي انهيءَ کان ئي رپورٽ ڪڍرائي ڇڏيان. مان پوءِ اچي صاحب موصوف جن کي اها حقيقت ڪئي ۽ کين عرض ڪيم ته اوهان پاڻ رپورٽ ڪڍو ته سنو. هن ٻڌايو ته هن ان درخواست تي ڪجهه لکيو به آهي پر پوءِ هو غسل ڪرڻ باٿ روم ۾ هليو ويو هو ۽ ڪاغذ سندس بيڊ روم ۾ پيل آهن جي گهرائي ورتائين ۽ مون کي چيائين ته اصل حقيقت ڇا آهي؟ مون صاحب جن کي چيو ته اها رڳو دشمنيءَ سبب ڪئي وئي آهي ۽ جن جن جي مون سان دشمني هئي، انهن لاءِ جيئن جيئن مان صاحب جن کي چوندو پئي ويس، انهيءَ لائين تي هُو رپورٽ لکندو ويو ۽ رپورٽ لکي لفافي ۾ بند ڪري ڊپٽي ڪمشنر صاحب جن ڏانهن پٽيوالي هٿان ڏياري موڪليائين. مون پٽيوالي کي چيو ته اهو لفافو ڊپٽي ڪمشنر صاحب جن جي اسٽينوگرافر مسٽر اسلم بيگ کي هٿ ۾ ڏجانءِ ته صاحب کي ان وقت ئي پيش ڪري. هن اهو لفافو ان وقت ئي ڊپٽي ڪمشنر صاحب جن کي اندر ڏياري موڪليو. جنهن رپورٽ پڙهي ان تي ڪاغذ فائيل (File) ڪرڻ جو آرڊر ڪري موڪليو ۽ دفتردار صاحب پوءِ ڪاغذ فائيل ڪري ڇڏيا.

مسٽر وجاهت حسين جيڪو قمبر ۾ سول جج ۽ فرسٽ ڪلاس مئسجسٽريٽ هو (جنهن جو ذڪر مٿي ڪري آيو آهيان اهو سنڌ هاءِ ڪورٽ جو جج ٿيو هو ۽ هاڻي وفات ڪري ويو آهي)

قمبر تعلقه مختيارڪار جي چارج مون کي ئي هئي، جو هڪڙي ڏينهن مسٽر عبدالخالق ابڙو ڊپٽي سپريٽينڊنٽ پوليس D.S.P مون وٽ آفيس ۾ آيو ۽ ڪيترو وقت ڪچهري ڪئيسين، جو هُو به ميهڙ جو ويٺل هو ۽ ميهڙ هاءِ اسڪول ۾ گڏ پڙهندا هئاسين، پر هُو مون کان سينيئر هو. جنهن مهل واپس پئي ويو ته مون کي چيائين ته مختيارڪار صاحب جي نائڪ رسول بخش کي ٽاڻي تي موڪلجو. جو هن کان ڪجهه پڇاڳاچا ڪرڻي آهي. رسول بخش گوپانگ کي پوءِ ٽاڻي تي موڪليم پر جڏهن اتان واپس آيو ته منهنجي آڏو روئي ٻڌايائين ته سندس نياڻي محمد عرس گوپانگ هن جي خلاف ٽاڻي تي ڪا درخواست ڏني آهي، جنهن تي D.S.P کيس زن دختر گاريون ڏنيون آهن ۽ جيئن ته مختيارڪار جي چارج به مون وٽ آهي، انهيءَ ڪري هو ٻئي ڪنهن کي چوندو. انهيءَ ڪري مان محمد عرس گوپانگ خلاف فرياد لکي ڏيانوَ ته هن خلاف وارنٽ ڪڍي ڏيو. جي هُو پاڻ وڃي تعميل ڪرائيندو. مان ان وقت اٿيو ٻينو هوس ۽ آفيس مان نڪرڻ وارو هوس جو منهنجو پيٽيويو حاجي پير بخش ٻارن سان گڏ حج تان ان ڏينهن واپس پئي آيو ، انڪري مان لاڙڪاڻي پئي ويس ۽ سيٺ لچمڻداس جي ڪار به گهرائي هيم. جا ٻاهر بيني هئي. مان پوءِ ويهي رهيس ۽ رسول بخش نائڪ کي چيم ته فرياد لکرائي اچ. هُو پوءِ پنهنجي نياڻي محمد عرس خلاف چوريءَ جي فرياد لکائي کڻي آيو. مان سندس بيان وٺي ڪيس فائيل تي آڻي ڪيس محمد عرس گوپانگ خلاف بنا ضامن جوڳو وارنٽ

ڪڍي ڏنو. جو هن ٽاٽي تي وڃي تعميل ڪرڻ لاءِ ڏنو. جنهن تي پوليس محمد عرس گوپانگ کي سندس دڪان تي درزڪي ڪم ڪندي گرفتار ڪري ٽاٽي تي وٺي وئي.

مان آفيس مان اٿي گهر آيس تہ بخشل خان مگسي ۽ بخشل خان جهنڊيل منهنجي جاءِ تي آيا ۽ اچي چيائون تہ محمد عرس جو ضامن ڪٿو. مون کين چيو تہ ڪلاڪ ڏيڍ مس ٿيو آهي، جو مون وارنٽ ڪڍيو آهي، انهي ڪري هن وقت ضامن ڪونہ ڪٿندس ۽ سيٽي آچر آهي. باقي سومر ڏينهن مان محمد عرس جو ضامن ڪٿندس، پر هنن کي اها ڳالهہ نہ وڻي ۽ هڪدم لاڙڪاڻي وڃي قاضي فضل الله وزير صاحب کي منهنجي خلاف شڪايت ڪيائون ۽ وڏيڪ چيائونس تہ هو دوست محمد هڪڙي جو ماڻهو آهي، انڪري سندس قمبر مان بدلي ڪرايو. قاضي فضل الله وزير صاحب جي چوڻ تي ڊپٽي ڪمشنر قاضي سچيڏني صاحب جن مون کي قمبر مان بدلي ڪري هيڊ آفيس ۾ رکيو.

منهنجي چارج ڇڏڻ کان اڳ مختيارڪار صاحب (قاضي محمد انور) سروي ٽريننگ تان موٽي آيو ۽ مون کي چيائين تہ تون معافي ڏسڻ هليو وڃ ۽ پاڻ ڪليڪٽر صاحب (قاضي سچيڏنہ صاحب) ڏي بدلي بند ڪرائڻ لاءِ وڃي ٿو. جيڪڏهن بدلي بند ڪيائين تہ بہ احوال موڪليندوسانءِ، جي بند نہ ڪيائين تہ بہ نياپو ڪندوسانءِ، تہ پوءِ اچي چارج ڇڏجان. مان پوءِ تپيدار در محمد شيخ جي تپي ۾ معافي ڏسڻ هليو ويس. ٻئي ڏينهن تي مختيارڪار صاحب هيڊ ڪواٽر ۾ موٽي اچڻ لاءِ ماڻهو موڪليو. جنهن تي مان موٽي آيس. مختيارڪار صاحب ٻڌايو تہ ڪليڪٽر صاحب چيو آهي تہ حال في الحال چارج ڇڏي اچي، هيڊ آفيس ۾ چارج وٺي ۽ هفتي کان پوءِ ڪيس وري قمبر بدلي ڪندو، پر هفتي گذرڻ کان اڳ ئي ڪليڪٽر صاحب جي بدلي ٿي وئي ۽ هو چارج ڇڏي هليو ويو.

مون پوءِ قمبر مان چارج ڇڏي اچي لاڙڪاڻي هيڊ آفيس ۾ ريهئبيليٽيشن برانچ ۾ چارج ورتي، جتي هدايت الله ابڙو P.A.E Collector هو ۽ سندس ماتحت هيڊ ڪلارڪ هوس. نور محمد قريشي، جيڪو بہ قمبر تعلقہ ۾ ئي تپيدار هو ۽ عبدالعليم عقيلي دفتردار جو منظور نظر هو. انهيءَ ڪيس منهنجي خلاف ورغلايو تہ مون معافيءَ ڏيڻ ۾ ڪاتيدارن کي رعايت ڪئي هئي ۽ جيڪي سروي نمبر سني فصل وارا هئا، انهن جي بہ ناجائز طور معافي ڏني هئي. دفتردار هن جي چوڻ ۾ اچي ويو ۽ پوءِ پاڻ پنهنجي سر تعلقہ آفيس قمبر ۾ هيڊ منشيءَ جي آفيس ۾ ويهي منهنجي ڏنل معافيءَ جا تفصيل وٺي مسٽر غلام محمد خان سومرو، جيڪو نواب غيبي خان چانڊيي جي وفات کان پوءِ سندس جاگير تي رسيور مقرر ٿيل هو، ان کي چيائين تہ منهنجي ڏنل معافي چيڪ ڪري، ڇاڪاڻ جو ان وقت قمبر سب ڊويزن جي ڊپٽي ڪليڪٽر صاحب قادر بخش خان لاڙڪ کي وارهہ تعلقي جي مختيارڪار محمد مريد ڏاوچ جي تمام گهڻي ڏنل معافيءَ جي سئو سيڪڙو معافي چڪاس لاءِ موڪليو هياتون. منهنجي ڏنل معافيءَ ۾ ڪا هروپرو ايتري رعايت ڏنل ڪانہ هئي، ڇاڪاڻ جو جن

جن سروي نمبرن جي فصلن جي غلام محمد سومري صاحب چڪاس ڪئي هئي، انهن کي منهنجي ڏنل معافيءَ کان ذرا گهٽ معافي چڪاس کان پوءِ بہ ملي پئي. پر احتياط طور مون مسٽر غلام قادر سومري وڪيل جيڪو مسٽر غلام محمد سومري صاحب جن جو عزيز هو ۽ جنهن سان منهنجي دعا سلام هئي، ان کي چيو تہ صاحب موصوف (غلام محمد خان سومري صاحب) کي چوي تہ منهنجي خلاف ڪا رپورٽ نہ ڪڍي ۽ هن ڪابہ منهنجي خلاف رپورٽ نہ ڪڍي.

البت معافي چڪاس ڪندڙ آفيسر کي معافيءَ جي ڏسڻ جي ختم ٿيڻ کان پوءِ جيڪو(No favoritism) سرٽيفڪيٽ ڏيڻو هوندو آهي تہ معافيءَ ۾ ڪا پاسداري ٿيل ڪانہ آهي، اهو سرٽيفڪيٽ هن صاحب نہ پئي ڪڍيو. اها ڳالهہ سندس هيڊ منشي الهوسائي خان مهر مسٽر قادر بخش لاڙڪ (جيڪو قمبر سب ڊويزن جو ڊپٽي ڪليڪٽر هو پر ڪين تعلقہ وارهہ جي مختيارڪار محمد مريد جي ڏنل معافيءَ جي سئو سيڪڙو چڪاس ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيو ويو هو) ان سان ڪئي، جنهن مسٽر غلام محمد سومري صاحب جن کي منهنجي لاءِ چيو تہ هو پنهنجي دوستيءَ وارو ۽ نوجوان آهي، متان ان جو مستقبل خراب ڪرين ۽ جيڪڏهن تون اهو (No favoritism) وارو سرٽيفڪيٽ نہ ڪڍندين تہ هو پاڻ ڏيندو. جنهن کان پوءِ غلام محدم سومري صاحب اهو (No favoritism) وارو سرٽيفڪيٽ اشو (Issue) ڪيو. اهڙيءَ طرح دفتردار عقيلي صاحب جيڪي مون کي بدنيتيءَ تي ٻڌل سازش تحت نقصان پهچائڻ پئي چاهيو ان ۾ هُو ڪامياب نہ ٿيو ۽ الله پاڪ مون کي هن جي سازش کان پناهہ ۾ رکيو.

هتي مان اهو بہ ذڪر ڪرڻ مناسب ٿو سمجهان تہ قادر بخش خان لاڙڪ جو سالو شاهنواز خان لاڙڪ ميهڙ هاءِ اسڪول ۾ ئي پڙهندو هو. جو سندس والد صاحب حاجي خان ميهڙ ۾ وڪالت ڪندو هو. هو مون کان سينيئر هو پر منهنجو گهاٽو دوست هوندو هو ۽ اسان پاڻ ۾ ڏاڍا حجائتا هوندا هئاسين. اها خبر قادر بخش لاڙڪ صاحب جن کي بہ هئي، جو هو بہ ٿورو عرصو ميهڙ ۾ پڙهي ويو هو. انهيءَ ڪري صاحب موصوف مون کي سندن زيردست هئڻ باوجود ڏاڍو سنو پائيندو هو. شاهنواز خان لاڙڪ هڪڙي دفعي قمبر قادر بخش خان لاڙڪ وٽ آيو. جو اتي گشت ۾ آيل هو. انهن ڏينهن ۾ قادر بخش خان لاڙڪ ڪنهن جي ورغلائڻ تي مون تي ٿورو ناراض ڏسڻ ۾ ايندو هو. قمبر واري بنگلي تي قادر بخش لاڙڪ ڊپٽي ڪليڪٽر صاحب انور ڪمري ۾ ويٺو هو ۽ مان ۽ شاهنواز خان لاڙڪ ورانڊي ۾ پئي ڪچهري ڪئي. هن ڳالهيون ڪندي مون کان پڇيو تہ قادو (قادر بخش لاڙڪ) توسان ڪيئن ٿو هلي، جنهن تي مان چيومانس تہ هلي تہ سنو ٿو پر شل نہ رِڇَ جي رڳ تي اچي. جنهن تي ڪلي چيائين تہ تون وري ائين ٿو چوين. مان جڏهن دادوءَ ۾ S.D.M هوس تہ هڪڙي دفعي شاهنواز لاڙڪ اتي مون وٽ آيو هو. جو ڪا عورت ڪجي وئي هئي تہ مون کان سرڪاري جيپ وٺي ان جي ڳولا لاءِ ويو هو. هڪڙي دفعي مان لاڙڪاڻہ ۾ هيڊ منشي ئي هوس جو سکر وڃڻ ٿيو. قادر بخش لاڙڪ صاحب ان وقت سکر ۾ دفتردار هو ۽ مون چيو تہ ساڻس ملندو وڃان پوءِ ساڻس آفيس ۾ وڃي مليس.

مون ڪجهه وقت ترسي ڪانئس موٽڻ جي اجاز گهري ته پاڻ نه ڇڏيائين ۽ مون کي زوريءَ پنهنجي بنگلي تي (جو سندس آفيس جي ئي ويجهو هو) وٺي هليو ۽ پاڻ سان گڏ ماني کارائي پوءِ وڃڻ جي اجازت ڏنائين. قادر بخش خان لاڙڪ ائڊيشنل ڪمشنر هو، جو جوانيءَ ۾ 44 سالن جي عمر ۾ سال 1964ع ۾ دل جي دوري پوڻ سبب انتقال ڪري ويو.

پيرزادو عبدالستار چيف منسٽر صاحب قمبر شڪار ڪرڻ آيو هو. پير علي محمد راشدي صاحب ۽ مسٽر رحيم بخش سومرو، جيڪي ٻئي ان وقت سندس ڪابينا ۾ وزير هئا، ساڻس گڏ آيل هئا. پيرزادو صاحب صبح جو سويل غيبي ديري ڏانهن شڪار تي هليو ويو هو ۽ مختيارڪار صاحب (قاضي محمد انور) به ساڻن گڏ ويل هئا. پير علي محمد راشدي صاحب ۽ رحيم بخش خان سومرو، حاجي غلام حسين خان شيخ جي قمبر واري بنگلي تي رهيل هئا. راشدي صاحب جن روينيو جا وزير هئا. مان ساڻن ملڻ لاءِ غلام حسين خان شيخ جي بنگلي تي ويس ۽ ساڻن ملي وينس ته راشدي صاحب چيو ته هيڊ منشيءَ کان معافيءَ جو احوال وٺئون جو اهو معافي ڏسڻ جو وقت هو ۽ ڪجهه معافي مون ۽ مختيارڪار صاحب ڏسي به ڇڏي هئي. مون پڇا ڪرڻ تي راشدي صاحب کي ٻڌايو ته مختيارڪار صاحب گهڻي معافي ڏسي ڇڏي آهي. باقي ٿوري رهيل به ترت ڏسي ڇڏيندو.

حاجي غلام حسين شيخ راشدي صاحب جن کي چيو ته هن سال ساريال فصل سنا نه ٿيا آهن، انهيءَ ڪري معافي ڏني وڃي. ان تي صاحب موصوف کيس چيو ته گذريل سال فصل سنا ٿيا هيوَ جنهن تي حاجي غلام حسين چيو ته برابر سنا ٿيا هئا. وري راشدي صاحب ڪانئس پڇيو ته انهيءَ کان اڳئين سال فصل ڪيئن ٿيا هئا. ان تي حاجي صاحب چيس ته سنا ٿيا هئا. پوءِ راشدي صاحب جن چيس ته پاڻ ئي چئو ٿا گذريل ٻنهي سالن ۾ فصل سنيا ٿيا هئا، پر ٻنهي سالن ۾ ائين ته ڪونه ڪيوَ جو سرڪار کي سڏي به ڏوڪڙ وڌيڪ ڏيو ها ته فصل سنا ٿيا آهن. پوءِ مان راشدي صاحب جن کان اجازت وٺي واپس آيس.

مان قمبر ۾ ڪجهه ڏينهن بخار سبب بيمار هوس ۽ آفيس به ڪونه پئي ويس. ڊاڪٽر هولارام کان علاج ڪرائيندو هوس، ان وقت ۾ M.B.B.S ڊاڪٽر ڪي چند ئي هوندا هئا. بيمار اڪثر ڪري علاج حڪيمن ۽ نيم ڊاڪٽرن کان ڪرائيندا هئا. هولارام به انهن مان ئي هو، پر هٿ ۾ شفا هوندي هيس. هڪڙي ڏينهن مون کي جاءِ تي ڏسڻ آيو ۽ واپس ويو ته شهاب الدين شيخ تپيدار کي منهنجي لاءِ چيائين ته T.B (سلهه) اٿس. ان زماني ۾ انهيءَ بيماريءَ جو ڏاڍو ڏهڪاءُ هوندو هو، جنهن لاءِ علاج به ڊگهو ٿيندو هو ۽ پرهيز به سخت ڪرڻي پوندي هئي. مان ان وقت سگريٽ به ڇڪيندو هوس، سي به گهڻا ته نه، پر ڏينهن ۾ به ٽي ڇڪيندو هوس پر آئي وئي لاءِ 555 سگريٽن وارو ڊبو، جنهن ۾ 50 سگريٽ هوندا هئا، هميشه موجود هوندو هو. ڊاڪٽر هولارام جي مون کي T.B هجڻ واري ڳالهه تي ٿورو خوف وٺي ويو. مان هڪدم ڪراچيءَ وڃي لالواڻيءَ جي ايڪسري مشين، جيڪا سعيد منزل ۾ هوندي هئي ۽ تمام سني ۽ شهرت واري هئي، اتي وڃي ڦڦڙن جو ايڪسري فوٽو ڪڍايو، پر

الله تعاليٰ جي مهرباني ۽ سان رپورٽ بلڪل صاف آئي ۽ ڦڦڙن ۾ ڏري پير به ڪو نقص ڪونه هو. تڏهن وڃي مون کي اطمينان ٿيو پر اهو ڏينهن ٿيو جو مان سگريٽ پيئڻ اصل لاءِ ڇڏي ڏنو. ان کان پوءِ به مان وقتي وقتي ڦڦڙن جي چڪاس ڪرائيندو رهيس، پر رپورٽ هميشه صاف ئي ايندي رهي آهي.

قاضي غلام مصطفيٰ صاحب ڊئريڪٽر سروي سيٽلمينٽ سنڌ قمبر ۾ دوري تي آيو ته مون کي چيائين ته هو جڏهن ڪراچي ڪمشنر صاحب جي آفيس ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر هو ته خانصاحب منل خان شيخ سندن درگهه ڏنڊ تي شڪار ڪرڻ جي دعوت ڏئي ويو هو. انهيءَ ڪري ان کي نياپو موڪليان ته ڪيس شڪار ڪرائي، جو اها شڪار جي موسم هئي. مان خانصاحب منل خان شيخ جن ڏانهن قاضي صاحب جن کي شڪار ڪرائڻ جو نياپو ته موڪليو پر خانصاحب چوائي موڪليو ته اسان پهريون شڪار گورنر جنرل/صدر کي ئي ڪرائيندا آهيون ۽ ان کان پوءِ ئي ٻئي ڪنهن کي شڪار ڪرائيندا آهيون ۽ جيئن ته پهريون شڪار اڃا ڪونه ٿيو آهي، انهيءَ ڪري هن وقت قاضي صاحب جن کي شڪار ڪرائڻ کان مجبور آهيون. مون پوءِ اها حقيقت قاضي صاحب جن کي ٻڌائي. (اها هئي اڳئين زماني جي معزز ماڻهن جي صاف گوئي).

حاجي محمد عليءَ خان کهاوڙ جي خود داريءَ جو ذڪر به ڪري آيو آهيان، جو هن مختيارڪار کي بنگلي تي ماني موڪلڻ کان انڪار ڪيو هو.

هتي مون کي نواب امير علي خان لاهوريءَ جن جي صاف گوئيءَ جا لفظ اڄ به ياد آهن، جڏهن منهنجو نانو مرحوم حاجي جان محمد شيخ کين نواب جي لقب ملڻ تي مبارڪ ڏيڻ پئي ويو ته مون کي به ساڻ وٺي ويو هو. نواب صاحب کي جڏهن مبارڪ ڏنائين ته خير مبارڪ چوندي ان سان گڏ ناني مرحوم کي چيائين ته کين پنهنجي بنگلي جو نواب ڪيو اٿن.

سال 1955ع ۾ لاڙڪاڻي ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جون چونڊون ٿيون. چونڊن کان ٿورا ڏينهن اڳ مون سان هيڊ آفيس ۾ پير بقاءُ الله راشدي گڏيو. چيائين ته اوهان اليڪشن جي ڊيوٽي ڪندئو ته مون چيومانس ته جيڪڏهن ڊيوٽي لڳندي ته ضرور ڏيڻي ئي پوندي.

عبدالڪريم چانڊيو ۽ پير بقاءُ الله راشدي ساڳي سيٽ تي مد مقابل هئا. عبدالڪريم چانڊيو تڪ ۾ اليڪشن مهم ۾ محسوس ڪيو هو ته سندس ڪٽڻ جو امڪان گهٽ هو، جو انهيءَ تڪ ۾ مير بخشل خان مگسي، پير بقاءَالله راشدي جي مدد ڪري رهيو هو، جنهن جو اثر رسوخ گهڻو هو. پوءِ خبر ناهي ته الائي ڪهڙي خيال سان دوست محمد خان هڪڙي کي منهنجي نالي چيو ته جيڪڏهن ڪيس رانوتي پولنگ اسٽيشن تي پرزائيڊنگ آفيسر مقرر ڪرائيندو ته هو (عبدالڪريم) ڪٽندو. ٻيءَ صورت ۾ هن جو ڪٽڻ محال هو. ڇاڪاڻ جو رانوتي پولنگ اسٽيشن وارا ووٽر خاص ڪري مير بخشل خان مگسيءَ جي اثر وارا ۽ پڪا ووٽر هئا.

قدرت طرفان ڪا پير بقاءُالله راشديءَ جي مقدر ۾ ان سيٽ تي شڪست Defeat لکيل هئي، جو مان اليڪشن جي اڳئين ڏينهن تي قمبر اوچتو ويس. قادر بخش خان لاڙڪ ڊپٽي ڪمشنر جن

جي اڳ ئي اتي منزل هئي، جنهن کي شايد دوست محمد خان هڪڙي (جنهن جا صاحب موصوف سان سٺا تعلقات هئا) منهنجي نالي چيو ته هن کي رانوتي پولنگ اسٽيشن تي پرزائيڊنگ آفيسر مقرر ڪرائي ڏيو ۽ ڪيس اهو به منهنجي نالي ٻڌايائون ته هو قمبر آيو آهي. ڊپٽي ڪليڪٽر صاحب مون کي چوائي موڪليو ته لاڙڪاڻي واپس نه وڃجانءِ، جو مون کي ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي چونڊ لاءِ پرزائيڊنگ آفيسر ڪري مقرر ڪرائيندا. ايئن مون کي اوچتو رانوتي پولنگ اسٽيشن تي پرزائيڊنگ آفيسر ڪري رکيو ويو. جتي اڳي محمد صادق فوڊ ڊپارٽمينٽ جي اڪائونٽنٽ کي پرزائيڊنگ آفيسر مقرر ڪيو ويو هو. مون رات جو 12 وڳي ڌاري وڃي پرزائيڊنگ آفيسر جي چارج ورتي. اهي سياري جا ڏينهن هئا ۽ پولنگ تي ووٽنگ صبح جو ستين وڳي کان شروع ٿيڻي هئي.

رات جو ڏيڍ بجي ڌاري پير بخش خان گهانگهرو، رتيديري وارو، مون وٽ آيو ۽ چيائين ته دوست محمد خان هڪڙو اوهان کي نٿو چئي سگهي، انهيءَ ڪري هن ڪيس موڪليو آهي ۽ مون کي ڪجهه نه ڪجهه بئلٽ پيپر ۽ بئلٽ باڪس ڏيو. مون ان کي بئلٽ پيپرن وارا سو سو وارا چار _ پنج بوڪ ۽ به بئلٽ باڪس ڏنا. مون کي ته بخش خان مگسيءَ سان ذاتي دشمني ته اڳ ئي هئي، جو هن قاضي فضل الله وزير صاحب کي اهو چئي ته هو دوست محمد هڪڙي جو ماڻهو آهي، مون کي سال 1954ع ۾ قمبر تعلقه هيڊ منشيءَ تان بدلي ڪرائي هيڊ آفيس ۾ رکايو هو.

رات جو چئين _ پنجين وڳي ڌاري پير بخش خان گهانگهرو ٻئي بئلٽ باڪس ووٽن سان ڀري پيٽيون (باڪس) ۽ بئلٽ پيپرن جا ڪائونٽر فائل ۽ ڪجهه رهيل بئلٽ پيپرن سميت بئلٽ پيپرن وارا بڪ واپس ڏئي ويو. مون اهي ٻئي بئلٽ باڪس سيل ڪري رکي ڇڏيا. صبح جو ساڍي ستين وڳي ڌاري احمد نواز اعواڻ وڪيل پير بقاءَ الله راشديءَ جو جنرل ايجنٽ مون وٽ آيو ۽ چيائين ته بئلٽ باڪس سندن روبرو سيل ڪيان، جنهن تي مون ڪيس ٻڌايو ته ووٽنگ صبح جو سوير ستين وڳي کان شروع ٿي آهي ۽ هي به بئلٽ باڪس (جيڪي ووٽن سان ڀريل پير بخش خان گهانگهرو واپس ڏي ويو هو ۽ مان سيل ڪري رکيا هئا) پرجي ويا آهن ۽ هاڻي جيڪا بئلٽ باڪس رکبي سا اوهان جي روبرو سيل ڪبي. پر هو بنا ڪجهه ڪچڻ جي يا بحث ڪرڻ جي دل ۾ الائي ڇا سمجهي بيٺو ئي ڪونه ۽ واپس هليو ويو.

الله پاڪ جي اها مهرباني ٿي جو پير بقاءَ الله راشديءَ جو جنرل ايجنٽ مسٽر احمد نواز وڪيل جيڪو بخشل خان مگسيءَ جو تمام گهاٽو دوست هو ۽ بخشل خان مگسي لاڙڪ نه ته وٽس گهڻو ايندو هو. اهو اڌ منو ڪلاڪ دير سان آيو. انهيءَ ڪري منهنجي پٽ رهجي آئي.

سخت سياري هئڻ ڪري ووٽنگ جو عمل تمام آهستي پئي هليو. پولنگ بوٿ جو اسسٽنٽ پرزائيڊنگ آفيسر ۽ پولنگ آفيسر وينا هئا ۽ ووٽرن کي بئلٽ پيپر روٽ ڪاسٽ ڪرڻ لاءِ اشو ڪري رهيا هئا. مان اتي ويس ۽ مون اميدوارن عبدالڪريم چانڊيي ۽ پير بقاءَالله راشدي جي پولنگ ايجنٽن کي ايجنٽ نامو ڏيڪارڻ لاءِ چيو. عبدالڪريم چانڊيي جي پولنگ ايجنٽ جي ايجنٽ نامي

تي اميدوار (عبدالڪريم چانڊيي جي صحيح ٿيل هئي، جنهن ڪي مون اتي ويهڻ جي اجازت ڏني، پر پير بقاءَ الله راشديءَ جي پولنگ ايجنٽ جي ايجنٽ نامي تي سندس اميدوار پير بقاءَ الله راشديءَ جي صحيح ٿيل ڪانه هئي، جنهن ڪي مون چيو تہ بابا اميدوار جي صحيح تہ ڪانهي، انهيءَ ڪري ڪهڙي خبر تہ تون ان جو ايجنٽ بہ آهين يا نہ!؟ هن ڪي مون بوٿ ڪان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو ۽ چيو تہ ايجنٽ نامي تي صحيح ڪرائي پوءِ اچي ويهہ. هن پوءِ اريگيشن واري فون تي پير بقاءَ الله سان رابطو ڪيو جيڪو 3 وڳي شام جو پولنگ اسٽيشن تي پهتو. انهيءَ وچ ۾ هڪ طرفو ڪم پئي هليو. پير بقاءَ الله راشديءَ چيو تہ اوهان سندس ايجنٽ کي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو آهي. جنهن تي مون چيومانس تہ ايجنٽ نامي تي اوهان جي صحيح ٿيل ڪانہ آهي، اها ڪري ڏيوس تہ مان ويهاريانس. ايستائين تہ سڄو قصو ختم ٿي چڪو هو. پير بقاءَ الله شاهہ پوءِ ڪٿان وڃي A.D.M سان لاڙڪاڻي رابطو ڪري ڪيس چيو تہ رانوتي پولنگ اسٽيشن تي فساد ٿي پيو آهي. انهيءَ ڪري پوليس موڪليو. حالانڪ اهڙي ڳالهہ ڪانہ هئي، ووٽن جي ٽائيم ختم ٿيڻ کان پوءِ مون باقي ڪم اسٽيٽمينٽ ... وغيره ٺاهڻ جو ختم ڪيو. جيڪي ڪاغذ لفافن ۾ بند ڪرڻا هئا، اهي بند ڪري سڄي ڪارروائي جيڪا بہ ڪرڻي هئي، اها پوري ڪري سمورو سامان ٻورين ۾ وجهرايو پئي تہ ايتري ۾ ٻاهران ڪنهن جيپ جي اچڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. مون پٽيوالي کي ٻاهر موڪليو تہ ڏسي تہ ڪير آيو آهي. ائين ڪندي امام علي شاهہ پوليس انسپيڪٽر اندر مون وٽ آيو جنهن کان پڇا ڪئي تہ اوهان ڪيئن آيا آهيو جنهن ٻڌايو تہ A.D.M صاحب کي فون ٿي هئي تہ رانوتي پولنگ اسٽيشن تي فساد ٿي پيو آهي ۽ پوليس موڪليو. مان پاڻ سان پوليس ٽرڪ ۾ وٺي پئي آيس، پر اها رستي تي خراب ٿي پئي انهيءَ ڪري ان کي اتي ڇڏي مان آيو آهيان.

مون کيس چيو تہ ڪوبہ فساد ڪونہ ٿيو آهي ۽ پولنگ بلڪل خير خوبيءَ سان ختم ٿي وئي آهي. مون پوءِ سامان واريون ڳوٿريون سيل ڪري سندس حوالي ڪيون تہ قمبر خزاني آفيس ۾ وڃي پهچائي. مان ڪانئس انهن جي رسيد وٺي لاڙڪاڻي هليو آيس. نتيجي ۾ عبدالڪريم چانڊيي 804 ۽ پير بقاءَ الله راشدي 27 ووٽ کنيا ۽ ائين پير بقاءَ الله راشدي هارائي ويو. مير بخشل خان مگسيءَ کي بہ خبر پئجي وئي تہ دوست هڪڙي جو ماڻهو ڪيئن ٿبو آهي.

ان وقت ۾ پير علي محمد راشدي صاحب روينيو جو وزير هو. بخشل خان مگسي ڪجهہ عرصو اڳ وفات ڪري ويو آهي. امام علي شاهہ پوليس انسپيڪٽر جي باري ۾ مسٽر محمد حسن سومري رٽائرڊ S.P، جيڪو منهنجي جڳهہ جي سامهون رهندو آهي، تنهن ٻڌايو تہ هو S.P ٿيو هو ۽ خودڪشي ڪئي هيائين.

هيڊ ڪلارڪ ٽوپي _ اي _ ريهئبليٽيشن برانچ لاڙڪاڻي هيڊ آفيس

مون کي قمبر تعلقي هيڊ منشيءَ جي پوسٽ تان ٻہ دفعا بدلي ڪيو ويو تہ ٻئي دفعا Head clerk to P.A. to collector ريهئبليٽشن برانچ ۾ ڪري رکيو ويو هو.

1. 25.06.1954 کان 16.08.1954 تائين
2. 20.11.1954 کان 31.01.1955 تائين

مسٽر هدايت الله ابڙو P.A. to Collector هو. هو بہ ڪپڙي پائڻ جو شوقين هوندو هو. اها عادت منهنجي بہ هئي، جنهن جو ذڪر مان اڳي بہ ڪري آيو آهيان. هڪڙي ڏينهن مسٽر هدايت الله ابڙو P.A نئون ڪپڙو پڪ ۽ پڪ نڪتو هو، ان جو فل سوٽ (پئنٽ ۽ ڪوٽ) پائي آيو هو. اتفاق اهو ٿيو جو مان بہ ان ڏينهن پڪ ۽ پڪ ڪپڙي جو فل سوٽ پائي ويو هيس. هن جو ڪپڙو 65 رپيا في وال هو ۽ مون وارو 85 رپيا في وال هو.

شفيع محمد شاهہ ان وقت پروبيشنري مختيارڪار هو ۽ هدايت الله خان جو دوست هو. جيئن تہ مان هن جي آفيس ۾ ئي هيڊ ڪلارڪ هوس، انهيءَ ڪري منهنجي بہ شفيع محمد شاهہ سان چڱي دعا سلام هئي.

هدايت الله خان ۽ مان ٻئي وراندي ۾ اس تي بيٺا هئاسين تہ شفيع محمد شاهہ بہ اچي نڪتو. اسان ٻنهي جا ڪپڙا ڏسي هدايت الله کي چيائين تہ تون P.A آهين ۽ منهنجي لاءِ چيائين تہ هو تنهنجو هيڊ ڪلارڪ آهي، پر هن جو فل سوٽ ڏس تہ تنهنجي فل سوٽ کان سٺو آهي. شفيع محمد شاهہ صاحب مون کان پڇيو تہ اهو ڪپڙو ڪهڙي اگهہ تي مليو اٿو تہ مون 85 رپيا وال ٻڌايومانس، تنهن تي چيائين تہ توکي مهانگي اگهہ تي دڪاندار ڏنو آهي. مان تہ پوءِ اندر وڃي آفيس ۾ ويهي رهيس. هدايت الله ابڙو ۽ شفيع محمد شاهہ وراندي ۾ ئي ڪچهري ڪندا رهيا. شفيع محمد شاهہ الائي ڇا تي انور عادل صاحب ڪليڪٽر سان ڳنڍجي پيو، هن جنهن تي سندس خلاف رپورٽ ڪري نوڪريءَ مان ئي برطرف ڪرائي ڇڏيو. ايئن هن جو مستقبل تباهہ ٿي ويو. مسٽر هدايت الله خان ابڙو ڦوهہ جوانيءَ ۾ 1958 ۾ وفات ڪري ويو.

مان پنهنجي لاءِ توڙي پنهنجن ٻارن لاءِ ڪپڙو اڪثر ڪري ٽن دڪانن تان وٺندو هوس، جيڪي حاجي محمد پيادل شيخ، گل محمد شيخ ۽ حاجي جان محمد شيخ جا هئا. مون جنهن دڪاندار کان اهو "پڪ ۽ پڪ" ڪپڙو خريد ڪيو هو تہ ان کي وڃي ميار ڏني تہ منهنجو توتي ڪيترو پروسو هوندو هو جو اگهہ ئي نہ پڇندو هوس ۽ تو مون کي هيءُ ڪپڙو ڪيترو نہ مهانگو ڏنو آهي. جنهن تي هو مون کي پنهنجي دڪان واري اندرين ڪونيءَ ۾ اڪيلائيءَ ۾ وٺي ويو ۽ ... پنهنجي ٽوپي لاهي منهنجي پيرن تي رکيائين تہ هن پيري ٿي ويو آهي ۽ آئينده ايئن نہ ٿيندو. مون پوءِ ڪٽي خاموشي ڪئي ۽ سندس دڪان تان وڏيڪ ڪجهہ چوڻ بنا هليو آيس. ٻيو هڪڙو انگلش گئبدين جو فل سوٽ بہ ساڳي سيزن ۾ سبايو هيم، جيڪو 48 رپيا وال مليو هو ۽ رنگ بہ ان جو ڏاڍو سٺو هو. مان سوٽ ڪوٽ اڪثر ڪري درزي محمد عرس ميمڻ ۽ جان ٽيلرز کان سبائيندو هوس ۽

سلوار قميص شڪور الله، ڏٽي بخش شيخ ۽ جان محمد شيخ درزين کان سبائيندو هوس. مٿيان سڀ درزي ان وقت جا تمام سٺا درزي ليکبا هئا.

وارهه تعلقي ۾ مان هڪڙو دفعو 18.04.60 کان 23.12.80 تائين هيڊ منشي ٿي رهيس. مسٽر شهاب الدين سول جج ۽ فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ هو. سندس ڪورٽ ۾ نصير آباد جي ٻن ڏرين جو هڪٻئي خلاف ڪو ڪيس هلندڙ هو. سول جج صاحب هڪڙي ڏر، جيڪا شايد پنجابي يا ڪوجا ڏر هئي، کان ان ڪيس ۾ رشوت جي گهر ڪئي هئي. جنهن تي ان ڏر وڃي ائنٽي ڪرپشن وارن کي اهڙي درخواست سول جج خلاف ڏني. ائنٽي ڪرپشن وارن پوءِ سول جج تي ڇاپو هڻڻ جو رٿيو. ڇاپي هڻڻ لاءِ سرڪل آفيسر ائنٽي ڪرپشن اي _ آر_ شيخ (A.R Shaikh) ۽ مئجسٽريٽ مسٽر جمال الدين آخوند سب ڊويزنل مئجسٽريٽ قمبر سب ڊويزن جي ٽيم ٺاهي وئي. ڪيس ٻنهي آفيسرن جو ايماندار هجڻ جي گهڻي شهرت هئي. سرڪل آفيسر A.R Shaikh لاڙڪاڻي ۾ رهي ويو هو، پر هن ڇاپي وقت هو حيدرآباد ۾ سرڪل آفيسر هو ۽ اتان خاص ڪري هن ڇاپي هڻڻ لاءِ گهرايو ويو هو. مٿين ٻنهي آفيسرن تي مشتمل ٽيم جڏهن ڇاپي هڻڻ لاءِ وارهه پهتي تہ ان وقت سول جج صاحب شڪار تي ويل هو.

ڇاپي هڻن وارا ٻئي آفيسر برقعا پائي اسپتال جي ٻاهران ديوار سان ويهي سندس اچڻ جو انتظار ڪرڻ لڳا، پر ٿوري وقت کان پوءِ برقعن سان ٻئي سول جج صاحب جي رهائش واري جڳهہ جي پٺيان اچي ويٺا.

جنهن مهل سول جج شڪار تان واپس آيو تہ ڇاپي هڻائيندڙ ماڻهوءَ ائنٽي ڪرپشن وارن جا نشان ٿيل ست سو رپين جا نوٽ ڪيس رشوت طور ڏنا، جي هن وٺي ڪيسي ۾ وڌا ۽ اندر گهر پئي ويو تہ ڏٺائين تہ سندس اوطاق ۾ سندس ڪي دوست پٽن سان راند کيڏي رهيا هئا تہ هيءُ انهن وٽ بيهي رهيو. ان دوران ڇاپي هڻائيندڙ وڃي مئجسٽريٽ صاحب ۽ سرڪل آفيسر ائنٽي ڪرپشن کي سول جج کي رشوت جي پئسن ڏيڻ جو اطلاع ڏنو. جيڪي هڪدم جج صاحب جي اوطاق ۾ گهڙي آيا. هنن کي ڏسندي جج صاحب رشوت ۾ ورتل پئسا کيسي مان ڪڍي پٽ کان ٻاهر پئي اڇلايا، پر اهي ٻاهر نہ ويا ۽ ديوار کي لڳي ايوان ۾ ئي اچي ڪريا، جيڪي هنن کٽي جج صاحب کي گرفتار ڪري سڄي روئداد جو مشير نامو تيار ڪري ڪيس پاڻ سان گڏ وٺي ويا ۽ ضروري ڪارروائي پوري ڪرڻ کان پوءِ ڪيس ڪورٽ ۾ چالان ڪيو ويو. جنهن ڪيس ۾ هن کي قيد جي سزا (شايد ست سال) ملي. جج صاحب سپريم ڪورٽ تائين اپيلون ڪيون، پر سڀ رد ٿيس ۽ ڪيس مليل قيد جي سزا برقرار رهي.

جڏهن مون وارهہ ۾ تعلقہ هيڊ منشيءَ جي چارج ورتي تہ ان وقت مختيارڪار صاحب چنيسر خان وِيسر هو. هو ايئن برابر آهي تہ راشي آفيسر نہ هو، پر انتظامي لحاظ کان بلڪل ڪم همت ۽ ڏاڍو بزدل آفيسر هن کان وڌيڪ ٻيو مون ڪڏهن ڪونہ ڏٺو. ايتريقدر جوهڪڙي ڏينهن گشت ۾ وڃڻو

هو پر نہ ويو ۽ منهنجي آفيس ۾ اچي وينو. سندس پٽيان سانوڻ پٽيوالو بيٺو هو جو ساڻس گڏ گشت ۾ پئي ويو. مون ان کان اشاري ۾ پڇيو تہ صاحب گشت ۾ ڇو نہ ويو تہ چيائين تہ بس وارن کيس فرنٽ سيٽ نہ ڏني، انهيءَ ڪري موٽي آيو آهي.

ان زماني ۾ مختيارڪار کي سرڪاري جيپ مليل ڪانہ هوندي هئي. مون سانوڻ پٽيوالي کان پڇيو تہ بس بيٺي آهي يا رواني ٿي وئي آهي تہ چيائين تہ بس اجا بيٺي آهي. مون پوءِ سب جيل تان هڪ سپاهي گهرائي ان کي چيو تہ ڊرائيور ۽ ڪنڊيڪٽر ٻنهي کي پاڻ سان گڏ وٺي اچي منهنجي آڏو حاضر ڪيو. مون ٻنهي کي سخت ڇنڊ پٽي تہ مختيارڪار صاحب کي فرنٽ سيٽ خالي ڇو نہ ڏني. هاڻي عزت مان ڄاڻو تہ وڃي سڄي بس خالي ڪرايو ۽ مختيارڪار صاحب اڪيلي کي جاڏي گشت ۾ وڃڻ چاهي صرف ان کي ئي ڪٽي وڃو نہ تہ مان جيل ۾ ٿو وڃانوَ. هنن قبول ڪيو ۽ وڃي سڄي بس خالي ڪرائي مختيارڪار صاحب جو انتظار ڪرڻ لڳا، پر ڪمزور مختيارڪار ٿوري وقت کان پوءِ چيو تہ هاڻي ڇڏيون. ايئن چئي پاڻ گشت ۾ نہ ويو. پوءِ بس وارن کي چوائي موڪليم تہ پلي وڃن. هڪڙي ڏينهن مان خزاني جي استرانگ روم مان ڏيتي ليتيءَ لاءِ پئسا ڪڍائڻ پئي ويس تہ ڏٺم تہ سب جيل جي بئرڪ سامهون هڪ ڪٽ تي چڱو خاصو بسترو وڇايل هو. مون جيل جي سپاهين کان پڇيو تہ هيءُ ڪنهن جو بسترو آهي جو ان وقت ڪوبہ ماڻهو ان تي ڪونہ ويٺو هو. سپاهين ٻڌايو تہ سائين مختيارڪار صاحب نصير آباد جي هڪڙي مهاجر ڪاتيدار کي ڍل نہ ڏيڻ ڪري وٺي آيو آهي، جو ان ڪٽ تي سمهندو آهي، جنهن کي بہ ٻہ ٽي ڏينهن ٿي ويا آهن ۽ ماني وغيره بہ مختيارڪار صاحب موڪليندو اٿس ۽ هو شهر مان وڃي سگريٽ ۽ پان بہ وٺي ايندو آهي ۽ هاڻي بہ اهي شهر مان وٺڻ ويو آهي. مون دل ۾ سوچيو تہ مختيارڪار ڪيڏو تہ بزدل آهي. ڍل جي باقيدارکي اهڙي سهوليت ملندي تہ پوءِ هو ڍل ڇو ڏيندو! هُو تہ گهر کان وڌيڪ هتي فرحت ۾ ويٺو آهي. باقيدار مهاجر جيئن ئي شهر مان موٽيو تہ مون کيس جيل جي بئرڪ ۾ اندر بند ڪرائي ڇڏيو. اها خبر جڏهن هن جي وارثن کي پئي تہ ٻئي ڏينهن اچي ڍل ڏنائون ۽ کيس آزاد ڪرائي ويا.

مان جڏهن وارهہ ۾ هيڊ منشي هوس تہ راڻا پڳوانداس، جيڪو نصير آباد جو ويٺل هو تہ هڪ ٻہ دفعو ڪنهن ڪم ڪار سانگي مون وٽ وارهہ آيو هو. هو جڏهن ائنٽي ڪرپشن جج ٿيو تہ مان هن جي ڪورٽ ۾ هڪ تپيدار خلاف ڪيس ۾ سندس ڪورٽ ۾ شاهدي ڏيڻ ويو هوس. پوءِ هو وڃي سپريم ڪورٽ ۾ جسٽس ٿيو.

مختيارڪار صاحب مون کي چيو تہ وارهہ سرڪل جي ڍل جي وصولي ڪري، ٻي باقي وٺڻ منهنجي ذمي آهي. ڍل جي وصولي هلندي رهي تہ هڪڙي ڏينهن حمزه علي ڪانڊڙي تپيدار مون کي آفيس ۾ اچي چيو تہ سائين دائم خان چولياڻي (جيڪو چڱو پلو زميندار هو) ڍل نٿو ڏئي. مون پڇيومانس گهڻي ڍل رهيل اٿس ۽ هاڻي پاڻ ڪاٿي آهي؟ جنهن تي ٻڌايائين تہ پنج سو رپيا ڍل رهيل اٿس ۽ هاڻي اوطاق مان اٿي شهر ڏي ويو آهي. مون پٽيوالو موڪلي کيس شهر مان گهرايو. هو اچڻ

سان جيئن ئي منهنجي آفيس ۾ ڪرسي سوري ويهڻ جي پيو ڪري تہ مون چيومانس تہ وڏيرا صاحب تون باقيدار آهين ۽ ڪرسيءَ تي نہ ويهجان ۽ اڳ ۾ ڍل ڏي. انڪري هو ڪرسيءَ تي نہ ويٺو ۽ چيائين تہ شهر ۾ محمد اسماعيل پنجابي سندس پلاوٽو آهي، ان کي گهرايو تہ ڍل وٺي ڏيان. مون ماڻهو موڪلي محمد اسماعيل کي گهرايو. تيستائين دائم خان چولياڻي بيٺو ئي رهيو. محمد اسماعيل ڍل پاڻ ئي ڀري چيائين تہ هاڻي تہ دائم خان کي ڇڏيو تہ ڪرسيءَ تي ويهي. مون چيومانس تہ هاڻي پلي ويهي منهنجي ساڻس ڪا ذاتي دشمني تہ ڪانهي. پوءِ ٿوري جهٽ ويهي ٻئي اٿي ويا ۽ محمد اسماعيل پنجابيءَ تپيدار کي دائم خان پاران ڍل جا پنج سو رپيا ڏئي ڇڏيا.

ان وقت جي ڊپٽي ڪمشنر عرفان احمد امتيازي صاحب (I.A Imtiazi) وارهہ ۾ بہ ڏينهن اچي منزل ڪيائين. سندس فيملي گڏ هئس. هو نهايت ئي ايماندار آفيسر هو انهيءَ ڪري ٻن ڏينهن جو راشن اٿو دال وغيره پاڻ سان کڻي آيو هو. اهو بنيادي جمهوريتن جي اوج جو دور هو ۽ هر ڪنهن آفيسر جو يونين ڪائونسلون وزٽ ڪرڻ تي گهڻو زور هو. امتيازي صاحب جن هڪڙي ڏينهن شام جو هلي يونين ڪائونسل گاجي کهاوڙ جي ميمبرن سان ملاقات ڪئي. ٻئي ڏينهن صبح جو جڏهن لاڙڪاڻي واپس پئي ويو تہ رستي ۾ وڳڻ يونين ڪائونسل وزٽ ڪيائين. يونين ڪائونسل جي نظام ۽ ان جي اهميت ۽ ڪم ڪار جي طريقي بابت مون کي اڙدوءَ ۾ ٻڌائيندو پئي ويو. جي مون کي سنڌيءَ ۾ لکڻ لاءِ چيائين. جڏهن هن وڏيڪ ڪجهہ لکائڻ بند ڪيو تہ مون جيڪي ڪجهہ سنڌيءَ ۾ لکيو هو. اهو ميمبرن کي پڙهي ٻڌايو. امتيازي صاحب پوءِ لاڙڪاڻي روانو ٿي ويو. ڊاڪٽر عبدالمجيد، جيڪو وڳڻ يونين ڪائونسل جو چيئرمين هو. تنهن مون کي چيو تہ توهان تہ ڪمال ڪري ڇڏيو. توهان کي شابس هجي جو جيڪي ڪجهہ ڊپٽي ڪمشنر صاحب اڙدوءَ ۾ چوندو پئي ويو. اهو توهان بلڪل صحيح طور سنڌيءَ ۾ لکيو آهي.

انهن ڏينهن ۾ نصير آباد ۾ ميلي جي موقعي تي لاڙڪاڻي مان نجمہ نالي هڪ نوجوان ناچڻي ناچ ڪرڻ آئي. سندس ناچ مون بہ ڏٺو. هوءَ شڪل شباهت جي سهڻي، بلڪل نوجوان هئي. ڊانس بہ ڏاڍو سٺو پئي ڪيائين. اهو ذڪر هتي انهيءَ ڪري ٿو ڪيان جو مان جڏهن دادوءَ ۾ 1975ع ۾ A.D.M هيس تہ نجمہ ۽ سندس ماءُ ٻئي مون وٽ آفيس ۾ آيون هيون. ساڻن گڏ جمال نالي هڪ دلال بہ ساڻ آيو هو. جو پوءِ ٻاهر وڃي ويٺو. نجمہ جي ماءُ ٻڌايو تہ سندس ان همراهہ سان شادي ٿيل آهي.

ان وقت نجمہ جمال جي ٿئيٽر ۾ هوندي هئي ۽ اهو ٿئيٽر دادوءَ آيل هو. نجمہ ان ۾ ڊانس ڪندي هئي. نجمہ جي والده مون کي سندس پارٽ ڪري ٻاهر وئي ۽ نجمہ اڏ ڪلاڪ ڪن مون وٽ آفيس ۾ ويٺي رهي ۽ پوءِ هلي وئي. دادوءَ کان پوءِ اهو ٿئيٽر راڏڻ ويو ۽ ان کان پوءِ لاڙڪاڻي موٽي وئي.

مان وارهہ تعلقي ۾ هيڊ منشي ئي هوس، جو مون کي پروموشن ڏئي هيڊ آفيس ۾ نائب دفتردار ڪري رکيائون، جتي مان 27.12.1960 کان 29.05.1962 تائين رهيس.

ضلعي ۾ نان گزيٽيڊ پوسٽن ۾ اها پوسٽ اهميت واري ليکبي هئي. حاجي شاهه محمد شيخ صاحب دفتردار صاحب هوندو هو. هن جو ڪو خاص بار ڪونه هوندو هو. انهيءَ ڪري تعلقن جي انسپيڪشن مان، جمعبندي ۽ آخر سال اڪائونٽ بند ڪرڻ مان ۽ وقتي ڪنهن سپروائيزنگ ٽپيدار جي بدلي وغيره مان عزت ڀريا ٻه ڏوڪڙ چڱا ملي ويندا هئا. انهيءَ ڪري گذر سفر چڱو هوندو هو. مان هڪڙي دفعي ڏوڪري تعقلي جي انسپيڪشن تي اسان جي برانچ جي سموري عملي سميت ويو هوس. اهي قلندر لال شهباز جن جي ميلي جا ڏينهن هئا. منهنجي برانچ جي عملي محمد عظيم چني ۽ ٻين رايو ڏيڪاريو تہ ميلو گهمي اچجي. انڪري پير بخش ٽپيدار کي چيم تہ ڪا جيپ گهرائي، جنهن موسيٰ خان ٻگهئي جي جيپ گهرائي. پوءِ مان منهنجو عملو شهاب الدين سپروائيزنگ ٽپيدار ۽ پير بخش ٽپيدار جيپ ۾ ڪٽي قلندر لعل شهباز جن جو سوهڻ ميلو گهمڻ وياسين ۽ اتان رات جو ئي واپس موٽياسين. رات جو 3 وڳي ڌاري جو وقت هو. جو اسان بچاءَ بند سان جيپ تي پئي آياسين تہ جيپ جي لائيٽ تي پري کان ٻہ ماڻهو رائيفلن سان پل تي ويٺل ڏٺاسين. مونکي اتي نواب نبي بخش خان جن جي ڊرائيور جي ڳالهہ ياد آئي جو صلاح ڏني هئائين تہ رات جو گاڏي نہ روڪيندا ڪيو. انهيءَ ڪري مون ڊرائيور کي چيو تہ گاڏي نہ روڪجان، پر هو گاڏيءَ جي رفتار گهٽ ڪري چڪو هو ۽ گاڏي اچي انهن رائيفلن وارن ٻن ماڻهن وٽ بيٺي. انهن ٻنهي مان هڪڙي اچي هڪ پاسي واري دري کولي ۽ ٻئي وري ٻئي پاسي واري دري کولي. شهاب الدين سپروائيزنگ ٽپيدار جيڪو مون سان گڏ آڏو ويٺو هو، ان پاسي ۾ رکيل پنهنجي روالور ۾ هٿ وڌو، پر مون کيس روڪي وڌو. پوءِ انهن ماڻهن پڇيو تہ جاءِ آهي. ڊرائيور کين وراڻيو تہ جڳهہ ڪانهي. جنهن کان پوءِ هنن ٻئي دريون بند ڪيون ۽ پري ٿي بيٺا. پير بخش ٽپيدار جو چوڻ هو تہ سائين اهي هئا تہ ڏاڙيل، پر هنن جيپ ۽ ڊرائيور کي سڃاتو تہ موسيٰ خان ٻگهئي جي جيپ آهي ۽ ڊرائيور ٻہ ان جو آهي، انهيءَ ڪري ماٺ ڪري ويا. اسان پوءِ الله پاڪ جي رحم ۽ ڪرم سان خير سان ڏوڪريءَ پهتاسين. اڄ جي دور ۾ تہ ڏاڙيلن کي ڪنهن زميندار وغيره جي ٻہ ڪا شناس نہ رهي آهي. ايتريقدر جو پنهنجي سردار جي چوڻ ۾ ٻہ نہ رهيا آهن، پر رهن ٻہ ڪيئن جو اڪثر سردار تہ انهن سان پاڻ مليل آهن.

1977ع ۾ مان جڏهن دادوءَ ۾ A.D.M هوس تہ ڪشميرين جي ووٽن جي لسٽ تيار ڪرڻ لاءِ مون کي اميگريشن Registration officer مقرر ڪيو ويو هو. ڪشميري ان وقت ڪوٽڙي تعلقي ۾ ڪاٽوٽ ۽ ان جي پسگردائيءَ ۾ رهندا هئا. ڪاٽوٽ پرسان ڪوئلي جي ڪاٽين مان ڪوئلي ڪڍڻ جي مزدوري ڪندا هئا. مون سيني کي گهرائي ووٽرن جي لسٽ تيار ڪئي. مان پوءِ ڪوئلي جي هڪ ڪاڻ ڏسڻ ويس. ڏاڪڻ تي اٿ _ ڏهہ ڏاڪا هيٺ لهي ويس تہ مونجهہ محسوس ڪيم ۽ اتان ئي واپس ٿيس. هڪڙي دفعي سکر ۾ معصوم شاهہ مناري تي چڙهڻ لاءِ ٻہ چار ڏاڪا چڙهيس تہ مٿي نہ چڙهيس

جو ڏاڪا لسا هئا. پير ترڪڻ جو ڊپ ٿيو. البت ايترو ذهن ۾ ياد اچي ٿو تہ جڏهن لاهور ويو هوس تہ شاهي مسجد جي هڪ مناري تي صفا مٿي چڙهي وڃي لاهور شهر جو چوڏاري نظارو ڏٺو هئم.

مان جڏهن نائب دفتردار هوس تہ ٻن مختيارڪارن محمد پنيل عطار صاحب ۽ محمد الياس بلوچ صاحب جن سان سٺي دعا سلام هئي . هو بہ مون کي ڏاڍي عزت ڏيندا هئا. محمد پنيل عطار صاحب تہ جڏهن بہ هيڊ ڪواٽر ۾ ميٽنگ وغيره ۾ ايندو هو تہ ڪيس مون وٽ ڪائيندو هو. هو شهدادڪوٽ ۽ ڏوڪري تعلقن ۾ مختيارڪار ٿي رهيو هو. ڪجهہ عرصو لاڙڪاڻي ۾ ريزيڊنٽ مئجسٽريٽ بہ ٿي رهيو هو. هن ۽ منهنجي وچ ۾ البت ڪنهن ڳالهہ تي ٿوري اٽبٽ بہ پيدا ٿي پئي هئي، پر وري يڪدم ئي ٺهي ويا هئاسين.

منهنجي نائب دفترداريءَ واري وقت ۾ ميرو خان تعلقي جي ٽن تپيدارن الهداد چانڊيي، محمد ايوب سنائي ۽ قربان علي ڀٽي معافيءَ ۾ نڳي ڪئي هئي، جو جن سروي نمبرن جي فردي بوڪ ۾ معافيءَ جو انڪار ٿيل هو انهن کي خسرن ۾ مسالي سان ڀاهہ ڊوهہ ڪري معافيءَ هيٺ ڄاڻائي ڇڏي ۽ سرڪار کي ڊل جو نقصان ڏنو. اها خبر تڏهن پئي جڏهن معافي ڏنل سروي نمبرن جا تفصيل، جيڪي مختيارڪار آفيس ۽ ڊپٽي ڪليڪٽر صاحب جي آفيس مان آيا، تن مان ٽن تپيدارن جي تپن وارن تفصيلن ۾ وڏو فرق ظاهر ٿي پيو. مون پوءِ انهن تپيدارن جو رڪارڊ گهرايو ۽ دفتردار صاحب کي نوٽ لکي موڪليو تہ ڪيس ائنٽي ڪرپشن وارن کي موڪليو وڃي پر تپيدارن مسٽر عبدالوهاب خان شيخ مختيارڪار قمبر (جيڪو شاهہ محمد شيخ دفتردار صاحب جو عزيز هو) کي چئي دفتردار صاحب کان ڪيس ائنٽي ڪرپشن وارن کي موڪلڻ بجاءِ اسسٽنٽ ڪمشنر صاحب قمبر سب ڊويزن کي ڊپارٽمينٽل انڪوائري ڪرڻ لاءِ موڪليو.

ان وقت شاهہ جهان ايس ڪريم صاحب (Shahjehan S.Karim) قمبر سب ڊويزن جو اسسٽنٽ ڪمشنر هو. هن اڃا ڊپارٽمينٽل انڪوائري شروع نہ ڪئي هئي. مان جڏهن وٽس هيڊ منشي ٿي ويس تہ مون صاحب موصوف کي نوٽ لکي موڪليو تہ ڪيس ائنٽي ڪرپشن ۾ موڪلڻ جوڳو آهي، جنهن مون سان اڳري ڪيو (شامل راءِ ٿيو) ۽ ايئن ڪيس ائنٽي ڪرپشن وارن ڏانهن موڪليو ويو. غلام حيدر عباسي ان وقت سرڪل آفيسر ائنٽي ڪرپشن لاڙڪاڻو هو جنهن کي مان وڃي سمجهائيندو هوس. نتيجي ۾ ٽئي تپيدار ائنٽي ڪرپشن ڪورٽ ۾ چالان ٿيا ۽ نوڪريءَ تان سسپينڊ ٿيا. ڪيس ڪافي گهڻو وقت هليو. آخرڪار ٽئي تپيدار پندرهن هزار رپيا ائنٽي ڪرپشن ڪورٽ جي جج کي رشوت ڏئي پاڻ کي ڪيس مان بري ڪرائي آيا. ڪين پوءِ نوڪريءَ تي بہ چاڙهيو ويو.

هيڊ منشي روينيو برانچ ڪليڪٽر صاحب جن جي آفيس ۾

منهنجي نائب دفترداريءَ واري وقت ۾ موجود تپن کي توڙي ننڍا ننڍا تپا بنائڻ جي رٽ حڪومت جي زير غور هئي، جنهن لاءِ سيني ضلعن جي ڊپٽي ڪمشنرن کان پروپوزل گهرايا هئائون. پر سڄي سنڌ ۾ اسان جي لاڙڪاڻي ضلعي ۾ تپن توڙڻ جي مخالفت ٿي وئي. انهيءَ ڪري لاڙڪاڻي ضلع ۾ تپا نہ توڙيا ويا ۽ اڄ تائين شروع وارا تپا ئي قائم آهن. سنڌ جي ٻين ضلعن ۾ تپا تہ توڙيا ويا، پر نون تپيدارن کي ڪوٽوار ڪونہ ڏنا ويا. اظهار الحق صاحب ان وقت ڊپٽي ڪمشنر هو. مون کي پوءِ نائب دفتردار جي پوسٽ تان بدلي ڪري ڪليڪٽر صاحب جي آفيس ۾ ئي روينيو برانچ ۾ هيڊ منشي ڪري رکيو ويو. جتي مون 30.05.1962 تي وڃي چارج ورتي. اها پوسٽ نائب دفترداريءَ واري پوسٽ کان گهڻي گهٽ اهميت واري هئي، انهيءَ ڪري منهنجي دل تہ اتي ڪانہ پئي لڳي، پر نوڪريءَ ۾ مجبوريون بہ ايئديون آهن. پوءِ قدرت خدا جي جو ڇا ٿيو. جو مان هڪڙي ڏينهن صبح جو پيادل آفيس پئي ويس تہ عدالحميد خان جتوئي، قاضي فضل الله صاحب جي بنگلي کان ڪار ۾ ٻاهر نڪتو. مون کي ڏسي ڪار روڪيائين (عبدالحميد خان جتوئي ۽ مان ميهڙ هاءِ اسڪول ۾ گڏ پڙهيا هئاسين ۽ ساڳي ڊيسڪ تي ويهندا هئاسين) ان وقت لاڙڪاڻي ۾ عبدالمجيد افغان صاحب ڪليڪٽر هو. جيڪو اڳ دادوءَ ۾ بہ ڪليڪٽر رهي آيو هو ۽ عبدالحميد جتوئيءَ جا ان سان تمام سٺا تعلقات هئا.

مون عبدالحميد جتوئي کي چيو تہ ڪليڪٽر صاحب کي چوي تہ مون کي موجوده پوسٽ تان بدلي ڪري نائب دفتردار ڪري يا لاڙڪاڻي سب ڊويزن ۽ قمبر سب ڊويزن مان هڪ ۾ هيڊ منشي ڪري رکي. هن مون کي چيو تہ مان ڪليڪٽر صاحب سان ڳالهائيندس ۽ تون وڃي ساڻس ملجان.

ڏينهن بہ رکي مان وڃي ڪليڪٽر صاحب عبدالمجيد افغان صاحب سان مليس تہ مون کان ڪجهہ پڇڻ کان اڳ چيائين تہ، تون عبدالحميد جتوئيءَ سان گڏ پڙهيو آهين ۽ مون کي جيتري هن لاءِ عزت آهي، تو لاءِ بہ اوتري ئي عزت آهي. پوءِ مون کان پڇيائين تہ تون ڇا ٿو چاهين. مون کيس بہ ائين ئي چيو تہ يا نائب دفتردار ڪري رکو يا وري ٻنهي سب ڊويزنن لاڙڪاڻي ۽ قمبر مان ڪنهن سب ڊويزن ۾ هيڊ منشي ڪري رکو. ڪليڪٽر صاحب پوءِ فون تي قمبر سب ڊويزن جي اسسٽنٽ ڪمشنر شاهجان ايس ڪريم صاحب جن کان پڇيو تہ ڇا هو مون کي پاڻ وٽ وٺڻ لاءِ تيار آهي، پر اها خبر ڪانهي تہ هن کيس ڪهڙي ورندي ڏني. ڪليڪٽر صاحب پوءِ مونکي چيو تہ شاهجان _ ايس_ ڪريم صاحب سان وڃي مل. مان هن سان وڃي مليس تہ چيائين تہ هيڏي ڇو ٿو اچڻ چاهين، جنهن تي مون کيس ٻڌايو تہ مان نائب دفتردار هوس، اتان بدلي ڪري روينيو برانچ ۾ هيڊ منشي ڪري رکيو اٿن. انهيءَ ڪري مان اتان بدلي ڪرائڻ ٿو چاهيان.

اسسٽنٽ ڪمشنر شاهجهان ايس ڪريم صاحب پوءِ ڪليڪٽر صاحب کي فون تي چيو تہ مان اچڻ سان هن جي گهر ڪئي هئي پر چيو هيائون تہ هو نائب دفتردار آهي، انهيءَ ڪري هن کي Spare ڪري نہ ٿو سگهجي ۽ پلي کيس مون وٽ رکو. مان پوءِ اچي وري ڪليڪٽر صاحب جن سان

مليس، جنهن آرڊر ڪري مون کي اسسٽنٽ ڪمشنر صاحب قمبر سب ڊويزن جي آفيس ۾ هيڊ منشي ڪري رکيو. جتي مان پوءِ 04.07.62 کان 18.12.64 تائين رهيس ۽ نان گزيٽيڊ پوسٽ تي سيني پوسٽن کان اتي وڌ ۾ وڌ عرصو رهيس.

شاهجهان ايس ڪريم صاحب مون تي نهايت ئي مهربان هوندو هو ۽ هن جي سفارش تي (District Merit recognition committee Larkana) مون کي ٻه ساليانيون ائڊوانس انڪريمينٽون ڏنيون هيون. هڪ دفعي مان ٻه ڏينهن ريزڪي موڪل تي ويس، پر صرف هڪ ڏينهن موڪل کائي، ٻئي ڏينهن آفيس ۾ آيس. اسسٽنٽ ڪمشنر صاحب جن کي اها خبر ڪانه هئي تہ مان آفيس ۾ آيو هوس. هن پوءِ دولترام هيڊ ڪلارڪ کي گهرائي چيو تہ رحمت الله انصاري تپيدار ڪلهوڙا تپہ تعلقہ ميرو خان جي اتان بدليءَ جو آرڊر ٽائيپ ڪري اچ. دولترام اچي مون کي صاحب جي ان حڪم بابت ٻڌايو. مون چيومانس تہ صاحب جيڪي حڪم ڪيو اٿئي، انهيءَ جي تعميل ڪري آرڊر ٺاهي صاحب ڏي ڪٽي وڃ. هو پوءِ اهڙو آرڊر ٽائيپ ڪري اسسٽنٽ ڪمشنر صاحب جن ڏانهن صحيح ڪرائڻ لاءِ ڪٽي ويو. انهيءَ دوران ڪنهن ڳالهہ تي گل حسن سندس پٽيوالي کيس منهنجي نالي ٻڌايو تہ هيڊ منشي اڄ آفيس ۾ آيو آهي، جنهن تي صاحب موصوف مون کي ڪنهن ٻئي ڪم لاءِ پاڻ وٽ سڏايو. مان وٽس ويس تہ اهو ڪم چيائين. انهيءَ دوران مان جڏهن صاحب وٽ ويس پئي تہ دولت رام، رحمت الله انصاري تپيدار جي بدليءَ وارو آرڊر صحيحون ڪرائي موٽيو پئي تہ مون کي وراندي ۾ گڏيو. مان ان آرڊر جون سڀ ڪاپيون ڪانئس ورتيون ۽ جڏهن صاحب ٻيو ڪم ڏسي ڇڏيو تہ مون اهي بدليءَ واري آرڊر جون ڪاپيون سندن آڏو رکيون ۽ کين عرض ڪيم تہ سائين ڏل جي ٻي باقيءَ ۾ پندرهين ڏينهن کن مس رهيا آهن. جيڪڏهن تپيدار جي هن وقت بدلي ٿيندي تہ وصوليءَ ۾ وڏي رڪاوٽ ٿيندي، جو ڪاتيدارن کي بهانو ملي ويندو. چوندا تہ اڳيون تپيدار ڏل وٺي ويو آهي. انهيءَ ڪري بيباقي رپورٽ ڏيڻ کان پوءِ ڀلي تپيدار جي بدلي ڪجو. جنهن تي صاحب چيو تہ قاضي فضل الله صاحب ان تپيدار جي بدليءَ لاءِ چيو آهي. مون صاحب کي وري ٻہ عرض ڪيو تہ اوهان قاضي صاحب جن کي اها بيباقيءَ واري حقيقت ٻڌايو. جنهن تي هن قاضي صاحب جن کي ايئن ئي چيو تہ هيءُ بي باقيءَ جو ٽائيم آهي. بي باقي رپورٽ ڏيڻ کان پوءِ تپيدار جي بدلي ڪندو ۽ اڳ پنهنجا صحيح ڪيل آرڊر ڦاڙي ٽوڪريءَ ۾ اڇلائي ڇڏيائين. باوجود ان جي جڏهن ٿوري عرصي کان پوءِ اسسٽنٽ ڪمشنر شاهجهان ايس ڪريم صاحب کي پروموشن مليو. کيس خضدار ضلع (بلوچستان صوبي ۾) جو ڊپٽي ڪمشنر ڪري رکيائون. تڏهن قاضي فضل الله صاحب پنهنجي خاص ماڻهوءَ محمد خان ڀٽي کي صاحب ڏانهن موڪليو. پر صاحب ان وقت آفيس ۾ موجود ڪونہ هو. محمود خان ڀُٽو پوءِ مون وٽ آفيس ۾ آيو ۽ قاضي فضل الله جن جو نياپو ڏنائين تہ صاحب کي اچي تہ کيس ٻڌايان تہ قاضي صاحب چوائي موڪليو آهي تہ اوهان خضدار نہ وڃجو. هو سندس آرڊر ضلع ٺٽي جي ڊپٽي ڪمشنر جو ڪرائيندو. صاحب جي اچڻ تي مون کين اهو قاضي

صاحب جن جو موڪليل نياپو ٻڌايو. ان کان پوءِ سندس نٿي ضلعي جي ڊپٽي ڪمشنر جو آرڊر ٿيو. مان بہ هڪ دفعو ساڻس نٿي وڃي مليو هوس. اسسٽنٽ ڪمشنر دوران شاهجهان ايس ڪريم صاحب ڪجهہ عرصي لاءِ نيپا (NIPA) ٽريننگ لاءِ ويل هو تہ سب ڊويزن جي چارج عارضي طرح مسٽر جمال الدين جماڻي صاحب، جيڪو ان وقت لاڙڪاڻي سب ڊويزن جو ڊپٽي ڪليڪٽر هو، کي ڏني وئي هئي. مسٽر جمال الدين صاحب جن کي جڏهن قمبر سب ڊويزن جي عارضي طرح چارج هئي تہ هو تڏهن بہ رهندو لاڙڪاڻي سب ڊويزن واري پنهنجي ئي بنگلي ۾ هو. مان هڪ ڏينهن ڪجهہ ڪاغذ صحيح ڪرائڻ ويس تہ اندر گهرايائين. پاڻ ۽ محمد صالح انصاري شراب پي رهيا هئا. مون کي چيائين تہ ويهہ شراب پيئُ، پر مون انڪار ڪيو تہ چيائين اجانہ سڏريو آهين. پوءِ ڪاغذ صحيح ڪري ڏنائين جي مان واپس ڪٽي آيس.

شاهجهان ايس ڪريم صاحب سنڌ جو چيف سيڪريٽري ٿي رٽائر ڪيو. شاهجهان صاحب جي وڃڻ کان پوءِ محمد لطف الله صاحب قمبر سب ڊويزن جو اسسٽنٽ ڪمشنر ٿي آيو هو. هو بہ C.S.P آفيسر هو. نہ صرف پاڻ ايماندار آفيسر هو، پر سندس آفيس عملي تي بہ سخت نظر هوندي هئي تہ جيئن ڪو رشوت نہ وٺي. ان وقت ۾ هٿيارن جا ليسن S.D.M (اسسٽنٽ ڪمشنر) ئي Renew (نوان) ڪندا هئا. انهيءَ لاءِ محمد لطف الله صاحب جن جو پنهنجو طريقو هو. سندس گل حسن پٽيوالي کي چوڻ هو تہ روزانو فقط 150 (هڪ سو پنجاهہ) ليسن ماڻهن کان وٺي ۽ آفيس جي عملي کي پنهنجي آفيس ۾ گهرائي انهن کان ليسن تي نئين ڪرائڻ جو آرڊر لکائي صحيح ڪندو هو ۽ مقرر ڪيل انداز 150 کان وڌيڪ هڪ بہ ليسن نہ وٺندو هو. انهيءَ طريقي سان ڪنهن ڪلارڪ يا پٽيوالي کي ليسن بردارن کان ڪجهہ وٺڻ جي همت ئي نہ ٿيندي هئي.

قلندر بخش نالي هڪ استاد محمد لطف الله صاحب جن کي روزانو سنڌي پڙهائڻ ايندو هو. اهو هڪڙي ڏينهن پنهنجو ليسن نئون ڪرائڻ لاءِ ڪٽي آيو، پر ان کان اڳ ئي پٽيوالو 150 ليسن نئين ٿيڻ لاءِ وٺي چڪو هو. صاحب دروازو بند ڪرائي ڇڏيو هو. گل حسن پٽيوالو جڏهن صاحب جي سنڌي پڙهائڻ واري استاد قلندر بخش جو ليسن اندر صاحب وٽ ڪٽي ويو تہ هن نہ ورتو ۽ چوائي موڪليائين تہ سياڻي ڪٽي اچي. استاد صاحب پوءِ بہ ٽي ڏينهن اسسٽنٽ ڪمشنر صاحب جن کي پڙهائڻ ڪونہ آيو. پوءِ ان کي گهرائي پنهنجي اصول جي ڳالهہ ٻڌايائين. جنهن کان پوءِ ئي هو وري ڪيس اڳ وانگر پڙهائڻ ايندو هو. رمضان شريف جو مهينو هو. اسسٽنٽ ڪمشنر محمد لطف الله صاحب قمبر گشت ۾ هليو. شام جو جڏهن قمبر کان واپس پئي آياسين تہ رستي تي سج لهي ويو ۽ روزي کولڻ جو ٽائيم ٿي ويو. هن پوءِ گاڏي روڪرائي پاڻ سان جيڪا ٽفن باڪس ڪٽي هليو هو، اها کولرائي ان مان مٺائي وغيره ڪڍي پاڻ بہ روزو افطار ڪيائين ۽ اسان جيڪي ساڻس گڏ هئاسين (مان ۽ پٽيوالو) تن کي بہ روزي جي افطاريءَ لاءِ مٺائي وغيره ڏنائين، جيڪا هو لاڙڪاڻي مان ئي ساڻ ڪٽي هليو هو.

حسين علي خان اسراڻ خيرپور جوسي جو ويٺل زميندار هو. هو هر سال وقت جي صدر صاحب کي پنهنجي لنگهه ڏينڊ تي سياري ۾ پکين جو شڪار ڪرائيندو هو. اسسٽنٽ ڪمشنر محمد لطف الله صاحب جي وقت ۾ به هن صدر ايوب صاحب جن جو لنگهه ڏينڊ تي شڪار ڪرڻ جو پروگرام رکيو. صدر صاحب جن جي ملٽري سيڪريٽري فون ڪري ان وقت جي ڊپٽي ڪمشنر محمد رفيق صاحب جن کي چيو ته شڪار جي موقعي تي خيرپور جوسي شهر کان وٺي پکي جي پل تائين رستي جي ٻنهي پاسن جهنڊيون هڻائجو (پکي جي پل کان پوءِ رستو مڙي لنگهه ڏينڊ ڏانهن ويندو آهي) پر هن کيس ائين ڪرڻ کان انڪار ڪيو. اها خبر اسان جي اسسٽنٽ ڪمشنر صاحب محمد لطف الله صاحب کي پئي ته ڊپٽي ڪمشنر صاحب جن جهنڊين هڻائڻ کان ملٽري سيڪريٽري کي انڪار ڪيو آهي. صاحب مون کي گهرائي چيو ته سندس سب ڊويزن آهي هاڻي ڇا ڪرڻ گهرجي. مون صاحب جن کي چيو ته جي اوهان اجازت ڏيو ته مان قمبر ۽ وارهه تعلقي جي مختيارڪارن کي چوان، ته ڪم ٿي ويندو. هن جي اجازت ڏيڻ تي مون ٻنهي مختيارڪارن کي فون تي اها ڳالهه ڪئي ۽ کين چيو ته پنهنجي وليج عملي کي موڪلن ته خيرپور جوسي اچن. جن خيرپور جوسي يونين ڪائونسل آفيس ۾ جهنڊين ٺاهڻ جو ڪم شروع ڪيو. انهن کي جهنڊين لاءِ گهربل مٽيريل (سامان) مون لاڙڪاڻي مان آڻي ڏنو. صبح تائين جهنڊيون ٺاهي خيرپور جوسي کان پکي پل تائين رستي جي ٻنهي پاسي لڳايون ته ويون پر اوچتو مينهن شروع ٿي ويو جنهن ڪري پکي پل وٽ اسان جيڪي دهلاري ۽ شرناين وارا صدر صاحب جن جي استقبال لاءِ گهرايا هئا، اهي سڀ هليا ويا. باقي پکي پل وٽ مان مختيارڪار وارهه (محمد اشرف جوڪيو) ڀٽي تپيدار ۽ ڪجهه ڪوٽوار وڃي رهياسين. ڪوٽوار ويچارا اسان کي مينهن کان بچائڻ لاءِ اسان جي مٿان پترون جهليون بيٺا هئا. ٿوري دير کان پوءِ صدر صاحب آيو ۽ پکي پل کان لنگهه ڏينڊ ڏانهن ويو پر شڪار ڪونه ٿي سگهيس ۽ صرف چانهه پي واپس روانو ٿي ويو.

ڏل جي وصوليءَ جي بيباقي رپورٽ ڪرڻ کان پوءِ ڊپٽي ڪليڪٽر جي آفيس ۾ وليج عملو ويهي سب ڊويزنل ليول تي اڪائونٽ بند ڪندو هو جنهن کي آخر سال اڪائونٽ چيو ويندو هو. ان ڪم هلندي سپروائيزنگ تپيدار عبدالله لغاري ۽ بدارالدين شيخ (جيڪو منهنجو پڦات به ٿيندو هو) ڪم اڌ ۾ ڇڏي ڀڄي ويا. مون اسسٽنٽ ڪمشنر صاحب جن کي چئي ٻنهي خلاف رپورٽ ڊپٽي ڪمشنر صاحب جن ڏانهن موڪلي، جنهن تي ٻنهي کي سسپينڊ ڪيو ويو. جو ٻنهي جو قصور ساڳيو ئي هو. ڪجهه وقت هو سسپينڊ رهيا، جنهن کان پوءِ کين وري نوڪريءَ تي چاڙهيو ويو.

محمد لطف الله صاحب جن کي پوءِ بدلي ڪري نارو وال (پنجاب صوبي ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر ڪري رکيو ويو. سندس جاءِ تي مسٽر جمال الدين جماڻي صاحب کي قمبر سب ڊويزن جو ڊپٽي ڪليڪٽر ڪيو ويو. هو ان کان اڳ لاڙڪاڻي سب ڊويزن جو ڊپٽي ڪليڪٽر هو. محمد لطف الله

صاحب جن کي مان ۽ گل حسن پٽيوالو روهڙي اسٽيشن تي ڇڏڻ وياسين. مان تہ اتان موٽي آيس. باقي گل حسن پٽيوالو صاحب جو سامان کڻائي ساڻس گڏيو ويو.

منهنجو ڪنهن چڱي پوسٽ تي هئڻ، منهنجي ئي گريڊ وارن هيڊ منشين کان برداشت نہ ٿيندو هو ۽ پيا منهنجي خلاف ڪڏون کوٽيندا هئا تہ جيئن مون کي نقصان پهچائن. انهيءَ نيت سان منهنجي خلاف درخواست ڪرائي وئي تہ تپيدارن کان بدلين تي پئسا ٿو وٺان. اها درخواست برڪت علي شيخ دفتردار صاحب جن کي انڪوائري ڪرڻ لاءِ موڪلي وئي. ان وقت محمد خان وڏو جيڪو منهنجو دوست هو ۽ دفتردار صاحب (A.D.M) صاحب جو سرشتيدار هو، ان کي مون قمبر سب ڊويزن جي چئني تعلقن مان هر هڪ تعلقي مان چئن چئن تپيدارن جا نالا ڏنا تہ انڪوائريءَ لاءِ انهن سورنهن تپيدارن کي گهرائي. مون کيس ايئن بہ ٻڌايو تہ فلاڻن اڻن تپيدارن کان مون بدليءَ تي ڏوڪڙ برابر ورتا آهن ۽ باقي اڻن تپيدارن کان مون ڪوبہ پئسو ڏوڪڙ ڪونهي ورتو. جنهن تي هن چيو تہ جن تپيدارن کان پئسا ورتا اٿئي، انهن کي هروپرو ڇو گهرايان. مون چيومانس تہ مون هنن جو ڪم ڪيو آهي. هنن جا پئسا ڪائي ڪونہ ويو آهيان، انهيءَ ڪري مون کي يقين آهي تہ منهنجي خلاف بيان نہ ڏيندا.

پوءِ انڪوائريءَ واري ڏينهن مان دفتردار مسٽر برڪت علي شيخ صاحب وٽ سندن آفيس ۾ ويس تہ هن مون کي ڪرسيءَ تي ويهڻ لاءِ چيو. مان اتي ويٺو ئي هوس تہ غلام مصطفيٰ ڀُٽو نائب دفتردار ڪي ڪاغذ ڪٽي اچي بيٺي دفتردار صاحب کان صحيح ڪرائي واپس ويو ۽ مون پوءِ ٻڌو هو تہ وراندي ۾ چوندو پئي ويو تہ جنهن جي خلاف انڪوائري ٿي هلي، اهو ڪرسيءَ تي ويٺو آهي. هو ڪاغذ پٽ ڪٽي دفتردار صاحب ڏي وڃون ٿا تہ بيٺا ٿا رهون. انهيءَ ڪري منهنجو گمان آهي تہ منهنجي خلاف درخواست هن ئي ڪرائي هوندي. بهرحال سورنهن ئي تپيدارن مان ڪنهن هڪ بہ تپيدار منهنجي خلاف بيان ڪونہ ڏنو. ڪاغذ فائيل ڪيا ويا. ايئن منهنجن مخالفن جي مون کي نقصان پهچائڻ خاطر بدنيتيءَ تي ٻڌل سازش ڪامياب نہ ٿي سگهي.

مان قمبر سب ڊويزن جي ڊپٽي ڪليڪٽر صاحب وٽ هيڊ منشي ئي هوس، جو محمد عثمان ميمڻ (جنهن جي رٽيڊيري ۾ مختيارڪار هئڻ وقت، سني رويي نہ هجڻ ڪري، مان بدلي ڪرائي لاڙڪاڻي تعلقي ۾ هيڊ منشي ٿيو هئس) وارهہ تعلقي جو مختيارڪار ٿي آيو هو. هن جي جيپ سان ائڪسيڊنٽ ٿي پيو هو جنهن ۾ سندس پير ڪجهہ ضربجي پيو هو. ڊپٽي ڪليڪٽر جماڻي صاحب وارهہ گشت ۾ هليو تہ مون کي چيائين تہ مختيارڪار کي چوائي موڪليان تہ هو (ڊپٽي ڪليڪٽر صاحب) پڇڻ ايندو. پوءِ هو ڪانئس پڇڻ ويو پر مان ڪونہ ويومانس.

ٻئي ڏينهن تي ڊپٽي ڪليڪٽر صاحب تعلقہ آفيس وزٽ ڪرڻ ۽ خزاني شماريءَ لاءِ آفيس ڏي هليو تہ مان بہ ساڻس گڏ هوس. ڊپٽي ڪليڪٽر صاحب مختيارڪار جي آفيس ۾ ويو ۽ مان ٻاهر وراندي ۾ بيٺو هوس. ٿوري دير کان پوءِ ٻئي ٻاهر نڪتا، جو ڊپٽي ڪليڪٽر صاحب خزاني شماريءَ

لاءِ پيو هلي، مختيارڪار محمد عثمان ميمڻ مون کي ڏسي ڪٽي ڀاڪر وڌو ۽ چيائين تہ محمد علي اجا ڪاوڙ آهي ڇا! جنهن تي مان چيومانس تہ نہ سائين اهڙي تہ ڪا ڳالهہ ڪانهي. صاحب پوءِ تعلقي آفيس وڃي ڪري ۽ خزاني شماري ڪري بنگلي تي واپس هليو ۽ گشت پورو ڪري شام جو لاڙڪاڻي واپس آياسين.

ڊپٽي ڪليڪٽر صاحب جڏهن قمبر سب ڊويزن جي چارج ورتي هئي تہ پهريائين اڪيلو رهندو هو. سندن ٻار حيدرآباد ۾ رهندا هئا. پوءِ جنهن رات هُو حيدرآباد مان ٽرين رستي پنهنجا ٻار لاڙڪاڻي وٺي آيو تہ ان رات تي اٽڪل 75000 رپين (مني لک رپين) جي چوري ٿي وئي، جنهن ۾ روڪ رقم ۽ ڪجهہ سونا زيور شامل هئا. پاڻ ٻڌايائين تہ هو رات جو گهر دير سان موٽيو هو. سندس ننڍڙي ڪڪيءَ جي طبيعت ڪنهن قدر ٺيڪ نہ هئي تہ رات جو 3 وڳي ڌاري سندس گهرواريءَ اٿاريو. ڪڪڙيءَ واري ڪٽ ايوان مان ڪٽي وراندي ۾ ڪئي سين جو سيئاندو پئي پيو. 3 ۽ 4 وڳي وچ ۾ سندس چوري ٿي، جا آخر تائين ڪانہ لڌي. جماڻي صاحب نوڪريءَ دوران ئي ننڍي عمر ۾ حيدرآباد ۾ هڪ ائڪسيڊنٽ ۾ وفات ڪري ويو.

سال 1963ع ۾ مون، سپروائيزنگ ٽپيدار شهاب الدين شيخ، ٽپيدار غلام رسول شيخ ۽ ڪو چوٿون ڄڻو بہ هو، پر ان جو نالو ذهن تي نٿو اچي، لاهور وغيره گهمڻ جو پروگرام ٺاهيو. مون اجا ٽرين تي وڃڻ جي تياري پئي ڪئي تہ حاجي گل محمد شيخ منهنجي ڀيٽيوئي چيو تہ ڪٽپر صاحب وڪيل (عبدالوحيد ڪٽپر) کي چئو تہ باقراڻي روڊ تي جيڪي سندس پلاٽ پيا آهن، انهن مان بہ پلاٽ ڏئي جن مان هڪ ڪيس ڪپي ۽ ٻيو سندس ڀاءُ حاجي محمد مبارڪ شيخ (منهنجي سهري) کي ڪپي. مون چيومانس تہ مان تہ هاڻي تيار بيٺو آهيان ۽ لاهور ٿو وڃان. اتان موٽي اچي ساڻس ملندس. بهرحال مون هن کان اهو پڇي ڇڏيو تہ ڪيتري تائين اگهہ ڳالهايانس. هن پنج رپيا چورس فُٽ حساب سان اگهہ ٻڌايو. مان پوءِ ٽانگي تي ويس پئي تہ خانبهادر يار محمد خان جوڻيجي جي بنگلي وٽ ڪٽپر صاحب سامهون پيادل ايندي ملي ويو. مان ٽانگو روڪي لٿس ۽ ساڻس پلاٽن بابت ڳالهايم. هن پٽ تي ويهي ليکا ڪڍي ڏسيو تہ هي ٽي پلاٽ آهن، جيڪي ڏکڻ منهن هئا، انهن جي سامهون هي بہ پلاٽ آهن. مان پوءِ ڪيس بہ پلاٽ جيڪي ڏکڻ منهن هئا، انهن لاءِ چيو تہ اهي ڏي. ڪانئس اگهہ پڇيم تہ 6 رپيا في چورس فُٽ چيائين. مان ڪيس رعايت ڪرڻ لاءِ چيو تہ آخري 5 رپيا في چورس فُٽ چيائين.

لاهور پهچي وڃي هوٽل ۾ رهياسين ۽ ٻئي ڏينهن تي لاهور ۾ تاريخي جايون، شاهي مسجد شاليمار باغ، شاهي قلعو، شيش محل، موتي مسجد، علامہ اقبال جي مزار، ميوزم، جهانگير ۽ نورجهان جا مقبرا گهمي ڏٺاسين. شيش محل ۾ شيشي جو تمام گهڻو ڪم ٿيل هو. موتي مسجد البت ننڍي هئي، پر سڄي اڇي سنگ مرمر جي ٺهيل هئي ۽ ڏاڍي خوبصورت پئي لڳي. شاهي مسجد جو صحن

بہ تمام وڏو هو. جهانگير ۽ نورجهان جي مقبرن ۽ خاص طرح نورجهان جي مقبري جي حالت خراب هئي ۽ فوري توجهہ طلب هئي.

لاهور شهر گهمندي هيرا منڊيءَ وٽان گذر ٿيو تہ هڪ هنڌ ڇيرين جي ڇمڪار جي آواز ٻڌڻ تي اسان بہ اندر لنگهي وياسين ۽ ڏٺوسين تہ هڪ نوجوان حسين رقاصہ رقص ڪري رهي هئي. ڪجهہ تماشبين اڳ ئي اتي بيٺل هئا، جن رقاصہ آڏو نوٽ پئي اڇلايا. اسان بہ ٻين وانگر ڪجهہ ساڳيءَ ريت ڪيو پر اتي گهڻو ڪونہ ترسياسين، جو اسان جهڙن جوڪن ۽ ننڍن ملازمن لاءِ اهي عياشيون ناهن هونديون. اهي وڏن زميندارن، صنعتڪارن ۽ آفيسرن لاءِ ئي ٿي سگهن ٿيون.

اهو ون يونٽ وارو دور هو. اسيمبليءَ جو اجلاس لاهور ۾ ٿيندو هو. سنڌ صوبي مان ان اسيمبليءَ ۾ ميمبرن ۽ وڏيرن جي گهٽائي هئي، جيڪي اجلاس واري عرصي ۾ عياشيءَ ۾ ڏاڍو خرچ ڪري موٽندا هئا. لاهور مان پوءِ اسان هڪڙي ٽئڪسي روز جي حساب سان ڪئي، جا پيٽرول ۽ 150 رپيا روز وٺندي هئي. لاهور کان پوءِ اسان ٻيا شهر سعدو شريف (سوات) هريپور، مالاڪنڊ پاور هائوس (جيڪو سوات نهر جي آبشار تي هو)، راولپنڊي، مري، ائبٽ آباد، حسن ابدال، پشاور، لنڊي ڪوتل، تورخم باردر ۽ سيالڪوٽ گهمي ڏٺا. اسلام آباد جو ڪم اڃا شروعاتي مرحلي ۾هو پر اتي اسان هڪ ريسٽورينٽ ۾ ويهي چانهہ پيتي. ايوبيا جو ڪم بہ شروعاتي مرحلن ۾ هو. ائبٽ آباد ۽ ڪاڪل جي وچ تي الياسي مسجد بہ ڏٺي سين، جتي هر وقت جبلن مان پاڻي ايندو رهندو هو. پاڻيءَ سان گڏ ننڍيون مڇيون بہ پئي آيون. لنڊي ڪوتل جي بازار ۾ ڪافي دڪان هئا، جيڪي هر قسم جي شين سان سٿيا پيا هئا. لنڊي ڪوتل بازار ۾ فرانس جو بخمل 10 رپيا في وال جي حساب سان مليو پر صرف ٻن پهرائڻ جو مليو جو مون خريد ڪيو.

سيالڪوٽ شهر گهمندي هڪ هنڌان گذر ٿيو تہ ڏٺوسين تہ مٿان ڏاڪڻ تان نهايت حسين عورتون ۽ نوجوان ڇوڪريون هيٺ لهي رهيون هيون، جيڪي هڪٻئي کان وڌيڪ سهڻيون ۽ رطوبت واريون هيون .اهي شايد مٿي ڪنهن پير جي مزار تي سکا ڏيڻ لاءِ ويل پئي ڏٺيون. ايتري تعداد ۾ ڪنيون حسين عورتون مون اڳ ڪڏهن نہ ڏٺيون هيون، هونءَ انفرادي طور نوڪريءَ دوران ڪافي ڏسي چڪو آهيان. هڪ هنڌ تہ مون ائين بہ پڙهيو آهي تہ علامہ اقبال جيڪو خود سيالڪوٽ جو ويٺل هو، ان پنهنجي باري ۾ لکيو آهي تہ چانديءَ جي بلورن سان کيڏيس ۽ پنهنجي عاقبت خراب ڪيم.

هڪ ٻہ رات نوشهري (جتي آرمي جي ڇانوڻي آهي) هوٽل ۾ ترسياسين. ڪابل درياهہ اتان ويجهو ئي هو. اٽڪ پل بہ ڏٺيسين. پل مٿان ٻہ رستا هئا. هڪ ويهڪيولر ٽرئفڪ ۽ ان مٿان ٻيو ٽرين سروس لاءِ هو. اٽڪ پل وٽ جبلن جي وچ ۾ سنڌو درياهہ بہ ايترو ويڪرو ڪونہ هو پر پل کان هيٺ پاڻي ڦهلجڻ کان پوءِ درياهہ ويڪرو ٿو ٿئي. ائين اٽڪل چوڏنهن پندرنهن ڏينهن ٻاهر گهمي ڦري واپس آياسين.

وري سال 1964ع ۾ مون، محمد خميسي سومري تپيدار ۽ فضل محمد ڪانڌڙي ٻاهر گهمڻ جو پروگرام ٺاهيو. محمد خميسي تپيدار جو ڀاءُ مسٽر علي خان سومرو منگلا ڊيم تي سول ورڪس جو انجنيئر هو. دينا اسٽيشن تي لهي اسان منگلا ڊيم، جيڪو جهلم درياهه تي پئي ٺهيو ۽ ان جو ڪم اڃا شروعاتي مرحلن ۾ هو، اوڏانهن وياسين. جهلم درياهه جي اورئين پاسي فارين ڪمپنين وارن جي ڪالوني هئي، جنهن کي برل ڪالوني پئي سڏيائون ۽ پرئين پاسي سوِلين جي ڪالوني هئي.

جيئن ته مسٽر علي خان سومرو ڪنسٽرڪشن جي ڪمن جو انچارج انجنيئر هو، انهيءَ ڪري هن جو اثر رسوخ ڏاڍو هو. هن اسان کي برل ڪالوني گهمڻ جي پاس وٺي ڏني هئي، جيڪا اسان چڱي طرح گهمي ڏٺي. ان ڪالونيءَ ۾ هر جڳهه جهڙوڪ ڊپارٽمينٽ اسٽور، لانڊري، سئنيما هائوس، ڪئنٽين وغيره سڀ ايئرڪنڊيشنڊ هيون. عورتن جي ڊريس هتي اسڪرٽ ئي هئي، جيئن فارينرس جي هوندي آهي. اتي ان ڪالونيءَ لاءِ سئمنگ پول (وهنجڻ جو تلاءُ) به ٺهيل هو. اسان ان سئمنگ پول وٽ به بيٺا ئي هئاسين ته هڪڙي فارين جي قداور ڏاڍي سهڻي شڪل شباهت ۽ سٺي هڏ ڪاٺ واري نوجوان عورت ڪنهن قدر بت ۾ پريل Bathing costume (وهنجڻ جي پوشاڪ) سائي رنگ واري ڪڇي ۽ ڇاتيءَ ڊڪيل سان آئي ۽ وهنجڻ لڳي. ان وهنجڻ جي تلاءَ ۾ هڪ مرد اڳ وهنجي رهيو هو.

ڪئنٽين ۾ اسان وڃي ويٺاسين، جيڪا مٿي ٺهيل هئي ۽ هيٺ عورتن جي راند جو ميدان ٺهيل هو، جيڪي ٻئي جايون ايئرڪنڊيشنڊ هيون. راند وارو هال سڄو ڊڪيل هو. اسان ڪئنٽين ۾ ڪا فراءِ ٿيل شيءَ ته نه کاڌي، جو اهي برٽڻ سوئر جي گوشت رڌڻ لاءِ به ڪم ايندا هوندا. باقي بسڪيٽ ۽ ڪولڊ ڊرنگ واپرايا سين.

ڊپارٽمينٽل اسٽور به ڪافي ايراضيءَ ۾ هو، جنهن ۾ سبزيءَ کان وٺي شراب تائين هر شيءِ موجود هئي. جنهن کي جيڪو سامان گهربل هوندو هو ته اهو پاڻ اسٽور جو چڪر هڻندي ٽراليءَ ۾ گهربل سامان وجهي اچي ڪائونٽر تي بيهي سامان ڏيکاري پئسا ڏيندو هو. اتي شيون ٽئڪس فري ملنديون هيون، انهيءَ ڪري ڪي قدر سستيون هونديون هيون. سولين ڪالونيءَ وارا آفيسر به گهٽو ڪري ان اسٽور تان اچي خريداري ڪندا هئا، هر هڪ گراهڪ جي رجسٽر ۾ داخلا به رکي ويندي هئي.

سئنيما هائوس به ايئرڪنڊيشنڊ هو. فلم هلندي به فارين جوڙا بوسي ڪناري پڻ ڪن پيا. صدر ايوب صاحب جو به مون هڪڙو بيان ڪنهن اخبار وغيره ۾ پڙهيو هو، جنهن ۾ هن چيو هو ته جن ڪنهن کي فارين ملڪ گهمڻو هجي ته برل ڪالوني وڃي ڏسي. برل ڪالونيءَ جي رهواسين جي روزمره جي زندگي بيشڪ فارينرس جهڙي ئي هئي. منگلا ڊيم جو ڪم اڃا شروعاتي مرحلن ۾ هو ۽ جيڪي ان وقت ٽنبل ٺهيل هئا، تن مان ٽرڪون سامان آڻي رهيون هيون، اهي ان وقت ڏٺا هئاسين.

مسٽر علي خان پوءِ اسان کي پنهنجي گاڏي ڏني، جنهن ۾ اسان ايبٽ آباد ۽ مريءَ ۾ وياسين. رستي ۾ جڏهن اسان نٿيا گليءَ وٽ پهتاسين تہ ارادو ڪيوسين تہ مٿي وڃي نٿيا گلي گهمي اچون، پر اتي شام جا پنج ٿي ويا. پوليس چونڪيءَ جي سپاهين چيو تہ هينئر هتان پري (اڳتي) وڃڻ جو ٽائيم ختم ٿيڻ وارو آهي. پوءِ پرئين پاسي کان گاڏين جي اچڻ جو وقت ٿيندو، انهيءَ ڪري اسان مٿي نٿيا گليءَ وڃي نہ سگهياسين. اسان پوءِ مري گهمي، راولپنڊيءَ مان ٿيندا پشاور وياسين. ان سفر ۾ مسٽر علي خان جو دوست عالم خان، جيڪو اوپر پاڪستان جي گورنر اعظم خان جوياءُ هو، وارسڪ ڊيم تي سيڪيورٽي آفيسر هو، اهو بہ گڏ هو. پشاور کان ٿيندا پوءِ لنڊي ڪوتل وياسين ۽ اسان لنڊي ڪوتل بازار ۾ گهمڻ وياسين، جتي هر قسم جي شين جا دڪان ڇت تائين ڀريل هئا. عالم خان اسان سان گڏ بازار نہ هليو، پر هو هڪ هوٽل ۾ ويهي ماني تيار ڪرائڻ لڳو. اسان سڄي بازار پوري گهمي ئي ڪانہ، جو هن ماڻهو موڪليو تہ ماني تيار آهي، اچي کائو نہ تہ ٺري ويندي. مانيءَ ۾ هن روسٽ ۽ دنبي جي گوشت جي ڪڙهائي تيار ڪرائي هئي، جيڪا تئيءَ ۾ ئي پئي هئي ۽ ان مان سيني کائڻ شروع ڪيو. مان البت گوشت ۾ هٿ گهڻو نہ وڌو، جو مون کي ڳرو کاڌو تڪليف ڏيندو هو. بهرحال سيئي ماني کائي، پوءِ تورخم باربڊر تي وياسين، جتي هونءَ تہ اهو باربڊر پاڪستان ۽ افغانستان جي ملڻ واري هنڌ هو، اتي نہ اورئين پاسي جو ماڻهو باربڊر ڪراس ڪري پرتي نہ وڃي پئي سگهيو ۽ نہ ئي پرئين پاسي جو ماڻهو اورتي اچي پئي سگهيو. البت قبائلي ماڻهو گڏهن تي ٻنهي پاسين آيا ويا پئي ۽ انهن تي ڪا روڪ ٽوڪ نہ هئي.

عالم خان اسان کي چيو تہ لنڊي ڪوتل مان جيڪڏهن توهان کي ڪو سامان سڙو خريد ڪرڻو هجي تہ ڀلي ڪيو. هو اسان کي پاڻ ئي پشاور پهچائي ڏيندو، پر اسان وٽ ايترو پئسو موجود نہ هو ۽ نہ ئي وري اسان ڪنهن خريداريءَ جي ارادي سان ويا هئاسين، انهيءَ ڪري اسان هن کي چيو تہ اسان کي ڪا خريداري ناهي ڪرڻي. اسان تہ صرف ملڪ گهمڻ جي ارادي سان آيا آهيون. هن اسان کي وارسڪ ڊيم بہ گهمايو. انهن ڏينهن ۾ ڪابل ۾ ساليانو جشن ملهائڻ جو موقعو هو. اسان اهو ڏسڻ پئي چاهيو، پر مسٽر علي خان صاحب چيو تہ چترال وڃي گهمي اچو. انهيءَ ڪري اسان چترال اختيارين کي تار ڪئي تہ چترال ريسٽ هائوس ۾ هڪ سوٽ بڪ ڪيو، پر هنن تار رستي جواب ڏياري موڪليو تہ ريسٽ هائوس ۾ وزير صاحب لٿل آهي، انهيءَ ڪري سوٽ بڪ نہ ٿي سگهندو.

تنهن هوندي بہ، اسان پشاور کان هوائي جهاز ۾ چترال وڃي لٿاسين. پشاور کان چترال تائين هوائي جهاز جو سفر 45 منٽن جو هو. هوائي سروس هفتي ۾ ٻہ دفعا هوندي هئي. چترال پهچي اتي جي تحصيلدار سان مليا سين. ڪيس پنهنجي لاءِ ٻڌايو تہ مان بہ سنڌ ۾ تحصيلدار آهيان. اسان کي چيائين تہ مڪيہ سوٽ ۾ تہ صبور خان مرڪزي وزير ترسيل آهي، باقي ان سان گڏ وارو سوٽ اوهان کي ڏئي سگهبو. اسان چيو تہ اهو ئي ڏيو ۽ پوءِ ڪمرو وٺي اچي سامان ان ۾ رکيوسين. اهو سوٽ بہ ڪافي ڪشادو ۽ فرنش ٿيل هو. صبور خان وفاقي وزير، جيڪو اتي ريسٽ هائوس ۾ ترسيل هو، اهو

بنگال جو هو. پر ان وقت گڏيل پاڪستان هو ۽ اوپر پاڪستان اڳا الڳ ٿي بنگلاديش نالي ملڪ نہ ٿيو هو. اسان چترال گهمي ڏٺو. اهو ڪو ان وقت ايڏو وڏو شهر تہ نہ هو ۽ نہ ئي آبادي ڪا گهڻي هئي، پر تڏهن بہ ڪافي چڱو شهر پئي لڳو. آبهوا جي لحاظ کان ٺڏو هو.

ٻئي ڏينهن هڪ جيپ ڪرائي تي ڪري ڪافرستان گهمڻ وياسين. چترال کان ڪافرستان وارو رستو نهايت سوڙهو دشوار ۽ خطرناڪ هو. رستي ۾ هڪ نئين بہ هئي. جيڪا ڪافي ويڪري هئي، پر ان وقت برسات نہ هئڻ ڪري خشڪ هئي. اها نئين ڪراس ڪئي سين تہ رستو ڏاڍو چاڙهيءَ وارو شروع ٿيو. ڪافرستان ۾ ڪيترائي ننڍا ننڍا ڳوٺ آهن. اسان جنهن ڳوٺ ۾ وياسين، ان جو نالو برير هو. اتي هڪ ڊسپينسري هئي، اتي ويهي ماني پئي کاڌي سين تہ اوچتو سخت بارش شروع ٿي وئي، جنهن روڊ جو ڪافي حصو پٽي لوڙهي ڇڏيو. نئين ٽپڻ کان پوءِ سڄي رستي سان ٻنهي طرفن کان اکروٽن جا وڻ ٻيلي وانگر بيٺل هئا، جن ۾ ان وقت ساوا اکروٽ بہ بيٺا هئا. پر مجال جو ڪو هڪڙو بہ اکروٽ پٽي، پر جيڪڏهن ڪٽي پٽيائين تہ هڪدم چترالي ماڻهو ڪيس وڪوڙي ويندا ۽ ڪانئس چڱو ڀلو جرمانو وصول ڪري پوءِ ڇڏيندا. اتي اسان کي هڪڙو سونهون ملي ويو. جيڪو چترالي ٻوليءَ سان گڏ اردو ٻولي بہ چڱيءَ طرح سمجهي ۽ ڳالهائي پئي سگهيو. انگور بہ اتي تمام جهجهي انداز ۾ موجود هئا. ان سونهين اسان کي اتي جون ڪي روايتون ٻڌايون. ڪافرستان جون عورتون خوبصورت ۽ سرخ رنگت واريون هيون، پر مرد مڙئي موچاري شڪل وارا هئا. عورتن کي ڊريس گهگهائي، ڪاري رنگ جا ڏاس جا ڊگها وار مٿي تي هئا، جن تي ڪوڏيون لڳل هيون ۽ مردن جي ڊريس سلوار قميص هئي.

سونهين ٻڌايو تہ هتي جڏهن سياح ايندا آهن تہ نوجوان ڇوڪريون گڏ ٿي پنهنجي ٻوليءَ ۾ انهن جي آڏرياءَ لاءِ گيت ڳائيندڙيون آهن. انهن جا مرد انهن جي وچ ۾ بيهي ڊولڪ وڄائيندا آهن. هڪ هڪ ڇوڪري انهيءَ وقت ۾ هڪ رپيو وٺندي هئي. ان رپئي جي لالچ تي ڪراڙيون عورتن بہ انهن نوجوان ڇوڪرين سان گڏ اچي بيهندڙيون آهن. وڏيڪ ٻڌايائين تہ هتي جنهن عورت کي ماهواري ايندي آهي تہ ان کي گهر مان ڪڍي هڪ جدا جهوپڙيءَ ۾ ڇڏي ايندا آهن، جيڪا اهڙين عورتن لاءِ مخصوص هوندي آهي. جڏهن عورت پاڪ صاف ٿيندي آهي تہ پوءِ گهر هلي ايندي آهي. ماهواري عرصي ۾ هنن جي ماني سندن گهر جو ڪو ماڻهو ان مخصوص جهوپڙيءَ کان ٿورو پري رکي ويندو آهي ۽ هوءَ ماني کائي ٿانوَ وري ان جڳهہ تي رکي ايندي آهي، جيڪي پوءِ سندس گهر جو ماڻهو کڻي ويندو آهي. فوتيءَ جي باري ۾ ٻڌايائين تہ ان کي قبر کوٽي دفن نہ ڪندا آهن، پر لاش کي هڪ ڪاٺ جي پيتيءَ ۾ وجهي اها ..... قبرستان ۾ رکي ايندا آهن. بدڪاريءَ لاءِ بہ ٻڌايائين تہ هتي عام ڪانہ آهي. باقي ڪڏهن ڪڏهن ڪو اهڙو واقعو ٿيندو آهي. جو ڪنهن مرد ۽ عورت جو پاڻ ۾ پيار ٿي ويندو آهي.

ايترو بہ ٻڌايائين تہ جڏهن انگورن جو ڦوهہ موسم هوندي آهي تہ اهي پٽي متن ۾ وڌا ويندا آهن. انهن مان شراب ٺهندو آهي. سال ۾ ٽي ڏينهن سڀ مرد ۽ عورتون گڏجي جشن ملهائيندا آهن، شراب پيئندا آهن ۽ خوب عياشي ڪندا آهن. پوءِ اسان کي هڪڙي وڏي ميدان تي وٺي هليو جتي اسان کي ڏسي نوجوان ڇوڪريون اچي گڏ ٿيون ۽ گيت ڳائڻ لڳيون. ڪي پوڙهيون بہ اچي انهن سان شامل ٿيون ۽ مرد ميڙ جي وچ ۾ بيهي ڊولڪ وڄائڻ لڳا. هر هڪ نوجوان عورت خواهہ پوڙهيءَ کي رپيو رپيو پئي ڏنوسين. هڪ عورت رپيا وٺي پنهنجي مڙس کي ڏنو پر هن وٺي پوءِ جهٽ ڦٽو ڪيو. اسان سونهين کان پڇيو تہ ڇو ڦٽي ڪيو اٿائين، جنهن تي هن ٻڌايو تہ سندس گهرواريءَ کي ماهواري آيل آهي، انهيءَ ڪري هن نوٽ ڦٽي ڪيو آهي. ان مرد کي پوءِ وري اسان ٻيو رپئي جو نوٽ ڏنو جو هن ورتو. اسان اتي انهن ڇوڪرين جا فوٽو بہ ڪڍيا، جنهن تي هنن ڪوبہ اعتراض ڪونہ ڪيو اهي فوٽو هينئر گم ٿي ويا آهن.

واپسيءَ وقت اسان سونهين کي چيو تہ اسان کي ڪو گهر بہ گهماءِ. اسان کي پوءِ هڪ گهر ۾ وٺي ويو جو صاف ستڙو هو. پٽ تي متيءَ جو ليپو ڏنل هو. گهر ۾ هڪ عورت بہ ويٺي هئي. اسان گهر کان ٻاهر نڪتاسين تہ گهر جو مالڪ ٻڪرين لاءِ تارين جي ڀري مٿي تي کنيو پئي آيو. ڪيس ڪهاڙي بہ هٿ ۾ هئي. اسان کي پنهنجي گهر مان ٻاهر نڪرندي ڏسي هو غصي ۾ اچي ويو. سونهين سان پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڪجهہ ڳالهايو جنهن تي هن ٻڌايس تہ هي ٻاهران آيل آهن ۽ هنن گهر جو نمونو ڏسڻ پئي گهريو. جنهن کان پوءِ هو چپ ٿي ويو.

مون مٿي پئي ٻڌايو تہ اسان ڊسپينسريءَ ۾ ماني ويٺي کاڌي تہ سخت بارش شروع ٿي، جنهن رستي جو ڪجهہ حصو بہ پٽي لوڙهي ڇڏيو. پوءِ جيئن تيئن ڪري جيپ اتان ٽپائي واپس پئي آيا سين تہ رستي ۾ هڪ وڏي نئن هئي، جنهن ۾ برسات جو پاڻي تيز وهڪري جي صورت ۾ پئي وهيو. پوءِ اسان اتي ڪجهہ وقت ترسياسين. جڏهن پاڻي جهڪو ٿيو ۽ وهڪرو بہ گهٽ ٿيو تہ پوءِ ٿئي هٿ هٿ ۾ ڏئي نئن مان ٽپي آياسين ۽ جيپ کي ڊرائيور وهندڙ پاڻيءَ مان ڪڍي آيو.

اهو جمعي جو ڏينهن هو. اسان کي ڇنڇر جي ڏينهن واري فلائيٽ ۾ صرف بہ ٽڪيٽون مليون. جمعي نماز دروش ۾ پڙهي فضل محمد کي روڊ رستي اتان روانو ڪيوسين. مان ۽ محمد خميسو موٽي چترال آياسين.

سونهين اهو بہ ٻڌايو تہ ڪنهن وقت هتي هڪڙو انگريز آيو هو جو هتي ڇهہ مهينا ترسيو پيو هو. پوءِ واپس هليو ويو. رات جو مان ۽ محمد خميسو ڪمري ۾ ويٺا هئاسين تہ هڪ قداور سهڻي شڪل شباهت وارو ماڻهو جنهن کي سلوار قميص پهريل هئي ۽ مٿي تي چترالي ٽوپي ۽ پيرن ۾ سئنڊل پاتل هوس، اسان جي ڪمري ۾ آيو. چيائين تہ مان پيٽرومئڪس (گولو) ٻرندو ڏسي سمجهيو تہ اوهان ٻاهر کان آيل آهيو انهيءَ ڪري مان اوهان کي دعوت ڏيڻ آيو آهيان تہ هن ريسٽ هائوس

جي لان تي ئي هڪ فنڪشن رکيل آهي، انهيءَ ۾ اچي شريڪ ٿيو. هن اسان کي پنهنجو تعارف نہ ڪرايو تہ هو ڪير هو.

مان ۽ محمد خميسو پوءِ اٿي لان تي وياسين. مان هن جي صوفي تي وڃي ساڻس گڏ وينس ۽ سندس ٻئي پاسي کان ڪو آفيسر وينل هو. فنڪشن هلندي هن ڪڏهن ڪڏهن پاڻ اٿي فوٽو پئي ڪڍيو تہ سيئي اٿي پي بينا، انهيءَ ڪري اسان ٻئي بہ اٿي پئي بيناسين. پوءِ ڪنهن کان پڇا ڪرڻ تي معلوم ٿيو تہ جيڪو اسان کي دعوت ڏيڻ آيو هو اهو چترالي اسٽيٽ جو پرائيم منسٽر هو . سندس پاسي ۾ جيڪو آفيسر وينل هو اهو اتان جو ايس پي هو. آخر ۾ پرائيم منسٽر صاحب دلاور خان پوليس انسپيڪٽر کي چيو تہ ڪتڪ ڊانس ڪري ڏيکاري ۽ هن بہ ڏاڍو سنو ڊانس ڪيو. پوءِ سڀ اٿي روانا ٿي وياسين. مان ۽ محمد خميسو موٽي ڪمري ۾ آياسين. فضل محمد کي وڃڻ وقت چيو هوسين تہ سيٽي شام جو پشاور ايئرپورٽ تي اچي ملجانءِ.

ٻئي ڏهاڙي (چنچر) ڏينهن واپسيءَ لاءِ اسان جڏهن چترال ايئرپورٽ تي پهتاسين تہ پرائيم منسٽر صاحب بہ اتي ڪن پنهنجن مهمانن کي ڇڏڻ آيو هو. مون کي چيائين تہ هيءُ ملڪ وٽيوَ ۽ وري اچڻ جو ارادو آهي. مون چيومانس تہ ملڪ تہ سنو آهي پر سنڌ کان هتي اچڻ جو سفر ڏاڍو ڏکيو آهي. انهيءَ ڪري وري اچڻ مشڪل آهي. هن ٻڌايو تہ روڊ برفباريءَ ڪري 6 مهينا بند هوندو آهي. اسان پوءِ جهاز ۾ چڙهي سج لٿي ڌاري پشاور ايئرپورٽ تي پهتاسين. فضل محمد ڪانڌڙو بہ ڏيڍ ڏينهن روڊ رستي سفر ڪري انهيءَ مهل مس ايئرپورٽ تي پهتو. فضل محمد ٻڌايو تہ روڊ ڏاڍو سوڙهو ۽ اٽانگو هو هڪ پاسي جبل هو تہ ٻئي پاسي هيٺ درياهہ پئي وهيو. جيڪڏهن جيپ بہ انچ ئي روڊ کان هيٺ لهي وڃي ها تہ وڃي درياهہ ۾ ڪري ها. اها حالت ڏسي هن تہ پنهنجي مٿان چادر وجهي منهن ڍڪي ڇڏيو. جنهن تي گاڏي ۾ سوار پناڻ مٿس ڪليا هئا. هن وڏيڪ ٻڌايو تہ گاڏي جڏهن رستي ۾ ديڙ رياست (State) مان گذري رهي هئي، تہ چڙهائي وڌندي پئي وئي ۽ ٿڌ بہ زور وٺندي پئي وئي. جڏهن چوٽيءَ تي اپرٽوپا (Upper Topa) وٽ پهتاسين تہ اتي ڊرائيور گاڏي روڪي. اتي چيل جي ڪانين جو وڏو مچ پئي ٻريو جتي مسافر باهہ جو تئو وٺي رهيا هئا. اسان کي بہ ڊرائيور چيو تہ اوهان بہ باهہ تي ويهي بت ڪجهہ گرم ڪيو. پوءِ اسان بہ چڱي جهٽ باهہ جي چوڌاري ويناسين ۽ اتي چانهہ پي پوءِ وري اتان جيپ ۾ چڙهي هلياسين. هو سج لٿي پشاور ايئرپورٽ تي پهتو هو. اسان پوءِ ائين سفر پورو ڪري پشاور کان لاڙڪاڻي واپس پهتاسين.

چترال جي سرڪٽ هائوس ۾ جيڪو بورچي هو اهو ماني ڪرڻ جو ڏاڍو قابل هو خاص ڪري مرغي تہ ڏاڍي سني تيار ڪندو هو. مون کيس چيو تہ سنڌ ڏي هلين تہ اتي سني پگهار وٺي ڏيندوسانءِ، جو جمال الدين جماڻي ڊپٽي ڪليڪٽر صاحب سني ڪاڏي ڪائڻ جو شوقين هوندو هو ۽ ڪنهن سني بورچيءَ جو ملڻ چاهيندو هو پر هن چيو تہ سندس پيءُ ماءُ پشاور ۾ رهندا آهن، انهن کي ڪيئن ڇڏي هلندو.

انهيءَ سفر دوران اسان جو لاهور بہ وڃڻ ٿيو هو. اتي ڪوٽڙيءَ جو وينل اداڪار ساقي فلم لائين ۾ ڪم ڪندو هو. اسان اسٽوڊيو گهمڻ وڃي رهيا هئاسين تہ ساقي اوچتو ملي ويو. جيڪو اسان کي پاڻ سان گڏ وٺي پئي هليو تہ اسٽوڊيو مان هڪ نهايت ناهوڪي ۽ وڻندڙ جوڙي (مرد ۽ عورت) سامهون ايندي ڏٺي سين، جيڪي اسان جي پاسي کان لنگهي هليا ويا. ان جوڙي لاءِ ساقيءَ ٻڌايو تہ اهو جوڙو زال مڙس نير سلطانہ ۽ درپن هئا ۽ فلم ۾ اداڪار هئا. ساقي هاڻي وفات ڪري ويو آهي.

مان لاڙڪاڻي پهتس تہ حاجي گل محمد ٻڌايو تہ اسان جي پڻين گهٽيءَ ۾ رهندڙ سوتاڻي سوٽ غلام سرور ۽ سندس پائرن مان ٻہ ڪٽپر صاحب وٽ ويا هئا. مان ٻن پلاٽن جو سودو 5 رپيا في چرس فُٽ طئي ڪري ويو هوس. اهي ڪين 8 رپيا في چورس فُٽ جي اگهہ تي ڏيڻ کان بہ انڪار ڪيائين. وڌيڪ چيائين تہ 10 رپيا جي اگهہ سان بہ نہ ڏيندس، جو منهنجو واعدو ٿيل آهي ۽ سودو طئي ٿيل آهي.

حاجي گل محمد پوءِ مون کي 15000 رپيا ڏنا تہ بياني طور ڪٽپر صاحب ڏي موڪلي ڏيان، پر هن اهي وٺڻ کان انڪار ڪيو ۽ چيو تہ هن جيڪو مون سان وعدو ڪيو هو ان تي قائم آهي. ٻنهي پلاٽن جا سمورا پئسا مون کي گڏي موڪلي پلاٽ لکائي وٺجو. اتي حاجي گل محمد جي ڀاءُ حاجي محمد مبارڪ پلاٽ وٺڻ کان انڪار ڪيو ۽ پوءِ اهو پلاٽ مون کي زوريءَ وٺرايائين. حاجي گل محمد پنهنجي ڀاءُ سان پلاٽ وٺڻ جي باري ۾ اڳ ڪوبہ ذڪر ڪونہ ڪڍيو هو.

بس اسان جا پلاٽ وٺڻ ڇا هو، پر وڏي دشمني پرائڻي هئي، جنهن ۾ گهٽو ڪردار منهنجي پيءُ جي سوٽ چاچي عزيز الله خان جو هو. هنن ئي پنهنجن پٽن کي اسان خلاف پڙڪايو هو. حاجي گل محمد جي پلاٽ جي ايراضي 3200 چورس فُٽ هئي. منهنجي پلاٽ جي ايراضي 3081 چورس فُٽ هئي. منهنجي پلاٽ لڳ چاچي عزيزالله خان جو پلاٽ هو. مون ڪيس چيو تہ منهنجو پلاٽ پلي اوهان وٺو تہ مان ڏيڻ لاءِ تيار آهيان، پر هن جو چوڻ هو تہ سندن پلاٽ سان لڳ پنهنجي پلاٽ مان 1000 چورس فُٽ ڏيان، جو مون نہ قبوليو. ڇاڪاڻ جو باقي بچيل ايراضي 2081 چورس فُٽ هڪ ڊگهي پٽي پي رهي ۽ اهو منهنجي ڪم جو نہ رهي ها.

حاجي گل محمد تڪڙ ڪري ميونسپالٽيءَ مان نقشي بحال ڪرائڻ کان سواءِ جڳهہ جي اڏاوت جو ڪم شروع ڪري ڇڏيو. جڏهن ڇت تائين ڪم پهتو تہ اسان جي مخالف سوٽن ڊپٽي ڪمشنر مئني صاحب جن کان نوٽيس ڪڍرايو تہ جڳهہ ڊهرائي وڃي. مون اها ڳالهہ جماڻي صاحب سان ڪئي ۽ ڪيس مدد ڪرڻ لاءِ چيم تہ مون کي چيائين تہ احمد الله فاروقي، جيڪو ان وقت اسسٽنٽ ڪمشنر انڊر ٽريننگ هو ان کي سندس نالي وڃي چوان تہ ائڊمنسٽريٽر (چيئرمين) ظهير الدين بابر کي چئي جڳهہ جو نقشو بحال ڪرائي ڏي، جو ٻئي پاڻ ۾ دوست هئا. مان پوءِ احمد الله فاروقي صاحب کي وڃي جماڻي صاحب نالي چيو تہ هن، هيءُ ڪم ڪري ڏيڻ لاءِ مون کي اوهان

ڏانهن موڪليو آهي. هوڏاانهن مان ايس ڊي او غلام حيدر لاهوريءَ کي راضي ڪري ڪانئس حاجي گل محمد جي جڳهه جو نقشو تيار ڪرائي، ميونسپل آفيس ڪٽي ويس. اتي محمد خان شيخ چاچي عزيز الله جو پٽ به اچي نڪتو. مون کي نقشو هٿ ۾ ڏسي چيائين ته اهو بحال ڪرائڻ آيو آهين ڇا؟ جنهن تي مون کيس هائو ڪئي. ان تي چيائين ته اوهان سندس پيءُ ڏي هلو ۽ کيس چئو ته چاچا مڙئي خير آهي ۽ پلاٽ جي ڪهڙي ڳالهه آهي، پر مون کيس ايئن ڪرڻ کان انڪار ڪيو. مون پوءِ اهو نقشو ميونسپالٽيءَ مان منظور ڪرائي اچي حاجي گل محمد کي ڏنو جنهن پوءِ جاءِ جو ڪم وري شروع ڪرائي جڳهه تيار ڪرائي. ان کان پوءِ به اسان جي سوٽن جي اسان سان دشمني هلندي پئي آئي ۽ هڪ نه ٻئي بهاني سان حاجي گل محمد جي در تي پوليس موڪلي کيس تنگ ڪندا رهندا هئا.

مان جن ڏينهن ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر جي آفيس ۾ هيڊ منشي هوس ته غلام سرور سومرو مون وٽ ڪلارڪ هو. اهو به ڪپڙي پائڻ جو شوقين هو. انهن ڏينهن ۾ هڪ ڪوٽ جو سنو ڪپڙو نڪتو هو، جنهن مان روينيو ڪاتي مان رڳو ٽن ڄڻن ڪوٽ ٺهرايا هئا، 1. ڊپٽي ڪمشنر عبدالمجيد افغان صاحب 2. مان ۽ 3. غلام سرور سومرو. مان ڊپٽي ڪليڪٽر جي آفيس ۾ هيڊ منشي ئي هوس، جو مون کي پروموشن ڏئي هيڊ آفيس ۾ هيڊ ورنيڪيولر ڪلارڪ ڪري رکيو ويو. جتي مون 19.12.64 تي وڃي چارج ورتي، جتي مان 16.03.1967 تائين رهيس. انهيءَ عرصي ۾ مون ڪجهه عرصو 24.09.66 کان 03.12.66 تائين موڪل به ورتي هئي.

ايڇ وي سي يعني هيڊ ورنيڪيولر ڪلارڪ دوران منهنجو واسطو اپيلن سان هوندو هو ۽ سڌو ڊپٽي ڪمشنر صاحب جن وٽ اپيلن ٻڌڻ لاءِ پيش ڪندو هوس. دفتردار صاحب جو ان ڪم ۾ ڪوبه عمل دخل ڪونه هوندو هو. انهيءَ عرصي ۾ ڊپٽي ڪمشنر عبدالسميع قريشي صاحب ۽ محمد رفيق صاحب (ٻئي سي ايس پي آفيسر هئا) سان واسطو رهيو. اهي ٻئي تمام ايماندار آفيسر هئا. انهيءَ ڪري اپيلن ۾ مون کي به ڏوڪڙ عزت سان ملي ويندا هئا. هڪڙي دفعي ته ائين به ٿيو جو شمن چولياڻي وارهه تعلقه جي ڪاتيدار تي سرڪاري زمين بنا اجازت آباد ڪرڻ ڪري 13000 رپيا ريموڪل فائين پيو هو، جو هو ڏئي نه پيو سگهي. اپيل ڪٽي آيو ته ڪجهه عرصي لاءِ مهلت (Stay order) وٺرائي ڏيو، جو مون کيس ڊپٽي ڪمشنر صاحب جن کان وٺرائي ڏنو، جنهن جا مون کي هو 1500 رپيا ڏئي ويو. وري مهلت جي ٿوري وڌائي ڏيڻ تي 300 رپيا ڏئي ويو. انهيءَ وچ ۾ هن پئسن جو بندوبست ڪري مٿس پيل ڏنڊ جي رقم ڀري ڏني پوءِ سندس اپيل رد ٿي.

مون کي نائب دفترداريءَ واري وقت کان وٺي هيڊ ورنيڪيولر ڪلارڪ تائين عرصي دوران عزت ڀريا به چڱا ڏوڪڙ ملي ويندا هئا، جنهن مان گذر سفر به سنو ٿيندو هو ۽ ڪجهه پاڇي به رهندا هئا. انهيءَ دوران مون ڪٽپر صاحب کان باقراڻي روڊ تي پلاٽ به خريد ڪيو، جنهن تي سال 1964ع ۾ مون نئين جاءِ ٺهرائڻ جو ڪم شروع ڪرايو. انهيءَ دور ۾ مزدوري به سستي هوندي هئي. ڪاريگر

(رازو) ڏهاڙي 7 رپيا ۽ مزدور ڏهاڙي 2 رپيا وٺندو هو. اهي ڪم بہ ايمانداريءَ سان ڪندا هئا. جاءِ ۾ گهربل مٽيريل بہ سستو هوندي هو. پوءِ پنهنجن پئسن مان ۽ ڪجهہ چاچي غلام محمد خان جي ڏنل مالي مدد سان، ڇاڪاڻ تہ اسان جي گڏيل فئملي هئي، جڳهہ ٺهرائي تيار ڪرائي ۽ سيپٽمبر 1965ع واري لڙائيءَ ۾ جنهن رات کان بلئڪ آئوٽ شروع ٿي هئي، ان رات نئين جڳهہ ۾ اچي ويٺس.

آفيس سپرنٽينڊنٽ

هيڊ ورنيڪيولر ڪلارڪ مان پرموٽ ٿي پوءِ وري آفيس سپرنٽينڊنٽ ٿيس. آفيس سپرنٽينڊنٽ ٿيڻ لاءِ مون کي مسٽر عبدالوهاب شيخ مدد ڪئي هئي، جيڪو ان وقت لاڙڪاڻي سب ڊويزن جو ڊپٽي ڪليڪٽر هو. مسٽر بشير احمد خان مورياڻي ڪمشنر صاحب جي آفيس ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر جنرل ڏانهن خط لکي ڏنو جو وڃي ڪيس ڏنم. جنهن ڪمشنر صاحب کان منهنجي پروموشن جو آرڊر ڪرائي ڏنو. مون تاريخ 17 مارچ 1967ع تي ان عهدي جي چارج ورتي. مان مٿين ٻنهي صاحبن جو نهايت شڪرگذار آهيان.

آفيس سپرنٽينڊنٽ سان گڏوگڏ ڪجهہ عرصو هيڊ ورنيڪيولر ڪلارڪ جي چارج بہ مون وٽ هئي ۽ ٻنهي پوسٽن تي منهنجو سڌو واسطو ڊپٽي ڪمشنر صاحبن سان هوندو هو. ڊپٽي ڪمشنر جي آفيس جون جيڪي برانچون منهنجي حوالي ڪيون ويون هيون، انهن برانچن جا ڪاغذ سڌا ڊپٽي ڪمشنر ڏانهن موڪليندو هوس ۽ دفتردار صاحب جو ڪو واسطو نہ هوندو هو. آفيس سپرنٽينڊنٽ تان پوءِ رورٽ (Revert) ٿي 19 ڊسمبر 1967ع کان 21 مارچ 1968ع تائين ڊپٽي ڪمشنر جي فيس ۾ اسسٽنٽ روينيو برانچ ۽ پوءِ وري 22 جون 1968ع تائين رٽيڊيري ۾ تعلقہ هيڊ منشي ٿي رهيس. جتان پوءِ منهنجو مختيارڪاريءَ جو پروموشن جو آرڊر ٿيو. مون کي زرعي ترقياتي بئنڪ جي وصولي لاءِ نوابشاهہ ضلعي ۾ مختيارڪار ڪري رکيائون.

رڪوري مختيارڪار زرعي ترقياتي بئنڪ نوابشاهہ

رٽيڊيري مان 22 جون 1968ع تي چارج ڇڏي، لاڙڪاڻي اچي ٻن نياڻين ۽ هڪ همشيره جون شاديون ڪرائي، تاريخ 26 جون 1968ع تي نوابشاهہ ۾ وڃي مون وصولي مختيارڪار زرعي ترقياتي بئنڪ جي چارج ورتي. تنهن وقت ڊپٽي ڪمشنر بشارت رسول صاحب، ڊپٽي ڪليڪٽر صلاح الدين صاحب ۽ تعلقہ نوابشاهہ جو مختيارڪار مسٽر الهہ وسايو خان مهر هو. (الهہ وسايو خان مهر بہ لاڙڪاڻي جو ئي هو) ان وقت سڪندر خان جمالي صاحب نوابشاهہ ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر انڊر ٽريننگ هو. جو پوءِ ترقي ڪندي بلوچستان صوبي جي چيف سيڪريٽريءَ جي عهدي تائين پهتو. زرعي ترقياتي بئنڪ جو نوابشاهہ ضلعي جو مئنيجر مسٽر غلام حسين سومرو هو. جنهن جو هيڊڪواٽر موري ۾ هوندو هو.

مختياڪار جي حيثيت ۾ مختلف جڳهن تي رهڻ متعلق تفصيلي ذڪر ڪرڻ کان اڳ ڪي ڳالهيون جيڪي ڪرڻ کان اڳ رهجي ويون هيون، اهي هيٺ ذڪر ڪجن ٿيون.

مان جڏهن باقراڻي روڊ تي ڪٽپر صاحب کان ورتل پلاٽ، جنهن تان چاچي عزيز الله مون سان ويڙ وڏو هو تي نئين جڳهه ٺهرائي اچي رهيس تہ ان دوران چاچي عزيز الله ۽ سندن پٽن ۽ منهنجي پاڻ ۾ ٻيو تہ ڇڏيو پر زباني ڳالهہ بہ ڪانہ هوندي هئي، پر ترت ئي چاچو عزيز الله اوچتو رات جو دل جي دوري پوڻ سبب رحلت ڪري ويو. جنهن جي خبر مون کي سندس پٽن مان ڪنهن اچي ٻڌائي. پوءِ مون اخلاقي تقاضا تحت. جيڪو برادريءَ جو پير ڪٽڻو هوندو آهي، اهو ڪنيو ۽ سندن تڏي تي بہ ويس. منهنجن ٻين چاچن ۽ مون کي خيرات جي مانيءَ جو پوءِ بابي الله ڏني کي ٻڌايو. جيڪو ڪرمان باغ ۾ رهندو هو. جنهن تي اسان وياسين. خيرات جي ماني کائي جڏهن ٻيا ماڻهو هليا ويا تڏهن چاچي عزيز الله جا سڀ فرزند غلام سرور، شمس الدين، نظام الدين، ظفرالدين، محمد خان ۽ علي خان وينا هئا تہ غلام سرور جيڪو سندن وڏي ۾ وڏو فرزند هو. ان بابي الله ڏني خان کي چيو تہ چاچا اوهان اسان جا وڏا آهيو. اسان برابر اوهان سان سنو نہ هليا آهيون، جنهن لاءِ اسان اوهان کان هاڻي معافي ٿا وٺون. ان کان پوءِ اسان جو پاڻ ۾ ناهہ ٿي ويو. جيڪو اڄ تائين هليو پيو اچي. البت انهن ڀائرن مان پنج وفات ڪري ويا آهن. انهن جي اولاد بہ لاڙڪاڻي مان لڏي گهڻو ڪري سيني حيدرآباد ۾ ۽ ڪن هڪ ٻن ڪراچيءَ ۾ مستقل رهائش اختيار ڪئي آهي. انهن مان صرف ننڍو ننڍو ڀاءُ علي خان ۽ شمس الدين جو فرزند رفيق لاڙڪاڻي ۾ ئي رهندا آهن. مون پاڻ بہ گذريل ڇهن سالن کن کان لڏي حيدرآباد ۾ رهائش اختيار ڪئي آهي. اسان جي نئين نسل پيدا ٿيڻ کان پوءِ رشتيداريءَ ۾ گهڻي ڇڏائي ٿي وئي آهي. شادي مراديءَ جي موقعن تي اچڻ وڃڻ ڪونہ رهيو آهي. باقي ڪڏهن ڪڏهن ڪن سان حيدرآباد ۾ مسجد ۾ نماز وقت يا واٽ ويندي دعا سلام ٿيندي رهندي آهي، خاص طرح ڊاڪٽر طارق سان، مان وارهہ تعلقي مان 1960ع جي آخر ۾ لاڙڪاڻي بدلي ٿي آيس. تڏهن کان وٺي 1968ع جي وچ ڌاري جڏهن منهنجو مختياڪار طور پروموشن ٿيو. تيستائين مان سمورو وقت لاڙڪاڻي هيڊ ڪواٽر ۾ ئي رهيس. اهو سمورو وقت منهنجي نان گزٽيڊ گريڊ ۾ نوڪريءَ جو نهايت بهترين عرصو رهيو. ان وقت ۾ ماڻهن ۾ محبت بہ هوندي هئي ۽ هڪٻئي لاءِ عزت بہ هوندي هئي. تعلقہ ميرو خان جي ڳوٺ ڏڳاڻي مهيسر جا زميندار مشهور هوندا هئا، جن ۾ نظر محمد خان مهيسر ۽ سندس ڀائر محمد نواز خان، در محمد خان توڙي سندن ٻيا رشتيدار زميندار حاجي رمضن خان مهيسر، حاجي خير محمد خان مهيسر ۽ سندس ڀاءُ گدا حسين خان بہ نهايت شريف انسان هئا. انهن مان ٻيا تہ وفات ڪري ويا آهن باقي گدا حسين خان حال حيات آهي. سندس گهڻو رهڻُ زمين سانگي پنهنجي ڳوٺ ڏڳاڻي مهيسر ۾ ئي هوندو هو. ان زماني ۾ محمد نواز خان مهيسر ڪاسائي محلي ۾ هڪ جڳهہ وٺي اڪيلو اتي رهڻ لڳو هو. جتي وقتي سندس ڀائر بہ اچي

رهندا هئا. حاجي خير محمد خان مهيسر بہ روڊ جي ٻئي طرف جڳهہ ٺهرائي ان ۾ ٻارين ٻچين رهندو هو.

محمد نواز خان جي جڳهہ جنهن روڊ سان هئي، اهو ڪشادو هوندو هو انهيءَ ڪري ان وٽ هر روز شام جو ڪچهري ٿيندي هئي. جنهن ۾ مان، محمد علي جوهر، حاجي مومن خان، غلام رسول شيخ تپيدار، محمد نواز خان شامل ٿيندا هئاسين. وقتي قربان علي بگٽي صاحب، در محمد مهيسر، ڊاڪٽر شمس الدين چانڊيو بہ اچي ڪچهريءَ ۾ شريڪ ٿيندا هئا. وقت ڏاڍو ڪل پوڳ ۽ هيڏانهن هوڏانهن جو ڳالهين ٻولين ۾ رات جو گهڻي دير تائين ويهي گذاريندا هئاسين. ڪابہ زماني جي فڪرات ان دور ۾ ڪانہ هئي. اهي قرب، محبتون ۽ ڪل خوشيءَ واريون ڳالهيون اڄ ڪٿي آهن! اڄ جي دور ۾ سيڪو پنهنجي نفسانفسيءَ ۾ پورو آهي ۽ پئسي ڏوڪڙ جي حرص ۾ گرفتار لڳو پيو آهي. مهيسر زميندارن جي اولاد مان ڪيترا پوءِ اعليٰ تعليم حاصل ڪري چڱين چڱين نوڪرين ۾ لڳا آهن ۽ انهن محمد نواز جي جڳهہ جي پرسان ئي پنهنجا نوان بنگلا بہ ٺهرايا آهن. محمد نواز جو فرزند محمد علي لنڊن ۾ ڪيمسٽريءَ ۾ (Ph.D) ڪري اتيئي نوڪري ڪري رهيو آهي. محمد علي جوهر جو فرزند ڪليم لاشاري صاحب سي ايس ايس پاس ڪئي ۽ هاڻي ڪٿي سيڪريٽريءَ جي عهدي تي فائز آهي. حاجي مومن جو پٽ شايد پي آءِ اي ۾ نوڪريءَ ۾ آهي. منهنجو هڪ فرزند غلام ياسين سول هاسپٽل دادوءَ ۾ ڊاڪٽر آهي ۽ ٻيو پٽ محمد سليم قومي بچت ڊئريڪٽوريٽ ريجنل آفيس ۾ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر آهي. منهنجي وڏي پٽ غلام ياسين جو ننڍو فرزند شرجيل احمد پاڪستان آرميءَ ۾ ميجر آهي. اسان جي خاندان توڙي برادريءَ مان اهو واحد ڄڻو ئي آهي جيڪو آرميءَ ۾ ويل آهي. سندس وڏي پٽ راحيل احمد ايم ايس سي ڪئي آهي. منهنجي پٽ محمد سليم کي ٻہ پٽ سمير احمد ۽ سفير احمد آهن، جي ٻئي صغير آهن، ڪيس تاريخ 30 نومبر 2006ع تي الله تعاليٰ هڪ نياڻي ماريہ بہ عطا فرمائي آهي. اسان جي خاندان توڙي برادريءَ جي نسل مان پڻ ڪيترا ڪاليج مان تعليم پرائي وڏين وڏين نوڪري تي پهتا آهن، جن جي گهڻائي واپڊا، سئي گئس، پاڪ ٽيلي ڪميونيڪيشن، پي آءِ اي ۽ هيلٿ ڪاتي ۾ آهي. منهنجي سوٽ حبيب الله جا ٻہ پوٽا هڪ سي ايس ايس امتحان ۽ ٻيو پي سي ايس ڪري نوڪريءَ ۾ لڳا آهن. منهنجي سوٽ حسن الله جو وڏو فرزند مشتاق احمد نئشنل بئنڪ ۾ وائيس پريزيڊنٽ آهي. ساڳيءَ طرح چاچي عزيز الله جي خاندان جا ڪيترا فرد وڏن وڏن عهدن تي پهتا آهن.

البت روينيو ڪاتي ۾ صرف مون ئي نوڪري ڪئي آهي، هم عمر وارن مان اسان جو هڪ رشتيدار عبدالرحمان شيخ پاڻ ڪافي اڳي روينيو ۾ ڪجهہ عرصو مختيارڪار رهي چڪو آهي. هن کي وفات ڪئي بہ چڱو عرصو ٿيو آهي.

منهنجو چاچو غلام محمد تہ مون کان گهڻو اڳ روينيو ڪاتي ۾ نوڪريءَ ۾ گهڙيو هو ۽ 1969ع ۾ مختيارڪار جي عهدي تان رٽائر ڪيو هئائين. هونءَ بہ اسان جي شيخ ڪميونٽي

خوشحال آهي. نوڪرين توڙي ڪاروبار ۾ سڀ خوشحال زندگي گذاري رهيا آهن، پر نهايت افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته جيترو ڪين خدا پاڪ نوازيو آهي، اوتريءَ ئي منجهن نه سهائپ موجود آهي. ڪو ڪنهن جي چڱائيءَ ۾ ڪونه آهي ۽ نه منجهن ڪو اتفاق ئي آهي، انهيءَ ڪري اسان جي پوري شيخ ڪميونٽيءَ لاءِ لاڙڪاڻي شهر ۾ ڪا عزت ڪانه آهي، توڻي جو لاڙڪاڻي مان ڪافي شيخن جي لڏي وڃڻ باوجود به گهڻائي انهيءَ ئي ڪمونٽيءَ جي آهي ۽ اڄ به شهر جي ڪاروبار تي حاوي آهن.

هونءَ به لاڙڪاڻي شهر جي شيخ ڪميونٽيءَ ۾ عزت نفس (Self respect) جو فقدان آهي ايس پي شيخن سان ڪيل عقوبتن کان پوءِ پُٽي صاحب جن جڏهن شيخن جي معززين کي پاڻ وٽ گهرايو هو ته اڳواٽ ئي پنهنجن پٽن لاءِ نوڪريءَ جون درخواستون تيار ڪرائي وٺس ڪٽي ويا هئا ۽ بيعزتيءَ جو اجورو نوڪرين جي صورت ۾ وٺي آيا هئا.

خيرپور ضلعي توڙي پني عاقل ۾ شيخن جي اڪثريت رهي ٿي، پر اهي ڪريل ذهن وارا ناهن. مان ايترو گهڻو نه چوان ها، پر ڇاڪاڻ ته مان به ان برادريءَ جو هڪ فرد آهيان انهيءَ ڪري پنهنجي ڪميونٽيءَ جي ڀائرن جي اهڙي ڪسمپرسيءَ واري حالت ڏسي دل ڪڙهندي آهي. خير انهن قصن کي اتي ختم ڪري مان هاڻي اچان ٿو پنهنجي مختيارڪاريءَ واري دؤر تي.

جيئن مان مٿي چئي آيو آهيان ته مونکي جڏهن مختيارڪاريءَ جو پروموشن مليو ته مون کي نوابشاهه ضلع ۾ زرعي ترقياتي بئنڪ جي ڏنل قرضن جي وصوليءَ لاءِ مقرر ڪيو ويو. جڏهن سنڌ زميندارن کان ڏنل قرض جي قسط جي رقم جي گهربي هئي ته هو نٽ نٽاءُ ڪندا هئا، جو شايد هنن اهي جيڪي قرض ورتا هئا، اهي هنن جن مقصدن لاءِ ورتا هئا. انهن تي استعمال ڪو نه ڪيا هئا بلڪ پئسا عياشيءَ ۾ اڏائي ڇڏيا ها. البت ڪي اهڙا زميندار به هئا جي هڪ دفعي گهرڻ سان به ڏئي ڇڏيندا هئا پر اهي تمام ٿورا ئي هئا.

هوڏانهن جڏهن غير سنڌي ڪاتيدار (پنجابي وغيره) کي قسط جي رقم ڏيڻ لاءِ چئبو هو ته اُهي روڪ رقم يا چيڪ جي صورت ۾ بروقت ادائيگي ڪندا هئا ۽ ٻيهر گهر ڪرڻ جو موقعو ئي نه ايندو هو.

سيد ڪرارو شاهه ڊيري وارو، جڏهن قسط جي رقم 6000 روپيا ڏيڻ آيو ته مونکي دعوت ڏئي، پنهنجا باغ گهمائڻ وٺي هليو ۽ پنهنجو باغ ڏيکاريائين، جتي سندس جو چڱو خاصو بنگلو به ٺهيل هو. هن مون کي ٻڌايو ته هُو باغ جي سالياني اُپت جي اڌ رقم باغ تي ئي خرچ ڪندو آهي، تنهنڪري هر ايندڙ سال گذريل سال جي پيٽ ۾ چڱي خاصي وڌيڪ اُپت ٿيندي آهي.

مان جڏهن لاڙڪاڻي ايندو هُئس ته موري جو پروگرام رکي، اُتي ڪيڙن زميندارن وٽ ترسندو هئس ۽ اُتان پوءِ وري ڳوٺ ايندو هُئس. انهن ڏينهن ۾ دادو، مورو پُل ٺهيل نه هُئي ۽ درياهه پار ڪرڻ لاءِ هڪ ننڍو جهاز(ٻيڙو) هوندو هو، جنهن تي سوار ٿي درياهه پار اُڪري، دادوءَ جي پٽڻ تي پهچبو هو ۽ پوءِ دادوءَ مان لاڙڪاڻي لاءِ روانو ٿبو هو.

هڪڙي ڏينهن مونکي موري واري پتڻ تي پهچڻ ۾ رات ٿي وئي هُئي، جهاز درياهہ جي پرئين ڪناري تي وڃي چُڪو هو ۽ اهو وري صُبح جو واپس اچڻو هو. تنهن ڪري مون هڪڙي ٻيڙي واري کي درياهہ پار ڪرائڻ لاءِ چيو. جنهن چيو تہ هن وقت دير ٿي وئي آهي ۽ ڪو ٻيو پئسينجر بہ ڪونهي سو جيڪڏهن اوهان 10 روپيا ڏيو تہ اوهان اڪيلي کي وٺي هلان. مون کيس 10 روپيا ڏيڻا ڪيا. ان وقت هوا ڏاڍي لڳي رهي هُئي، اُن ڪري ٻيڙي کي ڪافي پنڌ ڌڪڻ ڪانپوءِ، مٿي هلي ٻيڙي درياهہ ۾ هلائڻ شروع ڪيائين، ان جي باوجود ٻيڙي دادو پتڻ کان ڪافي هيٺ هلي وئي، جتان ٻيلي مان پنڌ ڪري پتڻ تي پهتس. خوشقسمتيءَ سان اتي هڪ ٽانگو ملي ويو. جنهن ۾ سوار ٿي دادوءَ پهتس ۽ پوءِ لاڙڪاڻي طرف روانو ٿي ويس. بهرحال مان اتي 26.06.1968 کان 31.10.1968 تائين جي عرصي لاءِ رهيس ۽ اُن دوران 300000 روپيا (ٽي لک روپيا) قرض جي وصولي ڪئي.

مان جڏهن نوابشاهہ ۾ هيس تہ منهنجو چاچو غلام محمد خان ڪراچيءَ ۾ مختيارڪار هيو. جنهن محمود الحق عثمانيءَ کي چيو تہ مونکي ڪنهن تعلقي تي مختيارڪار مقرر ڪرائي، جنهن باجوا صاحب ڪمشنر کي چئي منهنجو تعلقي مختيارڪار پني عاقل جو آرڊر ڪرايو. جتي مون 02.11.1968 تي وڃي چارج ورتي.

مختيارڪار تعلقہ پنو عاقل ضلعو سکر

تاريخ 02.11.1968 تي مان جڏهن پنو عاقل تعقلي مختيارڪار جي چارج ورتي تہ ان وقت گهوٽڪي سب ڊويزن جو اسسٽنٽ ڪمشنر مسٽر نثار الحميد C.S.P آفيسر هيو ۽ سکر ضلعي جو ڊپٽي ڪمشنر آصف فصيح وردگ صاحب هو جيڪو بہ C.S.P آفيسر هيو.

گهوٽڪي سب ڊويزن ۾ ان وقت پنج تعلقہ، روهڙي، پنو عاقل، گهوٽڪي، ميرپور ماٿيلو ۽ اُباوڙو شامل هُئا ۽ سب ڊويزن جو هيڊ ڪواٽر گهوٽڪي هيو. پني عاقل تعلقي ۾ سردار غلام محمد خان مهر جو گهڻو اثر رسوخ هيو. پر پاڻ رهندو خانڳڙهہ گهوٽڪي تعلقي ۾ هو. سردار علي مردان خان چاچڙ پنهنجي ذات جو سردار هيو ۽ اهو بہ سنو مانائتو ماڻهو هيو ۽ زمين بہ خاصي چڱي هوندي هُيس. هن کي ڪچي جي ايراضيءَ ۾ بہ زمين هوندي هئي. موجوده چاچڙ ذات جو سردار حاجي خان چاچڙ علي مردان خان چاچڙ جو فرزند آهي.

ان دور ۾ درياهہ ۾ پاڻي تمام گهڻو هوندو هو ۽ بچاءَ بند تائين اچي لڳندو هو. انهيءَ ڪري ڪچي جي ايراضيءَ ۾ ربيع جي موسم ۾ ڪڻڪ، چڻن ۽ مٽرن جي تمام گهڻي پوک ٿيندي هئي. جڏهن ڪچي جي ايراضيءَ ۾ پڙتال لاءِ گهوڙن تي چڙهي وڃبو هو تہ ميلن جي ميلن ۾ آبادي هوندي هئي. سرنهن ۽ جانيو تہ چڱي ايراضيءَ ۾ پوکيا ويندا هئا. هينئر ڪچي جا اهي اوج ڪونہ رهيا آهن بلڪہ پڪي جي ايراضيءَ وارا ڪاتيدار ئي پاڻي جي گهٽتائيءَ سبب سورن ۾ آهن ۽ پاڻيءَ جي قلت خلاف روزانو سنڌ جي ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ جلوس نڪرن ٿا، ڌرڻا ۽ بک هڙتالون ٿين ٿيون.

ڊپٽي ڪمشنر آصف فصيح وردگ صاحب منهنجي وقت ۾ هڪ دفعو دوري تي آيو هو. سندس بدلي ٿي وڃڻ بعد وقار رستم بخشي صاحب سکر جو ڊپٽي ڪمشنر ٿي آيو هو جيڪو پڻ C.S.P آفيسر هو ۽ منهنجي پني عاقل تعلقي مان بدلي ٿي وڃڻ کان پوءِ به اتي ڊپٽي ڪمشنر هيو. ساڳي طرح اسسٽنٽ ڪمشنر نثارالحميد صاحب منهنجي بدلي ٿي وڃڻ بعد به گهوٽڪي سب ڊويزن جو اسسٽنٽ ڪمشنر هو.

پني عاقل ۾ نوڪري دوران منهنجا محمد حسن خان بُلو الله بخش محمدي وڪيل ۽ امين الدين شاه وڪيل سان ڪجهه چڱا تعلقات هئا. ادا غلام نبي پني عاقل ۾ R.F.O (رينج فاريسٽ آفيسر) ٿي رهيو هو ۽ محمد حسن خان بُلي جا ان سان سٺا تعلقات رهيا هئا، انهيءَ ڪري هو جڏهن به پني عاقل ۾ ڪمين ڪارين ايندو هو ته مون وٽ ايندو هو. حالانڪه هُو پني عاقل کان چار پنج ميل مفاصلي تي پنهنجي ڳوٺ ۾ رهندو هو. هُو دلير ۽ يار ويس ماڻهو هو ۽ ڪامورن ڪڙن سان چڱي اٿ ويهه هوندي هيس.

امين الدين شاهه وڪيل، مسٽر نور احمد شاهه جيڪو سنڌ حڪومت ۾ سيڪريٽري ٿي رهيو آهي، ان جو مامو ٿيندو هو ۽ اهو به پنهنجي ڳوٺ هنگورو ۾ رهندو هو.

الله بخش محمدي وڪيل صاحب پني عاقل شهر ۾ رهندو هو. علي نواز خان ڏاريجو چڱو پلو زميندار هو ۽ ڪنهن وقت ۾ صوبائي اسيمبليءَ جو ميمبر به رهي چڪو هو پر هن جو توجهه زمين طرف ڪونه هو. انهيءَ ڪري سندس ڪيتري زمين غير آباد پئي هوندي هئي ۽ ان ڪري گهڻي زمين هُئڻ باوجود اُپت گهٽ ٿيندي هُئس. سندس ڀاءُ نظير احمد ڏاريجي ڪراچيءَ مان شادي ڪئي هئي ۽ هو گهڻو وقت ڪراچيءَ ۾ ئي رهندو هو ۽ زمينن کي گهڻو وقت نه ڏئي سگهندو هو. خريف جي ڍل لاءِ اڪثر ڪري استي آرڊر وٺندا هئا ۽ اهڙي طرح خريف جي ڍل به ربيع جي ڍل سان گڏي پيئاريندا هُئا.

محمد حسن خان بُلي ۽ علي نواز خان ڏاريجي جي پاڻ ۾ هميشه اٽڻت هوندي ئي هوندي هئي. مسٽر محمد هاشم صاحب ميمڻ ڪمشنر صاحب جي آفيس ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر (روينيو) هوندو هو ۽ هڪ دفعي پني عاقل تعلقي جي انسپيڪشن تي آيو هو ته مونکي چيائين، هاليجي شريف واري بزرگ حماد الله صاحب ڏي هلڻو آهي. صبح ٿيڻ تي مان وٽس بنگلي تي ويس ۽ ڪيس اطلاع ڪرايم ته مونکي اندر گهرايائين. پاڻ ناشتو ڪري وينو هو ۽ چانهه پئي پيتائين ۽ ان سان گڏ هڪ ڦڪي رنگ جو ڪئپسول پي ورتائين ۽ مونکي چيائين هي Surbex T آهي ۽ تون به روزانو هڪڙو وٺندو ڪر. مان پوءِ ڪيس هاليجي شريف وٺي ويس جتي هي بزرگ حماد الله صاحب جن سان مليو. جو مسجد شريف ۾ وينو هو ۽ ٻڌڻ ۾ آيو هو ته هُو اڪثر ڪري ويهندو ئي مسجد ۾ هو. بزرگ صاحب بت ۾ پريل هو ۽ وڏي ناليوارو بزرگ ليکبو هو. هاليجي شريف جي درگاهه به مشهور درگاهه آهي.

بزرگ صاحب سان ملي محمد هاشم صاحب ۽ مان موٽي آياسين ۽ پوءِ صاحب موصوف سکر روانو ٿي ويو.

ان کان وٺي محمد هاشم ميمڻ صاحب جن سان نيازمندي رهندي آئي، جا سندن وفات تائين رهي. انهيءَ عرصي دوران مان سندن زيردست بہ رهيس ۽ مونکي آخر تائين بدلين جي سلسلي ۾ مدد فراهم ڪندو رهيو، جن بابت ذڪر اڳتي ايندو.

هڪ دفعي سردار غلام محمد خان مهر اسسٽنٽ ڪمشنر صاحب گهوٽڪيءَ جي، رات جو دعوت ڪئي، جنهن ۾ هن سب ڊويزن جي سيني مختيارڪارن کي بہ دعوت ڏني هئي. ان دؤر ۾ مختيارڪارن کي سرڪاري گاڏي مليل ڪانہ هوندي هئي، انهيءَ ڪري مان پني عاقل مان ٽئڪسي ڪري گهوٽڪيءَ ويس ۽ ٽئڪسي سردار صاحب جي بنگلي کان پري بيهاري ڇڏي جو هڪ تہ آفيسرن جو احترام ڪبو هو ۽ ٻيو تہ ان دور ۾ پڇاڻو بہ هوندو هو ۽ جيئن تہ ٽئڪسين جو رنگ بہ مخصوص هوندو هو، جنهن مان خبر پئجي ويندي هئي تہ اها ٽئڪسي آهي. دعوت ۾ مختيارڪارن مان صرف گهوٽڪيءَ جو مختيارڪار ۽ مان شريڪ ٿياسين پر ٻيا ڪونہ آيا هئا.

دعوت ڪائڻ کان پوءِ ڪجهہ وقت ترسي، مون سردار صاحب کان واپس وڃڻ جي اجازت گهري تہ سردار صاحب پنهنجي بنگلي کان وٺي ٽئڪسي تائين، جا سندس بنگلي کان فرلانگ ڏيڍ پري بيهاري هيم، اوسيتائين مون سان گڏيو آيو ۽ مونکي چيائين تہ خان صاحب ٽئڪسي ڇو ڪري آيا آهيو، مونکي فون ڪيو ها تہ گاڏي موڪلي ڏيانوَ ها! ان تي مان ڪيس چيو تہ سردار صاحب مڙئي خير آهي.

سردار صاحب جي ڪمن ڪارين سان سندن خاص ماڻهو مصري چنڊ ايندو ڪندو هو ۽ آفيسرن مان ڪم ڪرائي ويندو هو ۽ اڪثر ڪري سڀ ڪاموراسردار صاحب جي عزت ڪندا هئا ۽ سندن آيل ماڻهوءَ کي ڪم ڪري ئي ڏيندا هئا.

ڊپٽي ڪمشنر وقار رستم بخشي صاحب جن کي پنهنجي رهائش واري بنگلي واري لان(باغيچي) واسطي درياهہ جي سلٽ (واري) گهربي هئي، جنهن لاءِ هن سکر جي مختيارڪار عبدالرحيم ميمڻ کي چيو هو پر هن ڪجهہ سستي ڪئي. پوءِ صاحب موصوف ان لاءِ مونکي چيو، مون محمد حسن خان بُلي کي چيو تہ واسطيدار انجنيئر صاحب کي چوي تہ اسان کي درياهہ مان سلٽ ڪڍڻ جي اجازت ڏئي. هن انجنيئر سان ملي مونکي اچي ٻڌايو تہ هو ڪانئس موڪل وٺي آيو آهي ۽ اوهان ڀلي سلٽ ڪڍايو. مان پوءِ ماڻهو موڪلي سلٽ درياهہ مان ڪڍرائي ڊپٽي ڪمشنر صاحب جي باغيچي لاءِ پهچائي ۽ جڏهن ڪيس گهربل مقدار ۾ سلٽ پهچي چڪي تہ پوءِ وڏيڪ سلٽ نہ موڪلڻ لاءِ چيائين.

اڳتي هلي اهڙو اتفاق ٿيو (جيڪو منهنجي پني عاقل تعلقہ مان بدليءَ جو ڪارڻ بڻيو) جو مونکي اسسٽنٽ ڪمشنر صاحب بيگ محمد شيخ ۽ عبدالعزيز سندس ڀاءُ (جنهن ٻنهي مان هر

هڪ ڏانهن 7000 يا 8000 روپيا انڪم ٽئڪس جي بقايا رهيل هئي) جي ضبطي جا وارنٽ ڏنا. هونءَ دراصل تہ وصوليءَ ۾ ضبطي جا وارنٽ ڪيڊ مختيارڪار جو ئي ڪم هوندو آهي پر اسسٽنٽ ڪمشنر جي وارنٽ ڪيڊ جي پس پردي ڳالهہ اها هئي جو عبدالعزيز شيخ وارن جو پني عاقل شهر جي وچ ۾ هڪ وڏو پلاٽ هيو جنهن ۾ هڪ پنجابي عطاءُالله جهانيا جي اک هئي تہ شيخ صاحب ڪيس اهو پلاٽ ڏين پر هو ائين ڪرڻ لاءِ تيار نہ هئا. جيئن تہ اسسٽنٽ ڪمشنر صاحب بہ پنجابي هو ۽ عطاءُالله جهانيا جي ان سان گهاٽائي هئي، ان ڪري شيخ صاحبن کي زير بار ڪرڻ لاءِ صاحب موصوف کي هن استعمال پئي ڪيو. عطاءُالله جهانيا رهندو تہ سکر ۾ هيو پر هن جو پني عاقل تعلقي سان واسطو هيو، جو سندس زمين تعلقي جي تپہ مبارڪپور ۾ هئي ۽ مبارڪپور ۾ سندس رهائش جي جڳهہ بہ هئي. اسسٽنٽ ڪمشنر صاحب هر جمعي تي گهوٽڪيءَ کان پني عاقل ايندو هو ۽ شام جو روهڙي هليو ويندو هو ۽ آچر اتي گذاري سومر ڏينهن سڌو گهوٽڪيءَ واپس هليو ويندو هو.

وارنٽن ملڻ کان پوءِ مون رات جو بيگ محمد خان شيخ، سندس پاءُ عبدالعزيز ۽ ساڻن گڏ عبدالخالق شيخ صاحب جن کي پاڻ وٽ گهرائي کين وارنٽ ڏيکاريا ۽ چيومان، تہ پنهنجي ڪميونٽي وارا آهيو، ان ڪري اوهان کي وارنٽ ڏيکاريان ٿو تہ اوهان کي تسلي ٿئي تہ اهي اسسٽنٽ ڪمشنر صاحب جا ئي نڪتل آهن انهيءَ ڪري بقايا جي رقم، جيڪا ايڏي وڏي بہ ڪانهي ڏئي ڇڏيو تہ سنو آهي.

بيگ محمد شيخ تہ وڃي ڊپٽي ڪمشنر صاحب وٽان يا انڪم ٽئڪس اٿارٽي وارن کان استي آرڊر وٺي آيو. جڏهن جمعي ڏينهن اسسٽنٽ ڪمشنر صاحب پني عاقل آيو تہ پچا ڪيائن تہ وارنٽن جو ڇا ٿيو. مون ڪيس ٻڌايو تہ بيگ محمد تہ استي آرڊر وٺي آيو آهي باقي عبدالعزيز چوي ٿو تہ هو پئسا ڏيندو. جنهن بعد صاحب موصوف روهڙي روانو ٿي ويو.

مون ٻئي جمعي جي ڏينهن کان اڳ سومر جي رات وري عبدالعزيز شيخ کي گهرائي چيو تہ بابا سنو اٿئي تہ بقايا ڏئي ڇڏ. هو هائو تہ ڪري ويو پر دراصل هن جي بقايا پيارڻ جي نيت ئي ڪانہ پئي ڏني جو هن اڳاري تائين پئسا نہ ڏنا. مان پوءِ اربع جي ڏينهن محمد اسماعيل حر جي سپروائيزنگ ٽپيدار کي چيو تہ وڃي عبدالعزيز جي ضبطي ڪر. اهو وصوليءَ جو وقت هيو ۽ مان ڊل جي وصوليءَ لاءِ جيپ ۾ ويس پئي ۽ جڏهن عبدالعزيز جي ڪارخاني وٽان لنگهيس تہ سپروائيزنگ ٽپيدار جي پچا ڪيم، جنهن کي عبدالعزيز مٿي بنگلي ۾ ڏٺو ڏئي ويهاري ڇڏيو هو ۽ هيٺ هو بئنڪ ۾ پنهجي ڪٽڪ جون سؤ سوا ڪن ٻوريون، جي گروي رکيون هيون اهي اتان رليز ڪرائي گودام مان ڪڍرائي پيو، جي هو ڪراچيءَ موڪلڻ پيو چاهي، جنهن لاءِ هن پني عاقل اسٽيشن تي گڏس ٽرين جو گاڏو بہ بُڪ ڪرائي ڇڏيو هو. مان پوءِ سپروائيزنگ ٽپيدار کي گهرائي چيو تہ هي ڪٽڪ جون ٻوريون هاڻي مان ضبط ڪيان ٿو، جي تون ڪٽائي وڃي تعلقي آفيس جي وراندي ۾ رکاءِ جي هن گڏهہ گاڏين وسيلي ڪٽائڻ شروع ڪري ڏنيون.

مان پوءِ اچي جيپ ۾ وينس تہ عبدالعزيز شيخ صاحب مونکي اچي ستائڻ ۽ ايلاز ڪرڻ لڳو تہ صبطي نہ ڪيو جو ان ۾ سندس بيعزتي ٿيندي، مون کيس انڪار ڪندي چيو تہ هاڻي ڪجهہ نہ ٿيندو ۽ مونکي پنهنجي عزت کان تنهنجي عزت وڌيڪ ڪانهي ۽ پوءِ مان حد ۾ وصوليءَ لاءِ روانو ٿي ويس.

عبدالعزيز شيخ وارا پوءِ وڃي احمد ميان سومري جي معرفت ڪمشنر صاحب سان مليا، جنهن ڊپٽي ڪمشنر صاحب کي چيو تہ ڏسي تہ عبدالعزيز جي ضبطي نہ ٿئي ۽ کين استي آرڊر بہ ڏنو. ڊپٽي ڪمشنر وقار رستم بخشي صاحب پوءِ مونکي فون ڪئي پر مان وصوليءَ لاءِ ويل هيس. انهيءَ ڪري منهنجي هيڊ منشي فون اٿينڊ ڪئي ۽ منهنجي لاءِ پڇا ڪرڻ تي هيڊ منشيءَ صاحب موصوف کي ٻڌايو تہ گشت ۾ ويل آهي، جنهن تي هيڊ منشيءَ کي چيائين تہ مختيارڪار اچي تہ کيس چئجانءِ تہ ساڻسس فون تي ڳالهايان. ائين چئي ڊپٽي ڪمشنر صاحب فون رکي ڇڏي پر عبدالعزيز شيخ جيڪي ڪمشنر صاحب وٽان ٿي اچي ڊپٽي ڪمشنر وٽ وينا هئا، انهن کين چيو تہ هيڊ منشيءَ کي چئو تہ مختيارڪار کي چوي تہ سندن ضبطي نہ ڪري مبادا انهيءَ وچ ۾ ضبطي نہ ڪري وجهي. انهيءَ تي صاحب موصوف وري فون ڪئي ۽ کيس اهڙي هدايت ڪئي پر هيڊ منشي ءَ کين ٻڌايو تہ ضبطي تہ ٿي وئي آهي ۽ ضبط ٿيل ڪٽڪ جون ٻوريون آفيس ۾ بہ پهچي چڪيون آهن. ڊپٽي ڪمشنر صاحب پوءِ فون رکي ڇڏي ۽ خبر ناهي تہ عبدالعزيز وارن کي وڌيڪ ڇا چيائين. انهيءَ دوران علي ڏني پنهور اسسٽنٽ ڪمشنر جنرل سکر ڊويزن بہ ڪمشنر صاحب جن جي آفيس مان فون ڪئي تہ مختيارڪار گشت مان جيئن موٽي اچي تہ ساڻس فون تي ڳالهائي. مون پوءِ گشت مان واپس اچي علي ڏني خان پنهور جن سان فون تي ڳالهايو جنهن چيو تہ عبدالعزيز شيخ کي ڪمشنر صاحب استي آرڊر ڏنو آهي، انهيءَ ڪري سندس ضبط ڪيل ڪٽڪ جو استاڪ واپس ڪري ڇڏ، جنهن تي مون کيس ٻڌايو تہ وارنٽ اسسٽنٽ ڪمشنر صاحب جن جا ڏنل هئا ۽ هو جمعي ڏينهن هتي ايندا تہ مان ساڻن اها حقيقت ڪندس. هن پوءِ وڌيڪ ڪجهہ نہ چيو ۽ فون بند ڪري ڇڏيائين. دستور موجب اسسٽنٽ ڪمشنر صاحب جمعي ڏينهن پني عاقل آيو. ضبط ٿيل ڪٽڪ جون ٻوريون پاسيريون وراندي ۾ پيون هيون پر انهن تي هن جي نظر ڪانہ پئي. صاحب موصوف پوءِ ذرا رواجي لهجي کان ڪجهہ مٿيل لهجي سان پڇيو تہ ضبطي جو ڇا ڪيئي. جنهن تي مون کين عرض ڪيو تہ ضبطي مون ڪئي آهي ۽ ڪٽڪ جون ٻوريون وراندي ۾ پيون آهن. مون وڌيڪ کيس علي ڏني خان پنهور واري حقيقت بہ ٻڌائي. هن پوءِ سکر لاءِ ڪال بڪ ڪرائي پر فون ملي نہ سگهيس. هو پوءِ روهڙيءَ روانو ٿي ويو ۽ اتان فون ڪيائين تہ ڪمشنر صاحب عبدالعزيز شيخ کي استي آرڊر ڏنو آهي انهي ڪري کيس سندن ڪٽڪ وارو ضبط ٿيل استاڪ موٽائي (رليز) ڏي. مون پوءِ عبدالعزيز کي گهُرائي ڪانئس دستوري باند لکي ان تي صحيح وٺي استاڪ رليز ڪري ڏنو پر شيخ صاحبن وڃي احمد ميان سومري کي چئي ڪمشنر صاحب اسلم باجوا کان منهنجي بدليءَ

جو آرڊر ڪرائي آيا ۽ مونکي سکر ضلعي ۾ زرعي ترقياتي بئنڪ جي قرض جي وصوليءَ لاءِ مختيارڪار ڪري رکيائون، پر الله پاڪ جو شان جو منهنجي چارج ڇڏڻ کان اڳ ڪمشنر باجوا صاحب جن جي بدلي ٿي ۽ هن چارج ائڊيشنل ڪمشنر سيد محمد شاهه جن کي ڏئي ڇڏي جو سندس جڳهه تي اچا ٻئي ڪنهن ڪمشنر جو آرڊر ڪونه ٿيو هو.

رات جو باجوا صاحب جي ڊنر پارٽي (الوداعي پارٽي) سکر ۾ رکيل هئي، جنهن ۾ نثارالحميد اسسٽنٽ ڪمشنر صاحب، وقار رستم بخشي ڊپٽي ڪمشنر صاحب جن به شرڪت ڪئي هئي اتي هنن باجوا صاحب جن کي مون لاءِ چيو ته مختيارڪار جو ته قصور ڪونهي جو اوهان هن جي بدلي ڪئي آهي، جنهن تي کين چيائين ته هُن ته چارج ڇڏي آهي ۽ هاڻي هُو اُن حوالي سان ڪجهه نه ٿو ڪري سگهي.

اسسٽنٽ ڪمشنر صاحب پوءِ منهنجي بدلي روڪرائڻ لاءِ ڊي او ليٽر (D.O Letter) لکي، مون کي پاڻ سان گڏ ڊپٽي ڪمشنر صاحب جن وٽ وٺي هليو جيڪو اُن وقت روهڙي سيمنٽ فئڪٽري تي موجود هو ۽ هن کان پنهنجي (D.O Letter) تي سفارشي اينڊارسيمنٽ (Endoersment) ڪرائي مونکي ڏنائين ته وڃي ائڊيشنل ڪمشنر صاحب کي ڏيان، جيڪو مون ته ڪيس وڃي ڏنو پر ان کي هن ائين ئي رکي ڇڏيو ۽ ڪا ڪارروائي ڪانه ڪئي ۽ نه ڪو استي آرڊر ڪڍيائين. انهيءَ دوران مسٽر الله بخش محمدي وڪيل مونکي چيو ته ساڻس گڏجي حاجي مولا بخش سومري صاحب، احمد ميان سومري جي والد صاحب وٽ هلان ۽ ڪيس چئي بدلي روڪرايون. مون ساڻس ملڻ کان انڪار ڪيو پر هُن جي حاجي مولا بخش سومري صاحب ۾ الائي ڪهڙي اميد هئي جو مون کي تمام زور ڀري وٽس وٺي ويو ۽ سومري صاحب سان سربستي حقيقت ڪئي. سومري صاحب نه رڳو ڪيس نراس ڪيو پر ساڻس بخيل ٿي اهڙي انداز ۾ ڳالهايو جو ايڏي وڏي عزت واري ماڻهوءَ جي شان وٽان نه هو. اسين پوءِ اتان واپس موٽي آياسين.

هڪ رات بيگ محمد خان مون وٽ آيو ۽ منهنجي چاچي غلام محمد جي نالي چيائين ته ان کي گهرايو. مان چيومانس ته ان کي ڇا جي لاءِ گهرايان، جنهن تي چيائين ته گهمي وڃي. مان چيومانس ته هو دادوءَ مان پني عاقل گهمڻ اچي، جو پنو عاقل اهڙو گهمڻ جهڙو شهر آهي ڇا!؟

مان ته دل ۾ سمجهان پيو ته هو ڪاڏي ٿو ڳالهائي! ڇاڪاڻ ته بيگ محمد ۽ سندس ڀاءُ عبدالعزيز شيخ پهريائين راڌڻ شهر ۾ ڪاروبار ڪندا هئا. ان وقت دادوءَ ۾ نوڪريءَ ۾ هيو ۽ ساڳي ذات جي ناطي ساڻس هنن جي دعا سلام هئي ۽ بيگ محمد چاهيو پئي ته هو هتي ايندو ته ڪيس مُنهنجي بدلي بند ڪرائڻ لاءِ ٿورو ٿڪو ضرور چوندو. منهنجي انڪار تي پوءِ بيگ محمد خاموش هليو ويو. انهيءَ دوران محمد حسين جن سکر جا ڪمشنر مقرر ٿي آيا ۽ اچي چارج ورتائون. هوڏانهن شير محمد سولنگي جنهن کي منهنجي جاءِ تي مختيارڪار ڪري رکيو هئائون، ان پنهنجو سامان ڏياري موڪليو جو مون اوطاق ۾ رکائي ڇڏيو. پاڻ اچان ڪونه آيو هو. ٻئي ڏينهن مان

گهوٽڪيءَ سول جج جي ڪورٽ ۾، ڪاڏي ۾ ملاوٽ جي هڪ ڪيس ۾ شاهدي ڏيڻ ويس تہ پهريائين اسسٽنٽ ڪمشنر صاحب سان مليس ۽ ڪيس ٻڌايم تہ منهنجي عيوضيءَ سامان موڪلي ڏنو آهي، هاڻي چارج ڏيڻ لاءِ جيڪو حڪم ڪيو. جنهن تي مونکي چيائين تہ توکي ٽي ڏينهن موڪل ٿو ڏيان تہ تون ڳوٺ هليو وڃ ۽ هُو ان وچ ۾ ڪمشنر صاحب سان ڳالهائي بدلي روڪرائيندو. ائين منهنجي روبرو سکر لاءِ ڪال بڪ ڪرايائين. مان تہ پوءِ ڪورٽ ۾ شاهدي ڏيڻ هليو ويس. شاهدي ڏئي ڪورٽ مان جيئن ئي ٻاهر نڪتس تہ اسسٽنٽ ڪمشنر صاحب جو نائڪ بيٺو هو، جنهن چيو تہ صاحب اوهان کي سڏايو آهي. مان وڃي ساڻن مليس تہ مونکي ٻڌايائين تہ هن پاڻ ۽ ڊپٽي ڪمشنر صاحب، ڪمشنر صاحب سان ڳالهايو آهي ۽ منهنجي بدليءَ وارو آرڊر رد ٿو ڪري ۽ مونکي وڏيڪ چيائين هاڻ تنهنجي مرضي ڊيوٽي ڪرين چاهي ٻہ تي ڏينهن موڪل تي هليو وڃين. مان صاحب موصوف کي چيو تہ مان في الحال موڪل تي ئي رهان ٿو ۽ ڳوٺ هليو ٿو وڃان. بعد ۾ مان پني عاقل موٽي اچي پنهنجي بورچيءَ کي پئسا ڏنا تہ جي منهنجو عيوضي اچي وڃي تہ ان کي ماني ٽڪي کارائجان.

ٻئي ڏينهن مان لاڙڪاڻي هُئس تہ الله بخش محمدي صاحب وڪيل فون ڪئي تہ ڪمشنر صاحب منهنجي بدليءَ وارو آرڊر رد ڪيو آهي، جنهن تي مان پني عاقل واپس موٽي آيس ۽ شير محمد سولنگي جيڪو منهنجي پرپٽ پني عاقل پهتو هو، اهو منهنجي واپسيءَ جو ٻڌي پنهنجو سامان ڪڍائي روانو ٿي ويو ۽ مان ئي پني عاقل ۾ مختيارڪار ٿي رهيس.

مان جڏهن پني عاقل ۾ مختيارڪار هئس تہ سيد دائم شاهہ صاحب لاڙڪاڻي ۾ سپرنٽينڊنٽ آف پوليس (S.P) هيو، جيڪو پني عاقل جي ويجهڙائي جو رهواسي هو. هڪڙي ڏينهن اُن لاڙڪاڻي ۾ منهنجي جاءِ تي نياپو ڏياري موڪليو تہ مان جڏهن لاڙڪاڻي اچان تہ ساڻس ملان. مان جڏهن لاڙڪاڻي آيس تہ ساڻس وڃي مليس، جنهن مونکي ڪو ڪم چيو جو مون ڪري ڏنومانس.

هڪڙي ڏينهن A.D.M فون ڪئي تہ مسٽر عبدالقادر شيخ هاءِ ڪورٽ جو جج صاحب پني عاقل ايندو، ان جو بندوبست ڪجو. مون بنگلي تي سندن رهائش جو بندوبست ڪيو ۽ هُو جنهن مهل آيو تہ ساڻس مليس. هو اصل پني عاقل جو وينل هو ۽ ڪنهن شادي ۾ شرڪت ڪرڻ آيو هو ۽ اتان ٽي پوءِ سڌو واپس هليو ويو. مسٽر عبدالقادر شيخ صاحب پوءِ سپريم ڪورٽ جو جج بہ ٿيو هو.

مان جڏهن پني عاقل ۾ مقرر هُئس تہ امان الله شيخ، منهنجو ڀاڻيجو سکر سينٽرل جيل ۾ قيد هو، مان ساڻس هڪ ٻہ دفعو جيل تي ملاقات ڪرڻ بہ ويو هئس.

پني عاقل ۾ مقرري دوران مون جڏهن عبدالعزيز شيخ جي ضبطي ڪئي تہ غلام عباس انڍڙ، جيڪو زميندار تہ نہ هو پر ٻہ ٽي ٻارا زمين جا هئُس، انهيءَ وٽي ڪاتيدارن ۽ آبادگارن ۾ ٻڙڏڪ مچايو تہ بابا مختيارڪار پنهنجي ذات واري کي ئي ڪونہ ڇڏيو سو ڪنهن مان ڪو نہ ٽرندو. انهيءَ ڪري

بهتر اهو اٿوَ تہ بقايائون جمع ڪرائي ڇڏيو. جنهن جي نتيجي ۾ مونکي نہ رڳو ڍل جي وصوليءَ ۾ گهڻي تڪليف ڪرڻي ڪانہ پئي پر ٻين ڪاتن جون بقايائون جهڙوڪ: زرعي ترقياتي بئنڪ جا قرض، انجنيئري ڪاتي جا وڏل زيان پاڻيءَ جا ڏنڊ ۽ ٻيلي ڪاتي جون بقايائون وغيره جيڪي بہ روينيو ڪاتو ئي وصول ڪندو هو اهي بہ ڪافي بقايائون باقيدارن پياري ڇڏيون ۽ انهن محڪمن جي آفيسرن وٽان مونکي تعريفي ليٽر (Letters of appreciation) بہ آيا هئا. بدلي رُڪجڻ جي ٻہ اڍائي مهينا ڪن پوءِ مان پني عاقل ۾ مختيارڪار ئي هئس جو هڪڙي ڏينهن اخبار ۾ پڙهيم تہ آغا افضل صاحب جيڪو ان وقت ميمبر بورڊ آف روينيو هو، ان کي اولهہ پاڪستان (West Pakistan) جو چيف سيڪريٽري ڪري مقرر ڪيو اٿن، جو اهو ون يونٽ جو دور هو ۽ گاديءَ جو هنڌ لاهور هو. اخبار ۾ اهو پڙهندي ئي مونکي دل ۾ يقين ٿي ويو تہ هاڻي منهنجي پني عاقل مان بدلي ٿيندي، ڇاڪاڻ جو مونکي ذاتي طرح خبر هئي تہ آغا افضل صاحب ۽ احمد ميان سومري جا پاڻ ۾ تمام گهاڻا تعلقات هئا ۽ اهو بہ ٻڌڻ ۾ آيو هو تہ آغا افضل صاحب جون زمينون بہ احمد ميان سومري وارن کي مقاطعي تي ڏنل هيون.

پوءِ ٿيو بہ ائين، جو آغا افضل چيف سيڪريٽريءَ جي چارج سنڀالڻ بعد ستت ئي لاهور مان ڪمشنر صاحب سکر کي فون ڪئي تہ پني عاقل جي مختيارڪار کي اتان بدلي ڪيو، جنهن پوءِ مونکي بدلي ڪري تعلقہ ميرواهہ (ضلع خيرپور) جو مختيارڪار ڪري رکيو ۽ اتان جي مختيارڪار احمد بخش علوي جيڪو بہ لاڙڪاڻي جو وينل هو، اُن کي منهنجي جاءِ تي پني عاقل جو مختيارڪار مقرر ڪيو.

جمعي جو ڏينهن هو، ڊپٽي ڪمشنر صاحب سکر (وقار رستم بخشي) جن تعلقہ پني عاقل ۾ يونين ڪائونسل آفيسون وزٽ ڪرڻ جو پروگرام رکيو هو. هوڏانهن مسٽر احمد بخش علوي بہ ان ڏينهن پني عاقل چارج وٺڻ آيو. مان تہ ڊپٽي ڪمشنر صاحب جن سان، سندس گشت ۾ ساڻس گڏ هليو ويس ۽ جڏهن صاحب موصوف آخري يونين ڪائونسل بائجي شريف وزٽ ڪري، شام جو گهوٽڪيءَ پئي ويو تہ مون کان پڇيائين تہ تون چارج ڪڏهن ڇڏيندين. مون کين ٻڌايو تہ منهنجو عيوضي آيو آهي ۽ هن کي سُياڻي يعني ڇنڇر جي ڏينهن چارج ڏيندس. پوءِ ويندي مهل مونکي چيائين تہ رات ساڻس گهوٽڪيءَ اچي ملان.

پني عاقل پهچي مُون مسٽر احمد بخش علويءَ کي ٻڌايو تہ مان گهوٽڪيءَ ڊپٽي ڪمشنر صاحب سان ملڻ پيو وڃان جو صاحب ائين چيو آهي. ان تي هن چيو تہ پاڻ بہ مون سان گڏ ڊپٽي ڪمشنر صاحب سان ملڻ هلي ٿو. پوءِ گڏجي گهوٽڪيءَ وڃي ڊپٽي ڪمشنر صاحب سان ملياسين ۽ صاحب موصوف جن کي مون علوي صاحب جي لاءِ ٻڌايو تہ هي منهنجي جاءِ تي آيو آهي. ڊپٽي ڪمشنر صاحب اتي تہ مونکي ڪجهہ وڌيڪ ڪونہ چيو ۽ ڪافي دير بعد مان ڪانئس اجازت گهري تہ چيائين تہ پرهينءَ يعني آچر ڏينهن ساڻس سکر ۾ ملندو وڃان. مون صاحب جن کي چيو تہ پرهين

تہ آچر آهي جنهن تي چيائين تہ بنگلي تي اچي ملجانءِ. منهنجي اٿڻ وقت چيائين تہ ماني کائي وڃ، جو اهو مانيءَ جو ٽائيم ٿي ويو هو پر مون صاحب جن کي چيو تہ عملي منهنجي ماني ڪئي آهي ۽ اتي وڃي کائيندس. مان ۽ احمد بخش علوي پوءِ ڊپٽي ڪمشنر صاحب کان موڪلائي پني عاقل موٽي آياسين ۽ مان هن کي ڇنڇر جي ڏينهن چارج ڏني.

چارج ڏيڻ کان پوءِ مان اسسٽنٽ ڪمشنر صاحب کان موڪلائڻ لاءِ گهوٽڪي ويس. صاحب موصوف چيو تہ تنهنجي بدليءَ لاءِ چيف سيڪريٽريءَ لاهور مان ڪمشنر صاحب کي فون ڪئي هئي انهيءَ ڪري بدلي ٿي آهي. مان صاحب موصوف جن کي چيو تہ سائين بدلي تہ ڪم آهي ۽ اوهان اڳي ئي ڪافي مهرباني ڪئي هئي، جو منهنجي بدلي بند ڪرائي هئي. مان پوءِ کانئن موڪلائي پني عاقل موٽي آيس ۽ ٻئي يعني آچر ڏينهن ڊپٽي ڪمشنر صاحب جن سان سندن حڪم مطابق بنگلي تي وڃي مليس، جنهن صاحب بہ ساڳي ڳالهہ ڪئي، جيڪا اسسٽنٽ ڪمشنر صاحب جن ڪئي هئي. مان کين بہ ايئن ئي چيو تہ سائين اوهان جي اها ئي وڏي مهرباني جو اڳي اوهان بدلي بند ڪرائي هئي، آخر بدلي تہ ڪم آهي. وڏيڪ مون کين اهو عرض ڪيو تہ مُنهنجي سالياني مخفي رپورٽ (Annual Confedential report) مڙئي سني ڏجو ڇاڪاڻ جو اها منهنجي مختيارڪاريءَ ۾ پهرين Confedential Report هوندي. ان تي صاحب موصوف چيو تہ خاطري ڪر ۽ هو سُني رپورٽ ڏيندو جو تو واقعي سٺو ڪم ڪيو آهي. مان پوءِ کانئن موڪلائي واپس آيس.

جڏهن ويسٽ پاڪستان جا ڪجهہ آفيسر ايسٽ پاڪستان (بنگال) موڪليا ويا هئا تہ نثارالحميد صاحب جن کي بہ اوڏانهن موڪليو ويو هو جنهن لاءِ ٻڌو هئم تہ اتي وڃوڙين ڪيس ماري ڇڏيو هو هن شادي بہ تازي ڪئي هئي، جڏهن گهوٽڪيءَ ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر هو. وفات وقت هو ڦوهہ جوانيءَ ۾ هيو شڪل ۾ بہ سهڻو هوندو هو بس سندس حياتيءَ وفا نہ ڪئي. ٻڌڻ ۾ آيو هو تہ سندس شادي ۾ سندس ساهرن پنهنجي نياڻيءَ کي لاهور ضلعي ۾ 300 جريب زمين بہ ڏني هئي پر ان باري ۾ وڏيڪ خاطري ڪانہ ڪري سگهيو هيس.

مختيارڪار تعلقہ ميرواهہ [ضلع خيرپور]

مان تاريخ 05.09.1969 تي پني عاقل ۾ چارج ڇڏي ۽ 08.09.1969 تي ٺري ميرواهہ ۾ تعلقہ مختيارڪار ميرواهہ جي چارج ورتي. تنهن وقت ۾ خيرپور ضلعي ۾ سيٽلمينٽ مختيارڪار بہ مقرر ٿيل هئا. ميرواهہ تعلقي ۾ منهنجي عرصي دوران مسٽر غلام مصطفيٰ جوڪيو (لاڙڪاڻہ وارو) ۽ سيد غلام شاهہ بخاري سيٽلمينٽ مختيارڪار ٿي آيا هئا. ميرواهہ تعقلو ان وقت ڪوٽڙيجي سب ڊويزن ۾ هو جا چئن تعلقن ڪوٽڙيجي، نارو، ميرواهہ ۽ فيض گنج تي مشتمل هئي ۽ هيڊ ڪواٽر ڪوٽڙيجي هو. منهنجي چارج وٺڻ وقت سب ڊويزن جي عارضي چارج ڪوٽڙيجيءَ جو مختيارڪار محمد پنيل عطار صاحب جن وٽ هئي، جيڪو لاڙڪاڻي ضلعي ۾ مختيارڪار ۽ ريڊيڊنٽ مئجسٽريٽ ٿي رهي آيو هو ۽ اسان جا پاڻ ۾ سٺا تعلقات هئا. ترت ئي مسٽر امداد الله خان انڙ ڪوٽڙيجي سب ڊويزن جو ڊپٽي ڪليڪٽر مقرر ٿي آيو. هُو صاحب بہ لاڙڪاڻي جو ئي ويٺل هو ۽ مون تي ڪافي مهربان هوندو هو.

خيرپور ضلعي جو ان وقت ڊپٽي ڪمشنر سيد سردار احمد صاحب هو (سيد سردار احمد صاحب سنڌ جو چيف سيڪريٽري ٿي رٽائرڊ ڪيو) نور خان گورنر، گمبٽ ۾ سرڪاري آفيسرن ۽ معزز ماڻهن جي ميٽنگ ڪوٺائي هئي، ان وقت ساڻس سندس سيڪريٽري عثمان علي خان عيساڻي بہ گڏ آيل هو.

مونکي بہ ڊپٽي ڪمشنر صاحب جن چيو هو تہ شاهہ محمد ٻانيڻ ۽ عطا محمد لنڊ کي بہ ميٽنگ ۾ وٺي اچان. هو ٻئي هڪ ٻئي جا سخت مخالف هئا پر مان ٻنهي کي پاڻ سان گڏ شاهہ محمد ٻانيڻ جي جيپ ۾ وٺي ويس ۽ جڏهن گمبٽ پهتس، ڊپٽي ڪمشنر صاحب مون سان گڏ ٻنهي کي ڏنو تہ مُشڪي چيائين تہ ٻنهي کي گڏ ڪيئن وٺي آيو آهين، جو صاحب موصوف کي بہ خبر هئي تہ هو ٻئي پاڻ ۾ ٺهيل ڪونہ هئا.

رحب علي خان لغاري (ويٺل تعلقہ خيرپور ناٿن شاهہ ضلع دادو) پهريون سول جج ۽ فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ ميرواهہ مقرر ٿي آيو هو. هن جو ۽ منهنجو ڪواٽر پرسان هوندا هئا ۽ وچ ۾ رڳو هڪ گهٽي هئي. منهنجي ٺري ميرواهہ مان بدلي ٿي وڃڻ بعد هن سان ملاقات وري تڏهن ٿي جڏهن مان دادوءَ ۾ A.D.M هيس تہ هو پنهنجي مامي سجاول خان (جيڪو روينيو ڪاتي ۾ سپروائيزنگ ٽپيدار هو) جي فوت ٿي وڃڻ بعد سندس هٿيار جو ليسن سندس وارث جي نالي ڪرائڻ آيو هو ۽ ان بعد وري ساڻس ملاقات ڪانہ ٿي ، هُو سيشن جج ٿي رٽائر ٿيو.

درگاهي منگي منهنجي ڪورٽ ۾ P.S.I هوندو هو. ان مونکي ٻڌايو هو تہ جڏهن ذوالفقار علي ڀُٽو صاحب ولايت مان واپس آيو هو تہ هڪ دفعي سکر ۾ هڪ هٿ شناس کي پنهنجو هٿ ڏيکاريو هئائين، جنهن هٿ ڏسي ڪيس چيو هو تہ تون پاڪستان جو صدر ٿيندين. ڀُٽو صاحب پوءِ مُشڪندو هليو ويو. درگاهي منگي بہ سيشن جج جي عهدي تي رهي رٽائر ڪيو. علي اڪبر شاهہ ٽنڊي مير عليءَ ۾ رهندو هو. اصل ۾ هُو حيدرآباد دکن جو رهواسي هو پر پاڪستان ٿيڻ بعد ڪراچيءَ ۾ اچي رهيو. ٽنڊي مير عليءَ ۾ سندس زمينون هيون انهيءَ ڪري هتي بہ جاءِ هيس ۽ اتي اڪيلو ئي رهندو هو. باقي سندس پوري فئملي بهادرآباد علائقي ڪراچي ۾ رهندي هئي. مون کي منهنجي ڪلارڪ غلام سرور جيڪو ٿريءَ ۾ ئي رهندو هو، ٻڌايو تہ علي اڪبر شاهہ تمام سنو ۽ ڏاڍو بردبار ماڻهو آهي. انهيءَ ڪري هن جا تعلقات سنا هوندا هئا. هو مونکي اڪثر ڪٽڪ ۽ گهہ (ان دور ۾ خالص گيهہ استعمال ٿيندو هو) پنهنجي ڊرائيور جي هٿان رات جي وقت ۾ ڏياري موڪليندو هو جيئن ٻئي ڪنهن کي خبر نہ پوي.

مون وٽ بہ جڏهن ڪنهن ڪم سان ايندو هو تہ سندس گهڻو خيال ڪندو هئس ۽ بنان ڪم ڪرڻ جي ڪيس نہ موٽائيندو هئس.

مان ڪنهن حد تائين پوليس سان تعاون ڪندو هئس، جو اسان جي بہ مجبوري هوندي هئي جو ڍل جي وصوليءَ جي ٽائيم ۾ پوليس جي مدد جي گهڻي ضرورت پوندي هئي پر مان ڪڏهن بہ سندن ناجائز ڪم نہ ڪندو هئس.

هڪڙي دفعي هڪ خون جي ڪيس ۾ اقبال جرم جي بيان (Confession) ڏيارڻ لاءِ گلشير عباسي S.H.O پاڻ ڪونہ آيو ۽ D.S.P اڪرام الدين چشتي جوابدار کي وٺي آيو. جوابدار کي ٻاهر پوليس جي حفاظت ۾ ويهاري پاڻ اندر آيو ۽ Confession رڪارڊ ڪرڻ واري ليٽر ڏيڻ کان اڳ زماني جون هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪندو رهيو. ڳالهيون ڪندي هن اهو بہ ٻڌايو تہ اندرا گانڌيءَ جا هڪ مسلمان بئريسٽر سان تعلقات ٿي ويا هئا، جيڪا ڳالهہ مسلمانن کي نہ پئي وڻي. پوءِ اهڙو عجب اتفاق ٿيو جو هڪ ڏينهن ڪجهہ معزز شهري اُن سلسلي ۾ بئريسٽر جي بنگلي ٻاهران ساڻس ڳالهائي رهيا هئا جو اوچتو اندرا گانڌي اتي اچي نڪتي ۽ بئريسٽر جي بنگلي اندر هلي وئي، بئريسٽر گڏ ٿيل ماڻهن کي چيو تہ اوهان پاڻ سڀ ڪجهہ ڏٺو ۽ هُو پوءِ واپس هليا ويا.

مون تہ هڪ هنڌ ائين بہ پڙهيو آهي تہ نهرو خاندان هڪ فرد تي اڪتفا نہ ڪندوآهي. هڪ دفعي تہ ائين بہ ٻڌڻ ۾ آيو هو تہ اندرا گانڌي پنهنجو ڌرم ڇڏي مورڳو مسلمان ٿيڻ پئي چاهيو پر اها خبر جڏهن سندس پيءُ جواهر لال نهروءَ ۽ مهاتما گانڌيءَ کي پئي تہ هنن ايلاز منٿون ڪري ڪيس ائين ڪرڻ کان باز رکيو. (اڪرام الدين چشتي D.S.P هندوستان جو وينل هو پر ورهاڱي بعد پاڪستان ۾ اچي آباد ٿيو هو) هُن بعد ۾ مونکي خون جي جوابدار جو اقبال جرم وارو بيان رڪارڊ ڪرڻ لاءِ ليٽر ڏنو. مون جوابدار کي اندر ڪورٽ ۾ گهرايو ۽ ليٽر تي پنهنجي انيشل (دستخط) ڪانہ

ڪئي هئي، جوابدار جي ڪورٽ ۾ موجودگيءَ وقت پوليس جي ڪنهن به آفيسر کي اندر ناهي ويهاربو ۽ ليٽر آڻيندڙ آفيسر کي به ٻاهر هليو وڃڻ لاءِ چئبو آهي، جيڪو هليو ويندو آهي، ته جيئن جوابدار تي پوليس آفيسر جو ڪو خوف طاري نه هجي. البت مون D.S.P صاحب کي چيو ته اوهان منهنجي چيمبر ۾ وڃي ويهو.

Confession رڪارڊ ڪرڻ کان اڳ ڪي قانوني گهرجون پوريون ڪرڻيون هونديون آهن، جنهن لاءِ مون ڪارروائي شروع ڪئي ۽ جوابدار کي چيم.

- مان مئجسٽريٽ آهيان ۽ توکي پوليس مون وٽ خون جي ڪيس ۾ اقبال جرم جو بيان ڏيڻ لاءِ حاضر ڪيو آهي.
- تون اهو بيان هر ڀرو ڏيڻ لاءِ ٻڌل ناهين.
- اهو تنهنجو اقبالِ جرم وارو بيان تنهنجي خلاف ڪورٽ ۾ شاهدي طور پيش ٿي سگهي ٿو.
- تون جيڪڏهن اهو بيان نه به ڏيندين ته توکي پوليس جي حوالي نه ڪيو ويندو.
- تون ان تي سوچ ويچار ڪري پوءِ جيڪو چوڻو اٿئي اهو چئو.

مون جوابدار کي ڪورٽ ۾ ئي ويهاري ڪلاڪ _ ڏيڍ سوچڻ لاءِ ڏنو. اُن بعد ڪيس ٻيهر گهرائي ساڳيون مٿيون ڳالهيون دهرائي ٻڌايم پر جوابدار بيان ڏيڻ کان انڪار ڪيو ۽ چيائين ته هن ڪو به اهڙو خون جو ڏوهه ڪو نه ڪيو آهي.

انهيءَ حالت ۾ ڊي ايس پي جي ليٽر تي اهڙو آرڊر ڪري ته، جوابدار اقبالِ جرم بيان ڏيڻ لاءِ تيار ڪونهي ۽ جوابدار کي پوليس جي حوالي ڪرڻ بجاءِ جيل ۾ موڪلڻ ڪپندو هو. پر جيئن مان مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان ته اسان جون به ڪي مجبوريون هونديون آهن. انهيءَ ڪري مون D.S.P کي پنهنجي چيمبر مان گهرائي چيو ته اوهان سربستو ٻڌو آهي، اوهان جي عزت ڪري اوهان جي جنسي ڏنل ليٽر (جنهن تي مون پنهنجي پهچ جي ڇوٽي صحيح Initial به ڪانه ڪئي هئي) اوهان کي واپس ڪيان ٿو ۽ پلي اوهان جوابدار جو ڪنهن ٻئي مئجسٽريٽ وٽ وڃي Confession ڏياريو. D.S.P پوءِ ليٽر وٺي ۽ جوابدار کي پاڻ سان گڏ وٺي ويو.

بعد ۾ خبر پئي ته پوليس ان جوابدار کي، ويجهن مئجسٽريٽن ڪوٽڏيجي يا خيرپور نه وٺي وئي پر ڪانئس، خبر ناهي ته ڪهڙي طرح، ناري تعلقي جي مختيارڪار ۽ فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ احمد علي سومري وٽ اقبال جرم جو بيان ڏياري آئي. (احمد علي سومرو ڏوڪري تعلقه ۾ مختيارڪار ٿي رهي ويو هو ۽ گلشير عباسي S.H.O به ڏوڪري تعلقه جو وينل هو ۽ ٿي سگهي ٿو ان دوران ٻنهي جا ڪي پاڻ ۾ ويجها تعلقات رهيا هجن).

ميرواهه ۾ مُنهنجي مختيارڪاري وقت ۾ شمس الدين هيسباڻي اُتي وڪالت ڪندو هو ۽ منهنجي ڪورٽ ۾ به Appear ٿيندو هو. سال 1971 ۾ مُنهنجي بدلي ٿي وڃڻ کان پوءِ سال 1981 يا 1982 ۾ مان جڏهن ميرواهه ۾ S.D.M هئس ته هُو گمبٽ ۾ سينيئر سول جج يا ائڊيشنل سيشن جج

هئو. جو هڪڙي رات مان گشت مان واپس ٺري ميرواهہ پئي ويس تہ هُو اوڏانهن اچي پيو تہ ٻنهي جي رستي ۾ ملاقات ٿي هئي. هُو وري جڏهن حيدرآباد ۾ ائنٽي ڪرپشن ڪورٽ جو جج ٿي رهيو تہ مان ساڻس ملڻ ويس جو ڪجهہ وقت گڏ گهاريو هيوسين پر منجهس ڪو ڪم ڪار ڪونہ هو. مون پنهنجو ڪارڊ سندس نائڪ هٿان ڪيس موڪليو تہ اُن هٿان چوائي موڪليائين تہ ترسائينس تہ مان گهرايانس ٿو. مان پوءِ نائڪ کي چيو تہ مان مسٽر عبدالڪبير لغاري ائڊيشنل سيشن جج وٽان ٿي اچان ٿو. حالانڪہ منهنجي مرضي وري اچي شمس الدين هيسباڻيءَ سان ملڻ جي ڪانہ هئي. عبدالڪبير خان لغاري ۽ مان ڪپري ۾ مختيارڪاريءَ ۽ ٺري ميرواهہ ۾ S.D.M جي وقت ۾ گڏ رهيا هئاسين پر عبدالڪبير صاحب ان وقت ڪورٽ ۾ ڪيس هلائي رهيو هو انهيءَ ڪري مان واپس آيس تہ وراندي ۾ عبدالرحمٰن ڀٽي ائڊيشنل سيشن جج جي بورڊ تي نظر پئي. عبدالرحمٰن ڀٽي بہ ٺري ميرواهہ جو ويٽل هو ۽ مان جڏهن ٺري ميرواهہ ۾ مختيارڪار هئس تہ هو ۽ منهنجو وڏو پٽ غلام ياسين گڏ پڙهندا هئا ۽ جڏهن شروع شروع ۾ سول جج ۽ فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ سليڪٽ ٿيو هو ۽ سندس پهرين پوسٽنگ ڪنڊڪوٽ ۾ ٿي هئي تہ ان وقت مان دادوءَ ۾ A.D.M هئس ۽ پنهنجي سليڪشن ٿيڻ بابت ٻڌايو هئائين. مسٽر عبدالرحمٰن ڀٽي ان وقت ڪو چيمبر ۾ ئي ڪيس هلائي رهيو هو ۽ هڪڙو وڪيل سندس آڏو تقرير ڪري رهيو هو هن جي مون تي نظر پئجي وئي ۽ نائڪ کي منهنجي لاءِ چيائين تہ ڪيس اندر وٺي اچ. مان پوءِ سندس چيمبر ۾ وڃي ڪرسيءَ تي خاموش ٿي ويهي رهيس. جڏهن وڪيل پنهنجي تقرير ڪري هليو ويو ۽ مسٽر عبدالرحمن فارغ ٿيو تہ ويهي ڪچهري ڪئيسين ۽ ڪچهريءَ دوران مون شمس الدين هيسباڻيءَ جي پرڪارن بابت ٻڌايومانس. جنهن تي چيائين هو سالم دماغ ناهي ۽ سندس زال سان بہ پوري پوت ڪانهي. سندس ۽ هن جا ٻار هڪ ٻئي ڏي ايندا ويندا آهن پر ٻنهي جو (سندس ۽ هيسباڻيءَ) پاڻ ۾ ڪيتري وقت کان زباني ڳالهائڻ ئي ڪونهي. مان پوءِ مسٽر عبدالرحمن ڀٽي صاحب سان چڱو ٿائيم ڪچهري ڪري هليو آيس. شمس الدين هيسباڻي هاڻي هاءِ ڪورٽ جو جج ٿيو آهي.

ٺري ميرواهہ ۾ منهنجو نائڪ رُڪن جوڳي پراڻو ماڻهو هو ۽ هن ميرن جو (خيرپور رياست جي ميرن جو) وقت گهڻو ڪجهہ ڏٺو هو. هن ٻڌايو تہ ميرن جي وقت هُو سندن بيگرون وهندا هئا ۽ هڪڙي دفعي هُو ۽ ٻيا ماڻهو بيگر وهي رهيا هئا تہ مير علي نواز خان باليءَ سميت گاڏيءَ ۾ شڪارگاهہ جنهن کي مهراڻو سڏيندا هئا، اُتي گهمڻ آيو تہ رستي ۾ سندن گاڏي ڦاسي پئي، جنهن کي بيگر وهندڙ ماڻهن ڇڪي ٻاهر ڪڍيو. نائڪ رڪن جوڳي ٻڌايو تہ سائين: باليءَ جي ڏاڍي سهڻي هئي، هن باليءَ جي ڀاءُ باگي لاءِ ٻڌايو تہ هو سو روپئي جي نوٽ ۾ تماڪ پري سگريٽ ڪري ڇڪيندو هو. باليءَ واري خاندان جي آخري ڇوڪريءَ سان، ميرواهہ ۾ تعلقہ هيڊ منشي طور مون سان ڪم ڪندڙ عين العابدين شادي ڪئي هئي، عين العابدين قمبر تعلقي جو مختيارڪار ٿي آيو هو ۽ نوڪريءَ دوران يرقان جي عارضي ۾ مُبتلا ٿي ننڍي عمر ۾ وفات ڪري ويو.

غلام رسول شاهه، جيڪو خيرپور جو ناظم هيو ۽ جنهن موجوده پير پاڳاري صاحب جن جي والد صبغت الله شاهه جن کي انگريزن جي دور ۾ گرفتار ڪيو هو، ان باري ۾ رُڪن جوڳيءَ نائڪ ٻڌايو تہ ناظم ڪيداري بنگلي تي منزل ڪئي، هن سان گڏ سپاهي بہ هئا، پاڻ بنگلي ۾ مٿي رهيو پيو هو ۽ سپاهي بنگلي جي ڀرسان ڪواٽرن ۾ ترسيل هئا. پير صاحب جي مريدن (حُرن) کي جڏهن اها خبر پئي تہ رات جي وڳڙي ۾ هڪ هڪ ٿي لڪندي بنگلي جي ڀرسان اُسريل پن ۾ اچي ڪٺا ٿيندا ويا. صبح جو سوير جيئن هڪڙو سپاهي ڪونئرو ڪٽي حاجت پوري ڪرڻ لاءِ ويو تہ پن ۾ لڪل حُرن جي ڪٽڪ کي ڏسي موتي پيو. حُرن بہ ڪيس ڪو ڏسي ورتو ۽ هڪدم سڀ پن مان نڪري ڪهينواري بنگلي جي ڏاڪڻ تان چڙهي مٿي ناظم تي حملو ڪرڻ لڳا. ناظم کي بہ خبر پئجي وئي سو هو روالور کڻي ڏاڪڻ جي مُنڊيءَ وٽ اچي بيٺو. جيئن ئي ڪو حُر ڏاڪڻ ۾ مُنهن ڪڍيو ٿي تہ اُن کي روالور سان شوٽ ڪندو ماريندو ويو ۽ ائين هن چار پنج ڄڻن کي گولي هڻي ماري وڌو. اهو ڏسي حُرن بنگلي جي پٺئين پاسي کان مٿي چڙهي اچي ڪيس سوگهو ڪري ورتو. پوءِ هُن کي پيرن کان ڪات سان ڪپڻ شروع ڪيو. اُن دواران هُن پوليس جي سپاهين کي مدد لاءِ گهڻو ئي سڏيو پر پنهنجي سر جي خوف کان ڪو بہ سندس مدد لاءِ ڪو نہ آيو.

حُرن جڏهن ڪات سان سندس عضوا ٿي ڪٽيا تہ هُن اُنهن کي آزيون نيازيون پئي ڪيون تہ مونکي هڪدم ماري ڇڏيو ۽ ائين عذاب ڏئي نہ ماريو پر حُرن سندس هڪ نہ ٻڌي، ائين سندس سنڌ سنڌ ڪات سان ڪپي ڪيس اُڇٽ ماري هليا ويا. جيئن تہ ناظم جو لاش تہ رهيو ئي ڪو نہ هو، سو سپاهي هُن جي جسم جا وڏيل عضوا گڏ ڪري گوشت جي ڀريءَ وانگر چادر ۾ ٻڌي ڪٽي هليا ويا.

نري ميرواهہ ۾ پيپلز پارٽيءَ وارن جو جلسو سڏايل هو، جنهن کي ذوالفقار علي ڀُٽو صاحب خطاب ڪرڻ آيو هو. ڀُٽي صاحب جن جي اچڻ کان ٿورو اڳ مسٽر امداد الله اُنڙ ڊپٽي ڪليڪٽر ۽ مان جلسي گاهہ کان ٻاهر رستي تي سندن اچڻ جي انتظار ۾ بيٺا هئاسين. ڀُٽو صاحب جنهن مهل آيو تہ امدادالله خان اُنڙ کي ڏسي ڪار روڪيائين ۽ ساڻس ڪجهہ ڳالهائڻ شروع ڪيائين. مان ان وقت ٿورو پري ٿي وڃي بيٺس ۽ خبر ناهي تہ پاڻ ۾ ڇا ڳالهايائون. ڀُٽي صاحب جن پوءِ جلسي گاهہ ۾ وڃي خطاب ڪيو ۽ بعد ۾ واپس هليو ويو. جلسي ۾ ڪافي ماڻهو شريڪ ٿيا هئا جو ان دور ۾ پيپلز پارٽيءَ جو وڏو طوفان هو ۽ هر ننڍي خواهہ وڏي تي ڀُٽي صاحب جو سحر ڇانيل هو ۽ هر زبان تي "جيئي ڀُٽو" جو ئي نعرو هيو. ايتريقدر جو جڏهن ڪنهن واهہ جي ٽاپ سان لنگهبو هو تہ ننڍا ٻار بہ واهہ ۾ ٽپو ڏيندي "جيئي ڀُٽو" جو نعرو هڻي، پوءِ واهہ ۾ ٽٻي هڻندا هئا.

ان وقت ۾ ڪاتيدارن کي ٻج ۽ ٻاڻ جي لاءِ قرضن ڏيڻ جي مهم هلندڙ هئي، جنهن لاءِ گشتي ٽيمون تعلقي جي مُکيہ ڳوٺن ۾ وڃي سرزمين تي قرض ڏينديون هيون. ان مُهم جي معائني لاءِ ڊپٽي ڪشنر سيد سردار احمد صاحب تعلقہ ميرواهہ جي ڳوٺ بوزدار وڏا جو پروگرام رکيو. مون صاحب

موصوف کي چيو تہ پوءِ ٺريءَ بہ اچو ۽ مان اُتي منجهند جي ماني‌ءَ جو بندوبست بہ ڪندس صاحب اهو قبول ڪيو.

مان ڪاڏي جو بندوبست، ڊپٽي ڪمشنر صاحب جي شان مطابق ڪيو. جنهن مهل ماني‌ءَ کانئڻ لاءِ ڊپٽي ڪمشنر صاحب، امداد الله اُنڙ ڊپٽي ڪليڪٽر صاحب ۽ مان ٽيبل تي ويناسين تہ ڊپٽي ڪمشنر صاحب ڪاڏو ڏسي چيو تہ ايتري تڪليف ڇو ڪئي اٿو. مختصر نموني ئي ڪرايو ها.(سيد سردار احمد چيف سيڪريٽري ٿي رٽائر ڪيو ۽ هاڻي هُو سياست ۾ آيو آهي ۽ سنڌ ڪابينا ۾ وزير آهي).

سيد سردار احمد صاحب جي خيرپور ضلعي مان بدلي بعد آغا رفيق حسين صاحب ڊپٽي ڪمشنر ٿي آيو. 1970 جي عام انتخابات ۾ پيپلز پارٽي وڏي اڪثريت سان ڪاميابي حاصل ڪئي. ميرواهہ تعلقہ مان الاهي بخش خان ٻانيڻ، گمبٽ تعلقہ مان پير گل شاهہ صاحب ۽ خيرپور تعلقي مان قائم علي شاه صاحب جن سنڌ اسيمبليءَ جا ميمبر چونڊجي آيا هئا.

ميرواهہ تعلقي جي سينارجا ٽائون ڪاميٽيءَ جي آڪٽراءِ (چنگي محصول) جو ٺيڪو شاهہ محمد ٻانيڻ ۽ سيٺ ولي، جنهن کي سينارجا ۾ ڪاٽن فئڪٽري هئي، جو گڏجي ڪنيل هو. مان ان وقت سينارجا ٽائون ڪاميٽيءَ جو ائڊمنسٽريٽر هُئس. مٿئين ٺيڪيدارن ڏانهن آڪٽراءِ جون ڪجهہ قسطون رهيل هيون، جي هو پيارڻ لاءِ آماده نہ هُئا. مون هنن ڏانهن نوٽيس ڪڍيا تہ بہ قسطون پياريائون ۽ ٻين لاءِ استي آرڊر وٺي آيا.

حاجي شاهہ محمد ٻانيڻ نہ رڳو الاهي بخش ٻانيڻ جو ذات وارو هو پر سندس تمام ويجهن ماڻهن مان هو. هُن پوءِ الاهي بخش ٻانيڻ کي منهنجي خلاف وٺي پڙڪايو. اُن وقت تائين اجان وزارت ڪانہ ٺهي هئي. مان گشت ۾ بوزدار وڏا ويل هُئس ۽ وڏيري حسين بخش خان بوزدار جي اوطاق تي ترسيل هئس تہ هن مونکي ٻڌايو تہ الاهي بخش ٻانيڻ منهنجي خلاف تعلقي ۾ درخواستون گڏ ڪندو ٿو وتي، جنهن تي مون چيومانس تہ پلي وڃي گڏ ڪري.

پوءِ الاهي بخش ٻانيڻ، سيد قائم علي شاهہ، امداد علي شاهہ ڄاموٽ ۽ پير گل شاه چارئي اسيمبلي ميمبر منهنجي خلاف ڪمشنر صاحب عبدالسميع قريشي A.Sami Qureshi وٽ وڃي شڪايت ڪئي تہ مان ڏاڍو راشي آهيان ۽ مونکي ميرواهہ تعلقہ مان بدلي ڪري. ڪمشنر صاحب، ڊپٽي ڪمشنر آغا رفيق حسين کان منهنجي باري ۾ پڇيو تہ ڊپٽي ڪمشنر صاحب کين ٻڌايو تہ مختيارڪار وصوليءَ جو ڪجهہ سخت آهي، باقي ڪم صحيح پيو ڪري ۽ ڪيس هُن مان ڪابہ شڪايت ڪانهي. ڪمشنر صاحب پوءِ ميمبرن جي وفد کي ٻڌايو تہ ڊپٽي ڪمشنر تہ مختيارڪار جي خلاف ڪابہ ڳالهہ ڪونہ ٿو ڪري، انهيءَ ڪري هو مختيارڪار جي بدلي نہ ڪندو ۽ سڀ ميمبر ناميد ٿي موٽي آيا.

ڪمشنر صاحب وٽ وفد جي صورت ۾ منهنجي خلاف وڃڻ واري خبر، مسٽر محمد هاشم ميمڻ صاحب، جيڪو ان وقت ڪمشنر صاحب جن وٽ اسسٽنٽ ڪمشنر (روينيو) هو، کي ڪئي وئي، جنهن تي مون کين چيو تہ مان ڊل جي بي باقي رپورٽ ڪيان تہ پوءِ پاڻ وڃي ڪمشنر صاحب سان روبرو ملندس. A.Sami Qureshi ڪمشنر صاحب جڏهن لاڙڪاڻي ضلعي جو ڊپٽي ڪمشنر هو تہ مان وٽس H.V.C (هيڊ ورنيڪيولر ڪلارڪ) طور زيردست رهي چُڪو هُئس.

ڊل جي بي باقي رپورٽ ڪرڻ بعد مان وڃي ڪمشنر صاحب سان مليس ۽ چيومانس تہ وٽن منهنجي خلاف اسيمبلي ميمبرن جو وفد آيو هو، جنهن تي چيائون تہ ها پر مُون کين جواب ڏئي ڇڏيو آهي تہ مختيارڪار جي بدلي نہ ڪندس. مونکي ايترو وڌيڪ چيائين تہ ڪنهن سان زيادتي نہ ڪجانءِ. مان بعد ۾ کين حاجي شاهہ محمد ٻانيڻ جي آڪٽراءِ جي بقايا نہ پيارڻ جي ڳالهہ ڪئي ۽ ڪيس ٻُڌايم تہ نوٽيس بعد هُن رُڳو ٻہ قسطون پياريون آهن ۽ ٻين قسطن لاءِ استي آرڊر وٺي آيو آهي.

عام چونڊن جي تاريخ کان چار پنج ڏينهن اڳ عيد جو موقعو هو ۽ عيد جي ڏينهن کان هڪ ٻہ ڏينهن اڳ ڪمشنر محمد صديق صاحب تعلقہ فيض گنج وزٽ ڪرڻ پئي ويو. مان هنگورجا وٽ وڃي رستي تي بيٺس تہ ڪمشنر صاحب اڳواٽ گُذري ويو ۽ ان جي پويان امداد الله خان اُنڙ ڊپٽي ڪليڪٽر پنهنجي گاڏيءَ ۾ پئي ويو تہ هُن مونکي ڏسي گاڏي روڪي. مان ڪانئن پڇيو تہ عيد تي ڳوٺ وڃان يا نہ!؟ . هُن مونکي اجازت ڏني تہ پلي وڃ. مان پوءِ پنهنجي ڳوٺ لاڙڪاڻي هليو آيس.

ڪمشنر صاحب فيض گنج تعلقو وزٽ ڪري واپسيءَ ۾ ميرواهہ سان آيو ۽ اچي ٺريءَ نڪتو. اتي ڊپٽي ڪليڪٽر صاحب پڇا ڪئي تہ مختيارڪار موجود آهي؟ اُن تي موجود ماڻهن مان ڪنهن ٻڌايس تہ ها سائين، ٿوري دير ٿي جو هتي آيو هو ۽ چئو تہ ڪيس ڪواٽر تان گهرائي وٺون، جو ڪواٽر ٺري شهر کان ٿورو پري هو، پر ڊپٽي ڪليڪٽر صاحب کي تہ خبر هُئي تہ هن پاڻ ئي مونکي عيد تي ڳوٺ وڃڻ جي اجازت ڏني هئي انهيءَ ڪري چيائين تہ هاڻي هن کي نہ گهرايو، باقي اوهان مان ڪنهن شهر واري پولنگ ڏني آهي تہ اُها ڪمشنر صاحب کي هلي ڏيکاريو. ڪمشنر صاحب پوءِ پاڻ هلي پولنگ اسٽيشن ڏني، جتي مليل هدايتن مُطابق ووٽرن جي اچڻ جو رستو الڳ ۽ واپس وڃڻ جو الڳ ۽ بوٿ وغيره جو انتظام ڏسي مطمئن ٿيو ۽ ٺريءَ کان رستي ۾ هڪ ٻہ پولنگ اسٽيشنز ڏاتو دستي ۽ ڪنهن ٻيءَ جو ٻہ معائنو ڪري مطمئن ٿيو.

مان جڏهن عيد گذاري موٽي آيس تہ امداد الله خان اُنڙ مون کي اُها ڳالهہ ٻڌائي هئي.

شاهہ محمد ٻانيڻ هيڏانهن الاهي بخش ٻانيڻ کي منهنجي خلاف ورغلايو هو ۽ وري خيرپور وڃي مقصود احمد شيخ A.D.M صاحب وٽ منهنجي خلاف شڪايت ڪئي. شاهہ محمد ٻانيڻ مقصود احمد صاحب کي ڪجهہ فرنيچر ٺهرائي ڏنو هو، انهيءَ ڪري هُو ان جي اثر هيٺ هيو، اهڙي شڪايت تي هُن مونکي پاڻ وٽ گهرايو. مان جيئن ئي سندس آفيس ۾ گهڙيس تہ مون کي چيائين تہ تنهنجي خلاف درخواست ٿي آهي ۽ ائين چوندي ميز جو خانو کولڻ لڳو تہ ان دوران مون کيس چيو تہ

پوءِ موڪل جي درخواست لکي ڏيانوَ پر هُن اُن لاءِ انڪار ڪيو ۽ وڏيڪ ڪجهه ڪونہ ڪڇيائين. مان پوءِ ڪانئس اجازت وٺي موٽي آيس.

اها ساري حقيقت مُون اچي امداداللہ اُنڙ صاحب سان ڪئي، هو ٻن ٽن ڏينهن بعد ٺري ميرواهہ آيو ۽ ترسيو بہ شاهہ محمد ٻانيڻ جي بنگلي تي ئي هيو جو انهيءَ وٽ شڪار ڪرڻ آيو هو. هن پوءِ شاهہ محمد ٻانيڻ کي سخت چنڊ پٽيندي چيو تہ A.D.M مختيارڪار کي ڇا ڪندو جو ڊپٽي ڪليڪٽر هُو پاڻ هو. جنهن تي پوءِ شاهہ محمد ٻانيڻ پاڻ اٿي اچي مونکي ڀاڪر پاتو ۽ قصو وڏيڪ ڊگهو نہ ٿيو ۽ اُنڙ صاحب وٽن شڪار ڪري واپس ڪوٽڏيجي روانو ٿي ويو.

شاهہ محمد ٻانيڻ جي ڪري ڊاڪٽر امداد علي شيخ بہ پاسيرو ٿي ويو. هُو هڪ ڪيس ۾ شاهدي ڏيڻ آيو پر هيڊ منشيءَ جي آفيس ۾ ويهي هليو ويو. مان جڏهن ڪيس ڪنيون ۽ ڪيس گهرايو تہ هو موجود ڪونہ هو. مون سرشتيدار کي چيو تہ فون ڪرينس تہ اچي، پر نہ آيو. پوءِ مون سرشتيدار کي چيو تہ ٻڌائينس تہ مان وارنٽ ڪڍندوسانس. هن جي ائين ٻڌائڻ تي اچي شاهدي ڏئي ويو.

جڏهن اليڪشن ٿي هئي تہ ان جو نتيجو پولنگ اسٽيشن تان جيئن جيئن پهچندو پيو وڃي، اهو ڪنهن مهل مان تہ ڪنهن مهل سيٽلمينٽ مختيارڪار مسٽر غلام مصطفيٰ جوڪيو جيڪو منهنجي پرسان ويٺو هو اُهو ڊپٽي ڪليڪٽر صاحب جن کي ٻڌائيندا پيا وڃون.

امداد الله خان جي بدليءَ بعد سائين بخش ڪلهوڙو صاحب ڊپٽي ڪليڪٽر ٿي آيو. مون ميرواهہ تعلقي جي ڊل جي بي باقي رپورٽ آخري تاريخ 31 جولاءِ تائين ڏئي ڇڏي هئي پر ان تاريخ تائين ڪوٽڏيجي تعلقي جي مختيارڪار مسٽر الله بخش انصاري، جو بہ لاڙڪاڻي جو ويٺل هو. ڪونہ ڪري سگهيو هو ان ڪري ڊپٽي ڪليڪٽر صاحب سائين بخش ڪلهوڙو مون کي پاڻ سان گڏ وٺي ويو تہ ڪوٽڏيجي تعلقي جي ڊل جي وصوليءَ ۾ مدد ڪرايان. مان رات جو ڪوٽڏيجي پُهتس تہ خبر پئي تہ بہ تپيدار ڊل جا پئسا ڪائي ويا هئا ۽ اهي هُو جمع نہ پيا ڪرائين،جنهن ڪري ئي تعلقي جي بي باقي رپورٽ رُڪيل هئي. مُون مختيارڪار کي چيو تہ بہ سپاهي هٿ ڪڙين سان گهراءِ ۽ هڪ تپيدار جي مائٽن ڏانهن توهان وڃو ۽ ٻئي تپيدار جي مائٽن ڏي مان وڃان ٿو ۽ ٻنهي کي ٻڌي وٺون ٿا، پر مختيارڪار صاحب کي رڳو هڪ سپاهي هٿ ڪڙين سان ملي سگهيو ۽ مون کي چيائين تہ اُهو ساڻ ڪري هڪڙي تپيدار جي مائٽن ڏي وڃان. مون پنهنجو نائب رڪن جوڳي ساڻ ڪنيو ۽ پوءِ ان تپيدار جي ڪوٽوار، رڪن نائڪ ۽ سپاهيءَ کي ساڻ ڪري جيپ ۾ وڃي تپيدار جي ڳوٺ ڪان ٿورو پرتي رستي تي جيپ روڪي ۽ ڪوٽوار ۽ نائڪ رڪن کي تپيدار جي پيءُ کي وٺي اچڻ لاءِ موڪليو. انهيءَ دوران مون ڪوٽوار جي پرپٽ سپاهيءَ کي سمجهائي ڇڏيو تہ تپيدار جي پيءُ کي جيئن ئي هٿ ڪڙي هڻڻ لاءِ چوانءِ تہ اُها رڳو ڪڙڪائجان پر هڻجانس نہ، تہ انهيءَ وچ ۾ نائڪ مون کي چوندو تہ سائين هي عزت وارا ماڻهو آهن، هٿ ڪڙي نہ هڻايوس ۽ پئسا صبح تائين اچي ويندا، باقي تپيدار جي پيءُ کي ڪوٽڏيجي پلي وٺي هلو. پوءِ ڪوٽوار ۽ نائڪ رڪن وڃي

تپيدار جي پيءُ کي گهران وٺي آيا، مون هن کي چيو تہ تنهنجو پٽ ڏل جا سرڪاري پئسا کائي ويو آهي، (مون اصل کاڏل رقم کان هن کي هزار کن وڌيڪ ٻڌايا) ۽ هن کي مٿين رٿيل ترتيب موجب ڪوٽڏيجي وٺي آيس ۽ اچي تعلقہ هيڊ منشيءَ ڏٽي بخش شيخ حوالي ڪيم تہ هن کي جيل ۾ نہ وجهجان پر ٻاهر پوليس جي نظردارياءَ ۾ ويهاري ڇڏجانءِ. تپيدار جي پيءُ پوئتي پنهنجن مائٽن کي چيو تہ پئسا ڪٽي صبح جو ڪوٽڏيجي پهچجو جي هو ڪٽي آيا ۽ جيترا پئسا دراصل تپيدار غبن ڪيا هئا، اهي وصولي ڪري ٻيا وڌيڪ کانئن نہ ورتا. مان تپيدار جي پيءَ کي وٺي پئي آيس تہ ڏنم تہ ڊپٽي ڪليڪٽر صاحب ٻئي تپيدار جي بدران سندس ضامن کي پاڻ سان جيپ ۾ وٺيون پئي ويو جنهن گمبٽ مل تان تپيدار پاران کاڏل پئسن جيترا پئسا وٺي ڏنا. پوءِ اهي اچي ٺري ۾ خزاني ۾ 31.7 واري تاريخ ۾ جمع ڪرايا. ڇاڪاڻ جو ڪوٽڏيجي ۾ نئشنل بئنڪ جي بر انچ هئي جنهن ۾ اڳين تاريخ ۾ پئسا جمع نہ پيا ڪرائي سگهجن. مان انهن پئسن پيارڻ لاءِ 13 ڏينهن سب ٽريئري ڪليل رکي ۽ اهو سمورو عرصو 13 تاريخ اڪائونٽ جا ڪتاب کليل رکيا ۽ 13 جون ڊيلي ڏينهن شيٽون گڏي هيڊ آفيس ٽريئري ڏي موڪليون.

قسمت جي طرفان شايد تہ منهنجو ٺري ميرواهہ ۾ داڻو پاڻي اچي پورو ٿيڻ وارو هيو جو آغا رفيق حسين ڊپٽي ڪمشنر صاحب ٺري وزٽ ڪرڻ جو پروگرام رکيو ۽ سينارجا ٽائون ڪاميٽي آفيس ۾ ڪليل ڪچهري ڪيائين. ان بعد ويندي وقت مون کان پڇيائين تہ ميرواهہ تعلقہ ۾ توکي گهڻو وقت ٿيو آهي. مون ٻڌايومانس تہ سوا ٻہ سال کن ٿيا آهن. پوءِ چيائين تہ گمبٽ ايندين جو گمبٽ جو مختيارڪار غلام محمد ٻگهيو بيمار ٿي پيو هو ۽ ڊگهي موڪل تي هليو ويو هو ۽ تعلقو خالي پيل هو. مون صاحب موصوف کي چيو تہ گمبٽ تہ مونکي پاڻ وڌيڪ سنو ٿيندو جو ريلوي مين لائين تي آهي ۽ ڪاڏي اچ وڃ ۾ وڌيڪ سهوليت ٿيندي. صاحب موصوف جن پوءِ ٻن چئن ڏينهن ۾ ئي منهنجو گمبٽ تعلقي مختيارڪار جو آرڊر ڪرايو. (منهنجي ان آرڊر ٿيڻ تي الاهي بخش ٻانيڻ پريس ڪانفرنس سڏائي تہ منهنجي مخالفت ڪرڻ باوجود مونکي خيرپور ضلع مان ڪڍيو تہ نہ ويو پر رهندو ميرواهہ تعقلي کان ٻہ ڪيس سنو تعلقو گمبٽ ڏنو ويو هو).

بهرحال مان 23.10.1971 تي ميرواهہ تعلقي جي چارج ڇڏي تاريخ 25.10.1971 تي گمبٽ تعلقہ مختيارڪار جي چارج وڃي ورتي. مان ميرواه تعلقي ۾ تاريخ 08.09.1969 کان 23.10.1971 تائين رهيس جو ڪنهن ٻہ تعلقي ۾ مختيارڪار ٿي رهڻ جو سڀ کان وڏو عرصو هو. مان گمبٽ تعلقي ۾ 25.10.1971 کان 20.07.1972 تائين مختيارڪار ٿي رهيس.

مختيارڪاريءَ واري عرصي دوران مُنهنجو ڏکئي ۾ ڏکيو وقت گمبٽ تعلقي ۾ ئي رهيو. عيد جو موقعو هو جو مان ڳوٺ هليو ويو هيس ۽ ڊپٽي ڪليڪٽر صاحب الله ڏنو خان ميمڻ جن ٻہ عيد ملهائڻ ڳوٺ هليا ويا هئا. اتفاق اهو ٿيو جو ڪُهڙن ۾ سُنين پنهنجي عيدگاهہ ۾ عيد نماز پڙهي پوري مس ڪئي تہ اهل شيعت وارن ساڳي عيد گاهہ ۾ پنهنجون نکون وڃائڻ شروع ڪيون، جنهن لاءِ ڪو

بہ جواز ڪونہ هو ۽ اهو پهريون دفعو هو جو هنن ائين ڪيو جهن تي ٻنهي يعني اهل سنت ۽ اهل شيعت جي ڏرين وچ ۾ تڪرار شروع ٿي ويو. اهل شيعت وارا اڳ ۾ ئي منصوبو سٽي آيا هئا ۽ عيدگاهہ لڳ فقير علي شاهہ جي باغ ۾ لنيون ۽ باننا ڪٽي ڪري رکيا هئائون.. فساد وڌندي ڏسي تعلقي هيڊ منشي ۽ ٽرڊ ڪلاس مئجسٽريٽ گمبٽ، جيڪو ان وقت ڊيوٽي تي موجود هو، ان هوائي فائرنگ ڪرائي ماڻهن کي ڇڙوڇڙ ڪري ڇڏيو ۽ فون تي اهڙو اطلاع مون کي ۽ ڊپٽي ڪليڪٽر الله ڏني خان ميمڻ صاحب کي ڏنو ۽ اسان ٻئي واپس گمبٽ پهتاسين. مان جنهن وقت پهتس تہ ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ آغا رفيق حسين صاحب ۽ D.I.G انيس الرحمن صاحب اڳ ئي اتي پهچي ويا هئا. D.I.G صاحب جن مُرڪي مونکي چيو تہ هي ڇا ڪرايو اٿئي، جنهن تي مان چيومانس تہ سائين مان تہ هاڻي پهتو آهيان، وڌيڪ خبر تہ اوهان کي ئي هوندي جو اوهان اڳ ئي پهتل آهيو.

اهل سنت وارن جي عيدگاهہ کي چؤڌيواري ڏنل ڪانہ هئي ۽ اهل شيعت وارن جو اصرار هو تہ ڪين بہ عيدگاهہ لاءِ پلاٽ ڏنو وڃي، حالانڪہ ڪهڙا شهر اندر سندن لاءِ امام بارگاهہ ۽ ان سان لڳ عيد نماز لاءِ ڪافي وڏو ميدان هيو، جتي هو عيد نماز پڙهندا ايندا هئا ۽ عيدگاهہ لاءِ پلاٽ ملڻ لاءِ هيءَ سندن نئين ۽ غير مناسب تقاضا هئي، جنهن ۾ مُکيہ ڪردار سيد امام علي شاهہ هو، جيڪو اهل شيعت وارن جو صدر هو. اهل سنت وارا اهل شيعت وارن کي ٻئي پلاٽ ڏيڻ جي خلاف هئا. انهيءَ تڪراري معاملي تي ڊپٽي ڪمشنر صاحب وٽ ڳالهيون هلنديون رهيون، جنهن ۾ اهل سنت طرفان امان الله قريشي، طيب الدين عباسي (رٽائرڊ مختيارڪار) ٻيا ۽ اهل شيعت وارن مان امام علي شاهہ ۽ ٻيا شريڪ ٿيندا هئا.

منهنجي ڊيوٽي روزانو صبح جو گمبٽ مان کهڙا (جو ٻن ميلن جي پنڌ تي هيو) وڃي امن امان جي صورتحال ڏسي D.M صاحب کي فون تي پوزيشن ٻڌائڻي پوندي هئي. ڳالهيون هلنديون رهيون ۽ ٻئي ڏريون پنهنجي موقف تي قائم هيون ۽ ان تان هٽڻ لاءِ تيار نہ هيون. آخر 31.12.71 تي رات جو ٻنهي ڏرين جو ان ڳالهہ تي اتفاق ٿيو تہ کهڙا ٽائون ڪاميٽي آفيس جي سامهون روڊ جي پرئين طرف جيڪو تمام وڏو ميدان پيل هو، جنهن ۾ کهڙا شهر جو گندو پاڻي اچي گڏ ٿيندو هو، ان مان اهل شيعت وارن کي چار گُهنٽا ايراضي ماپ ڪري عيدگاهہ لاءِ ڏنو وڃي. اهڙي لکت ۾ ٺهراءَ تي ٻنهي ڏرين جي معزز ماڻهن، جيڪي ميٽنگ ۾ شريڪ هئا، صحيون ڪيون، باقي مخدوم نيڪ محمد سجاده نشين کهڙا درگاهہ شريف ۽ پير گل شاهہ ايم پي اي تعلقي گمبٽ جيڪي ان ميٽنگ ۾ شريڪ ڪونہ ٿي سگهيا هئا، انهن ٻنهي لاءِ ڊپٽي ڪمشنر صاحب جن مونکي چيو تہ ڪانئن لکيل ٺاهہ تي صحيحون وٺي ڇڏيان، جيڪو بعد ۾ مون ٻنهي ڄڻن کي ٺاهہ جي حقيقت ٻڌائي ڪانئن صحيحون وٺي ڇڏيون.

مون بعد ۾ ٺاهہ مطابق اهل شيعت وارن کي چار گهنٽہ ايراضي ماپ ڪري ڏيڻ لاءِ تاريخ مقرر ڪئي ۽ واسطيدارڏرين مان، جن جن ٺاهہ تي صحيحون ڪيون هيون، انهن کي اهڙو ليٽر لکي اطلاع

ڪيو ۽ چيو تہ هو ماپ واري تاريخ تي سرزمين تي موجود هجن تہ سندن روبرو ماپ ڪجي. مقرر تاريخ تي اهل شيعت وارن جو صدر امام علي شاهہ ۽ ساڻن ٻيا سرزمين تي آيا پر اهل سنت وارن مان ليٽر ملڻ باوجود ڪو هڪ بہ ڪونہ آيو. حالانڪ مخدوم نيڪ محمد، امان الله قريشي ۽ طيب الدين عباسي ڪهڙا شهر ۾ ئي رهندا هئا.

بهرحال مان پلاٽ مان چار گُهنٽا ايراضي ماپ ڪرائي، ان جو قبضو امام علي شاهہ کي ڏئي ڪانئس اهڙي قبضي ملڻ جو لکت ۾ بيان وٺي ڇڏيو. امام علي شاهہ کي جيئن ئي پلاٽ جو قبضو مليو تہ هُن بيل گاڏيون، جيڪي اڳ ئي تيار بيهاري ڇڏيون هُئائين، اُنهن سان مٽي ڍورائي پلاٽ جي پرائي ڪرائي ڇڏي. هوڏانهن فقير علي شاهہ ڇا ڪيو جو هڪڙو ننڍو علم پاڪ سندس باغ ۽ اهلسنت وارن جي عيدگاهہ جي وچان ويندڙ ڪلاسي ٻن پرسان عيدگاهہ ۾ هڻي ڇڏيو هو. هاڻي سوال اهو اڳيان آيو تہ اُهو علم پاڪ اُتان ڪيئن ڪڍائجي. آخرڪار الله ڏني خان ميمڻ ڊپٽي ڪليڪٽر صاحب هڪ صغير ڇوڪر هٿان اهو علم عيدگاهہ مان اڪڙرائي ڪلاسي ٻن جي ٻئي طرف فقير علي شاهہ جي باغ جي حد ۾ هڻائي ڇڏيو جنهن تي ڪو بہ اعتراض ڪونہ ڪيو ويو.

جڏهن اهل شيعت وارن ڏنل پلاٽ جو ٽڪرو مٽيءَ سان پرائي هموار ڪيو تہ اهل سنت جماعت وارن وري اعتراض ڪيو ۽ سندُن چوڻ هو تہ هو جڏهن رستو ڏئي ان پلاٽ وٽان گذرن ٿا تہ اهل شيعت جا ماڻهو مٿن ٺٺولبازي ٿا ڪن. اهل سنت جماعت وارن جو اهڙو اعتراض هلندو ئي رهيو. جو اهل شيعت وارن راتو رات ان پلاٽ تي، جيڪو ڪهڙا پوليس چونڪيءَ جي بلڪل سامهون هو، ان تي هڪ وڏو علم پاڪ هڻي ڇڏيو. اهو پلاٽ ان حالت ۾ خالي ئي رهيو پيو هو ۽ عيدگاهہ طور استعمال ڪونہ ٿيندو هو. بعد ۾ عبدالوحيد ڪٽپر صاحب جڏهن وزير ٿيو تڏهن هن اهل شيعت وارن کي اهل سنت وارن جي پلاٽ جي ويجهو ئي عيدگاهہ لاءِ پلاٽ منظور ڪري ڏنو ۽ ٻنهي فرقن پنهنجي پنهنجي عيدگاهہ ٻاهران چوديواري ڪڍائي ڇڏي تڏهن وڃي معاملو ٺريو.

عام انتخابات ۾ باوجود ان جي جو شيخ مجيب الرحمٰن کي مجموعي طور اڪثريت سان قومي اسيمبليءَ جون سيٽون حاصل ٿيون هيون ۽ هن کي ان وقت جي صدر يحيٰ خان ڍاڪا ۾ پاڪستان جو پرائيم منسٽر بہ چئي چڪو هو پر ذوالفقار ڀُٽي صاحب، جنهن کي اولهہ پاڪستان ۾ وڏي اڪثريت هئي، ان جي سخت مؤقف سبب شيخ مجيب الرحمن کي گڏيل پاڪستان جو وزيراعظم نہ بڻايو ويو. جنهن تي اوپر پاڪستان ۾ سخت ردعمل ٿيو ۽ ان تحريڪ کي ڪُچلڻ لاءِ فوجي آپريشن ڪيو ويو. جنهن ۾ لکين جانيون ضايع ٿيون ۽ مسلمان عورتن جون لڄون مسلمانن هٿان لٽيون ويون. جنرل ٽِڪا خان تہ بنگال ۾ وڃي ائين بہ چئي ڏنو تہ اسانکي ماڻهو نہ ڪپن پر اسانکي زمين ڪپي. جڏهن فوجي آپريشن شدت اختيار ڪري ورتي تہ هندستان جي فوج ايست پاڪستان ۾ بنگالين جي مدد واسطي داخل ٿي وئي ۽ ان سان گڏوگڏ ويسٽ پاڪستان جي باردر تي بہ لڙائي ڇڙڻ جو امڪان وڏي ويو. اهڙيون حالتون ڏسي بنگال ۾ بغاوت ڪُچلڻ لاءِ ويل پاڪستان

جي جنرل عبدالله نيازي پارٽي جنرل اروڙا آڏو هٿيار ڦٽا ڪيا ۽ 90000 هزار فوجي گرفتار ٿي ويا ۽ ائين بنگلاديش عليحده ٿي ويو.

ويسٽ پاڪستان تي حملي جي امڪان ڪري هتي بہ حالتون گنڀير ٿي ويون ۽ هر تعلقہ هيڊڪواٽر ضلعہ هيڊڪواٽر خواه ڊويزنل هيڊڪواٽرن ۾ ڪنٽرول روم کوليا ويا ۽ بلئڪ آئوٽ شروع ٿيڻ لڳي. اهڙي طرح گمبٽ ۾ بہ منهنجي نظرداريءَ هيٺ ڪنٽرول روم کولي وئي، جيڪا 24 ڪلاڪ ئي کليل رهندي هُئي.

ذوالفقار علي ڀُٽو صاحب ان دوران U.N.O ويل هيو، جنهن کي اتان واپس گهرايو ويو تہ مون پنهنجي هيڊ منشيءَ علي حسن کي گهرائي چيو تہ ڀُٽي صاحب کي اولهہ پاڪستان جو صدر بڻائيندا، جنهن تي هن چيو تہ سائين اوهان ائين ڪيئن ٿا چئو تہ مون کيس ٻڌايو تہ درگاهي منگي P.S.I ٺري ميرواهہ ۾ مختيارڪاريءَ واري ڏينهن ۾ مونکي ٻڌايو هو تہ ڀُٽي صاحب جڏهن فارين مان واپس آيو هو تہ سکر جي شهر ۾ هڪ هٿ شناس کي هٿ ڏيکارڻ تي هن کيس ٻڌايو هو تہ تون پاڪستان جو صدر ٿيندين تہ ڀُٽو صاحب مُشڪي هليو ويو هو. پوءِ ٿيو بہ ائين جو ڀُٽي صاحب کي ملڪ جوصدر ۽ چيف مارشل لا ائڊمنسٽريٽر ڪيو ويو.

ڀُٽو صاحب پوءِ اڳتي هلي پاڪستان جو پهريون چونڊيل وزيراعظم بڻيو. ڪنٽرول روم ۾ ورڪر مسٽر قمرالدين عباسي جيڪو ان وقت ڪٽي جيلر هو ۽ ڳوٺ گمبٽ پئي آيو، ان کي وٺي پئي آيا جو بلئڪ آئوٽ باوجود پنهنجي ڪار جي بتي ٻاريون پيو اچي. هن ٻڌايو تہ اوندهہ ۾ سندس گاڏي هڪ ڪامي ۾ وڃي ڪري هئي ۽ سندس ڪپڙا لٿا سڀ گپ ۾ خراب ٿي ويا هئا، انهيءَ ڪري ئي هن گاڏيءَ جي بتي ٻاري هئي. هن جي حالت ڏٺم تہ هن جي ڳالهہ بلڪل صحيح هئي ۽ ڪيس چيم تہ آئينده لاءِ خيال ڪجو جو ڏسو ٿا تہ وقت نازڪ آهي. اهو مسٽر قمر الدين عباسي پوءِ لاڙڪاڻي جيل جو سپرنٽينڊنٽ ٿي آيو هو، ان وقت الهڏنہ خان شيخ ۽ سندس ڀاءُ در محمد شيخ ڀُٽي صاحب جي عتاب هيٺ آيل هئا ۽ جيل ۾ هئا تہ مان ساڻن ملاقات ڪرائڻ لاءِ مسٽر قمرالدين کي چيو جنهن چيو تہ هونئن تہ ملاقات D.M جي اجازت کانسواءِ ناهي ڪرائڻي پر اوهان رات جو اچجو تہ سپاهي گڏي ڏيندوسانوَ تہ هلي اوهان جي هن سان ملاقات ڪرائيندو. هُن پوءِ رات جو پنهنجو سپاهي گڏي ڏنو جنهن هلي ٻنهي کي جيل سپرنٽينڊنٽ جي آفيس ۾ آڻائي ساڻن ملاقات ڪرائي.

بلئڪ آئوٽ باوجود گمبٽ جي رهواسي هڪ سول جج ورڪرن جي منع ڪرڻ باوجود گهر جون بتيون بند نہ پئي ڪيون، جنهن ڪري مان پاڻ وڃي هن جي گهر جي بجليءَ واري لائين ڪٽرائي ڇڏي. پارٽ جي ويسٽ پاڪستان تي امڪاني حملي جي ڪري جنگ جي لاءِ فنڊ (War Fund) گڏ ڪرڻ لاءِ مٿان هدايتون آيون. ان مهم ۾ مان پاڻ سان هميشہ پير گل شاهہ جن کي جيڪو گمبٽ تعلقہ مان پيپلز پارٽيءَ جو چونڊيل ايم پي اي (M.P.A) هو، ان کي ڪٽندو هئس. جيئن سپاڻي مون تي ڪو آڳر نہ ڪٽي تہ (War Fund) ۾ غبن ڪيو آهي ۽ جنهن جنهن ان فنڊ ۾ پئسا پئي ڏنا تہ

ان جي رسيد بہ هن جي روبرو ڪڍي پئي ڏنم. ڪل 95000 هزار ڪن روپيا گڏ ڪيم تہ هدايتون آيون تہ وڏيڪ فنڊ نہ وٺو. ان رقم ۾ 20000 روپيا ڪاٽن فئڪٽريءَ جي مالڪ جاجا ميان صاحب جن ڏنا هئا. هو ڏاڍو سخي مرد هو جو هن ايتري رقم ڪوٽڏيجيءَ جي مختيارڪار کي بہ ان فنڊ ۾ ڏني هئي جو هو تعلقي ڪوٽڏيجيءَ جي روينيو حد ۾ هيو پر امن امان جو ضابطو گمبٽ تعلقہ جي پوليس اسٽيشن سان هيو. جو هن جي ڪاٽن فئڪٽري فقيرآباد ۾ گمبٽ ريلوي اسٽيشن جي پٽڙي جي بلڪل نزديڪ هئي. پيپلز پارٽيءَ جي اليڪشن جي ڪاميابي بعد سندس مل جي مزدورن ڪيس ڏاڍو تنگ ڪرڻ شروع ڪيو. جن کي انگشت هادي بخش لاڙڪ، جيڪو پيپلز پارٽي ضلعي خيرپور جو جنرل سيڪريٽري هيو. ان جي هئي ۽ عطا محمدچانڊيو جيڪو فقير آباد ۾ ئي رهندو هو ۽ ٻيو عبدالله نالي مزدورن جو اڳواڻ جاجا ميان صاحب کي تنگ ڪرڻ ۾ مکيہ ڪردار ادا ڪيو. ان ڪري S.D.M صاحب، علي محمد خان ڊومڪي، D.S.P قاسم علي شاهہ صاحب، مان ۽ S.H.O گمبٽ تجمل حسين امن امان قائم رکڻ لاءِ ڪاٽن مل جي ٻاهران هڪ باغيچي ۾ ڪئمپ ڪيون ويٺا هوندا هئاسين. جاجا ميان صاحب نهايت شريف انسان ۽ معزز گهراڻي مان هو ۽ ان کي ايترو تہ تنگ ڪيو ويو جو مزدورن سندس بنگلي ۾ ٽپڻ جو رٿيو. جنهن جي هن کي خبر پئجي وئي ۽ هن پنهنجي رائيفل لوڊ ڪري رکائي هُئي ۽ D.I.G صاحب انيس الرحمٰن کي ان کان آگاهہ ڪيو ۽ چيو تہ جيڪڏهن ڪو بہ مزدور سندس بنگلي ۾ ٽپيو تہ هو ڪيس شوٽ ڪري ڇڏيندو.

جنهن بعد S.H.O _ D.S.P پوليس فورس سان اتي پهتا، S.D.M صاحب ۽ مان بہ اتي وياسين، پوءِ مزدور بنگلي جي ويجهو ئي ڪونہ آيا. خبر ناهي تہ مزدورن جي دل ۾ الائي ڇا هيو. هو مل تي قبضو ڪرڻ پيا چاهين، انهن جاجا ميان کي ايترو thپريشان ڪيو جو ان باري ۾ ڊپٽي ڪمشنر صاحب وٽ وقت بوقت ميٽنگ ٿيندي هئي. هڪڙي ميٽنگ هلندي جاجا ميان صاحب مل جون چابيون ڊپٽي ڪمشنر صاحب جي ميز تي رکي چيو تہ هي مل جون چابيون وٺو ۽ سندس جان ڇڏيو. جاجا ميان جي ڪاٽن مل ۾ جديد مشينري هوندي هئي ۽ ڪپڙي کان علاوه ان ۾ ڏاڍو گهڻو ٺهندو هو. جو ايڪسپورٽ بہ ٿيندو هو. هڪڙي ڏينهن D.S.P قاسم علي شاهہ جو نوجوان پٽ آيو جنهن لاءِ D.S.P ٻڌايو تہ سندس پٽ ڪاڏي (شايد تہ ٻاهر) ڪورس ڪرڻ پيو وڃي ۽ ڪانئس موڪلائڻ آيو هو پر سندس پٽ پيءُ کان موڪلائي واپس ويو پئي تہ رستي ۾ ڪوٽ ڏيجي پرسان روڊ حادثي ۾ وفات ڪري ويو.

پُٽو صاحب صدر ٿيو هو تہ هن ممتاز علي پُٽي صاحب کي سنڌ جو گورنر ڪيو. هڪڙي رات ممتاز علي پُٽو رات جو 3 بجي خيبر ميل ۾ گمبٽ کان پاس ڪري وڃي رهيو هو ۽ گمبٽ اسٽيشن تي خيبر ميل جو اسٽاپ ڪونہ هو. رات جو مان مِل تان ڊيوٽيءَ کان مس موٽي آيس تہ تجمل حسين S.H.O اچي ٻڌايو تہ مزدورن منصوبو جوڙيو آهي تہ هو گمبٽ ريلوي پٽڙيءَ تي سمهي پوندا ۽ جيستائين ممتاز علي پُٽو گورنر صاحب ٻاهر اچي سندن مسئلا نہ ٻڌندو تيستائين هو پٽڙي تان نہ

اٿندا. پوءِ مان ۽ S.H.O پوليس فورس ساڻ ڪري گمبٽ اسٽيشن تي پهتاسين ۽ مون S.H.O کي چيو تہ هڪ سپاهيءَ کي مٿي ڏاڪڻ تي بيهاري ڪانئس اهو اعلان ڪرائي تہ جيڪڏهن ڪو بہ مزدور پليٽ فارم تي ايندو تہ ان کي شوٽ ڪيو ويندو. مون احتياطن هڪڙو سپاهي پٽڙي کان هيٺ ۽ هڪ مٿي ڪجهہ مفاصلي تائين موڪلي خاطري ڪرائي تہ اتي ڪو بہ مزدور پٽڙيءَ تي موجود ڪونہ هو.

خيبر ميل 3 بجي گمبٽ اسٽيشن ڪراس ڪري وئي تہ مون D.M تاج محمد قريشي صاحب کي فون تي ٻڌايو تہ ٽرين خير خوبيءَ سان ڪراس ڪري آئي آهي، جنهن چيو تہ اسانکي پنهنجي نوڪريءَ جو ڏاڍو فڪر هو پر خدا تعاليٰ جي مهرباني ٿي جو ٽرين پاس ڪري آئي. انهيءَ دوران ڪو هڪ بہ مزدور پليٽ فارم تي ڪونہ آيو ۽ سندن اڳواڻ عبدالله ڪلاڪ ڪن ريلوي جي ڪاڪوس ۾ لڪيو وينو رهيو.

بلئڪ آئوٽ واري عرصي دوران افواهہ بہ ڏاڍا ڦهلايا ويندا هئا، جيئن تہ ائين ڦهلايو ويو تہ پير ڪٽپر اسٽيشن تي بم ڪيرايو ويو آهي پر حقيقت جاچڻ بعد معلوم ٿيو تہ اهڙي ڪا ڳالهہ ڪانہ هئي. گمبٽ اسٽيشن جي اسٽيشن ماسٽر خيرپور ڪنٽرول روم کي ٻڌايو تہ اسٽيشن جي ڀرسان پٽراشوٽ تي ماڻهو لٿا آهن جنهن جي انڪوائري ڪرڻ S.P خيرپور آغا محمد علي صاحب پڻ آيو پر جانچ مان ڪيس خبر پئي تہ اهڙي ڪا ڳالهہ ڪانہ هئي پر حقيقت اها هئي جو اسٽيشن جي ڀرسان پاڻيءَ جو وڏو ڍورو هو جنهن تي ڪجهہ اڇا پکي اچي لٿا هئا، جن کي اسٽيشن ماسٽر Parachute سمجهي هڪدم ڪٽي ڪنٽرول روم کي غلط اطلاع ڪيو هو ڇاتا بردار لٿا آهن.

20 ڊسمبر 1971 تي بنگلاديش جي الڳ ٿيڻ بعد يحيٰ خان استعيفا ڏني ۽ ذوالفقار علي ڀٽو صاحب پاڪستان جو صدر ۽ چيف مارشل لا ائڊمنسٽريٽر ٿيو. هن 13.03.1972 تي تمام گهڻا سرڪاري ملازم (جن ۾ مٿين گريڊن جا آفيسر توڙي ننڍا ملازم هئا) انهن کي نوڪريءَ مان برطرف ڪري ڇڏيو. اهي سڀ گهڻو ڪري زميندارن جي ذاتي دشمنيءَ ڪري ۽ ڪجهہ ڪرپٽ آفيسر خراب ريپوٽيشن ڪري بہ برطرف ڪيا ويا هئا، جن جا نالا زميندارن کا پڇيا ويا هئا. عبدالحميد جتوئيءَ لاءِ ٻڌڻ ۾ ائين بہ آيو هو تہ هن کان جڏهن ڪامورن جا نالا پڇيا ويا تہ هُو ان وقت غسلخاني ۾ هو ۽ هن اتان ئي پئي نالا ڏسيا ۽ دادو ضلعي مان گهڻائي آفيسر برطرف ڪرايا.

برطرف ڪيل آفيسرن ۾ مسٽر محمد هاشم ميمڻ جنهن کي 06.03.1972 تي ڪمشنر خيرپور جي آفيس ۾، جيڪو اسسٽنٽ ڪمشنر هو ان کي پروموشن ڏئي خيرپور ضلعي جو ڊپٽي ڪمشنر ڪيو ويو هو، تنهن کي بہ هفتي بعد 13.03.1972 تي نوڪريءَ مان برطرف ڪيو ويو هو ۽ الهڏنو خان ميمڻ ڊپٽي ڪليڪٽر خيرپور سب ڊويزن کي بہ برطرف ڪيو ويو هو پر جيئن تہ ٻئي آفيسر نهايت ايماندار هئا، انهيءَ ڪري قائم علي شاهہ، هادي بخش لاڙڪ ۽ ڪن ٻين خيرپور جي پيپلز پارٽيءَ جي مڪيہ ليڊرن ڀٽي صاحب کي (جو ان وقت لاڙڪاڻي آيل هو) وڃي چيو تہ اهڙن ماڻهن کي برطرف ڪندوءُ تہ پارٽيءَ جي ڏاڍي بدنامي ٿيندي. جنهن تي ڀٽي صاحب برطرف ٿيل

آفيسرن کي اپيل ڪرڻ جو موقعو ڏنو. بعد ۾ ٻئي يعني محمد هاشم ميمڻ صاحب ۽ الله ڏنو ميمڻ صاحب ترت ئي نوڪريءَ تي بحال ڪيا ويا.

جنهن وقت قائم علي شاهه ۽ ٻيا پُٽي صاحب وٽ لاڙڪاڻي ويا هئا تہ خيرپور ڊويزن جو ڪمشنر صاحب A.Sami Qureshi بہ اتي اڳ ئي موجود هو. جنهن پڻ انهن ٻنهي آفيسرن جي ايماندار هجڻ جي تصديق ڪئي هئي. پُٽي صاحب اڳتي هلي ڊويزنل هيڊ ڪواٽر خيرپور کي ختم ڪري سکر کي ڊويزنل هيڊ ڪواٽر مقرر ڪيو.

ڪمشنر صاحب جڏهن لاڙڪاڻي کان واپس خيرپور آيو تہ مان ساڻس ملڻ ويو هيس تہ مونکي ٻڌايائين تہ هُو پنهنجو سامان پئڪ پيو ڪرائي ۽ ڪيس سندس پوسٽنگ آرڊر جي بہ ڪا خبر ڪانهي. خيرپور ڊويزنل هيڊ ڪواٽر ختم ٿيڻ تي نئين آيل ڊپٽي ڪمشنر تاج محمد قريشي صاحب کي ڪمشنر وارو بنگلو ۽ S.P خيرپور کي D.I.G وارو بنگلو ۽ نئين آيل ڊپٽي ڪليڪٽر کي S.P وارو بنگلو ڏنا ويا ۽ محمد هاشم ميمڻ ۽ الله ڏنو خان ميمڻ پنهنجن ساڳين بنگلن ۾ رهيا پيا هئا.

وڏيري پير بخش ٿُنيي پنهنجي هارين کي، جيڪي ذات جا گهٽو ڪري سڀ ڪلهوڙا هئا، انهن کي هارپ تان بيدخل ڪيو هو. جنهن جي خلاف متاثر هارين مون وٽ ٽيننسي ائڪٽ هيٺ درخواست ڪئي. مان سرزمين تي وڃي انڪوائري ڪئي ۽ گهوڙي تي چڙهي اهي سڀ سروي نمبر بہ ڏنا جن تان هاري بيدخل ڪيا ويا هئا ۽ بيدخل ٿيل سروي نمبرن جي هارين ۽ ڀرپاسي جي هارين جا بيان بہ ورتا، جن مان صاف ظاهر پئي ٿيو تہ هارين سان زيادتي ٿيل هئي ۽ هُو انهن سروي نمبرن جا حقيقي هاري هئا. مان سرزمين ڏسي واپس پئي آيس تہ سوپيديري ڀرسان واٽر ڪورس جي ريگيوليٽر وٽ پير بخش ٿُنيو وڏيرو (هو مون وٽ ايندو ڪندو هو) گڏيو. جنهن چانهہ جو بندوبست ڪيو هو ۽ گهٽي اسرار ڪري مان سندس چانهہ پيتي ۽ ڪيس بيان ڏيڻ لاءِ چيم. جنهن چيو تہ هو سُياڻي گمبٽ اچي بيان ڏيندو. مون ڪيس چيو تہ ناشتو مون وٽ اچي ڪجانءِ. هُو صبح جو مون وٽ جاءِ تي آيو ۽ چيائين تہ اوهان سان ڪجهہ مخفي ڳالهائڻو آهي. پوءِ اندر ڪوني ۾ وياسين تہ هن مونکي هادي بخش لاڙڪ، جيڪو پيپلز پارٽيءَ خيرپور ضلعي جو جنرل سيڪريٽري هو، ان جو خط ڏنو جنهن ۾ هن سندس (وڏيري پير بخش) جي پارٽ لکي موڪلي هئي. خط سان گڏ هن مونکي پئسا بہ ڏنا، جي مون کانئس نہ ورتا ۽ مان ڪونيءَ مان ٻاهر نڪتس تہ هُو بہ منهنجي پٺيان ٻاهر نڪري آيو. پوءِ اسان ناشتو ڪري ٻئي آفيس ۾ وياسين جتي مون سندس جيڪو بيان هيو، اهو لکي کانئس صحيح ڪرائي ان کي وڃڻ جي اجازت ڏني. مان تہ سرزمين تي ئي ڪيل انڪوائريءَ مان اڳ ئي انهيءَ نتيجي تي پهچي چڪو هيس تہ هارين کي بي واجبي بي دخل ڪيو ويو هو، انهيءَ ڪري مون فيصلا هارين جي حق ۾ ڪيا.

شام جو آفيس کان واپس آيس تہ انهيءَ ڏينهن مونکي پگهار جي تفاوت جا پئسہ اڍائي هزار کن روپيا مليا هئا. اهي مان وهاڻو مٿي کڻي اُن جي هيٺان پئي رکيا تہ ڏٺم تہ وهاڻي هيٺان اڳ ئي ڪي پئسا پيا هئا، جي ڳڻيم تہ چوڏنهن سو هئا، جن لاءِ پڪ ٿي تہ اهي وڏيري پير بخش ئي منهنجي ڪوٽيءَ مان ٻاهر نڪرڻ بعد پٺيان رکيا هوندا. مون پوءِ عبدالله لاڙڪ سپروائيزنگ ٽيپيدار جيڪو هادي بخش لاڙڪ جو عزيز هو، ان کي گهرائي اهي پئسا ڏنا تہ اُهي وڃي هادي بخش لاڙڪ کي ڏئي ۽ ٻڌائيس تہ اُهي پئسا وڏيرو پير بخش ٿُنيو رکي ويو هو، هادي بخش لاڙڪ ان ڳالهہ تي مون تي ڪاوڙيل هيو.

تعلقي مختيارڪار شاهبندر (ضلعہ ٺٽو)

ان وقت ڊپٽي ڪليڪٽر خيرپور سب ڊويزن مسٽر الله ڏنو خان نوڪريءَ تان لٿل هو ۽ نئون ڊپٽي ڪليڪٽر اڃا مقرر ڪونہ ٿيو هو ۽ سب ڊويزن جي چارج آغا الله ڏني خيرپور جي مختيارڪار کي هئي، جو هادي بخش لاڙڪ جي ويجهن ماڻهن مان هو. پير بخش تونيہ منهنجي ڪيل آرڊرن خلاف اُن وٽ اپيل ڪئي ۽ ڪيس 6000 روپيا ڏئي منهنجا آرڊر رد ڪرائي پنهنجي حق ۾ فيصلا ڪرايا.

يحيٰ خان پنهنجي صدارت واري ٽائيم ۾ ون يونٽ ٽوڙي ڇڏيو هو ۽ سيني (چئني) صوبن جي اصلي حيثيت بحال ٿي چڪي هئي ۽ جيئن ئي سنڌ وزارت ٺهي تہ قائم علي شاهہ روينيو کاتي جو وزير ٿيو، جنهن وزير ٿيندي ئي مونکي گمبٽ تعلقہ مان بدلي ڪري شاهبندر تعلقي جو مختيارڪار ڪيو دراصل اهو ڪم ڪانئس هادي بخش لاڙڪ ئي ڪرايو هو جو قائم علي شاهہ اٿندو ويهندو ئي هن جي چوڻ تي هئو. قائم علي شاهہ مشهور ائين ڪرايو تہ پير گل شاهہ (گمبٽ تعلقہ مان چونڊيل ايم پي اي) منهنجي خلاف هو، ان ڪري هن منهنجي بدلي ڪرائي هئي. منهنجو عيوضي اڃا مقرر ڪونہ ٿيو هو پر مان چارج ڇڏي آيس ۽ جاءِ تي وينو هيس تہ پير گل شاهہ ۽ مخدوم نيڪ محمد مون وٽ جاءِ تي آيا. ان وقت وراندي ۾ مون وٽ محسن راڻيپور وارو ۽ رسول بخش شيخ عريض نويس ويٺل هئا. پير گل شاهہ مونکي چيو تہ اوهان سان ڪجهہ مخفي ڳالهائڻو آهي پر مون چيومانس تہ پير صاحب خلاصو ڇا ڳالهائبو هتي بہ مختيارڪار هئس ۽ شاهہ بندر بہ مختيارڪار ئي ٿي وڃان ٿو. پوءِ هو ۽ مخدوم نيڪ محمد ٻئي هليا ويا. مان 20.07.1972 تي گمبٽ تعلقہ جي چارج ڇڏي هئي. پُٽي صاحب سرڪاري ملازم 13.03.1972 تي برطرف ڪيا هئا، جن ۾ محمد هاشم ميمڻ صاحب ۽ الله ڏنو خان ميمڻ صاحب بہ هئا.

13.03.1972 کان 20.07.1972 جي عرصي دوران مان جڏهن ڪنهن ميٽنگ يا ٻئي ڪم ڪار سانگي خيرپور ويندو هئس تہ مٿين ٻنهي صاحبن سان ضرور ملندو رهيس ۽ ڪافي دير تائين وٽن ويهندو هئس. ٻنهي جا بنگلہ هڪ ٻئي جي سامهون هوندا هئا ۽ وچ ۾ رڳو رستو هوندو هو. محمد

هاشم ميمڻ صاحب جن تہ خود هڪ دفعي اهڙو اظهار بہ مون لاءِ ڪيو هو تہ اهو واحد شخص ئي هيو جو نوڪريءَ مان لٿل عرصي دوران هنن وٽ ايندو هو پر خيرپور جو ڪو بہ ٻيو ماڻهو ڪونہ ايندو هو. مان گمبٽ تعلقي جي چارج ڇڏي 24.07.1972 تي شاهبندر وڃي چارج ورتي. مان گمبٽ ۾ ئي هئس جو مسٽر محمد هاشم ميمڻ اسسٽنٽ ڪمشنر صاحب (جنرل) مونکي چيو تہ پُٽي صاحب صدر وٽ سفير ۽ ٻيا مهمان اچڻا آهن جن کي هُو گمبٽ جا ڪيس تحفي ۾ ڏيڻ چاهي ٿو. انهيءَ ڪري گمبٽ مان ڪيس ڪڍائي ڪمشنر صاحب ڏانهن موڪل تہ هو پسند ڪري. گمبٽ ۾ حاجي صاحب ميمڻ جيڪو ڪيسن جو ڪاروبار ڪندو هو مان اُن کان ٻن چئن قسمن جا ڪيس گهُرائي ڪمشنر صاحب A.Sami Qureshi ڏانهن پسند ڪرڻ لاءِ موڪليا. هن پوءِ جيڪي گهٽ ۾ گهٽ قيمت 100 روپيا وارا 100 ڪيس لاڙڪاڻي موڪلڻ لاءِ چوائي موڪليو. پوءِ مون حاجي صاحب ڪيسن جي مالڪ کي چيو جو 100 ڪيس ڪڍي وڃي. ان وقت جي ڪليڪٽر مسٽر عبدالوهاب شيخ جن کي ڏئي. جنهن پوءِ 10,000 روپيين جو چيڪ حاجي صاحب جي نالي ڏياري موڪليو. اهي ڪيس توڙي جو گهٽ ۾ گهٽ قيمت وارا هئا تہ بہ ڏاڍا سُنا هئا. اڄ ان وقت وارو 100 روپئي وارو ڪيس 500 روپيين کان گهٽ نہ ملندو.

مان جڏهن شاهبندر تعلقي جي چارج ورتي تہ ڊپٽي ڪليڪٽر سجاول سب ڊويزن (شاهبندر تعقلہ بہ ان سب ڊويزن ۾ هو) مسٽر اشفاق احمد عباسي صاحب ۽ ضلعي ڪٽي جو ڪليڪٽر مسٽر علي محمد شيخ صاحب هو. تعلقہ هيڊ ڪواٽر لاڏيون هو پر مان اڪثر ڪري چوهڙ جماليءَ ۾ رهندو هوس، جو لاڏيون جڻ ٻهراڙي هيو ۽ ان ۾ ڪي چند گهر هئا پر چوهڙ جمالي ڪجهہ چڱو شهر هو ۽ واپار وڙو بہ اتي چڱو ٿيندو هو. لاڏين کان ٿوري پنڌ تي محمد يوسف خان چانڊيو جو ڳوٺ هو پر هو پاڻ اڪثر ڪري ڪٽي ۾ رهندو هو. سندس ڀاءُ باگو خان ۽ پٽ محمد موسيٰ خان پنهنجي ڳوٺ ۾ ئي رهندا هئا ۽ سندن واسطو مسلم ليگ سان هوندو هو پر ڪنهن ڪم ڪار لاءِ ايندا هئا تہ مان سندن ڪم ڪري ڏيندو هيس. حالانڪہ اهو دور پيپلز پارٽيءَ جي عروج واور دور هو. انهيءَ ڪري هو مون مان مڙئي راضي هوندا هئا. محمد خان سومرو صاحب ان وقت وزير هيو. هڪ دفعي هُو چوهڙ جمالي جي دوري تي آيو ۽ بنگلي تي ترسيل هو تہ مان بہ ان وٽ وينو هئس. S.P ڪٽو بہ هن سان گڏ آيل هو. عبدالستار ڪيهر، جيڪو اصل وينل ڪيهرن جي ڳوٺ ضلعي لاڙڪاڻي جو هيو پر شاهبندر تعقلہ ۾ ڇڇ جهان خان ڳوٺ ۾ پرسان هن زمينون ورتيون هيون ۽ ان ڳوٺ ۾ ئي اڪثر ڪري رهندو هو. اهو بہ وزير صاحب محمد خان سومري سان ملڻ چوهڙ جمالي بنگلي تي رسيو. هو ڏاڍو دلير هو ۽ وزير صاحب سان بہ چڙين هٿين محمد خان _ محمد خان ڪري ڳالهائي رهيو هو. ائين ڪندي ڪنهن ماڻهوءَ منهنجي خلاف وزير صاحب کي اچي درخوست ڏني. جا وزير پڙهي تہ عبدالستار ڪيهر اها درخوست ڪانئس وٺي پڙهي ۽ درخواست ئي ڦاڙي ڇڏي پر وزير صاحب ڪجهہ ڪونہ ڪُچيو.

مان گشت ۾ هڪ دفعو ڇڇ جهان خان بہ ويو هئس. شاهبندر تعقلي ۾ نانگن جو وڏو آزار هوندو هو. هڪ دفعي رات جو ڊپٽي ڪليڪٽر صاحب لاڏين ٽاٽي تي منهنجي لاءِ فون ڪئي تہ ان کي گهرايو تہ ساڻس فون تي ڳالهايان جو تعلقي آفيس ۾ فون ڪانہ هئي. مان فون تي ڊپٽي ڪليڪٽر صاحب سان ڳالهائي صوبيدار رانجهاڻيءَ سان گڏ ڪمري مان نڪتس تہ وراندي ۾ وڏو نانگ ويندي ڏٺو جو شايد ڪڙڪي ٻڌڻ تي موٽي اسان ڏي اچڻ لڳو ۽ اسان تڪڙا وڃي ڪمري ۾ ميز تي چڙهي بيٺاسين. صوبيدار پوءِ سپاهين کي سڏ ڪيو جن اچي نانگ ماريو. نانگن جون ڪيتريون ڳالهيون ڪجن جو اهي ڪٽڻ جون ناهن، جوڳي نانگ ڦاسائي بگليون ڀري ويندا ها تہ بہ ڪٽڻ جا نہ هئا.

هڪڙي دفعي مان ستاواه جي ڀرسان سرزمين ڏسڻ ويس تہ سپروائيزنگ ٽپيدار کي چيم تہ واهہ تي ڪو ڪوٽوار بيهاري ڇڏ تہ ڪا گاڏي اچي تہ اها روڪي تہ اُن ۾ واپس هلئون. مان سرزمين ڏسي موٽڻ وارو ئي هيس تہ ڪوٽوار اچي ٻڌايو تہ رئيس کي بيهاري آيو آهيان. مان آيس تہ ڏٺم تہ محمد يوسف خان چانڊيو پاڻ گاڏيءَ ۾ ويٺو هو. مون چيومانس تہ سائين توهان تڪليف ڇو ڪئي جنهن تي چيائين تہ مونکي اوهان سان ملڻ جو شوق هيو جو ڪيس سندس ڀاءُ ۽ پٽ ٻڌائيندا آهن تہ هن دور ۾ بہ اوهان اسانجا ڪم ڪندا آهيو. وڌيڪ ٻڌايائين تہ هُن قائم علي شاهہ کي منهنجي نالي چيو هو تہ هن کي ڪا سهوليت واري جاءِ ڏيو ها پر گسائي ويو ۽ چيائين تہ سندس پرموشن ٿيڻ وارو آهي. چوهڙ جماليءَ ۾ محمد الياس ميمڻ اچي ڪچهري ڪندو هو. هُو بيمار ٿي پيو ۽ اچي اسپتال داخل ٿيو. مان ڪراچيءَ ۾ هيس، ڪانئس سندس طبيعت پڇڻ ويو هيس پر ويچارو وفات ڪري ويو.

تعلقہ مختيارڪار ڪپرو (ضلعہ سانگهڙ)

چوهڙ جماليءَ ۾ پڪي ريڙهي تي ايئن ڪپندا هئا جيئن هتي سبزي. ٻن روپين ۾ جوڙي پڪين جي ملندي هئي. ڪراچيءَ جا ماڻهو گهڻا وٺي ويندا هئا. تعلقہ شاهبندر ۾ ڏينڌون تمام گهڻيون هونديون هيون جن ۾ پڪي اچي لهندا هئا. هڪڙي دفعي مسٽر محمد بخش شيخ ڊائريڪٽر اسيسمينٽ آيو تہ چيائين تہ ڪيس شاهبندر ڏيکاريان. مان ڪيس وٺي ويس تہ رڳو سمنڊ ئي سمنڊ هو ۽ هڪ ٻن مير بحرن جي جڳهين کان سواءِ ٻي ڪا بہ وسندي ڪانہ هئي.

مونکي امداد الله خان انڙ ڊپٽي ڪمشنر سانگهڙ D.O ڪري ڪپري تعلقي جو مختيارڪار ڪري رکرايو. مان شاهبندر ۾ 02.12.1972 تي چارج ڇڏي تاريخ 06.12.1972 تي ڪپري ۾ چارج ورتي. قاضي فيض راڄڙ پير پاڳاري صاحب جو خاص ماڻهو مون وٽ ڪمين ڪارين ايندو هو تہ ڪري ڏيندو هومانس، هو چوندو هو تہ هن دور ۾ اوهان ئي ٿا اسان جا ڪم ڪيو ٻيو ڪو جيڪر نہ ڪري.

هڪڙي دفعي خليفو عاقل پير صاحب جو خاص خليفو ملڻ آيو. ٻن ڏينهن کان پوءِ رمضان شريف جي عيد هئي، خليفي صاحب چيو تہ اسان جي ديهہ جي کنڊ اسانجي ماڻهوءَ جو نالو ڪٽي ٻئي کي ڏني اٿن. مان ڪلارڪ کان کنڊ جي ڊيپو ڪيپرن جي لسٽ گهرائي تہ برابر ائين هيو. مان ڪلارڪ کان پڇيو تہ لسٽ ۾ ڄاڻايل ماڻهو کنڊ جي پرمٽ وٺي ويو آهي. جنهن تي هن ٻڌايو تہ ڪونہ ڪٽي ويو آهي. مون خليفي صاحب کي چيو تہ اوهان کي کنڊ ڪپي تہ ماڻهو ڏسيو تہ پرمٽ ان جي نالي ڪڍي ڏيانوَ. هن نالو ڏنو جنهن کي مون خليفي صاحب واري ديهہ جي کنڊ جي پرمٽ ڪڍي ڏني.

پُٽو صاحب ان وقت صدر هو جو حيدرآباد ۾ ڊويزن جي ايم اين ايز ۽ ايم پي ايز جي ميٽنگ ڪوٺائي هُئائين، جنهن ۾ ڊپٽي ڪمشنر بہ ويا هئا. امداد الله خان انڙ ڊپٽي ڪمشنر صاحب جڏهن ميٽنگ تان موٽيو تہ مونکي چيائين تہ پُٽي صاحب جن ميٽنگ ۾ پڇيو تہ ماڻهن کي کنڊ چڱي طرح ملي ٿي تہ خليفي محمد عاقل ايم پي اي اٿي چيو تہ ها سائين سانگهڙ ضلعي ۾ صحيح نموني ملي ٿي، مون پوءِ صاحب موصوف کي خليفي عاقل واري مٿين سموري حقيقت ٻڌائي پر ان ڪجهہ اکر بہ ڪونہ ڪڍيو.

محمد عثمان چانهيو ڪپري ۾ ئي رهندو هو ۽ چڱو پلو زميندار ۽ نهايت شريف انسان هو. امداد الله خان انڙ جي شادي بہ سردار احمد خان جي نياڻيءَ سان انهن ئي ڏينهن ۾ ٿي هئي ۽ مونکي بہ دعوت ڏني هئائين. مان ڪيس تحفي ۾ گمبٽ وارو هڪڙو ڪيس ڏنو هو. جنهن لاءِ مون کان پڇيائين تہ اهو گهٽي مليو هيو. مان ٻڌايو مانس تہ سائين مان هزار روپيا وارو پئي گهرايو پر اهو نہ ملي سگهيو ۽ اهو 700 روپيا مليو هو جنهن مان اندازو لڳايم پئي تہ ڪيس پسند آيو آهي تڏهن تہ پڇي پيو.

مان ڪپري ۾ ئي مختيارڪار هيس جو مونکي پروموشن ڏئي ڪراچي ۾ ائڊيشنل سٽي مئجسٽريٽ ڪري رکيائون. مان پوءِ 30.01.1973 تي ڪراچي ۾ وڃي چارج ورتي.

**

ائڊيشنل سٽي مئجسٽريٽ ڪراچي

مان ڪپري تعلقي ۾ ئي مختيارڪار هئس، جو منهجو 16 گريڊ مان 17 گريڊ ۾ پروموشن ٿيو ۽ مون کي ائڊيشنل سٽي مئجسٽريٽ ڪراچي ڪري مقرر ڪيو ويو. لاڙڪاڻي ضلع جي ٽِن ٻين، قمرالدين ڀٽي، الله بخش انصاري ۽ نصير محمد ڀٽي کي به ائڊيشنل سٽي مئجسٽريٽ ۽ شمس الدين سومري کي Administrative officer to D.C Karachi ڪري مقرر ڪيو ويو هو.

ڪپري تعلقي ۾ تاريخ 26.01.73 تي چارج ڇڏي 30.01.73 تي ڪراچيءَ وڃي چارج ورتي.ان دور ۾ ڪراچي هڪ ئي ضلعو هيو ۽ ڪنور ادريس صاحب ڊسٽرڪٽ مئجسٽرٽ هو ۽ مئجسٽريٽن کي حد سماعت (ڪيسن ٻڌڻ جي ايريا Jurisdiction) اهو ئي ڏيندو هو. ڪراچيءَ جو ڪمشنر صاحب مسٽر پرويز احمد بٽ هو. پر ائڊيشنل سٽي مئجسٽريٽن جي ڪم ڪار تي ترت نظرداريءَ رکڻ لاءِ سٽي ائڊيشنل ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ مقرر هوندو هو. جنهن جي آفيس به سٽي ڪورٽس ايريا ۾ هوندي هئي.

منهنجي شروع ۾ چارج وٺڻ وقت مئڊم ثريا ٻاٽي هوندي هئي جا City A.D.M هئي پر هن جي اوچتو دلَ جي دوري باعث وفات ڪري وڃڻ سبب سيد مشرف علي صاحب City A.D.M ٿي آيو هو. شروعات ۾ مونکي ڪورنگي پوليس اسٽيشن جي، پوءِ ماڊل ڪالوني ٿاڻي جي ۽ پڇاڙيءَ ۾ C.I.A جي Jurisdiction ڏني وئي هئي. ان زماني ۾ سيشن ڪورٽ جي ٻڌڻ وارن ڪيسن جا چالان ائڊيشنل سٽي مئجسٽريٽن جي ڪورٽ ۾ پيش ڪيا ويندا هئا، جي ڪيس ۾ شاهديون وٺي پوءِ ڪيس سيشن ڪمٽ (سيشن ڪورٽ ۾ موڪلي ڏيندا هئا) ۽ پوءِ ڪيس اتي هلندا هئا. مونکي جيڪا پهريائين ڪورنگي ٿاڻي جي حد سماعت لاءِ مليل هئي، ان ايراضيءَ ۾ سيشن ڪورٽ جي ٻڌڻ وارن ڪيسن جهڙوڪ خون _ ڏاڙن وغيره ڏوهن جي وارداتن جي گهٽائي هوندي هئي.

اسان مختيارڪاريءَ مان پرموشن ملڻ وارن کان اڳ ٻٽي سڌا P.C.S آفيسر مسٽر جميل احمد صديقي، مسٽر بخشل خان گدارو ۽ شايد ته اسلم سنجراڻي به ائڊيشنل سٽي مئجسٽريٽ ڪري مقرر ڪيا ويا هئا. شروعات ۾ منهنجو رهڻ مسٽر عزيز الرحمٰن پنهنجي نياڻي وٽ ماڊل ڪالونيءَ ۾ هوندو هو. جتان لوڪل ٽرين جيڪا ملير ڪئنٽ کان ڪياماڙيءَ تائين هلندي هئي، ان ۾ ماڊل ڪالوني اسٽيشن تان چڙهي اچي ڪراچي سٽي اسٽيشن تي لهي پوءِ پيادل سٽي ڪورٽ وڃبو هو ۽ واپسي به لوڪل ٽرين ۾ ئي ٿيندي هئي.

ڪجهه عرصي بعد مسٽر الله بخش انصاريءَ جي ڪوشش سان گارڊن جي پرسان آفيسر هاسٽل ۾ هڪ ڪمرو ڪيس اسٽيٽ آفيسر عباسي صاحب الاٽ ڪري ڏنو. اهو اسٽيٽ آفيسر

ڪوٽڙيجيءَ جو وينل هو ۽ مسٽر الله بخش انصاري ڪوٽڙيجيءَ جو مختيارڪار رهي چڪو هو. ان ڪمري ۾ الله بخش انصاريءَ سان مان به گڏ رهندو هيس. پوءِ مونکي به الڳ ڪمرو الاٽ ٿي مليو ۽ مان اڪيلو ان ۾ رهڻ لڳس. اسان جي ڪمرن ڀرسان وارن ٻين ڪمرن ۾ مسٽر خدا بخش قاضي، مسٽر مولا بخش سانگي (لاڙڪاڻي وارو) مسٽر محمد صالح ميمڻ ائڊيشنل سيشن جج ۽ هڪڙي ٻئي ڪمري ۾ مسٽر محمد عمر قاضي ائڊيشنل ستي مئجسٽريٽ رهندا هئا ۽ ڪراچيءَ مان دادوءَ بدلي ٿيڻ تائين اتي آفيسرس هاسٽل ۾ ئي رهڻ ٿيو. اسان سڀ فرسٽ فلور تي رهندا هياسين.

هيٺ هڪ ڊبل ڪمرو مسٽر عبدالجبار بچاڻي صاحب پرزائيڊنگ آفيسر ليبر ڪورٽ (جيڪو پڻ ائڊيشنل سيشن جج جي عهدي جو هو) ان کي مليل هو جنهن ۾ هو فئملي سان رهندو هو. هو اڪثر ڪري منهنجي ڪمري ۾ مٿي اچي ويهندو هو ۽ ڪچهري ڪندا هئاسين، جو هو ڪاليج واري وقت کان وٺي ساڳي هاسٽل ۾ رهڻ ڪري گهڻو واقف هوندو هو. آفيسرس هاسٽل ۾ رهڻ واري وقت ۾ مان ۽ مسٽر الله بخش انصاري صبح جو ڪئنٽين ۾ ناشتو ڪري پيادل ستي ڪورٽ ويندا هئاسين، جو صبح جي ٽائيم ۾ سواري جو ملڻ مشڪل هوندو هو. باقي شام جو واپسيءَ وقت سپاهيءَ هٿان ڪا ٽئڪسي يا رڪشا گهرائي ان ۾ موٽندا هئاسين.

ڪيترا دفعا ڪورٽ ڏانهن پيادل ويندي مسٽر تاج محمد قريشي صاحب جنهن وٽ مان خيرپور ضلع ۾ سندس ڊپٽي ڪمشنر واري ٽائيم ۽ مختياڪار (گمبٽ تعلقي) ٿي رهيو هيس، اهو واڪ تان موٽندو هو ته ڪجهه ٽائيم پاڻ ۾ ڳالهائيندا هئاسين، هن کي ان وقت ڪٿي به پوسٽنگ نه هئي ۽ چوندو هو ممتاز علي ڀُٽو ڪيس ڪو پوسٽنگ آرڊر نه پيو ڏئي. سيد مظفر حسين شاهه اڳوڻو سنڌ اسيمبليءَ جو اسپيڪر صاحب ان ٽائيم ۾ وڪالت ڪندو هو. هو ۽ سندس سؤٽ يا عزيز وڪيل منهنجي ڪورٽ ۾ جوابدارن پاران خونن وغيره جي ڪيسن ۾ بچاءَ جي وڪيل طور ڪيسن جي پوئواري ڪندا هئا ۽ ٻئي نهايت هوشيار ۽ قابل وڪيل هئا ۽ انگريزي به فصيح ۽ رواني ۽ سان ڳالهائيندا هئا. سيد مظفر حسين شاهه جو اهو سؤٽ (يا عزيز) G.M SHAH وڪيل پوءِ ٻڌو هيم ته هاءِ ڪورٽ جو جج به ٿي رهيو هو. ڪرڪيٽ جي مئچن ۾ به ان وقت ۾ ظهير عباس ۽ آصف اقبال ٽاپ جا ڪرڪيٽ رانديگر هئا ۽ ٻئي ڏاڍي اعتماد (Confidence) سان کيڏندا هئا، ٻئي بئٽنگ ڪندا هئا.

هڪ دفعي مان ڪراچيءَ ٻئي ويس ته لانڍيءَ اسٽيشن تي ٽرين مان لهي مان ڏٺو ته ان ريلوي پٽڙيءَ تي ٻي نان اسٽاب ٽرين تيز رفتاريءَ سان اچي رهي هئي ۽ مان اڃا پٽڙيءَ تان ٽپيس ئي مس ته گاڏي اتان گذري وئي. مون کي ان ڏينهن خدا تعاليٰ ڄڻ نئين زندگي بخشي. ريلوي حادثن بابت اخبارن ۾ پڙهندو آهيان ته مونکي پاڻ وارو مٿيون نظارو ياد ايندو آهي ۽ دل ڏڪي ويندي آهي.

1973 ۾ جڏهن لاڙڪاڻي شهر کي ٻوڏ جو خطرو ٿيو ته مان پوري فئملي ڪراچيءَ وٺي اچي ماڊل ڪالونيءَ ۾ هڪڙي جڳهه جو تالو توڙائي ان ۾ رهائي. جاءِ جي مالڪ ته ان تي اعتراض ڪيو پر

مان هن کي خاطري ڪرائي تہ جاءِ ترت ئي خالي ڪري ويندس ۽ جاءِ تي قبضو ڪونہ ڪندس. ان وقت ماڊل ڪالوني پوليس اسٽيشن جي ڪيسن ۾ حد سماعت جي چارج مون کي هئي، ان ڪري پوليس مونکي ڪجھ نہ پئي چوي. پوءِ جيئن ئي ٻوڏ جو خطرو ٽري ويو تہ فئملي واپس لاڙڪاڻي ڏياري موڪليم ۽ جاءِ جي مالڪ کي گھرائي قبضو ڪيس ڏنم ۽ ان سان گڏ جاءِ ۾ رهڻ وارن ڏينهن جو ڪرايو 150 روپيا بہ پئي ڏنم، پر هن ڪرائي جا پئسا نہ ورتا.

هڪڙي ڏينهن منهنجي ڪورٽ ۾ هڪڙو وڪيل ضيغم حسين موسوي ڪنهن ڪيس هلائڻ لاءِ آيو. مان هن کي سڃاتو جو مان جڏهن پني عاقل ۾ مختيارڪار هيس تہ هو ڪجھ وقت اتي A.D.M هو برطرف ٿيل آفيسرن ۾ هيو. مون پنهنجي سرشتيدار (اتي پيشنگار سڏيندا هئا) ان کي چيم تہ مان ڪورٽ ۾ ڪم ختم ڪري چيمبر ۾ وڃان تہ ان وڪيل صاحب کي چئجانءِ تہ مون سان ملي، هو پوءِ مون وٽ آيو تہ مون کيس ٻڌايو تہ مان اوهان وٽ زيردست ٿي رهيو آهيان ۽ ڪو ڪم ڪار هجيوَ تہ چئجو ۽ جيتري مون کان ٿي سگهندي، اوهان جي مدد ڪندس.

مان پوءِ جڏهن سانگهڙ ۾ S.D.M هئس تہ هي ان دوران وري نوڪريءَ تي چاڙهيو ويو هو. سانگهڙ ۾ ڊپٽي ڪمشنر ٿي آيو. مان بنگلي تي سندس اچڻ جي انتظار ۾ ويٺو هئس تہ اچي تہ ملان، جو مان ضلع هيڊ ڪواٽر جو S.D.M هئس. هو جڏهن آيو تہ مان ساڻس هٿ ملايو تہ هٿ ملائي مونکي چيائين تہ هن مون کي ڪٿي ڏٺو آهي. پنهنجي لاءِ مون کيس نہ چيو تہ اوهان جو زيردست ٿي رهيو آهيان پر چيومانس تہ مان ڪراچيءَ ۾ ائڊيشنل سٽي مئجسٽريٽ ٿي رهيو آهان، اُتي اوهان ڏٺو هوندو (يعني مون کي هن سندس وڪيل واري دور ۾ ڏٺو هوندو.)

رمضان شريف جو مهينو هو جو مان ڪئنٽين ۾ روزي جي افطاريءَ وقت ماني پئي کاڌي تہ اوچتو محمد هاشم ميمڻ صاحب بہ آيو ۽ منهنجي سامهون اچي ويٺو. هن بہ ڪئنٽين ۾ ماني گھرائي پئي کاڌي تہ مان پڇيومانس تہ سائين اوهان هتي ڪيئن؟ جنهن تي ٻڌايائين تہ هن کي ڊئريڪٽر فوڊ ڪري رکيو اٿن پرسندس بنگلي جي مرمت جو ڪم پيو هلي، انهيءَ ڪري ٻن ٽن ڏينهن لاءِ هن آفيسر هاسٽل ۾ حالي في الحال فلاٽو ڪمرو ڏنو اٿن. مان کين چيو تہ اوهان هيٺ نہ ايندا ڪيو ۽ مان ڪئنٽين واري کي چئي ٿو ڇڏيان تہ سحري ۽ افطاريءَ واري ٽائيم تي اوهان کي ماني ڪمري ۾ موڪلي ڏيندو. بہ يا تي ڏينهن صاحب موصوف جن اتي هاسٽل ۾ رهيا ۽ پوءِ پنهنجي بنگلي ۾ وڃي رهيو.

1973 ۾ ذوالفقار علي ڀٽي صاحب جن اسلامي ملڪن جي سربراهن جي ڪانفرنس ڪوٺائي هئي، جيڪا اسان هاسٽل ۾ T.V تي ڏٺي پئي، مون ڏٺو تہ سعودي عرب جي بادشاهہ شاهہ فيصل جن کان زياده اهميت ليبيا جي معمر قذافيءَ کي پئي ملي پر ٻيا جيڪي اتي ويٺا هئا، هنن اهو محسوس ڪيو يانہ ۽ نہ وري مان ان باري ۾ ساڻن ڪا گفتگو ڪئي.

ڪورٽ هلندي هڪڙي ڏينهن مان ڪيس ڪنيون جنهن ۾ هڪ عورت جوابدار هئي، جوابدار جي نالي پڪارڻ لاءِ پٽيوالي ٻاهر نالو پڪاريو تہ اها عورت ڪورٽ ۾ ئي ويٺي هئي، سا اُٿي بيٺي، اها قداور نهايت حسين ۽ سهڻي هڏ ڪاٺ واري هئي، ان تاريخ تي هوءَ عورت منهنجي ڪورٽ ۾ پهريون دفعو Appear ٿي هئي. ان ڪيس ۾ فريادڻ بہ هڪ ڇڪي عمر واري عورت هئي، جنهن جي گهر تي ان جوابدار عورت زوريءَ قبضو ڪيو هو. ان تاريخ تي ان ڪيس جو ڪو بہ شاهد ڪونہ هو. انهيءَ ڪري ڪيس ڪونہ هليو ۽ ڏرين کي شنوائيءَ جي ٻي تاريخ ڏني وئي ۽ هو ٻئي عورتون هليون ويون. مون کي پنهنجي پيشنگار ٻڌايو تہ ان جوابدار عورت جا ڄام صادق عليءَ سان تعلقات آهن ۽ انهيءَ جي پشت پناهيءَ جي ڪري هن فريادڻ عورت جي گهر تي زوريءَ قبضو ڪيو آهي. مون کي پوءِ ترت ئي ٻئي ٿاڻي جي حد ڏني وئي، انهيءَ ڪري اهو ڪيس منهنجي وقت ۾ ڪونہ هليو.

جڏهن ڪنهن سرڪاري ملازم خلاف رشوت جي الزام سبب اينٽي ڪرپشن پوليس کي ان ملازم تي ڇاپو هڻڻ هوندو هو تہ هميشہ هنن کي پاڻ سان مئجسٽريٽ ساڻ وٺي وڃڻو پوندو هو ۽ اڪثر ڪري ڪونہ ڪو واري سان ائڊيشنل سٽي مئجسٽريٽ ساڻ ڪٽندا هئا.

هڪڙي ڏينهن مون وٽ ڪورٽ ۾ اينٽي ڪرپشن پوليس جو هيڊ ڪنسٽيبل ليٽر ڪڍي آيو جنهن ۾ ڄاڻايل هو تہ مان سياڻي اينٽي ڪرپشن پوليس سان گڏ ڇاپي هڻڻ لاءِ هلان، جنهن لاءِ مون کي هنن وٽ سندن آفيس ۾ وڃڻو هو. جتان پوءِ هنن سان گڏ ڇاپي هڻڻ لاءِ وڃڻو هو. مون ان هيڊ ڪنسٽيبل کي چيو تہ مان گارڊن جي پرسان آفيسرس هاسٽل ۾ فلاڻي نمبر ڪمري ۾ رهندو آهيان ۽ جيئن تہ صبح جي وقت ۾ سواري ڏاڍي ڏکي ملندي آهي، ان ڪري ٽئڪسي ڪرائي اچجان تہ ان ۾ گڏجي اينٽي ڪرپشن وارن جي آفيس ۾ هلنداسين ۽ ٽئڪسيءَ جو ڪرايو مان پاڻ ڀريندس. صبح جو اهو هيڊ ڪنسٽيبل مون وٽ آيو جنهن کان مون پڇيو تہ ٽئڪسي آندي اٿئي؟ جنهن تي چيائين تہ رڪشا آندي اٿم. مون کيس چيو تہ تو هيڊ ڪنسٽيبل سان مان رڪشا ۾ نہ هلندس ۽ مان پندرهن ويهہ منٽ ترسان ٿو تہ تون وڃي ڪا ٽئڪسي وٺي اچ ۽ جي انهيءَ ٽائيم تائين نہ آئين تہ مان پوءِ ڪورٽ هليو ويندس. هيڊ ڪنسٽيبل جيئن تہ پيدا ڪونہ ٿيو. انهيءَ ڪري مان سٽي ڪورٽ هليو ويس ۽ وڃڻ سان مون اها ساري حقيقت سٽي اي ڊي ايم City A.D.M سيد مشرف عليءَ جن کي ٻڌائي تہ اوهان اسان جا آفيسر آهيو. انهيءَ ڪري اينٽي ڪرپشن وارن جي مئجسٽريٽ سان اهڙي رويي جي اوهان کي ڄاڻ ڏيڻ آيو آهيان. بس ڪلاڪ ڏيڍ کن گذريو تہ سڄي سٽي ڪورٽ ۾ ڏمڪر مچي ويو تہ اينٽي ڪرپشن وارا آيا آهن. انهيءَ ڪري سڄو عملو چوڪس ٿي ويو. جيئن ئي اينٽي ڪرپشن وارا موٽي ويا تہ ڪورٽن جو ماحول بہ ٺيڪ ٿي ويو ۽ مان پنهنجي ڪورٽ مان اٿي وڃي City A.D.M صاحب جن سان مليس ۽ پڇيم تہ سائين اينٽي ڪرپشن وارا ڪيئن آيا هئا؟ جنهن تي ٻڌايائين تہ منهنجي ساڻس ڪيل حقيقت جي ڪري هن اينٽي ڪرپشن جي D.S.P (ڊي ايس پي) ۽ انسپيڪٽرن وغيره کي گهرائي سخت ڇنڊ پٽي آهي ۽ صاف ٻڌايو

اٿائين تہ جيڪڏهن اوهان مئجسٽريٽن سان اها روش هلندا تہ هڪ بہ مئجسٽريٽ نہ ڏيندس. اهو ڏينهن ٿيو جو پوءِ مان جيترو بہ عرصو ڪراچيءَ ۾ رهيس، مونکي وري ڪڏهن بہ ليٽر نہ لکيائون تہ ساڻن ڇاپي هڻن لاءِ گڏجي هلان.

بخشل خان گراري ائڊيشنل سٽي مئجسٽريٽ کي پريڊي ٿاڻي جي حد هوندي هئي، جنهن ۾ ڊانسنگ ڪلب چڱا هوندا هئا. هڪڙي ڏينهن مون کي ۽ پنهنجي هڪ دوست کي هڪ ڊانسنگ ڪلب ۾ وٺي ويو. ڊانس ڏسندڙن لاءِ مٿي گئلري هئي ۽ رقاصائن (Dancing girls) جي ڊانس ڪرڻ لاءِ هيٺ اسٽيج ٺهيل هئي، جنهن تي هو ڊانس ڪنديون هيون. هر هڪ ڊانسنگ گرل واري واري سان اچي ناچ ڪنديون هيون.

جڏهن آخري ڊانس ختم ٿي تہ بخشل خان گراري ۽ سندس دوست اٿي اڳ ۾ هلڻ لڳاا ۽ مان انهن کان ٿورو پوئتي هئس تہ انهيءَ دوران اها آخري رقاصہ مٿي گئلري ۾ اچي منهنجو اڳ وٺي بيهي رهي ۽ چيائين تہ ڪيس پاڻ سان گڏ وٺي هلان. مون گهڻو ئي گسايو پر هن رستو روڪي بار بار اهو اسرار پئي ڪيو تہ مان ڪيس گڏ وٺي هلان. آخري مون هن کي اهو ڏٽو ڏنو تہ ٻاهر دوست منهنجو انتظار ڪندا هوندا، انهيءَ ڪري انهن کي روانو ڪري موٽي اچي توکي وٺي ٿو هلان. هوءِ پوءِ رستي کان هٽي بيٺي۽ مان اچي گراري صاحب ۽ سندس دوست سان گڏ هليو ويس. بهرحال مون هنن سان مٿيون ذڪر ڪونہ ڪيو.

ان دور ۾ ڪراچيءَ ۾ هر نئين سال جي پهرين تاريخ تي جشن ملهايو ويندو هو ۽ ڪيترن وڏين هوٽلن ۾ خواهہ نائيٽ ڪلبن ۾ ڊانس جا پروگرام رکيل هوندا هئا. تاريخ 01.01.74 رات جو مان هاسٽل ۾ پنهنجي ڪمري ۾ ويٺو هئس تہ مخدوم نيڪ محمد کهڙا درگاهہ (تعلقي گمبٽ) جو گادي نشين اوچتو اچي نڪتو. (جيئن تہ مان گمبٽ ۾ مختيارڪار ٿي رهيو هيس تہ هن سان چڱو رستو هيو. هن پوءِ مون کي ڏاڍو زور ڀريو تہ اڄ رات ڪنهن هوٽل ۾ هلي ڊانس ڏسون. مون تہ پهريان ڪيس انڪار ڪيو پر هن جي اسرار تي اسان ٻئي سندس ڪار ۾ ڊانسنگ پروگرام ڏسڻ لاءِ تاج محل هوٽل ۾ وياسين، جنهن هال ۾ ڊانسنگ جو پروگرام رٿيل هو. اهو ڪافي ڪشادو هو. جنهن ۾ پروگرام ڏسڻ لاءِ ايندڙن واسطي ڪرسيون رکيل هيون ۽ ڊانسنگ جي اسٽيج بہ لڳ هئي، پروگرام شروع ٿيڻ سان رقاصائون واري واري سان اچي ڊانس ڪنديون رهيون، جي سڀ نهايت سنهڙيون هيون. آخري ۾ هڪ نهايت جوان، حسين، قداور ۽ سٽي هڏ ڪاٺ واري رقاصہ صرف پنهنجو سينو ۽ شرمگاهہ ڍڪي باقي ساري ننگي جسم اسٽيج تي اچي نمودار ٿي ۽ ڪجهہ وقت بعد هن اسٽيج تي ليٽي ڊانس ڪرڻ شروع ڪيو. جو هن ڪنهن مهل سڌي سمهي، ڪنهن مهل پاسي ڀر ۽ وري ڪنهن مهل اونڌي سمهي باقي ٽائيم ڊانس ڪيو. جنهن کي ڪوبرا ڊانس پئي چيائون. هن جي ڊانس ختم ٿيڻ بعد سڀ پنهنجي ماڳ هليا ويا، پروگرام ڏسڻ لاءِ ٽڪيٽ 120 روپيا في ماڻهو هئي.

مون کي آخري جڏهن C.I.A جي Jurdiction ملي تہ سڄي ڪراچي شهر جا C.I.A وارن جي ڪيسن جا چالان منهنجي ڪرٽ ۾ پيش ٿيندا هئا ۽ ڪيس هلندا هئا. هڪڙي ڏينهن ڪورٽ ۾ ڪيسن هلائيندي منهنجي نظر ڪورٽ اندر ويٺل هڪ نهايت حسين عورت تي پئي، جا سٺي رطوبت ۽ شڪل شباهت ۾ بہ سهڻي، بت ۾ ڪجهہ ڀريل ٿي ڏٺي، سندس بدن تي ڪافي سونا زيور بہ پاتل هئا. مون پنهنجي پيشگار کان پڇيو تہ اها خوبصورت عورت ڪير آهي؟ تہ هن ٻڌايو تہ اها اڄ هڪ ڪيس ۾ جوابدار آهي.

ڪجهہ ڪيسن هلائڻ بعد مون جڏهن ان جو ڪيس کنيون تہ ڏٺم تہ هوءَ مينا نالي عورت هئي ۽ چالان ۾ مٿس اهي الزامن وارا سيڪشن هئا تہ هوءَ پاڻ فاحش عورت آهي ۽ فحاشيءَ جو اڏو بہ هلائيندڙ آهي. ان مينا جو اڏو مشهور هو ڪيس گهڻي وقت کان هلندڙ هو پر ڪو بہ شاهد پيش ڪونہ ٿيندو هو. انهي ڪري ٻن ٽن شنوائين بعد مون ڪيس خارج ڪري ڇڏيو جو قانون ۾ اهڙي گنجائش هئي.

منهنجي پوءِ ڪراچيءَ مان اوچتو بدلي ٿي جنهن لاءِ مون نہ ڪنهن کي چيو هو ۽ نہ ڪا ڪوشش ورتي هيم پر عبدالحميد خان جتوئي (جيڪو هاءِ اسڪول ميهڙ ۾ ڪلاس فيلو هو) ان ازخود مونکي پنهنجي ضلعي دادوءَ ۾ اڳئين A.D.M مسٽر حامد علي ميمڻ جي بدلي ڪرائي مون کي ان جي جڳهہ تي A.D.M Dadu مقرر ڪرايو.

عبدالحميد خان جتوئيءَ دادوءَ جي ڪليڪٽر علي ڏني خان پنهور جن کي بہ بدلائي ان جي جڳهہ تي مسٽر محمد هاشم ميمڻ صاحب جن کي ان جي جڳهہ تي رکرايو ۽ الهڏني خان هيسباڻيءَ کي دادو سب ڊويزن (جيڪا چئن تعلقن دادو، جوهي، خيرپورناٿن شاهہ ۽ ميهڙ تي مشتمل هئي) جو ڊپٽي ڪليڪٽر ڪري رکرايو.

ان وقت سنڌ جو چيف منسٽر مسٽر غلام مصطفيٰ خان جتوئي صاحب جن هئا، جنهن سان عبدالحميد خان جتوئي جا سياسي لحاظ کان علاوه هونئن بہ گهڻي وقت کان گهاٽا تعلقات هوندا هئا، ايتري قدر جو جيتوڻيڪ سندس همشيره مسٽر عاشق حسين جتوئي پير محمد خان جتوئيءَ جن جي پٽ سان پرڻيل هئي، تڏهن بہ انهن بنسبت غلام مصطفيٰ جتوئي، عبدالحميد خان جتوئيءَ کي وڌيڪ ترجيح ۽ اهميت ڏيندو هو ۽ دادو ضلع ۾ اڪثر ڪري آفيسر بہ سندس پسند وارا رکندو هو.

منهنجي جڏهن ڪراچيءَ مان بدلي ٿي تہ قاضي محمد اشرف وڪيل منهنجي، فاروقي هوٽل ۾ منجهند جي مانيءَ جي دعوت ڪئي هئي ۽ چيوهيائين تہ هو ۽ سندس دوست سيوهڻ شريف حضرت لعل شهاز قلندر جن جي عرس مبارڪ جي موقعي تي ايندا. مون چيومانس تہ پلي اچجو ۽ جيڪا خدمت ٿي سگهي تہ انشاءَ الله ان ۾ ڪمي ڪانہ ڪبي. عرس مبارڪ بہ ويجهن ڏينهن ۾ هيو. ڪراچيءَ ۾ منهنجو ٻئي وڪيل مسٽر غلام مصطفيٰ ميمڻ سان بہ سُنو رستو هوندو هو ۽ هڪ دفعي ٻارن سميت مون وٽ لاڙڪاڻي بہ آيو هو.

ڪراچيءَ ۾ 11.04.74 تي چارج ڇڏي 17.04.74 تي دادوءَ ۾ ائڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر (A.D.M) جي چارج ورتي. مسٽر محمد هاشم ميمڻ صاحب جن مون کان تي چار ڏينهن اڳ دادوءَ ۾ ڊپٽي ڪمشنر جي چارج ورتي هئي. الله ڏني خان هيسباڻيءَ بہ ڊپٽي ڪليڪٽر دادو سب ڊويزن جي چارج اچي ورتي.

عبدالحميد خان جتوئي اڪثر ڪري هر سومر ڏينهن ماڻهن جي ڪمن ڪارين ڪرائڻ لاءِ دادوءَ ايندو هو ۽ ڪم ڪرائي وري واپس ڳوٺ ٻيٽي هليو ويندو هو. ڪيس دادوءَ ۾ پنهنجي ذاتي جڳهہ شاهاڻي محلي ۾ هوندي هئي پر اتي رات ڪڏهن قسمتي ترسندو هو. هڪڙي سومر تي جڏهن هو دادوءَ آيو تہ مون وٽ بہ آفيس ۾ آيو ۽ چيائين تہ هو منهنجو آرڊر ڊپٽي ڪليڪٽر دادو پيو ڪرائي، پر محمد عثمان ٻٽ چيو تہ الله ڏني هيسباڻيءَ جو ڊپٽي ڪليڪٽر جو ۽ منهنجي لاءِ چيائين تہ ان جو A.D.M جو آرڊر ڪرائي. مان چيومانس تہ مان هت بہ ٺيڪ آهيان ۽ راضي آهيان. (مان تہ ڪراچيءَ ۾ ڏاڍو بيزار هيس انهيءَ ڪري ائڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر جي پوسٽ الله تبارڪ و تعاليٰ جي طرفان غنيمت سمجهيو هو.)

مان جنهن ڏينهن دادوءَ ۾ A.D.C (ائڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر) جي چارج وٺي اجا ڪرسيءَ تي ويس مس، تہ غلام نبي کوهارو سپروائيزنگ ٽيپيدار بنان ٻڌائڻ ۽ ملڻ لاءِ اچڻ جو اطلاع ڪرائيندي منهنجي سامهون ڪرسيءَ تي اچي ويٺو. اها ڳالهہ مونکي تہ نہ وڻي پر هن کي چيم ڪجهہ ڪونہ باقي نہ مون هن سان ڳالهايو نہ وري هن ڏانهن ڪو توجهہ ڏنم. ٿوري جهٽ ويهي پوءِ ازخود اٿي هليو ويو. هن پوءِ منهنجي چاچي غلام محمد جنهن جي دادو ضلع ۾ نوڪري ڪيل هئي ۽ مختيارڪاري تان رٽائر ٿي رهندو بہ دادوءَ ۾ ئي هيو، ان سان اها ڳالهہ ڪئي. چاچي غلام محمد مون سان اهو ذڪر ڪيو تہ مون چيومانس تہ چاچا جيڪڏهن هڪڙي سپروائيزنگ ٽيپيدار کي پاڻ وٽ ڪرسيءَ تي ويهاريندس تہ پوءِ ڪنهن کي انڪار ڪندس. مونکي سيني سان هڪ جهڙو رويو رکڻو پوندو. چاچو غلام محمد پوءِ بس ٿي ويو ۽ وڏيڪ ان باري ۾ ڪو بحث ڪونہ ڪيائين. مونکي خبر پئي تہ غلام نبي کوهارو اڳئين A.D.C وٽ گهڻو ايندو ڪندو هو ۽ اچي ڪرسيءَ تي ويهندو هو پر هو منهنجو رخ ڏسي وري ڪڏهن بہ مون وٽ ڪونہ آيو.

منهنجي چارج وٺڻ کان پوءِ ترت ئي حضرت لعل شهباز قلندر جن جو ساليانو ميلو شروع ٿيڻ وارو هو. انهيءَ ڪري ميلي ۾ ضروري بندوبست ڪرڻ جي باري ۾ ميلا ڪاميٽيءَ جون بہ ٽي ميٽنگون ٿيون، جنهن ۾ ميلي جي بندوبست کي آخري شڪل ڏني وئي. ان ميٽنگ ۾ گهڻو ڪردار مسٽر عبدالقادر چنہ جو هيو ۽ هو ڪجهہ سالن کان اهو ڪردار ادا ڪندو ايندو هو. سموري لکپڙهہ يا واسطيدارن سان ملڻ هن جي حوالي هوندو هو.

ڊپٽي ڪمشنر صاحب مونکي چيو تہ اديبن، فنڪار وغيره جي رهائش جو ۽ آخري رات جي راڳ رنگ واري پروگرام لاءِ سيٽن جو بندوبست تون ڪجان! ٻيو بندوبست ڪرڻ ڪو اهم مسئلو

ڪونہ هو پر مون کي اهو ٻڌايو ويو هو تہ پوئين رات واري پروگرام ۾ شاگرد سيٽن تي گهڻو گوڙ ڪندا آهن. مون انهيءَ ڪري ٻن چئن شاگردن جي اڳواڻن کي گهرائي چيو تہ اوهان پهرين قطار ۾ جيڪي صوفا سيٽ خاص مهمانن لاءِ رکيا ويندا، انهن تي نہ ويهجو باقي انهن صوفا سيٽن جي هڪدم پٺيان اوهان کي ڪرسيون رکرائي ڏبيون ۽ اوهان اتان سڀ ڪجهہ چڱي طرح ڏسي ۽ ٻڌي سگهندو. انهن تي ويجهو جو هنن قبول ڪيو ۽ ائين سيٽن تي گوڙ ڪرڻ وارو مسئلو حل ٿي ويو ۽ ان پوري پروگرام ۾ شاگردن ڪوبہ هُل هنگامو ڪونہ ڪيو. رات واري راڳ جي پرورگرام لاءِ عابده پروين سميت ٻيا بہ چڱا فنڪار آيل هئا.

اڄان پروگرام شروع ڪونہ ٿيو هو، جو مون کي هڪڙي ماڻهوءَ اچي ٻڌايو تہ اوهان جا مهمان آيا آهن، جي ٻاهر بيٺا آهن ۽ اوهان کي ٻڌائڻ لاءِ چيو اٿن. مان ٻاهر نڪري آيس تہ قاضي محمد اشرف وڪيل، آخوند نظير احمد ائڊيشنل سيشن جج ۽ ٿيون انهن جو دوست آيل هئا. انهيءَ دوران پهرين قطار ۾ رکيل سڀ صوفا سيٽ ڀرجي ويا هئا. مان کين اندر وٺي آيس ۽ چيومان تہ اوهان ديڪئي آهي ۽ فرنٽ واري قطار ۾ رکيل صوفن تي آفيسر ويهجي ويا آهن ۽ ڪنهن کي اٿارجي ڪيئن. انهيءَ ڪري اوهان چئو تہ ٿي ڪرسيون اوهان کي اسٽيج جي ڀرسان رکائي ڏيان، جو هنن قبول ڪيو. انهيءَ کان بعد مون هنن کي ٿي ڪرسيون رکرائي ڏنيون، جتان هو پروگرام چڱيءَ طرح ڏسي (Enjoy) ڪري رهيا هئا ۽ پروگرام ختم ٿيڻ بعد هو ڪراچيءَ واپس روانا ٿي ويا.

ان پروگرام ۾ عبدالوحيد ڪٽپر وزير بہ آيل هئو جڏهن پروگرام ختم ٿيو تہ ڪي ماڻهو وزير صاحب کي پنهنجا ڪي ڪم ڪاريون چوڻ لڳا تہ ڪٽپر صاحب منهنجي ڪُلهي تي هٿ رکي، هنن کي چيو تہ هي مُنهنجو ڀاءُ اٿوَ ۽ اوهان هن ڏي ويججو تہ اوهان جا ڪم ڪري ڏيندو. ڪٽپر صاحب ڀوءِ روانو ٿي ويو.

ڪٽپر صاح جو ذڪر نڪتو آهي تہ هن جي ڀاءُ (مون) سان ڪيل ڀلائيءَ جو بہ ذڪر اتي ئي ڪري ڇڏڻ مناسب ٿو سمجهان. منهنجو پٽ غلام ياسين لاڙڪاڻي چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج ۾ پڙهندو هو، هن چيو تہ سندس (Migration) تبديلي لياقت ميڊيڪل ڪاليج حيدرآباد ڏي ڪرائي ڏيو. ڪٽپر صاحب ان وقت صحت کاتي جو وزير هيو. مان پٽڪو ٻڌي ان ڪم واسطي ڪراچيءَ وڃي ساڻس مليس، هو ان وقت سنڌ ميڊيڪل ڪاليج ڪراچيءَ ۾ ڪا فنڪشن رکيل هئي، اوڏانهن پئي ويو. مون ساڻس پنهنجي مٿين ڪم جو ذڪر ڪيو تہ خشڪ جواب ڏئي ڇڏيائين تہ اهو ڪم نہ ٿي سگهندو. پوءِ ڪار ۾ جنهن مهل ويهي پيو تڏهن چيائين تہ چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج جي پرنسپال کان سفارش ڪرائي اچو تہ پوءِ ڏسندس. مان پوءِ موٽي اچي دادوءَ لٿس جو منهنجي طبيعت نيڪ نہ هئي، اتان مان پنهنجي پٽ ياسين کي فون ڪئي تہ اتان پرنسپال کان سفارش ڪرائي ڪاغذ مونکي دادوءَ ڏئي وڃ تہ هتان ڪٽپر صاحب ڏي مان ڪٽي ويندس. هو سفارش ڪرائي ڪاغذ

مونکي دادوءَ ڏئي ويو جي مان ڪٽي ڪٽپر صاحب ڏي وري ويس، پر ڪم ڪرڻ کان صاف انڪار ڪري ڇڏيائين.

(ڪٽپر صاحب ۽ مان ميهڙ ۾ جڏهن هاءِ اسڪول ۾ پڙهندا هئاسين تہ هو مون کان هڪ سال سينيئر هيو ۽ ساڳي بورڊنگ هائوس ۾ رهندا هئاسين ۽ وري جڏهن ڪراچي ڪاليج ۾ پڙهندا هئاسين تہ ساڳي هاسٽل ۾ رهندا هئاسين.)

ميهڙ ۾ ڪو آپريٽو بئنڪ جنهن جو چيئرمين عبدالحميد خان جتوئي هيو ان بلڊنگ جي گرائونڊ فلور تي جمع جتوئي هوٽل هلائيندو هو ۽ مٿي فرسٽ فلور تي بئنڪ هئي. خبر ناهي تہ جمع جتوئيءَ ڪنهن کان اجازت وٺي هوٽل کوليو هو يا زوريءَ قبضو ڪري هوٽل هلائڻ شروع ڪيو هو. بهرحال عبدالحميد خان جتوئيءَ هيسباڻي صاحب S.D.M دادوءَ کي چيو تہ جمع جتوئيءَ کان گرائونڊ فلور خالي ڪرائي ڏي. هيسباڻي صاحب قبضي ڇڏائڻ لاءِ ويو تہ جمع جتوئيءَ عاشق حسين جتوئي سان فون تي ڳالهايو (عاشق حسين جتوئي پير محمد خان جتوئيءَ جو پٽ هو ۽ غلام مصطفيٰ خان جتوئي چيف منسٽر صاحب جو پيٽيويو هو). عاشق حسين جتوئي S.D.M هيسباڻي صاحب کي چيو تہ اهو قبضو نہ ڇڏائي، جنهن تي هو قصو لئي مٿي ڪري موٽي آيو. جنهن تي عبدالحميد خان هن تي ڏاڍو ناراض ٿيو. هڪڙي ڏينهن عبدالحميد خان جڏهن دادوءَ آيو تہ مون وٽ بہ آيو ۽ اچي چيائين تہ هيسباڻيءَ سندس ڪم ناهي ڪيو انهيءَ ڪري هو هن جي بدلي ڪرائيندو ۽ ان جي جاءِ تي منهنجو S.D.M جو آرڊر ڪرائيندو. اها ڳالهہ مون ڊپٽي ڪمشنر محمد هاشم صاحب جن کي ٻڌائي ڇڏي.

اٽڪل ٻن مهينن بعد منهنجو دادو سب ڊويزن جي S.D.M (ڊپٽي ڪليڪٽر) جو آرڊر ٿيو ۽ ان سان گڏوگڏ اهو بہ آرڊر ٿيو تہ A.D.M جي چارج بہ في الحال مون وٽ ئي هجي. هيسباڻي صاحب چارج مونکي ڏني ۽ هو صبح جو دادوءَ مان سوير روانو ٿي وڃڻو هو. اهو رمضان شريف جو مهينو هو ۽ مان روزو رکي ڪانئس موڪلائڻ ويس. هن ٻڌايو تہ سندس بنگلي جي چابيءَ لاءِ ڊپٽي ڪمشنر صاحب چيو آهي تہ اها دادوءَ جي مختيارڪار کي ڏئي وڃجان. سو وڃڻ وقت هو چابي ان کي ڏئي ويندو. مان ڪانئس موڪلائي گهر آيس ۽ جنهن وقت آفيس پئي ويس تہ ڪوٽوار جنهن کي مختيارڪار ان بنگلي تي ترسائي ڇڏيو هو ان اچي ٻڌايو تہ سائين عنايت الله ڀٽو ائڊمنسٽريٽر ميونسپالٽي دادو بنگلي جا تالا توڙي پنهجو سامان اچي رکيو آهي. مان آفيس وڃڻ بدران اڳ ۾ ان بنگلي تي ويس ۽ عنايت الله کي چيم تہ اوهان کي جڏهن ڪوٽوار ٻڌايو بہ تہ بنگلي جي چابي ڊپٽي ڪمشنر صاحب جي چوڻ مطابق هيسباڻي صاحب مختياڪار کي ڏئي ويو آهي تہ پوءِ اوهان تالا ڀڃي سامان ڇو اچي رکيو آهي. جنهن تي چيائين تہ بنگلو ميونسپالٽيءَ جو آهي، انهي ڪري هو ان ۾ رهندو، پر مون سندس سامان پٽيوالي ۽ ڪوٽوارن کان بنگلي مان ڪڍرائي ٻاهر اڇلائي ڇڏيو ۽ آفيس هليو ويس. عنايت الله ڀٽي پوءِ ڊپٽي ڪمشنر صاحب وٽ منهنجي خلاف شڪايت اچي

ڪئي تہ سندس سامان ٻاهر اڇلرائي ڇڏيو اٿائين. ڊپٽي ڪمشنر صاحب مونکي گهرايو ۽ حقيقت پڇيائيون مون صاحب موصوف جن کي ٻڌايو تہ ڪوٽوار هن کي ٻڌايو تہ هيسباڻي صاحب ڊپٽي ڪمشنر صاحب جي چوڻ موجب بنگلي جي چابي مختيارڪار کي ڏئي ويو آهي، ان جي باوجود هن تالا ڀڃرائي اچي سامان رکيو هو، انهيءَ ڪري ئي مون اهو ٻاهر اڇلرائي ڇڏيومانس. ڊپٽي ڪمشنر صاحب اتي عنايت الله ڀٽي کي چنڊ پٽي تہ تو تالا ڇو ٽوڙايا، جنهن بعد عنايت الله مون کان معافي ورتي ۽ پاڻ ۾ ڀاڪر پاتوسين.

ان وقت ميونسپالٽيءَ جي ڪنٽرولنگ اٿارٽي ڊپٽي ڪمشنر هو، مان پوءِ A.D.M وارو بنگلو جنهن ۾ مان رهيو پيو هئس، جو اها چارج بہ مونکي هئي، اهو مان ڊپٽي ڪمشنر صاحب جن کان S.D.M جي حيثيت ۾ الاٽ ڪرائي ڇڏيو ۽ S.D.M وارو عرصو ان ۾ رهيس.

دادوءَ جي A.D.M واري بنگلي تي ڪيتري ئي عرصي کان دادو ميونسپالٽيءَ طرفان هڪ جمعدارڻ ۽ هڪ پخالي ڏنل هوندا هئا، جي صرف بنگلي جو ئي ڪم ڪندا هئا ۽ ٻي ڊيوٽي انهن کان نہ ورتي ويندي هئي.

عنايت الله ۽ منهنجو ڊپٽي ڪمشنر صاحب وٽ ٺاهہ ٿيڻ باوجود هُو جمعدارڻ ۽ پخاليءَ کي منهنجي بنگلي تي ڪم ڪرڻ کان روڪيندو رهيو. پهريائين تہ مان ان ڳالهہ کي ٽاريندو ايندو هئس، جو هو ٻئي بنگلي تي دستور موجب ڊيوٽي ڪندا رهندا هئا پر جڏهن هنن کي عنايت الله ڀٽي تمام گهڻو تنگ ڪرڻ شروع ڪيو تہ مان ڊپٽي ڪمشنر صاحب جن کي آفيس مان فون تي اها حقيقت ڪئي. صاهب موصوف پوءِ مونکي ٻڌايو تہ هن عنايت الله کي فون ڪئي پر ڪونہ ملي سگهيو آهي ۽ هو جيئن تہ پاڻ گشت ۾ پيو وڃي ۽ محمد عثمان پنهنجي پٽيوالي کي چئي ٿو وڃي تہ هو عنايت الله کي وڃي چوندو تہ جمعدارڻ ۽ پخاليءَ کي بنگلي تي ڪم ڪرڻ کان نہ روڪي. محمد عثمان پٽيوالي پوءِ اچي ٻڌايو تہ هو عنايت الله ڏي ويو هو ۽ چيومانس تہ ڊپٽي ڪمشنر هيئن چئي ويو آهي پر هن نہ مڃيو.

مان پوءِ مختيارڪار دادوءَ احمد بخش قريشيءَ کي فون ڪئي تہ عنايت الله ڀٽي جي جن ماڻهن بنگلي جا تالا اچي ڀڳا هئا اانهن کي جيل ۾ وجهي ڇڏ (انهن ۾ هڪ ميونسپل ملازم ۽ ٻيو عنايت الله جو بورچي هو) مختيارڪار پوءِ انهن ٻنهي کي گهرائي جيل ۾ وجهي ڇڏيو. اهو ڇنڇر جو ڏينهن هو، محمد سليمان سيمجو وڪيل جيڪو ان وقت سينيٽر بہ هيو انهيءَ مختيارڪار کي فون ڪئي تہ هنن کي آزاد ڪري، پر هن انڪار ڪيس. پوءِ ميونسپل جا ڪي ملازم منهنجي چاچي، غلام محمد کي جيل ۾ وڌلن کي آزاد ڪرائڻ جو چيو. جنهن مون کي فون ڪئي، جنهن تي مون چيومانس تہ سيڪاڻي آچر آهي، سومر ڏينهن سندن ضامن ڪرائيندس، باقي مٿس ڪيس هلندو. هنن جو پوءِ سومر ڏينهن ضامن کنيو ويو پر ڪيس اجان ختم نہ ڪيو ويو هو.

عنايت الله پٽي تي پوءِ ميونسپل عملي سخت دٻاءُ وڌو تہ تنهنجي ڪري ئي ڪيس داخل ٿيو آهي، سو ختم ڪراءِ. پوءِ مان هڪڙي ڏينهن آفيس ۾ S.D.M) واري آفيس) ويٺو هئس تہ سانجهيءَ جي وقت ڌاري عنايت الله پُٽو ۽ عبدالقادر چنو (جو ميهڙ هاءِ اسڪول ۾ مونسان پڙهندو هو پر مون کان جونيئر هو ۽ منهنجو دوست هو). اهي ٻئي منهنجي سامهون آفيس جي وراندي مان گذري ويا. پوءِ عبدالقادر چنو مون وٽ آيو ۽ چيائين تہ عنايت الله معافي وٺڻ آيو آهي پر چيو اٿائين تہ مونکي ٿڌو ڪري ۽ ائين نہ ٿئي جو هو مهنجي آفيس ۾ اچي تہ ڪٽي ڪيس بہ جيل ۾ وجهان. مان هن کي چيو تہ منهنجي هن سان ڪا دشمني ڪانهي جو ائين ڪندس، باقي ڪيس سمجهائي تہ اڳتي نيڪ ٿي هلي. هو پوءِ وڃي عنايت الله کي وٺي آيو ۽ هن اچي معافي ورتي. پر ڊپٽي ڪمشنر صاحب جن سندس خلاف رپورٽ ڪري دادو ضلع مان بدلي ڪرائي ڇڏيو.مان ۽ عنايت الله پُٽو پوءِ وري سانگهڙ ۾ گڏ رهيا هئاسين، جنهن وقت مان اتي S.DM هئس تہ هو سانگهڙ ميونسپالٽيءَ جو ائڊمنسٽريٽر هو.

مون کي A.D.M جي چارج بہ S.D.M جي پوسٽ جي چارج سان گڏ هئي، جو حضرت لعل شهباز قلندر جن جي روضي تي سونو دروازو لڳائڻ واسطي موزون جڳهہ ڏسڻ لاءِ چيف ائڊمنسٽريٽر اوقاف ڏٽي بخش خان سومرو صاحب ۽ پنجاب کان ڪي سيڪريٽريءَ جي عهدي جا آفيسر اچڻا هئا. جنهن لاءِ ڊپٽي ڪمشنر صاحب چيو تہ تون سيوهڻ وڃ انهن سان ڪين درگاهہ شريف ڏيکار تہ هُو جڳهہ سليڪٽ ڪن. مان رات جو وڃي سيوهڻ بنگلي تي ترسيس، صبح جو مان ۽ سيوهڻ جو مختيارڪار بنگلي کان ٻاهر ٽلهي تي ويهي انهن جي اچڻ جو انتظار پئي ڪيو تہ ائين ڪندي غلام مصطفيٰ خان جتوئي چيف منسٽر صاحب جن فون ڪري مونکي ٿورو سخت لهجي ۾ چيو تہ زاهد جتوئي هتان جو ناهي ڇا! جو ان کي ڊوميسائيل سرٽيفڪيٽ نہ ٿا ڏيو. مون صاحب موصوف جن کي عرض ڪيو تہ سائين مون وٽ تہ ڪو ماڻهو ان ڪم لاءِ ڪونہ آيو آهي، جنهن تي چيائين تہ اڄ جو اڄ هن کي ڊوميسائيل سرٽيفڪيٽ ڏئي مون کي فون تي ٻڌائجان. (زاهد جتوئي، عاشق حسين جتوئيءَ جو ڀاءُ ۽ پير فرحان جتوئيءَ جو پٽ هو. عاشق حسين چيف منسٽر صاحب جو پيٽيويو هيو ۽ زاهد جتوئي ان وقت بولان ميڊيڪل ڪاليج ڪوئيٽا ۾ پڙهندو هو).

مان مختيارڪار کي چيو تہ دادوءَ ٿو وڃان ۽ مسٽر ڏٽي بخش خان چيف ائڊمنسٽريٽر اوقاف جن کي ٻڌائجان تہ چيف منسٽر صاحب جن جي فون آئي هيس، انهيءَ ڪري دادوءَ موٽي ويو. ان ڏينهن ڊپٽي ڪمشنر صاحب گشت ۾ ڪوٽڙي ويل هو. مان پوءِ پهريائين اچي پنهنجي ٽيبل تي پيل ڪاغذ پٽ ڏٺا تہ متان ڪاغذ پهتل هجن ۽ ان وقت جيئن تہ ٻئي چارجون A.D.M ۽ S.D.M جون مون کي ئي هيون، گهڻي ڪم جي ڪري منهنجي نظر نہ آيا هجن، پر ڊوميسائل سرٽيفڪيٽ لاءِ مخيارڪار ميهڙ کان ڪابہ رپورٽ ۽ ڪاغذ وغيره زاهد جتوئيءَ جي ڊوميسائل سرٽيفڪيٽ ملڻ لاءِ ڪونہ آيا هئا. مان پوءِ آفيس سپرنٽينڊنٽ محمد رمضان چني کان پڇيو تہ اهڙا ڪاغذ ڪي پهتل آهن ڇا؟ جنهن چيو تہ سائين انهيءَ لاءِ ڪالهہ بہ ڊپٽي ڪمشنر صاحب جن کي بہ فون آئي هئي پر

هتي تہ ڪاغذ پهتا ئي ڪينهن. مان پوءِ ميهڙ جي مخيارڪار کي فون ڪري پڇا ڪئي تہ متان هن ڪاغذ ڪنهن کي هٿوهٿ ڏنا هجن ۽ هن هتي اچان تائين نہ پهچايا هجن، پر مختيارڪار ٻڌايو تہ هنن جو ماڻهو وٽس وينو آهي ۽* ان کي رپورٽ ڪڍي ڏيان ٿو. مون ڪيس چيو تہ مونکي گهربل تفصيل فون تي ٻڌائي تہ مان زاهد جتوئيءَ جو ڊوميسائل سرٽيفڪيٽ تيار ڪري ڊپٽي ڪمشنر صاحب ڏانهن ڪوٽڙيءَ صحيح لاءِ موڪلي ڏيان ۽ لکت ۾ رپورٽ پوءِ ئي ڏياري موڪلجان. مون پوءِ ڪانئس تفصيل وٺي ڊوميسائل سرٽيفڪيٽ ناهي خاص ماڻهوءَ هٿ ڊپٽي ڪمشنر صاحب جن کي صحيح لاءِ موڪليو جو صحيح ٿي اچڻ بعد مون خاص ماڻهوءَ هٿ مختيارڪار ميهڙ ڏانهن موڪليو تہ هي پير محمد خان جتوئيءَ کي پهچرائي، ڪانئس اهڙي رسيد وٺي موڪل پوءِ مختيارڪار اهو پهچرائي رسيد وٺي موڪلي.

مخيارڪار جي ڊوميسائيل سرٽيفڪيٽ واري رپورٽ ٻئي ڏينهن تي ماڻهو هٿئون هٿ ڪڍي آيو جنهن تي مون ان تاريخ ۾ ڇوٽي صحيح (Initial) ڪري ڪاغذن سان شامل ڪري ڇڏي. عبدالحميد خان جڏهن وري دادوءَ آيو تہ مون ان کي سموري حقيقت ڪئي ۽ ڪيس ڊوميسائيل سرٽيفڪيٽ تي ڪيل صحيح جي تاريخ ۽ رپورٽ جي پهچڻ جي تاريخ ٻئي ڏيکاريون. هو جڏهن وري آيو تہ مونکي ٻڌايائين تہ هن غلام مصطفيٰ خان جتوئي چيف منسٽر صاحب کي اها سموري ڳالهہ ٻڌائي، جنهن تي هن چيو تہ ڪيس الائي ڇو غلط خبرون ٿا ڪن.

مون 08.10.74 تي هيسباڻي صاحب کان چارج ورتي پر ان سان گڏ اٽڪل پنج مهينا ڪن A.D.M جي چارج بہ مون وٽ ئي هئي. منهنجي چارج وٺڻ بعد ڊپٽي ڪمشنر صاحب ۽ عبدالحميد جتوئيءَ جمع جتوئيءَ کان سندس بئنڪ تي ڪيل قبضي ڇڏائڻ لاءِ چيو. مان D.S.P دادو غلام محمد ميمڻ ۽ پوليس ساڻ وٺي ميهڙ ويس، مخيارڪار ميهڙ واري کي بہ فون ڪيم تہ هو پاڻ ۽ S.H.O ميهڙ ۽ پوليس جي نفري وٺي سرزمين تي (بئنڪ) اچن.

ميهڙ پهچي پوليس کي مون اتي ئي بيهاري ڪين هدايت ڪئي تہ ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي هوٽل تي نہ چڙهڻ ڏين. D.S.P ۽ مان مخيارڪار ميهڙ ۽ S.H.O هوٽل تي چڙهياسين ۽ جيڪي هوٽل ۾ ماڻهو وينا هئا، انهن کي اتان اٿاري هيٺ لاهي جمع جتوئيءَ کي چيم تہ هوٽل مان پنهنجو سامان ڪڍ ۽ جڳهہ خالي ڪر پر هن ان کان انڪار ڪيو. مان پوءِ بنئڪ جي مئنيجر کي چيو تہ مزدور آڻ تہ سامان ڪڍن. مزدور سامان ڪڍندا پيا وڃن ۽ روڊ تي رکندا پيا وڃن ۽ مان سامان جي لسٽ ناهيندو ويس. جمع جتوئي هوٽل ڇڏي پير محمد خان جتوئيءَ سان وڃي فون تي ڳالهايو ۽ ان کي حقيقت ڪئي جنهن چيس تہ اسان ان S.D.M کي نہ چئي سگهنداسين ۽ پنهنجو سامان ڪٽي وڃ. انهيءَ وچ ۾ هن جو سمورو سامان ڪڍرائي روڊ تي رکايو هيم ۽ جڏهن موٽي آيو تہ چيومانس تہ سامان جي لسٽ تي صحيح ڪر نہ تہ مان سامان مئنيجر جي حوالي ڪيون ويندس. هن پوءِ لسٽ تي صحيح ڪئي ۽ اندر هوٽل ۾ جيڪو ڇت جو پڪو اڃا رهيل هو اُهو بہ پاڻ لاهي ڪٽي ويو. مان پوءِ مئنيجر کي

هوٽل واري گرائونڊ فلور جي ڪمري جو قبضو ڏئي ۽ اهڙو قبضي ڏيڻ جو مشير نامون تيار ڪري ان تي ڪانئس صحيح وٺي واپس دادوءَ موٽي آيس.

مونکي ائڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر جي چارج هئي ته مونکي ڊپٽي ڪمشنر صاحب چيو ته ڏنڊ زيان پاڻي (P.W.205. Fing) جون اپيلون تون هلائيندو ڪر. مان هڪڙي ڏينهن ميهڙ اهي اپيلون ٻڌڻ ويس ته محمد صالح ٻٽ وڪيل (اسان جي ڳوٺ ٻٽ سرائن وارو) آفيس ۾ ملڻ آيو ۽ جڏهن واپس وڃي پيو ته وراندي ۾ ڪنهن ماڻهوءَ جنهن جي اپيل رکيل هئي، انهيءَ ڪيس مون کي سندس پارٽ ڪرڻ لاءِ چيو جنهن تي ان ماڻهوءَ کي اندر وٺي اچي چيو ته هن جي پارٽ اٿوَ. اپيلن ٻڌڻ وقت حد جو تپيدار رڪارڊ سوڌو ۽ انجنيئري ڪاتي جو ڪئنال اسسٽنٽ به پنهنجي رڪارڊ سميت موجود هوندا هئا ۽ اپيل جو جيڪو فيصلو ٿيندو ويندو آهي، اهو ڪئنال اسسٽنٽ پاڻ وٽ نوٽ ڪندو ويندو آهي ته ڪيس خبر پوي ته ڪهڙا ڏنڊ معاف ٿيا ۽ ڪهڙا معاف نه ٿيا.

جنهن ماڻهو لاءِ محمد صالح ٻٽ پارٽ ڪئي هئي، ان جي اپيل بحال ٿيڻ جوڳي هئي جا مون بحال ڪئي، آخر ۾ جيڪا اپيل رکي هئي اها مون رد ڪئي ۽ پوءِ تپيدار ۽ ڪئنال اسسٽنٽ هليا ويا. ان بعد پير محمد خان جتوئيءَ ان ماڻهوءَ لاءِ فون ڪئي، جنهن جي اپيل آخر ۾ رکيل هئي ۽ مون رد ڪئي هئي، جنهن تي مون ڪيس ٻڌايو ته مان اها رد ڪئي آهي هاڻي مان ڪجهه نٿو ڪري سگهان، جنهن تي چيائين ته محمد صالح ٻٽ جي چوڻ تي اپيل بحال ڪيو ٿا پر مان هن سان وڌيڪ بحث ڪرڻ مناسب نه سمجهيو ۽ هن به پوءِ فون بند ڪري ڇڏيو.

مونکي ڊپٽي ڪمشنر صاحب چيو ته غلام مجتبيٰ جتوئي (چيف منسٽر صاحب جي ڀاءُ) چيو پئي ته مان اپيلن تي پئسا پيو وٺان. مون صاحب موصوف کي مٿين ڳالهه ته ڪانه ڪئي پر چيومانس ته سائين اڳتي اپيلون اوهان ٻڌندا ڪيو ۽ مان ٻڌڻ بند ڪري ڇڏيون. دادوءَ اسٽيشن جي ريلوي لائين جي پٽڙي ڪان ٿورو پري جڙيل شاهه جون اٽڪل 6000 (ڇهه هزار) مڻ ڪنڊيءَ جون سڪل ڪاٺيون پيون هيون، انهن ڪاٺين جي پرسان واپارين جا بهه جا وڏا ڪوڙا به پيل هئا، جي مٿيءَ سان لنبيل بند هئا. اوچتو انهن ڪاٺين کي باهه لڳي وئي. جيئن ئي مونکي اطلاع مليو ته مان ڊي ايس پي دادو (D.S.P Dadu) مسٽر نظر محمد تنيو ڪجهه سپاهي ۽ پنهنجي عملي جا ماڻهو ساڻ وٺي ويس ۽ باهه وسرائڻ لڳس. ڏينهن به سخت گرم هئا ۽ باهه جي ڄر به ساڙي پئي، بهرحال باهه وسارائي ڇڏيسين. وري ٻئي ڏينهن ڪنهن اچي ٻڌايو ته بهه جي هڪڙي ڪوڙي ۾ باهه دکي پئي، پوءِ وري به ڊي ايس پي ۽ ٻيا ساڻ ڪري دادو اسٽيشن تي ويس ۽ اسٽيشن ماسٽر کان پڇيم ته اوهان جي پاڻيءَ جي ٽانڪي آهي. هن ٻڌايو ته اها پٽڙي تي بيني هئي جا هڪڙو بهه جو واپاري گهرائي ويو آهي ۽ پنهنجو بهه جو ڪوڙو لنبائي رهيو آهي، مان واپاريءَ کي گهرائي به چار لنيون وهائي ڪڍيون ۽ چيومانس ته هن بهه جي ڪوڙي ۾ باهه ٿي پئي دکي ۽ تون وري ريلوي وارن جي پاڻيءَ جي ٽانڪي گهلرائي ويو آهين. پوءِ اها پاڻيءَ واري ٽانڪي واپس گهرائي باهه وسرائيسين. اهو ڏينهن به ڏاڍو گرم هو انهيءَ

ڪري ٻہ ڏينهن گرميءَ ۾ باهہ جي ڀرسان بيهڻ ڪري گرميءَ ۽ باهہ جي ڄر جي لهس ڪري مان بيمار ٿي پيس. ڪجهہ ڏينهن ڊاڪٽر مستوئي سول سرجن صاحب کان علاج ڪرايُم پر فائدو ڪونہ پئي ٿيو. انهيءَ ڪري مان علاج لاءِ ڄامشوري اسپتال ۾ وڃي داخل ٿيس ۽ ڊاڪٽر ارشاد مورياڻي صاحب جن جي زير علاج هئس. ڊاڪٽر صاحب تمام هوشيار هو مون کي جيڪا نرس نرميءَ سان اچي دوا پيارينديِ هئي، اها ٻہ نهايت خوبصورت ۽ دل کي وڻندڙ هئي. شام جو جڏهن وڃي اسپتال جي لان تي ويهندو هئس يا ٿورو وقت روڊ سان پنڌ ڪندو هئس تہ ڄامشوري جي ٿڌي هوا ڏاڍي فرحت ڏيندي هئي. پندرهن ڏينهن کن ڊاڪٽر صاحب ارشاد مورياڻيءَ جي علاج هيٺ رهيس. ان بعد هن مونکي اجازت ڏني تہ توهان ڀلي وڃي سگهو ٿا. پوءِ دل نہ چاهيندي ٻہ (ڪجهہ ان سهڻي نرس جي نرمي ۽ ڄامشوري جي فرحت بخش آبهوا ڪري) اسپتال مان موٽي آيس ۽ وڏيڪ ترسڻ مناسب نہ سمجهيم تہ متان چئميگوئي ٿئي.

مان پوءِ موٽي اچي ڊيوٽيءَ تي چڙهيس. مون ازخود ٻہ محسوس ڪيو هو هت هاڻ ڪا تڪليف ڪانہ هئي، واپارين منهنجي خلاف عبدالحميد جتوئي کي شڪايت ڪئي پر هن ڪين چنڊ پٽي تہ S.D.M جو گهر پئي سڙيو. مان تاريخ 8 آڪٽوبر 1974 تي دادوءَ جي S.D.M جي چارج ورتي هئي. 14.05.75 تي مان گشت ۾ ويو هئس ۽ 15.05.75 تي صبح جو آفيس ۾ آيس تہ منهنجي هيڊ منشيءَ محمد صالح ميمڻ اچي ٻڌايو تہ سائين اج مسٽر محمد بخش شيخ صاحب ڊائريڪٽر اسيسمينٽ جن دادوءَ گشت ۾ اچن ٿا. مان ڪانئس پروگرام جي ڪاپي گهرائي فيض محمد قريشي A.D.C وٽ ڪٽي ويس ۽ ڪائنس پڇيم تہ ڊئريڪٽر صاحب لاءِ ايريگيشن بنگلي ۾ ڪمرو بوڪ ڪرايو اٿو جو اهو ان جو ڪم هو. پر هن ٻڌايو تہ ڪين تہ پروگرام جي ڪاپي پهتي ئي نہ آهي. مان پاڻ وٽ پهتل پروگرام جي ڪاپيءَ ۾ ڏٺو واقعي ان جي ڪاپي ڊپٽي ڪمشنر ڏانهن موڪليل ڪانہ هئي، ائين ڪندي مختيارڪار دادو احمد بخش قريشيءَ فون ڪئي تہ اريگيشن جو انجنيئر ايئرڪنڊيشنڊ ڪمرو بڪ نٿو ڪري ڏي. جنهن تي مون ڪيس چيو تہ اوهان اهو ڪمرو والاري بندوبست ڪيو ۽ مان انجنيئر کي چوان ٿو تہ ڪمرو بڪ ڪري ڏئي. پوءِ مان ۽ فيض قريشي انجنيئر کي چيو پر هن انڪار ڪيو. مان انجنيئر صاحب کي چيو تہ اسان ڪمرو والاريون ٿا ۽ اهو اوهان جي اطلاع لاءِ هجي. ان ڪمري ۾ اسان جي عملي سامان رکي بندوبست ڪيو پئي تہ اسسٽنٽ انجنيئر قاضيءَ انهن جو سامان ٻاهر اڇلرائي پيو ۽ انجنيئر صاحب نون بيلدار ساڻ ڪري بنگلي تي پهتو. اهڙو اطلاع ملڻ تي مان D.S.P نظر محمد تونيو کي ساڻ ڪري مختيارڪار ۽ پوليس عملي سوڏو بنگلي تي ويس ۽ اسان ايئرڪنڊيشنڊ ڪمري ۾ وياسين پئي تہ انجنيئر وڃڻ نہ ڏنو ۽ اسان جو وليج عملو ايئرڪنڊيشن ڪمري ۾ ويٺو ئي هيو. مان خان محمد سپروائيزنگ ٽپيدار کان ناحق بند جي فرياد وٺي انجنيئر (جيرامداس) اسسٽنٽ انجنيئر قاضي ۽ نون بيلدارن خلاف اهڙو ناحق بند جي فرياد بابت سپروائيزنگ ٽپيدار جو بيان رڪارڊ ڪري ڪيس فائيل تي آڻي بنا ضامن

جوڳا وارنٽ صحيح ڪري D.S.P کي ڏنم تہ سيني کي گرفتار ڪري (اها سموري ڪارروائي اريگيشن بنگلي تي ٿي هئي) (ان ڪارروائيءَ کان اڳ ڊئريڪٽر صاحب سڌو تعلقہ آفيس پهچي چڪو هو ۽ مان بہ ساڻس اتي ملڻ ويس پر پنهنجو هن پروگرام ٻڌايو تہ، هو رات جي ماني کائي وڃي درگاهہ مخدوم بلاول تي ترسندو ۽ مونکي وڏيڪ چيائين تہ صبح جو مان اتي وڃس اچان تہ هو چارئي تعلقہ (ميهڙ، جوهي، خيرپورناٿن شاهہ ۽ دادو) ڏسي سڌو حيدرآباد هليو ويندو. اهڙو اطلاع مون انجنيئر صاحب کي بہ فون تي ڏنو هو ۽ چيومانس تہ بنگلو اوهان کي رات جو ئي خالي ڪري ڏنو ويندو پر تنهن هوندي بہ هو ايئرڪنڊيشنڊ ڪمرو ڏيڻ لاءِ تيار نہ هو ۽ بنگلي جا سڀ دروازا اندران بند ڪري پوئين در تي پاڻ ۽ اسسٽنٽ انجنيئر در بند ڪيو بيٺا هئا). D.S.P کي جڏهن انجنيئر ۽ ٻين خلاف بنان ضامن جوڳا وارنٽ ڏنم تہ هن پوليس لائين فون ڪري ڪين چيو تہ هٿڪڙيون ۽ گاڏي بنگلي تي موڪليو. انهي وچ ۾ سيوهڻ سب ڊويزن جو اسسٽنٽ انجنيئر انور علي سيال ۽ اسسٽنٽ انجنيئر محمد سچل شيخ اچي گڏ ٿيا، دادو سب ڊويزن جو اسسٽنٽ انجنيئر قاضي تہ اڳ ئي اتي موجود هو ۽ ان خلاف بہ وارنٽ نڪتل هو. مڙني (سيني) اسسٽنٽ انجنيئرن سڏايو ۽ چيو تہ هُو معافي ٿا وٺن، پر مون کين چيو تہ معافي انجنيئر کي پاڻ وٺڻي پوندي، جو سموري بدتميزي هن ئي ڪئي آهي، پر انجنيئر چيو تہ هو معافي نہ وٺندو. جنهن تي D.S.Pڪيس ڇنڊ پٽيندي چيو تہ هي وارنٽ ڏسين ٿو جيڪي منهنجي هٿ ۾ موجود آهن، مان سيني کي گرفتار ڪندس ۽ اها بہ S.D.M جي شرافت ڇئبي، جو هو تنهنجي معافي وٺڻ تي اوهان سيني کي ڇڏي ٿو. اسسٽنٽ انجنيئر بہ انجنيئر کي سمجهايو، جنهن بعد هن پوءِ هينئينءَ طرح پنهنجي هٿ اکرين معافي نامون لکي مونکي ڏنو.

(انجنيئر جو لکي ڏنل معافي نامون)

ترجمو:

مان جيڪا S.D.M صاحب، ٻئي سموري روينيو عملي ۽ سموري پوليس عملي سان بدتميزي ڪئي آهي، ان جي معافي وٺان ٿو.

صحيح

جيرامداس

انجنيئر اريگيشن

سدرن دادو ڊويزن

ان بعد انجنيئر کان مليل معافي نامون ۽ D.S.P کان کيس ڏنل گرفتاريءَ وارا وانٽ واپس وٺي ڪيس جي ڪارروائي وارن ڪاغذن سان شامل ڪري ۽ ڪارروائي ختم ڪري انجنيئر کي چيو تہ اوهان هاڻي وڃي ٿا سگهو.

انهيءَ تڪرار هلندڙ دوران انجنيئر پنهنجي اسسٽنٽ انجنيئر محمد سچل شيخ کي اشارو ڪري پنهنجي آفيس موڪليو جنهن وڃي پنهنجي بالا آفيسرن ۽ پڻ انجنيئر سان لاڳاپو رکندڙ ٻين ماڻهن کي فون تي ٻڌايو تہ ايس ڊي ايم صاحب، انجنيئر صاحب کي گرفتار ڪرايو آهي. اهڙو اطلاع اريگيشن جي بالا آفيسرن پنهنجي ائڊيشنل چيف سيڪريٽري مسٽر عبدالوهاب شيخ کي پڻ ڏنو.

بس پوءِ تہ هڪدم مسٽر فيض محمد قريشي ائڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر کي فون اچڻ لڳا تہ ڇا معاملو آهي؟ خود اسانجي ڪمشنر صاحب جن جي اسسٽنٽ ڪمشنر جنرل هن کي فون ڪري پڇا ڪئي تہ ڳالهہ ڇا آهي! پر هن سيني کي اهو ئي پئي ٻڌايو تہ انجنيئر صاحب گرفتار ڪونہ ٿيو آهي.

خود مونکي جيئن ئي انجنيئر سندس هٿ اکرين لکيل معافي نامون هٿ ۾ ڏنو ۽ پاڻ اچان ويٺو ئي هيو تہ غلام مجتبيٰ خان جتوئي، چيف منسٽر صاهب غلام مصطفيٰ خان جتوئيءَ جي ڀاءُ بنگلي تي فون ڪئي تہ اوهان انجنيئر کي گرفتار ڪرايو آهي ۽ اها ڳالهہ چيف منسٽر صاحب تائين ويندي. جنهن تي مون کيس ٻڌايو تہ انجنيئر کي گرفتار ڪونہ ڪرايو آهي، باقي اسان کي بنگلي ۾ ايئرڪنڊيشنڊ ڪمرو اسان جي آفيسر لاءِ کپندو هو جيڪو هاڻي اسان کي مليو آهي. جنهن تي هن وري چيو تہ بقول انجنيئر تہ بنگلو جپاني انجنيئرن لاءِ رزرو ٿيل آهي پر مون چيو تہ اهڙي ڪابہ ڳالهہ نہ آهي ۽ بنگلو خالي پيل آهي. انجنيئر ۽ سندس سمورو عملو پوءِ بنگلي تان هليا ويا. هڪڙي بيلدار جي پوليس جي ڪيس ڦيهہ ڪڍڻ تي هڪ اک پڻ زخمي ٿي پئي هئي، جنهن جي علاج لاءِ بيلدار انجنيئر صاحب جي گاڏيءَ ۾ ئي چڙهي اچي سول سرجن صاحب ڊاڪٽر غلام سرور مستوئيءَ کان ڪجهہ ڏينهن تائين علاج ڪرائيندو رهيو. معاملي ختم ٿيڻ بعد مان ۽ مختيارڪار موٽي تعلقي آفيس ۾ پنهنجي ڊئريڪٽر صاحب جن وٽ آياسين ۽ کين بنگلي تي وٺي وڃي ايئرڪنڊيشنڊ ڪمري ۾ رهايوسين. ڊائريڪٽر صاحب سندن طئي ڪيل پروگرام موجب رات جي ماني کائي نائين _ ڏهين ڌاري رات جو ئي وڃي مخدوم بلاول بزرگ جن جي درگاهہ تي رهيو ۽ صبح جو مان ساڻن سندن حڪم مطابق اتي وڃي مليس، جو منهنجي دادو سب ڊويزن جا سيئي تعلقا گهمي سڌو ٻاهران ئي واپس حيدرآباد روانو ٿي ويو. (هتي مان اهو واضح ڪيان تہ اسان جو آفيسر ايئرڪنڊيشنڊ ڪمري ملڻ لاءِ (Entitled) مستحق هيو ۽ اڳ بہ ائيرڪنڊيشنڊ ڪمري ۾ رهي ويا هئا).

حاجي امير بخش جوڻيجو تعلقہ خيرپور جو زميندار مون کان انجنيئر جي لکي ڏنل معافي نامي جي ڪاپي وٺي ويو ۽ وڃي چيف منسٽر صاحب غلام مصطفيٰ خان جتوئي جن کي ڏيکاري هئي، جنهن کيس چيو تہ اها انجنيئر کان بندوق جي ناليءَ تي دٻاءُ سان ورتي وئي آهي.

مسٽر عبدالوهاب شيخ ائڊيشنل چيف سيڪريٽري اريگيشن انجنيئر جي گرفتار ٿيڻ جو اطلاع ملڻ تي وڃي، چيف سيڪريٽري صاحب جن سان مليو ۽ کيس اهو ٻڌائي جڊيشنل انڪوائري ڪرائڻ لاءِ چيو پر ڪابه انڪوائري ڪانه ٿي.

ڊپٽي ڪمشنر محمد هاشم ميمڻ صاحب ان تاريخ 15.05.1975 تي ٿاٽي بولا خان ويل هو، جو بيگم نصرت ڀٽو صاحبه اتي ڪٽڪ ورهائڻ آئي هئي ۽ 16 مئي 1975ع تي موٽي آيو تہ مون کان حقيقت پڇيائين ۽ مونکي تفصيل لکيت ۾ ڏيڻ لاءِ بہ چيائين. مون کيس سموري حقيقت ڪري ٻڌائي ۽ پنهنجي رپورٽ لکيت ۾ بہ کين ڏني. هن صاحب پوءِ منهنجي رپورٽ سان گڏ پنهنجي فرد (further) رپورٽ لکي، مٿي ڏياري موڪلي، جنهن ۾ اهو بہ لکي موڪليائين تہ ڀلي سيشن جج صاحب کان انڪوائري ڪرايو پر ڪابہ انڪوائري ڪانہ ڪرائي وئي.

مسٽر در محمد اوستو صاحب جيڪوان وقت آبپاشي (ايريگيشن) کاتي جو وزير هيو، تنهن عبدالحميد خان جتوئيءَ کي فون ڪئي تہ S.D.M اوهان جو ماڻهو آهي، هن انجنيئر کي گرفتار ڪرايو آهي. جنهن تي هن کيس ٻڌايو تہ انجنيئر گرفتار ڪونہ ٿيو آهي ۽ سمورو ڏوهہ اوهان جي انجنيئر جو آهي.

مٿئين معاملي جي ٻئي ڏينهن تي ميان عبدالرحمٰن خان سومرو شاهہ پنجني وارو جيڪو عبدالحميد خان جي خاص ماڻهن مان هو، اهو مون وٽ آيو ۽ چيائين تہ خان صاحب عبدالحميد خان چوي ٿو تہ محمد علي شيخ (منهنجي) نوڪري بہ هاڻي خطري ۾ آهي، جو انجنيئر ديوان جيرامداس جا جتوئي صاحبن (غلام مصطفيٰ خان چيف منسٽر صاحب) وارن سان ۽ مخدوم طالب المولي هالن وارن صاحبن سان بہ واسطا آهن. جنهن تي مون کيس چيو تہ نوڪري وڃي تہ ڀلي وڃي پر جيڪي ڏينهن ڪبي، تہ عزت سان ڪبي. مان عبدالحميد خان سان ان باري ۾ ڪابہ گفتگو ڪانہ ڪئي پر کيس سندس ڪيل جاچ مان معلوم ٿيو تہ ڏوهہ انجنيئر جو ئي هيو.

تاريخ 16 مئي 1975 تي سپرنٽينڊنگ انجنيئر ايريگيسن مسٽر الله ڏنو خان عالماڻي صاحب پنهنجي اڳ نڪتل ٽوئر پروگرام موجب دادوءَ آيو تہ مان بہ بنگلي تي وڃي ساڻن مليس. عالماڻي صاحب جن منهنجي روبرو انجنيئر جيرامداس کي چيو تہ ڏوهہ تنهنجو آهي، جو تون روينيو کاتي وارن سان وڙهين ٿو. مونکي ٻڌائين ها تہ هو دادوءَ بجاءِ سيوهڻ وڃي منزل ڪري ها يا مورڳو پنهنجو ٽوئر پروگرام رد ڪري ها. مون کين چيو تہ سائين اوهان پنهنجي پروگرام مطابق آيا آهيو تہ پاڻ ڏنو اٿائون تہ بنگلو خالي هيو ۽ انجنيئر صاحب کي اهو بہ ٻڌايو هو تہ اسان بنگلو رات جو ئي خالي ڪري ويندا سين پر ان باوجود هن ايئرڪنڊيشنڊ سوٽ ڏيڻ کان صاف انڪار ڪيو.

مٿي ذڪر ڪيل معاملي کان پوءِ ٿورن ئي ڏينهن بعد عبدالله ڊي بلوچ صاحب ڪمشنر صاحب حيدرآباد ڊويزن دادوءَ گشت ۾ آيا تہ منهنجي آفيس ۾ بہ اچي وينا ۽ مون کان اهو ڪيس فائيل ورتائون ۽ فائيل پڙهي مونکي چيائون تہ انتظامي لحاظ کان تو جيڪو قدم کنيون، (اهو بلڪل

صحيح هو. اهو هو اڳي بالا آفيسرن جو پنهنجي زيردست کي تحفظ ڏيڻ پر اڇوڪي دور ۾ اهڙي اميد ڪرڻ ئي اجائي آهي.) مسٽر جيرامداس انجنيئر جي ان مهيني ۾ ئي بدلي ٿي ۽ ماڏوداس اچي چارج ورتي.

ڪجهه ڏينهن بعد مسٽر در محمد اوستو صاحب آبپاشي وزير دادوءَ دوري تي آيو تہ مان بہ ايريگيشن بنگلي تي ويس، وزير صاحب جن ماڏوَ داس انجنيئر کي چيو تہ بنگلي ۾ صرف هڪ ايئرڪنڊيشنڊ ڪمرو آهي، جنهن تي جهڳڙو پيو ٿو پوي، انهيءَ ڪري سڀ ڪمرا ايئرڪنڊيشنڊ ڪرائي ڇڏيو. جنهن بعد سڀ ڪمرا ايئرڪنڊيشنڊ ڪرايا ويا.

انجنيئر جي بدلي ٿيڻ بعد عبدالحميد خان مونکي ٻڌايو تہ چيف منسٽر صاحب توکي بہ بدلي ڪرڻ ٿو چاهي ۽ ڪانئس ٻي ڪنهن جو نالو وٺي اُنَ کي S.D.M مقرر ڪرڻ لاءِ گهري ٿو پر هو ڪيس ائين چوندو ..... ٿو اچي تہ S.D.M جو ڪو ڏوهہ ڪونهي پر توکي اڳي پوءِ ضرور بدلي ڪندو. ائين منهنجي بدلي ڪجهه عرصي لاءِ رڪجي وئي.

مونکي پوءِ خبر پئي تہ انجنيئر صاحب معاملو ايتري حد تائين وڌائي پاڻ سان نون (9) بيلدارن جو جٿو ساڻ ڪري پنهنجي سر بنگلي تي اچي، هڪ سِٽيل منصوبي تحت جهيڙو ڪيو هو. جو ان واقعي کان ڪجهه عرصو اڳ منهنجي ڀيٽيوئي حاجي پير بخش جي نياٽيءَ جي شادي رکيل هئي، جنهن لاءِ لاڙڪاڻي کان ڄج جون ٻہ بسون ڀرجي گهوٽيتن وارا سج لهڻ ڌاري دادوءَ پهتا هئا. ان شاديءَ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ مان بہ ويس تہ نيڪ ان وقت بجلي هلي وئي ۽ صفا اوندهہ ٿي وئي. مان ان ڪري اڳتي وڃي گولن جو بندوبست ڪيو ۽ پوءِ سڌو اسسٽنٽ انجنيئر واپڊا (WAPDA) ديوان گهنشام داس جي آفيس ۾ ويس پر هو اتي ڪونہ هو ۽ سندس عملي جي ماڻهن ٻڌايو تہ هو گنگارام جي دوڪان تي ويٺو آهي. مان اتي اچي پنهنجي ڊرائيور کي موڪلي گهنشام داس کي گهرايو ۽ ڪيس چڱي ڇنڊ پٽي تہ هيءَ ڪهڙي حرڪت ڪئي اٿو. جو ڪنهن جي شاديءَ جو موقعو ڏسي ۽ وقت ۽ حالتن جو بہ ڪو خيال نہ ڪندي بجلي بند ٿا ڪري ڇڏيو ۽ جيڪڏهن خدا نہ خواستہ ڪو اتفاق ٿي پوي تہ پوءِ ان لاءِ ڪير ذميوار هوندو. جنهن تي چيائين تہ بجلي سکر کان بند آهي پر مون انهيءَ دوران نزديڪ ٽاٽي تان نالي چڱي پوليس انسپيڪٽر کي گهرائي ورتو. جنهن سان D.S.P غلام محمد ميمڻ بہ گڏجي آيو. مون ديوان گهنشام داس کي چيو تہ اتي گنگا رام جي دوڪان تان ئي ويهي جتي بہ بجليءَ جي خرابي هجي، فون ڪري بحال ڪراءِ ۽ پوليس انسپيڪٽر کي چيم تہ هو اتي دوڪان تي هن جي مٿان ويهي ۽ جي بجلي 15 منٽن ۾ بحال نہ ٿئي تہ ڪيس جيل ۾ وجهي ڇڏي پر بجلي 15 منٽن اندر بحال ٿي وئي.

ديوان گنگا رام هڪڙو ڪٽر تعصبي هندو هو ۽ ويتر جو هيءَ مٿين ڪارروائي سندس ئي دوڪان تي ٿي هئي، انهيءَ ڪري هن جي دل ۾ باهہ هئي ۽ هن تي انجنيئر صاحب جيرامداس کي

مڇرايو هو تہ ڪو موقعو ڏسي مون کان ديوان گهنشام داس جي ڪيل بي عزتيءَ جو انتقام وٺي پر الله تبارڪ وتعاليٰ منهنجي عزت رکي ۽ مورڳو انجنيئر پاڻ بي عزت ٿيو.

جيڪڏهن مان ان نازڪ موقعي وقت اهو سخت قدم نہ کڻان ها ۽ ڪمزوري ڏيکاريان ها ۽ خدانخواستہ منهنجي بي عزتي ٿي پوي ها تہ پوءِ دادوءَ ۾ ڪهڙي منهن سان نوڪري ڪري سگهان ها. (الله تعاليٰ جا لک شڪرانا، جنهن منهنجي عزت بچائي).

مان جڏهن دادوءَ ۾ A.D.C ٿي آيس تہ هڪڙي ڏينهن پير الاهي بخش سابق چيف منسٽر صاحب پنهنجي پوٽي پير مظهرالحق کي وٺي آيو ۽ ٻڌايائين تہ هو سندس پوٽو (پير شاهنواز جو فرزند) هتي نئون نئون آيو آهي ۽ هتي وڪالت شروع ڪندو. هو ڪيس ٻين آفيسرن وٽ بہ وٺي ويو ۽ انهن سان بہ سندس ساڳي طرح واقفيت ڪرايائين. انهن ئي ڏينهن ۾ مسٽر خالد محمود سومرو صاحب (ميان عبدالرحمن سومري صاحب شاهہ بنجي جو فرزند) P.C.S امتحان پاس ڪري اسسٽنٽ ڪمشنر انڊر ٽريننگ (Under Trainning) هيو ۽ گهٽو وٽ منهنجي آفيس ۾ مون وٽ ئي ويهندو هو. هن جي والد صاحب جن سان ميهڙ هاءِ اسڪول ۾ پڙهڻ واري عرصي کان ئي دعا سلام هوندي هئي، جو هو بہ اتي ئي پڙهندو هو ۽ مون کان ڪافي سينيئر هيو. ان خاندان سان اڄ تائين اهڙو ئي رستو رهندو اچي ٿو. جڏهن بہ خالد محمود سومري صاحب سان ملڻ ٿيو آهي تہ اتي وٽس وينل ماڻهن کي هميشہ ائين ئي منهنجي لاءِ چوندو آهي تہ هي سندس استاد آهي.

مسٽر غلام نبي سومري وڪيل جي نياڻي ۽ منهنجي نياڻي دادوءَ گڏ پڙهنديون هيون، ان ڪري هن سان پڻ اڄ تائين اهو پراڻو رستو هلندو اچي. مسٽر غلام نبيءَ جي ڪري سندس ڀاءُ محمد ابراهيم سان بہ ساڳيو رستو رهندو آيو. (غلام نبي سومرو ۽ محمد ابراهيم سومرو ٻئي خالد محمود سومري جا ڀيٽيويا ٿين). محمد ابراهيم سومرو وفات ڪري ويو آهي.

1975 ۾ ڪرائيم ڪنٽرول ائڪٽ پاس ٿيو تہ اهي ڪيس S.D.M ئي هلائيندا هئا تہ منهنجي ڪورٽ ۾ پهريان چار ڄڻا 1. سيد مٺل شاهہ 2. شاهنواز مستوئي 3. نبن لنڊ ۽ 4. نبن چانڊيو چالان ٿي آيا، جن کي مون ٻن مهينن لاءِ جيل موڪلي ڇڏيو. پر مهيني سوا بعد D.M صاحب جن هنن جو ضامن کڻي کين آزاد ڪيو هو.

لنڊن جو سردار نور محمد خان لنڊ صاحب نبن خان لنڊ جي دعوت تي دادوءَ آيو هو ۽ دعوت جو بندوبست دادو جيمخاني ۾ رکيل هو. سردار نور محمد خان لنڊ جي هڪ پاسي کان نبن لنڊ وينو هو تہ ٻئي پاسي کان مان وينو هيس. سردار نور محمد خان لنڊ منهنجي نبن لنڊ سان واقفيت پئي ڪرائي تہ نبن خان کين ٻڌايو تہ اسان جي سائين پاڻ ۾ اڳ ئي واقفيت آهي. هن کي شايد اهو ڊپ ٿيو هجي تہ متان مان سندس مٿيون ڪرائيم ڪنٽرول هيٺ چالان ٿيڻ وارو چنو نہ ظاهر ڪيان. حالانڪ مون کي تہ ڪو اهڙو خيال ئي ڪونہ هو ۽ مان بہ سردار نور محمد خان کي ائين ئي چوان ها تہ اسان جي اڳ ۾ واقفيت آهي. انهن ڏينهن ۾ دادوءَ ۾ والي بال راند جون ٽورنامينٽس ڏاڍيون ٿينديون

هيون. هڪڙي موقعي تي مير ظفر الله خان جمالي سابق پرائيم منسٽر پاڪستان جيڪو آل پاڪستان والي بال ائسوسيئيشن جو صدر هو، اهو ٽورنامينٽ ڏسڻ آيو ۽ هن ۽ مان گڏ ويهي اها ٽورنامينٽ ڏني هئي، جا اسڪول جي پرسان وڏي ميدان تي پئي کيڏي وئي.

قلم 110 ڪرمنل پروسيجر ڪوڊ جا ڪيس بہ S.D.M هلائيندا هئا. هڪڙي ڏينهن مون جڏهن اهي ڪيس هلائڻ شروع ڪيا ۽ ٻن ڪيسن ۾ جوابدارن جا نالا نائڪ پڪاريا تہ ڪورٽ سڳوريءَ ۾ حاضر ٿين تہ ٻاهر پوليس جا سپاهي جيڪي انهن ڪيسن ۾ شاهدي ڏيڻ لاءِ آيا هيا انهن اندر اچي مونکي ٻڌايو تہ سائين اهي ٻئي جوابدار پوليس ۾ پرتي ٿي ويا آهن. (اها هئي 30 سال اڳ 110 جي ڪارروائي هيٺ دادو پوليس پاران ڪورٽ ۾ چالان ٿيل ساڳي ئي دادو ضلع ۾ پوليس ۾ پرتي! تہ اج پرتي ٿيندڙ پوليس سپاهين جي ڪردار يا ماضيءَ جي سندن رڪارڊ لاءِ پاڻ اندازو لڳائي سگهو ٿا).

هڪڙي ڏينهن سيد عبدالغفار شاهہ (ويٽل راڻيپور ضلع خيرپور) جيڪو دادوءَ ۾ بخشل شاهہ جي نالي سان مشهور هو، اهو رات جو ٽڏ ۾ 12 بجي ڌاري مون وٽ جاءِ تي آيو. مان سندس خير عافيت بعد اهڙي سخت ٽڏ ۾ سندن اچڻ بابت پڇيو، وراڻيائون تہ هڪڙو ڪم ڪٽي آيو آهي، جي ڪيو تہ چوان! مون ڪيس چيو تہ منهنجي وس ۾ هوندو تہ ڪندس. هن پوءِ چيو تہ غلام نبي سولنگي تپيدار سندس مريد آهي ۽ ڪيس سندس موجوده تپي تان بدلي ڪري فلاڻي تپي تي رکوس. مون ڪيس چيو تہ صبح جو موڪلجوس تہ آرڊر وٺي وڃي، جو مون ڪيس ڪڍي ڏنو. ان وقت تپيدارن جو بدليون ڊپٽي ڪليڪٽر (S.D.M) ئي ڪندا هئا.

بخشل شاهہ شايد ائين سمجهيو هوندو تہ مان عبدالحميد خان جتوئيءَ پاران رکرايل آهيان، انهيءَ ڪري مان سندس ڪم ڪيان الائي نہ، ڇو جو هو هميشہ دادو ضلع ۾ چونڊن دوران عبدالحميد خان جي مقابلي ۾ بيهندو هو، پر ڪڏهن ڪانئس ڪٽي ڪونہ سگهيو هو. بهرحال هو هڪ ٻئي جي سخت مخالف هئا.

حالانڪ مان گمبٽ تعلقي ۾ مختيارڪار ٿي رهيو هئس پر بخشل شاهہ جن سان اڳ ملاقات ڪانہ ٿي هئي، البت هڪ دفعو گشت ۾ راڻيپور وڃڻ ٿيو هو تہ سندن والد صاحب سيد عبدالجبار شاهہ جيڪو وڏو بزرگ ٻڌبو هو، انهن سان بنگلي ۾ ملاقات ٿي هئي. ڪين پڪين جو ڏاڍو شوق هوندو هو ۽ ان ملاقات وقت بہ ڏٺم تہ هڪڙي چڱي وڏي پيچري ۾ مختلف قسمن جا ننڍا ننڍا پکي موجود هئا. بخشل شاهہ جي ٻاءُ عنايت علي شاهہ سان ڪي قدر واقفيت هئي.

هڪڙي رات مان ميهڙ مان گشت ڪان واپس دادوءَ پيو اچان تہ جڏهن مان جوهي برانچ ڪان جيپ ۾ هيٺ لهائي پيو تہ هڪڙي ڪار جيڪا سامهو پئي آئي ۽ ان جي صرف هڪ بتي پئي ٻري، اها ريورس ٿيڻ شروع ٿي ۽ انهيءَ وچ ۾ منهنجي جيپ ان ڪار ڪان ڪراس ڪري اڳتي وڌي تہ اها ڪار جيپ جي پٺيان لڳي. مون واري جيپ جو ڊرائيور مير محمد نهايت هوشيار ڊرائيور هو ۽ گاڏيءَ

تي پورو ڪنٽرول هئس. مون ان کي چيو تہ جيپ تيز هلائي ۽ ڪار بہ اسان جي پڻيان تيز رفتار سان اچي رهي هئي. مان پوءِ دادوءَ پهچي پنهنجي بنگلي اندر داخل ٿيس تہ اها ڪار اڳتي وڌي وئي. اهو مفاصلو اٽڪل 20_22 ميل هو، جو ڪار اسان جي ڪڍ لڳي پئي آئي پر اوور ٽيڪ نہ ڪري سگهي.

مان بنگلي تان پوليس انسپيڪٽر کي فون ڪري گهرايو ۽ ڪيس حقيقت ٻڌائي، چيم تہ اڳتي جاچ ڪري ڏسي تہ اها ڪار ڪٿي آهي. هو ويو ۽ وڃي ڏٺائين تہ هڪڙي ڪار علي محمد خان ... جي اوطاق جي ڀرسان ٻاهر بيٺي هئي ۽ سندس اوطاق ۾ ڪي ماڻهو هٿيارن سان وينا هئا، جن لاءِ جيسرن ڪيس ٻڌايو تہ اهي سندن مهمان هئا. اها حقيقت پوءِ مونکي پوليس انسپيڪٽر ڪئي. مون کي پڪو گمان هو تہ اها ڪار ئي ڪڍ لڳي هئي ،پر جيئن تہ جيسر علي محمد پاڙي ۾ ئي رهندو هو ۽ انهيءَ سان چڱو رستو هيو جنهنڪري مون معاملو وڌائڻ مناسب نہ ڄاتو، جو مان الله تعاليٰ جي فضل و ڪرم سان بحفاظت بنگلي تي پڄي ويو هئس. مون پوءِ انسپيڪٽر کي چيو تہ بس هاڻي ان ڳالهہ کي ڇڏيو ۽ اوهان پلي وڃيو.

آخر ٻن اڍائن مهينن بعد چيف منسٽر صاحب جن منهنجي بدلي ڪري مونکي ڪراچيءَ پرزائيڊنگ آفيسر جونيئر ليبر ڪورٽ ڪري رکيو. مان عبدالحميد خان کي چيو تہ ڪراچي ۾ مون کي تڪليف ٿيندي، مون کي ٻئي ڪنهن هنڌ S.D.M ٿيڻ جو بہ شوق نہ آهي ۽ گهوٽڪيءَ ۾ ڊپٽي ڪالونائيزيشن آفيسر گڊو بئراج جي جڳهہ خالي پئي آهي، ان تي منهنجو آرڊر ڪرايو. پوءِ منهنجو آرڊر ان جڳهہ تي ڪرايائين پر انهيءَ دوران ڏاڍاين بارشن ڪري نئين گاج وهي آئي هئي ۽ بچاءَ بند تي پاڻيءَ جو ڏاڍو دٻاءُ هو، جنهن ڪري وڏي ٻوڏ جو خطرو پيدا ٿي پيو هو. انهيءَ ڪري منهنجي آرڊر ۾ اهو بہ لکيائون تہ مان في الحال چارج نہ ڇڏيان، جيستائين ٻوڏ جو خطرو صفا ٽري نہ وڃي.

فريد آباد بنگلي کان ٿي آرڊيون ڪن مٿي کان وٺي بچاءَ بند جي نگهباني وغيره انجنيئر ايريگيشن وارهہ ڊويزن (ان وقت جيرامداس هيو) جي حوالي هئي ۽ ان کان هيٺ منچر ڊنڊ تائين اها ذميواري انجنيئر رائيس ڪئنال (ان وقت الله وسايو پٽي هو) جي هئي. بچاءُ بند تي دٻاءُ نہ رڳو نئين گاج جي پاڻيءَ جي وڏن ريلي جو دٻاءُ هو پر بلوچستان مان بہ بارشن جو پاڻي حمل ڊنڊ ٻوڙيندو اچي بچاءُ بند سان پئي ٽڪريو. ان کان علاوه ٻين ننڍين ننڍين نين جو برساتي پاڻي سڏو اچي بچاءُ بند تي پئي لڳو. انهيءَ ڪري وڏي ٻوڏ جو خطرو پيدا ٿي پيو هو.

انهيءَ صورتحال جي پيشِ نظر ٻئي انجنيئر صاحب پنهنجي ايريگيشن عملي ۽ روينيو عملي (S.D.M ۽ ٻيا) سوڏو رات ڏينهن بند تي ڊيوٽيءَ تي موجود هوندا هئا ۽ بچاءَ بند تي پئٽرولنگ ڪندا رهندا هئاسين. جيئن تہ دادو ضلعي جي بچاءَ بند جي چارج الله وسائي پٽي انجنيئر رائيس ڪئنال تي هئي، ان ڪري هو ۽ مان هميشہ ڊيوٽيءَ ۾ گڏ هوندا هئاسين ۽ D.S.P دادو غلام محمد ميمڻ بہ ساڻ هوندو هو، جو بند تي ڇيڙ لاءِ مزدور (هاري ناري) ڪٺي ڪرڻ ۾ مدد ڪندو هو ۽ ان کان

علاوه بلڊوزر بہ بچاءَ بند جي ڪمزور هنڌن تي مٽي وجهرائڻ لاءِ گهرائي ڪم تي لڳايا ويا هئا. مسٽر الله وسائي ڀٽيءَ پنهنجي حد ۾ فريدآباد بنگلي تي پنهنجي ڪئمپ قائم ڪئي، جتي ان جي حد ۾ ڊيوٽيءَ تي لڳل آفيسر ڪجهہ وقت اچي ترسندا ۽ ماني ٽڪي کائيندا هئا.

هڪ رات بچاءَ بند تي پاڻيءَ جي ڇولين جو دٻاءُ وڌي ويو جو ان رات هوا بہ عام ڏينهن کان مڙئي وڌيڪ پئي لڳي ۽ نتيجي ۾ فريدآباد بنگلي کان ڪجهہ آرڊيون مٽي ديوان جيرامداس جي حد ۾ (لاڙڪاڻي ضلع جي حد) بچاءَ بند ۾ وڏو گهارو پئجي ويو ۽ پاڻي تيزيءَ سان نصيرآباد شهر (ضلع لاڙڪاڻي) ڏانهن وڌندو پي ويو. ڇاڪاڻ جو لاڙڪاڻي ۽ دادو ضلعن جي حدن جي وچ ۾ ڏامراهہ واهہ هيو جتي رستي جي چاڙهي بہ هئي ۽ ڏامراهہ واهہ جو ڪپر بہ مٽي هو انهيءَ ڪري پاڻي لاڙڪاڻي ضلع ڏانهن پئي ويو.

الله وسائي ڀٽي انجنيئر چيو تہ فريدآباد بنگلي ٻڌڻ جو انديشو آهي، انهيءَ ڪري ڪئمپ کڏهري بنگلي تي شفٽ ڪئي پر اتي بہ حفاظت نہ سمجهي، ڳاڙهيءَ ڪئمپ شفٽ ڪرايائين. اتي پهچي ڏٺوسين تہ ايس پي لاڙڪاڻو محمد پنيل موجود هو ۽ سيٽ ڪلياڻداس گاجي کهاوڙ وارو ڇيڙ سميت بہ موجود هو. مون ايس پي صاحب کان پڇيوتہ ڏامراهي واهہ کي ڪٽ ڏيارينداءُ ڇا؟ جنهن چيو تہ ها ائين ئي ڪنداسين. مون اهڙو اطلاع پنهنجي ڊپٽي ڪمشنر محمد هاشم صاحب جن کي دادوءَ فون تي ڏنو جنهن چيو تہ ڇو ڏامراهي واهہ کي ڪٽ ڏئي پاڻي دادو ضلع ڏي ماڻين؟ مون صاحب موصوف کي چيو تہ سائين فلڊ اسڪيم (Flood Scheeme) ۾ بہ ائين ئي آهي تہ ٻوڏ وارو پاڻي (M.N.V. Drain) ڇنڊڻ ۾ ڇڏي منچر ڍنڍ ڏانهن روانو ڪرڻو آهي. ڊپٽي ڪمشنر صاحب جن پوءِ پاڻ سرزمين تي پهچي ويا ۽ ان جي موجودگيءَ ۾ چاڪر علي جوڻيجي پ پ صدر ضلعي لاڙڪاڻي سيٽ ڪلياڻداس جي آندل ڇيڙ جي ماڻهن هٿان ڏامراهي واهہ جي ڪپر ٽوڙائي ٻوڏ جي پاڻيءَ جو رخ نصيرآباد جي طرف کان هٽائي دادو ضلع ڏانهن پاڻي وهايو پر جيئن تہ ڇنڊڻ (M.N.V. Drain) لٽيل هئي ۽ ان ۾ گاهہ گند بہ هيو ان ڪري اها ايترو پاڻي نہ پئي جهلي سگهي، جنهن جي نتيجي ۾ پاڻي اچي سپري بند تي ٽڪرايو ۽ ان بند تي پاڻيءَ جو چاڙهہ وڌندو پيو وڃي. اهو سپرو بند خيرپور ناٿن شاهہ ۽ ميهڙ تعلقن جي بچاءُ لاءِ هيو ۽ جي ان سپري بند کي خدانخواستہ ڪو گهارو پئجي وڃي ها تہ انهن ٻنهي تعلقن خواه خيرپور ناٿن شاهہ توڙي ميهڙ شهرن کي بہ ٻوڏ جو خطرو ٿي پئي سگهيو. هوڏانهن جيستائين بچاءَ بند ۾ پل گهارو ٻڌجي تيستائين پاڻيءَ جو دٻاءُ سپري بند تي وڌندو پيو وڃي. انهيءَ ڪري جوهي برانچ جي ٻنهي ڪنارن کي ڪٽ ڏياري پاڻي منچر ڍنڍ ڏانهن موڙيو پئي ويو ۽ پاڻي گهٽي ايراضيءَ ۾ ڦهلجي منچر ڍنڍ ڏانهن وڃڻ لڳو ۽ سپري بند تان پاڻيءَ دٻاءُ گهٽ ٿيڻ لڳو. هوڏانهن پاڻي جو رخ دادو ضلع ڏانهن موڙڻ ڪري نصيرآباد جو شهر ٻڏڻ کان بچي ويو. الله وسائي ڀٽيءَ کي خبر هئي تہ گهارن جي ٻڌڻ لاءِ سانگهڙ ضلعي جا ٽوٻا تمام قابل آهن، انهيءَ ڪري ان اتان ٽوٻا گهرائي جيرامداس انجنيئر کي گهاري بند ڪرائڻ ۾ مدد ڪئي.

ذوالفقار علي پُٽي صاحب بہ صورتحال معلوم ڪرڻ لاءِ سرزمين ڏسڻ جو پروگرام رکيو. جنهن لاءِ ڊپٽي ڪمشنر صاحب چيو تہ بچاءَ بند تي تي هيليپئڊ نهرائي ۽ تر جي زميندارن کي بہ اطلاع ڪري تہ پُٽي صاحب جن جي ميٽنگ ۾ اچي شريڪ ٿين. ڊپٽي ڪمشنر صاحب جن جي حڪم موجب مون هيليپئڊ بہ تيار ڪرايا ۽ تر جي زميندارن کي بہ ميٽنگ ۾ شريڪ ٿيڻ جو اطلاع ڪرائي ڇڏيو. ان دوران ڊپٽي ڪمشنر صاحب ۽ دادوءَ جو ايس پي بہ پهچي ويا. پُٽي صاحب جن جي آمد جي وقت کان اڳ ڪلاڪ کن اڳ ظفر علي لغاري جيڪو پ پ ضلعي دادوءَ جو صدر هو. اهو پ پ ورڪرن کي پاڻ سان گڏ وٺي اچي هيليپئڊن ۽ بچاءَ بند تي جتي پُٽي صاحب جن جي ميٽنگ لاءِ بندوبست رکيل هو. ان جي وچ تي بچاءَ بند مٿان ٽيبل ۽ ڪرسيون رکرائي ڇڏيون.

ميٽنگ ۾ عبدالحميد خان جتوئي، حاجي امير بخش جوڻيجو ۽ ڪجهہ ٻيا زميندار، ايريگيشن عملي جا عملدار، اسان جو ڊپٽي ڪمشنر صاحب ۽ دادوءَ جو ايس پي ميٽنگ ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ پهتا هئا. ڊي ايس پي دادو غلام محمد ميمڻ ۽ مان بہ موجود رهياسين، اسان ٻنهي کي ظفر علي لغاريءَ جي مٿئين حرڪت ڪاوڙ تہ ڏاڍي ڏياري پر جيئن تہ اسان جا بالا آفيسر پاڻ موجود هئا، انهيءَ ڪري اسان پنهنجي طرفان وڃي اهي ٽيبل ۽ ڪرسيون هٽائڻ مناسب نہ سمجهيو.

پُٽي صاهب جن جيئن ئي هيليڪاپٽر مان لٿا تہ رستي ۾ بيٺل پ پ ضلعي صدر ۽ ورڪرن وٽ نہ بيٺا ۽ سڌو جتي ميٽنگ جو بندوبست رکيل هو. اتي هلي اچي ويٺا ۽ ٻوڏ جي صورتحال بابت ۽ موجوده حالت بابت تفصيلي معلومات ايريگيشن عملي کان ورتي ۽ ويندي وقت ايريگيشن جي آفيسرن کي اها هدايت ڪئي تہ خيرپور ۽ ميهڙ تعلقا ٻڌن تہ پلي ٻڌن پر نصيرآباد کي ڪنهن بہ قسم جو نقصان نہ ٿيڻ ڪپي.

واپس ويندي پُٽو صاحب ان هنڌ اچي بيٺو جي ظفر علي لغاري ورڪرن سان گڏ رستي ۾ ٽيبل ۽ ڪرسيون رکي بيٺو هو. ظفر علي لغاري ان وقت بہ پُٽي صاحب جن آڏو عبدالحميد خان جتوئي خلاف ڪجهہ ڳالهايو. جنهن جي جواب ۾ ڪيس سختيءَ سان چيو تہ مان هتي ٻوڏ جي صورتحال معلوم ڪرڻ ۽ ماڻهن سان همدردي ڪرڻ آيو آهيان تہ ان موقعي تي بہ اوهان شڪايتون ڪرڻ شروع ڪري ڏنيون آهن، پوءِ پُٽو صاحب هيليڪاپٽر ۾ چڙهي روانو ٿي ويو.

الله پاڪ جي فضل و ڪرم سان خيرپورناٿن شاهہ ۽ ميهڙ تعلقو محفوظ رهيا ۽ جيستائين بچاءَ بند جو گهارو ٻڌجي تيستائين پاڻي منجهہ ڍنڍ ڏانهن ويندو رهيو. جيڪا آخر اٿلي پئي ۽ سيوهڻ تعلقي ۾ ڪجهہ نقصان ٿيو پر مان اوڏانهن پاڻ اهو ڪونہ وڃي ڏٺو. جو اها منهنجي حد نہ هئي.

جيرامداس انهيءَ سموري عرصي دوران جڏهن بہ اسان واري ڪئمپ تي فريدآباد بنگلي تي ايندو هو تہ سدائين مان ڪيس (جيرامداس انجنيئر) چوندو هوس تہ ماني کائي پوءِ وڃجو ۽ هو بہ ان تي اعتراض ڪونہ وارينڊو هو ۽ ماني کائي پوءِ ويندو هو.

مان دادوءَ ۾ هئس جو هڪڙي ڏينهن لاڙڪاڻي وڃڻ ٿيو تہ انجنيئر الله وسائي خان پٽيءَ سان سندس بنگلي تي ڪچهري ڪرڻ ويس تہ اتي ڳالهہ ڪڍيائين تہ هُو جڏهن ٻوڏ جي سلسلي ۾ پنهنجي حد ۾ آيو پئي تہ ڪيس دل ۾ وهم پئي آيو تہ خدا خير سان وقت گذاري جو منهنجي نالي ٻڌو هيائين تہ مون جيرامداس انجنيئر کي گرفتار پئي ڪرايو پر اوهان جو ساڻس پورو پورو تعاون رهيو ۽ وقت خير خوبيءَ سان گذري ويو. ساڻس ڪچهري ڪندي مون کيس چيو تہ ديوان جيرامداس انجنيئر (جنهن جو بنگلو سندس بنگلي جي پرسان هيو) ان جي جاچ ڪر، جي آهي تہ مان گهڙي ڪن وڃي ساڻس ڪچهري ڪيان. هن جاچ ڪئي تہ ديوان جيرامداس موجود هو ۽ منهنجي نالي ٻڌايائين تہ اوهان ڏانهن اچي پيو پوءِ هن وٽ ويس جنهن چانهہ بہ پياري ۽ ڪچهري بہ ڪئي. مان اها ڳالهہ محمد هاشم صاحب جن سان ڪئي تہ ديوان جيرامداس سان لاڙڪاڻي ۾ سندس بنگلي تي وڃي ساڻس ڪچهري ڪري آيو هئس تہ مشڪي چيائين تہ "ويو هئينس". جنهن تي مون صاحب موصوف کي چيو تہ سائين ڪا ذاتي دشمني تہ ڪانہ هئي.

ديوان جيرامداس ويچارو لڪيءَ ويجهو ڪار جي ائڪسيڊنٽ ۾ ديهانت ڪري ويو. الله وسايو خان پٽي چيف انجنيئر ٿيو هو جو بہ وفات ڪري ويو آهي.

مسٽر امداد علي شيخ پوءِ ائڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر دادو ٿي آيو ۽ مسٽر فياض محمد قريشي ائڊيشنل A.D.C کي منهنجي جاءِ تي S.D.M دادو سب ڊويزن ڪري مقرر ڪيو ويو جنهن کي مان تاريخ 31 آڪٽوبر 1975 تي چارج ڏئي وڃي گهوٽڪيءَ ۾ ڊپٽي ڪالونائيزيشن آفيسر جي چارج ورتي.

گهوٽڪي ڊپٽي ڪالونائيزيشن آفيسر

تاريخ 31.10.75 تي S.D.M دادوءَ جي چارج ڇڏي، 04.11.75 تي ڊپٽي ڪالونائيزيشن آفيسر گهوٽڪيءَ جي چارج ورتم. پهريائين ڪالونائيزيشن آفيسر گڊو بئراج هڪ مولوي صاحب هيو، جنهن جو نالو تہ ياد ڪونهي پر ان جي بدلي ٿي وڃڻ بعد مسٽر علي محمد خان ڊومڪي صاحب ڪالونائيزيشن آفيسر ٿي آيو. مونکي لئنڊ گرانٽ لاءِ ٽن تعلقن گهوٽڪي، پنو عاقل ۽ روهڙي جا اختيار هئا. باقي ميرپورماٿيلي ۽ اوٻاوڙي تعلقن جا اختيار ڪالونائيزيشن آفيسر کي هئا. اسان ٻنهي جي آرڊر خلاف اپيل ٻڌڻ جا اختيار ائڊيشنل ڪمشنر صاحب کي هوندا هئا. اها پاسيري پوسٽ گهٽي ڏچي ڪان آزاد هوندي هئي. مونکي ياد نہ آهي تہ منهنجي ترت آفيسر (ڪالونائيزيشن آفيسر) ڪڏهن ڪا فون ڪئي هجي.

هڪڙي ڏينهن ٻن ڌرين جي تڪراري معاملي بابت مون فيصلو ڪري ڌرين کي چيو تہ تپيدار سرزمين تي اچي ڌرين کي زمين جي ماپ ڪري ڏيندو، ان تي هڪڙي ڌر جي هاريءَ چيو تہ ڏسئون تہ تپيدار ڪيئن ٿو سرزمين تي اچي.

جنهن تي مان ڪيس آفيس جي ڪنڊ ۾ ويهاري ڇڏيو ۽ قاسم علي شاهہ ڊي ايس پي گهوٽڪيءَ کي فون ڪيم تہ ڪنهن A.S.I کي موڪلي تہ مون کي فرياد لکرائڻي آهي. جنهن A.S.I کي موڪليو ۽ مون هن کي لکت ۾ ان هاريءَ خلاف فرياد ڏني، جنهن کي هو گرفتار ڪري ٿاڻي تي وٺي ويو ۽ ڪيس ايس ڊي ايم جي ڪورٽ ۾ چالان ڪري ڇڏيو. اهو ڇنڇر جو ڏينهن هو، سردار غلام محمد خان مهر هن جي ضامن ڪڻڻ لاءِ فون ڪيو، جنهن کي مون چيو تہ پلي ٻہ ڏينهن جيل ۾ هجي، باقي سومر ڏينهن ضامن ڪرائبس.

هن جو ضامن تہ ٿيو پر ڪيس هن جي خلاف هلندو پئي آيو ۽ ان ڪيس کي چڱو وقت گذريو تہ هڪڙي ڏينهن مسٽر غلام قادر ميمڻ ايس ڊي ايم گهوٽڪي مون وٽ بنگلي تي آيو هو ۽ ڪچهري ڪري جڏهن واپس وڃي رهيو هو تہ بنگلي کان ٻاهر نڪتاسين تہ جنهن ماڻهوءَ خلاف ڪيس هليو پئي، انهيءَ پٽڪو لاهي منهنجن پيرن تي رکي عرض ڪيو تہ سندس ڪيس مان جان ڇڏايان. مان پوءِ ايس ڊي ايم کي چيو تہ هن تي ڏنڊ ڪري ڪيس ختم ڪريو.

پني عاقل جي ديهہ گهريءَ ۾ هڪڙي آبادگار جي نالي وڏيڪ اناج پوکڻ جي مهم هيٺ 400 ايڪڙ زمين گرانٽ ٿيل هئي. جڏهن ان گرانٽ جون سموريون قسطون پيارجي چڪيون، تڏهن ٽن ٻين آبادگارن ڪالونائيزيشن آفيسر جن کي درخواست ڏني تہ خانگي طرح هو ٻہ ان 400 ايڪڙ ايراضيءَ ۾ هڪ جيترا پائيوار آهن. انهيءَ ڪري هنن مان ٻہ هر هڪ کي 100 ايڪڙ زمين ڏياري وڃي. اها درخواست مون ڏي انڪوائري ڪري رپورٽ ڪرڻ لاءِ آئي. مون سرزمين تي وڃي ڏٺو تہ هر

100 ايڪڙ ايراضيءَ ۾ چئني جا جدا جدا ڳوٺ ٻڌل هئا ۽ چئني ڳوٺن ۾ انهن جا هاري رهندا هئا، جڏهن ته هر هڪ ڳوٺ ۾ جدا جدا ٽيوب ويل به لڳل هئا. مان هارين توڙي ٻين جا بيان وٺي انڪوائري مڪمل ڪري درخواست ڏيندڙن تن آبادگارن جي لاءِ سفارش ڪري موڪلي ته انهن جو به ان زمين تي هڪ جيترو حق آهي ۽ 400 ايڪڙن مان هر هڪ کي سؤ سؤ ايڪڙ ايراضيءَ تي حق آهي.

پر ڪالونائيزيشن آفيسر علي محمد خان ڊومڪيءَ کي ڇهن هفتن لاءِ پشاور ٽريننگ تي موڪليو ويو ته اها عارضي طور چارج مونکي ڏني وئي هئي. انهيءَ دوران ڪالونائيزيشن آفيسر ان معاملي جو فيصلو اڃان ڪونه ڪيو هو. جڏهن مونکي عارضي طرح چارج هئي ته اهي درخواست ڪندڙ تي آبادگار آيا ۽ چيائون ته اوهان سرزمين ڏسي آيا آهيو ۽ اوهان فيصلو ڪيو. مان پوءِ هنن جي حق ۾ فيصلو ڪري ڇڏيو. منهنجي گهوٽڪيءَ ۾ عرصي دوران ووٽن جي لسٽن تي ڪليم ۽ اعتراض ٻڌڻ لاءِ آرڊر آيل هئا ته ڊپٽي ڪمشنر سکر مسٽر اشفاق احمد عباسي صاحب گهوٽڪي سب ڊويزن جو اهو ڪم مونکي ڪرڻ لاءِ لکيو. عام روايتي طرح ته اهو ڪم ڊپٽي ڪليڪٽر جي حوالي ٿيندو آهي پر شايد ته مان مسٽر اشفاق احمد عباسي صاحب جن وٽ جڏهن هو سجاول سب ڊويزن جو ڊپٽي ڪليڪٽر هو ته مان شاهه بندر جو مختيارڪار هن جو زيردست ٿي رهيو هئس، انهيءَ ڪري اهو ڪم هن مون کي ڪرڻ لاءِ چيو هجي.

جيئن ته ڪليم ۽ اعتراضن لاءِ درخواستون تمام گهڻيون پهتل هيون، جو ان ايريا ۾ لُنڊن _ مهرن ۽ ڀرچونڊي وارن پيرن جو اثر هو، انهيءَ ڪري مان لکي موڪليو ته اهو سمورو ڪم مان مقرر وقت اندر پورو نه ڪري سگهندس، انهيءَ ڪري ٻيو به ڪو آفيسر مقرر ڪيو وڃي. انهيءَ وچ ۾ سردار نور محمد خان لنڊ منهنجي خلاف تار ڪئي ته مان مهرن جو ماڻهو آهيان، انهيءَ ڪري اهو ڪم مان نه ڪيان ۽ ٻيو ڪو آفيسر مقرر ڪيو وڃي.

هوڏانهن سردار غلام محمد خان مهر پنهنجو ماڻهو مصري چنڊ کي موڪليو. جنهن اچي چيو ته سردار صاحب چيو آهي ته اسان جي مڙئي پارٽ هجيوَ. جنهن تي مون هن کي چيو ته سردار صاحب جن کي چوي ته مان بي انصافي ڪونه ڪندس، اوهان ڀلي منهنجي جاءِ تي ٻيو ماڻهو رکرايو.

خير مان ڏهرڪي بنگلي تي ڪم شروع ڪيو ته مهر صاحب (سردار غلام محمد مهر) سردار نور محمد خان لنڊ ۽ ڀرچونڊيءَ جي پيرن جا ماڻهو هٿيار کڻي اندر اچي ويٺا، جن کي مون چيو ته مان هتي ڪنهن کي ويهڻ ڪونه ڏيندس ۽ مان سمورا فيصلا قرآن شريف رکي ڪندس، جنهن بعد هو سڀ ٻاهر نڪري ويا. مان اڃا ٿورو ئي ڪم ڪيو ته مونکي تار پهتي ته مان ڪم نه ڪيان (اها تار مسٽر احمد خان بارڪزئي جيڪو اليڪشن ڪمشنر هو ان ڪئي هئي) منهنجي جاءِ تي ظهير احمد ائڊيشنل سيشن جج کي مقرر ڪيو ويو. مان تار پهچڻ تي ڪلمو پڙهي شڪر ڪيو ته منهنجي هن ڪم مان جان ڇُٽي.

مسٽر ظهير احمد خان آيو تہ مان ان کي چارج ڏئي موٽي آيس. ڪجھہ وقت کان پوءِ مسٽر احمد خان بارڪزئي سان ملاقات ٿي تہ هن چيو تہ منهنجي ليٽر مان هن محسوس ڪيو هو تہ تون ان ڪم ڪرڻ لاءِ راضي نہ هُئين، انهيءَ ڪري هن تار ڪئي هئي تہ مان ڪم نہ ڪيان (مسٽر احمد خان بارڪزئي ڪراچي ڪاليج واري وقت کان منهنجو دوست هو. جو ٻئي ساڳي هاسٽل ۾ هڪ ٻئي جي پرسان وارن ڪمرن ۾ رهندا هئاسين).

جنهن وقت ۾ موجوده بلوچستان صوبي جي نصير آباد ڊويزن، سنڌ صوبي سان هئي تہ سردار علي بلاول خان ڊومڪيءَ جي ڪجھہ زمين حڪومت ڪنهن اسڪيم لاءِ ڪنئي (Acquire) هئي، جنهن جي عيوضي جو مسئلو هلندڙ هو ۽ ان ڪيس جي پوئواري D.C.O گهوٽڪي ڪندو هو. ساڳي طرح سومرن صاحبن جي زمين بہ حڪومت ورتي هئي، جنهن جو عيوضو (قميت جي رقم) هنن کي ملي چڪو هو. پر سردار علي بلاول خان کي سندس زمين جو عيوضو سومرن کي ڏنل عيوضي کان گهٽ پئي ڏنو ويو. جو هن نہ ورتو ۽ سندس اها گُهر هئي تہ جيترو عيوضو سومرن کي ڏنو ويو آهي ڪيس بہ ان حساب سان ڏنو وڃي. پوءِ جڏهن نصير آباد ڊويزن بلوچستان صوبي سان ملائي وئي تہ اهو ڪيس، بلوچستان صوبي جي ميمبر بورڊ آف رويني وٽ پينڊنگ هيو. جنهن ڪيس جي نبيري لاءِ ٽيمپل ديرا ۾ ميٽنگ رکي هئي، جتي مان اهو ڪيس کڻي ويو هئس پر ميمبر صاحب اتي ڪو فيصلو ڪونہ ڪيو ۽ ٻي ميٽنگ وري ڪوئيٽا ۾ رکيائين. اهي ڏينهن سخت سرديءَ جا هئا. مان سردار علي بلاول خان ڊومڪيءَ سان گڏجي سندس ڪار ۾ ڪوئيٽا ويس ۽ اتي شهلانيءَ جي بنگلي جيڪو ڪافي وڏو هوءِ تمام گهڻا ڪمرا هئس اتي وڃي رات جو رهيس ۽ ٻئي ڏينهن تي ميمبر بورڊ آف رويني وٽ رکيل ميٽنگ ۾ اهو ڪيس کڻي ويس، جنهن تي بحث مباحثو تہ ٿيو پر فيصلو ميمبر صاحب وري بہ ڪونہ ٻڌايو.

ميمبر صاحب سردار صاحب ۽ مونکي رات جي مانيءَ جي بہ دعوت ڏني هئي ۽ ان دعوت ۾ وياسين تہ ڪمري ۾ هڪڙو وڏو بخارو ٺهيل هو. جنهن ۾ ڪاٺين جو وڏو مچ پئي ٻريو ۽ گڏوگڏ گرم پاڻيءَ جي پائيپ لائين بہ لڳل هئي، جنهن ۾ گرم پاڻي پئي هليو. ماني کائي واپس بنگلي تي آياسين تہ مون سردار علي بلاول خان کي چيو تہ هن سرديءَ ۾ مان وڌيڪ رهي نہ سگهندس ۽ مان ٽرين ۾ واپس ٿو وڃان، جو هن چيو تہ هو پنهنجي معاملي لاءِ ان وقت جي چيف منسٽر جام غلام قادر سان ملي فيصلو ڪرائيندو. انهيءَ ڪري ڪيس اتي ترسڻو پوندو. پوءِ مونکي چيائين تہ هلو تہ ٿورو شهر جو چڪر ڏئي جهٽ موٽئون ٿا تہ پوءِ اوهان کي ڪار اسٽيشن تي ڇڏي ايندي. هو ڪلاٿ مارڪيٽ ۾ وٺي هليو ۽ هڪ فل سوٽ جو فارين ڪلاس جو پيس وٺي ڏنو. جو ان وقت 599 روپين ۾ مليو. پوءِ سندس ڪار مونکي اسٽيشن تي ڇڏي وئي ۽ مان واپس آيس. اهو فل سوٽ وارو پيس ڪرٽن جي ڏانو جو هيو ۽ سرڻ جي ڏانو جو نہ هو. پوءِ ان ڪپڙي مان هڪ ڪوٽ پنهنجي لاءِ ۽ ٻيو پنهنجي پٽ غلام ياسين کي ٺهرائي ڏنم.

هڪڙي رات انور علي خان مهر (سردار غلام محمد مهر جي ڀاءَ) پنهنجي ڳوٺ ۾ دعوت رکي، جنهن ۾ مونکي، غلام وقار ميمڻ S.D.M انسپيڪٽر فاروقي ۽ڪن ٻين کي به مدعو ڪيو ويو هو. ڪافي وقت ڪچهريءَ ڪرڻ بعد انور علي خان مهر، غلام قادر ميمڻ S.D.M کي چيو ته سندن محفل ته دير سان لڳندي باقي ڪيس ۽ مونکي چئو ته ماني لڳرائي ڏئي. جنهن تي غلام قادر ميمڻ چيس ته ٺيڪ آهي، اسان ٻنهي کي ماني لڳرائي ڏيو ۽اسان ٻئي ماني کائڻ بعد واپس گهوٽڪيءَ آياسين. پوءِ خبر پئي هئي ته جيڪي دير واري محفل ۾ شريڪ هئا اهي نشي ۾ ايترو ته هوش وڃائي وينا هئا، جو ڪرسيون اڀيون ڪري هڪ ٻئي کي هٿي زخمي ڪري ڇڏيو هيائون.

جڏهن مونکي ڪالونائيزيشن آفيسر جي عارضي چارج هئي ته ان دوران ٻوڏ آئي هئي ۽ مونکي بيگمانجي اسٽيشن تي ٻوڏ جي ڊيوٽيءَ تي ڪمشنر صاحب مسٽر الله بخش سومري صاحب لڳايو. اسان جيڪي به ٻين هنڌن تي ٻوڏ ڊيوٽيءَ تي مقرر ڪيا ويا هئاسين، اهي سڀ ئي آفيسر مسٽر الطاف حسين قادري ائڊيشنل ڪمشنر صاحب جي سپروئين (نظرداري)هيٺ ڪم ڪندا هئاسين. مان انهن ڏينهن ۾ ڪالونائيزيشن آفيسر واري بنگلي ۾ سکر ئي رهندو هئس ۽ وچ ۾ گهوٽڪيءَ به ايندو ويندو هئس جو منهنجا ٻار اتي رهندا هئا. هڪڙي ڏينهن شام جو مان قادري صاحب جن کان سندس ڪئمپ سنئي واهه تي ڪانئس اجازت وٺي سکر آيس ته پنيان ڪمشنر صاحب سنئي ڪئمپ تي ويو ته منهنجي قادري صاحب کان پڇا ڪيائين، جنهن منهنجي لاءِ لاعلمي ٻڌايس. حالانڪ مان ڪانئس اجازت وٺي آيو هئس. ڪمشنر صاحب واپس سکر موٽي آيو ته محمد پنيل عطار صاحب جيڪو وٽس اسسٽنٽ ڪمشنر جنرل هيو، ان کي چيائين ته تو وارو دوست ڊيوٽيءَ تان پڇي آيو آهي، (ڪمشنر صاحب جن کي خبر هئي ته محمد پنيل عطار ۽ مان دوست هئاسين ۽ محمد پنيل عطار ئي ڪوشش وٺي مونکي C.O جي عارضي چارج ڏياري هئي، حالانڪ مير محمد شيخ ڊپٽي ڪالونائيزيشن آفيسر شڪارپور مون کان سينيئر هو).

مان جڏهن سکر آيس ته عطار صاحب سان ملڻ ويس ته هن مونکي ٻڌايو ته ڪمشنر صاحب کيس چيو ته تو وارو دوست ڊيوٽيءَ تان پڇي آيو آهي. جنهن کي مون ٻڌايو ته مان ته قادري صاحب کان اجازت وٺي آيو آهيان. هن مون کي صلاح ڏني ته تون ڪئمپ تي هينئر ئي موٽي وڃي رات اتي ترس. مان کيس چيو ته مان هتي به ته اڪيلو آهيان، رات جهڙو مونکي هتي سمهڻو اهڙو ڪئمپ تي. پوءِ مان واپس سنئي واهه تي جتي قادري صاحب جن جي ڪئمپ هئي ۽ ٻيو عملو به هيو اتي ويس، ڪافي وقت گذريو ته قادري صاحب جن چيو ته تون سکر وڃين ته پلي وچ پر مون چيو ته سائين مان اتي ئي رات ترسان ٿو، مونکي سکر ڪو خاص ڪم ته ڪونهي. بهرحال مون ساڻن ڪمشنر صاحب واري ڳالهه بابت ڪو اکر به ڪُڇيو ڪونه. صبح جو ڪمشنر صاحب سويل سج اڀرڻ کان به اڳ سنئي واهه واري ڪئمپ تي آيو. قادري صاحب جن ۽ مان سندن سامهون بينا هئاسين ته مون کان پڇا ڪيائين ته ڪالهه ڪاڏي ويو هئين ته مون صاحب موصوف جن کي ٻڌايو ته سکر ويو هئس. پوءِ

چيائين تہ ڪنهن جي اجازت سان ويو هئين تہ مون قادري صاحب جن ڏي هٿ ڪري ٻڌايو تہ صاحب جن ڪان موڪل وٺي ويو هئس، پر قادري صاحب جن ڪجهہ نہ ڪڇيو جو مان ڪوڙي ڳالهہ ڪمشنر صاحب جن کي چئي نہ هئي.

قادري صاحب جن ان وقت تہ ڪجهہ ڪونہ ڪڇيو ۽ منهنجي ڳالهہ کي رد بہ نہ ڪيو پر هن منهنجي خلاف بغض دلڻ رکي ڇڏيو. جنهن جو اظهار هن ٻين موقعن تي ڪيو. جن جو ذڪر اڳتي انهن موقعن واري وقت ڪبو. خير اچجي ٿو ٻو واري صوتحال جي ذڪر تي.

ٻوڏ جي پاڻيءَ جو دٻاءُ سنئي واهہ تي وڌندو ويو ۽ جي اهو پٽو ٽٽي تہ خيرپور شهر جي ٻڌڻ جو خطرو هو ۽ جيڪڏهن ان تان دٻاءُ گهٽائڻ لاءِ پاڻي جو رخ موڙجي پيو تہ پوءِ ٻوڏ جو پاڻي ڪوٽڏيجي طرف پيو وڃي. قائم علي شاهہ خيرپور کي بچائڻ پيو چاهي ۽ هوڏانهن مير عطا حسين ٽالپر ڪوٽ ڏيجيءَ کي بچائڻ پيو چاهي. ٻئي ان وقت وزير هئا، هڪ ٻئي سان ڳالهائيندا بہ ڪونہ هئا. نيٽ بم بلاسٽ ڪري ريلوي لائين توڙي ٻوڏ جي پاڻي جو رخ ڪوٽڏيجيءَ ڏانهن ڪيو ويو پر انهيءَ دوران ٻوڏ جي پاڻيءَ جو زور گهٽجي ويو هو ۽ ڪوٽڏيجيءَ تائين ڪونہ پهتو ۽ خيرپور ۽ ڪوٽڏيجي ٻئي ٻوڏ کان بچي ويا. گهوٽڪيءَ ۾ اکروٽن جي متائي ڏاڍي سني هوندي هئي جا ٻاهر بہ ويندي هئي. مونکي پوءِ ڊپٽي ڪالونائيزيشن آفيسر گهوٽڪيءَ واري پوسٽ تان بدلي ڪري ڪمشنر صاحب جن وٽ اسسٽنٽ ڪمشنر جنرل ڪري مقرر ڪيو ويو ۽ منهنجي جاءِ تي مسٽر عبدالحفيظ سومري صاحب کي رکيو ويو. مان 24.10.76 تي هن کي چارج ڏني پر ڪمشنر صاحب جن جي آفيس ۾ ڊيوٽي تي نہ چڙهيس ۽ ميڊيڪل سرٽيفڪيٽ پيش ڪري موڪل تي هليو ويس. گهوٽڪيءَ مان، مون هڪ ڪيس محمد هاشم صاحب دادوءَ جي D.C کي موڪليو. جنهن هڪ هزار جو چيڪ ڪٽڪ خريد ڪرڻ ۾ بهتر ڪارڪردگي ڪري موڪليو.

موڪل پوري ٿيڻ واري هئي جو مون عبدالحميد خان جتوئيءَ کي چيو تہ دادو ضلع ۾ ڪنهن پوسٽ تي رکرائي، جنهن منهنجو آرڊر ائڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر دادوءَ جو ڪرايو. جتي مان تاريخ 05.01.77 تي وڃي چارج ورتي.

منهنجي گهوٽڪي ۾ عرصي دوران نذير احمد چوڌري رٽائرڊ ڪمشنر پنهنجي بيگم سميت گهوٽڪي پنهنجون زمينون ڏسڻ آيو هو ۽ منهنجي آفيس ۾ بہ آيو هو. سندن رهائش جو بندوبست گهوٽڪي ايريگيشن بنگلي تي ڪيو ويو هو. آفتاب شعبان ميراڻي بہ شايد ساڻن گڏ آيو هو. دادوءَ ۾ تاريخ 05.01.1977 تي چارج A.D.C جي ورتي تہ ان وقت مسٽر تاج محمد قريشي ڊپٽي ڪمشنر هو جنهن وٽ جڏهن هو خيرپور ۾ ڊپٽي ڪمشنر هو تہ مان سندن زيردست مختيارڪار گمبٽ هئس.

منهنجي جڏهن گمبٽ مان شاهبندر بدلي ٿي هئي تہ مان ڪانئن خيرپور موڪلائڻ ويو هئس تہ ان وقت وٽس مسٽر محمد هاشم ميمڻ (جيڪو انهيءَ وقت نوڪريءَ تان لٿل هو) ۽ مسٽر علي محمد خان ڊومڪي ڊپٽي ڪليڪٽر خيرپور جن وينا هئا. تاج محمد قريشي صاحب، علي محمد

خان ڊومڪيءَ کي منهنجي لاءِ چيو تہ هن جي بدلي پير گل شاهہ ڪرائي آهي. علي محمد خان ڊومڪيءَ مونکي چيو تہ هو پير گل شاهہ کي بدلي بند ڪرائن لاءِ چوي پر مون چيو تہ مان گمبٽ ۾ نٿو رهڻ چاهيان.

تاج محمد قريشي صاحب پوءِ قائم علي شاهہ وزير کي فون ڪئي پر اهو ڪونہ ملي سگهيس پر سندس P.A محبوب علي کيمٿيو کين فون تي مليو جنهن کي تاج محمد قريشي صاحب چيو تہ سائين قائم علي شاهہ کي سندس پاران چوي تہ محمد عليءَ کي جيڪڏهن گمبٽ مان بدلي ڪرائي اٿو تہ کيس سندس ئي ضلعي ۾ ڪوٽڏيجيءَ تعلقي ۾ رکي. مسٽر محمد هاشم صاحب بہ محبوب علي کيمٿئي کي ساڳي طرح چيو پر منهنجو شاهبندر تعلقي وارو آرڊر تبديل ڪونہ ٿيو. مان تاج محمد قريشي صاحب جن کي عرض ڪيو تہ مونکي سالياني مخفي رپورٽ (Annual confidential Report) سني ڏجو جنهن جي مونکي هن خاطري ڏني.

هڪڙي ڏينهن مان آفيس ۾ ويٺو هئس تہ مسٽر برڪت علي شيخ صاحب A.D.M منهنجي آفيس ۾ آيو ۽ ساڻس حيدرآباد جو پوليس انسپيڪٽر بہ ساڻ هو. دراصل قصو اهو هو تہ دادوءَ ۾ ليڊي ڊاڪٽر سڪندر شيخ جيڪا برڪت علي صاحب جن جي رشتيدار هئي، انهيءَ دادوءَ بزار ۾ برڪت علي صاحب جي گهرو ملازم کي گهمندي ڏٺو. جنهن برڪت علي صاحب کي حيدرآباد فون ڪئي تہ اوهان پنهنجي نوڪر کي ڪڍي ڇڏيو آهي ڇا؟ جو هتي بزار ۾ پيو ڦري! جنهن برڪت علي صاحب ليڊي ڊاڪٽر کي ٻڌايو تہ هنن کيس ڪڍيو ڪونهي پر هو ڪنهن شاديءَ تي ڪراچيءَ ويل هئا تہ پٽيان سندن نوڪر گهر مان سڀ سونا زيور چوري ڪري کڻي ويو آهي. برڪت علي صاحب نوڪر کي هٿ ڪرائي ۽ کانئس پڇا ڳاڇا ڪئي هئي. برڪت علي صاحب مونکي چيو تہ حاجي پير بخش شيخ منهنجي پيٽيوئي هنن جي هڪ چورايل سوني دري ورتي آهي اها وٺرائي ڏيو. مون حاجي پير بخش کان فون ڪري پڇا ڪئي تہ هن ٻڌايو تہ هن برابر دري ورتي آهي پر اها هن چور کان نہ ورتي آهي پر ٻئي ماڻهو جي معرفت 9000 (نون) هزار روپين ۾ ورتي آهي. انسپيڪٽر سندس دوڪان تي آيو هو ۽ تلاشي بہ ورتائين پر سندس دوڪان تان هن کي دري ڪانہ ملي.. ها باقي ڪيس 9000 روپيا ڏين تہ هو کين دري واپس ڪري. مون اها حقيقت برڪت علي صاحب جن کي ڪئي تہ حاجي پير بخش ائين ٿو چوي تہ ڪيس ڏنل پئسا ڏين تہ هو دري واپس ڪندو. ان تي جيستائين برڪت علي صاحب ڪجهہ ڪڇي تہ انسپيڪٽر چيو تہ اسان جو ان ڳالهہ سان واسطو ناهي. ان تي مونکي ڏاڍي ڪاوڙ آئي ۽ مون کيس ڌمڪايو ۽ چيو تہ تون پلي وڃي حاجي پير بخش کي گرفتار ڪر تہ ڏس تہ مان ڪيئن ٿو تنهنجي خلاف ناحق بند جي فرياد وٺي تنهنجي خلاف ڪارروائي ڪيان ۽ مان حيدرآباد انڙ صاحب D.M ۽ ڪليار صاحب ايس پي سان بہ ڳالهايان ٿو. مان برڪت علي صاحب جن جو زيردست ٿي رهيو آهيان، انهيءَ ڪري سڏي ڳالهہ ٿو ڪيان پر جي انڪار ڪرڻ چاهيان ها تہ ڪري پئي سگهيس پوءِ ٻئي آفيس مان ٻاهر وراندي ۾ وڃي صلاح

مصلحت ڪري اچي چيائون تہ پلا توهان فيصلو ڪيو. جنهن تي مان چيومان تہ مان تہ ڏر آهيان جو حاجي پير بخش منهنجو پيٽيويو ٿئي، باقي مان D.S.P کي فون ڪيان ٿو تہ اهو اوهان جو فيصلو ڪري.

مان پوءِ غلام محمد خان ميمڻ (ڊي ايس پي) کي فون ڪئي تہ هنن جو فيصلو ڪري ۽ حاجي پير بخش کي بہ فون ڪيم تہ ڊي ايس پي وٽ وڃ، جو اهو سندن فيصلو ڪندو. ڊي ايس پي فيصلو ڪري حاجي پير بخش کي 8000 روپيا وٺرائي ڏنا. حاجي پير بخش پوءِ برڪت علي شيخ صاحب کي دري مسٽر محمد مريد ڏاوچ جي گهرواري (جنهن کي هن پيٽ ڪيو هو) معرفت واپس ڪئي.

مارچ 77 ۾ هڪ ڏينهن دادو جيمخاني ۾ پٽي صاحب جن جي تقرير T.V تي پئي ٻڌيسين تہ هن جڏهن ڪرسيءَ جي ٻانهن تي مُڪ هڻي چيو تہ مان ڪمزور آهيان پر هيءَ ڪرسي ڪمزور ناهي، تڏهن مونکي هن جا اهي غرور وارا الفاظ ٻڌي دل ۾ يقين ٿي ويو (قدرتي طرح) تہ هن جو هاڻي زوال اچڻ وارو آهي. جو مان هينئين ٻن فرمانروائن (بادشاهن) جا اهڙيءَ ئي طرح فرعونيت واري انداز ۾ الفاظ ڪڍڻ ۽ سندن حشر جا داستان جنگ اخبار جي مئگزين ۾ ڪافي عرصو اڳ پڙهي چڪو هئس.

- **رضا شاهہ پهلوي، شهنشاهہ ايران**

ايران جي آئين ۾ شايد ائين آهي تہ شهنشاهہ کي شاديءَ بعد ستن سالن ۾ جيڪڏهن وليعهد پئدا نہ ٿئي تہ ان راڻيءَ کي طلاق ڏئي ٻي شادي ڪرڻي هوندي. شهنشاهہ کي جيئن تہ پهرين راڻيءَ مان انهيءَ ستن سالن جي عرصي ۾ وليعهد پئدا ڪونہ ٿيو انهيءَ ڪري هن ان کي طلاق ڏئي ٻي شادي ڪئي ۽ انهيءَ راڻيءَ مان الله تبارڪ وتعاليٰ هن کي فرزند (وليعهد) عطا فرمايو. شهنشاهہ ايران کي جڏهن امير امرائن مبارڪون پئي ڏنيون تہ الله تبارڪ وتعاليٰ جو شڪر جنهن اوهان کي وليعهد عطا فرمايو تہ انهن کي وراڻيائين تہ ان ۾ الله تبارڪ وتعاليٰ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي، اها اسان جي پنهنجي ئي حڪمت عملي آهي. حاضرين مان وري جڏهن ڪنهن شهنشاهہ کان پڇيو تہ آيت الله خمينيءَ جو ڇا ٿيندو؟ پاڻ جواب ۾ چيائون تہ هو ٻيو تہ ڇڏيو پر ايران جي هوا بہ نہ سنگهي سگهندو. پوءِ دنيا ڏٺو تہ ايران ۾ انقلاب آيو ۽ آيت الله خميني جن ايران ۾ آيا ۽ ايران جي فرمانروا (شهنشاهہ) کي ڪٿي بہ پناهہ جي جاءِ نہ پئي ملي.

- **ظاهر شاهہ (افغانستان جو بادشاهہ**

بادشاهہ سلامت جن 40 سال لاڳيتو عيد ميلادالنبيءَ جن جي موقعي تي نڪتل جلوس جي اڳواڻي پنهنجي سر ڪئي هئي، هڪڙي سال اهو موقعو ويجهو آيو تہ بادشاهہ يورپ جو دورو رکيو، جنهن تي امير امرائن کين عرض ڪيو تہ قبلا عيد ميلادالنبيءَ جو موقعو مٿان آهي ۽ هر سال وانگر

اوهان جيئن جلوسن جي اڳواڻي پئي ڪئي آهي، انهيءَ ڪري هن سال بہ ان جلوس جي اڳواڻي ڪري ۽ موقعو گذاري پوءِ ئي يورپ وڃو پر بادشاهہ سلامت جن انهن کي فخرانہ انداز ۾ چيو تہ هن 40 سال ساندهہ اڳواڻي ڪئي آهي ۽ جيڪڏهن هن سال نہ ڪيائين تہ ڪهڙو فرق ٿو پوي!

پوءِ دنيا ڏٺو تہ ظاهر شاهہ بادشاهہ يورپ جي دوري تي روانو ٿي ويو تہ پنيان سندس حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو ويو ۽ پاڻ روم ۾ ڪيترائي ورهيہ جلاوطنيءَ جي زندگي گهاري تازو ئي موٽيو آهي ۽ هن ساڳي پنهنجي ئي ملڪ افغانستان ۾ گمناميءَ واري زندگي گذاري هينئر وفات ڪري ويو آهي.

هڪڙي ڏينهن ڊپٽي ڪمشنر صاحب جن جي P.A نظام الدين مون کي فون ڪئي تہ اسان جا ڊرائيور ڪم صحيح طرح ڪونہ ٿا ڪن، انهيءَ ڪري اوهان پنهنجو ڊرائيور عبدالصمد ڪين موڪلي ڏيو. مان ڊرائيور سان گڏ مونکي مليل سرڪاري جيپ ڊپٽي ڪمشنر صاحب جن جي بنگلي تي ڏياري موڪلي. ڊپٽي ڪمشنر صاحب ٻاهر گشت ۾ ويو هو ۽ جڏهن واپس آيو تہ بنگلي تي مون واري جيپ ڏسي پٽيوالي کان پڇيائين تہ A.D.M آيو آهي ڇا؟ جنهن پٽيوالي کين ٻڌايو تہ A.D.M تہ ڪونهي آيو پر مٿين P.A واري ڳالهہ ٻڌايائين. جنهن تي صاحب موصوف پنهنجي P.A کي چيو تہ تو ڇو A.D.M کي چيو تہ پنهنجو ڊرائيور موڪلي ڏيو. ڊپٽي ڪمشنر جن پوءِ جيپ ۽ مون وارو ڊرائيور واپس ڏياري موڪليو.

مان پهرين ڏينهن چارج وٺڻ بعد آفيس کان منجهند جي وقت پنهنجي بنگلي تي آيس تہ ڊرائيور مونکي ڇڏي چيو تہ سائين مان ماني کائي اچان. مون کانئس پڇيو تہ توکي اڳيون A.D.M (امداد علي شيخ) ماني نہ کارائيندو هو ڇا؟ هن چيو تہ سائين هو ماني ڪونہ کارائيندو هو ۽ پنهنجي گهران کائي ايندو آهي. مون کيس چيو تہ تون هميشہ هتي مون وٽ ماني کائيندو ڪر. مان بدلي ٿي وڃڻ بعد ٻڌو هو تہ عبدالصمد ڊرائيور پوءِ سعودي عرب هليو ويو هو ۽ اتي وڃي ڊرائيوري ڪندو هو.

مسٽر مولا بخش خان سانگي انهن ڏينهن ۾ دادوءَ ۾ سيشن جج هو. هو بہ لاڙڪاڻي جو وينل هو. هن جو ۽ منهنجو بنگلو لڳو لڳ هئا. هو ڪجهہ عرصو ٿيو جو وفات ڪري ويو آهي. منهنجي دادوءَ ۾ نوڪريءَ دوران دادو ضلع لوڪل بورڊ جون چونڊون ٿيون، مير الله بخش شاهہ نئنگ واري پنهنجي فرزند غلام شاهہ کي لوڪل بورڊ جو پريزيڊنٽ ڪرائڻ پئي چاهيو. جنهن لاءِ هن رات ڏينهن شگر جي عارضي هوندي ڏاڍي جفاڪشي ڪئي سندس پٽ تہ ڪامياب ٿيو پر سندس طبيعت تمام خراب ٿي وئي ۽ هوُ وفات ڪري ويو.

1974 ۾ جڏهن پُٽي صاحب جن قومي ۽ صوبائي اسيمبلين جون چونڊون ڪرايون تہ تڏهن پُٽي صاحب جن جي لاڙڪاڻي واري قومي اسيمبليءَ جي سيٽ جي تڪ مان مولوي جان محمد عباسي جنهن جو تعلق جماعت اسلاميءَ سان هيو. ان کي اغوا ڪرايو ويو ۽ ائين پُٽو صاحب بنا مقابلي چونڊجي آيل قرار ڏنو ويو.

انهيءَ باري ۾ مان اج بہ انهيءَ وقت قائم ڪيل راءِ تي ائين ئي قائم آهيان تہ اها سڄي نمڪ حرامي ۽ غداري محمد پنيل (جيڪو ان وقت لاڙڪاڻي ۾ ايس پي يا�ي آءِ جي هيو) ان جي ئي هئي ۽ مان ذاتي طور انهيءَ راءِ جو آهيان تہ اهو سارو منصوبو اسٽئبلشمينٽ محمد پنيل کي ڳري رشوت ڏئي يا ٻي لالچ ڏيکاري ڪيس اعتماد ۾ وٺي جوڙيو هو. ڇو جو مولوي جان محمد عباسيءَ جو ڪو ووٽ بئنڪ ڪونہ هو پر ڇاڪاڻ جو جماعت اسلامي پارٽي تمام منظم پارٽي ڄاتي وڃي ٿي، انهيءَ ڪري ئي اڳواٽ رٿيل منصوبي هيٺ ان جماعت جي ئي فرد کي اغوا ڪرايو ويو هو تہ ان جي رد عمل ۾ اها ئي جماعت تحريڪ هلائي سگهندي ۽ ان جي پشت پناهي اسٽئبلشمينٽ بہ ڪندي رهندي.

(هتي اهو ذڪر ڪرڻ مناسب ٿو سمجهان ٿو تہ ضياءَ الحق جي دور ۾ جڏهن لوڪل باڈيز جون چونڊون پئي ٿيون، تڏهن خسيس ميونسپل ڪاميٽيءَ جي ميمبري لاءِ مولوي جان محمد عباسيءَ جي فرزند قربان علي عباسيءَ جي مقابلي ۾ اسان جو هڪ عزيز عبدالعزيز ڊسٽرڪٽ انسپيڪٽر آف اسڪول (جيڪو پُٽي صاحب جي عتاب هيٺ آيل سرڪاري ملازمن مان هيو) اهو ٻيٺو تہ مولوي جان محمد عباسي پريشان ٿي ويو ۽ ششدر هو ۽ عبدالعزيز کي ايلاز منٿون ڪرڻ کان علاوه ڪيس اهو بہ ڏٺو ڏنو ويو تہ هو ڪيس ملازمت ۾ ٻيهر ڪڍائيندا. قربان علي عباسيءَ جي مقابلي ڪرڻ تان هٿ ڪڍايو هو. (پوءِ تہ هنن جو عبدالعزيز کي مولوي جان محمد جو ڏنل ڏٺو صرف ڏٺو ئي ثابت ٿيو. بهرحال هن پنهنجو ڪم تہ ڪائنس ڪڍي ورتو) ان کان علاوه مولوي صاحب جن پُٽي صاحب جن واري پهرين اليڪشن ۾ ڏسي چڪو هو تہ هن لاڙڪاڻي ضلعي ۾ رڳو نہ پر پوري ملڪ (اولهہ پاڪستان) ۾ وڏن وڏن بُتن کي توڙي ڇڏيو هو. مون تہ ڪن واتان ائين بہ ٻڌو هو تہ مولوي جان محمد جن جو اليڪشن ۾ مورڳو ٻيهڻ جو ارادو ئي بنهہ ڪو نہ هو. محمد پنيل A.S.I ڪان وٺي خانبهادر احمد خان پُٽي جن جو نمڪ ڪائيندڙ هو. جيڪڏهن چونڊن ۾ ڪا بہ ڏانڊلي نہ ٿئي ها تڏهن بہ عوام جي دلين تي پُٽي صاحب جن جو سحر اڃا راڄ ڪري رهيو هو ۽ پيپلز پارٽي اڪثريت سان ڪامياب ٿئي ها. ان سحر جو ثبوت 1983 جي M.R.D تحريڪ ۾ ملي ويو هو. جو ورڪرن ڦٽڪا ڪائيندي بہ "جيئي پُٽو" جا نعرا ٿي هنيا. پُٽي صاحب جن جي وڏندڙ مقبوليت ڏسي ڦٽڪن جي سزا بند ڪرائي وئي هئي.

بهرحال پُٽي صاحب جي بنا مقابلي ڪامياب ٿيڻ تي پيپلز پارٽيءَ جي اليڪشن ۾ ٻيٺل اميدوارن کي هڪ ڄڻ وارو ملي ويو ۽ هنن بہ اهو ئي پئي چاهيو تہ هو بہ بنا مقابلي چونڊيا وڃن، ۽ ڪين هڙان خرچ ڪرڻو بہ نہ پوي ۽ نہ وري پنهنجي تڪ ۾ چونڊ مهم هلائڻ لاءِ ووٽرن جي درن تي ڀٽڪڻو پوي. هوڏانهن سرڪاري آفيسر جيڪي پُٽي صاحب جن کان اڳيئي خائف (ڊنل) هئا، انهن جي ذهن ۾ اها ڳالهہ گهر ڪري وئي تہ پُٽي صاحب جي بہ شايد اها خواهش آهي تہ سندس پارٽيءَ جا چونڊن ۾ ٻيا ٻيٺل اميدوار بہ بنا مقابلي چونڊيا وڃن ۽ انهن اميدوارن ضلع آفيسرن ڊپٽي ڪمشنر ۽ ايس پيز تي اهڙو دباءُ وجهڻ شروع ڪيو.

مان ٻين ضلعن بابت تہ ڪجھہ نٿو چئي سگھان پر اسان جي دادوءَ ضلع جو ڊپٽي ڪمشنر مسٽر تاج محمد قريشي صاحب تہ ڏهني ڏاڍو جو شڪار ٿي ويو. مان پاڻ A.D.M جي حيثيت ۾ هڪ قومي اسيمبليءَ ۽ هڪ صوبائي اسيمبليءَ جي سيٽن جي چونڊ لاءِ رٽرننگ آفيسر مقرر ٿيل هيس. قومي اسيمبليءَ جي سيٽ تي پيپلز پارٽيءَ جي اميدوار رئيس علڻ خان لغاريءَ خلاف مولوي غلام مرتضيٰ ۽ صوبائي سيٽ لاءِ پيپلزپارٽيءَ جي اميدوار منير احمد چنہ خلاف نصرالله ڪلهوڙي نامينيشن پيپر ڀريا هئا. نامينيشن پيپرن جي چڪاس ٻئي ڏينهن تي رکيل هئي تہ ڊپٽي ڪمشنر صاحب جيڪو ڪوٽڙيءَ گشت ۾ ويل هو ان اتان مونکي فون تي چيو تہ مان ۽ S.D.M قريشي فيض محمد مخالف اميدوارن جي نامينيشن فارمن ۾ جيڪي رٽ ڏيندڙ ۽ تائيد ڪندڙ آهن، انهن جي لسٽ ايس پي صاحب وٽ ڪٽي وڃو ۽ هو پاڻ بہ دادوءَ پهچي رهيو آهي.

مان ۽ S.D.M اها لسٽ وڃي S.P صاحب جن کي ڏني، جنهن جي حڪمن تي انهن سيني کي رات اندر ئي اغوا ڪري نامعلوم هنڌن تي پوليس کڻي وڃي رهايو. جنهن جي نتيجي ۾ نامينيشن پيپرن جي چڪاس وقت مخالف اميدوارن جي رٽ ڏيندڙ توڙي تائيد ڪندڙن جي حاضر نہ ٿيڻ جي بهاني هيٺ نامينيشن پيپر رد ڪيا ويا ۽ پيپلز پارٽيءَ پاران بيهاريل سڀ اميدوار بنا مقابلي ڪامياب قرار ڏنا ويا. اهڙيون ڏانڊليون ضرور ٻين هنڌن تي بہ چڱي پئماني تي ٿيون هونديون، جنهن تي اليڪشن ۾ ٿيل ڏانڊلين خلاف تحريڪ شروع ٿي وئي، جنهن ۾ جماعت اسلامي سان گڏ ٻيون مخالف سياسي پارٽيون بہ شامل ٿي ويون ۽ نَوَ (9) ستارا تحريڪ سڏجڻ لڳي، جو ان ۾ ايترين مخالف سياسي جماعتن گڏجي تحريڪ هلائي. (ڳجهن هٿن جي بہ ان تحريڪ کي پشت پناهي هئي) جڏهن تحريڪ زور وٺندي وئي تڏهن ڀٽي صاحب مخالف ڌرين جا ڪيترا سياسي اڳواڻ گرفتار ڪرائي جيل ۾ بند ڪرايا. انهن ليڊرن مان پروفيسر غفور احمد کي دادوءَ جي جيل ۾ نظربند ڪري رکيو ويو هو. آخر ڀٽي صاحب انهن ليڊرن سان اٽسڌي طرح ۽ پوءِ سڌي طرح ڳالهيون ڪرڻ شروع ڪيون.

افيئر جي 16.31.2006 آگسٽ اوري مئگزين ۾ "شوڪت عزيز خلاف عدم اعتماد جي رٽ، جمهوريت جو پنڌ اڃا اڳتي! واري مضمون ۾ صبيح الدين غوثي جي لکيل سٽن تہ: پاڪستان ۾ ڪنهن بہ حڪومت خلاف عوامي مزاحمت پوءِ ڀلي اها فيلڊ مارشل ايوب خان يا مرحوم ذوالفقار علي ڀٽو جي چونڊيل حڪومت خلاف هجي ڳجهن ادارن جي ٿيڪ کان سواءِ ڪامياب نٿي ٿي سگهي" مان پڻ اهو صاف ظاهر آهي تہ ڀٽي صاهب جي خلاف تحريڪ ۾ ڳجهن هٿن جي ئي نون ستارن وارن کي ٿيڪ هئي، جيئن مان مٿي چئي آيو آهيان.

بهرحال ڀٽي صاحب طرفان مخالف سياسي ليڊرن سان ڳالهين ڪرڻ جي سلسلي ۾ سردار عبدالقيوم خان (آزاد ڪشمير وارو) پروفيسر غفور احمد سان ڳالهين ڪرڻ واسطي دادوءَ آيو هو ۽ مان ۽ S.D.M فيض محمد قريشي، ڊپٽي ڪمشنر جي هدايتن موجب پروفيسر غفور احمد کي

ايريگيشن بنگلي تي وٺي وياسين، جتي سردار عبدالقوم خان ساڻس نويڪلائيءَ ۾ ڳالهيون ڪري واپس هليو ويو ۽ اسان پروفيسر صاحب کي واپس جيل تي وٺي آياسين. پروفيسر غفور احمد کي ماني جيلر جي جڳهه تان تيار ٿي اچي ملندي هئي ۽ هن جي پسنديده غذا پلو هوندي هئي.

پروفيسر صاحب جا ڪجهه عزيز ساڻس دادوءَ ۾ ملاقات ڪرڻ لاءِ آيا هئا پر جيئن ته هنن ملاقات جي اجازت جو ڪوبه ليٽر گهرو ڪاتي کان ڪونه آندو هو، انهيءَ ڪري مون ڊپٽي سيڪريٽري هوم ڊپارٽمينٽ سان فون تي رابطو ڪري پڇا ڪئي ته سندن ملاقات ڪرائجي يا نه!؟ جنهن تي هن ٻڌايو ته سندس عزيز تڪڙ ڪري ايڏانهن آيا آهن ۽ هنن جي اجازت لاءِ ڪاغذ چيف منسٽر صاحب ڏانهن موڪليل آهن. مون کين اها حقيقت ٻڌائي ۽ سندن ملاقات کان لاچاري ڏيکاري. هن پوءِ ڪجهه پئسا پروفيسر غفور احمد جن کي پهچائڻ لاءِ ڏنا، جي مون پروفيسر صاحب ڏانهن جيل تي موڪلي ڏنا. پروفيسر صاحب جو اسرار هو ته رات جو هن کي باريڪ کان ٻاهر ايوان ۾ سمهاريو وڃي، جنهن تي اسان کيس ٻڌايو ته ان مان سندس جان کي نقصان پهچي سگهي ٿو. جنهن بعد هو خاموش ٿي ويو.

اليڪشن ۾ مبينا ڏانڌلين جي خلاف شڪايتن جي انڪوائري حيدرآباد ۾ برگيڊيئر ڪندو هو. جنهن لاءِ واسطيدار (رٽرننگ آفيسر کي گهرائي ان کان پڇا ڳاڇا ڪئي ويندي هئي ۽ سندس بيان رڪارڊ ڪيو ويندو هو. دادو، جوهي واري قومي اسيمبليءَ جي ايم اين اي جي سيٽ تي علڻ خان لغاريءَ جي بنا مقابلي ڪامياب قرار ڏيڻ خلاف سندس مخالف اميدوار مولوي غلام مرتضيٰ جي شڪايت ٻڌڻ لاءِ مونکي به حيدرآباد گهرايو ويو هو. انهيءَ دوران مولوي غلام مرتضيٰ وفات ڪري ويو هو. مون کي جڏهن برگيڊيئر وٽ اندر گهرايو ويو ته ساڻس هڪ ميجر به وينل هو. وري جڏهن مولوي غلام مرتضيٰ کي حاضر ٿيڻ لاءِ ٻاهر آواز ڏنو ويو ته مون برگيڊيئر کي ٻڌايو ته هو وفات ڪري ويو آهي. تنهن تي برگيڊيئر ساڻس گڏ وينل ميجر کي چيو ته مون کان وڌيڪ ڪهڙي پڇا ڳاڇا ڪئي وڃي ۽ مونکي اجازت ڏنائين ته مان پلي واپس وڃان پر پوءِ واپس اچڻ لاءِ ڪرسيءَ تان اٿيس ته برگيڊيئر چيو ته جيڪي توکي ڪجهه چوڻو آهي ته لکي ڏئي وڃ. پوءِ مان ٻاهر اچي ڪيل شڪايت کي رد ڪندي اهو لکي ڏنو ته مون تي ڪنهن به طرف کان يا ڊپٽي ڪمشنر صاحب جن کان ڪو به دٻاءُ وغيره ڪونه ڪيو ويو هو ۽ اهڙي Explanation تاج محمد قريشي پڙهي چيو ته ٺيڪ آهي ۽ ان جي ڪاپي ڪيس به ڏئي وڃجانءِ. پوءِ مون اها ٽائيپ ڪرائي هڪ ڪاپي برگيڊيئر کي، ٻي ڪاپي تاج محمد قريشي کي ڏني ۽ هڪ ڪاپي پاڻ وٽ رکي ڇڏي. تاج محمد قريشي صاحب ان وقت اتي ئي ويجهي ڪنهن آفيس ۾ مقرر ٿيل هو.

پُٽي صاحب پوءِ مخالف سياستدانن سان سڏيون ڳاليهون شروع ڪيون، سندن وچ ۾ ٿيل ڳالهيون ڪامياب به ٿيون ۽ اهڙو مسودو به تيار ڪيو ويو. اها 05.07.1977 جي رات هئي، جڏهن مسودو تيار ڪيو ويو ۽ ان تي صبح جو ئي صحيحون ٿيڻيون هيون ته جنرل ضياءُالحق جنهن جي

باري ۾ چيو پئي ويو تہ اُهو ان ميٽنگ ۾ موجود هو. اهو ميٽنگ مان اُٿي ويو ۽ 05.07.1977 تي مارشلا هنئي.

ريهئبليٽين متعلق هڪڙي ڪيس ۾ مون پنهنجي نوٽ سان هڪ فائيل ڊپٽي ڪمشنر صاحب تاج محمد قريشيءَ صاحب جن ڏانهن موڪليو تہ هن انهي تي ڪو آرڊر پاس ڪرڻ بجاءِ "H.V.C to discuss" لکي موڪليو جيڪو مون کي ٿورو ڏکيو لڳو. ڇاڪاڻ جو H.V.C منهنجو زيردست هيو ۽ ان کي لکڻ بجاءِ هن کي مونکي Discuss ڪرڻ لاءِ لکڻ ڪپندو هو. مان اهو فائيل پاڻ وٽ رکي يا مورڳو پنهنجو ڏنل نوٽ ۽ ان تي ڊپٽي ڪمشنر وارا لکيل الفاظ تہ "H.V.C to discuss" ڦاڙي پئي سگهيس پر مون ائين نہ ڪيو ۽ فائيل H.V.C ڏانهن ڏياري موڪليو. جنهن وري ان تي پنهنجو وڌيڪ Further نوٽ هڻي فائيل مون وٽ ڪڍي آيو پر مون فائيل کانئس نہ ورتو ۽ چيم تہ تون ڊپٽي ڪمشنر ڏي ئي ڪڍي وڃ، جو هن توکي "Discuss" ڪرڻ لاءِ لکيو آهي.

بهرحال وقت گذرندو رهيو ۽ چونڊن ۾ ڏانڊلين ڪرڻ جي شڪايتن تي سڄي سنڌ ۽ وڏي پئماني تي رٽرننگ آفيسرن جو بدليون ڪيون ويون ۽ مونکي بدلي ڪري S.D.M سانگهڙ مقرر ڪيو ويو. مون سان گڏ فيض قريشي S.D.M دادوءَ جي بہ بدلي ڪئي وئي ۽ ڪيس سکر ۾ ڪمشنر صاحب جن جي آفيس ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر (روينيو) ڪري رکيو ويو.

اسان اڃان چارج ڪانہ ڇڏي هئي تہ ڊپٽي ڪمشنر صاحب پنهنجي بنگلي تان مون کي فون ڪئي تہ هن منهنجي ۽ فيض محمد قريشيءَ جي منجهند جي دعوت ڪئي آهي پر مون ڪيس جواب ڏنو تہ مان ماني ڪونہ کائيندس. هن ڏاڍو زور ڀريو تہ مان مستر علي احمد قريشي وڪيل (هو تاج محمد قريشيءَ صاحب جو عزيز هيو) کي گهرائي چيو تہ تون صاحب موصوف کي چئو تہ مان ماني ڪونہ کائيندس ۽ هروڀرو مون تي زور نہ ڀري. هن ساڻس فون تي ڳالهائي اها حقيقت ڪئي، جنهن بعد هو خاموش ٿي ويو.

مان اها مٿين سموري حقيقت عزت علي شاهہ صاحب سيوهڻ واري کي ڪئي، جو هن جا بہ تاج محمد قريشي سان گهاٽا رستا هئا ۽ ڪجهہ عزت بہ هئس ۽ عزت علي شاهہ منهنجي وڃڻ بعد ساڻس اها حقيقت ڪئي هئي.

مان اڃان دادوءَ ۾ ئي هئس تہ مستر الله ڏني خان ميمڻ ڊپٽي ڪمشنر لاڙڪاڻي (جنهن کي ڪمشنر جي بہ چارج هئي، جو لاڙڪاڻي ڊويزن ڪئي وئي هئي پر اڃان ڪو ڪمشنر مقرر ڪونہ ڪيو ويو هو) مونکي فون ڪئي تہ سانگهڙ ضرور وڃجان، متان حدن جي ڪري نہ وڃين. مون ڪيس چيو تہ مان سانگهڙ ويندس ۽ مان لاڙڪاڻي ايندس ۽ اوهان سان بہ ملندس. (مستر الله ڏنو خان سانگهڙ ۾ ئي ڊپٽي ڪمشنر هيو جو تازو ئي اتان بدلي ٿي لاڙڪاڻي ڊپٽي ڪمشنر ٿي آيو هو).

تاريخ 30.07.77 تي دادوءَ ۾ ائڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر جي چارج ڇڏي ۽ لاڙڪاڻي آيس تہ مستر الله ڏني خان جن سان 31.07.77 تي رات جو ساڻن بنگلي تي ملڻ ويس. اتي بہ مون کي وري

چيائين تہ سانگهڙ ضرور وڃجان، اتي آبهوا بہ سني اٿئي ۽ بنگلو بہ سنو اٿئي. مون کين ٻڌايو تہ مان رزرويشن ڪرائي ڇڏي آهي ۽اڄ رات ئي ٽرين ۾ ڪوٽڙيءَ وڃي پوءِ اتان سانگهڙ ويندس. مسٽر اشفاق احمد ميمڻ S.D.M Kotri فون ڪئي هئي تہ 01.08.1977 تي مان وٽس اچي ناشتو ڪيان ۽ هو ڪوٽڙيءَ مان گاڏي ڏيندو جيڪا سانگهڙ ڇڏي ايندي. مان پوءِ 01.08.77 تي اشفاق احمد ميمڻ جن وٽ صبح جو ناشتو ڪري ان ڏينهن ئي سانگهڙ S.D.M جي چارج وڃي ورتي.

مسٽر شاهد عزيز صاحب ان وقت سانگهڙ جو ڊپٽي ڪمشنر هيو پر هُو 18.08.77 تي بدلي ٿي لاڙڪاڻي جو ڊپٽي ڪمشنر مقرر ٿيو. هن جي وڃڻ بعد مسٽر محمد صالح ميمڻ سانگهڙ ضلعي جو ڊپٽي ڪمشنر ٿي آيو.

مان دادوءَ ۾ ئي هئس تہ آچر جي ڏينهن مان سول سرجن ڊاڪٽر غلام سرور مستوئيءَ کي سندس بنگلي تي فون ڪئي تہ وڃي ساڻس ڪچهري ڪيان پر سندس نياڻيءَ ٻڌايو تہ هو اسپتال ويو آهي. مان پوءِ هن کي اسپتال فون ڪري پڇيو تہ آچر ڏينهن اسپتال ڪيئن ويا آهيون!؟ جنهن تي ٻڌايائين تہ لاڙڪاڻي جي شهاب الدين شيخ جي زال حادثي ۾ وفات ڪري وئي آهي ۽ ان جو لاش کڻي آيو آهي. شهاب الدين ۽ مان ان دور ۾ هڪٻئي کان پاسيرا هئاسين ۽ پاڻ ۾ ڳالهائڻ بہ ڪونہ هوندو هو. پر اخلاقي طرح مان اسپتال وڃي ساڻس مليس ۽ ڪانئس پڇيم تہ ڪو ڪم ڪار هجي تہ ٻڌايو. هن چيو تہ سندس گهرواريءَ جي لاش جو پوسٽ مارٽم ٿا ڪن، جيڪر اهو نہ ڪن تہ سُنو. مان سول سرجن صاحب سان ان باري ۾ ڳالهايو پر هن چيو تہ ڪيس تہ اعتراض ڪونهي پر پوليس ان تي اعتراض ڪندي آهي ۽ پوئين ڏڇي جي ڪري بهتر آهي تہ پوليس کان لکائي ڏيو تہ جيڪڏهن پوسٽ مارٽم نہ ڪيو ويندو تہ ڪين ڪو اعتراض ڪونهي. ان بعد مان ڊي ايس پي مسٽر غلام محمد ميمڻ کي فون ڪئي، جيڪو سول اسپتال آيو جنهن کي مون شهاب الدين لاءِ چيو تہ هي منهنجو عزيز آهي ۽ سندس گهرواري ڪار جي حادثي ۾ فوت ٿي وئي آهي، انهيءَ ڪري اوهان سول سرجن صاحب کي اهڙو ليٽر لکي ڏيو تہ هي حادثي ۾ فوت ٿي وئي آهي، انهيءَ ڪري جيڪڏهن سندس پوسٽ مارٽم نہ ڪيو ويندو تہ ڪين ڪو بہ اعتراض ڪونهي، جنهن پوءِ اهڙو ليٽر لکي سول سرجن صاحب کي ڏنو ۽ لاش جو پوسٽ مارٽم ڪونہ ٿيو ۽ شهاب الدين لاش کڻائي لاڙڪاڻي روانو ٿي ويو.

مان جڏهن 1984 ۾ نوڪريءَ مان رٽائر ٿي آيس تہ شهاب الدين پنهنجي رهائش واري جڳهہ جي پرسان شاپنگ سينٽر پئي ٺهرايو. منهنجي پيٽيوئي غلام نبي مرحوم چيو تہ شهاب الدين کي چوان تہ هڪڙو دوڪان ڪيس ڪرائي تي ڏئي ۽ ائڊوانس بہ جيترو ٻين کان وٺي اهو بہ هو ڪيس ڏيندو. پر حالي في الحال اڌ ائڊوانس وٺي ۽ اڌ ڪيس پوءِ ڏيندو. مون شهاب الدين کي اهو چيو پر هن نہ مڃيو ۽ دوڪان ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيائين.

ان بعد 8_10 ڏينهن رکي مون کي فون ڪيائين تہ سندس حد وارو تپيدار حمز علي ساٿس صحيح نٿو هلي، ان ڪري ڊپٽي ڪمشنر محمد هاشم صاحب جن کي چئي، هن جي ان تپي تان بدلي ڪرائي ڏيو. جنهن تي مون کيس چيو تہ رٽائر ٿيڻ بعد مان ڪنهن کي ڪم نہ چوندو آهيان.

منير احمد چنو ڏانڊلين وارين چونڊن ۾ دادوءَ تڪ مان صوبائي اسيمبليءَ جو ميمبر تہ ٿيو پر پوءِ تہ الائي پاڻ کي ڇا سمجهڻ لڳو ۽ سندس دماغ نڪاٽي تي نہ رهيو. مون سان فون تي ڳالهائيندو هو تہ مان جيئن ساٿس سندس معتبر ٿيڻ کان اڳ ڳالهائيندو هئس، ائين ئي ڳالهائيندو هئس. خبر ناهي تہ هن جي مرضي الائي ڇا هئي تہ مان هن سان ڪيئن ڳالهايان! نيٺ هن ڪا پنهنجي اندر جي باهہ پنهنجي دوست محمد حسين ڳاهي سان ئي ڪڍي، جنهن مونکي فون ڪئي تہ اوهان منير چني سان ڪيئن ٿا ڳالهايو ۽ اها دانهن هاءِ ڪمان (سندس اشارو لياقت علي جتوئيءَ ڏانهن هيو) تائين ويندي. مان کيس جواب ڏنو تہ مان ڪيئن ٿو ڳالهايان، ان باري ۾ ڪنهن کي بہ شڪايت ڪرڻي هجيوَ تہ وڃي ڪريو ۽ مان پوءِ فون بند ڪري ڇڏي. مان پوءِ محمد حسين ڳاهي (جيڪو دادو ميونسپل ڪاميٽيءَ ائڊمنسٽريٽر هو) ان کي ڪنگهندو ئي ڪونہ هئس، جو هو بہ سمجهي پيو. هڪڙي ڏينهن لياقت علي جتوئي، منير احمد چنو ۽ محمد حين ڳاهو مونوٽ آفيس ۾ گڏجي آيا ۽ لياقت علي جتوئيءَ هنن جي لاءِ چيو تہ اهي ٻئي (منير احمد چنو ۽ محمد حسين ڳاهو) سندس دوست آهن ۽ انهن جي پارٽ اٿوَ جنهن تي مون کيس چيو تہ ڳاهي کي مان اوهان جي ڪري ئي عزت ڏيندو هئس نہ تہ هو ڪهڙي شئي آهي، جنهن بعد محمد حسين ڳاهي مون کان معافي ورتي، پوءِ ٿئي واپس هليا ويا.

1977 ۾ جڏهن نيون سب ڊويزنون پئي ناهيون ويون تہ هڪ رات عبدالحميد خان جتوئيءَ فون ڪري چيو تہ دادو سب ڊويزن کي توڙي ميهڙ ۽ خيرپور ناٿن شاهہ تعلقن تي نئين ميهڙ سب ڊويزن ناهن ٿا، جنهن لاءِ چيف منسٽر غلام مصطفيٰ خان جتوئيءَ ڪانئس S.D.M ۽ D.S.P مقرر ڪرڻ لاءِ نالا پڇيا آهن، سو مونکي صلاح ڏي تہ ڪير ڪير رکرايان. مان S.D.M لاءِ قادر داد دراني‌ءَ لاءِ ۽ D.S.P لاءِ پير قربان علي شاهہ (پير گل شاهہ جي پٽ) لاءِ مشورو ڏنو.

صبح جو فون ڪري ٻڌايائين تہ S.D.M لاءِ قادر داد دراني‌ء لاءِ مڃيائين، باقي D.S.P لاءِ پير قربان علي شاهہ لاءِ نہ مڃيائين، جو چيائين تہ پير گل شاهہ ممتاز علي خان ڀُٽي کي دعوت ڪارائي هئي، گهڻي عرصي بعد پير گل شاهہ لاڙڪاڻي آيو تہ مان ساٿس اها حقيقت ڪئي تہ چيائين تہ ممتاز علي ڀُٽو هتان گذري پيو ۽ چيائين تہ تو وٽ ماني کائيندس تہ مان انڪار نہ ڪيو.

مان تاريخ 01.08.77 تي سانگهڙ سب ڊويزن جي S.D.M جي چارج ورتي. ان وقت شاهد عزيز صاحب ڊپٽي ڪمشنر هيو پر هو ترت ئي 18.08.77 تي بدلي ٿيو ۽ لاڙڪاڻي ضلعي جو ڊپٽي ڪمشنر ٿيو. هن جي وڃڻ بعد محمد صالح ميمڻ صاحب ڊپٽي ڪمشنر سانگهڙ تي آيو. مان جڏهن سال 1972 ۾ ڪپري تعلقہ جو مختيارڪار تي ويو هئس، ان وقت سانگهڙ سب ڊويزن جنهن ۾

سانگهڙ ۽ ڪپرو تعلقا ۽ ٻي شهدادپور سبڊويزن جنهن ۾ شهدادپور ۽ سنجهورو تعلقا هوندا هئا.، سانگهڙ سب ڊويزن جو S.D.M مسٽر محمد بچل ميمڻ صاحب هيو ۽ شهدادپور سب ڊويزن جو S.D.M مسٽر سليم ميمڻ صاحب (مسٽر غلام الله ميمڻ جو پٽ) هالن وارو هو. سليم صاحب جو والد صاحب جڏهن ڪسٽمس ۾ ڪراچيءَ ۾ Preventive Officer هو ۽ اسان جو هڪ عزيز مسٽر عبدالرحمن ايڪسائيز انسپڪيٽر هو. ان سان ملڻ ويو هئس، تڏهڻ ساڻس بہ ملاقات ٿي هئي. جو هو ٻئي رتن تلاءَ ۾ هڪ بنگلي ۾ گڏ رهندا هئا. مسٽر عبدالرحمن پوءِ ڪجهہ عرصو روينيو ڪاتي ۾ مختيارڪار بہ ٿي رهيو. هو هينئر وفات ڪري ويو آهي.

مسٽر غلام الله ميمڻ آخري وقت ۾ گورنر جو صلاحڪار بہ ٿي رهيو. هن جي باري ۾ حاجي محمد سليمان ميمڻ جئيلر هالن واري سان مسجد ۾ نماز بعد هڪ دفعي ڳالهين ڪندي هن ٻڌايو تہ هو زندهہ آهي ۽ اهو بہ ٻڌايو هيائين تہ هو هڪ هوائي حادثي ۾ بہ زنده بچي ويو هو. سليم ميمڻ صاحب S.D.M جن سان ملاقات مسٽر محمد بچل ميمڻ صاحب S.D.M سانگهڙ وٽ ٿيندي هئي، جو جڏهن سانگهڙ ۾ ڊپٽي ڪمشنر صاحب وٽ ميٽنگ ۾ اچڻ ٿيندو هو تہ ٻئي ماني هن وٽ کائيندا هئاسين. سليم ميمڻ صاحب سکر ڊويزن جو ڪمشنر بہ ٿي رهيو. وڏيڪ خبر ڪانهي تہ پوءِ هو ڪٿي ڪٿي رهيو. مسٽر غلام الله ميمڻ صاحب تازو ئي 90 سالن جي ڄمار ۾ وفات ڪري ويو آهي.

پر مان جڏهن سانگهڙ سب ڊويزن جو S.D.M ٿي ويس تہ ان وقت 3 سب ڊويزن هيون.

هڪڙي سانگهڙ سب ڊويزن جنهن م سانگهڙ ۽ سنجهورو تعلقو. ٻي ڪپرو سب ڊويزن جنهن ۾ رڳو ڪپرو جيڪو اڳي تعلقو هيو. ان کي سب ڊويزن ڪيو ويو هو. جنهن ۾ صرف اهو هڪ تعلقو ڪپرو ئي هيو ۽ ٽين سب ڊويزن ۾ شهدادپور. جنهن ۾ شهدادپور ۽ ٽنڊوآدم تعلقا هئا. ٽنڊوآدم اڳ تعلقو ڪونہ هو پر پوءِ شهدادپور تعلقي کي توڙي ٽنڊوآدم تعلقو ٺاهيو ويو هو. هن وقت تہ ٽنڊوآدم بہ جدا سب ڊويزن آهي.

منهنجي سانگهڙ ۾ رهڻ دوران سنجهورو تعلقو توڙي ان مان ڄام نواز علي تعلقو ٺاهيو ويو هو.

هينئر تہ سنڌڙي (محمد خان جوڻيجي صاحب مرحوم جو ڳوٺ) ۽ هڪ يا ٻہ ٻيا بہ تعلقا سانگهڙ ضلع ۾ ٺاهيا ويا آهن. ڪپري جو S.D.M پير عبدالحق جانُ سرهندي ۽ شهدادپور جا پهريان عاشق ميمڻ ۽ پوءِ اشفاق ميمڻ هئا. مان جڏهن سانگهڙ ۾ S.D.M هئس تہ خليفو محمد عاقل ۽ قاضي فيض محمد راڄڙ ڪپري وارا جڏهن بہ سانگهڙ ڊپٽي ڪمشنر صاحب جي آفيس ۾ ڪم ڪار سانگي ايندا هئا تہ مونکي مڙئي منهن ڏيکاريندا هئا ۽ چوندا هئا تہ هنن جي هاڻي تہ سب ڊويزن ڪپرو ٿي وئي آهي، پر اوهان جي سر جي ڪري ئي اوهان وٽ ملڻ ايندا آهيون. جو اوهان ڪپري ۾ ڏاڍو سنو هلندا هئا ۽ ڪم ڪار ڪندا هئا. باوجود ان جي جو اهو پيپلز پارٽيءَ جو دور هيو ۽ سندن واسطو پير پاڳاري صاحب جن سان هوندو هو ۽ پيپلز پارٽي سندن (پير پاڳاري صاحب) ۽ هن جي مريدن جي سخت خلاف هوندي هئي.

ڪپري تعلقي ۾ ان وقت عثمان چانهيو پيپلز پارٽيءَ جو مکيہ ماڻهو هوندو هو.

تاريخ 09.08.77 تي حيدرآباد ۾ فوڊ سيڪريٽري مسٽر مقصود حمد شيخ صاحب جن Wheat procurement جي باري ۾ ڊپٽي ڪمشنرن جي ميٽنگ سڏائي هئي. جيئن تہ ڊپٽي ڪمشنر شاهد عزيز صاحب جن پاڻ ان ڏينهن ڪراچيءَ پئي ويا، انهيءَ ڪري مونکي چيائون تہ ان ميٽنگ ۾ تون وڃجاءِ مان رات وڃي حيدرآباد ئي رهيس. 09.08.77 تي صبح جو سيڪريٽري صاحب اڃان ڪونہ آيو هو ۽ مان مسٽر مجني خان جماڻي ائڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد وٽ وينس تہ هن ٻڌايو تہ گذريل رات يعني 09.08.77 جي رات جو مسٽر الله ڏنو خان ميمڻ سندس هڪ نوجوان پٽ، هڪ نوجوان نياڻو ۽ بہ ٻيا جيڪي سندس پٽ ۽ نياڻي جا دوست هئا، اهي پنج ئي ڄڻا سپر هاءِ وي تي ڪار جي حادثي ۾ فوت ٿي ويا آهن. (هنن ٻن ٻين مان هڪڙو نوابشاهہ جي انجنيئر جو نوجوان پٽ پئي ٻڌايائون ۽ ڪار بہ ان جي هئي). مان پوءِ وڃي سندن جنازي نماز ۾ شريڪ ٿيس ۽ تڏي تي بہ ويس. سيد قطب علي شاهہ ميمبر بورڊ آف روينو، مسٽر الله بخش سومرو ڪمشنر صاحب توڙي ٻيا ڪيترائي آفيسر ۽ ٻيا ماڻهو چڱي انداز ۾ جنازي نماز ۾ شريڪ ٿيا ۽ تڏي تي عذر خواهيءَ لاءِ آيا. ان وقت هلڪي هلڪي بارش بہ هئي. مسٽر محمد هاشم ميمڻ صاحب جن مونکي ٻڌايو هو تہ ڪراچيءَ ۾ ميٽنگ رکيل هئي، جنهن کي Attend ڪرڻ لاءِ مسٽر الله ڏنو خان، ويل هو پر ميٽنگ مهمل ٿي وئي هئي پر الله ڏنو خان ميمڻ چيف سيڪريٽري سان ملي، جتي ترسيل هيو اُتي آيو ۽ حيدرآباد پئي آيو. جو سندس ڀاءُ حامد علي صاحب حيدرآباد ۾ شايد ڊئريڪٽر سروي ۽ سٽيلمينٽ ۽ لئنڊ رڪارڊس هيو تہ رات ان وٽ رهي اتان صبح جو لاڙڪاڻي ويندو. جنهن ڪري هو بس ۾ اچڻ لاءِ آيو پئي تہ اتي سندن پٽ فون ڪئي تہ بابا اوهان بس ۾ نہ وڃو اسان جي دوست جي ڪار آهي، اسان اچون ٿا ۽ اُن ئي ڪار ۾ گڏجي هلون ٿا. تنهن ڪري مسٽر الله ڏنو خان ميمڻ ويهي رهيو ۽ پوءِ پنجئي ڪار ۾ آيا پئي تہ ڪار سان حادثي ۾ فوت ٿي ويا ۽ فوتن جا لاش بہ ڪار جون دريون ڪٽي پوءِ ڪڍي سگهيا.

مان هڪڙي ڏينهن سردار محمد بخش ناريجي سان سندن سانگهڙ واري بنگلي تي ساڻس ڪچهري ڪرڻ ويس تہ اتي محمد خان جوڻيجو صاحب بہ وينو هو تہ هن سان پهريون دفعو اتي ملاقات ٿي. هو نهايت حليم طبع ۽ ڪم گو هو ۽ اُن وقت اڃان وزير اعظم نہ ٿيو هو.

پير صاحب پاڳاري جي مريدن بہ پيپلز پارٽيءَ جي ورڪرن جهڙا پير ڪٽڻ شروع ڪيا هئا ۽ آفيسرن سان بدتميزي ڪرڻ، پٽا وصول ڪرڻ ۽ ڪلم ڪلا منشيات جو ڪاروبار ڪرڻ لڳا هئا. هڪڙي دفعي پوليس هڪڙو لاش پوسٽ مارٽم ڪرائڻ لاءِ سانگهڙ اسپتال ۾ ڪٽي اچي رکيو ۽ ايس ايچ او لاش مٿان بہ ٿي سپاهي بيهاري ڪم سان نڪري ويو تہ ائين ڪندي ڏٺي بخش نظاماڻي ماڻهو ساڻ وٺي "پيج پاڳارا" جا نعرا هڻائيندو، لاش بنا پوسٽ مارٽم ڪرائڻ جي زوري ڪڍائي ويو پر ان کان ڪو پڇڻ وارو ڪونہ هو.

گنگو نظاماڻي پير پاڳاري صاحب جن جو مريد جيڪو اڳ ۾ روينيو کاتي ۾ ڪوٽوار هو ۽ پوءِ نوڪري ڇڏي وڃي نيڪا ڪٽڻ لڳو انهيءَ مسٽر امتياز بارڪزئي D.S.P سانگهڙ سان ڏاڍي بدتميزي ڪئي. مسٽر عنايت الله ڀٽو جيڪو ميونسپل ڪاميٽيءَ جو ائڊمنسٽريٽر هو ان جي به پير صاحب جن جي مريدن ڏاڍي بي عزتي ڪئي هئي.

مان هڪڙي ڏينهن ڪنڊ جي ڊيپو ڪيپرن تي ڪنڊ بلئڪ ۾ وڪرو ڪرڻ تي 500 روپيا ڏنڊ وجهي ڪانئس ڏنڊ جي وصول ڪيل رقم خزاني ۾ جمع ڪرائي ڇڏي. جنهن تي ياسين نظاماڻي جيڪو ان ڪنڊ جي ڊيپو ڪيپرن کان ماهوار پَٽو وصول ڪندو هو ان مون سان فون تي ٿورو تکو منو ڳالهايو. جنهن تي مون الله ڏني خان شيخ مرحوم کي فون ڪئي ته پير پاڳاري صاحب جن سان ڳالهائي ۽ ڪين ٻڌائي ته سندن مريدن ڏاڍو آزار مچائي ڏنو آهي، انهيءَ ڪري انهن کي ڪنٽرول ۾ رکي ۽ مون پاڻ واري حقيقت به ڪيس ٻڌائي. الله ڏني خان جو واسطو پير صاحب جن سان ئي هيو ۽ هن پوءِ پير صاحب جن سان ڳالهايو. جنهن تي پير صاحب ڪيس چيو ته ڪامورا به ته ماڻهن سان سٺو نٿا هلن، جنهن تي الله ڏني خان ڪين منهنجي نالي ٻڌايو ته هو اهڙو ماڻهو ناهي ۽ جي اوهان پنهنجي مريدن کي ضابطي ۾ نه آڻيندا ته هو مونکي نوڪريءَ مان مورڳو رٽائر ڪرائيندا.

(اها سموري حقيقت مونکي مرحوم الله ڏني خان پاڻ ٻڌائي هئي) ان بعد پير پاڳاري صاحب جن ياسين نظاماڻيءَ جو هٿ بند ڪيو. جا مريدن لاءِ وڏي سزا هوندي هئي ۽ ان سان ٻيا مريد به ڪو واسطو نه رکندا هئا. پوءِ مون هڪڙي دفعي ان ياسين نظاماڻيءَ کي نهايت برن افعالن ۽ ميرن ڪپڙن ۾ ڏٺو. پوءِ هڪڙي ڏينهن محمد رحيم جانوري اخبار نمائندو مون وٽ آيو ۽ اچي چيائين ته اسان ميڙ وٺي اچون ته معاف ڪيو. جنهن تي مون ڪيس چيو ته منهنجو ڪهڙو توهان سان زمين تي تڪرار آهي جو ميڙ وٺي ايندا، باقي نوڪري ڪبي ته عزت سان ڪبي. ياسين نظاماڻيءَ جو پاءُ دادن نظاماڻي ته ڪلي عام منشيات جو ڪاروبار وغيره ڪندو هو پر ڪانئس ڪو به پڇڻ وارو ڪو نه هو. (ياسين نظاماڻي ايان نوجوان ئي هيو جو ٻڌو هئم ته ان کي ذاتي دشمنيءَ سبب سندس مخالفن قتل ڪري ڇڏيو هو).

خدا بخش خان نظاماڻي پير صاحب جن جو مريد نهايت ئي شريف ماڻهو هو. هو هينئر M.N.A به آهي ۽ ڪيس سانگهڙ ۾ ڪاٽن فئڪٽري به آهي.

D.M صاحب جي آفيس جو ڪلارڪ به درخواستون حاضر سروس برگيڊيئر جي پٽ ۽ ڌيءَ جون سانگهڙ ضلع مان ڊوميسائل سرٽيفڪيٽ ملڻ لاءِ ڪٽي آيو ۽ اچي چيائين ته D.M صاحب چيو آهي ته انهن جي سفارش ڪري موڪليو. مون پوءِ سفارش ڪري موڪلي ۽ ٻنهي کي ڊوميسائل سرٽيفڪيٽ مليا پر انهن جي خلاف ڪمشنر صاحب جن وٽ اپيل داخل ڪئي وئي ته اهي روڪيا وڃن. مونکي پوءِ لکي موڪليائون ته سرزمين تي انڪوائري ڪري نئين سر رپورٽ ڪري موڪليو. مان انڪوائري ڪري رپورٽ موڪلي ته اهي ٻئي ڊوميسائل سرٽيفڪيٽ ملڻ جا مستحق نه آهن

(Not Deserving) پر ان جي باوجود ڪمشنر صاحب جن اپيل رد ڪري ڇڏي ۽ ڊوميسائل سرٽيفڪيٽ بحال ڪيا.

هڪڙي رات ادي عبدالرحمن شيخ ۽ سندن گهرواريءَ (ٻئي منهنجا رشتيدار هئا) ڪراچيءَ مان فون ڪئي تہ سندن پٽ رحيم بخش جو دادو ضلع مان ڊوميسائل سرٽيفڪيٽ وٺرائي ڏيو. مون ڪين چيو تہ D.M دادوءَ جي سرشتيدار محمد بچل جانوريءَ کي فون ڪيان ٿو ۽ ان سان وڃي ڪير ملي تہ هو ڪڍرائي ڏيندو جنهن پوءِ ڪين ڊوميسائل سرٽيفڪيٽ ڪڍرائي ڏنو.

سانگهڙ ـ ڪپري روڊ تي (سانگهڙ کان تقريبن ٽن ـ چئن ميلن جي مفاصلي تي) پير صاحب پاڳاري جن جو گڙنگ بنگلو جيڪو پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان اڳ حڪومت بمباري ڪري تباهہ ڪري ڇڏيو هو، اهو ان وقت بہ تباهہ ئي ٿيو پيو هو جو پير صاحب جن جي مريدن انهيءَ جي نئين سر ٺهرائڻ تي اعتراض پئي ڪيو ۽ انهن جو چوڻ هو تہ اهو پلي يادگار طور انهيءَ حالت ۾ هجي. پوءِ جي خبر ناهي تہ نئين سر ٺهيو آهي يا نہ..!

سانگهڙ ضلع ۾ سمر جو وڏو آزار آهي جو اڪثر سڀ وڏا واهہ نارا ڪئنال، مٺرائو ڪئنال، جمڙائو ڪئنال ۽ روهڙي ڪئنال وغيره ان ضلع مان گذرن ٿا ۽ ايترا سڀ وڏا ڪئنال مان سمجهان ٿو تہ ٻئي ڪنهن ضلع مان نہ گذرندا هوندا. سانگهڙ شهر کان اٽڪل ميل کن مفاصلو پري سمر نالو وهندو آهي ۽ اهو سمر جو پاڻي وڃي هڪڙي وڏي تلاءَ ۾ گڏ ٿيندو آهي، جتان اهو سمر جو پاڻي پمپنگ مشينن وسيلي مٺرائو ڪئنال ۾ ڇڏيو ويندو آهي. اتي ست پمپنگ اسٽيشنون لڳل آهن، عام طور تي سڀ هڪ وقت تہ ڪونہ هلائبيون هيون پر جڏهن برسات جي پاڻيءَ مان سانگهڙ شهر ۾ پاڻي اچڻ جو انديشو ٿي پوندو هو، جنهن ڪري سڀ ستئي مشينون 24 ڪلاڪ لڳاتار چالو ڪري پاڻي مٺرائو ڪئنال ۾ وڏو ويندو هو، تڏهن وڃي سانگهڙ شهر کان خطرو ٽرندو هو.

1978 ۾ سخت بارش ڪري سانگهڙ ضلع ۾ ۽ خاص ڪري سنجهوري تعلقي ۾ بينل فصلن کي تمام گهڻو نقصان پهتو هو ۽ سنجهوري شهر ۾ بہ برسات جو تمام گهڻو پاڻي بيهجي ويو هو ۽ ان جي ڪڍڻ لاءِ شهر ۾ مختلف هنڌن تي پمپنگ مشينون ڪم ڪري رهيون هيون.. انهيءَ دوران مسٽر محمد خان جوڻيجو صاحب وزير ٿيو هو. هن سنجهوري شهر وزٽ ڪرڻ جو پروگرام رکيو. ڊپٽي ڪمشنر محمد صالح صاحب جن مونکي چيو تہ تون اڳ ۾ سنجهوري وڃجان ۽ وزير صاحب کي رسيو ڪجان، جتي وزير صاحب بارش جي متاثرن ۾ امداد شيون ورهائيندو ۽ پوءِ سنجهوري شهر جو دورو ڪندو. مان ان ڪري رات وڃي سنجهوري ترسيس. صبح جو وزير صاحب آيو هو. ڊپٽي ڪمشنر صاحب ۽ ايس پي صاحب بہ وزير صاحب جن سان گڏيا آيا هئا.

وزير صاحب جن متاثرن ۾ امدادي شيون ورهائي پوءِ شهر جي دوري ڪرڻ لاءِ هليو. مون مختيارڪار سنجهوري نور محمد ابڙي کي پوليس جي پائلٽ گاڏيءَ ۾ اڳيان ويهڻ لاءِ چيو ۽ ڪيس

چيم تہ جتي جتي پمپنگ مشينون پاڻي نيڪال ڪرڻ لاءِ ڪم ڪري رهيون آهن، اتي اتي گاڏي روڪرائي، تہ جيئن وزير صاحب جن پاڻ ڏسندا هلن.

پوليس پائلٽ گاڏي پنيان وزير صاحب ۽ ايس پي صاحب گاڏي ۾ هئا، جا ايس پي جي ئي گاڏي هئي ۽ هو پاڻ ڊرائيو ڪري رهيو هو. ان جي پنيان مان پاڻ واري جيپ ۾ ويٺو هئس تہ سردار محمد بخش ناريجي مون کي چيو تہ سندس ڪار ايڏي بارش واري پاڻيءَ ۾ نہ هلي سگهندي، انهيءَ ڪري هو منهنجي جيپ ۾ ويهندو ۽ مان هن کي پاڻ سان گڏ جيپ ۾ ويهاريو. اچان گاڏين هلڻ شروع نہ ٿيون هيون جو مان ڏٺو تہ ايس پي واري گاڏي ۾ پنيان دري کولي اخباري نمائندا ويهندا پئي ويا ۽ آخر ۾ اسان جو مانوارو ڊپٽي ڪمشنر صاحب ان ايس پي واري گاڏيءَ ۾ آخر ۾ پنيان چڙهي دريءَ وٽ ويٺو. مان اهو ڏسي سردار محمد بخش خان ناريجي کي چيو تہ اوهان وزير صاحب جن کي چئو تہ D.M صاحب کي تہ اڳيان پاڻ سان ويهاري (وزير صاحب ۽ سردار محمد بخش ناريجي جا پاڻ ۾ گهاٽا تعلقات هئا ۽ ان ڏينهن صبح جو ناشتو بہ وزير صاحب هن وٽ ئي ڪيو هو) پر سردار محمد بخش ناريجي ڊپٽي ڪمشنر صاحب جي لاءِ چيو تہ اهو اتي ٺيڪ آهي. پوءِ جڏهن گاڏيون هلي پهرين پمپنگ مشين وٽ رڪيون ۽ ڊپٽي ڪمشنر صاحب ايس پي واري گاڏيءَ مان پنيان دريءَ کان هيٺ لٿو تہ مان وڏي وڃي ڪيس چيو تہ اوهان پنيان ڇو ٿا ويهو، اوهان مون واري جيپ ۾ ويهو ۽ مان پوئتي ايندڙ ٻين گاڏين مان ڪنهن هڪڙي گاڏي ۾ وڃي ويهندس پر هن چيو تہ هُو اتي ٺيڪ آهي. پوءِ پنجن _ ڇهن هنڌن تي جتي جتي پمپنگ مشينون لڳل هيون، اتي هر هنڌ ڊپٽي ڪمشنر اتي ئي گاڏيءَ ۾ پنيان ويهندو هليو. وزير صاحب شهر گهمي ٻاهر ڪي چڪ بہ گهمڻ هليو،جتي فصلن کي نقصان پهتل هو ۽ پوءِ پريس ڪلب بہ هليو تہ اسان جي ڊپٽي ڪمشنر صاحب جن جي اهائي حالت هئي.

ڊپٽي ڪمشنر محمد صالح صاحب جن کي پنهنجي ڪرسيءَ جي شان جي بہ تميز ڪانہ هوندي هئي، جو هن وٽ جڏهن بہ آفيس ۾ منهنجو يا زميندارن جو وڃڻ ٿيندو هو تہ سندن پاسي ۾ رکيل سڀ ڪرسيون تپيدارن سان ڀريون پيون هونديون هيون، اڪثر تپيدار سانگهڙ تعلقي منهنجي سب ڊويزن جا ئي وٽس ويٺا هوندا هئا، جو هو ڪنهن وقت ۾ سانگهڙ ۾ مختيارڪار ٿي رهيو هو. تپيدار ايترا تہ رڌيل طبيعت جا هوندا هوندا هئا، جو مان جڏهن ڊپٽي ڪمشنر صاحب وٽ ڪنهن ڪم سانگي ويندو هئس تہ اهي تپيدار ڪرسين تان اٿندا بہ نہ هئا، انهيءَ ڪري مون ڊپٽي ڪمشنر وٽ وڃڻ تمام گهٽ ڪري ڇڏيو هو. زميندار بہ مون وٽ اچي ڊپٽي ڪمشنر جا اهي ئي سور پٽيندا هئا تہ هو تپيدارن جي موجودگيءَ ۾ هن وٽ ڪيئن ويهي ڪيس ڪو ڪم ڪار چون يا گفتگو ڪن.

هڪڙي ڏينهن ڊپٽي ڪمشنر صاحب ميجر اقبال کي منهنجي آفيس وزٽ ڪرائڻ لاءِ وٺي آيو. مون ٻنهي کي پنهنجي ڪرسي آفر ڪئي پر ٻنهي مان ڪو بہ نہ ويٺو ۽ هو منهنجي سامهون

رڪيل ڪرسين تي ويٺا، وچ ۾ منهنجي آفيس واري ٽيبل پيل هئي، (ميجر اقبال شروع ۾ جڏهن ضياءُالحق ..... مارشل لا هنئي تہ دادوءَ ۾ مقرر ٿيو هو ۽ مان ان وقت دادوءَ ۾ اڃان A.D.M هئس).

ڊپٽي ڪمشنر صاحب ميجر اقبال کي منهنجي لاءِ چيو تہ هي سينيئر ۽ هوشيار S.D.M آهي، جنهن تي هن مشڪي ڪيس وراڻيو تہ هن سان سندس اڳ واقفيت آهي. ڪجهہ وقت ترسي پوءِ ٻئي هليا ويا.

خير محمد جوڻيجي جن جي بڪار ڏنڊ هوندي هئي ۽ ڏنڊ جي پريان سندن هڪ سهڻو بنگلو بہ ٺهيل هو. هن ڪمشنر صاحب الله بخش خان سومري جن جي ان بنگلي تي دعوت ڪئي هئي ۽ مونکي بہ دعوت مليل هئي پوءِ مان بہ ڪمشنر صاحب جن سان گڏ ٻيڙي ۾ ڏنڊ پار ڪري ان بنگلي تي ماني کاڌي هئي. خير محمد جوڻيجو پوءِ ڪنهن وقت ۾ وزير بہ ٿي رهيو.

شايد تہ خير محمد جوڻيجي جو ڀاءُ مسٽر علي خان جوڻيجو نگران حڪومت ۾ وفاقي وزير ٿي رهيو هو. سانگهڙ ضلع ۾ ڄامن جي زرعي زمين لئنڊ رفارمس هيٺ ويل هارين کي ڏني وئي هئي پر ڄامن انهن هارين کي زمين جو قبضو نہ پئي ڏنو ۽ زمين جي پيداوار جو بہ هاريءَ طور حصو نہ پئي ڏنو. جنهن خلاف هارين ڄامن جي ڪين لئنڊ رفارمس هيٺ مليل زمين جي قبضي ملڻ ۽ رڪارڊ ۾ زمين سندن ڪاتي ڪرڻ لاءِ درخواست ڪئي هئي، جيڪا مون وٽ انڪوائري ڪري رپورٽ ڪرڻ لاءِ موڪلي وئي هئي. مان سرزمين تي وڃي انڪوائري ڪئي ۽ هارين جا بيان رڪارڊ ڪري ۽ روينيو رڪارڊ ڏسي هارين جي فائدي ۾ رپورٽ ڪڍي تہ هارين جون ڪيل شڪايتون جائز هيون ۽ ساڻن زيادتي ٿيندي رهي آهي، جو هنن کي صرف هاري ئي ڪري ليکيو وڃي ٿو. مسٽر علي محمد خان شيخ سيڪريٽري سروسز ائنڊ جنرل ائڊمنسٽريشن جن مونکي ڪراچيءَ مان فون ڪئي تہ ڄام امير علي (جيڪو ان وقت مجلس شورا جو ميمبر هو) چيف سيڪريٽريءَ صاحب جن وٽ منهنجي خلاف شڪايتون پيو ڪري سو ڳالهہ ڇا آهي!؟. مون صاحب موصوف جن کي چيو تہ مون ڄام امير علي تہ ڏنو بہ ڪونهي، باقي مون هنن خلاف هارين جي ڪيل درخواست تي انڪوائري ڪري ڄامن خلاف رپورٽ ڪڍي آهي. ڪمشنر صاحب مسٽر الله بخش سومري صاحب جن وري شهدادپور جي S.D.M مسٽر محمد ايوب ٻانيڻ جن کي انڪوائري ڪري رپورٽ ڪرڻ لاءِ لکيو. جنهن تہ مون کان بہ وڌيڪ خراب رپورٽ هنن ڄامن خلاف ڪڍي جا ڳالهہ محمد ايوب ٻانيڻ صاحب جن پاڻ ڪئي هئي ۽ اهو بہ ٻڌايائين تہ ڄامن جا ماڻهو وٽس بہ لک روپيا بہ ڪٽي آيا هئا پر هن ڪانئس نہ ورتا.

اها ڳالهہ مونکي مسٽر خسرومل ماڻڪاڻي سيڪريٽري بوڊ آف روينيو بہ ڪئي هئي تہ محمد ايوب ٻانيڻ صاحب پاڻ مون کان وڌيڪ خراب رپورٽ ڄامن خلاف موڪلي آهي. (پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ انهن رپورٽن جو ڪو اثر ڪونہ ٿيو رڳو مار هيٺين زيردستن تي ٿيندي آهي) مسٽر

محمد ايوب ٻانيڻ صاحب جوانيءَ ۾ ئي يرقان جي عارضي ۾ مبتلا ٿي وفات ڪري ويو). مسٽر خسرو مل کي سندس زمين تي قتل ڪيو ويو هو

سانگهڙ جيئن تہ نئون ضلعو ٺهيو هو، انهيءَ ڪري بنگلا بہ نوان ٺهيا هئا ۽ سٺي حالت ۾ هوندا هئا. D.M صاحب، A.D.M ۽ S.D.M جي بنگلن جي چوڌاري چڱي ٿي _ چار ايڪڙ زمين بہ ڇڏيل هئي. مون واري بنگلي ۾ انبن ۽ ليمن جا وڻ بہ هوندا هئا ۽ ڪجهہ ايراضيءَ ۾ مان ڀاڄيون ڪريلا، ڀينڊيون، مرچ وغيره ۽ ٻن ايڪڙن کن جي ايراضيءَ تي ڪڻڪ بہ جو فصل ڪرائيندو هئس. ڊپٽي ڪمشنر جي بنگلي جي چوڌاري تہ تمام گهڻي ايراضي ڇڏيل هوندي هئي، جنهن ۾ هو ڪڻڪ ۽ ڀاڄيون وغيره جو فصل ڪرائيندو هو.

سب ڊويزن ليول تي اکين جي ڪئمپ بہ اسپينسر هاسپٽل جي ڊاڪٽر رضويءَ جي تعاون سان لڳرائي وئي، جنهن جو افتتاح گورنر ارباب جهانزيب کان ڪرايو ويو هو. ڊاڪٽر رضوي صاحب پاڻ بہ آيو هو. ڪئمپ ۾ ڪيترن مريضن جي اکين جو آپريشن ڪيو ويو هو ۽ ڪيترن جي چڪاس ڪئي وئي هئي ۽ ڪين دوائون بہ ڏنيون ويو هيون.

ڪنڊياري آئوٽ پوسٽ ۾ اندر ٻن وساڻ ذات جي ماڻهن کي گوليون هڻي ماريو ويو هو. آئوٽ پوسٽ ڪنڊياري وچ شهر ۾ هوندي هئي، انهيءَ ڪري گولين جا آواز ڪيترن ئي ماڻهن ٻڌا هئا، مونکي D.M صاحب جڊيشل انڪوائري ڪرڻ لاءِ ليٽر لکيو پر S.P صاحب نياز احمد صديقيءَ جي مرضي هئي تہ جڊيشل انڪوائري نہ ٿئي. بهرحال مان جڊيشل انڪوائري ڪئي ۽ ان ۾ پوليس چوڪي جي انچارج محمد علي ۽ ٻين ٻن سپاهين کي انهن قتلن ۾ ملوث هجڻ جي رپورٽ ڏياري موڪلي جا D.M جي آفيس ۾ خبر ناهي تہ ڪنهن گم ڪرائي ڇڏي، ڇاڪاڻ جو جڏهن اهو ڪيس جيڪو حيدرآباد اسپيشل ملٽري ڪورٽ ۾ هلندو هو تہ اتي ڪيس ۾ جڏهن مان شاهدي ڏيڻ ويس تہ مسٽر آفتاب آخوند جيڪو سرڪار طرفان ڪيس هلائيندو هو ان مونکي چيو تہ اوهان جي ڪيل جڊيشل انڪوائريءَ واري رپورٽ تہ ڪيس جي ڪاغذن ۾ موجود نہ آهي، تہ مون ڪيس ٻڌايو تہ مون رپورٽ D.M صاحب جن کي موڪلي هئي. بهرحال مون وٽ رپورٽ جي آفيس ڪاپي موجود آهي ۽ مونکي ٻي شنوائيءَ جي تاريخ ڏيو تہ ان تي مان اها ڪورٽ سڳوريءَ ۾ پيش ڪندس. مان پوءِ ان تاريخ تي رپورٽ جي آفيس ڪاپي ڪورٽ ۾ پيش ڪئي، جا رڪارڊ تي سرڪاري وڪيل آفتاب آخوند رکرائي منهنجي شاهدي وٺرائي.

مان تہ پوءِ بدلي ٿي ويو هئس پر خبر پئي هئي تہ پوليس آئوٽ پوسٽ ڪنڊياريءَ جي انچارج محمد عليءَ کي ڪورٽ ڦاسيءَ جي سزا ۽ ٻن سپاهين کي جيل جي سزا ڏني هئي پر ان کان علاوه هڪڙو سپاهي جيڪو واقعي وقت پوليس چوڪيءَ ۾ موجود ڪونہ هو ۽ ٻاهر ننڊ پيو هو، ان ڪري مان ان کي پنهنجي رپورٽ ۾ ملوث نہ ڪيو هو، ان کي بہ ڪورٽ جيل جي سزا ڏني هئي.

اسپيشل ملٽري ڪورٽ جو پرزائيڊنگ آفيسر برگيڊيئر هو ۽ ٻن ٻين ميمبرن ۾ هڪ ميجر ۽ مئجسٽريٽ آفتاب احمد صديقي هئا. ميجر ضمير هيو جيڪو سانگهڙ ۾ ٻه رهي ويو هو. ان دور ۾ سيشن ڪورٽ ۾ هڪ ڪيس هلائڻ لاءِ سيشن جج صاحب شروع ڪندو هو ته ان جي روز شنوائي ڪري ڪيس هلائي مڪمل ڪندو هو ۽ ان بعد ٻيو ڪيس هلائڻ شروع ڪيو ويندو هو پر جيڪڏهن ڪيس هلندي سيشن جج بدلي ٿي ويندو هو ته اهو (part heard) ڪيس اهو ساڳيو جج ڪٿي ٻه هوندو هو ته اهو اتان اچي ڪري ساڳيو ڪيس ٻڌي مڪمل ڪندو هو ۽ فيصلو ڪندو هو.

هڪ دفعي قاضي خدا بخش سيشن جج هڪڙو هن جو اڏورو رهيل ڪيس ٻڌڻ آيو ته مون هن جي دعوت ڪئي، جو هو ڪراچيءَ ڪاليج واري زماني کان دوست هوندو هو. مون ان دعوت ۾ پنهنجي ڪجهه دوست آفيسرن سول سرجن غلام سرور مستوئي صاحب، سيشن جج شمس الدين صديقي صاحب، مسٽر دين محمد شيخ انجنيئر هاءِ ويز ۽ ڊپٽي ڪمشنر صاحب جن کي به مدعو ڪيو هو. جنهن وقت سڀ اچي گڏ ٿيا ته مان ڊپٽي ڪمشنر صاحب (محمد صالح ميمڻ صاحب) کي فون ڪئي ته سڀ مهمان اچي ويا آهن ۽ اوهان اچو ته چيائين ته ڪيس ڏاڻ ۾ سُور آهي، انهيءَ ڪري هو نٿو اچي سگهي ۽ نه ئي آيو. خير پوءِ جيڪي موجود هئاسين انهن ماني کاڌي. ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ ڊپٽي ڪمشنر صاحب جا ڪي مهمان آيا، جن جي هن دعوت ڪئي هئي ۽ پنهنجي P.A مقبول احمد کي به ڪو منهنجي لاءِ چيائين ته دعوت ۾ اچي. P.A مقبول احمد پوءِ مونکي فون ڪري ڊپٽي ڪمشنر صاحب طرفان دعوت جو ٻڌايو، جنهن تي مون ڪيس چيو ته صاحب موصوف پاڻ نٿو چوي ۽ ڪيس ٻڌائي ته مان ڪونه ايندس ۽ پوءِ مان نه ويس.

ڪجهه ڏينهن بعد وري مسٽر احمد خان بارڪزئي جيڪو به ڪراچيءَ ڪاليج واري وقت کان دوست هئو، اهو سانگهڙ ۾ اڌ هلايل (Part Heard) ڪيس هلائڻ آيو ته مون سندس دعوت ڪئي ۽ ان ۾ به پنهجن ساڳين دوست آفيسرن ۽ ڊپٽي ڪمشنر صاحب (محمد صالح ميمڻ) کي به دعوت ڏني پر ڊپٽي ڪمشنر صاحب هن ڀيري به نه آيو. وري ان کان ڪجهه عرصو بعد ڊپٽي ڪمشنر صاحب ڪا دعوت ڪئي هئي، جنهن ۾ مونکي به دوعت ڏنائين پر وري مان به ان دعوت ۾ نه ويس.

جيئن مان مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان ته سخت بارشن ڪري سانگهڙ ضلعي ۾ پر سڀ کان گهڻو فصل (ساريالي فصل) کي نقصان سنجهوري تعلقي (سانگهڙ سب ڊويزن) ۾ ٿيو هو. مسٽر تاج محمد قريشي ڊپٽي ڪمشنر صاحب جنهن وٽ مان دادوءَ زيردست A.D.M ٿي رهي آيو هئس ۽ بدلي ٿيڻ تي مون سندن دعوت به نه کاڌي هئي، ان جي زمين به سنجهوري تعلقي ۾ هئي ۽ اها به تمام گهڻي برسات جي ڪري متاثر ٿي هئي. مان آفيس ۾ ويٺو هئس ته هو اوچتو آيو ۽ اچڻ سان چيائين ته محمد علي تنهنجي مون تي ميار آهي، جنهن تي مون ڪين چيو ته نه سائين اهڙي ته ڪا ڳالهه ڪانهي (هن کي شايد عزت علي شاهه منهنجي سندن دعوت نه کائڻ جو سبب منهنجي دادوءَ مان بدلي ٿي

وڃڻ بعد ٻڌايو هجي، جو مون ان سان ئي اهو ذڪر ڪيو هو) پوءِ مونکي چيائين تہ سندس زمين جي ساريالي فصل کي ڏاڍو نقصان پهتو آهي، سو ان جي پارت اتوَ جيئن ڍل نہ چٽي پئجي وڃي.

ساڻس سندس ڪمدار بہ آيل هو جو ٻاهر وراندي ۾ بيٺو هو. ان کي گهرائي منهنجي روبرو ڪرايائين تہ هي ڪڏهن ڪم ڪار لاءِ اچيوَ تہ مڙئي خيال ڪجوس. مان فصلن جي چڪاس وقت ڏٺو تہ سندس زمين واري سڄيءَ ديهہ ۾ گهڻو نقصان ٿيل هو. جنهن ڪري مون اهڙي رپورٽ ڪڍي ۽ سڄي ديهہ جي فصلن کي سؤ سيڪڙو ڍل جي معافي ملي.

هڪ ڏينهن تاج محمد قريشي صاحب جي ڪمدارر جهول مان فون ڪئي تہ سؤ ٻاچڪا ڀاڻ جا ڪپندا هئس، مون ڪيس چيو تہ جڏهن ڀاڻ اچي تہ ٻڌائجان. هن ٻڌايو تہ سائين ڀاڻ جي ٽرڪ آئي آهي ۽ ڊيپوءَ وارو ڀاڻ لهرائي پيو. مون ڪيس چيو تہ ڊيپو ڪيپر کي چئو تہ مون سان فون تي ڳالهائي، جنهن کي مون چيو تہ تاج محمد قريشي صاحب جن جي ڪمدار کي 100 ٻاچڪا ڀاڻ جا ڏي، جيڪي هن کيس ڏنا. سانگهڙ ۾ عيد ميلادالنبيءَ جو جلوس نڪتو پئي، جنهن جي اڳواڻي ڊپٽي ڪمشنر صاحب محمد صالح ميمڻ جن کي ڪرڻ جو پروگرام هيو. پر هن مونکي چيو تہ مان وڃي اڳواڻي ڪيان، جنهن ڪري مان وڃي ڪئي. جهول ۾ نئشنل بئنڪ جي برانچ کولي پئي وئي، جنهن جو افتتاح ڊپٽي ڪمشنر صاحب کي ڪرڻو هو پر عين وقت تي مونکي چيائين تہ مان وڃان ۽ مان وڃي افتتاح ڪيو. سانگهڙ ۾ ورڪشاب ويجهو بوهي منگڻ جي گهڻي پئداوار ٿيندي هئي ۽ آبادگار اورنگزيب بوهي منگڻ جا ٻاچڪا ڀري موڪليندو هو. هن ٻڌايو تہ گدڙ رات جو زمين کوٽي بوهي منگ کائي ڏاڍو نقصان ڪري ويندا آهن، انهيءَ ڪري رات جو ڏاڍي چوڪيداري ڪرڻي پوي ٿي. بوهي منگ واريا سي زمين ۾ پوکيا ويندا آهن، انهيءَ ڪري گدڙن کي کوٽڻ بہ سولو لڳندو آهي.

خدا بخش خان ڪيريو جهول جو زميندار مون وٽ محمد هاشم صاحب جن جو ليٽر کڻي آيو جنهن ۾ هن سندس پارت لکي موڪلي هئي. مون خدا بخش خان ڪيريي کان احوال ورتو تہ ٻڌايائين تہ سندس ڀائٽيو محمد حسن ڪيريو ساڻس سڏو نٿو هلي، انهيءَ کي تاڪيد ڪيو جنهن تي مون محمد حسن کي نوٽيس ڪڍيو پر هو پنهنجي چاچي خدا بخش خان سان ٺهي ويو ۽ خدا بخش خان اچي ٻڌايو تہ چاچو ڀائٽيو ڀاڻ ۾ ٺهي ويا آهيون.

جمع جو ڏينهن هو جو مان ڳوٺ اچڻ لاءِ ڊپٽي ڪمشنر صاحب (محمد صالح ميمڻ) کان سندن بنگلي تي موڪل وٺڻ ويس. سانگهڙ ۾ سڀ روينيو آفيسرن جا بنگلا ۽ ڊپٽي ڪمشنر جي آفيس توڙي S.P جو بنگلو ۽ ايريگيشن ريسٽ هائوس هڪ ٻئي جي ويجها آهن ۽ انهيءَ ڏينهن منهنجي جيپ بہ خراب هئي، انهيءَ ڪري مان پيادل ئي هليو ويو هئس ۽ پٽيوالو بہ گڏ ڪونہ ڪنيو هيم. مان ڊپٽي ڪمشنر صاحب وٽ ويٺو ئي هئس تہ ڪيس ميجر اقبال فون ڪئي تہ سندن يونٽ سانگهڙ مان وڃي پيو ۽ ميجر ضمير جو يونٽ اچي ٿو. انهيءَ ڪري S.D.M کي موڪليو تہ هن کي جڳهيون ڏيکاري، جتي هن جي يونٽ جا جوان ڪئمپ ڪندا. مان پوءِ پيادل ئي اڪيلو ايريگيشن

ريسٽ هائوس تي ويس ۽ مٿي اتي ويس جتي ٻئي ميجر وينا هئا. اتي چانهه پيئڻ بعد ميجر اقبال چيو ته ميجر ضمير سان گڏجي وڃي ڪئمپ هٽڻ لاءِ موزون جڳهه ڏيکاريان. پوءِ ميجر ضمير ۽ مان گڏجي ايريگيشن ريسٽ هائوس جي گيٽ تي پهتاسين، جتي ميجر جي گاڏي بيٺي هئي ته هو جيپ جي اڳين دري کولي ويهي پيو ۽ مون کي چيائين ته پويان ويهه پر مون پويان ويهڻ کان ڪيس انڪار ڪيو ۽ مون ڪيس چيو ته مان پنهنجي جيپ ڪڍي ٿو اچان. منهنجي جيپ ته خراب هئي ان ڪري مان ڊپٽي ڪمشنر صاحب واري جيپ ڪڍرائي، ان ۾ چڙهي ويس ۽ ريسٽ هائوس پهچي جتي ميجر ضمير پنهنجي جيپ وٽ بيٺو هو، ان کي چيو ته مان اڳ ۾ ٿيان ٿو ۽ اوهان منهنجي پويان اچو ته اوهان کي جڳهيون ڏيکاريان ۽ اهي ڪيس ڏيکاري موٽي آيس. اهو ميجر ضمير اسپيشل ملٽري ڪورٽ حيدرآباد جو پوءِ ميجر ٿيو هو.

جنرل اقبال گورنر، سانگهڙ ۾ ڪليل ڪچهري رکي هئي، جنهن ۾ هو سڀ صوبائي سيڪريٽري پاڻ سان وٺي آيو هو. انهيءَ ڪري اسان ضلعي جي زميندارن جو گاڏيون گهرايون هيون ۽ ڊپٽي ڪمشنر صاحب چيو ته سيڪريٽرين کي گاڏين ۾ ويهڻ لاءِ گائيڊ ڪجان ۽ پاڻ هيلي پئڊ تي آيو. جڏهن گورنر صاحب ۽ ساڻس گڏ سيڪريٽري هيلي پئڊ تي لٿا ته ڪمشنر صاحب الله بخش سومرو به گورنر صاحب سان گڏ هيو ۽ ٻئي اچي هڪڙي ڪار ۾ وينا ۽ مان سيڪريٽرين کي گاڏين ۾ ويهڻ لاءِ گائيڊ پئي ڪيو ته ڊپٽي ڪمشنر صاحب هڪ ڪار ۾ ويهي پيو ته ڪمشنر صاحب هن کي گهرائي پاڻ سان گڏ ويهاريو ته تون ضلعي جو هيڊ آهين. (You are head of district) تون هتي ساڻس گاڏيءَ ۾ ويهه، جنهن ۾ گورنر صاحب به وينل هو. گورنر صاحب پوءِ ڪليل ڪچهري ڪري واپس روانو ٿي ويو.

مسٽر امداد الله خان انڙ جنهن تي ڇهن حرن جي مارائڻ جو ڪيس پئي هليو ۽ حيدرآباد ۾ نارا جيل ۾ نظربند هيو ته هڪ دفعو ساڻس جيل تي ملاقات ڪري آيو هئس، مون جيل سپرنٽينڊنٽ کي ملاقات ڪرائڻ لاءِ چيو، جنهن يڪدم ساڻس ملاقات ڪرائي.

مير علي احمد خان ٽالپر دفاعي وزير (Defence Minister) هڪ ڏينهن سانگهڙ دوري تي آيو ته ايريگيشن ريسٽ هائوس جيڪو آرمي وارن جي حوالي هيو، اتي جهانداد خان D.M.LA Hyd (ڊپٽي مارشل لا ايڊمنسٽريٽر حيدرآباد) به آيو جو وزير صاحب جن سان چانهه پي واپس روانو ٿي ويو. وزيرر صاحب جن پوءِ مٿان لهي اچي هيٺ هڪڙي ڪمري ۾ اخباري نمائندن سان ڳالهائڻ ويٺو، ڪمري ۾ هڪ پراڻو گلم ۽ معمولي فرنيچر رکيل هو، مان به وزير صاحب جن سان گڏ پاسي ۾ وينل هئس. جيئن ته ريسٽ هائوس آرمي وارن جي حوالي هيو، ان ڪري اسان روينيو وارا اتي ڪنهن جو بندوسبت ڪونه ڪندا هئاسين. مونکي ڪمري جي حالت، پراڻو گلم پيل ۽ معمولي فرنيچر وزير صاحب جن جي ويهڻ لاءِ ڏسي سندن حالت تي رحم آيو ۽ دل ۾ چيم ته اها ڪهڙي وزارت آهي پوءِ خانبهادر محمد ايوب کهڙي صاحب) جن جي اقتدار ۾ وقت ٻڌل قصا، ياد اچڻ لڳا.

1. جڏهن پاڪستان ٺهيو تہ کهڙو صاحب سنڌ جو پهريون وزير اعليٰ منتخب ٿيو. هڪڙي ڏينهن هن ڪمشنر سنڌ انگريز علي elea صاحب کي پاڻ وٽ آفيس ۾ گهرايو تہ هو سندس آفيس ۾ سگريٽ پيئندي گهڙيو. جنهن تي کهڙي صاحب جن هن کي سخت چنڊ پٽي تہ ڪمشنر صاحب سگريٽ ٻاهر ڦٽي ڪري پوءِ وتس آفيس ۾ آيو. پر هو پوءِ استعيفا ڏئي ولايت هليو ويو.

2. ڪراچيءَ ۾ جڏهن فرقيوارانا فساد شروع ٿيا تہ هن ماڻهن جي عزت، جان ۽ مال جي حفاظت ڪرڻ جو پنهنجو فرض پورو ڪرڻ خاطر هڪ سپاهي ساڻ ڪٽي ڪليل جيپ ۾ فسادن واري جڳهہ ڏانهن روانو ٿيو ۽ فسادن بند ڪرائڻ ۾ ڪامياب ويو.

3. کهڙي صاحب جي پنهنجي ڳوٺ عاقل ۾ سندس پائٽين جا طهر ٽيٽا هئا ۽ انهيءَ بندوبست جي نظر دارري پئي ڪئي، ٻڌڻ ۾ آيو هو تہ جنرل محمد ايوب جيڪو ان وقت ڪمانڊر ان چيف هيو. جو شاميانن جي ٻاهر بيٺل هو ۽ عبدالفتاح ميمڻ وڪيل، جيڪو کهڙي صاحب جن سان اندر گڏ پئي هليو. انهيءَ کيس چيو بہ تہ آرمي ڪمانڊر ان چيف محمد ايوب خان ٻاهر بيٺو آهي، ان کي تہ اندر گهرايو پر خانبهادر کهڙي صاحب جيڪو ان وقت (Defence Minister Pakistan) دفاعي وزير پاڪستان هيو ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيو ۽ جنهن مهل سمورو بندوبست مڪمل ٿي چڪو ان بعد ئي کيس اندر گهرايائين.

4. حالانڪہ 1958 ۾ فيلڊ مارشل محمد ايوب خان جڏهن ملڪ ۾ مارشل لا لڳائي تہ هن جو پهريون نشانو خانبهادر محمد ايوب کهڙو ئي هيو. جنهن کي هن "پروڊا" ۽ "ايپرو" وغيره هيٺ آندو. پر خانبهادر محدم ايوب کهڙي صاحب پنهنجي اقتداري دور ۾ جن جن عهدن تي فائز رهيو تہ وڏي شان مان سان رهيو ۽ سندس وڏو ديدبو هوندو هو.

(ان جي برعڪسس مير علي احمد ٽالپر صاحب جيڪو بہ ساڳي ئي عهدي دفاعي وزير پاڪستان (Defence Minister Pakistan) تي فائز هيو. ان جي جيڪا ڪسمپرسيءَ جي ۽ رحم جوڳي حالت ڏٺم. ان جو ذڪر مٿي ڪري آيو آهيان).

(البت کهڙي صاحب جن جيڪو سنڌ تي ون يونٽ مڙهڻ جو ڪم ڪيو ان سنڌين کي نقصان پهچايو جو سندن ڪم ڏکيا ٿيندا ها جو "گاديءَ جو شهر" لاهور هو)

ٻين صوبن جي تہ خبر ڪانهي باقي خيرپورميرس رياست ۾ ان وقت جي والي رياست وزيراعظم رياست ۾ جيڪي ملازم جنهن جنهن بہ گريڊ ۾ پڪو (Confirm) ڪري ڇڏيو پر کهڙي صاحب سنڌ ۾ ائين نہ ڪيو.)

عيدالضحيٰ جو موقعو هو جو مان خدا بخش خان ڪيرئي جهول جي زميندار (سندس ڳوٺ جهول ڀرسان ولي محمد ڪيريو هيو. جنهن ۾ سندس هڪ عاليشان بنگلو باغ ۽ وڏي ڪشادي اوطاق جنهن ۾ مسجد پڻ ٺهيل هئي، جهول ۾ بہ سندس جڳهہ هئي ۽ ڏينهن جو اڪثر ان جڳهہ ۾ ترسندو هو) کان سندس ڪار وٺي ان ۾ پوري فئملي سميت حج کان هڪ ڏينهن اڳ لاڙڪاڻي پئي آيس. ڪار

مون واري جيپ جي ڊرائيور غلام رسول پئي هلائي. ڪوٽڙيءَ کان اٽڪل 20 ميل ڪن مفاصلي تي پهتاسين ته ڪار پل تي چڙهي ۽ ڪار جي بلڪل سامهون اوچتو هڪ ٽرڪ پل تي ظاهر ٿي، ڊرائيور يڪدم ڪار کي ٽرڪ کان بچائڻ لاءِ پاسي (سائيڊ) تي ڪئي ته ان سائيڊ تي چڱا وڏا پٿر پيل هئا ۽ ڪار انهن پٿرن تي چڙهي وئي ۽ پٿرن لڳڻ ڪري ڪار جو چيمبر جنهن ۾ موبل آئل هو، اهو ٽٽي پيو ۽ موبل آئل سمورو نڪري ويو. جنهن ڪري گاڏي بند ٿي وئي پر الله پاڪ جا لک شڪرانا جو ٽرڪ سان حادثي ٿيڻ کان بچي وياسين ۽ ڪنهن کي ڪو ڏڪ نه لڳو.

اهو قريبن سج لهڻ جو وقت هو. مان پوري فئملي ميمبرن سان ڪار مان لاهي روڊ تي ڪنهن گاڏيءَ جي انتظار ۾ بيٺو ئي هئس ته الله تبارڪ وتعاليٰ جن جي اوچتو مدد اچي پهتي، جو ان وقت شفيع محمد ساند ايگزيڪٽو انجنيئر بلڊنگس ۽ مان دادوءَ ۾ گڏ رهيا هئاسين، اهو ڪار ۾ اچي لنگهيو ۽ مون کي روڊ تي بيٺل ڏسي ڪار روڪي مون کان اتي بيهڻ جو سبب پڇيائين، جنهن کي مون ساري حقيقت ڪئي. هن پوءِ اتي روڊ تي جيڪو ليبر بيٺو هو ان کان مون واري ڪار ڏڪرائي دڙي تي ڪري بيهاري ۽ انهن کي ڪار جي پارٽ پڻ ڪئي ۽ مونکي چيائين ته هاڻ سج لهڻ تي آهي، انهيءَ ڪري ڪا گاڏي ڪانه ملندي ۽ سندس ڪار ۾ حيدرآباد هلان، جو هو عيد تي ڳوٺ حيدرآباد پئي ويو. ساڻس ڪار ۾ پنڌيان هڪ ملنگ ويٺو هو، جنهن کي هن چيو ته ملنگ توهان هتي لهو ته مان هنن کي ڪٽي وڃان. مان پوءِ فئملي سميت هن سان گڏجي حيدرآباد آيس ۽ ڊرائيور غلام رسول کي مان ڪار وٽ ئي ترسايو.

شفيع محمد خان ساند مون کي پنهنجي جڳهه تي هلي ترسڻ لاءِ چيو پر مون هن کي چيو ته منهنجو سؤٽ ظفرالدين شيخ لطيف آباد ۾ رهندو آهي، مون کي اتي هلي ڇڏيو. هو مونکي اتي پهچائي هليو ويو. مان ٻارن کي اتي ظفرالدين جي گهر ترسائي مجني خان جماڻيءَ A.D.M حيدرآباد وٽ آيس ۽ سندس جيپ وٺي، هڪ مستري ساڻ ڪري گاڏي ٽوچنگ ڪرائي آڻي A.D.M جي بنگلي تي ڇڏي، جو رات جا 3 ٿي ويا هئا ۽* گئراج سڀ بند ٿي ويا هئا. ٻئي ڏينهن تي حج جو ڏينهن هيو. ان ڪري ان ڏينهن به سڀ موٽر گئريج بند هيا ۽ مان 250 روپيا ۾ ٽئڪسي ڪري سانگهڙ موٽي ويس ۽ عيد اتي وڃي ڪيم. لاڙڪاڻي لاءِ ٽئڪسي وارو 800 روپيا گهري رهيو هو، انهيءَ ڪري مان سانگهڙ لاءِ موٽي وڃي عيد ڪئي. مان پوءِ خدا بخش خان ڪيرئي کي اها حقيقت ڪرڻ لاءِ ڊرائيور موڪلي اطلاع ڪرايو ته سندس ڪار A.D.M جي بنگلي تي بيهاري آيو آهيان، جيڪو پوءِ وڃي گاڏي ٺيڪ ڪرائي ڪاهي آيو. مون کانئس پڇيو ته گهڻو خرچ ٿيو آهي ته پئسا ڏيانوَ پر هن خرچ بابت نه ٻڌايو.

خدا بخش خان راجڙ (اڳوڻو ضلع ناظم سانگهڙ) ڊپٽي ڪمشنر صاحب کي درخواست ڪئي ته پيپلز پارٽيءَ واري دور ۾ حاڪم علي جوڻيجو سندس هڪ لک روپين جون ڦٽيون زوريءَ ڪڍائي ويو هو جا رقم ڪيس پرائي ڏني وڃي. ڊپٽي ڪمشنر صاحب (محمد صالح ميمڻ) اها درخواست مون

ڏانهن انڪوائري ڪري رپورٽ ڏياري موڪلڻ لاءِ موڪلي. حاڪم علي جوڻيجو، غلام حيدر خان وساڻ جن جو ماڻهو هو، مان ان درخواست ۾ ڄاڻايل الزامن بابت انڪوائري ڪري ئي رهيو هئس، جو ان هلندي هڪڙي ڏينهن منهنجي عزيز مسٽر عبدالعزيز جيڪو گهاري پيپر مل ۾ نوڪري ڪندو هو، ان فون ڪئي تہ غلام حيدر خان وساڻ، نياز محمد وساڻ، غلام علي وساڻ ۽ ٻيا ٻہ گاڏيون ڀري آيا آهن تہ هو مونکي پارٽ ڪري تہ رپورٽ حاڪم علي جوڻيجي جي خلاف نہ ڪڍان ۽ هو 20000 روپيا بہ ڏيڻ لاءِ تيار آهن. مان ڪيس مذاق ڪندي چيو تہ مخالف ڌر جيڪڏهن وڏيڪ ڏئي تہ پوءِ جنهن تي چيائين تہ هي 40000 روپيا (چاليهہ هزار روپيا) ڏيڻ لاءِ بہ تيار آهن. ان تي مون ڪيس چيو تہ وساڻ ڪان پئسا وٺي سندن ڪم ڪيان تہ پوءِ تنهنجي وساڻن وٽ جيڪا خانبهادر غلام محمد خان وساڻ جي وقت ڪان عزت آهي پوءِ اها تہ نہ رهندي. اوهان ڪين خاطري ڪرايو تہ مان سندن ڪم ڪندس. (هتي اهو ذڪر ڪرڻ مناسب ٿو سمجهان تہ منهنجو مائٽ عبدالعزيز شيخ ميرپورخاص ضلعي ۾ گهڻو عرصو ڊسٽرڪٽ انسپيڪٽر آف اسڪولس ٿي رهيو هو ۽ هن جو خانبهادر غلام محمد خان وساڻ جن سان ڏاڍو گهاٽو رستو ٿي ويو هو، ايتريقدر جو جڏهن عبدالعزيز جي ڊئريڪٽر ايڊوڪيشن سنڌ (B.K Shaikh) ميرپورخاص ضلع مان بدلي ڪئي تہ خانبهادر غلام محمد خان وساڻ هن کي ٻہ دفعا اها بدلي بند ڪرڻ لاءِ چيو پر هو ٽال مٽول ڪندو رهيو. جنهن تي خانبهادر ملڪ امير محمد خان گونر ويسٽ پاڪستان جيڪو سنڌ ۾ صرف ٻن ڄڻن هڪ خانبهادر غلام محمد خان وساڻ ۽ ٻيو عبدالحميد خان جتوئيءَ سان ٺهيل هو، جن کي B.K Shaikh خلاف شڪايت ڪئي، جنهن B.K Shaikh جي تار تي بدلي ڪري ڪيس پشاور موڪليو، جنهن تي B.K Shaikh صاحب عبدالعزيز کي چيو تہ خانبهادر صاحب کي چوي تہ سندس پشاور بدلي بند ڪرائي پر هن ڪيس چيو تہ هو ڪهڙي منهن سان خانبهادر کي چوي جو هن اوهان کي ٻہ دفعا سندس ميرپورخاص مان بدلي نہ ڪرڻ جو چيو پر اوهان نہ مڃيو. نياز محمد وساڻ، خانبهادر غلام محمد خان وساڻ جو ڀاڻيجو هو ۽ عبدالعزيز سان گڏ پڙهيو هو، انهيءَ ڪري ئي مون عبدالعزيز جي وساڻن وٽ عزت برقرار رکڻ خاطر ڪيس چيو تہ تون چوين تہ دلجاءِ ڪن ۽ مان سندن ڪم ڪندس). عبدالعزيز کي ڀُٽي صاحب جڏهن نوڪريءَ مان ڪڍيو هو تہ هن کي پيپرمل ۾ نوڪري وساڻن ڏياري هئي، پر الائي ڇو وساڻ صاحبن کي يقين نہ پئي آيو جو اچي منهنجي هيڊ منشي الهہ بچائي چانڊئي کي چيائون ،جنهن مونکي چيو تہ رئيس غلام حيدر خان وساڻ جن پئسا ڏين ٿا تہ مان سندن ڪم ڪيان. جنهن تي مون ڪيس چيو تہ مونکي عبدالعزيز چيو آهي ۽ مان ڪانئن پئسا نہ وٺندس. مون هن کي ايترو بہ چيو تہ رپورٽ تہ ڪٽي مان لکندس پر ٽائيپ تہ تون ڪندين ۽ توکان تہ ڪا ڳالهہ لڪل ڪانہ رهندي.

خير مان انڪوائري ڪندو رهيس ۽ ڏرين جا ۽ سندن شاهدن ۽ ڪن ٻين جا بيان ورتا، جن مان ضمير چوي پيو تہ درخواستگذار خدا بخش خان راجڙ سان زيادتي ٿيل آهي ۽ حاڪم علي جوڻيجو برابر قصوروار پئي ڏٺو پر عبدالعزيز جي سر جي خاطر مان پنهنجي ضمير جي خلاف

حاڪم علي جوڻيجي جي فائدي ۾ رپورٽ لکي ڪاغذ ڊپٽي ڪمشنر صاحب ڏانهن موڪليا، جنهن فائيل ڪري ڇڏيا ۽ خدا بخش خان راڄڙ جو حق غضب ٿي ويو. (مون پنهنجي سموري 35 سالن (پنجٽيهه سالن) جي نوڪري واري عرصي دوران اهو ئي دانسته طور ضمير جي خلاف ڪم ڪيو هو، باقي ٻيو ڪو اڻڄاڻائيءَ ۾ ٿي ويو هجي ته ممڪن آهي).

اهو سال 1978 جو قصو آهي پر منهنجي دل تي بار رهندو پئي آيو. آخر سال 1998 ۾ مون عبدالڪريم سريوال وڪيل کي سانگهڙ فون ڪئي ته مون کي خدا بخش خان راڄڙ سان ملڻو آهي پر هن ٻن ٽن دفعن چوڻ بعد اهو ئي ٻڌائيندو رهو ته هو اڪثر ڪراچيءَ ۾ رهي ٿو ۽ هو ان وقت M.N.A هيو ۽ سانگهڙ ڪڏهن ڪڏهن ايندو آهي پر گهڻو ترسندو ناهي. پوءِ آخر مون وڪيل مسٽر عبدالڪريم سريوال کي چيو ته منهنجو ٻيو ڪم ڪونه اٿس، باقي منهنجي پاران چئجانس ته هن چيو آهي ته اوهان جي حاڪم علي جوڻيجي خلاف ڪيل درخواست تي مون حاڪم علي جوڻيجي جي فائدي ۾ رپورٽ ڪڍي اوهان سان زيادتي ڪئي هئي اها معاف ڪري.

پوءِ وري ڪجهه ڏينهن رکي مون مسٽر عبدالڪريم سان فون تي حال احوال پڇڻ لاءِ ڳالهايو ته هن ٻڌايو ته هن خدا بخش خان راڄڙ سان مون وارو ذڪر ڪڍيو هو ته هو ڪلي وينو ۽ چيائين ته ڪيس ته ياد ڪونهي پر مون ڪيس معاف ڪيو اهو ٻڌڻ بعد وڃي منهنجي دل جو بار هلڪو ٿيو.

قصا 6 حرن جي ۽ امين فقير جي مارائڻ جا جيئن مون سانگهڙ ۾ ٻڌا. (ڪوڙ جو بار ٻڌائيندڙن جي ڳچيءَ ۾)

6 حرن جي مارائڻ جو قصو

اهي ڇهه ئي حر جيل ۾ هئا جو انهن کي زوري اتان ڪڍرائي مارڻ لاءِ وٺي ويا. ايس پي ڪليار شبير صاحب هيو جو پنهنجا سپاهه جا ماڻهو ساڻ وٺي ويو هو. سرزمين تي پنهنجي عملي جي جنهن به سنڌي پوليس واري يا صوبيدار کي حرن کي مارڻ لاءِ چيائين پئي ته هنن ڪيس انڪار ڪندي پنهنجا بيلٽ لاهي پئي ڏنا، پر پوءِ هڪ پنجابي صوبيدار هنن کي گوليون هڻي ماريو.

قصو امين فقير جي مارائڻ جو

امين فقير ڪنهن ڪيس ۾ سکر جيل ۾ نظربند هو ۽ اهو ڪيس D.M خيرپور مسٽر فتح محمد ميمڻ جي ڪورٽ ۾ هيو پر هن امين فقير جي ضامن ڪٽڻ لاءِ A.D.M محمد پنيل خان عطار کي چيو جنهن کي ڪنهن منصوبي جي خبر نه هئي. پوءِ هڪڙي ضامن جي درخواست ڏياري وئي، جيڪا وڪيل جي معرفت ڏني وئي هئي. A.D.M صاحب ضامن منظور ڪري اهڙو (Release Order) امين فقير کي آزاد ڪرڻ جو ليٽر سکر جيل اختيارن کي موڪلي ڏنو. جڏهن انهن امين فقير کي ٻڌايو ته تنهنجو ضامن ٿي ويو آهي ۽ تون هاڻي آزاد آهن ۽ جيل کان هن کي ٻاهر نڪرڻ لاءِ

چيائون تہ هن کين ٻڌايو تہ هن تہ ڪا ضامن جي درخواست ناهي ڪئي ۽ جيل مان ٻاهر نڪرڻ کان انڪار ڪيائين. بهرحال هن کي زوريءَ جيل مان ٻاهر ڪڍيو ويو. هوڏانهن جيل جي ٻاهران سانگهڙ ضلعي جي پوليس اڳ ئي بيٺل هئي ۽ جيئن ئي امين فقير ٻاهرر نڪتو تہ پوليس کيس ڪٽي پنهنجي گاڏي ۾ ويهاريو. هوڏانهن ڄام صادق علي سانگهڙ بنگلي ۾ ويٺو هو ۽ ان کي پوليس اهڙو اطلاع ڪيو. پوءِ جنهن جنهن پوليس اسٽيشن تان سانگهڙ پوليس گذري پئي تہ ڄام صادق عليءَ کي اطلاع ڏيندي پئي وئي تہ ڪٿي ڪٿي پهتا آهن ۽ آخر هنن امن فقير کي سانگهڙ پهچي ڄام صادق عليءَ سامهون بنگلي تي حاضر ڪيو. جنهن هن کي وڏيري شاهنواز جوڻيجي جي حوالي ڪيو.

مان سانگهڙ ۾ هئس تہ وڏيرو شاهنواز جوڻيجو جيل ۾ ئي هيو. جو ٻڌڻ ۾ آيو تہ سندس ٻہ نوجوان پٽ ٿوري ٿوري وقفي بعد وفات ڪري ويا ۽ ٻنهي موقعن تي هن کي جيل مان پئرول تي آزاد ڪيو ويو تہ جيئن فوتي پٽن جي دفنائڻ وغيره وارين رسمن ۾ شريڪ ٿئي.

ان قتل ڪيس ۾ محمد پنيل عطار A.D.M خيرپور بہ ملوث ٿيو. جو ضامن جي درخواست ڏيندڙ بہ چون پيا تہ ڦري ويو هو ۽ وڪيل بہ انڪار ڪري ويو ۽ A.D.M جي سرشتيدار بشير بہ سندس خلاف بيان ڏنو هو. محمد پنيل عطار صاحب هڪڙي رات 12 بجي ڌاري مون وٽ بنگلي تي آيو ۽ ڏاڍو پريشان پئي لڳو ۽ احوال ڪيائين تہ هو ان ڪيس ۾ گرفتاريءَ کان اڳ ضامن (Bail before arrest) ڪرائڻ لاءِ هاءِ ڪورٽ ۾ ويو هو پر اتان ڪيس جواب ڏنائون تہ اڳ ۾ سيشن ڪورٽ ۾ وڃ. انهيءَ ڪري سيشن ڪورٽ مان ضامن ڪرائڻ آيو آهيان. شمس الدين صديقي صاحب سيشن جج هو.

صبح جو محمد پنيل عطار سندن ڪورٽ ۾ (Bail before arrest) ڪرائڻ ويو تہ ان ڏينهن ضامن منظور نہ ڪيائين ۽ ٻي تاريخ ڏنائين ۽ ان تاريخ تي سندس گرفتاريءَ کان اڳ ضامن منظور ڪيائين. وڌيڪ خبر ناهي تہ اڳتي هلي ان امين فقير جي قتل ڪيس جو ڇا ٿيو. جو مان سانگهڙ مان بدلي ٿي، ڊگڙي جو S.D.M ٿي ويس.

مون سان جڏهن ياسين نظاماڻيءَ فون تي ٿورو تِڪو منو ڳالهايو تہ مون اهڙي حقيقت جي رپورٽ ڪمشنر صاحب جن کي موڪلي هئي ۽ ان ۾ اهو بہ عرض ڪيو هو تہ مونکي سانگهڙ مان بدلي ڪيو وڃي، ڪجهہ عرصي بعد ڪمشنر صاحب الله بخش سومري جن ڪينجهر ڍنڍ (ٺٽو ضلعو) تي ڊپٽي ڪمشنرن جي ميٽنگ سڏائي هئي، ڊپٽي ڪمشنر صاحب مونکي چيو تہ مان ان ميٽنگ ۾ وڃان. ڪمشنر صاحب ميٽنگ ڪري پنهنجي ڪمري ۾ ويو تہ نائڪ کي چيائين تہ مان ساڻس ملان. نائڪ مون کي اچي چيو تہ ڪمشنر صاحب چيو آهي تہ مان ساڻس ملان، پوءِ مان ڪمشنر صاحب سان وڃي مليس تہ مونکي چيائين تہ تون ڪيڏانهن ٿو وڃڻ چاهين؟! ان ميٽنگ ۾ مسٽر محمد هاشم ميمڻ صاحب ڊپٽي ڪمشنر ضلع ميرپورخاص ۽ مسٽر تاج محمد قريشي صاحب ڊپٽي ڪمشنر ضلعو ٺٽو بہ ميٽنگ ۾ آيل هئا، ان ڪري مون ڪمشنر صاحب جن کي چيو تہ

مان مٿين ٻنهي ڊپٽي ڪمشنر صاحبن وٽ زيردست ٿي رهيو آهيان، انهن مان جيڪڏهن ڪو پنهنجي ضلع ۾ رڪرائٽ چاهي ته اوڏانهن وڃان. محمد هاشم ميمڻ صاحب جن ڪمشنر صاحب جن کي چيو ته هو منهنجي لاءِ ڊگڙي سب ڊويزن لاءِ D.O ليٽر لکي موڪليندو، اهو هن لکي موڪليو پر جيئن ته پير پاڳاري صاحب جن ياسين نطاماڻيءَ جو هٿ بند ڪيو هو، انهيءَ ڪري پير صاحب جن جا ماڻهو مون کان لهرائيندا هئا ۽ خاموش ٿي ويا. انهيءَ ڪري مان D.O ليٽر جي پوئواري نه ڪئي ۽ اهو ڊپٽي سيڪريٽري سروسز ۽ جنرل ائڊمنسٽريشن جي آفيس ۾ جيئن جو تيئن پيو هو.

رندن ۽ بروهين گڏجي سانگهڙ تعلقي ۾ زرعي زمين خريد ڪئي هئي، جنهن خلاف هڪ هاريءَ حق شفيع جي (Right of pre-emption) درخواست ڪئي، ڇاڪاڻ ته زمين خريد ڪرڻ جو اڳ ۾ حق هاريءَ کي هوندو هو.

مان ان درخواست تي انڪوائري ڪرڻ ۽ ڏرين وچ ۾ فيصلو ڪرڻ لاءِ سرزمين تي ويس. روينيو رڪارڊ ۾ ان درخواست ڪندڙ جو هاري هجڻ جو نالو داخل ٿيل ڪونه هو پر هن چيو ته اوهان قرآن شريف تي فيصلو ڪيو ۽ هو قرآن شريف کڻڻ لاءِ به تيار آهي ته جنهن سروي نمبر لاءِ هن حق شفيع جي درخواست ڏني آهي، هو ان جو تحقيق هاري آهي پر جن زمين خريد ڪئي هئي (رندن ۽ بروهين) انهن چيو ته هي ماڻهو ڪوڙو آهي ۽ هي ڪوڙ تي قرآن شريف به کڻي ويندو ۽ انهيءَ تي ڪين اعتبار ڪونهي. باقي هن جو پاءُ سندس هاري برابر آهي ۽ جيڪڏهن هو قرآن شريف تي هٿ رکي چوي ته درخواست ڪندڙ سندس پاءُ ساڻس هارپي ۾ گڏ آهي ته اسان ان تي اعتبار ڪنداسين. مون هنن جو اهڙو بيان رڪارڊ ڪري قرآن شريف گهرايو، جنهن تي درخواست ڪندڙ هاريءَ جي پاءُ هٿ رکي چيو ته سندس پاءُ ساڻس ان زمين جي هارپي ۾ گڏ آهي جنهن تي رندن ۽ بروهين اعتبار ڪيو ۽ مان فيصلو هاريءَ جي حق ۾ ڪيو. ان فيصلي کان پوءِ الطاف حسين رند مون وٽ آيو ۽ چيائين ته جنهن هاريءَ جي حق ۾ اوهان فيصلو ڪيو آهي اهو دراصل هاري آهي ئي ڪونه ۽ اڳ اهڙو فيصلو ٿيو آهي. مون الطاف رند کي چيو ته مون فيصلو قرآن شريف تي ڪيو آهي جي اوهان کي اهو قبول ناهي ته پوءِ پلي وڃي ڊپٽي ڪمشنر کي اپيل ڪيو. هو پوءِ وڃي ڊپٽي ڪمشنر جن سان مليو، جنهن منهنجي ڪيل فيصلي وارو فائيل گهرائي پڙهي، الطاف رند کي چيو ته هن ته قرآن شريف تي فيصلو ڪيو آهي پر الطاف حسين اسرار ڪيو ته A.D.M (مسٽر امداد علي شيخ) کي چئو ته اهو سرزمين تي نئين سر انڪوائري ڪري ۽ سندس اهڙي بار بار اسرار تي ڊپٽي ڪمشنر صاحب فائيل A.D.M ڏانهن سرزمين تي انڪوائري ڪرڻ لاءِ موڪليو. A.D.M سرزمين تي وڃي ڇا ڪيو ۽ ڇا نه ڪيو ان جي مونکي خبر نه آهي، جو منهنجي ان ڳالهه ۾ ذاتي طور تي ڪا به دلچسپي نه هئي ۽ نه مان ڪنهن ڏر سان واسطو رکندو هئس ۽ وڏيڪ ته مان قرآن شريف تي به فيصلو ڏرين جي چوڻ تي ئي ڪيو هو، ان ڪري منهنجو ضمير مطمئن هو. ٿورن ڏينهن بعد اهو درخواست ڪندڙ هاري مون وٽ آفيس ۾ آيو ۽ چيائين ته سائين مان خريدار ڏر کان 6000 روپيا

عيوضو وٺي هارپي تان هٿ کنيون آهي، جنهن تي مون کيس چيو تہ بابا اهو تنهنجو پنهنجو معاملو آهي، مان تہ تنهنجي حق ۾ فيصلو ڪيو هو، باقي منهنجو تہ ڪو وڏيڪ واسطو نہ آهي، پوءِ هو هليو ويو.

(اها هئي اڄ کان 28 سال اڳ 1978 ۾ مسلمانن جو رندن ۽ بروهين جي چوڻ مطابق ۽ لکي بہ ڏيڻ تہ قرآن شريف تي فيصلو ڪيو وڃي ۽ قرآن شريف تي ڪيل فيصلي کي بہ نہ مڃيائون ۽ وري الطاف رند ڏي ويا، تہ اڄ جيڪا مسلماني رهي هوندي، ان جو اندازو چڱي طرح سڀ ڪو لڳائي سگهي ٿو).

مون کي سرڪاري مليل جيپ خراب ٿي پئي هئي، انهيءَ ڪري ان جي مرمت جي منظوريءَ لاءِ مان ڊپٽي ڪمشنر صاحب جن کي لکي موڪليو جنهن تي A.D.M (امداد علي شيخ) جي صحيح سان ليٽر مليو تہ مان پنهنجي نظرداريءَ هيٺ جيپ جي مرمت ڪرايان. اهو جنسي ليٽر کڻي مان پهريائين A.D.M وٽ ويس ۽ ڪيس چيم تہ مان جيپ جي مٿان بيهي مرمت ڪرائيندس ڇا!؟ اوهان ڀلي پنهنجي اڪائونٽنٽ جي نظرداريءَ هيٺ مرمت ڪرايو ۽ مونکي پئسا نہ ڏيو. پوءِ مان وري D.C صاحب وٽ اهو ليٽر کڻي ويس ۽ ساڳي ڳالهہ ڪئي، ، جنهن تي هن وراڻيو تہ تون پنهنجي نظرداريءَ هيٺ نہ ڪرائيندي تہ هو ڪرائيندو ڇا؟ مون کيس جواب ڏنو تہ اهڙي نوڪري اسان اوهان وٽ نہ ڪنداسين، جنهن تي چيائين تہ مون کان سواءِ سب ڊويزن نہ هلندي ڇا!؟ جنهن تي مان کيس ٻيهر وراڻيو تہ منهنجو روز بہ سانگهڙ سب ڊويزن تي ڪونهي ۽ مان موڪل جي درخواست ڏياري ٿو موڪليانوَ. مون پوءِ هن کي ڊگهي موڪل (Long Leave) جي درخواست ڏياري موڪلي، جا هن ڪمشنر صاحب جن ڏانهن ڏياري موڪلي پر ڪمشنر صاحب مٿي منظوريءَ لاءِ نہ موڪلي. انهيءَ دوران ڊپٽي ڪمشنر صاحب جي سانگهڙ مان بدلي ٿي وئي. محمد صالح ميمڻ صاحب جن کان ضخيم حسين موسوي صاحب جن اچي چارج ورتي، ضخيم حسين موسوي صاحب بابت اڳ بہ مان ذڪر ڪري آيو آهيان.

هڪڙي ڪاتيدار کان تپيدار 900 روپيا ڍل جي گهر ڪئي تہ هن ٻڌايس تہ ڪانئس اڳ جيڪو تپيدار هيو ان کي هن سموري ڍل 1000 روپيا ڏئي ڇڏي آهي ۽ اهڙي رسيد بہ وٽس موجود آهي پر تپيدار چيس تہ تپيدار رڪارڊ ۾ صرف 100 روپيا وصول ٿيل ڏيکاري ويو آهي ۽ 900 روپيا بقايا رهيل آهن.

ان ڪاتيدار پوءِ اڳئين تپيدار خلاف درخواست ڊپٽي ڪمشنر صاحب کي ڏني، جيڪا مون ڏانهن موڪلي انڪوائري ڪري رپورٽ ڪرڻ لاءِ لکيو ويو. مان پوءِ تاريخ مقرر ڪري ان ڪاتيدار کي ۽ تپيدار کي رڪارڊ پيش ڪرڻ لاءِ گهرايو تہ ڪاتيدار ڍل جي اصلي رسيد کڻي آيو. جيڪا 1000 روپين جي هئي پر تپيدار پاڻ واري رسيد ۽ روزنامچي ۽ ٻئي رڪارڊ فارم 8 ب ۾ 100 روپيا داخل ڪيا هئا. مان پوءِ ڪاتيدار واري رسيد ۽ تپيدار جو رڪارڊ وغيره رپورٽ سان گڏي لکي

موڪليو تہ هي ڪيس ائنٽي ڪرپشن وارن کي موڪليو وڃي، جو تپيدار پاران فراڊ ڪيل آهي. ڊپٽي ڪمشنر انهيءَ ڏينهن ڪيس ائنٽي ڪرپشن وارن ڏانهن موڪلي ڇڏيو.

تپيدار جنهن مٿيون فراڊ ڪيو هو اهو ذات جو وساڻ هو، ٻئي ڏينهن تي مير محمد خان وساڻ مون وٽ آيو ۽ تپيدار جي سفارش ڪرڻ لڳو پر مون ڪيس ٻڌايو تہ مون ڪاغذ ڊپٽي ڪمشنر صاحب جن ڏانهن موڪلي ڇڏيا آهن ۽ مان تہ ڪجهہ نٿو ڪري سگهان. پوءِ هن وڏيڪ ڪجهہ نہ ڪُڇيو ۽ هليو ويو.

تپيدار اڻ پڙهيل ۽ ابوجهہ ڪاتيدارن کان جيڪا انهن ڏانهن صحيح ڊل هوندي آهي، ان کان وڌائي وصول ڪندا آهن ۽ وري سندن اعتبار وارن ڪاتيدارن کان بنا ڊل جي رسيد ڏيڻ جي ڊل وٺي پاڻ کائي ويندا آهن. پوءِ جڏهن بي باقي رپورٽ ڏيندا آهن تہ ڪاغذن (رڪارڊ) ۾ ابوجهہ ڪاتيدارن کان وڌيڪ وصول ڪيل رقم هنن ڪاتيدارن جن کان بنا رسيد ڏيڻ جي ڊل وٺندا آهن ۽ انهن جي ڪاتي ۾ ٽپائي آڻيندا آهن. سال 1978 ۾ جڏهن تعلقي سانگهڙ ۽ سنجهوري جي مختيارڪارن پنهنجي پنهنجي تعلقي جي وصولي پوري ڪري بي باقي رپورٽ ڏني تہ مون ڪين لکيو تہ تپيدارن جو رڪارڊ چڪاس ڪري ڏسن تہ مٿين نموني ڪا ناجائز طريقي سان ڊل جي رقمن جي ڦير گهير تہ ٿيل نہ آهي ۽ اهڙي رپورٽ ڏياري موڪلين پر چڱي وقت گذرڻ تائين هنن وٽان ڪو بہ جواب نہ آيو تہ مان وري ٻيهر رمائيڊر ڪري موڪليو پر ان باوجود هنن ان ڏانهن ڪو ڌيان نہ ڏنو ۽ ڪو بہ جواب نہ موڪليو.

مان پوءِ ڪن سانگهڙ تعلقي جي تپيدارن جو رڪارڊ في الحال چيڪ ڪرڻ لاءِ گهرايو تہ انهن جو چيڪ ڪري وري آهستي آهستي ڪري ٻين تپيدارن جو بہ گهرائي چيڪ ڪندس، پر تپيارن جي رڪارڊ گهرائڻ تي ٻنهي تعلقن سانگهڙ ۽ سنجهوري جي مختيارڪارن جي چرچ تي سيني تپيدارن ۽ سپروائيزنگ تپيدارن پنهنجون استعيفائون لکي، ڊپٽي ڪمشنر صاحب (ضيغم حسين موسوي) جن وٽ شام جو سندس بنگلي تي ڪٽي وڃي ڪيس ڏنيون. صاحب موصوف مون کان گهرائي پڇيو تہ ڇا حقيقت آهي، جنهن کي مون ٻڌايو تہ مون تپيدارن جو رڪارڊ چيڪ ڪرڻ لاءِ گهرايو آهي. انهيءَ ڪري هُو استعيفائون لکي اوهان وٽ ڪٽي آيا آهن. جو هنن جو مقصد آهي تہ سندن رڪارڊ چڪاس نہ ٿئي. ڊپٽي ڪمشنر صاحب پوءِ تپيدارن کي چيو تہ استعيفائون واپس ڪٽي وڃون ۽ رڪارڊ چيڪ ٿيندو. جنهن تي هو پنهنجو ڏنل استعيفائون تہ واپس ڪٽي آيا پر انهيءَ دوران هنن منهنجي خلاف صدر پاڪستان _ گورنر، ڊي ايم ايرائي ڪرنل ۽ ٻين کي تارون موڪلي ڏنيون، جنهن ۾ هنن اهو الزام لڳايو هو تہ مان ڪانئن رشوت طور پئسا وٺندو آهيان. مونکي هڪڙي ڏينهن ڊپٽي ڪمشنر صاحب فون ڪئي تہ مان تپيدارن کي گهرائي سندن مٿي تي هٿ رکان پر مون صاحب موصوف کي ائين ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو.

بهرحال انهن تارن ۾ مون خلاف لڳايل رشوت جي الزامن بابت سانگهڙ جي ڪرنل فاروق انڪوائري ڪرڻ شروع ڪئي ۽ ان لاءِ تاريخ مقرر ڪري پنهنجي تعلقن جي تپيدارن ۽ سپروائيزنگ تپيدارن (هر هڪ تعلقي ۾ 30_32 تپيدار ۽ 3 سپروائيزنگ تپيدار (هئا) ۽ مون کي گهرايو. مان جيپ مان لهي اندر ڪرنل وٽ وڃي وينس تہ ٻن سپروائيزنگ تپيدارن (هڪ سانگهڙ تعلقي ۽ هڪ سنجهوري تعلقي جو) کي اندر پاڻ وٽ گهرايائين، باقي ٻيا سڀ ٻاهر بيٺا هئا. هن سپروائيزنگ تپيدارن کان پڇيو تہ اوهان کي ڪهڙي شڪايت S.D.M خلاف آهي، هنن چيس تہ اسان کان رشوت وٺندو آهي، جنهن تي ڪرنل صاحب هنن کي چيو تہ ثبوت ڏيو پر هنن چيو تہ ثبوت ڪونهي. ڪرنل صاحب پوءِ من کان پڇا ڪئي تہ ڳالهہ ڇا آهي تہ مون کيس مٿين مختيارڪارن واري حقيقت ڪئي تہ مان هنن کي لکيو هو تہ تپيدارن جو رڪارڊ چيڪ ڪري رپورٽ ڪن تہ ڪاتن ۾ ڊيزل جي ناجائز ٽرانسفر تہ ٿيل نہ آهي پر هنن ڪو بہ جواب نہ ڏنو. حالانڪہ مون هڪ پيرو هنن کي ريمائينڊر بہ موڪليو هو. ڪرنل فاروق پوءِ وري ٻي تاريخ مقرر ڪري ان تي تپيدارن ۽ سپروائيزنگ تپيدارن کي حاضر ٿيڻ لاءِ چيائين ۽ مون کي بہ اچڻ لاءِ چيائين. انهيءَ سان گڏوگڏ سانگهڙ تعلقي جي مختيارڪار الهڏني ۽ سنجهوري تعلقي جي مختيارڪار نور محمد ابڙي کي بہ ان تاريخ تي وٽس حاضر ٿيڻ لاءِ چيائين.

ان تاريخ تي مون ڪرنل صاحب کي پنهنجو آفيس جو فائيل ڏيکاريو ۽ اهي ليٽر جن جو مان مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان، اهي بہ ڏيکاريا، جنهن تي هن اهي ليٽر مختيارڪارن کي ڏيکاري چيو تہ هي اوهان کي لکيا ويا هئا، جن جي ٻنهي مختيارڪارن تصديق ڪئي تہ برابر لکيا ويا هئا، جنهن تي پڇيائين تہ اوهان رڪارڊ چيڪ ڪري رپورٽ ڪيڊي مڪلي هئي يا نہ!؟ جنهن تي هنن چيو تہ نہ، هنن تپيدارن جو رڪارڊ چيڪ ڪيو هو ۽ نہ ئي وري ڪا رپورٽ S.D.M جن ڏانهن موڪلي هئي

انهيءَ تي ڪرنل صاحب ٻنهي مختيارڪارن کي سخت چنڊ پٽي ۽ تپيدارن ۽ سپروائيزنگ تپيدارن کي چيو تہ وڃي چڱي طرح ڪم ڪيو نہ تہ مان جيل ۾ وجهندو ڇڏيندس. پوءِ سيئي ٺيڪ ٿي ويا ۽ باقاعدي ڊيوٽي ادا ڪرڻ لڳا. تپيدار ۽ سپروائيزنگ تپيدار پوءِ منهنجي هيڊ منشي الله بچائي چانڊئي سان اچي مليا تہ اسان صاحب ڏي اچون، جنهن اچي مون سان اها ڳالهہ ڪئي، جنهن کي مون جواب ڏنو تہ مون ڏي هنن جي اچڻ جو ڪو ضرور ڪونهي، هنن کي جنهن حد تائين وڃڻو هو وڃي چڪا.

(مون وٽ انڪوائري هلندي دوران الله بچايو چانڊيو نہ پر ٻيو هيڊ منشي هوندو هو، جيڪو تپيدارن ۽ سپروائيزندگ تپيدارن کي چوندو هو تہ S.D.M صاحب صلوات شريف پڙهندو آهي، انهيءَ ڪري هن کي ڪجهہ ڪونہ ڪري سگهندؤ ۽ ٿيو بہ ائين، جو الله تبارڪ وتعاليٰ صلوات شريف جي پڙهڻ جي مهابي منهنجي عزت بچائي ۽ منهنجي مخالف مختيارڪارن ۽ وليج عملي کي مورڳو بي عزتو ٿيڻو پيو).

ان بعد جڏهن بہ ڪرنل فاروق صاحب سانگهڙ دربار هال ۾ ميٽنگ ڪري واپس ويندو هو تہ مون کان پڇندو هو تہ ”شیخ صاحب ابھی تیپدار کیسے چل رہے ہیں“ جنهن تي مان کيس ٻڌائيندو هئس تہ ”ابھی بلکل ٹھیک چل رہے ہیں“ پوءِ هو مُشڪي پوندو هو. مٿيون قصو ڊسمبر 1978 جو آهي.

اڳتي هلي مارچ 1979 ۾ اهڙو عجيب معاملو رونما ٿيو. جيڪو منهنجي سانگهڙ سب ڊويزن مان بدليءَ جو سبب بڻيو.

اهو قصو ائين آهي جو ان دور ۾ ووٽرن جي لسٽن روائيز ڪرڻ جو ڪم هلندڙ هوءِ ان باري ۾ روزانو ڪم جي پروگريس رپورٽ ڊپٽي ڪمشنر صاحب کي موڪلڻي پوندي هئي. تاريخ 29 مارچ جي رات جو هن مون کي فون ڪري ڪم جي پروگريس لاءِ پڇيو تہ مان کين ٻڌايو تہ هڪ Enumerator شماري ڪندڙ پرائيمري ٽيچر اجان ڪونہ آيو آهي، اهو اچي تہ منهنجو ڪم آخري مقرر ڪيل تاريخ 31 مارچ تائين ختم ٿي ويندو. جنهن تي چيائين تہ ”آپ ان کے پیچھے جائیں“ جنهن تي مون کيس چيو تہ ”یے میرا کام نہیں۔ میں میں سپروائزر کو یا اسسٹنٹن رجسٹریشن آفیسر کو بھیجوں گا۔“

بس ان کان پوءِ اسان ٻنهي هڪ ٻئي سان تمام تيزيءَ سان ڳالهايو. منهنجو پٽ غلام ياسين ان وقت ٻيٺو هو. جنهن چيو تہ ”بابا D.C سان ائين ٿا ڳالهيو!“ تہ مون کيس هٿ سان چپ رهڻ جو اشارو ڪيو تہ هُو خاموش ٿي ويو.

تاريخ 29 مارچ 1979 تي ڊپٽي ڪمشنر صاحب مونکي ليٽر لکي موڪليو تہ ووٽرن جي لسٽن جو ڪم 31 مارچ 1979 تي پورو ڪري ۽ چارج ڇڏي وڃي سيڪريٽ ۾ سروسز ۽ جنرل ائڊمنسٽريشن ۾ رپورٽ ڪيان. (Enumerator) بہ 29 مارچ 1979 تي اچي ويو ۽ مان ڪم ختم ڪري 31 مارچ 1979 شام جي وقت سانگهڙ سب ڊويزن جي چارج ڇڏي (Relinquith) ڪري آيس پر منهنجو عيوضي اجان مقرر نہ ٿيو هو. انهيءَ ڪري S.D.M واري بنگلي ۾ ئي حال في الحال رهيل هئس.

مان تاريخ 3 اپريل 1979 تي ڪراچيءَ هليو ويس ۽ رات اتي رهي 4 اپريل 79 تي صبح جو فريئر روڊ تان پنڊ پئي ويس تہ موڙ وٽ جتان سنڌ سيڪريٽ وڃڻو هو. اتي هڪڙو اخبار هاڪر سائيڪل تي اخبار جون بليٽون رکيو وڏي واڪ پئي چيو تہ ”بھٹی کو پھانسی دے دی گئی“، ”بھٹی کو پھانسی دے دی گئی“. مان ان کان هڪ بليٽن ورتي ۽ پوءِ سڌو اڳ ۾ وڃي مسٽر اشفاق احمد عباسي ڊپٽي سيڪريٽري ڪئبنيٽ سان مليس (هن وٽ مان زيردست ٿي رهيو هئس). مان جيئن سندن آفيس ۾ داخل ٿيس تہ مون کي چيائين تہ شيخ صاحب، پُٽي صاحب جو ٻڌو اٿوَ تہ هن کي ڦاسي ڏني وئي آهي. مون کين چيو تہ ها سائين ۽ هن اها بليٽن بہ ڏيکاري. سنڌي آفيسرن جا چهرا لٽل ۽ ڪوماٽل هئا، باقي غير سنڌي آفيسر (پنجابي خواهہ مهاجر) خوش پئي ٿيا.

مون پوءِ ڊپٽي ڪمشنر جن وارو ڏنل ليٽر وڃي واسطيدار سيڪشن آفيسر S.O.V احمد شيخ صاحب کي ڏيکاريو. مان انهيءَ دوران سيڪشن آفيسر کان پڇيو تہ موڪل ملي سگهندي (جو مان خيال پيو ڪيان تہ پوسٽنگ آرڊر لاءِ الائي ڪيترو عرصو ترسڻو پوي). هن چيو تہ موڪل تہ ملي ويندي پر ميڊيڪل سرٽيفڪيٽ تي وڏيڪ سولائيءَ سان ملي سگهندي. مان پوءِ ڊپٽي سيڪريٽري جي آفيس ۾ ويس پر هو اتي سيٽ تي موجود نہ هو.

مان اها ڳالهہ سيڪشن آفيسر کي چئي تہ مان هيٺان ٿي وري اچان ٿو. مان هيٺ لٿس تہ سيد قطب علي شاهہ ۽ علي محمد شيخ صاحب ڪار مان لٿا ۽ مٿي پيا وڃن (مان علي محمد شيخ صاحب جڏهن نٿي ضلع جو ڊپٽي ڪمشنر هو تہ مان وٽن زيردست مختيارڪار شاهبندر ٿي رهيو هئس). مسٽر علي محمد شيخ مون کي ڏسي پڇيو تہ ڪيئن آيو آهين تہ مان ڪيس صرف ايترو چيو تہ سائين هتي ٿورو ڪم هو ۽ ائين مان هن سان ڳالهائيندو مٿي پهرين فلور تي پهتس ۽ اتي ترسيس، باقي هُو ٻئي اڳتي وڏي ويا.

مان وري شيخ احمد (مٿيارين جو وينل هو) سيڪشن آفيسر وٽ آيس ۽ ڪيس چيم تہ يار مونکي درخواست جو فارم ڏي تہ موڪل لکي ڏيان، جنهن تي ٻڌايائين تہ منهنجو ڊگڙي سب ڊويزن جو پروپوزل بحال ٿي آيو آهي ۽ ويهہ تہ مان توکي نوٽيفڪيشن ڪڍي ڏيان ۽ هن کان پوءِ اهڙو نوٽيفڪيشن وٺي سانگهڙ موٽي آيس. (شايد محمد هاشم صاحب جن وارو ڪافي الڳ منهنجي لاءِ ڊگڙي سب ڊيوزن لاءِ لکيل D.O ان موقعي تي Put up ڪيو ويو هو. مان تاريخ 08.04.1979 تي ڊگڙي سب ڊويزن جي چارج وڃي ورتي. محمد هاشم ميمڻ صاحب جن هن منهنجي لاءِ D.O ليٽر لکيو هو، اهو ان وقت بہ ميرپورخاص جو ڊپٽي ڪمشنر هو.

(بس جيڪي ڪري منهجو رب پاڪ ئي ڪري، انسان برائي چاهي پر الله پاڪ بندي لاءِ چڱائي چاهي تہ انسان جي برائي ڪجهہ نہ ٿي ڪري سگهي، جو هو پاڻ ئي الله تبارڪ وتعاليٰ آڏو محتاج آهي).

ميرپورخاص ضلع ۾ انب تمام گهڻو ٿيندو آهي ۽ انبن جا چڱا فارم آهن پر ڪاڇيلو فارم رفيق ڪاڇيلي جو ڪارو تمام گهڻو مشهور آهي پر هن جي فارم جا انب چيائون پئي تہ لوڪل مارڪيٽ ۾ نہ موڪليندو آهي ۽ هر انب پلاسٽڪ جي ڪاغذ ۾ ويڙهيل هوندو آهي ۽ هر هڪ انب تي ڪاڇيلي فارم جو ٽپو لڳل هوندو آهي، ائين جيڪڏهن مارڪيٽ ۾ ڪجهہ موڪليندو آهي تہ اهي بہ ٻاهر ايڪسپورٽ ڪندو آهي. اهو ڪاڇيلو فارم ڊگڙي سب ڊويزن جي جيمس آباد (هاڻي ڪوٽ غلام محمد) تعلقي ۾ آهي. مسٽر عبدالاحد شيخ مختيارڪار جيمس آباد مونکي اهو فارم گهمائڻ وٺي هليو. ڪاڇيلو فارم اٽڪل 300 ايڪڙن تي ٿيندو، جنهن ۾ انبن کان علاوه چڪو نارنگي ۽ ٻيا ميوا پڻ ٿيندا آهن. ان باغ ۾ ڪشادا رستا بہ ٺهيل آهن ۽ هڪڙو سهڻو فارين اسٽائيل جو بنگلو بہ ٺهيل آهي. رفيق ڪاڇيلو پاڻ گهڻو عرصو جرمنيءَ ۾ رهندو هو ۽ ان جي آفيس

ڪراچيءَ ۾ هوندي هئي، پانڌي خان جيڪو ڪاڇيلي فارم جي نگهبانيءَ توڙي فارم جي اردگرد جيڪا رفيق ڪاڇيلي جي زرعي زمين هئي، ان جي ديک ڀال لاءِ مقرر ٿيل هو، اهو هڪ نه ٻئي ڏينهن سمورو حال احوال ڪراچي آفيس کي ڏيندو هو ۽ اتان وري اهي رفيق ڪاڇيلي کي جرمنيءَ ٻڌائيندا هئا.

منجهند جي ماني ٻه اتي ڪاڏيسين ۽ واپسي مهل پانڌي خان 500 روپيا مهماني طور ٻئي ڏنا پر مون ڪانئس نه پئي ورتا پر هن جي گهڻي اسرار ڪرڻ ۽ ٻڌائڻ ته اها سندن روايت آهي ۽ مختيارڪار به زور ڀريو تڏهن مان لاچار ٿي ڪانئس ورتا. (ٻڌو اٿم ته رفيق ڪاڇيلو هاڻي وفات ڪري ويو آهي). محمد هاشم صاحب ٻڌايو ته اهو ڪاڇيلو فارم شروع ۾ صمد ڪاڇيلي جو 4 ايڪڙن تي هو. خير محمد خان ڀرڳڙيءَ جو به فارم مشهو آهي. انبن کان علاوه چڪو به ميرپورخاص ۾ گهڻو ٿيندو آهي مون وٽ به انب توڙتي چڪو ڪٿندا ئي نه هئا ۽ ٻين کي به موڪلي ڏيندو هئس.

هڪڙي دفعي لاڙڪاڻي اچڻ ٿيو ته شاهد عزيز صاحب جيڪو ان وقت لاڙڪاڻي ۾ ڊپٽي ڪمشنر هو، ان سان ملڻ ويس ۽ ڪيس چيم ته ڊگڙي ۾ انب سٺا هوندا آهن، اهي موڪلي ڏيندس ته اتي عبدالله خان چاچڙ S.P صاحب به وينو هو ان چيو ته مون ڏي نه موڪليندي ڇا!؟ مان ڪيس چيو ته اوهان ڏي به موڪليندس (چاچڙ صاحب ۽ مان دادوءَ ۾ گڏ رهيا هئاسين) پوءِ انبن جون ٻه پيٽيون شاهد عزيز صاحب جن ڏانهن ۽ هڪ پيٽي عبدالله خان چاچڙ صاحب ڏي موڪيون هيم پر شاهد عزيز صاحب ان وقت فئمليءَ سوڌو ڪوئيٽا ويل هو ۽ سندس P.A علي اڪبر شاهه اتي سندن غير حاضريءَ ۾ وٺي رکيا. اها ڳالهه مونکي علي اڪبر شاهه پاڻ ئي ٻڌائي هئي ۽ چيائين ته ٻئي ڪنهن جا موڪليل هجن ها ته نه وٺي رکي ها پر منهنجي خبر هئس ته صاحب موصوف سان رستو اٿوَ انهيءَ ڪري ئي وٺي رکيا هيائين. شاهد عزيز صاحب لاڙڪاڻي ۾ 20.08.77 کان 06.08.79 تائين ڊپٽي ڪمشنر ٿي رهيو ۽ منهنجو انهيءَ دوران جڏهن به لاڙڪاڻي ۾ اچڻ ٿيندو هو ته ساڻس ضرور ملڻ ويندو هئس ۽ رپورٽ ڪرڻ تي مونکي هڪدم گهرائيندو هو ۽ هر دفعي مان وٽس جماعت اسلامي وارن جو ٽولو ويٺل ئي ڏسندو هئس ۽ مونکي چوندو هو ته فارغ ٿيان ته پوءِ ڳالهايون ٿا. پوءِ جڏهن فارغ ٿيندو هو ته چڱو وقت ويهاري حال احوال ڪندو رهندو هو.

مونکي اهو به ٻڌڻ ۾ آيو هو ته پُٽي صاحب جن جو لاش جڏهن سندس اباڻي ڳوٺ آندو ويو هو ۽ اندر ڪوٽ ۾ موڪليو ويو هيو ۽ ان کي وري ٻاهر دفنائڻ لاءِ آڻڻ کي چڱو ٽائيم پئجي ويو ته آرمي وارن جو ارادو هو ته اندر ڪوٽ ۾ وڃي لاش ڪڍائي اچن پر شاهد عزيز صاحب جن کين ائين ڪرڻ کان منع ڪندي چيو ته هي سندس ائڊمنسٽريشن آهي ۽ لاش اچي ويندو. ضياءُالحق مرحوم پُٽي صاحب جن جو لاش سندن بيگم نصرت پُٽو صاحبه ۽ لاڏلي نياڻي محترمه بينظير پُٽو جن کي ڏسڻ به نه ڏنو پر رب پاڪ سندس (ضياءُالحق) جو اهڙو ته برو حشر ڪيو جو هو هوائي حادثي ۾ باهه ۾ سڙي

پسم تي ويو ۽ سندس لاش نہ رڳو سندس وارثن يا عزيز تہ نہ ڏٺو پر ٻئي ڪنهن بني بشر بہ نہ ڏٺو. سندس قبر هڪ فرضي بنائي وئي آهي ۽ ڪو بہ قبول نہ ڪندو تہ اها ضاءَالحق جي قبر آهي.

مان هڪڙي رات ڊگڙيءَ ۾ اتي مقرر ٿيل ميجر صاحب سان ملڻ ويس (سندس نالو گهڻو ڪري تہ غلام محمد هيو پر خاطريءَ سان نٿو چئي سگهان). ان ڀُٽي صاحب جن جي متعلق ٻڌايو تہ آرمي انٽيليجنس جي هڪ ميجر ڪيس ٻڌايو هو تہ سندن رڪارڊ تي ائين آهي تہ ڪين ڦاسي ڪانہ ايندي پر جڏهن ڀُٽي صاحب جن کي ڦاسي ڏني وئي، ان بعد هن ان ميجر سان ڳالهايو تہ تو ڪيئن پئي چيو تہ ڀُٽي صاحب جن کي ڦاسي نہ ايندي، تنهن وري بہ اها ئي ڳالهہ ورجائي تہ سندن رڪارڊ تي اجا بہ ائين ئي آهي تہ هن کي ڦاسي نہ ايندي.

هوڏانهن ڀُٽي صاحب جن کي ڦاسي اچڻ کان پندرهن ويهہ ڏينهن کن اڳ منهنجو دادوءَ وڃڻ ٿيو هو تہ مون کي چوڏريءَ ضياءَ (جيڪو دادوءَ ۾ آرمي آفيسرن برگيڊيئر، ڪرنل ۽ ٻين ڏي گهڻو ويندو هو) ان مون کي 3 هينيون ڳالهيون ٻڌايون هيون.

ڀُٽي صاحب کي ڦاسي ايندي. 2. سندن لاش اباڻي ڳوٺ آندو ويندو. 3. سندن قبر تي پوليس پهرو بيهندو.

پوءِ اهي ٽئي ڳالهيون جيئن چوڏري ضياءَ ٻڌايو هيون ائين ئي ٿيون ۽ تِرَ جيترو بہ فرق نہ ٿيو. مان انهيءَ ڪري اڄ تائين اهو راز نہ سمجهي سگهيو آهيان تہ آرمي انٽيليجنس جي ميجر ڊگڙيءَ واري ميجر کي ڪهڙي بنياد تي پئي چيو تہ ڀُٽي صاحب جن کي ڦاسي نہ ايندي.

ڊگڙي وارو ميجر نهايت شريف انسان هو ۽ رات جو 12 بجي تائين ڳالهين ۾ ويهاري ڇڏيندو هو ۽ هميشہ چانهہ، بسڪيٽ، بوتل وغيره ڪارائڻ پيارڻ کان سواءِ نہ ڇڏيندو هو ۽ چوندو هو تہ روزانو ايندو ڪر، جنهن تي مان ڪيس ٻڌايو تہ منهنجي ٽوئرنگ جاب آهي ۽ ڪڏهن ٻاهر بہ ترسڻو پوندو آهي، باقي جڏهن هيڊ ڪوارٽر ڊگڙيءَ ۾ هوندس تہ ايندو رهندس.

هڪ رات ميجر صاحب کي مون چيو تہ اوهان روز روز چانهہ وغيره جي تڪليف ڪريو ٿا، جيڪو مونکي مناسب نٿو لڳي ۽ منهنجي ڪڏهن دعوت ڪائو پر هُو چُپ ٿي ويو. جنهن تي پوءِ مون کيس چيو تہ مان سمجهان ٿو تہ اوهان دعوت نہ ڪائيندو پر ايترو ڪيو جو مون وٽ انب پيا آهن اهي گهرائي ڏيانوَ تہ اهي تہ وٺجو. جنهن تي هو راضي ٿيو. مان پوءِ پنهنجي ڊرائيور سان جاءِ تان ٻہ انبن جون پيٽيون گهرائي کيس ڏنيون.

ڊگڙي جي وچ شهر ۾ ٽائون ڪاميٽيءَ جو هڪڙو ڪافي وڏو پلاٽ پيل هو جيڪو ٽائون ڪاميٽي آفيس آڏو ئي هيو شهر جي ڪن واپارين ان پلاٽ تي قبضو ڪرڻ پئي چاهيو ۽ هنن هُل هنگامو ڪري ٽائون ڪاميٽي آفيس ۾ ڀيچ ڊاهہ بہ ڪري شهر ۾ استرائيڪ بہ ڪرائي ۽ شهر جا گهڻو ڪري سڀ دوڪان ويندي ڀاڄيءَ وارا، گوشت ۽ مڇيءَ جا دوڪان بہ بند ڪرايا. فقط هڪ ڪاسائي جنهن کي ريلوي وارن جو ٺيڪو هوندو هو، انهيءَ عام ڏينهن وانگر پنهنجو ڪاروبار پئي

ڪيو جنهن کي مون چيو تہ جيڪڏهن وٽرنري ڊاڪٽر ڪٽي توکي اچي ڏنڊي بند ڪرڻ لاءِ چوي تہ تون بند نہ ڪجان ۽ هن کي موچڙا هڻجان. هن جي مدد لاءِ مون هڪڙو سپاهي بہ اتي بيهاري ڇڏيو. مان پوءِ ٽنڊي جان محمد مان پاڄيون گهرائي شهرين کي سپلاءِ پئي ڪيون، جنهن واپارين کي ويٽر ڪاوڙائي ڇڏيو. مان ڊپٽي ڪمشنر صاحب جن کي فون تي اها حقيقت ڪئي پر ڪيس چيم تہ حال في الحال گرفتاريون ڪونہ ٿو ڪرايان ۽ ٿورو وقت ترسي ڏسان تہ صورتحال ڪيئن ٿي بيهي. مان پوءِ شهر ۾ رائونڊ تي هئس، تہ جيئن ڏسي سگهجي تہ حالتون ڪيئن آهن، ان لاءِ اسٽيشن تي بہ ويس، ان وچ ۾ شهرين منهنجي غير موجودگيءَ ۾ منهنجي آفيس مان غير موجودگيءَ ۾ آفيس وڃي ڀڃ ڊاهہ ڪئي، جنهن جو اطلاع مون D.M صاحب جن کي فون تي ڪيو ۽ ڪين ٻڌايو تہ هاڻي جن واپارين جي اها شرارت ڪيل آهي انهن کي گرفتار ڪرايان ٿو ۽ انهن کي گرفتار ڪرائي ميرپورخاص جيل موڪلي ڇڏيو. D.S.P ميرپورخاص مسٽر الطاف پٽي بہ ڊگڙي پهتو. جو ڊگڙي سب ڊويزن ۾ جدا D.S.P مقرر ٿيل نہ هئو. D.S.P ۽ مان پوليس اسٽيشن تي وينا هئاسين تہ شهرين جلوس ڪڍيو ۽ سب جيل ڏانهن پئي وڃڻ چاهيو تہ جيئن گرفتار ٿيل واپارين کي جيل مان زوريءَ ڪڍجي، مان، ڊي ايس پي، مختيارڪار مبين احمد ۽ پوليس انسپيڪٽر مبين صديقيءَ کي موڪليو تہ جيڪڏهن واپاري جلوس ڪڍي سب جيل ڏانهن وڃن تہ مٿن لاٺي چارج ڪجو. لاٺي چارج ٿيڻ بعد واپار ڇڙوڇڙ ٿي ويا.

مبين احمد صديقيءَ مون کي ٻڌايو تہ ٽنڊي جان محمد ۾ محمد يوسف ڏاهريءَ پارٽي ميٽنگ سڏائي آهي، جنهن ۾ عبدالحميد خان جتوئي ۽ لياقت علي جتوئي بہ آيل آهن، جي هلو تہ انهن سان ملي اچجي. (انسپيڪٽر مبين احمد صديقي بہ ڪافي وقت دادو ضلع ۾ نوڪري ڪري چڪو هو. انهيءَ ڪري هن جو عبدالحميد خان جتوئيءَ سان گهڻو واسطو رهيو هو).

اسان ٻئي گڏجي ٽنڊي جان محمد وياسين، اُتي محمد يوسف ڏاهريءَ کي جڏهن اسان جي اچڻ جي خبر پئي تہ هو گهبرائجي ويو. اسان پهتاسين تہ ان وقت ميٽنگ هلي رهي هئي ۽ عبدالحميد خان ۽ لياقت علي خان جتوئي بہ اندر ميٽنگ ۾ وينا هئا. اسان ڪين ميٽنگ ۾ پنهنجي اچڻ جو اطلاع ڏياري موڪليو تہ هو ٻاهر نڪري آيا ۽ ڪچهري ويٺي ڪئينسين تہ عبدالحميد خان ٻڌايو تہ محمد يوسف ڏاهري ڏاڍو ڊڄي ويو هو ۽ چوي پيو تہ S.D.M ۽ انسپيڪٽر ڪيس گرفتار ڪرڻ آيا آهن، جنهن تي هن ڪيس دلجاءِ ڏني تہ اهڙي ڳالهہ نہ آهي پر هو ساڻس ملڻ آيا آهن، ڪچهري ڪري جڏهن مان ۽ انسپيڪٽر مبين احمد صديقي واپس پيا اچون تہ عبدالحميد خان چيو تہ محمد يوسف ڏاهريءَ جي پارٽ اٿوَ.

جڏهن واپارين اسٽرائيڪ ڪئي هئي تہ ان وقت ميرپورخاص ۾ ڪرنل ڪونہ هو ۽ شايد موڪلي تي ويل هيو. انهيءَ ڪري سانگهڙ جو ڪرنل فاروق صاحب انڪوائري ڪرڻ آيو ۽ محمد هاشم صاحب D.M بہ ساڻس گڏجي آيو هو. مونکي ڪرنل فاروق وراندي ۾ بيٺي ڏسي چيو تہ هتي

آيو آهين ڇا؟ جنهن تي مون کيس چيو تہ ها سانگهڙ مان منهنجي بدلي بعد هتي آيو آهيان. (منهنجي خلاف تپيدارن جي استرائيڪ بابت سانگهڙ ۾ انڪوائري بہ ڪرنل فاروق ئي ڪئي هئي، جنهن جو ذڪر اڳ ڪري آيو آهيان).

ڪرنل فاروق مون کان واپارين جي استرائيڪ بابت سڄي معلومات ورتي، D.M صاحب بہ ان وقت موجود هو. ان بعد ڪرنل فاروق ٽائون ڪاميٽِ آفيس ۾ هلي وينو ۽ واپارين کي چيائين تہ استرائيڪ ختم ڪيو نہ تہ مان پنهنجو آفيسر وٺي آيو آهين ۽ مان بيان وٺي جيڪي بہ واپاري ڏوهي ثابت ٿيا، انهن کي سزا ڏيندس ۽ جيل روانو ڪري ڇڏيندس. جنهن تي واپارين ڪانئس 15 منٽ ڪن پاڻ ۾ صلاح مشوري ڪرڻ لاءِ ورتا ۽ ٻاهر وڃي صلاح ڪري اندر اچي ڪرنل کي چيائون تہ اسان استرائيڪ ختم ڪيون ٿا پر اسان جا جيڪي ماڻهو گرفتار ٿيا آهن، انهن جا ضامن ڪيا وڃن پر D.M صاحب ضامن ڪٽڻ کان انڪار ڪندي چين تہ اهو قانون موجب ڪم ٿيندو. بهرحال واپارين استرائيڪ ختم ڪئي ۽ جيڪي واپاري گرفتار ڪرايا ويا هئا، انهن مان ڪن تي ڪيس S.D.M ڊگڙي جي ڪورٽ ۾ ۽ ڪن تي سول جج ۽ فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ جيمس آباد (هاڻي ڪوٽ غلام محمد) جن جي ڪورٽ ۾ داخل ڪيا ويا. مان تہ پوءِ ترت بدلي ٿي ويو هئس پر ان وقت بہ مٿن ڪيس هلندا رهيا ۽ پوءِ مون ٻڌو هو تہ بہ سال ڪن هنن انهن ڪيسن ۾ پئي لوڙيو.

جولاءِ 1979 ۾ منهنجو چاچو غلام محمد خان دادوءَ ۾ اوچتو دل جو دورو پوڻ سبب گذاري ويو ۽ مان پوري فئملي وٺي لاڙڪاڻي ۾ آيس، جتي چاچي غلام محمد خان مرحوم جو لاش دادوءَ مان آڻي ڪيس ابوبڪر مقام ۾ ٻين عزيزن قريبن جي قبرن ڀرسان دفنايو ويو.

محمد هاشم صاحب ڊپٽي ڪمشنر سومو اوڏ کي مون ڏانهن خط لکي موڪليو جنهن ۾ لکيو هيائين تہ سومو اوڏ سندس پٽ آفتاب احمد سان گڏ ميڊيڪل ڪاليج ۾ پڙهندو آهي ۽ هن جي ڀيٽ اتي ڊگڙي تعلقي ۾ پرڻايئ ڏني آهي پر ڌرين جو پاڻ ۾ ناهہ ڪونهي. هيئر سومي اوڏ جن جي شاديءَ جو موقعو آهي، جيڪا شادي مٽيارين ۾ رکيل آهي سو سومي اوڏ جي همشيره جي ساهرن کان هن جي ڏهن_ پندرهن ڏينهن لاءِ موڪل وٺي ڏي تہ سومي سان گڏجي اچي ۽ شاديءَ جي موقعي گذرڻ بعد وري پلي ڪيس واپس وٺي وڃن.

مان ان ڇوڪريءَ جي مڙس، سهري کي ڊگڙيءَ گهرايو جو هو ٻاهر ڪنهن ڳوٺ ۾ رهندا هئا. مون هنن کي ڇوڪريءَ کي موڪل ڏيڻ لاءِ چيو تہ هوءَ پنهنجي ڀاءُ سان گڏجي وڃي ۽ شاديءَ جو موقعو گذاري پوءِ اوهان پلي ڪيس وٺي اچجو. هنن مون سان تہ هائو ڪئي ۽ چيو تہ سومو ساڻن گڏ هلي ۽ پلي پنهنجي ڀيٽ کي وٺي اچي، مان سومي اوڏ کي چيو تہ چوين تہ پوليس ساڻ ڏيان پر سندس ڀيٽ جي مڙس ۽ سهري چيو تہ سائين پوليس جي هلڻ جي ضرورت نہ آهي ۽ سندس ڀيٽ کي خوشيءَ سان موڪل ڏيڻ لاءِ تيار آهيون. سومو پوءِ هن سان گڏجي ويو پر هنن ڪيس ڀيٽ جي موڪل تہ نہ ڏني پر اُلٽو ساڻس وڙهيا جا حقيقت سومي مونکي اچي ڪئي. مان پوءِ پوليس جي معرفت سومي جي

همشيره سندس مڙس ۽ سهري کي ڊگڙي گهرايو ۽ سومي جي پيٽيوئي ۽ ان جي پيءُ تي سومي کان فرياد داخل ڪرائي، گرفتار ڪرايو ۽ چوڪريءَ کي جنهن کي هڪڙو ننڍڙو ٻار بہ ساڻ هيو، انهيءَ کي سمجهايو تہ پاءُ سان گڏجي وڃي پر هن کي ساهرن پرپٽ ايترو تہ ماريو ۽ ڪنبائي ڇڏيو هو جو هوءَ پاءُ سان وڃڻ لاءِ تيار ئي نہ هئي. اتي رات جو ڪافي تائيم تي ويو هو، ان ڪري مون ماني گهرائي سومي کي کائڻ لاءِ چيو، هن پنهنجي پيٽ کي بہ گڏجي ماني کائڻ لاءِ چيو جو بہ هن نہ مڃيو ۽ ماني بہ نہ کاڌي.

ڪافي سمجهائڻ باوجود چوڪري پنهنجي پاءُ سان گڏ وڃڻ لاءِ بلڪل تيار نہ هئي، آخر مون مختيارڪار جي جيپ گهرائي ۽ ٽاٽي تان بہ سپاهي گهرائي چوڪريءَ کي سندس ٻارڙي سميت جيپ ۾ پاءُ سان گڏي ويهاري سپاهين کي چيو تہ هنن کي مٽياري ڇڏي اچو، جيڪي کين راتوواهہ اتي ڇڏي آيا.

اهو سال 1979 جو تائيم هو، مان جڏهن سال 2003 ۾ لاڙڪاڻي مان اچي حيدرآباد ۾ رهيس تہ هڪڙي ڏينهن مٽيارين ويس ۽ سومي اوڏ جي پڇا ڪري وٽس ويس تہ هُو پنهنجي پرائيوٽ ڪلينڪ ٻاهران مريضن کي ڏسي رهيو هو، جي بہ سندس ذات پائي اوڏ ئي هيا. مون کي هن ڪونہ سڃاتو تہ پوءِ ساڻس پنهنجي واقفيت ڪرايم. مون کانئس گورنمينٽ جاب هجڻ جو پڇيو جنهن تي ٻڌايائين تہ ڪيس سرڪاري نوڪري تہ نہ ملي آهي باقي پنهنجي برادريءَ جي غريبن جو خانگي طرح علاج معالج ڪندو آهيان ۽ روزگار چڱو پيو ٿئي. مريضن کان فارغ ٿي پنهنجي جڳهہ تي وڃي هليو ۽ اتي هلي ڪچهري ڪئيسين. مان کانئس پڇيو تہ اوهان جو ڊگڙي وارن سان ناهہ ٿي ويو آهي، جنهن تي ٻڌايائين تہ سندس همشيره جا گڙدا ڪم ڪرڻ ڇڏي ويا هئا ۽ ڪيس آغا خان اسپتال تائين علاج لاءِ وٺي وياسين پر هُوءَ نہ بچي سگهي ۽ وفات ڪري وئي ۽ ان صدمي جي ڪري سندس والد بہ وفات ڪري ويو. باقي سندس پاٽيجا ايندا آهن ۽ اچي تڪندا بہ آهن.

تعلقي ڊگڙيءَ جي نئين ڪوٽ يونين آفيس ۾ D.M.L.A جهانداد خان کليل ڪچهريءَ جو پروگرام رکيو. ان ڪچهريءَ ۾ شرڪت لاءِ محمد هاشم ڊپٽي ڪمشنر بہ اُتي آيو، پر D.M.L.A نہ آيو، پوءِ برگيڊيئر فهد صاحب اچي ڪچهري ڪري ويو. اسان اچان ڪچهري لاءِ لڳايل شاميانا وغيره لاهيون ئي پيا جو ڊپٽي ڪمشنر صاحب فون ڪئي تہ D.M.L.A صاحب جهانداد خان صاحب سپاٽي نئون ڪوٽ ڪچهري ڪرڻ ايندو، جو پوءِ ٻئي ڏينهن اچي ڪچهري ڪئي. محمد هاشم صاحب ڊپٽي ڪمشنر صاحب بہ ڪچهريءَ ۾ آيو ۽ ڪچهري بعد ٻئي واپس هليا ويا. منهنجي جاءِ تي پوءِ مسٽر شمس الدين لغاريءَ جو S.D.M ڊگڙيءَ جو آرڊر ٿيو ۽ منهنجي بدلي ڪري ستي مئجسٽريٽ ڪوٽڙي رکيو ويو. ڊپٽي ڪمشنر صاحب فون ڪئي تہ شمس الدين لغاريءَ کي چارج ڏجو، جو هن جو آرڊر نجم الدين خان سريوال ڪرايو آهي، جو شمس الدين جو چاچو آهي ۽ چيف سيڪريٽري جي سهري جو دوست آهي. شمس الدين خان لغاريءَ جو بہ مهينا کن اڳ شهدادڪوٽ

سب ڊويزن جو آرڊر ٽيل هو پر هن اتي جي چارج نہ ورتي. مون تاريخ 28.08.79 تي ڊگڙي سب ڊويزن جي چارج شمس الدين لغاريءَ کي ڏني. (شمس الدين لغاري جڏهن ائڊيشنل ڪمشنر هيو تہ ساڻس ملاقات ٿي، پر رطوبت ڏاڍي ڦٽل هئس).

مان ڊگڙيءَ ۾ چارج ڇڏي ميرپورخاص ڊپٽي ڪمشنر صاحب وٽ موڪلائڻ آيس تہ اتي محمد عظيم ابڙو S.D.M مني اڳ وينو هو. ڊپٽي ڪمشنر صاحب هن کي چيو تہ تون منيءَ مان وڃڻ ٿو چاهين ۽ جيڪڏهن تو چوين تہ مان محمد عليءَ کي مني سب ڊويزن لاءِ D.O لکي ڏيان، جو هن قبول ڪيو. صاحب موصوف پوءِ مونکي D.O ليٽر لکي ڏنو تہ وڃي ڪمشنر صاحب حيدرآباد (الله بخش خان سومري) کي ڏيان جو مان انهيءَ ڏينهن شام جو ڪين بنگلي تي وڃي ڏنو ۽ ڪمشنر صاحب چيو تہ هُو ڪراچي ويندو ۽ منهنجو آرڊر مني لاءِ ڪرائيندو. مان بہ ڪراچي پوئواريءَ لاءِ ويس ۽ مسٽر علي محمد شيخ صاحب سان مليس ۽ ڪيس حقيقت ٻڌايم. مسٽر علي محمد صاحب سيڪريٽري سروسز ۽ جنرل ائڊمنسٽريٽر هو پر اسٽيبلشمينٽ يعني بدلين وغيره جو ڪم ڪرنل جميل صاحب ڪندو هو. هن پوءِ ڪرنل جميل سان فون تي ڳالهايو ۽ مونکي چيائين تہ سياڻي مني سب ڊويزن جو آرڊر ڪڍي وڃجان پر ٻئي ڏينهن تي سيڪريٽ ۾ نوٽيفڪيشن وٺڻ لاءِ ويس تہ ٻڌايائون تہ لوڪل باڊيز جون چونڊون ٽين پيون، انهيءَ ڪري بدلين تي پابندي لڳائي وئي آهي ۽ اڳ تازا نڪتل آرڊر بہ ahayance ۾ رکيا آهن.

(بس سڀ قدرت جا کيل آهن ۽ انسان ڪڍي ڪيتري بہ ڪوشش ڪري ۽ مٿو ڦاڙي بيهي، تڏهن بہ جيڪي رب پاڪ چاهي، اهو ئي ٿئي)

مان پوءِ تاريخ 22.09.79 تي ستي مئجسٽريٽ دادو ائٽ ڪوٽڙي (City magistrate Dadu at Kotri) جي چارج ڪوٽڙي وڃي ورتي. مسٽر اسد الله شيخ ائڊيشنل ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ هو ۽ اها 18 گريڊ جي پوسٽ ڄامشوري يونيورسٽين ۾ امان امان (Law & Order) قائم ڪرڻ خاطر ئي Create ڪئي وئي هئي. ساڳي طرح ائڊيشنل ايس پي جي پوسٽ بہ ان مقصد لاءِ ئي نئين Create ڪئي وئي هئي. لالا اعظم ائڊيشنل اسي پي هيو. مسٽر قلي بخش رند S.D.M ڪوٽڙي ۽ اڪبر پنگوار A.S.P ڪوٽڙي هيو. (مسٽر قلي بخش ڪجهہ عرصو سنڌ حڪومت ۾ چيف سيڪريٽري بہ ٿي رهيو آهي).

وائيس چانسلر سنڌ يونيورسٽي مسٽر شيخ اياز صاحب خلاف شاگرد احتجاج ڪندا رهندا هئا ۽ انهيءَ ڪري امن امان رکڻ لاءِ منهنجي مئجسٽريٽ جي حيثيت ۾ ۽ مسٽر محمد ملوڪ جاگيراڻي ڊي ايس پي فورس سميت اڪثر روزانو سنڌ يونيورسٽيءَ ويندا هئاسين پر اسان جي وقت ۾ ڪو هنگامو وغيره ڪونہ ٿيو هو. وائيس چانسلر شيخ اياز جي نوڪري ختم ڪئي وئي. ۽ هڪڙي ڏينهن اچا هن چارج تہ ڇڏي هئي پر بنگلي تي ترسيل ئي هيو جو مسٽر قلي بخش رند S.D.M ۽ مان ساڻس بنگلي تي مليا سين. اهو صدر ضياءُ الحق جو دور هو. شيخ اياز اهو آسرو ڪيو

وينو هو تہ صدر صاحب کيس ڪنهن پاسي سفير ڪري موڪليندو پر اها سندس مراد پوري نہ ٿي.

عيد جو موقعو هو جو مان برگيڊيئر کان اجازت وٺي ڳوٺ لاڙڪاڻي پئي آيس تہ دادو اسٽيشن تي ڊپٽي ڪمشنر دادو مسٽر الطاف حسين قادريءَ پٽيوالي هٿان نياپو موڪليو تہ برگيڊيئر کيس منهنجي لاءِ چيو آهي تہ عيد نماز پڙهي واپس ڪوٽڙي اچي. مان پوءِ عيد نماز پڙهي واپس ڪوٽڙي ويس. برگيڊيئر کي سنڌ يونيورسٽيءَ جي هاسٽلن جي تلاشي (Search) ڪرائڻي هئي، جنهن لاءِ هن ٻين ايس پيز ايڊيشنل ايس پي، پوليس انسپيڪٽرن ۽ حيدرآباد مان مئجسٽريٽن کي ان ڪم لاءِ گهرايو هو. مان بہ جڏهن اتي ويس تہ برگيڊيئر صاحب چيو تہ "پائي آپ ڪيسي آئي هين" جنهن تي مان کيس وراڻيو تہ D.M صاحب مونکي دادو اسٽيشن تي اوهان جو نياپو موڪليو انهيءَ ڪري مان موٽي آيو آهيان. جنهن تي چيائين تہ هن تہ D.M کي ڪو نياپو نہ ڪيو هو ۽ تون تہ مون کان موڪل وٺي ويو هئين. خير پوءِ مون کي بہ هڪ هاسٽل جي تلاشيءَ لاءِ ڊيوٽي ڏني وئي. مون سان تلاشيءَ دوران مسٽر غلام قادر مهر ائڊيشنل ايس پي ۽ هڪ پوليس انسپيڪٽر گڏ هئا. تلاشيءَ دوران بشير شاهاڻيءَ جي ڪمري ۾ هڪ ٽيبل جي خاني مان هڪ پستل جا جدا جدا ٿيل پرزا مليا ۽ پوري هاسٽل مان وڏيڪ ڪجهہ بہ هٿ نہ آيو. اهڙو مشير نامون ناهيو ويو جنهن تي بشير احمد شاهاڻي اسپيشل ملٽري ڪورٽ حيدرآباد ۾ چالان ٿيو ۽ ان ڪيس منهنجي بہ شاهدي ورتي وئي هئي ۽ هن کي جيل جي سزا ڏني وئي هئي. (مسٽر الطاف حسي قادري ڊپٽي ڪمشنر صاحب پنهنجي بغض جو هڪڙو دفعو اهو اظهار ڪيو).

هڪڙي ڏينهن آرمي هيڊ ڪواٽر مان ميجر فون ڪري گهرايو هُو پناڻ هو ۽ وٽس ويس تہ چيائين تہ مان ساڻن ٽرئفڪ چيڪنگ لاءِ هلان. هو جهڙو نيڪ صورت هو اهڙو ئي بلند اخلاق وارو هو. سپر هاءِ وي تي جنهن چوراهي وٽان سپر هاءِ وي کان ڪوٽڙيءَ رستو پئي ويو اتي اچي چيڪنگ لاءِ بيٺاسين. ميجر صاحب مون کي چيو تہ هو منهنجي ڪم ۾ ڪا دست اندازي نہ ڪندو ۽ گاڏين جا ڪاغذ چيڪ ڪري جيڪو ڏنڊ مناسب سمجهان اهو لڳايان. ٽرئفڪ چيڪنگ هلندي هڪ ڪار اسان کان ٿورو پري روڊ جي پرسان اچي بيٺي، جنهن مان غلام مصطفيٰ خان جتوئي (اڳوڻو چيف منسٽر صاحب سنڌ) ڪار جو در کولي ٻاهر دريءَ تي هٿ رکي بيٺو. مون ميجر کي چيو تہ هيءَ چيف منسٽر صاحب ٿي رهيو آهي، انهي جي چيڪنگ نہ ڪيون تہ هن چيو. "پائي آپ کي مرضي." مان پوءِ وڏي وڃي صاحب موصوف جن کي چيو تہ سائين توهان پلي وڃو پوءِ هو گاڏيءَ ۾ چڙهي روانو ٿي ويو. (ميجر تہ هن کي ڪونہ پيو سڃاڻي پر مونکي تہ عزت واري جي عزت ڪرڻ لازمي هئي).

هڪڙي پيري رات جي وقت مان بنگلي تي وينو هئس تہ هڪڙو ميجر جو ماڻهو آيو ۽ پاڻ سان گڏ هڪ پناڻ کي جو ننڍي عمر جو هيو ان کي وٺي آيو ۽ چيائين تہ سائين هن بہ ڪلو ڪنڊ بلئڪ تي ڏني آهي، تنهن ڪري هن کي سخت سزا ڏيو. مون کيس چيو تہ سامهون پوليس اسٽيشن

اٿئي، اتي وڃي فرياد لکرائي تہ پوءِ هو هن کي مون وٽ چالان ڪندا ۽ پوءِ ئي مان هن کي سزا ڏئي سگهندس. هن پوءِ ائين ئي ڪيو ۽ پوليس ان جوابدار کي مون وٽ چالان سان گڏ وٺي آئي. جنهن کي مون 500 روپيا ڏنڊ جي سزا ڏني پر ميجر جو ماڻهو مطمئن نہ ٿيو ۽ چيائين تہ ميجر صاحب چيو آهي تہ هن کي سخت سزا ڏيو. مون هن کي چيو تہ ڪنڊ ڪل ٻہ ڪلو ڪن آهي ۽ انهيءَ لاءِ اها سزا ڪافي آهي ۽ ميجر کي وڃي ائين ٻڌائي تہ مان بس ان کان وڌيڪ سزا نہ ڏيندس. پوءِ جوابدار بروقت ڏنڊ ڀري ڏنو ۽ ميجر جو آيل ماڻهو واپس هليو ويو.

ڪوٽڙيءَ ۾ سوشل ويلفيئر وارن طرفان مينا بازار بہ لڳائي وئي هئي. جنهن ۾ ڪجهہ حسين عورتون پڻ آيون هيون، جن مان هڪ خوبصورت عورت پان پڻ ماڻهن کي وڪرو ڪري رهي هئي ۽ في پان پنجن روپين ۾ پئي ڏنائين، مون بہ ڪانئس 5 روپين ۾ هڪ پان وٺي ڪاڏو جو ان قيمت ۾ مهانگو نہ هو.

سٽي مئجسٽريٽ دادو ائٽ دادو

منهنجو هيڊڪواٽر پوءِ ڪوٽڙي مان تبديل ڪري دادو ڪيو ويو. جتان مسٽر عبدالجبار عباسيءَ جو هيڊڪواٽر ڪوٽڙيءَ ۾ ڪيو ويو ۽ مان 07.02.80 تي وڃي سٽي مئجسٽريٽ دادوءَ جي چارج ورتي. دادوءَ ۾ اسپيشل ملٽري ڪورٽ ۾ نثار بلوچ D.S.P کي قتل ڪرڻ جو ڪيس هلڻ شروع ٿيو. جنهن جو پرزائيڊنگ آفيسر برگيڊيئر هو ۽ هڪ ميجر ۽ مان (مئجسٽريٽ) ميمبر هئاسين، ڪيس سرڪار پاران (A.P.P (اسسٽنٽ پبلڪ پرازيڪٽر) مسٽر منور خان ٻٽ پئي هلايو. ڪيس ۾ گهٽو ڪري 9 (نون) جوابدار هئا، جنهن سان چار ڄڻا ڪن سرزمين تي مقابلي دوران زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيا ويا هئا ۽ ٻيا پوءِ گرفتار ڪيا ويا هئا. هڪڙي جوابدار جو وڪيل مسٽر غلام نبي سومرو هو ۽ هڪڙو ٻيو جوابدار جيڪو وڪيل نہ پئي ڪري سگهيو. ان کي سرڪار پاران Pauper Advocate مسٽر قمرالدين عباسي مهيا ڪيو ويو هو. جنهن جوابدار جو مسٽر غلام نبي سومرو وڪيل هو، ان خلاف اها شاهدي پئي آئي تہ هن کي شناختي پريڊ ۾ سڃاتو ويو هو، جنهن لاءِ بہ شاهدن جا بيان مختلف هئا، ڪنهن شاهد پئي چيو تہ شناختي پريڊ سيوهڻ سب جيل جي بئرڪ ۾ ٿي هئي. مان برگيڊيئر صاحب کي چيو تہ سب جيلر جي بئرڪ ۾ ايتري گنجائش هوندي ئي ناهي، جو ان ۾ 22 ڄڻا هڪ طرف منهن سان بيهي سگهجن. برگيڊيئر صاحب پوءِ خود سيوهڻ هليو ۽ سب جيل جون بئرڪون ملاحظو ڪيائين. جنهن جوابدار جو مسٽر قمرالدين ڪلهوڙو(Pauper Advocate) هيو، ان لاءِ اهو ڏيکاريل هو تہ هن کان رائيفل هٿ ڪئي وئي هئي. برگيڊيئر اها رائيفل گهرائي ڪورٽ ۾ هلائي ڏني پر اها بہ نہ هلي.

برگيڊيئر صاحب منجهند جي مانيءَ جي وقفي دوران اٿي ويندو هو تہ ميجر ۽ مان ڪيس بابت گفتگو ڪندا هئاسين ۽ اسان پئي ان تي متفق راءِ جا هوندا هئاسين تہ غلام نبي سومرو

صاحب ۽ قمرالدين ڪلهوڙو صاحب جن جوابدارن جا وڪيل هئا، انهن خلاف شاهديون تمام ڪمزور هيون ۽ اهي ٻئي بري ٿيڻ گهرجن. هڪڙي رات مسٽر غلام نبي خان سومرو وڪيل منهنجي جاءِ تي آيو ۽ پنهنجي (Client) امير جي پارٽ ڪيائين ته مون ڪيس چيو ته جوابدار خلاف ته برابر اهڙي شاهدي مضبوط ڪانهي، جو ڪيس سزا اچڻ کپي پر آرمي وارا آهن پنهنجي خيال جا!

ڪيس ختم ٿيڻ تي هو ته برگيڊيئر صاحب مون کان ۽ ميجر کان زباني طرح رايو پڇيو، جنهن تي اسان چيس ته مٿين ٻنهي وڪيلن وارن جوابدارن خلاف ڪا خاص شاهدي جيڪا پروسي جوڳي هجي اها نه آهي ۽ اهي آزاد ٿيڻ کپن پر برگيڊيئر صاحب سيني جوابدارن کي سزا ڏئي ڇڏي.

دادوءَ ۾ ستي مئجسٽريٽ رهڻ دوران خبر پئي ته ميرواهه سب ڊويزن (ضلع خيرپور) جو S.D.M مسٽر عزيز الله شاهه رات جو اوچتو وفات ڪري ويو آهي ۽ اها سب ڊويزن خالي پئي آهي. (عزيز الله شاهه لاءِ ٻڌڻ ۾ آيو هو ته ڪيس ڪئنسر جو عارضو هو). ان وقت سکر ڊويزن جو ڪمشنر مسٽر آغا رفيق حسين صاحب هو، جيڪو جنهن وقت خيرپور جو ڊپٽي ڪمشنر هيو ته مان وٽس زيردست مختيارڪار ميرواهه ۽ مختيارڪار گممٽ ٿي رهيو هيس ۽ مونتي ڪافي مهربان هو ۽ ميرواهه تعلقي مان بدلي ڪرائي گمبٽ تعلقي ۾ به هُن ئي رکرايو هو، جو بنسبت ميرواهه تعلقي جي وڌيڪ سنو ۽ سهوليت وارو ريلوي مين لائين تي هيو، جڏهن ته ٺري ميرواهه تعلقي جو هيڊڪوارٽر ريلوي لائين کان 13 ميل مفاصلي تي هئو.

مان پوءِ ڪمشنر صاحب جن ڏانهن شام جو سندن بنگلي تي ويس ۽ سندن پي اي (P.A) حبيب الله سيال کي چيم ته صاحب کي منهنجي لاءِ ٻڌائي ته مان وٽن ميرواهه ۽ گمبٽ تعلقن ۾ مختيارڪار ٿي رهيو آهيان ۽ ساڻن ملڻ آيو آهيان. P.A صاحب موصوف جن کي اهو ٻڌايو پر موتي اچي مونکي چيائين ته صاحب چوي ٿو ته مونکي ياد نه ٿو اچي پر مان ٻاهر اچان ٿو ته پوءِ گهرايانس ٿو، ٿوري دير بعد صاحب ٻاهر وراندي ۾ آيو ته P.A مونکي ٻڌايو ته صاحب ٻاهر نڪتو اٿوَ ته مان وڃي ساڻن مليس، پوءِ مونکي ڏسي سڃاتائين ۽ پوءِ پاڻ سان گڏ وٺي هلي ٻاهر باغيچي ۾ ويٺو. مون کان پوءِ اچڻ بابت پڇيائين ته مون کين عرض ڪيو ته ميرواهه سب ڊويزن خالي پئي آهي اتي منهنجو آرڊر ڪرايو، جنهن لاءِ خاطري ڪريائيان ته هو ڪراچيءَ ويندو ۽ آرڊر ڪرائيندو ۽ هن مهرباني ڪئي جو منهنجو ميرواهه سب ڊويزن تي S.D.M جو آرڊر ڪرايو. آرڊر دادوءَ پهتو پر مسٽر الطاف حسين ڊپٽي ڪمشنر صاحب مونکي چارج نه پئي ڇڏڻ ڏني، (اهو هن پنهنجي بغض جو ٻيو دفعو مظاهرو ڪيو).

مون پوءِ جهانگير عباسي ايڪسائيز انسپيڪٽر (جيڪو به لاڙڪاڻي ۾ رهندڙ هو ۽ الطاف حسين قادري صاحب وٽ گهڻو ايندو ويندو هو) کي چيم ته صاحب کي چئجان ته صاحب مڙئي خير آهي ٻئي لاڙڪاڻي جا ويٺل آهيون ۽ ڏسان ته گهڻا ڏينهن چارج نٿا ڇڏڻ ڏيو! هن وڃي شايد ساڻس اهو ذڪر ڪيو، جنهن تي رات جو مونکي فون تي چيائين ته مان پلي صبح جو چارج ڇڏي وڃان.

(پوءِ جڏهن مان ۽ قادري صاحب رٽائر ڪري آياسين تہ ٻئي لاڙڪاڻي مڇي مارڪيٽ ۾ چليون لوڏيندا مڇي ـ ڀاڄي وغيره خريدا ڪندا هئاسين تہ ميل ملاقات ٿيندي هئي ۽ ڪافي وقت ٻيهي حالي احوالي ٿيندا هئاسين. وقتي ڪو منهنجو واقفڪار ملندو هيس تہ ان سان سلام ڏياري موڪليندو هو). مان پوءِ 14.04.80 تي دادو سٽي مئجسٽريٽ جي پوسٽ جي چارج ڇڏي، نئين پوسٽ تي چڙهڻ لاءِ ويس.

S.D.M ميرواهہ

مان S.D.M ميرواهہ جي چارج وٺڻ کان اڳ ڪمشنر صاحب جن سان ملڻ ويس تہ مونکي ٻہ ڳالهيون چيائين، هڪ تہ هُو منهنجي مختيارڪاري واري دور ۾ وصوليءَ جي ڪم مان راضي هوندو هو سو وصوليءَ جو خيال ڪجان ۽ ٻيو مير غلام حسين ٽالپر سندس دوست آهي ان جو بہ خيال ڪجان. مان 16.04.80 تي وڃي ميرواهہ سب ڊويزن جي S.D.M جي چارج ورتي.

مير غلام حسين ٽالپر ميرواهہ سب ڊويزن جي فيض گنج تعلقي پنهنجي ڳوٺ رضاآباد ۾ رهندو هو جيڪو فيض گنج ۽ ناري تعلقي جي دنگ تي هوندو هو. هن لاءِ ٻڌو هيم تہ هو اصل ٻئي هنڌ رهندو پر شڪار جو ڏاڍو شوقين هوندو هو انهيءَ ڪري اتان ڇڏي اچي ناري تعلقي جي دنگ تي رهيو هو جو ان تعلقي ۾ تلور، تتر ۽ ڦاڙهي وغيره جو گهڻو شڪار ڪندو هو. بهرحال ميرواهہ جي چارج وٺڻ کان اڳ مان جميل احمد صديقي صاحب ڊپٽي ڪمشنر خيرپور سان ملندو ويس، مونکي ڏسي چيائين تہ توکي ڇا ٿي ويو آهي، ڪراچيءَ ۾ تہ ڳاڙهو لڳو پيو هوندو هئين! مان ڪيس چيو تہ سائين عمر جي لحاظ سان تہ ائين ٿيندو ئي آهي، مان مير غلام حسين ٽالپر ڏانهن نياپو ڪري موڪليو تہ مون سان ملي وڃي. هو آيو تہ ڪيس ٻڌايم تہ ڪمشنر صاحب جن اوهان جي پارٽ ڪئي آهي ۽ چيائين تہ اوهان سندن دوست آهيو انهيءَ ڪري جڏهن بہ اوهان جو ڪم ڪار پوي تہ ضرور چئجو. جميل احمد صديقي صاحب جن پوءِ جڏهن خيرپور ضلع مان بدلي ٿي ويا تہ مسٽر غلام محمد ميمڻ صاحب جن سندن جاءِ تي ڊپٽي ڪمشنر خيرپور مقرر ٿي آيا. الاهي بخش خان ٻانيڻ جيڪو مون سان منهنجي ميرواهہ جي مختيارڪار واري وقت نہ ٺهيو هو ۽ منهنجي بدلي ڪرائڻ لاءِ وفد بہ ڪمشنر صاحب جن ڏانهن وٺي ويو پر صاحب موصوف هن کي انڪار ڪري ڇڏيو هو (اهڙو ذڪر اڳ ۾ ڪري آيو آهيان). ان سان ڪراچيءَ ۾ سنڌ اسيمبلي هال ٻاهر هڪ دفعو ملاقات ٿي هئي ۽ ان وقت هُن ڏاڍو قرب ۽ عزت واري لهجي سان ڳالهايو. جو مان خيرپور ضلعو ئي ڇڏي چڪو هئس، منهنجي ميرواهہ ۾ S.D.M ٿي اچڻ کان اڳ ڪنهن ڪيس سندس ئي ڪراچيءَ واري بنگلي ۾ بندوق جو فائر ڪري قتل ڪري ڇڏيو هو سندس قتل جي ذميوار جو ڪو پتو نہ پيو هو ۽ نہ وري ڪا پوليس وٽ فرياد ئي داخل ٿي هئي. ٻڌڻ ۾ آيو تہ سندس دوست سيد امام علي شاهہ (جيڪو ان دوران

ڪراچيءَ ۾ ئي پوليس آفيسر هيو)، ان ڳالهه کي دفن ڪرائي ڇڏيو. مان چارج وٺڻ بعد سندس پٽن ظفر ٻانيڻ ۽ زاهد ٻانيڻ جن وٽ ظفر آباد تعزيت لاءِ ويو هئس. پوءِ تہ هنن ۽ منهنجو هڪ ٻئي وٽ اچڻ وڃڻ چڱو ٿيندو رهيو. جو فيض گنج تعلقو بہ ميرواهہ سب ڊويزن ۾ هيو.

مان جڏهن ميرواهہ ۾ مختيارڪار هئس يا وري جڏهن پوءِ S.D.M ٿي ويس تہ گمبٽ تعلقي ۾ محرم دوران منهنجي ڊيوٽي گڏيجيءَ ۾ لڳندي هئي، ڇاڪاڻ جو ان دور ۾ ميرواهہ سب ڊويزن ۾ شيعا ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ هوندا هئا سي بہ ڄڻ ظاهر ئي ڪونہ هوندا هئا. انهيءَ ڪري شيعا ــ سنيءَ جو ڪٽراڳ نہ هوندو هو. S.D.M واري دور ۾ جڏهن منهنجي ڊيوٽي گڏيجيءَ ۾ لڳي تہ ٻنهي فرقن ۾ ڇڪتاڻ هئي، شيعن جو مکيہ ماڻهو وهاب پيرزادو ۽ سنين ۾ وري صديقي مکيہ ڪردار ادا ڪندا هئا. اصل جهڳڙو ان ڳالهہ تان ئي هوندو هو جو اهل شيعت وارا سڄي رات ماتم ڪري صبح جو فجر جي عين نماز واري ٽائيم تي ماتمي جلوس ڪڍي سنين جي مسجد جي دروزاي سامهون روڊ تي ٻيهي ماتم ڪندا هئا، جنهن ڪري جماعتين جي نماز ۾ رخنو پوندو هو ۽ سنت جماعت وارا ان تي سخت ناراض ٿيندا هئا ۽ صورتحال جهيڙي جي نوبت جهڙي ٿي ويندي هئي.

مان پوءِ ٻنهي فرقن جي ماڻهن کي ٿڌو ڪندو هئس، سنت جماعت وارن کي چوندو هئس تہ ٻارنهن مهينن ۾ هن جو اهو هڪڙو ڏينهن اچي ٿو انهيءَ ڪري اوهان ڪجهہ ٿڌا ٿيو تہ هو پلي ماتم ڪندي گذري وڃن، جو انهن جي روٽ پرمٽ بہ انهيءَ رستي سان هوندي هئي ۽ ساڳي طرح اهل شيعت وارن کي چوندو هيس تہ اوهان بہ ايترو ڪيو جو مسجد جي در وٽ جلوس روڪي ماتم ٻيهي نہ ڪيو، انهيءَ بجاءِ ماتم ڪندي تڪڙا اتان گذري وڃو. پوءِ ٻئي ڏريون مڙئي تعاون ڪنديون هيون. هڪ دفعي تہ مان فجر جي نماز ان سنين واري مسجد (جيڪا ماتمي جلوس جي روٽ پرمٽ ۾ ڏيڪاريل رستي جي وچ ۾ ايندي هئي) ان ۾ وڃي پڙهي ۽ ٻنهي ڏرين جي تعاون سان ڪا جهڳڙي واري نوبت نہ آئي. ساڳي طرح گمبٽ تعلقي ۾ ئي سائين سچل سرمت جي درازن ۾ ميلي ۾ بہ ٻين سان گڏ منهنجي بہ ڊوٽي لڳندي هئي ۽ انهن موقعن تي بہ ڪو گوڙ وغيره نہ ٿيو هو.

نارو تعلقو جيڪو ڪوٽڏيجي سب ڊويزن ۾ هو، ان ۾ تلور، تتر ۽ ڦاڙهي وغيره جو شڪار گهڻو هوندو هو، ان تعلقي جي حد ميرواهہ سب ڊويزن جي ٻنهي تعلقن ميرواهہ ۽ فيض گنج سان لڳندي هئي. اهو نارو تعلقو، عرب امارات جي امير شيخ زيد بن نهيان جن کي ليز تي ڏنل هوندو هو، جنهن ۾ امير پاڻ ۽ عرب شهزادا ئي شڪار ڪري سگهندا هئا ۽ ٻئي ڪنهن کي پوري تعلقي اندر شڪار ڪرڻ جي پرمٽ ڪانہ ملندي هئي، باقي ڪو لڪي لڪي وڃي شڪار ڪري ايندو هجي تہ اها ٻي ڳالهہ هئي.

عرب امارات جي امير جن جي طرفان بشير نالي هڪ پنجابي نگهبانيءَ لاءِ رکيل هوندو هو، جيئن ڪو غير قانوني طرح ان تعلقي ۾ نہ اچي شڪار ڪري، جيڪڏهن هو ڪنهن کي شڪار ڪندي ڏسندو هو تہ هو هڪدم سندن هيڊ آفيس (رحيم يار خان (پنجاب صوبو) کي اطلاع ڪندو

هو جي وري وڏيڪ ڪارروائي ڪندا هئا. هڪڙي رات ڪمشنر صاحب آغا رفيق حسين جن فون ڪئي تہ ٻانيڻ ناري تعلقي ۾ وڃي شڪار ڪري آيا آهن، انهن خلاف قدم کڻجان ۽ هن ڊپٽي ڪمشنر کي بہ چيو آهي اهو بہ توکي فون ڪندو. ٿوري دير بعد ڊپٽي ڪمشنر صاحب بہ فون ڪئي ۽ ساڳي ڳالهہ چيائين. حقيقت اها هئي جو ٻانيڻ زاهد ۽ سندس چاچو عبدالمجيد ۽ ٽيون ڄڻو هڪ جيپ ۾ ۽ ٻي جيپ ۾ زاهد ٻانيڻ جا ٻہ ماما محمد قاسم ۽ ٻيو وڃي ناري ۾ شڪار ڪيائيون تہ بشير راڪي کين ڏسي ورتو ۽ کين شڪار ڪرڻ کان منع ڪئي، جنهن تي ٻانيڻن هن سان جهيڙو ڪيو اهڙو اطلاع هن هيڊ آفيس رحيم يار خان ڪيو جتان ڪمشنر صاحب جن کي ٻانيڻ خلاف قدم کڻڻ لاءِ چيو ويو. انهيءَ وقت ظفر ٻانيڻ مون وٽ ٻئي ڪواٽر ۾ ماني پئي کاڌي، جنهن کي مون چيو تہ هنن سيني ٻانيڻ کي جيڪي شڪار ڪرڻ ويا هئا، انهن کي چوي تہ صبح جو مون سان اچي ملن، مون کيس وڏيڪ ڪا بہ ڄاڻ نہ ڏني.

صبح جو بشير ۽ گيم انسپيڪٽر وساڻ بہ مون وٽ آفيس ۾ آيا پر زاهد ٻانيڻ ۽ ٻيا واسطيدارر اڃا نہ پهتا هئا تہ ڊپٽي ڪمشنر صاحب جن فون تي پڇا ڪئي تہ ڇا ٿيو؟ جنهن تي مون کين چيو تہ ٻانيڻ اڃا نہ آيا آهن ۽ مون هنن کي چورائي موڪليو آهي تہ اچن. ائين ڪندي اهي ٻانيڻ جيڪي ملوث هئا، اهي تہ پئدا ڪونہ ٿيا پر هو ڪيڏانهن کسڪي ويا هوندا، جو هو ڳالهہ کي سمجهي ويا هوندا. پوءِ امام بخش بگهڙ ۽ ٻيا تي چار غير واسطيدار ٻانيڻ آيا. تہ ايتري ۾ ڊپٽي ڪمشنر صاحب جن وري فون ڪري پڇا ڪئي تہ ڇا ٿيو! مون کين چيو تہ سائين ڏنڊ ڪري ڇڏيان، جنهن تي ڊپٽي ڪمشنر صاحب ڪجهہ خاموش ٿي ويو ۽ پوءِ چيائين تہ چڱو ڏنڊ وجهين. انهيءَ دوران راڪي بشير پنجابيءَ چيو تہ سائين ٻي بہ هڪ جيپ ۾ ماڻهو شڪار ڪرڻ ناري تعلقي ۾ ويا آهن ۽ مون کي هڪڙو سپاهي گهرائي ڏيو تہ هو انهن جي پنيان وڃن. مان هن کي هڪڙو سپاهي گهرائي ڏنو ۽ ٻئي انهيءَ جيپ جي پريان تلاش لاءِ ويا. مان جيڪي ٽي ڄڻا زاهد ٻانيڻ، سندس چاچو عبدالمجيد ٻانيڻ ۽ ٽيون جيڪو ساڻ هين ۽ هوڏانهن ٻي جيپ وارن زاهد جي مامن محمد قاسم ۽ ڀاڻس کي في ماڻهو 500 روپيا ڏنڊ وجهي اهو جيڪي امام بخش ۽ ساڻس گڏ آيل ٻانيڻن کان وصول ڪري ڏنڊ جي رقم گيم انسپيڪٽر وساڻ کي ڏئي کين انهن کي ٻہ جدا جدا رسيدون وٺي ڏنيون. گيم انسپيڪٽر جو خيال ڏنم تہ ڏنڊ وڏيڪ وجهان ها، جو هن کي ڏنڊ جي رقم جو 30 سيڪڙو ملندو هو پر مون کي وڏيڪ چئي نہ سگهيو.

شام جو مان آفيس مان اٿي اڃا پنهنجي جڳهہ تي پهتس ئي مس تہ بيل وڳي مان ٻاهر اچي ڏنو تہ بشير ۽ سپاهي پير عبدالقادر شاهہ ٻہ نينگر ۽ ٻہ ٽي مريد بہ ساڻ هئا. انهن کي جيپ سوڏو وٺي آيو. مان پير صاحب جن کي سڃاڻندو هئس جو مان گمبٽ تعلقي ۾ مختيارڪار ٿي رهي آيو هئس.

مان سيني کي اوطاق ۾ ويهاريو ۽ بشير کي چيم تہ پير صاحب عزتدار آهي ۽ هن جي مٿي شڪايت نہ ڪجان ۽ مان پير صاحب کي منع ٿو ڪيان تہ آئينده اوڏانهن نہ ويندو. پوءِ مون پير

صاحب جن کي چيو تہ سائين وقت ڏسو تہ خراب لڳو پيو آهي، انهيءَ ڪري اوهان اوڏانهن شڪار لاءِ نہ ويندا ڪيو. پير صاحب چيو تہ هن کي خبر نہ هئي ۽ هو ڊيڊاٽي مريدن ڏي ويو هو. جيڪي ڪيس شڪار تي وٺي ويا هئا پر آئنده نہ ويندو. بشير صاحب کي شابس هجي جو منهنجي چوڻ تي پير صاحب خلاف مٿي ڪا بہ شڪايت نہ ڪئي. مون اها ڳالهہ ڊپٽي ڪمشنر صاحب جن کي بہ ٻڌائي هئي، پير عبدالقادر شاهہ تازو ئي وفات ڪري ويو آهي.

ميرواهہ ۾ منهنجي S.D.M هئڻ دوران غلام محمد خان پُٽو ٺري ميرواهہ ٽاٽي جو انسپيڪٽر هو. مان جڏهن اتي مختيارڪار هئس تہ S.H.O رهيو هو. هو بہ لاڙڪاٽي جو ئي ويٺل هيو. پر انسپيڪٽر هئڻ دوران هن جي خلاف رشوت جون ڏاڍيون شڪايتون ٿيون، جا ڳالهہ مان D.M صاحب مسٽر غلام محمد خان ميمڻ سان ڪئي، جنهن ڪيس خيرپور ضلع مان ئي بدلي ڪرائي ڇڏيو. ان جي جاءِ تي عبدالله ميمڻ انسپيڪٽر ٿي آيو. جيڪو سڄو ڏينهن شاهہ محمد ٻانيڻ ۽ سندس ڀائرن جي خوشامد ۾ لڳو پيو هوندو هو. ايتريقدر جو هنن وٽ ڪڏهن دعوت ٿيندي هئي تہ مهمانن آڏو پليٽون بہ انسپيڪٽر پاڻ هر هڪ اڳيان رکندو ويندو هو.

هن جي بدلي ٿيڻ بعد منظور مغل انسپيڪٽر ٿي آيو ۽ هن پنهنجي زيردستن کي ڇڙواڳ ڇڏي ڏنو هو. جيڪي پيا ڦرلٽ ڪندا هئا ۽ هن کي بہ راضي رکيو ويٺا هوندا هئا. هن جي بدلي ٿيڻ بعد عزيز الله خان بروهي انسپيڪٽر ٿي آيو. جو نهايت نيڪ ۽ نماز جو پابند هوندو هو ۽ هن خلاف خلق آزاديءَ جي ڪا شڪايت تہ ظاهري ٻڌڻ ۾ نہ ايندي هئي پر ٿورو ٽڪو تہ پوليس ڪاتي ۾ هر پوليس آفيسر وٺندو رهندو آهي، هو پُٽي صاحب جي لاٿل آفيسرن وانگر عتاب هيٺ آيل هو پر پوءِ وري نوڪريءَ تي چاڙهيو ويو هو. منهنجي ميرواهہ سب ڊويزن ڇڏي وڃڻ وقت بہ اتي ٺريءَ ۾ ئي انسپيڪٽر هيو.

تپيدارن جون بدليون پهريائين تہ ڊپٽي ڪمشنر صاحب سڄي ضلع ۾ پاڻ ڪندو هو پر پوءِ S.D.M کي لکي موڪليائين تہ هر هڪ S.D.M پنهنجي سب ڊويزن ۾ تپيدارن جي بدلي ڪري پر هر هڪ S.D.M پنهنجي سب ڊويزن ۾ تپيدارن جي بدلي ڪري پر هر هڪ تپيدار بدليءَ جي آرڊر جي ڪاپي بدليءَ جي سببن ڄاڻائڻ سان ڪنفرميشن (confirmation) لاءِ ڏانهس موڪلي وڃي. مان تہ ايڪڙ ٻيڪڙ مناسب بدلي ڪندو هئس ۽ ڪاپي ڊپٽي ڪمشنر صاحب ڏانهن موڪليوندو هئس ۽ جيڪي بہ مون بدلين جا آرڊر ڪيا هئا، اهي سڀ صاحب موصوف Confirm ڪيا هئا.

خيرپور سب ڊويزن جو S.D.M بدلي ٿي ويو تہ اچان جيئن تہ اها جاءِ خالي پئي هئي، انهيءَ ڪري ان جي چارج عارضي طور شوڪت علي شيخ سٽي مئجسٽريٽ کي ڏياري وئي هئي. هن عارضي چارج وٺندي ئي 16 تپيدارن جي بدلين جو هڪ ئي آرڊر ڪڍيو ۽ ڊپٽي ڪمشنر صاحب ڏانهن بحاليءَ (Confirmartion) لاءِ موڪليو پر هن سڄو آرڊر رد ڪري ڇڏيس. ٿورن ڏينهن بعد ڊپٽي ڪمشنر صاحب جن S.D.M ۽ مختيارڪارن جي ماهياني ميٽنگ سڏائي ۽ ميٽنگ ۾ ايس

ڊي ايمز ۽ مختيارڪار وينا هئاسين تہ ڊپٽي ڪمشنر صاحب شوڪت علي شيخ کي ڏاڍو ڊٻايو تہ بدلين جا آرڊر تو ڇو ڪڍيا، تون S.D.M تہ ڪونہ هئين ۽ پري ميٽنگ ۾ تڪو مان ڪيائينس.

منهنجي سب ڊويزن جي هڪ تپيدار محمد قاسم راڄپر کي هڪڙي سندس تپي جي ڪاتيدار 300 روپيا رشوت وٺڻ تي ائنٽي ڪرپشن کان ڇاپو هڻائي پڪڙايو ۽ ڪيس گرفتار ڪرايو. ائنٽي ڪرپشن وارا هن کي تہ گرفتار ڪري وٺي ويا پر سندس رڪارڊ ضبط نہ ڪيائون. ان ڪاتيدار ڏانهن ڊل جا 300 روپيا رهيل هئا. تپيدارن بندوبست ڪري رسيد بوڪ هن کي جيل ۾ ڏياري موڪليو ۽ تپيدار ان ڪاتيدار جي نالي 300 روپيہ ڊل جي رسيد ڪڍي ڇڏي. هن پوءِ ضامن ٿيڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي پر ضامن نہ پئي ٿيس. پوءِ مونکي نياپو موڪليائين تہ مهرباني ڪري سندس ضامن ڪرايان. ان وقت مسٽر عبدالجبار بچاڻي ائنٽي ڪرپشن جج سکر مقرر ٿي آيو. منهنجا هن سان ڪاليج واري وقت کان سنا تعلقات هئا. مان پوءِ ان ڏانهن سکر وڃي ساڻس مليس ۽ ضامن ڪٿڻ لاءِ چيومانس، مان ائين بہ ڪيس ٻڌايو تہ اهي پئسا رشوت جا ناهن پر ڪاتيدار تپيدار کي ڊل جا ڏنا آهن ۽ اوهان پلي رڪارڊ گهرائي ڏسو. هو اڃا انهيءَ ڏينهن ئي آيو هو ۽ ڪيس بنگلو بہ اڃا خالي ٿي ڪونہ مليو هو ۽ سيشن جج صاهب محمد صالح ميمڻ وٽ ئي ترسيل هو ۽ مان بہ اتي ئي وڃي ساڻس مليو هئس (محمد صالح ميمڻ صاحب بہ منهنجو ڪراچيءَ کان واقف هيو. جو جڏهن هو اتي ائڊيشنل سيشن جج هيو ۽ مان ائڊيشنل سٽي مئجسٽريٽ هيس تہ آفيسر هاسٽل ۾ ٻنهي جا ڪمرا هڪٻئي جي پرسان ئي هوندا هئا) عبدالجبار بچاڻي صاحب پوءِ تپيدار جو رڪارڊ گهرايو ۽ جيئن تہ 300 روپين جي ڪاتيدار جي نالي ڊل جي رسيد نڪتل هئي، انهيءَ ڪري هن تپيدار جو ضامن ڪنيون. تپيدار تي ڪيس هلندڙ ئي هيو جو مان ميرواهہ مان موڪل تي هيلو ويو هئس ۽ پوءِ دادوءَ ۾ منهنجي A.D.M طور پوسٽنگ ٿي هئي. جڏهن هو ڪيس مان بري ٿيو تہ سپيروائيزنگ تپيدار غيور عباس کي محمد قاسم تپيدار وٺي مون وٽ دادوءَ آيو ۽ چيائين تہ ڊپٽي ڪمشنر صاحب پوسٽنگ آرڊر نٿو ڏئي، سو اوهان کان جيڪا مدد ٿي سگهي سا ڪريو.

مسٽر غلام محمد ميمڻ ڊپٽي ڪمشنر صاحب منهنجي ماسات عبدالحميد شيخ ايگزيڪيوٽر انجنيئر جو گهاٽو دوست هو ۽ ٻئي دادوءَ ۾ گڏ رهيا هئا. مان پوءِ پنهنجي ماسات کي چيو تہ مسٽر غلام محمد ميمڻ صاحب کي چوي تہ تپيدار کي پوسٽنگ آرڊر ڏئي، هن پوءِ ساڻس فون تي ڳالهايو جنهن بعد ڊپٽي ڪمشنر صاحب S.D.M ميرواهہ کي فون ڪئي تہ محمد قاسم تپيدار جيڪو تپو چوي ان تپي تي رکو. ائين هن کي سندس مرضيءَ موجب تپي تي رکيو ويو.

مسٽر عبدالحفيظ ميمڻ صاحب جسٽس هاءِ ڪورٽ جن ٺري ميرواهہ ۾ ڪورٽن جي انسپيڪشن تي آيا هئا، پر مان ان ڏينهن هيڊ ڪواٽر ۾ موجود نہ هئس. هنن منهنجي ڪورٽ ۽ مختيارڪار ميرواهہ جي ڪورٽ جي انسپيڪشن ڪئي، ساڻس سيشن جج صاحب خيرپور مسٽر تاج محمد ابڙو (وينل لاڙڪاڻي) ۽ خيرپور بار جو صدر مسٽر عبدالرزاق ميمڻ جن گڏ هئا. منهنجو

خيرپور وڃڻ ٿيو تہ سيشن جج صاحب ٻڌايو تہ جسٽس صاحب جن منهنجي ڪم مان ڏاڍا مطمئن ٿيا هئا ۽ ٻيو مسٽر محمد بخش سومرو مختيارڪار گمبٽ جي ڪورٽ جي انسپيڪشن دوران سندس ڪم مان بہ مطمئن ٿيا هئا. (تاج محمد ابڙو سيشن جج صاحب چيو تہ اهو سندس لاءِ فخر جو باعث آهي، جو مان ۽ محمد بخش سومرو مختيارڪار ٻئي سندس ئي شهر لاڙڪاڻي جا هئاسين).

مسٽر عبدالحفيظ ميمڻ صاحب پوءِ گهڻو ڪري تہ هاءِ ڪورٽ سنڌ جو چيف جسٽس بہ ٿي رهيو هو ۽ ٻڌو اٿم تہ وفات ڪري ويو آهي.

مسٽر ظفر ٻانيڻ (مرحوم الاهي بخش ٻانيڻ جو وڏو فرزند) پير صاحب پاڳاري جن کي هڪڙي ڏينهن پنهنجي ڳوٺ ظفرآباد ۾ چانهہ جي دعوت ڏني هئي. مون پير صاحب جن جي اوڏانهن وڃڻ واري وقت تي رستي تي مکيہ چونڪن تي پوليس بيهاري ڇڏي هئي، جيئن پير صاحب جن جي گاڏي رستي تي نہ بيهي، ڇاڪاڻ جو پير صاحب جن جو ڪنهن پاسي وڃڻ جي پروگرام جي سندن مريدن کي خبر پوندي آهي تہ اُهي بہ ان پاسي ويندا آهن، جيئن سندن زيارت ڪري سگهن، مان ان ڪري احتياطن پوليس، چونڪن تي بيهاري تہ متان پير صاحب جن جا مريد نہ رستي روڪ ڪن.

مان بہ ظفر آباد ويس تہ اتي منهنجو پير صاحب جن سان تعارف ڪرايائون تہ سائين هي S.D.M ميرواهہ آهي. پوءِ پير صاحب جن ۽ مان هڪڙي ڪمري ۾ گهڙياسين تہ پير صاحب جن مونکي چيو تہ ويهو تہ ڪچهري ڪيون. اڃا اسان ٻئي ويٺاسين ۽ ڪا گفتگو بہ اڃا شروع نہ ٿي تہ وڏيرو فيض محمد خان ٻانيڻ اندر ڪمري ۾ آيو تہ پير صاحب جن اٿي ساڻس مليا ۽ ڪيس چيائون تہ فيض محمد خان ويهو پر هن پير صاحب جن کي چيو تہ سائين اوهان مرشد آهيو، اوهان جي آڏو ڪيئن وهندس. پير صاحب جن، مان ۽ فيض محمد خان ٻانيڻ بيٺا هياسين تہ ميزبانن مان هڪڙي اچي پير صاحب جن کي چيو تہ سائين چانهہ تيار آهي. اسان پوءِ ٻاهر اچي چانهہ جي ٽيبل تي بيٺاسين تہ مان پير صاحب جن جي سامهون بيٺو هئس تہ پير صاحب جن جي فياضيءَ جي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي، جو هن ڪوپ کڻي هڪ ٻانيڻ کي ڏنو تہ بابا ايس ڊي ايم صاحب کي ڪافي ٺاهي ڏيو.

چانهہ پي فارغ ٿيڻ بعد پير صاحب جن واپس پئي ويا، سندن گاڏي دروازي وٽ بيٺل هئي تہ اتي بيهي پڇيائون تہ بابا S.D.M صاحب ڪٿي آهي تہ موڪلايونس. مان ٿورو پوئتي ڪنهن ٻانيڻ زميندار سان ڳالهائيندو پئي آيس تہ ڪيس ٻڌايائون تہ سائين S.D.M اچي پيو، مان آيس تہ پير صاحب جن مون کان ۽ ٻين کان موڪلائي روانا ٿي ويا. پير پاڳارو صاحب تازو ئي وفات ڪري ويو آهي.

هڪ ڇهن C.S.S آفيسرس انڊر ٽريننگ جو گروپ پنجاب صوبي جو خيرپور آيو هو تہ D.C صاحب مونکي فون ڪئي تہ اهو آفيسرن جو گروپ ٺري ميرواهہ (Outing) سير لاءِ ايندو تہ انهن کي ڪجهہ سير ڪرائجان. پوءِ مان هنن جو پروگرام امام بخش خان شيني جي ڳوٺ رکرايو ۽ رات جي مانيءَ جو بندوبست بہ اتي ڪرائي ڪين اتي ئي رات رهائي. امام بخش خان شيني جي ڳوٺ پرسان

هڪ ڏنر هئي، جنهن ڪري آفيسرن کي شڪار ڪرائڻ لاءِ هن ڪجهه ڪارتوس بہ گهرائي ڇڏيا هئا. رات گذاري صبح جو ڪين ان ڏنڊ تي شڪار ڪرڻ لاءِ وٺي هليو جو مڙئي هڪ ٻن آفيسرن اهڙو شڪار جو خيال ڏيکاريو هيو. آفيسر شڪار تي نہ هليا پر سواءِ هڪ ٻن پڪين کان وڌيڪ شڪار بہ نہ لڳن. سيئي آفيسر پوءِ ناشتو بہ اتي ڪري واپس خيرپور روانا ٿي ويا. (هي جدا جدا گروپ جا آفيسر هئا).

تعلقي فيض گنج جي هڪ ڪاتيدار نبي بخش لاشاري پنهنجي زمين لاءِ نئين پيچ (واٽر ڪورس) منظور ڪرايو هو. نئين پيچ منظور ڪرڻ تي ڪنهن کي اعتراض هوندو هو تہ ڊپٽي ڪمشنر صاحب جن کي اريگيشن ائڪٽ جي 91 سيڪشن هيٺ ڏرين کي ٻڌي اعتراض رد ڪرڻ جو اختيار هوندو هو ۽ جيڪڏهن اعتراض رد ڪندو هو تہ نئين پيچ جي منظوري ڏيندو هو پر جيڪڏهن اعتراض جائز ڏسندو هو تہ پيچ منظور نہ ڪندو هو.

نبي بخش لاشاريءَ جي منظور ٿيل پيچ (نئين واٽر ڪورس(تي سندس مخالف ڏر نيڪ محمد لاشاريءَ کي اعتراض هو پر ايريگيشن جي واسطيدار عملي غلط رپورٽ ڪري نيڪ محمد لاشاريءَ جي غير موجودگيءَ ۾ ڊپٽي ڪمشنر صاحب جن کان نبي بخش لاشاريءَ جي فائدي ۾ هڪ طرفو فيصلو ڪرايو هو.

نبي بخش لاشاريءَ اسسٽنٽ انجنيئر ايريگيشن فيض گنج کي سرزمين تي پيچ کوٽائي ڏيڻ لاءِ چيو جيڪو پوليس فورس پاڻ وٺي سرزمين تي ويو تہ مخالف ڏر نيڪ محمد لاشاريءَ وارا اڳ ئي هٿياربند ٿي ويٺا هئا ۽ نبي بخش لاشاري ۽ ساڻس گڏ اسسٽنٽ انجنيئر ۽ پوليس فورس اتي پهتا تہ نيڪ محمد جي ڏر مٿن فائرنگ شروع ڪري ڏني. جنهن ڪري هو سڀ بنان ڪنهن ٻي وڌيڪ ڪارروائيءَ جي واپس موٽي آيا. اسسٽنٽ انجنيئر فيض گنج مونکي چوندو رهيو تہ مختيارڪار فيض گنج ساڻن گڏ سرزمين تي موڪليان پر مان هن کي انڪار ڪندو رهيس تہ اهو مختيارڪار جو ڪم ناهي. امن امان رکڻ لاءِ اوهان سان پوليس عملو ئي هلندو، باقي مختيارڪار نہ هلندو. انهيءَ ڪري اها ڳالهہ نئين پيچ کوٽائڻ جي اتي ئي حال في الحال رکجي وئي.

مير رسول بخش ٽالپر صاحب سينيئر صوبائي وزير خيرپورٽ ضلعي جي دوري تي آيو تہ ڊپٽي ڪمشنر صاحب جن مون کي چيو تہ سندن سڄي ضلعي جو ٽوئر مان ئي ڪور ڪيان، ڇاڪاڻ تہ خيرپور ۽ ڪوٽڏيجي سب ڊويزن ۾ سني شيعا جهڳڙا پئي هليا، انهيءَ ڪري اهي ٻئي S.D.M سب ڊيوزن نہ ڇڏي سگهندا. مير صاحب جن جي رهائش جو بندوبست بہ ٺري بنگلي تي رکيو ويو هو جتي بہ يا تي راتيون رهيا هئا. مير رسول بخش ٽالپر جن شادي شهيد _ پير پاڳاري صاحب جن وٽ سندن پير ڳوٺ، مير غلام حسين ٽالپر وٽ سندن ڳوٺ رضا آباد ۾ دعوت تي، روهڙي ٽالپرن وٽ دعوت تي، خيرپور ۾ مسٽر غلام رسول صديقي سينيٽر جي دعوت تي هليا هئا ۽ هڪڙي ڏينهن خيرپور جيل تي پيپلز پارٽيءَ جي ورڪرن سان ملڻ بہ هليا هئا ۽ مان سدائين هر هنڌ ساڻن

گڏ هئس. رضا آباد ۾ مير غلام حسين ٽالپر جي دعوت وقت نبي بخش لاشاريءَ پنهنجي منظور ٿيل پيچ جي باري ۾ درخواست ڪيس ڏني جا هن مير رسول بخش خان ٽالپر آڏو پيش ڪئي، جنهن اها درخواست وٺي مونکي ڏني ته سرزمين ڏسي رپورٽ ڏياري موڪلجان.

روهڙيءَ ۾ ٽالپرن جي دعوت ۾ جڏهن ماني پئي کاڌيسين ته مان مير صاحب جن جي سامهون بيٺو هئس. مير صاحب جن کي مڙئي ٿورو دل جو عارضو هيو. انهيءَ ڪري هن لاءِ انهيءَ خيال کان الڳ خاص طعام تيار ڪرايا هئائون ۽ مير صاحب جن ويهي ماني پئي کاڌي. سندن پرسان هڪ ڊش ڪا سني تيار پئي هئي ته مون کي چيائون ته هيءَ شئي _(ان ڊش مان) کاءُ ۽ مان به پوءِ ان ڊش مان ڪجهه کڻي کاڌي. مير صاحب جن رات ٺري بنگلي تي ترسيل هئا ۽ عزيز الله خان بروهي پوليس انسپيڪٽر ميرواهه ڪافي دير تائين اتي موجود هوندو هو. جيسيتائين مير صاحب آرام ڪرڻ وڃي اهو مونکي ٻڌائي پيو ته مير صاحب جن وٽ رات جو منظور حسين شاهه هالاڻيءَ وارو به ايندو آهي ۽ ڪافي دير تائين سندن شراب جو دور هلندو آهي. مير صاحب جن جي آخري دعوت مسٽر غلام رسول صديقي سينيٽر وٽ خيرپور ۾ سندس ئي جڳهه تي هئي ته ان ۾ به مان شريڪ ٿيو هئس. ڊپٽي ڪمشنر صاحب مسٽر غلام محمد ميمڻ جن به ان دعوت ۾ شريڪ ٿيا هئا.

مير صاحب جن خيرپور جيل تي پيپلز پارٽي ورڪرن سان ملڻ پئي هليا ته جيل سپرنٽينڊنٽ اوڪاش شيخ کين جيل گهمائي رهيو هو ۽ مان به ساڻن گڏ هئس. جيل گهمائيندي جيل سپرنٽينڊنٽ مير صاحب جن کي هڪڙي نوجوان جوابدار جي متان اچي کين ٻڌايو ته سائين هي هڪڙي ڇوڪريءَ کي ڀڄائي وڃڻ جي ڪيس ۾ جوابدار آهي، اهو جوابدار هڪ گرو شڙو ڇوڪرو نه ڪنهن منهن مهاندي وارو، قد جو بلڪل هلڪو ۽ نه ڪنهن هڏ ڪاٺ وارو هو. مير صاحب ان ڇوڪري کي چڱيءَ طرح غور سان پيرن کان وٺي مٿي تائين ڏسي چيو ته "ڇوريءَ به وس ڪيو آهي جو هن سان نڪتي آهي." پوءِ اتان اڳتي هليا. مير صاحب جن خيرپور ضلعي جو دورو ڪري واپس هليا ويا ۽ خير خوبيءَ سان وقت گذري ويو. (مير صاحب رسول بخش ٽالپر جن مزدورن جي ڏينهن پهرين مئي تي وفات ڪئي).

نبي بخش لاشاري پيچ جي باري ۾ جيڪا درخواست مير غلام حسين ٽالپر معرفت مير رسول بخش خان ٽالپر کي ڏني جن وري مون کي سرزمي ڏسي رپورٽ ڪرڻ لاءِ ڏني هئي، ان سرزمين ڏسڻ لاءِ مان جڏهن اتي ويس ته اتي ڏٺم ته جنهن ڪلاسي ٻني سان نئين پيچ نبي بخش لاشاريءَ کي منظور ڪري ڏني وئي هئي، ان جي لڳ هارين جا گهر چڱي تعداد ۾، هڪ ننڍو عليم ۽ مسجد شريف موجود هئا ۽ ڪي هارين جا گهر اتان ٿوري ٿوري مفاصلي تي هئا. مون پوءِ اهڙي رپورٽ ڊپٽي ڪمشنر صاحب جن کي ڏياري موڪلي. (ڊپٽي ڪمشنر صاحب جيڪا نئين پيچ منظور ڪئي هئي ان ۾ ايريگيشن وارن اهو مؤقف اختيار ڪيو هو ته جنهن هنڌ پيچ منظور ڪئي وئي هئي، هارين جا گهر اتان 400 فوٽن ۽ ان کان به ڪي اتڪل 600 فوٽن جي مفاصلي تي هئا، جو سراسر

غلط هو. نہ ئي هنن اهو ڏيکاريو هو تہ اتي علم ۽ مسجد بہ موجود هئا ۽ هنن بدنيتيءَ سان هڪ طرفو فيصلو نبي بخش جي حق ۾ ڪرايو هو ۽ مخالف ڌر کي ڄاڻي ٻجهي ڪو اطلاع نہ ڏنو هو ۽ هن کي سازش تحت ڊپٽي ڪمشنر صاحب جن آڏو اعتراضن ٻڌڻ واري تاريخ تي غير حاضر ڪيو).

هڪڙي مهاجر جو ٻانيڻ سان زمين تي ڪو تڪرار هلندڙ هو. جنهن جي فيصلي لاءِ مهاجر مختيارڪار ميرواهہ غلام الله پيرزادي کي درخواست ڏني هئي، جنهن تي هن مهاجر جي حق ۾ ڪو فيصلو ڏنو هو. ٻانيڻن ان خلاف ڊپٽي ڪمشنر صاحب جن کي درخواست ڏني، جا مون وٽ انڪوائري ۽ رپورٽ لاءِ موڪلي وئي هئي. مان پنهنجي رپورٽ ۾ لکي موڪليو تہ تڪراري زمين تي مهاجر جو ڪو حق نٿو لڳي.

هڪڙي ڏينهن خيرپور جي ميجر گهرايو ان ڏينهن اهو مهاجر بہ ميجر وٽ آيو هو. مان جيئن ميجر جي آفيس ۾ اندر وڃي ڪرسيءَ تي ويٺس تہ ميجر مونکي چيو تہ زمين جو قبضو مهاجر کي ڏياريان. مان کيس چيو تہ مونکي اهڙو ڪجهہ لکت ۾ ڏيو. جنهن تي هن چيو تہ مختيارڪار هن جي حق ۾ فيصلو ڏنو آهي. مون کيس چيو تہ مختيارڪار منهنجو زيردست آهي، هن جي فيصلي سان منهنجو واسطو نہ آهي، اوهان ٻلي مختيارڪار کي چئو تہ هن کي قبضو ڏي ۽ مان ان معاملي ۾ پنهنجي رپورٽ ڊپٽي ڪمشنر صاحب جن ڏانهن موڪلي آهي، ٻلي اهو جيڪو فيصلو ڪري. ميجر مڙئي اتي ڪجهہ اٽوٽندڙ لهجي ۾ ڳالهائي رهيو هو. جنهن تي مان هن سان وڌيڪ بحث ڪرڻ مناسب نہ سمجهي خاموش رهيس. آخر ميجر مونکي ۽ ان مهاجر کي چيو تہ ٻئي ڊپٽي ڪمشنر صاحب وٽ وڃيو. پوءِ ٻئي اتي وياسين تہ مون ڊپٽي ڪمشنر صاحب جن کي عرض ڪيو تہ سائين ميجر جي ڳالهائڻ جو طريقو نيڪ نہ هو ۽ اسان اهڙي حالت ۾ هتي نوڪري نہ ڪري سگهنداسين. بس منهنجو ايترو چوڻ ۽ پوءِ ڊپٽي ڪمشنر صاحب فون تي ميجر کي سخت لهجي ۾ چڱو وقت ڏائيندو رهيو ۽ چيائينس تہ جيڪڏهن سينيئر ماڻهن سان اوهان جو اهو رويو هوندو تہ پوءِ ڪير اسان وٽ نوڪري ڪرڻ چاهيندو.

مون کي پوءِ ڊپٽي ڪمشنر صاحب پاڻ ٻڌايو هو تہ منهنجي رپورٽ ۽ ان سان پنهنجي وڌيڪ رپورٽ لکي D.M.L.A سکر سان ڏيڍ ڪلاڪ کن ان ڪيس تي بحث ڪيو ۽ ڪيس چيمر تہ مهاجر جو زمين تي حق نٿو لڳي ۽ پوءِ D.M.L.A خاموش ٿي ويو. ٿورن ڏينهن بعد D.M.L.A سکر ٽريءَ ۾ ڪليل ڪچهري رکي ۽ اهو ميجر بہ ساڻس گڏ آيو هو. هن مون سان زور ڪري پي ڳالهايو پر مان ساڻس مُنهن ڏئي نہ پيو ڳالهايانس. اهو ڪو ڊپٽي ڪمشنر صاحب بہ ڏسي رهيو هو. جنهن مون کي چيو تہ هو ڏسي پيو تہ ميجر مون سان زور زور ڪري پيو ڳالهائي پر مان ساڻس مُنهن سان نہ پيو ڳالهايان.

تصوير

هڪڙي ڏينهن مان گشت مان واپس اچي ڏٺو تہ روبنيو پلاٽ ۾ هڪ ڪنڊ A کان ٻي ڪنڊ B تائين 3 فوٽ ڪن ويڪرو ۽ چڱو اونهو ڪڏو کوٽيل هو. پڇا ڪرڻ تي معلوم ٿيو تہ اهو امداد حسين دستي ائڊمنسٽريٽر ٽائون ڪاميٽي ٺري کوٽايو آهي، وڏيڪ خبر پئي تہ اهو ڪڏو هڪ ٺيڪيدار کان ڪٽايو ويو هو جو بہ ذات جو دستي هو. مون ان ٺيڪيدار کي گهرائي چيو تہ اهو ڪڏو پورائي ڇڏيو. اهو اسان روبنيو وارن جو پلاٽ آهي ۽ ٽائون ڪاميٽيءَ جو نہ آهي، جنهن تي هن چيو تہ هن اهو ائڊمنسٽريٽر ٽائون ڪاميٽيءَ جي چوڻ تي کوٽايو آهي ۽اهو چوي تہ پوءِ پورائيندس. مان تعلقي هيڊ منشيءَ کي چيو تہ ماڻهو گهرائي اهو ڪڏو پورائي ۽ ٺيڪيدار خلاف ڊيوٽي اٽڪاءُ جو فرياد داخل ڪرائي. هن پوءِ وڃي ٺيڪيدار خلاف پوليس اسٽيشن تي فرياد داخل ڪرائي ۽ ڪڏو بہ پورائي ڇڏيائين.

ڪنهن وڃي امداد حسين دستي ائڊمنسٽريٽر کي چيو تہ فرياد ۾ سندس بہ نالو آهي جنهن ٻڌڻ سان هو برقعو پائي راتوواهہ شهر ڇڏي ويو ۽ خبر پئي تہ ڪوئيٽا هليو ويو آهي. پوليس ٺيڪيدار کي وٺي اچي ٽاڻي ۾ بند ڪري ويهاري ڇڏيو. امداد حسين دستيءَ جو هڪڙو ڪنڊ جو دوڪان هوندو هو جنهن جي لاءِ شڪايت هئي تہ دوڪاندار ڪنڊ بلئڪ ۾ وڪرو ڪندو آهي. مان هن جي ان دوڪان تي وڃي بلئڪ ڪرڻ جي الزام تحت 500 روپيا ڏنڊ دوڪاندار کان وصول ڪري خزاني ۾ جمع ڪرائي ڇڏيو. امداد حسين دستي ڪجهہ ڏينهن ڪوئيٽا ۾ رهڻ بعد موٽي خيرپور آيو ۽ ڊپٽي ڪمشنر صاحب کي ٽوپي لاهي پيرن تي رکي چيائين تہ مون کي سندس پارٽ ڪري نہ تہ هو ڪيس جيل ۾ وڃهندو. انهيءَ دوران منهنجو خيرپور وڃڻ ٿيو تہ هادي بخش لاڙڪ وڪيل مليو جنهن بہ اامداد حسين لاءِ ڏاڍو ستايو ۽ سندس پارٽ ڪئي. مونکي ڊپٽي ڪمشنر صاحب فون ڪئي تہ امداد حسين دستيءَ ڪيس ڏاڍو ستايو آهي، سو هن تان ڪاوڙ لاهي. مون صاحب موصوف جن کي ٻڌايو تہ سائين امداد حسين خلاف تہ فرياد ۾ نالو ئي ناهي ۽ هو خوامخواهہ ڊڄي پيو ۽ نہ ئي منهنجي مٿس ڪا ڪاوڙ آهي.

امداد حسين پوءِ ٺريءَ موٽي آيو ۽ جيئن تہ نالو جيڪو هن پلاٽ ۾ کوٽايو هيو اهو بہ اسان پورائي ڇڏيو هو. انهيءَ ڪري ٺيڪيدار خلاف داخل ڪرايل فرياد جي بہ وڏيڪ پوئواري ڪرڻ ڇڏي ڏنيسين. وقت گذرندو رهيو. آغا رفيق حسين ڪمشنر صاحب بدلي ٿيو تہ سندن جڳهہ تي سيد محب الله شاهہ ڪمشنر سکر ڊويزن ٿي آيو. ٺري ميرواهہ ۾ واٽر سپلاءِ اسڪيم جي افتتاح لاءِ ڪمشنر صاحب اچڻو هو ۽ ان افتتاح واري تقريب کان پوءِ امداد حسين دستي ائڊمنسٽريٽر سندن لاءِ چانهہ جو بندوبست ٽائون ڪاميٽي آفيس ۾ رکيو هو.

حاجي شاهہ محمد ٻانيڻ جو امداد حسين دستيءَ جو سخت مخالف هو. ان سوچيو تہ امداد حسين ڪمشنر صاحب کي چانهہ پارٽي ڏئي پاڻ کي معتبر ڪرائڻ پيو چاهي، انهيءَ ڪري هن بہ چاهيو تہ ڪمشنر صاحب سندس چانهہ بہ ٺريءَ ۾ ئي سندن بنگلي تي پيئي. هن خيرپور وڃي ڊپٽي

ڪمشنر صاحب کي چيو تہ ڪمشنر صاحب کي سندس بہ چانھہ پيئڻ لاءِ چوي. پر ڊپٽي ڪمشنر کيس چيو تہ S.D.M سان ان باري ۾ ڳالھائي. انھيءَ تي شاھہ محمد ٻانيڻ مورڳو خيرپور مان چانھہ جي بندوبست لاءِ مورڳو گھربل مٽيريل ڪيڪ، پيسٽريون، بسڪيٽ، ڊراءِ فروٽ وغيره سڀ ڪجھہ وٺي آيو. صبح جو ڪمشنر صاحب واٽر سپلاءِ اسڪيم جي افتتاح لاءِ سرزمين تي پھتو ۽ ويھڻ جو بندوبست بہ اتي ئي ڪيو ويو ھو. ڪمشنر صاحب سان ڊپٽي ڪمشنر صاحب گڏ وينو ۽ سندن پاسي ۾ مان وينو ھئس. شاھہ محمد ٻانيڻ مونکي اچي چيو تہ ڪمشنر صاحب سندس چانھہ بہ پئي. مون اھو ذڪر ڊپٽي ڪمشنر صاحب سان ڪيو پر ھن پھريائين نہ پئي مڃيو پوءِ مان کين وري عرض ڪيو تہ ھو عزت وارو ماڻھو آھي ۽ اوھان کي خيرپور بہ عرض ڪري آيو ھو ۽ ھن سمورو بندوبست بہ ڪري ڇڏيو آھي، انھيءَ ڪري اوھان ڪمشنر صاحب کي چئو تہ سندس چانھہ بہ پئي. آخر ڪمشنر صاحب چيو تہ واپسيءَ وقت ھو سندس چانھہ پيئندو.

افتتاحي تقريب ختم ٿيڻ بعد ڪمشنر صاحب ٽائون ڪاميٽي آفيس ھليو جتي سڀ ميمبر بہ موجود ھئا. ڪمشنر صاحب ۽ ٻين جڏھن چانھہ پي پوري ڪئي ۽ وڃڻ وارو ئي ھو تہ امداد حسين دستي بنان ڪنھن نالي ڪڍڻ جي ڪمشنر صاحب جن کي عرض ڪيو تہ ھن شھر جي گندي پاڻيءَ جو نيڪال ڪري ڪڏ ۾ اماڻڻ لاءِ نالو ڪڍايو ھو. سو پورايو ويو آھي. مان تہ اھڙن موقعن تي شرارتي ماڻھن جا فائيل پاڻ سان ھميشہ کڻي ويندو ھئس ۽ اتي ڪمشنر صاحب جن کي ٻڌايو تہ اھو نالو مون پورايو آھي، جو اھو روينيو پلاٽ آھي ۽ ان پلاٽ تي اسسٽنٽ ڪمشنر صاحب جي آفيس ٺھرائڻ لاءِ اسڪيم ويل آھي. ان کان علاوه مون کين سرزمين جو نقشو ڏيکاري چيو تہ پلاٽ ۾ ھڪ ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ تائين نالو ڪوٽائي سڄو پلاٽ بيڪار ڪري ڇڏيو آھي،باقي جيڪڏھن روڊ جي وٽ سان B کان C پوائنٽ تائين 3 فوٽ نالي لاءِ چوي تہ اھو ڏيانس. ان نقشي کي ڏسي ۽ منھنجي کين سڄي صورتحال ٻڌائڻ بعد ڪمشنر صاحب ٿورو مُشڪي امداد حسين کي چيو تہ تنھنجو ڪم ٿيندو. ڪمشنر صاحب پوءِ ٽائون ڪاميٽيءَ مان اُٿي شاھہ محمد ٻانيڻ جي بنگلي تي سندن چانھہ پي ڊپٽي ڪمشنر صاحب جن سان گڏ واپس روانا ٿي ويا.

ڪجھہ ڏينھن بعد امداد حسين اچي چيو تہ کين روڊ جي پر ۾ ٿي فوٽ کن پلاٽ مان ايراضي ماپ ڪرائي ڏيو. مون پوءِ تپيدار کي گھرائي اھو ڪم چيو جنھن کيس وڃي ماپ ڪرائي ڏني. (ھتي اھو واضح ڪيان تہ امداد حسين دستيءَ جو سؤٽ قمرالدين محب الله شاھہ صاحب جن سان سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ روم ميٽ ٿي رھيو ھو. قمرالدين دستي فشريز ڊپارٽمينٽ ۾ ان وقت آفيسر ھو). ڪافي عرصي بعد منھنجو ٺري ميرواھہ وڃڻ ٿيو تہ ڏٺم تہ مذڪور پلاٽ تي اسسٽنٽ ڪمشنر ميرواھہ جي آفيس (نئين) ٺھيل ھئي ۽ ڪافي ايراضي سندن بنگلي ٺھڻ لاءِ بہ خالي پئي ھئي. مان ان نئين آفيس ۾ ان وقت جي اسسٽنٽ ڪمشنر سان ملاقات پڻ ڪئي ھئي.

پڪاچانگ (تعلقي ھيڊ ڪواٽر فيصض گنج) کان ھڪ رات دير سان ٺري ميرواھہ پئي

موٽيس تہ ڪروندي پل ويجهو پري ڪان ڏٺم تہ هڪ ڪار بيٺي هئي، جنهن جي هڪ بتي پئي ٻري. اها ڪار پوءِ روس تي ڪروندي پل ڪان ٺري ميرواهہ رستي سان پئي وئي. مان پنهنجي جيپ ۾ چڱو پنڌ پوئتي پئي آيس تہ ڪار جيڪا آڏو وڃي پئي، اها هلي هڪ لاڙي وٽ جتي صفا سج هئي اتي روڊ جي پاسي بيهي انڊيڪيٽر ڏيڻ لڳي تہ مون پنهنجي ڊرائيور کي چيو تہ گاڏي جهڪي ڪر جو مون کي ڪار وارا رهزن ٿا لڳن نہ تہ ڪار جيپ کي انڊيڪيٽر ڇو ڏئي. اها تہ تيز رفتار سان هلي وڃي ها. اسان جي جيپ کي ڊرو ٿيندي ڏسي اها ڪار اڳتي رواني تي ۽ هڪڙي ٻئي سج واري جڳهہ تي بيٺي وري انڊيڪيٽر ڏنائين پر اسان جيپ ڪار کان ڪافي مفاصلي تي پويان ڪندا پيا اچئون تہ پوءِ ڪار رواني تي اڪري چوڌڳي ٽپي سڌي ٺري ميرواهہ رستي سان هلي وئي.

مان اڪري چوڌڳيءَ تي اچي اتي جيڪي سپاهي ويٺا هئا انهن کان پڇيو تہ اها جيڪا ڪار اڳتي وئي، توهان ان جي چيڪنگ ڪئي؟ جنهن تي هنن وراڻيو تہ چيڪنگ ڪانہ ڪئي ۽ اهو بہ ٻڌايائون تہ هڪ بتي پئي ٻريس. مان پوءِ ٺريءَ ڏانهن نہ ويس ۽ اڪري چوڌڳيءَ تان هڪڙو سپاهي پاڻ سان کڻي ٻيو ظفرآباد ويندڙ رستي سان وڃي رات اتي ظفرآباد ترسي پيس ۽ صبح جو ٺري ميرواهہ ويس.

S.D.M جي حيثيت ۾ مونکي هر مهيني هڪ يا ٻہ ميٽنگون واري واري سان هر يونين ڪائونسل ۾ ڪرڻيون پونديون هيون، جنهن ۾ ڊي ايس پي، واسطيدار ايس ايڇ او ۽ تر جا معزز زميندار شريڪ ٿيندا هئا ۽ ائين ميٽنگ ۾ امن امان بابت ڄاڻ وٺبي هئي ۽ صورتحال معلوم ڪبي هئي. هر ميٽنگ ۾ اڪثر ڪري موجود زميندار مبهم نموني ۾ چوري چڪاريءَ جي رڳو زباني شڪايت ڪندا هئا تہ چوري وڏي وئي آهي. باقي چورن جي نالن ڏيڻ کان لنوائي ويندا هئا، جو هر ڪو زميندار سمجهندو هو تہ جيڪڏهن هُو ڪُلي طرح ڪي نالا ڏيندو تہ سياڻي وري سندس مخالف زميندار هن جي پاليل چورن جا نالا ڪڍندو. ڇاڪاڻ تہ ٻهراڙيءَ ۾ اڪثر هر زميندار وٽ ڪجهہ اهڙا رهزن هوندا آهن، جن تي سندن هٿ هوندو آهي ۽ پوليس سان رس رساءُ ڪري انهن کي تحفظ ڏيندا هئا. ڇاڪاڻ تہ ائين ڪرڻ کان سواءِ سندن زميٺداري حيثيت ڪانہ رهندي آهي ۽ پر وارو زميندار مٿس قابض ٿي ويندو آهي. آخر هڪڙي ڏينهن مان ظفرآباد يونين ڪائونسل آفيس ۾ ميٽنگ پئي ڪئي، جنهن ۾ ڊي ايس پي رسول بخش سومرو ۽ پوليس انسپيڪٽر فيض گنج بہ موجود هئا تہ موجود زميندارن اهو ئي راڳ شروع ڪيو تہ چوري وڏي وئي آهي. مون کين ٻڌي چيو تہ هر ميٽنگ ۾ اوهان اهو ئي چئو ٿا پر ان جو ڪو حل نہ ٿا ڏسيو نڪي اهڙن چورن جا نال ئي ڏيو ٿا ۽ ڏيندا بہ ڪونہ. چڱو هاڻي هينئن ٿو ڪيان جو قرآن شريف گهرائي ميز تي رکان ٿو، اوهان سڀ انهيءَ تي هٿ رکي چئو تہ جيڪو حقي ڏوهي هوندو ان لاءِ اوهان ڪابہ سفارش نہ ڪندا، پوءِ هو ڊي ايس پي ويٺو آهي ۽ مان چوان ٿو تہ پوءِ ڏوهہ ٿئي تہ اسان ذميوار آهيون. اوهان پلي ڪنهن ڏوهاريءَ جو نالو بہ نہ ڏيو ها باقي جيڪڏهن ڪنهن بي ڏوهيءَ خلاف ڪو قدم کڻون تہ ان لاءِ بيشڪ اچي چئجو تہ هو

ڏوهاري نہ آهي. بس منهنجي ائين چوڻ تي ڄڻ سيني کي نانگ سنگهي ويو ۽ سڀ خاموش ٿي ويا، ائين وري جيڪو وقت مان ميرواهہ ۾ S.D.M ٿي رهيس تہ ٻيهر اهو ڀنڊڻ نہ ڪيائون.

سيد محب الله شاهہ صاحب ڪمشنر سکر، پڪا چانگ ۾ تعلقي فيض گنج جي زميندارن جي ميٽنگ سڏائي، جيئن تہ ميٽنگ جي وقت منجهند جي مانيءَ جو ٽائيم ٿيڻو هو، انهيءَ ڪري زميندار جيڪي ميٽنگ ۾ شريڪ ٿيا هئا، مون انهن جي مانيءَ جو بندوبست بہ بنگلي تي ئي ڪرايو هو. ڪمشنر صاحب جن ميٽنگ ڪري رهيا هئا تہ نبي بخش لاشاريءَ کين سندس نئين منظور ٿيل پيچ بابت درخواست ڏني، جيڪا ڪمشنر صاحب جن مونکي ڏني تہ سرزمين ڏسي رپورٽ موڪل. مان کين عرض ڪيو تہ اهڙي درخواست نبي بخش سينيئر منسٽر صاحب مير رسول بخش خان ٽالپر جن کي بہ اڳ ڏني هئي ۽ مان سرزمين ڏسي اڳ ئي رپورٽ موڪلي آهي پر صاحب موصوف چيو تہ وري سرزمين ڏسي نئين رپورٽ موڪل، مون پوءِ ائين ئي ڪيو ۽ سرزمين تي ساڳي اڳ واري ئي پوزيشن ڏني ۽ مان نئين سر اهڙي رپورٽ ڊپٽي ڪمشنر صاحب جن کي موڪلي ڏني.

ڪمشنر صاحب جن ميٽنگ ختم ڪري اندر ڪمري ۾ هلي ويٺا تہ ڊپٽي ڪمشنر صاحب ۽ مان بہ ساڻن اندر وڃي ويٺس. مير غلام حسين ٽالپر مونکي چيو هو تہ سندس ملاقات ڪمشنر صاحب جن سان ڪرايان. مون اهڙو ذڪر ڊپٽي ڪمشنر صاحب جن سان ڪيو پر هن نہ مڃيو. مان کين چيو تہ سائين مير غلام حسين ٽالپر نهايت شريف ۽ خانداني ماڻهو آهي، جنهن تي هن ڪمشنر صاحب کي چيو، پوءِ مير غلام حسين ٽالپر کي اندر گهرائي ساڻس ملاقات ڪئي. ان بعد ڪمشنر صاحب جن واپس روانا ٿي ويا.

ڪروندي هاءِ اسڪول (تعلقو فيض گنج) ۾ اسڪول انتظاميا طرفان هڪ فنڪشن رکيو ويو، جنهن جي صدارت مسٽر الهداد ٻوهئي ڊسٽرڪٽ انسپيڪٽر آف اسڪولس خيرپور جن کي ڪرڻي هئي. ان فنڪشن ۾ راڳ جو پروگرام بہ هيو. جنهن ۾ عابده پروين ۽ ٻيا فنڪار بہ گهرايا ويا هئا. اهو سمورو خرچ شاهنواز راڄپر پئي ڪيو ۽ ان رات جي مانيءَ جي دعوت ۾ بہ ويهہ، پنجويهہ سرڪاري آفيسر ۽ پنهنجا دوست زميندار بہ گهرايا هئا. اهو مارشل لا جو دور هيو، انهيءَ ڪري مارشل لا اختياريءَ وارن جي اجازت ملڻ کان سواءِ اهڙي فنڪشن نہ ڪري سگهبي هئي. شاهنواز راڄپر کي هڪ رٽائرڊ فوجيءَ خاطري ڪرائي هئي تہ هو ڪيس مارشل لا اختياريءَ وارن کان اجازت وٺي ڏيندو ۽ هن جي انهيءَ آسري تي هن مانيءَ ۽ اسڪول ۾ راڳ جو بندوبست ڪيو هو.

شاهنواز خان راڄپر جن مهمانن کي مانيءَ جي دعوت ڏئي گهرايو هو، اهي بہ اچي ويا ۽ اسڪول ۾ بہ راڳ ٻڌڻ لاءِ ماڻهو گڏ ٿيندا پئي ويا. عابده پروين جي اچڻ جو ٻڌي ٻهراڙيءَ جا ماڻهو هيمشہ وانگر گهٽا اچي گڏ ٿيا هئا. هو رٽائرڊ فوجي مارشل لا اختياريءَ وارن ڏانهن اجازت وٺڻ لاءِ خيرپور ويو هو، جنهن موٽڻ ۾ ڏاڍي دير ڪري ڇڏي هئي، اتي اچي رات جا ڏهہ کن ٿا، انهيءَ ڪري شاهنواز خان ماني لڳرائي ۽ سيني مهمانن ماني کائي فارغ ٿيا تہ هو رٽائرڊ فوجي آيو ۽ اچي

ٻڌايائين تہ هنن اجازت ڪانہ ڏني، باقي ميجر چيو تہ S.D.M صاحب سان وڃي ملو ۽ جيڪي ان کي مناسب نظر اچي ۽ جيڪڏهن اهو اجازت ڏئي تہ ڪين اعتراض نہ آهي. پوءِ شاهنواز خان مونکي چيو تہ اوهان اجازت ڏيو. مان سوچيان پيو تہ راڳ تي تي چار هزار ڪن ماڻهو اچي گڏ ٿيا آهن، جيڪڏهن اجازت نہ ٿو ڏيان تہ ممڪن آهي تہ اهي ماڻهو نعرا (جيئي ڀُٽو) هڻندا واپس وڃن تہ ڳالهہ سني نہ ٿيندي. ماڻهن جي دلين ۾ تہ ڀُٽي صاحب جو سحر وينل هو پر مارشل لا اختياريءَ وار "جيئي ڀُٽو" جو نعرو ٻڌڻ بہ گوارا نہ ڪندا هئا.

آخر مون شاهنواز خان راڄپر کي چيو تہ اوهان اسڪول جي هيڊ ماسٽر صاحب کان لکرائي ڏيو تہ فنڪشن ۾ هو صرف سپاسنامون پڙهندو ۽ ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو بہ ان جي جواب ۾ ئي صرف تقرير ڪندو ۽ ڪا سياسي تقرير نہ ٿيندي ۽ نہ ئي ڪو اسڪول جو شاگرد اسٽيج تي اچي تقرير ڪندو. اهو سڀ ڪجهہ هن مون کي لکرائي ڏنو ان بعد مون کين اجازت ڏني. هيڊ ماسٽر صاحب طرفان سپاسنامون پڙهڻ ۽ ڊاڪٽر الهداد خان ٻوهئي جي تقرير کان پوءِ راڳ جي محفل شروع ٿي. ماڻهو سڀ خاموشيءَ سان راڳ ٻڌي رهيا هئا تہ هڪڙي ڪنڊ کان ڪنهن ماڻهوءَ جهلي آواز ۾ "جيئي ڀُٽو" جو نعرو هنيو پر پوءِ يڪدم چپ ٿي وئي ۽ وري سڄي پروگرام دوران ٻيهر ڪو بہ نعرو نہ لڳو.

عابده پروين جڏهن اهو ڪلام شروع ڪيو تہ "ملان مرئي ماءُ پتو ڦسئي پيٽ ۾" تہ منهنجي پرسان پوليس انسپيڪٽر وينو هو جنهن کي مون چيو تہ منع ڪرائينس تہ اهو نہ ڳائي پر هن چيو تہ هاڻي شروع ڪري ڇڏيو اٿس، هاڻي ڪيئن جهلجي، خير هن پوءِ اهو سارو ڪلام ڳايو. ٻيا بہ جيڪي راڳي گهرايا ويا هئا، اهي بہ واري واري سان ڳائيندا رهيا، اهڙي طرح فنڪشن سڄي رات هلندي صبح ڌاري خير خوبيءَ سان پڄاڻيءَ تي پهتو. مان صبح جو آفيس اچي گذريل رات واري فنڪشن بابت مڪمل رپورٽ ميجر کي خيرپور ڏياري موڪلي. ٻئي ڏينهن تي مسٽر نظر محمد تنيو D.S.P CID مون وٽ آيو ۽ فنڪشن جي باري ۾ مون کان رپورٽ گهرياٿين. مون کيس ٻڌايو تہ مون رپورٽ ميجر صاحب کي اڳ ئي ڏياري موڪلي آهي، جنهن تي هن انهيءَ رپورٽ جي ئي ڪاپي گهري، جيڪا هُو وٺي واپس هليو ويو.

مارشل لاءِ اختياريءَ وارن ڊاڪٽر الهداد خان ٻوهئي کي گهرايو جو هو صاحب صدر هيو ۽ ان کان عابده پروين پاران ملن خلاف ڳايل ڪلام بابت پڇا ڪئي، جنهن تي هن انهن کي ٻڌايو تہ اهو اسان جي ڪلچر ۾ شامل آهي ۽ اهڙا ڪتابن مان کين ثبوت ڏيکاري کين مطمئن ڪيائين، ان بعد هو خاموش ٿي ويا.

نبي بخش لاشاري جنهن لاءِ مان مٿي ٻن ٽن هنڌن تي ذڪر ڪري آيو آهيان، انهيءَ ڪا ڪمشنر صاحب جن کي سکر وڃي درخواست ڏني تہ سندس منظور ڪرايل پيچ وارو ڪم اجان نہ ٿيو آهي، جنهن درخواست جي حاشي تي ڪمشنر صاحب ڳاڙهي پين سان نوٽ هڻي موڪلي تہ هن

ماڻهوءَ جو ڪم ڇو اجان نہ ٿيو آهي ۽ S.D.M پاڻ فلاڻي تاريخ ۽ فلاڻي وقت تي روبرو اچي وضاحت ڪري. مان ان تاريخ تي پنهنجي آفيس فائيل سميت پهريائين ڊپٽي ڪمشنر صاحب جن جي آفيس ۾ اچي پڇا ڪئي تہ هنن منهنجي اڳ موڪليل رپورٽ ڪمشنر صاحب ڏانهن نہ موڪلي آهي ڇا! جنهن تي هنن ٻڌايو تہ هنن رپورٽ موڪلي ڏني آهي (اها شايد ڪمشنر صاحب جن کي آفيس وارن Put up ئي نہ ڪئي هئي) پوءِ مان ڪمشنر صاحب جن وٽ وڃي حاضر ٿيس ۽ سندن موڪليل درخواست ڏئي مون کين عرض ڪيو تہ مون سرزمين ڏسي رپورٽ موڪلي ڏني آهي ۽ کين اها رپورٽ بہ ڏيکاريم جا هن بہ دفعا پڙهي ڏني ۽ پوءِ مونکي چيائين تہ تون پلي وڃ. مان تہ پوءِ هليو آيس پر پوءِ ٻڌو هيم تہ ڪمشنر صاحب مورڳو منظور ٿيل پيج رد ڪري ڇڏي هئي ۽ تڪراري نبي بخش لاشاري ۽ نيڪ محمد لاشاري پاڻ ۾ بہ ٺهي ويا هئا. منهنجي S.D.M ميرواهہ هئڻ دوران سچل سيمينار خيرپور ۾ شروع ڪرايو ويو. جنهن لاءِ غلام محمد ميمڻ ڊپٽي ڪمشنر صاحب، ڪمشنر صاحب محب الله شاهہ ۽ ڊاڪٽر تنوير عباسي خاص دلچسپي وٺي رهيا هئا. ڊپٽي ڪمشنر صاحب سيمينار جي ضروري بندوبست ڪرڻ لاءِ ميٽنگ سڏائي ۽ اهو نئون نئون شروع ڪرايو ويو هو نہ تہ اڳ ۾ صرف سچل سرمست جن جو ميلو ئي لڳايو ويندو هو.

ان سيمينار ۾ 150 کن دانشور ۽ اديب مدعو ڪرايل هئا ۽ ان کان علاوه ڪافي تعداد ۾ فنڪار بہ گهرايا ويا هئا، جو آخري رات انهن جو پروگرام رکيل هو. سيمينار تن ڏينهن لاءِ سڏايل هو. اديبن، دانشورن وغيره لاءِ خيرپور ۾ سرڪاري بنگلن کان علاوه ڪيترا خانگي بنگلا بہ رهائش واسطي مخصوص ڪيا ويا هئا ۽ ڪن ناليوارن اديبن لاءِ تہ سکر درياهہ تي (Pak-in-Pak) هوٽل ۾ بہ ڪمرا بوڪ ڪرايا ويا هئا. سيمينار دوران ڪيترا مختلف سامانن جا اسٽال بہ لڳرايا ويا هئا. ميٽنگ ۾ ڊپٽي ڪمشنر صاحب جن مون تي اها ذميواري رکي تہ اهي ٽئي ڏينهن آيل مهمانن جو ٽئي وقت ماني ٽڪي ۽ چانهہ وغيره جو بندوبست ڪيان. حالانڪ سيمينار خيرپور ۾ رکيل هيو ۽ مان S.D.M ميرواهہ سب ڊويزن هئس، پر انڪار تہ ڪرڻو ئي نہ هو ۽ حاڪمن جو حڪم اکين تي رکي بندوبست ڪرڻو هو. خير سيمينار هلندو رهيو ۽ اديب ۽ دانشور مقالا ٽئي ڏينهن پڙهندا رهيا، جن لاءِ اسٽيج، شاميانن ۽ ڪرسين وغيره جو بہ بندوبست ٿيل هو. ڪنهن وقت تي سيد غوث علي شاهہ جيڪو ان وقت وزير هو، اهو بہ مهمانن سان گڏ اچي مانيءَ ڪائڻ ۾ شريڪ ٿيندو هو (پر ڪنهن ڪنهن وقت)، پير حسام الدين صاحب رشديءَ جن سان بہ ان موقعي تي ملاقات ٿي هئي. ڏاڍو محب ماڻهو هو. سندن مزار مڪلي تي محمد هاشم ٺٽوي بزرگ واري مقام ۾ آهي. سيمينار جي آخري ڏينهن تي شام جو گورنر صاحب عباسيءَ جي اعزاز ۾ چانهہ جو بندوبست رکيل هو، جنهن ۾ غوث علي شاهہ وزير صاحب ۽ ٻيا بہ دعوت ۾ اچڻا هئا. ڪي مهمان واپس هليا ويا هئا، مون ڊپٽي ڪمشنر صاحب جن کان پڇا ڪئي تہ گهڻن ماڻهن جو انتظام ڪجي، جنهن تي هن چيو تہ 60 کن جو هجي. ان پروگرام لاءِ اسان Pak _ in _ Pak وارن سان رابطو ڪري سارو بندوبست ڪرڻ لاءِ چيو،

جيڪي ڪاڏي جي مٽيريل، ڪراڪري، ڪٽلري وغيره سڪر مان ڪٽي پهچي ويا. گورنر صاحب جن جي آمد کان ڪلاڪ ڪن اڳ ڊپٽي ڪمشنر صاحب بہ بندوبست واري جڳهہ تي نظر وجهڻ لاءِ آيو تہ مون کين چيو تہ 60 کن مهمانن لاءِ بندوبست ڪيل آهي، جيئن اوهان چيو هو جنهن تي هن چيو تہ 60 کن جو ڪيئن 100 مهمانن جو بندوبست ڪر. مان Pak-in-Pak وارن سان ڳالهايو تہ اوهان وٽ ڪجهہ وڌيڪ ڪاڏي جو مٽيريل موجود آهي ۽ ڪجهہ اسان وٽ بہ آهي، اهو بہ اوهان کي ڏيان تہ 100 کن ماڻهن جو بندوبست ڪري سگهندا؟ هنن چيو ها سائين، اوهان وٽ بہ ڪاڏي پيتي جو جيڪو مٽيريل موجود آهي اهو ڏيو ۽ وٽن بہ اهڙو مٽيريل گهڻو ئي موجود آهي ۽ هو انشاءَالله ايترن جو بندوبست ڪري ويندا. خير گورنر صاحب ۽ ٻيا چانهہ پي روانا ٿي ويا ۽ رات جو رٿيل راڳ جو پروگرام شروع ٿيو جو آخري رات ڌاري ختم ٿيو.

ائين سيمينار جا ٽي ڏينهن خير خوبيءَ سان پورا ٿيا ۽ ٻئي ڏينهن تي ڪمشنر صاحب جن اچي سيمينار ۾ ڊيوٽي ڏيندڙ سرڪاري ملازمن کي سٺي ڪارڪردگيءَ جا سرٽيفڪيٽ ڏنا، جنهن وقت ڪمشنر صاحب مونکي سرٽيفڪيٽ ڏئي رهيو هو تہ ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ منهنجي نالي چيس تہ ميزبان مان هئس. سيمينار جي خرچ لاءِ ڊپٽي ڪمشنر صاحب 10.000 روپيا عنايت ڪيا هئا، پر جملي منهنجو ڪيل خرچ 45.000 روپيا ٿيو هو. باقي 35.000 روپين جو بار منهنجي سب ڊويزن ميرواهہ جي تپيدارن پنهنجي سر تي کنيو.

سچل سيمينار جي موقعي تي آغا عبدالنبي خان رٽائرڊ ڪمشنر صاحب بہ بيگم سميت آيو هو جن جي رهائش جو بندوبست راڻيپور ريسٽ هائوس ۾ ڪيو ويو هو. مان بہ دفعا ساڻن اتي وڃي مليو هئس تہ ڏسان تہ ڪين ڪا تڪليف تہ ڪانهي، هو بندوبست مان مطمئن پئي نظر آيو.

S.D.M ميرواهہ دوران هڪ دفعي ڪراچيءَ وڃي ٿيو تہ مسٽر شاهد عزيز صاحب جن سان سندن آفيس ۾ ملڻ ويس تہ مونکي چيائين تہ هو هاڻي ائڊيشنل سيڪريٽري سروسز جنرل ائڊمنسٽريشن ڊپارٽمينٽ آهي ۽ جيڪا سب ڊويزن چوين، اها توکي ڏيان. مان ڪيس عرض ڪيو تہ هاڻي ميرواهہ سب ڊويزن تي خوش وينو آهيان. درحقيقت مان مهربان ڊپٽي ڪمشنر غلام محمد ميمڻ صاحب جن وٽان نہ پيو وڃڻ چاهيان.

سيد بخشل شاهہ (عبدالغفار شاهہ) هڪڙي ڏينهن مونکي راڻيپور ۾ منجهند جي مانيءَ جي دعوت ڏني. هن وٽ بورچي سٺا هوندا هئا ۽ ماني بہ ڏاڍي سٺي تيار ڪئي هيائون. مني (Sweet Dish) ۾ هن ميسر ٺهرايو هيو جو ڏاڍو لذيز هيو. ان باري ۾ ٻڌايائين تہ هو اهو پنهنجي بورچين کان ئي تيار ڪرائيندو آهي. وڌيڪ اهو بہ ٻڌايائين تہ هڪ دفعي نواب اڪبر خان بگٽيءَ کي بہ دعوت ڏني هيائين ان ۾ بہ اهو ميسر تيار ڪرايو هئائين، جو کين ڏاڍو پسند آيو هو.

حيدرآباد ڪنهن ڪم سانگي منهنجو وڃڻ ٿيو تہ مونکي اتي رات ترسڻو هو انهي ڪري مون A.D.M حيدرآباد کي چيو تہ سرڪٽ هائوس ۾ ڪو ڪمرو وٺرائي ڏيو. هن S.D.M سرهندي

پير جيڪو پروٽوڪال آفيسر به هو ان کي سرڪٽ هائوس ان لاءِ فون ڪئي، جنهن ٻڌايس ته منسٽر صاحب لٽل آهي، انهيءَ ڪري مين سوٽ ته نه ڏئي سگهبو. البت هڪ سائيڊ وارو ڪمرو چوي ته ڏيانس. مان A.D.M کي چيو ته اهو ئي ڏئي، جو سرڪٽ هائوس جو سائيڊ وارو ڪمرو به چڱي ڀلي هوٽل کان به وڌيڪ هوندو آهي ۽ وڌيڪ ته سرڪٽ هائوس ۾ گاڏي به سلامتيءَ سان بيٺي هوندي. مان پوءِ ان سائيڊ واري ڪمري ۾ سامان رکيو. سرڪٽ هائوس ۾ سيد غوث علي شاهه وزير ترسيل هو جو شايد ته مير رسول بخش ٽالپر جن جي وفات تي تعزيت ڪرڻ آيو هو. هو جڏهن رات جو موٽيو ته ڊرائنگ روم ۾ مان به ساڻس وڃي مليس، جو هن سان اڳ جڏهن هو خيرپور ۾ وڪالت ڪندو هو ان وقت کان وٺي چڱي دعا سلام هوندي هئي.

ڪجهه وقت ساڻس وينس ۽ ٻيا به ٻه چار ڇٽا وينا هئس ته ڪچهري ڪرڻ بعد جڏهن مانيءَ لاءِ اُٿيو ته چيائين ته هل ماني کاءُ پر مان ڪيس چيو ته مون ماني کاڌي آهي. پوءِ مانيءَ تي ويندي وقت ايترو پڇيائين ته تهنهنجي عمر گهٽي آهي، مان ڪيس ٻڌايو ته هن وقت 58 سال ڪن آهي، پوءِ مان پنهنجي ڪمري ۾ وڃي آرامي ٿيس.

صبح جو فجر جي نماز پڙهي سرڪٽ هائوس جي لان تي چڪر پئي ڏنم ته سيد غوث علي شاهه صاحب ٻاهر نڪتو ۽ سندن گاڏي لڳي بيٺي هئي ته مان به وڃي ساڻن پرسان بيٺس، مونکي چياڳين ته محمد علي تو رات 58 سال عمر ٻڌائي پر تنهنجي عمر ايتري لڳي ته نه ٿي! اها عمر صحيح آهي يا..... ڪيئن؟! مون ڪيس چيو ته رڪارڊ موجب اها صحيح عمر آهي. پوءِ چيائين ته تو نوڪري عزت سان ڪئي آهي ۽ الله پاڪ تي رک ته اهو چڱي ڪندو. پوءِ هو گاڏيءَ ۾ روانو ٿي ويو. (منهنجي خيرپور ضلع ۾ مختيارڪار ۽ S.D.M طور چئن سالن کان به وڌيڪ عرصو نوڪري رهي پر خيرپور تعلقي ۾ جيڪو سيد غوث علي شاهه جو رهائش جو تعلقو هو ان ۾ نه ڪئي هئي، باقي مان جڏهن به ڪنهن ڪيس ۾ خيرپور سيشن ڪورٽ ۾ شاهدي ڏيڻ ويندو هئس ته اڪثر ڪري خون وغيره جي ڪيسن ۾ جوابدارن جو بچاءُ وارو وڪيل اڪثر ڪري سائين غوث علي شاهه ئي هوندو هو انهيءَ ڪري هن سان چڱي دعا سلام ٿي وئي هئي).

عبدالله نالي هڪڙي ليبر اڳواڻ سيٺ ولي ڀائي سينارجا جي ڪاٽن فئڪٽريءَ جي مالڪ خلاف ڪا درخواست ڪئي، جيڪا مون ڏي انڪوائري ڪرڻ لاءِ موڪلي وئي. مان هڪ ٻه تاريخ انڪوائري ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيون پر ڪن ٻين ضروري مشغولين ۽ ميٽنگن ڪري انهن تاريخن تي انڪوائري ڪرڻ لاءِ نه وڃي سگهيس. جنهن تي ان ليبر اڳواڻ منهنجي خلاف ائنٽي ڪرپشن وارن کي درخواست ڪئي ته مون سيٺ وليءَ کان رشوت ورتي آهي، ان ڪري هن خلاف انڪوائري نه پئي ڪئي. ان درخواست تي سرڪل آفيسر ائنٽي ڪرپشن خيرپور عبدالله جو بيان به رڪارڊ ڪيو جيڪا خبر پوءِ مونکي پئي.

اتفاق سان هڪڙي ڏينهن گمبٽ ويس ته اتي محمد نواز ميڻ ڊئريڪٽر ائنٽي ڪرپشن مسٽر

نظير احمد شيخ جي منجهند جي ماني ۽ جي دعوت ڪئي هئي. محمد نواز ميمڻ مون کي به گڏجي ويو ۽ چيائين ته دعوت ۾ مان به شريڪ ٿيان، جنهن تي مون ساڻس انڪار نه ڪيو. (جيئن ته مان گمبٽ ۾ مختيارڪار ٿي رهيو هئس ۽ ان کان علاوه محمد نواز ميمڻ کيسن جو ڪم ڪندو هو ۽ مون به هن کان چڱا کيس آفيسرن کي تحفي ۾ ڏيڻ لاءِ خريد ڪيا هئا، ان ڪري گهاٽائي ٿي وئي هئي).

مان پوءِ سندس دعوت ۾ وڃي شريڪ ٿيس ته اتي ڊئريڪٽر صاحب ائنٽي ڪرپشن سان مٿيون ذڪر ڪيو جنهن چيو ته سرڪل آفيسر کي چئجان ته ساڻس فون تي ڳالهائي. مان پوءِ هڪ ٻن ڏينهن بعد جڏهن خيرپور ويس ته مسٽر خان محمد سيهڙ A.D.M کي چيو ته سرڪل آفيسر کي چئو ته ڊئريڪٽر صاحب سان فون تي ڳالهائي. سرڪل آفيسر اتي A.D.M وٽ اچي نڪتو جنهن منهنجي واقفيت ساڻن ڪرائي ۽ چيائينس ته ڊئريڪٽر صاحب هن کي نياپو ڏنو آهي ته تون ساڻس فون تي ڳالهاءِ. سرڪل آفيسر شايد ته ڳالهه کي سمجهي ويو ۽ وڌيڪ ڪو ذڪر نه ڪيائين، باقي خبر ناهي ته هن ڊئريڪٽر صاحب سان ڇا وڃي ڳالهايو ۽ هن کيس ڇا چيو! بهرحال اها ڳالهه اتي ختم ٿي وئي.

مسٽر شاهد عزيز صاحب جن آمريڪا ڪنهن ٽريننگ جي سلسلي ۾ پئي ويا ته مان ڪجهه تتر ۽ به سٺا قيمتي کيس ڪراچيءَ وڃي ڏنا. ڊرائنگ روم ۾ ويٺا هئاسين ته ان پنهنجي بيگم صاحبه کي گهرائي کيس ڏيکاريا، جيڪي ٻنهي کولي ڏٺا ۽ کين ڏاڍا پسند آيا. شاهد عزيز صاحب چيو ته کيسن جا گهٽا پئسا ٿيندا پر مان کيس چيو ته سائين پئسا ته ڪونه وٺندس. پوءِ ٻڌايائين ته صبح جو سندس فلائيٽ آهي، ائيرپورٽ تي ايندين؟ عاشق ميمڻ (هو وٽس شهدادپور ۾ S.D.M ٿي رهيو هو) به ايندو. مان کيس ٻڌايو ته سائين مان ائين بنا موڪل جي هليو آيو آهيان، انهيءَ ڪري مان رات ئي واپس ٿري ميرواهه هليو ويندس، انهيءَ ڪري صبح جو ايئرپورٽ تي نه اچي سگهندس. (مان رات جو ئي موٽي آيس جو ان دور ۾ امن امان هوندو هو ۽ سفر ۾ ڪو انتظار نه ٿيندو هو ۽ اڄ جهڙو ظلم نه هوندو جو ڏينهن ۾ به سفر ڪرڻ خوف خطري کان خالي نه آهي).

مان مئي 1981 ۾ پنهنجي وڏي پٽ ۽ هڪ نياڻيءَ جي شادي ڪرائي. پهرئين ڏينهن مون برادري وغيره وارن کي ماني کارائي، ٻئي ڏينهن منهنجي پٽ غلام ياسين (جيڪو ان وقت چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج ۾ پڙهندو هو) ان پنهنجن ڪلاس فيلوز ۽ دوستن وغيره کي ماني کارائي.

ٽئين ڏينهن تي مون ميرواهه سب ڊويزن جي لاڳاپن وارن زميندارن، ٻن ٽن ڪامورن دوستن، گمبٽ جي پير گل شاهه، حاجي ميرڻ شاهه، عبدالحميد خان جتوئي، لاڙڪاڻي جي ٻن ٽن روينيو آفيسرن رحمت الله قريشي، D.C، A.D.M ۽ S.D.M ۽ ڪجهه پنهنجن تمام ويجهن عزيزن جملي 150 ماڻهن جي دعوت لاڙڪاڻي جي سمبارا ـ ان ـ هوٽل ۾ رات جي ٽائيم تي ڪئي. Menu (ڪاڏي جا آئٽم) هوٽل وارن کي مان لکي ڏنو جنهن جو هنن 40 روپيا في ماڻهوءَ چارج ڪيو. ويهڻ جو

بندوبست ٻاهر هوٽل جي لان تي ڪيل هو. باقي ماني ڪائڻ جو بندوبست ائير ڪنڊيشنڊ هال ۾ رکيل هو. دعوت ڪائي ٻيا ته سڀ مهمان رات جو ئي واپس هليا ويا. باقي عبدالاڪبر سول جج ميرواهه ۽ ڊاڪٽر امداد علي راڄپر ميڊيڪل آفيسر ميرواهه رات هوٽل ۾ رهي ٻيا ۽ صبح جو واپس هليا ويا.

شاديءَ جو ذڪر نڪتو آهي ته مان مختيارڪار ٿيڻ کان اڳ هڪ همشيره ۽ ٻن نياڻين جي هڪ وقت، مختيارڪار واري عرصي دوران هڪ ڀاءُ ۽ هڪ نياڻيءَ جي ٿوري وقفي سان، S.D.M ٿيڻ بعد ٽن نياڻين ۽ هڪ پٽ جي شادي ڪرائي، ائين چارئي شاديون ٿوري ٿوري وقفي بعد ڪرايون، جڏهن ته ننڍي پٽ سليم جي شادي گهڻي دير بعد 1998 اپريل ۾ ڪرائي. جملي مون يارنهن (هڪ ڀاءُ جي، هڪ همشيره جي، ستن نياڻين جون ۽ ٻن پٽن جون) شاديون پنهنجي حياتيءَ ۾ ڪرايون آهن.

الله تبارڪ وتعاليٰ جا لک شڪرانا جو منهنجي همشيره ۽ ستئي نياڻيون پنهنجي گهرن ۾ سٺي ۽ خوشحال زندگي بسر ڪري رهيون آهن. منهنجي ٻنهي پٽن کي به ڪشادو روزگار آهي، جن مان وڏو پٽ غلام ياسين ميڊيڪل آفيسر آهي ۽ ننڍو پٽ محمد سليم نئشنل پوسٽنگ ڊئريڪٽوريٽ ۽ 17 گريڊ ۾ اسسٽنٽ ڊئريڪٽر آهي (هن فيڊرل پبلڪ سروس ڪميشن مان سليڪٽ ٿي سڌي طرح 17 گريڊ ۾ نوڪري جي شروعات ڪئي آهي). ساڳي طرح منهنجي ڀاءُ اقبال حمد جا پٽ به جوان ٿيا آهن ۽ ٽن کي سرڪاري نوڪري آهي، جن مان هڪ سرفراز PIA ۾ ٻيو بئنڪ ۾ ۽ ٽيون عرفان ڪچي آبادي محڪمي ۾ آهي ۽ خوش حال زندگي گذاري رهيا آهن.

جيئن ته مون تان نياڻين ۽ پٽن جا شادين جا بار منهنجي حياتيءَ ۾ ئي لٿل آهن ۽ نياڻيون توڙي پٽ سڀ پنهنجي گهرن ۾ الله پاڪ جي مهرباني‌ءَ سان خوش زندگي گذارين پيا. انهيءَ ڪري مون کي انهن جي باري ۾ ڪو فڪر يا انتظار ڪونهي. منهنجو پوٽو ڊاڪٽر ياسين جو فرزند پاڪ آرمي ۾ ليفٽيننٽ آهي. مونکي به الله تبارڪ وتعاليٰ ڪنهن جي محتاجي نه ڏني آهي، جو هن وقت مونکي 8630 روپيه پينشن ملي رهي آهي، جو مون ۽ منهنجي گهراواريءَ جي گذاري لاءِ ڪافي اهي. تاهم منهنجو وڏو پٽ غلام ياسين ڊاڪٽر هر مهيني پنهنجي رضا خوسيءَ سان بنان اسان جي گهرڻ جي 1500 روپيه (پندرهن سو روپيه) موڪليوند رهندو آهي. باقي مان ۽ منهنجي گهر واري پنهنجي ننڍي پٽ محمد سليم سان گڏ رهندا آهيون ۽ وقت ڏاڍو خير خوبيءَ سان گذري رهيو آهي ۽ الله تعاليٰ جا لک شڪر آهن، جو پٽن لاءِ هڪ ننڍو ئي سهي پر سنو گهر عمر جي آخري ڏينهن ۾ به ٺهرايو آهي، جو 1997 ۾ ٺهي پورو ٿيو.

مان لڳ ڀڳ پنهنجي 35 سال نوڪريءَ واري سموري عرصي ۾ بدلين يا پروموشن تي ڪڏهن به ڪنهن آفيسر کي روڪ پئسا نه ڏنا آهن ۽ الله تبارڪ وتعاليٰ جي فضل سان آفيسر مڙئي مهربان رهندا آيا آهن، جن هر وقت انهن موقعن تي منهنجي مدد پئي ڪئي آهي. فقط هڪ دفعو انهيءَ ساري عرصي ۾ مان جڏهن هيڊ آفيس مان پير بخش خان گهانگهري جي مهرباني‌ء سان

رتيديري تعلقي ۾ هيڊ منشي ٿيو هئس تہ سندن پڇڻ سان تہ دفتردار ڪرم علي شاهہ صاحب جنهن اها بدلي ڪئي هئي، انهيءَ لاءِ چئو تہ ڪجهہ ڏيانس ۽ هن 300 روپيا ڏيڻ لاءِ چيو، جيڪي بہ مون ڪيس ئي ڏنا تہ دفتردار صاحب کي پاڻ ئي ڏي، پر مون صاحب موصوف کي هٿوهٿ نہ ڏنا. سيد ڪرم علي شاهہ رتيديري ۾ مختيارڪار ٿي رهيو ۽ پير بخش گهانگهري جا گهاٽا تعلقات ها، البت آفيسرن جي مهرباني هجڻ ڪري ڪن کي تحفي ۾ گمبٽ جا 'ڪيس' جيڪي تحفي ۾ ڏيڻ جهڙا هوندا هئا، اهي ڏنا آهن. جن آفيسرن کي مون اهي ڪيس تحفي طور ڏنا هئا، انهن مان ڪن جو ذڪر مٿي ڪري آيو آهيان ۽ جن ٻين آفيسرن کي ڏنا آهن، اهي صاحب مسٽر علي محمد شيخ ڊپٽي ڪمشنر صاحب نٿو، مسٽر محمد بچل ميمڻ ڊپٽي ڪليڪٽر سانگهڙ، مسٽر عبدالجبار بچاڻي سيشن جج صاحب، مسٽر غلام محمد ميمڻ صاحب ڊپٽي ڪمشنر خيرپور، مسٽر عتيق الرحمٰن خان ڊپٽي سيڪريٽري ۽ مسٽر غلام مصطفيٰ جوڪيو A.D.M جيڪب آباد ياد پون ٿا.

هتي آئون ان معاملي جو بہ ذڪر ڪرڻ چاهيان ٿو جنهن جي ڪري مون کي نہ صرف ميرواهہ سب ڊويزن بلڪ سڪر ڊويزن بہ ڇڏڻي پئي.

زڪوات ڪاميٽيءَ جي ميمبرن جون چونڊون ٿيون تہ ديهہ ڊيراڻي ۾ هڪ هارايل اميدوار محمد دائود شر ڊپٽي ڪمشنر صاحب خيرپور جن کي درخواست ڏني تہ چونڊ صحيح طرح نہ ٿي آهي ۽ نئين سر چونڊ ڪرائي وڃي. هن جي مخالف اميدوار جو واسطو امداد حسين دستيءَ سان هيو، جنهن کي ڪامياب قرار ڏنو ويو هو. اها درخواست مون ڏانهن انڪوائري ڪري رپورٽ موڪلڻ لاءِ موڪلي وئي هئي، مان انڪوائري ڪري رپورٽ ڏياري موڪلي تہ برابر فيئر ۽ شفاف اليڪشن نہ ٿي آهي، جنهن ڪري نئين سر اليڪشن ڪرائي وڃي.

ڪجهہ وقت گذرڻ بعد خيرپور ڊسٽرڪٽ زڪوات ڪاميٽيءَ جي چيئرمين مسٽر عبدالرزاق ميمڻ خيرپور ۾ ميٽنگ سڏائي، جنهن ۾ ٽنهي سب ڊويزنن خيرپور، ڪوٽڏيجي ۽ ميرواهہ جي (S.D.Ms)، A.D.M خيرپور ۽ ڪي تعلقي زڪوات ڪاميٽيءَ جا چيئرمين ۽ درخواست گذار محمد دائود شر (هارايل اميداور) گهرايا ويا هئا. ميٽنگ شروع ٿيڻ کان اڳ ڊپٽي ڪمشنر صاحب فون تي A.D.M خان محمد سيهڙ سان ڪجهہ ڳالهايو، جنهن صاحب موصوف کي منهنجي لاءِ ٻڌايو تہ اهو وٽس وينو آهي. ڊپٽي ڪمشنر صاحب پوءِ مونکي فون تي چيو تہ بابا ٻانيڻن جي چوڻ تي هلين ٿو، تڪليف ۾ ايندين. مون کين عرض ڪيو تہ سائين ٻانيڻن جو تہ هن سان واسطو ئي ناهي، هوڏانهن جيئن ٻڌڻ ۾ پئي آيو تہ امداد حسين دستي، ڪمشنر صاحب محب الله شاهہ جن کي عرض ڪيو تہ اها اليڪشن نئين سر نہ ڪرائي وڃي، جنهن تي شايد ڪمشنر صاحب ڊپٽي ڪمشنر صاحب کي اهڙي هدايت ڪئي هئي ۽ انهيءَ ڪري ئي ڊپٽي ڪمشنر صاحب مون کي فون تي مٿين ڳالهہ چئي هئي. خير ميٽنگ شروع ٿي ۽ ٻيا بہ جيڪي ڪجهہ معاملا ميٽنگ ۾ فيصلي ڪرڻ لاءِ رکيل هئا، انهن تي فيصلا ٿيندا پئي ويا ۽ جڏهن مون واري رپورٽ چيئرمين زڪوات ڪاميٽي

مسٽر عبدالرزاق ميمڻ سيني کي پڙهي ٻڌائي ته S.D.M خيرپور نثار احمد صديقي ۽ S.D.M ڪوٽڏيجي محسن قريشي صاحب جن کان رايو پڇيو ته هنن منهنجي رپورٽ جي تائيد ڪندي چيو ته اها چونڊ نئين سر ٿيڻ کپي. A.D.M خان محمد سيهڙ مسٽر عبدالرزاق ميمڻ صاحب کي چيو ته ڊپٽي ڪمشنر صاحب جن جو چون آهي ته اها چونڊ نئين سر نه ڪرائي وڃي پر هن نه مڃيو ۽ چيائين ته هو ڊپٽي ڪمشنر صاحب جي چوڻ مطابق ڪم نه ڪندو. جنهن ڪري هن اهڙو ئي فيصلو ڪيو ته محمد دائود شر واري اليڪشن نئين سر ڪرائي وڃي. آفيس ٻاهران محمد دائود شر جي مخالف پارٽيءَ وارا امداد حسين دستيءَ سميت فيصلي ٻڌڻ جي انتظار ۾ اڳ ئي بيٺا هئا. اهڙو فيصلو ٻڌڻ کانپوءِ امداد حسين دستيءَ هڪدم سکر وڃي ڪمشنر صاحب جن سان مليو ۽ ڪيس فيصلي کان آگاهه ڪيائين. ان تي ڪمشنر صاحب ڪيس چيو ته هو مونکي ميرواهه مان بدلي ڪرائي پنهنجي آفيس ۾ رکرائي ٿو جو وٽس اسسٽنٽ ڪمشنر (رويني‌يو) جي پوسٽ مسٽر قمر الدين پٽيءَ جي رٽائرمينٽ سبب خالي پيل هئي.

امداد حسين دستي اها ڳالهه ٻڌيءَ ۾ اچي مشهور ڪئي ته S.D.M جي بدلي ٿي ٿئي. غلام سرور ملاح منهنجي آفيس جي ڪلارڪ اها ڳالهه مون کي ٻڌائي ۽ مون کي به دل ۾ يقين ٿي ويو. ته ڪمشنر صاحب ضرور ائين ئي ڪندو جو امدد حسين دستي جي سؤٽ قمر الدين دستي (جيڪو محب الله شاهه صاحب جن جو يونيورسٽيءَ ۾ روم ميٽ هيو) جي ڪري سندس خيال ڪندو هو. مون پوءِ 7 ڏينهن جي موڪل لاءِ درخواست پنهنجي هڪ خاص ماڻهوءَ هٿان ڊپٽي ڪمشنر صاحب ڏانهن موڪلي، جنهن اُها موڪل 7 ڏينهن بجاءِ 4 ڏينهن جي منظور ڪئي ۽ مان ڳوٺ لاڙڪاڻي هليو آيس. مان ان وقت ٻڌيءَ ۾ اڪيلو رهندو هئس ۽ منهنجي فئملي لاڙڪاڻي رهندي هئي.

مان موڪل گذرڻ بعد واپس ڊيوٽيءَ تي ٻڌي ميرواهه نه ويس پر ميڊيڪل سرٽيفڪيٽ سان گڏ ڊگهي موڪل لاءِ درخواست ڊپٽي ڪمشنر صاحب ڏانهن موڪلي ۽ ان جي ائڊوانس ڪاپي سڌي طرح چيف سيڪريٽري سنڌ ڏانهن به موڪلي ڏني. پر ان درخواست تي اڃا ڪو آرڊر نه نڪتو ۽ درخواست ۾ موڪل لاءِ ڏيڪاريل مدو به ختم ٿيڻ وارو هو ته مون وري ٻي درخواست ميڊيڪل سرٽيفڪيٽ سان گڏ ڊپٽي ڪمشنر صاحب خيرپورکي موڪلي ۽ ان جي ڪاپي وري به سڌي چيف سيڪريٽري صاحب ڏانهن موڪلي ڏني. پوءِ ٻنهي درخواستن ۾ منهنجي گهربل موڪل منظور ٿيڻ جو نوٽيفڪيشن نڪتو ۽ ائين منهنجو واسطو سکر ڊويزن سان ختم ٿي ويو ۽ مان هاڻي سروسز ۽ جنرل ائڊمنسٽريشن ڊپارٽمينٽ سان وابسته ٿي ويس ۽ موڪل ختم ٿيڻ تي اتان ئي منهنجي نئين پوسٽنگ جو آرڊر نڪرڻو هو. انهيءَ عرصي دوران منهنجو خيرپور وڃڻ ٿيو ته ڊپٽي ڪمشنر صاحب (مسٽر غلام محمد ميمڻ صاحب) جن سان مليس، جنهن ٻڌايو ته هن مون واري درخواست ڪمشنر صاحب کي موڪلي ڏني هئي پر هن مٿي موڪل منظور ٿيڻ لاءِ چيف سيڪريٽري ڏانهن نه موڪلي ۽ پاڻ وٽ رکي ڇڏي ۽ الٽو ڪانئس پڇيائين ته ڇو هن مون کي ريزڪي موڪلي ڏني، جنهن تي هن

صاحب موصوف کي ٻڌايو تہ کيس اها خبر نہ هئي تہ مان وري ڊيوٽيءَ تي نہ ايندس.

مان ڪمشنر صاحب محب الله شاه صاحب کي سيد سرادر احمد صاحب (جو ان وقت ڪنهن ڊپارٽمينٽ ۾ ڊئريڪٽر هو) کان بہ فون ڪرائي، جنهن منهنجي روبرو کيس فون ڪئي تہ مان هن وٽ زيردست ٿي رهيو آهيان ۽ سنو ماڻهو آهي. اوهان هروپرو هن aged ماڻهوءَ کي تڪليف ڇو ٿا ڏيو، جنهن تي محب الله شاهہ کين چيو تہ ميرواهہ سب ڊويزن ڇڏي، باقي کانئس ٻيو ڪو آپشن ونو. مان پوءِ سيد سردار احمد صاحب جن کي بہ تي آپشن ڏئي موٽي آيس پر پوءِ خبر پئي تہ هن ڪو بہ آپسن قبول نہ ڪيو ۽ بضد هيو تہ مون کي پنهنجي آفيس ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر (روينيو) واري خالي پيل پوسٽ تي رکرائي.

مان لاڙڪاڻي ۾ ئي هيس تہ هڪڙي ڏينهن شاهہ محمد ٻانيڻ ميرواهہ تعلقي واري جو پٽ مون وٽ آيو ۽ چيائين تہ هلو تہ مسٽر سالڪ نذير صاحب (جيڪو ان وقت ائڊيشنل سيڪريٽري هو) ان سان ملون. مان هن جي گهٽي اسرار تي لاچار ساڻس گڏجي ويس (سالڪ نذير خيرپور سب ڊويزن جو S.D.M تي رهيو هو ان ڪري شايد شاهہ محمد ٻانيڻ جي پٽ جو واسطو رهيو هجيس) ۽ سالڪ نذير صاحب سان ملياسين پر "سڀ کي پنهنجو غرض" جنهن ڪري هن کيس مونکي ميرواهہ سب ڊويزن تي رکڻ لاءِ چيو، جنهن تي سالڪ نذير صاحب مونکي چيو تہ ميرواهہ سب ڊويزن خالي پئي آهي، تون پلي اتي جي چارج وٺ ۽ هو منهنجي اتان بدلي نہ ڪندو. مان ان تي خاموش رهيس ۽ ڪجهہ نہ ڪچيس. ڇاڪاڻ تہ مان اتي وڃڻ لاءِ قطعي طور بہ تيار نہ هئس. سالڪ صاحب جن جو ائين چوڻ تہ هو منهنجي ميرواهہ سب ڊويزن تان بدلي نہ ڪندو ۽ منهنجي خاموش رهڻ مان حاجي شاهہ محمد ٻانيڻ جي پٽ شايد ائين سمجهيو تہ مان وري ميرواهہ سب ڊويزن تي اچي چڙهندس ۽ هن پوءِ اتان موٽندي اهڙي پروپيگنڊا بہ ڪئي تہ محمد علي واپس ٿو اچي. اها غلط پروپيگنڊا ٻڌي امداد حسين دستي وري ڪمشنر صاحب ڏانهن ڀڳو ۽ وڃي اها حقيقت ڪيائين. جنهن تي ڪمشنر صاحب محب الله شاهہ ڊپٽي ڪمشنر خيرپور مسٽر غلام محمد ميمڻ کي منهنجي نالي چيو تہ جيڪڏهن هو ميرواهہ سب ڊويزن جو آرڊر وٺي بہ اچي تہ کانئس پڇڻ بنان چارج نہ ڏياري وڃي. نہ رڳو اهو پر هن پنهنجي اسسٽنٽ ڪمشنر عبدالوحيد پيرزادي کي بہ چيو تہ هو ائڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر A.D.C خان محمد سيهڙ کي بہ ساڳي طرح چئي ڇڏي. (منهنجو موڪل دوران هڪ ڏينهن خيرپور وڃڻ ٿيو تہ ڊپٽي ڪمشنر صاحب ۽ ائڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر (غلام محمد ميمڻ صاحب ۽ خان محمد سيهڙ) جن سان ملڻ ٿيو تہ ٻنهي اها ساڳي ڳالهہ پاڻ مونکي ٻڌائي هئي). مون کي ٻڌي ڏاڍو تعجب ٿيو تہ ڪمشنر صاحب ڪيئن پيو سوچي تہ سندس مون تي ايتري ناراضگي ۽ ڪاوڙ باوجود مان ٻيهر ميرواهہ سب ڊويزن يا سندس سکر ڊويزن ۾ ڪنهن ٻئي هنڌ سندن زيردست رهي نوڪري ڪرڻ چاهيندس يا وري ڪيئن ڪري سگهندس..!!

سالڪ نذير صاحب جن جو ذڪر نڪتو آهي تہ اهو بہ ٻڌائيندو هلان تہ هو ڏاڍو سهڻو هوندو

هو ۽ سدائين سندن منهن تي مُرڪ هوندي هئي . هو خيرپور سب ڊويزن جو S.D.M هو ۽ مان سندس زيردستي ۾ ڪم نہ ڪندو هئس پر جڏهن ميٽنگ مان نڪرندا هئاسين تہ هن سان مڙئي زور ڪري بہ ڳالهائيندو هئس ۽ هو بہ نهايت اخلاق سان اسان سان ڳالهائيندو ڪندو هو. هن لاءِ اهو بہ ٻڌڻ ۾ ايندو هو تہ ڪيس جا جوابدار ڪين چوندا هئا تہ ڪيس جي تاريخ ويجهي رکو. پوءِ شاهد اچن نہ اچن پر اوهان جو مُنهن تہ ڏسي ويندا ۽ هُو وري بہ پيو اهڙين ڳالهين تي مُرڪندو هو. منهنجي موڪل واري عرصي دوران منهنجي هڪ پاڙيسري محمد اسحاق لغاريءَ جي زمين جي باري ۾ اپيل ڪمشنر صاحب جن وٽ هلندڙ هئي ۽ هو ان سلسلي ۾ سکر ويندو هو تہ ڪمشنر صاحب جي P.A سان سندس ملڻ ٿيندو هو ۽ مونکي ڪڏهن ڪڏهن اچي اهو بہ ٻڌائيندو هو تہ ڪمشنر صاحب پنهنجي آفيس ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر (روينيو) جي پوسٽ خالي رکرائيندو اچي ۽ منهنجي نالي چوي ٿو تہ ان کي ان پوسٽ تي ئي رکائيندو. چار مهينا اها پوسٽ خالي پئي هئي (انسان ڇا بہ چاهي پر جيڪي الله پاڪ کي منظور هوندو. اهو ئي ٿيندو. مان صلوات شريف مڙئي پڙهندو رهندو هئس، جنهن جي صدقي الله پاڪ مڙئي مون تي مهرباني ڪندو هو). موڪل پوري ٿيڻ ۾ ٿورو عرصو بچيو هو. جو مان علي محمد شيخ صاحب (جيڪو ان وقت ميمبر بورڊ آف روينيو هو ۽ مون تي ڪافي مهربان هوندو هو). ان سان وڃي مليس ۽ ڪيس عرض ڪيم تہ مون کي دادوءَ ۾ ائڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر مقرر ڪرائي پر هو اتي ان وقت جي ائڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر مسٽر امداد علي شيخ تي بہ ڪافي مهربان پئي نظر آيو ۽ مون کي چيائين تہ دادوءَ ۾ نہ باقي چوين تہ حيدرآباد جي ڪمشنر صاحب کي چئي مون کي حيدرآباد ۾ ئي سٽي مئجسٽريٽ ڪرايان پر مون هن کي ڪو بہ جواب نہ ڏنو ۽ مان ماٺ ڪري واپس هليو آيس.

مان پوءِ عبدالحميد خان جتوئيءَ سان مليس ۽ ساڻس ساري حقيقت ڪيم. جنهن کلي طرح ٻڌايو تہ سندن هينئر نہ ٿي هلي ۽ ايترو بہ وڌيڪ چيائين تہ جيئن حيدرآباد جي ڪمشنر صاحب عبدالله ميمڻ کي اها بہ خبر نہ پوي تہ تنهنجو اسان سان ڪو واسطو بہ آهي. لياقت علي خان جتوئي بہ ان وقت ويٺو هو. جنهن چيو تہ هو محب الله شاهہ سان ڳالهائي جو هو ۽ ٻئي يونيورسٽيءَ ۾ گڏ رهيا آهن ۽ سندس هن سان سٺا لاڳاپا آهن پر مون کيس چيو تہ مان سکر ڊويزن ۾ ئي وڃڻ نٿو چاهيان. عبدالحميد خان بہ پوءِ چيس تہ جڏهن هي سکر ڊويزن ۾ ئي نہ ٿو وڃڻ چاهي تہ پوءِ محب الله شاهہ سان ڳالهائڻ جي ضرورت بہ ناهي.

مان پوءِ محمد هاشم ميمڻ صاحب جو ان وقت شايد تہ (M.D seed corporation) مئنيجنگ ڊئريڪٽر سيڊ ڪارپوريشن هو. انهيءَ سان مليس، جنهن پڻ مونکي منع ڪئي تہ محب الله شاهہ ڏانهن نہ وڃجان ۽ مسٽر عبدالله خان ميمڻ ڪمشنر حيدرآباد وٽس ايندو آهي، انهيءَ کي چئي منهنجو A.D.C Dadu جو آرڊر ڪرائيندو. جو آرڊر نڪتو ۽ مان دادوءَ 01.11.82 تي وڃي اتي چارج ورتي، جيڪو منهنجي نوڪريءَ جو آخري پوسٽنگ آرڊر رهيو ۽ دادوءَ مان ئي ائڊيشنل

ڊپٽي ڪمشنر جي عهدي تان 60 سال عمر پوري ٿيڻ (جا رٽائرمينٽ جي عمر هئي) تي 11.04.84 تي رٽائر ٿيس. مان جڏهن دادوءَ ۾ چارج ورتي تہ مسٽر فقير محمد خان ڏهر ڊپٽي ڪمشنر دادو هو.

لوڪل باڊيز جي چونڊن جي سلسلي ۾ حيدرآباد جي ڪمشنر صاحب جن وٽ ڊپٽي ڪمشنرن جي ميٽنگ سڏائي وئي هئي، جنهن لاءِ ڊپٽي ڪمشنرن کي هڪ پروفارما موڪليو ويو هيو تہ اهو پري ميٽنگ ۾ ڪٽي اچن، پر ميٽنگ ۾ اهو پروفارما تبديل ڪري ٻيو پروفارما ڊپٽي ڪمشنرن کي ڏنو ويو تہ اهو پري ٻئي ڏينهن تي ميٽنگ ۾ ڪٽي اچن.

انهيءَ ڏينهن مسٽر عبدالرشيد ميمڻ ڊپٽي سيڪريٽري صحت ڪاتو دادوءَ آيل هو جنهن جي رات جي مانيءَ جي دعوت ڊاڪٽر غلام سرور مستوئي سول سرجن دادو پنهنجي بنگلي تي ڪئي هئي ۽ ڊاڪٽر صاحب مونکي بہ ان دعوت ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ چيو هو. مان سول سرجن صاحب جي بنگلي تي ويس تہ جلد ئي مسٽر عبدالرشيد ميمڻ صاحب بہ آيو. ان وقت مون وٽ ڊپٽي ڪمشنر صاحب جو پٽيوالو بہ آيو ۽ چيائين تہ صاحب موصوف حيدرآباد مان فون ڪئي آهي تہ مان ساڻس سندس ڊائريڪٽ ڊائلنگ فون تان ڳالهايان. مان پوءِ سول سرجن وٽان اتي اچي ڊپٽي ڪمشنر صاحب سان سندس بنگلي واري آفيس مان فون تي ڳالهايو جنهن مونکي هڪ پروفارم ڊڪٽيٽ ڪيو ۽ چيائين تہ اهو پري صبح جو 7 وڳي کيس فون تي لکرايان. جنهن جي لاءِ ڪجهہ ڪاغذ سندن الماڙيءَ ۾ پيل آهن ۽ ٻيا ضروري گهربل تفصيل A.D.L.G جي آفيس مان وٺي پروفارم پريان. جنهن ڪري مان سول سرجن جن کي ٻڌايو تہ مون کي ضروري ڪم ٿي پيو آهي، انهيءَ ڪري مان دعوت ۾ شريڪ نہ ٿي سگهندس.

ڪجهہ گهربل رڪارڊ مان ڊپٽي ڪمشنر وٽ رکيل الماڙيءَ مان ڪڍيو ۽ پوءِ مرڪپور وڃي A.D.L.G جي آفيس جي واسطيدار ڪلارڪ کي وٺي اچي ڪانئس آفيس مان گهربل رڪارڊ ڪڍائي پاڻ سان گڏ بنگلي تي وٺي آيس ۽ ڪيس پروفارم ۾ تفصيل لکرائيندو ويس، جو صبح جو 5 وڳي ڌاري مس وڃي تيار ٿيو ۽ مان صبح جو 7 وڳي ڊپٽي ڪمشنر صاحب کي فون تي ڊڪٽيٽ ڪرايو.

آچر جو ڏينهن هو جو مان صبح جو ڪنهن پاسي وڃي رهيو هئس تہ آرمي هيڊڪواٽر خضدار مان فون آئي تہ سندن هڪ هيليڪاپٽر لاپتو ٿي ويو آهي، جيڪو شايد دادو ضلع ۾ ڪٿي لٿو آهي، سو انهيءَ کي لوڪيٽ ڪري (ڳولهرائي) کين ان بابت اطلاع ڪيان. مان پوءِ ڊي ايس پي غلام محدم ميمڻ کي چيو تہ ان جي جاچ ڪري ٻڌائي. هو پوءِ خيرپور ۽ ميهڙ تعلقن ۾ پنهنجي سر وڃي جاچ ڪري آيو پر ان حوالي سان خبر پيس تہ دادو ضلعي ۾ هيليڪاپٽر لٿو ئي نہ آهي. مان اهڙو اطلاع آرمي وارن کي خضدار ٻڌايو تہ هنن چيو تہ انهن کي خبر پئي آهي تہ اهو لاڙڪاڻي ضلع ۾ غٽبي ديري جي پاسي لٿو آهي.

مسٽر فقير محمد ڏهر ڊپٽي ڪمشنر صاحب روينيو ڪاتي ۽ ڪلارڪن جون جايون پئي پريون ۽ انهيءَ لاءِ آيل اميداورن کان انترويو وغيره بہ ورتا. دادوءَ ۾ منهنجي نياڻيءَ وٽ هڪ عورت

گهر ۾ ڪم ڪار ڪندي هئي، ان منهنجي نياڻيءَ کي سندس ڀاءُ محمد حسين کي ڪلارڪي ڏيارڻ لاءِ چيو، جنهن لاءِ مون کيس پڪ نہ ڏني، جو مان انهن معاملن ۾ ڊپٽي ڪمشنر سان ڪا گفتگو يا ڪنهن جي سفارش وغيره نہ ڪندو هئس ۽ ان باري ۾ هن جو سمورو وهنوار S.D.M دادو محمد رمضان چاچڙ جي معرفت ئي هلندو هو، باقي نياڻيءَ کي ايترو چيم تہ مان ڪوشش سندس ۽ جي وس هلي سگهيو تہ پوءِ مان محمد حسين کي ڪلارڪي ڏيارينداس.

مان آفيس ۾ رات جي ٽائيم وقت ڪم ڪري رهيو هئس تہ نور محمد پنهور شيخ آيو ۽ اچي پنهنجي هڪڙي ماڻهوءَ کي ڪلارڪيءَ ۾ ڪٽائڻ لاءِ چيائين ۽ 3000 روپيا (ٽي هزار روپيا) ڏيڻا ڪيائين پر مون کيس مشورو ڏنو تہ مان انهن معاملن ۾ نہ ايندو آهيان ۽ تون وڃي محمد رمضان چاچڙ S.D.M سان ملي تہ بهتر آهي، جو ڊپٽي ڪمشنر ڪم هن جي معرفت ئي ڪندو آهي، پر هن وري بہ منهنجي ٽيبل جي خاني ۾ 3000 روپيا رکي ڇڏيا. ائين ڪندي ڊپٽي ڪمشنر صاحب پنهنجي بنگلي تان فون ڪري پاڻ وٽ گهرايو. مان اتي پهتس تہ وٽس محمد رمضان خان چاچڙ S.D.M اڳ ئي وينو هو. ڊپٽي ڪمشنر صاحب مونکي چيو تہ تون ڪو هڪڙو نالو ڪلارڪي لاءِ ڏين تہ ان کي رکان. مون کيس ٻن جاين لاءِ چيو جو هن نہ مڃيو. مون کي هڪ طرف پنهنجي نياڻيءَ جو چوڻ ۽ ٻئي پاسي هئي 3000 رپين جي لالچ. آخر ان پئسن کي ٽڏي پنهنجي ضمير کي نہ وڪيو ۽ جنهن لاءِ منهنجي نيانيءَ چيو هو، ان محمد حسين لاءِ ڊپٽي ڪمشنر صاحب کي چيم، جنهن کي هن پوءِ ڪلارڪي جو آرڊر ڏنو. ڊپٽي ڪمشنر صاحب وٽان واپس اچي مون نور محمد شيخ کي سندس پئسا 3000 روپيا واپس ڏنا ۽ ساڻس وڏيڪ ڪا ٻي ڳالهہ نہ ڪئي ۽ ائين پوءِ هو بہ واپس هليو ويو.

M.R.D تحريڪ (جمهوريت جي بحاليءَ. لاءِ تحريڪ) شروع ٿي، جيڪا پوري سنڌ صوبي ۾ دادو ضلع ۾ ۽ ان ۾ بہ خاص ڪري ٽن تعلقن دادو، خيرپور ناٿن شاهہ ۽ ميهڙ تعلقن مان اٿي پر انهن ٽنهي تعلقن مان خيرپور ناٿن شاهہ ۾ وڏي جوش ۽ جذبي سان هلي رهي هئي، جنهن تحريڪ فوجي حڪومت کي بہ لوڏي ڇڏيو هو ۽ فوجي ظلم بہ انتها ڪري ڇڏي هئي، خاص طرح خيرپور شهر ۾ تہ ڏاڍا ورڪر قتل ڪيا ويا هئا، جتي فوجين ايريگيشن ريسٽ هائوس جي مٿان مورچا ناهي اتانن پڇندڙ ماڻهن کي بہ پنيءَ ۾ گوليون هڻي بہ ماريو نہ رڳو ايترو پر گڏوگڏ پرتي ٻنين ۾ ڪم ڪندڙ ڪجهہ عورتن بہ فوجين جي گولين جو ڪاڄ بنجي ويون هيون. ڪيترائي ورڪر گرفتار ڪيا ويا، جن مان ڪن کي ڦاسي ڏني وئي ۽ گهڻن ورڪرن کي ڦٽڪا بہ هنيا ويا تہ اهي ورڪر ڦٽڪن کائيندي بہ "جيئي پٽو" جو نعرو هڻي رهيا هئا. فوجي جنتا پُٽي صاحب جي اهڙي وڏندڙ مقبوليت کان خائف ٿي ڦٽڪا هڻائڻ ئي بند ڪري ڇڏيا هئا.

دادوءَ ضلع کي ان وقت "ٻيو ويٽنام" ڪري سڏيندا هئا، ائين بہ ٻڌڻ ۾ آيو هو تہ فوجي حڪومت پنهنجن نقشن ۾ ضلع دادوءَ کي ڳاڙها گول دائرا ڏئي ڇڏيا هئا، جي خطري جي علامت هئا.

جيڪي ورڪر گرفتار ٿيندا هئا يا پاڻ اچي گرفتاريون پيش ڪندا هئا تہ هر هڪ ورڪر جو مڪمل تفصيل نالو ذات توڙي سندس جنهن پارٽيءَ سان وابستگي هوندي هئي اهي سڀ تفصيل روازنو ائڊيشنل ڪمشنر مسٽر شاهد نزير کي حيدرآباد فون تي ڏنو ويندو هو. اهي ورڪر تہ مڙئي سڀ پ پ سان وابستہ هئا، باقي ايڪڙ ٻيڪڙ ڪو عوامي تحريڪ جو هيو تہ هو باقي ڪو بہ ورڪر ڪنهن ٻي پارٽيءَ جو نہ هوندو هو. پاڪستان ۾ عوام جي هلايل تحريڪ اها M.R.D ئي چئي سگهجي ٿي، باقي ٻيون جيڪي بہ نام نهاد تحريڪون هيون، اهو خالص استئبلشمينٽ جون هيون. ميان عبدالرحمٰن خان سومرو صاحب (مسٽر خالد محمود سومري جو والد صاحب هڪڙي ڏينهن سج لٿي ڏاري مون وٽ آيو هو جڏهن بہ دادو ايندو هو تہ پنهنجي نياڻي مسٽر غلام نبي سومري وڪيل صاحب وٽ ترسندو هو، پر ان ڏينهن ڪلاڪ کن ڪانپوءِ چيائين تہ اڄ رات مون وٽ ئي رهندو، جو ڪيس صبح جو آرميءَ وارن گهرايو آهي. مون کين چيو تہ پلي ترسو. پوءِ رات جي ماني بہ مون وٽ ڪاڏائين ۽ صبح جو ناشتو ڪري آرمي وارن ڏانهن سندن بنگلي (ايريگيشن بنگلي) تي ويو ۽ انهن سان ملي مون کي اچي ٻڌايائين تہ هو فوج وارن سان ملي آيو آهي ۽ هاڻي ڳوٺ پيو وڃي. هن جي وڃڻ بعد محمد حسن مهيسر وڪيل ۽ ان سان گڏ ٻيو ڄڻو بہ مون وٽ آيا ۽ چيائون تہ ميان صاحب ٻڌو اٿئون تہ رات تو وٽ ترسيو هو، مون کين چيو تہ هائو ۽ صبح جو آرمي وارن سان ملي آيو هو ۽ ٻڌايائين تہ هو هاڻي ڳوٺ پيو وڃي. پوءِ ٻئي ڄڻا ويا هليا.

هڪڙي ڏينهن حاجي پير بخش مونکي فون ڪئي تہ S.D.M محمد رمضان چاچڙ جي ڪورٽ ۾ ڪنهن ڪيس ۾ هڪڙو جوابدار آهي. ان لاءِ چوانس تہ سندس ضامن ڪٽي. مون چاچڙ صاحب کي فون ڪئي پر هن چيو تہ D.M صاحب جن جي منع آهي. مان وڌيڪ ڪيس ڪجهہ نہ چيو ۽ حاجي صاحب کي ٻڌايم تہ چاچڙ صاحب چوي ٿو تہ D.M صاحب جي منع ٿيل آهي. ڪلاڪ کن بعد حاجي پير بخش فون ڪري ٻڌايو تہ جوابدار کان پئسا وٺي چاچڙ صاحب سندس ضامن ڪٽي ڇڏيو آهي. مان حاجي صاحب کي چيو تہ منهنجو وس هو هن کي چوڻ، باقي ٻيو مان ڇا ٿو ڪري سگهان! بہ چار ڏينهن گذريا تہ هڪڙي ڪيس ۾ پير مظهرالحق وڪيل جي هڪڙي جوابدار جي ضامن ٿيڻ بابت درخواست ڏنل هئي ۽ جنهن ڏينهن ان درخواست تي آرڊر ڪرڻو هو، ان تاريخ تي پير مظهر پاڻ نہ آيو پر سندس جونيئر وڪيل آيو هو. ان وقت مون وٽ مسٽر غلام نبي سمورو وڪيل بہ ويٺو هو ۽ مان جوابدار جو ضامن ڪٽڻ جو ارادو بہ ڪيو هو تہ ائين ڪندي چاچڙ صاحب S.D.M ان ساڳي جوابدار جي ضامن ڪٽڻ لاءِ فون ڪئي. مون پير مظهر جي جونيئر کي چيو تہ پير صاحب کي ٻڌائجان تہ ضامن اڄ ڪٽان ها پر جيئن تہ S.D.M چاچڙ بہ ضامن ڪٽڻ لاءِ فون ڪئي آهي، انهيءَ ڪري اڄ ضامن نہ ٿو ڪٽان ۽ انشاءَالله سڀاڻي ڪٽندس. پوءِ هو پير صاحب جو جونيئر هليو ويو.

وڪيل مسٽر غلام نبي سومري چيو تہ چاچڙ صاحب کي اهو ٻڌايان، مان کيس چيو تہ پلي وڃي ٻڌائينس ۽ هن پوءِ اها ڳالهہ چاچڙ صاحب S.D.M کي ٻڌائي، جنهن مونکي فون ڪئي تہ

سنگت ۾ ميار ۽ اوهان تي ڏنڊ آهي. مان ڪيس چيو ته ڇا جي ميار! ڇا جو ڏنڊ؟! تو ڪهڙو منهنجي چوڻ تي ڪم ڪيو هو ۽ مان پوءِ فون رکي ڇڏي.

سيپٽمبر 1983 ۾ صدر ضياءَ الحق جڏهن دادوءَ هو ته D.M صاحب مونکي چيو ته آرمي پاران ڪرنل باجوا ۽ سول ائڊمنسٽريشن پاران مان هن کي رسيو ڪنداسين. جنهن وقت صدر صاحب آيو ته پهريائين ڪرنل باجوا ساڻن هٿ ملايو. ان بعد مون ساڻس هٿ ملايو ته مون صدر کي ڪرنل باجوا کي ايترو چوندي ضرور ٻڌو ته آرمي جو بندوبست صحيح ناهي. ايتري ۾ گورنر عباسي صاحب، چيف سيڪريٽري صاحب A. Sami Qureshi ڪمشنر صاحب ۽ ٻيا به پهچي ويا. چيف سيڪريٽري صاحب مون کان پڇيو ته هاڻي ڪٿي آهين ته مون کيس ٻڌايو ته هتي A.D.M آهيان، (A.Sami Qureshi) صاحب مونکي چڱيءَ طرح سڃاڻيندڙ هو جو جڏهن هو لاڙڪاڻي ۾ ڊپٽي ڪمشنر هيو ته مان سندس زيردست H.V.C تي رهيو هيس ۽ اپيلن جي سلسلي ۾ وٽن گهڻو وڃڻ هوندو هو. وري جڏهن خيرپور ۾ ڪمشنر هيو ۽ مان ميرواهه ۽ گمبٽ ۾ مختيارڪار هئس، تڏهن به تي چار دفعا وٽن وڃڻ ٿيو هو. خير مان ته صدر صاحب کي رسيو ڪري آفيس موٽي آيس ته متان ڪا فون نه اچي ۽ بنگلي تي ڊپٽي ڪمشنر صاحب (جيڪو هيلي پئڊ تان صدر سان گڏ آيو هو ۽ S.D.M محمد رمضان چاچڙ بنگلي تي موجود هئا، صدر صاحب جي اچڻ بعد هڪدم ايريگيشن بنگلي جي ٻاهران روڊ تي ماڻهن جو وڏو انبوهه گڏ ٿي ويو ۽ نعرا هڻڻ لڳا. جنهن تي سيڪيورٽي عملي ان کي ڏسي پري ڪري ڇڏيو ۽ روڊ خالي ڪرائي بنگلي ڏانهن ڪنهن کي به اچڻ نه پئي ڏنو. ماڻهن جي هنگامي ۽ گوڙ ڪري ٻڌڻ ۾ آيو ته ان وقت جي S.P آغا خادم حسين کي دؤرو به پئجي ويو هو.

مان آفيس ۾ ويٺو هئس ته مون کي A.D.M حيدرآباد فون ڪئي ته اسان خاص ماڻهوءَ سان صدر جي پروگرام جي سلسلي ۾ ڪجهه ڪاغذ موڪليا آهن، اهي صدر صاحب جي اتان رواني ٿيڻ کان اڳ اتي پهچائي ڏجو. مون پوءِ نور احمد ڪلارڪ کي اهي ڪاغذ ڏنا ته وڃي بنگلي تي پهچائي اچي. هن موٽڻ ۾ ڪجهه دير ڪئي ته مون کيس پئي ڪلارڪ هٿان نياپو موڪليو ته آرمي وارن کي چوي ته S.D.M کي اندارن سڏائي وٺن ته ان کي هي ڪاغذ جيڪي صدر صاحب جي پروگرام بنسبت ۽ ضروري آهن سي هڪدم پهچائڻا آهن، ته اهي S.D.M کي ڏيان، جو پوءِ پاڻ ئي اندر واسطيدار آفيسر کي ڏيندو هو پوءِ ائين ڪاغذ S.D.M کي ڏئي آيو.

صدر صاحب پنهنجو ترسڻ (Stay) مختصر ڪري واپس پئي آيو ته جيمخانه ۽ S.P جي بنگلي آفيس جي موڙ وٽ بينل ٽرئفڪ جمعدار سيٽي وڄائي، ان موڙ وٽ اڳ ۾ ئي جڳهه سوڙهي هوندي هئي ۽ موڙ جي ڪري گاڏي ن ٿوري رفتار گهٽ ڪري موڙ ڪٽيندي هيون. انهيءَ موڙ وٽ گاڏيون اچڻ شروع ٿيون ته جنهن رستي سان صدر صاحب واپس وڃي رهيو هو، ان رستي سان سول اسپتال کان هڪڙو رستو اچي ان سان ملندو هو، پر اتي نه ڪو سپاهي يا ڪو فوجي ئي موجود هيو پر

اتي ڪجهه عام ماڻهو اچي گڏ ٿيا هئا، جن ٽائرن کي باهيون ڏئي وچ رروڊ تي اڇلائي ڇڏيا هئا. انهيءَ ڪري Pilot Jeep مان انسپيڪٽر لهي اهي ٽائر روڊ تان هٽايا پئي ته پويان صدر صاحب واري ڪار ۽ ٻيون سڀ گاڏيون ٿورو ٽائيم بيهي رهيون ۽ رستي صاف ٿيڻ تائين گاڏين جي رڪجي بيهڻ تي اتي موجود ماڻهو جيڪي صدر تي ڪاوڙيل ته اڳ ۾ ئي هئا، انهن ڪيس بجا ڏنا، (صدر جا ڪرنل باجوا کي چيل اکر ته آرميءَ بندوبست صحيح ناهي ڪيو سي ثابت ٿيا)، اهڙي تصديق سيشن ڪورٽ جي ڪلارڪن جيڪي روڊ تي بيٺا هئا، انهن به پئي ڪئي، جو سيشن ڪورٽ ان رستي تي ئي آهي).

ان دوران ڪراچيءَ مان ڊپٽي سيڪريٽري هوم ڊپارٽمينٽ (گهرو ڪاتي) مون کان فون تي پڇا ڪئي ته پريزيڊنٽ صاحب جن جي ڪار رڪجي وئي هئي ڇا؟ جنهن تي مون کين ٻڌايو ته رڪي ضرور هئي پر ٿورو وقت! صدر صاحب پوءِ پوليس لائين مان هيليپئڊ تان هيليڪاپٽر ۾ روانو ٿي ويو. ڏاڙيل فئڪٽر پيدا ٿيڻ صدر صاحب جي ٿيل بي عزتيءَ جو رد عمل آهي، جيڪو اڄ تائين هلي پيو ۽ روز بروز وڌندو وڃي ٿو، جنهن جي شروعات مرڪزي حڪومت جو نمائندو مقرر ڪري ان کان ڪرائي وئي، جنهن سڪر سينٽرل جيل مان 100 کن سنگين ڏوهن جا جوابدار سزا يافته پاڻ ڀڄرايا ۽ ايم ڪيو ايم کي نه رڳو جنم ڏنو ڪروڙين رپيا چندو به ڏياريو. پر انهن جي تنظيم حڪومت کي سدائين بلئڪ ميل ڪري پنهنجا مقصد پورا ڪندي رهي ٿي ۽ ناجائز مطالبا مڃرائيندي اچي ٿي ۽ سنڌين جي ڪٽر دشمن بڻجي وئي آهي ۽ ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد ۾ سندن مڪمل ڪنٽرول ٿي ويو آهي ۽ سڪر، نوابشاهه، ميرپورخاص ڏانهن به وڌي رهي آهي ۽ انهن ئي منصوبن تي ڪم ڪري رهي آهي، جيئن سنڌين کي سندن صوبي ۾ ئي اقليت ۾ تبديل ڪيو وڃي. (سنڌ جو وڏيرو ڪلاس ۽ اسان جا سنڌي حاڪم ڪجهه سوچن، نه ته غريب عوام سان گڏ سندن حشر به نهايت برو ٿيندو).

(ڪرنل باجوا مون کي ٽي چار دفعا فون ڪئي ته هن صدر صاحب سان هٿ ملايو هو ته ان فوٽوءَ جي ڪاپي ڪيس به ڏيان پر مان ڪيس چيو ته مون کي ته خبر ڪانهي ته اهو فوٽو نڪتو به هو يا نه ۽ اوهان ان باري ۾ انفرميشن آفيسر سان ڳالهايو ۽ ان کان معلوم ڪيو، ان بعد هن وري مون کي فون نه ڪئي).

مان دادوءَ ۾ A.D.M هئس ته مسٽر ناظم حسين صديقي صاحب اتي سيشن جج هو، هن مون کي هڪڙي مهاجر جي زمين جي سلسلي ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ چيو ته مون فائيل وٽن ڪڍي وڃي ڪيسن ڏيکاريو ۽ چيو ته هن جو ڪم ٿيڻ جوڳو ناهي، هن پوءِ وڏيڪ زور نه ڀريو، هُو چيف جسٽس آف پاڪستان ٿي رٽائرڊ ٿيو.

فريد آباد جي وزيري علي نواز ڏيري ۽ ڀرپاسي جي ڳوٺاڻن جون شبير احمد چانڊئي جي تر تپائي ڏيڻ خلاف D.M کي شڪايتون پهتيون هيون ته هو رهزن شرفو چانڊيي کي ساڻ ڪڍي ماڻهن کان زوريءَ پيتو وصول پيو ڪري ۽ انڪار ڪرڻ تي کين مالي خواهه جاني نقصان پهچائڻ جون

ڏمڪيون پيو ڏئي، انهيءَ ڪري هن ظالم کان ڇوٽڪارو ڏياريو وڃي. D.M محمد شريف صاحب پاڻ ذاتي طرح وڃي انڪوائري ڪئي ۽ خاطري ڪئي ته برابر شبير احمد چانڊيي جو خلق سان واقعي ڏاڍو آزار آهي، انهيءَ ڪري ميهڙ جي ڊي ايس پي دودا خان کي چيو ته شبير احمد چانڊيي کي گهرائي ميهڙ ٿاڻي تي بند ڪري ويهاري ته هو ان جو M.P.O هيٺ نظر بند ڪرڻ (Detintion order) جو آرڊر ڏيندو. ميهڙ پوليس پوءِ شبير احمد چانڊيي کي وٺي اچي ٿاڻي تي ويهاري ڇڏيو.

D.M صاحب هر مهيني امن امان جي صورتحال تي نظر رکڻ لاءِ ضلع ۾ پوليس آفيسرن ۽ انچارج انسپيڪٽر پوليس اسٽيشن کان وٺي، ڊي ايس پيز ۽ ايس پيءَ) جي ميٽنگ سڏائيندو هو. جنهن ۾ ٻيا مئجسٽريٽ ڪونه گهرايا ويندا هئا، باقي A.D.M ان ميٽنگ ۾ ويهندو هو. هڪڙي ڏينهن اهڙي ميٽنگ هلندي فون آئي، جا D.M صاحب اٿينڊ ڪري غلام قادر مهر S.P کي فون ڏني ته اوهان جي فون آهي. S.P سان بشير احمد صديقي صاحب I.G (انسپيڪٽر جنرل آف پوليس) فون تي ڳالهايو. ايس پي صاحب فون تي ڳالهائڻ بعد دودا خان ڊي ايس پي ميهڙ کي چيو ته I.G صاحب چوي ٿو ته شبير احمد چانڊيو ڏوهاري ماڻهو نه آهي ۽ ان کي ڇڏي ڏيو. جنهن تي D.M صاحب S.P صاحب کي چيو ته هن پاڻ جاچ ڪئي آهي ۽ شبير احمد کي آزاد نه ڪجو ۽ مان اوهان کي هن جو M.P.O هيٺ Datention order ڏيان ٿو. S.P پوءِ خاموش ٿي ويو.

جيئن ئي ميٽنگ ختم ٿي ته D.M صاحب مونکي چيو ته شبير احمد چانڊيو خلاف ٻن مهينن لاءِ M.P.O هيٺ Datention order ناهي موڪل، جو مون ڏانهس ناهي موڪليو ۽ هن اهو آرڊر صحيح ڪري پوليس ڏانهن ڏياري موڪليو. جنهن آرڊر تحت پوليس شبير احمد چانڊيي کي جيل اماڻي ڇڏيو. مهينو کن گذريو ته رات جو 11 بجي ڌاري D.M صاحب فون ڪئي ته شبير احمد چانڊيي وارو فائيل کيس ڏياري موڪل ۽ اهو به پڇيائين ته هو Datention order وٽ ڊرا (واپس) ڪري سگهي ٿو. مون کيس چيو ته ها واپس ڪري سگهو ٿا. مان پوءِ ڊرائيور کي چيو ته جيپ تي چڙهي نور احمد ڪلارڪ کي وڃي چئو ته شبير احدم چانڊئي وارو فائيل کڻي D.M صاحب جن ڏانهن وڃي. مان پوءِ D.M صاحب جي P.A کان پڇيو ته صاحب وٽ هن وقت ڪير وينو آهي، جنهن ٻڌايو ته نوابزاده سلطان احمد خان چانڊيو وينو اٿس. D.M صاحب آرڊر واپس نه ورتو ۽ بشير احمد چانڊيو کي M.P.O هيٺ ٻه مهينا (Detain) جيل اماڻي ڇڏيو. (بشير احد صديقي صاحب لاڙڪاڻي ۾ S.P ٿي رهي ويو هو ۽ نوابزاده سلطان احمد خان چانڊيي سان ان دور کان وٺي سندس ويجها لاڳاپا هئس).

ڪجهه مهينا اڳ مون اخبار ۾ پڙهيو هو ته محمد شريف صاحب جي سندس گزري واري بنگلي جي رنگ جو ڪم پئي هليو ته چور اندر بنگلي ۾ گهڙي 500000 روپيا (پنج لک روپيا) نقد، هڪ ريپيٽر ۽ ٻيا هٿيار وغيره چوري ڪري ويا هئا. مان سمجهان ٿو ته اها شبير احمد چانڊيي جي ئي انتقامي ڪارروائي هوندي، جو ڪيس محمد شريف صاحب دادو ۾ D.M هئڻ وقت 2 مهينا M.P.O

هيٺ حراست ۾ رکيو هو. (وڏيڪ الله پاڪ ئي ڄاڻي ٿو) پر منهنجي ڀاڻيج امان الله ٻڌايو ته محمد شريف صاحب کيس ٻڌايو هو ته اها چوري سندس عزيزن ڪرائي، جيڪي پوءِ ميڙ وٺي آيا ۽ هن انهن کي بخش ڪري ڇڏيو.

1983 ۾ يونين ڪائونسل جون چونڊون ٿين پيون، ميهڙ تعلقي جي مختيارڪار پنهنجي تعلقي ۾ پولنگ اسٽيشن مقرر ڪرڻ جي لسٽ ڏياري موڪلي ته هڪ ڏينهن لياقت علي خان جتوئي آيو ۽ لسٽ ڏسي 6 پولنگ اسٽيشون تبديل ڪري ڏيڻ لاءِ چيو. جنهن تي مان لسٽ مختيارڪار ميهڙ کي واپس موڪلي ۽ فون تي چيو ته هي 6 پولنگ اسٽيشنون تبديل ڪري لياقت علي جتوئي جون ڏنل پلنگ اسٽيشنون انهي جي جاءِ تي تجويز ڪري موڪلي، هن پوءِ لسٽ ان موجب درست ڪري موڪلي. ٻئي ڏينهن تي عبدالله خان مهيسر ۽ محمد صالح خان ٻٽ ٻئي ڄڻا آيا ۽ چيائون ته ڪجهه پولنگ اسٽيشنون تبديل ڪرايون اٿوَ جنهن تي مون کين ٻڌايو ته لياقت علي جتوئي 6 پولنگ اسٽيشنون تبديل ڪرائي ويو آهي. هن پوءِ لسٽ ڏسي چيو ته اهي 6 پولنگ اسٽيشنون شروعاتي لسٽ واريون ئي مقرر ڪرايو جنهن تي مون کين وراڻيو ته 6 نه باقي ڪهڙيون به انهن ڇنهن مان ٿي ڇئو ته اهي ساڳيون بحال ڪرايان. هو پوءِ اهي 3 تبديل ڪرڻ لاءِ چئي ويا، پر پوءِ اليڪشن جو بائيڪاٽ ڪيو ويو هو. جنهن بعد مٿان کان آيل هدايتن موجب هر يونين ڪائونسل جي هر سيٽ تي ميمبرن جي نامزدگي شروع ڪئي وئي ۽ جنهن جنهن سيٽ تي جنهن جي به اڳ ۾ درخواست ملندي پئي وئي، ان کي ان سيٽ تي نامزد ڪيو پئي ويو ۽ ائين جن به اليڪشن جو بائيڪاٽ ڪيو اهي وڏي نقصان ۾ رهيا، جو سرڪار ته پنهنجو ڪم ڪري وئي.

منهنجي رٽائرمينٽ ۾ باقي 15_20 ڏينهن رهيا هئا، جو لياقت علي خان جتوئي پيٽرول پمپ منظور ڪرائڻ جون به درخواستون کڻي آيو ته سفارش ڪري ڏيو. جو اعجاز علي جتوئي سندس ڀاءُ چيو اٿس ته درخواستون سفارش ٿي اچن ته هو پيٽرول پمپ منظور ڪرائيندو (هو ان وقت سينيٽر هو). هڪ درخواست موري ٻاءِ پاس وٺ ۽ ٻي دادو_ لاڙڪاڻا روڊ تي پيٽرول پمپ لاءِ هئي. مان لياقت علي جتوئيءَ کي چيو ته اوهان درخواستون ڏئي وڃو ۽ مان ڊپٽي ڪمشنر صاحب جن ڏانهن اهي موڪليان ٿو پر هن چيو ته ڊپٽي ڪمشنر صاحب سندن ڪم نه ڪندو ۽ مان For Dy:comm. صحيح ڪري سفارش ڪري ڏيان. هو پوءِ درخواستون مون وٽ رکي هليو ويو. ڪلاڪ _ ڏيڍ کن بعد وري عبدالحميد خان جتوئيءَ به فون ڪئي ته درخواستون مان For Dy:comm. ڪري سفارش ڪري ڏيان. پوءِ ٻئي درخواستون سفار ڪري For deputy commissioner صحيح ڪري کين ڏنيون ۽ اعجاز علي جتوئي سينيٽر ٻئي پيٽرول پمپ منظور ڪرايا. (مان درخواستون سفارش ڪرڻ جو مجاز نه هئس پر عبدالحميد خان جتوئيءَ جي سر ڪري ويندي وقت ايئن ڪيم).

منهنجي رٽائرمينٽ تي مسٽر مير محمد پرهياڙ S.D.M سيوهڻ ۾ منهنجي دعوت ڪئي، ان دعوت ۾ مسٽر تاج محمد قريشي صاحب جيڪو اڳ دادوءَ ۾ D.M ٿي رهيو هو ۽ مان سندن زيردست

A.D.M هئس، ان وقت هُو ڪين ڪمشنر (Cane commissioner) هو ۽ سيوهڻ دوري تي آيل هو اهو به ان دعوت ۾ شريڪ ٿيو هو جنهن مونکي چيو ته محمد علي جيڪڏهن خانگي نوڪري ڪرڻ چاهين ته سندس ڀاءُ آفتاب احمد قريشي ڪراچي سروسز هاسپٽل ۾ سول سرجن آهي، انهيءَ کي چئي وٺرائي ڏيانءِ، پر مون کين چيو ته حال في الحال ڪو اهڙو ڪو ارادو نه آهي.

ائين مون روينيو ڪاتي ۾ 15.06.49 کان ڪلارڪي سان نوڪري شروع ڪري الله پاڪ جي فضل وڪرم سان A.D.M/S.D.M جي عهدي تائين پهچي 11.04.84 تي پنهنجي عهدي جي چارج مسٽر محمد صديق ميمڻ S.D.M دادوءَ جن کي ڏئي خير خوبيءَ ۽ عزت سان رٽائر ٿيس، جو ان وقت منهنجو عيوضي مقرر ڪونه ٿيو هو پر بعد ۾ مسٽر محمد بخش سومرو (وينل لاڙڪاڻو) A.D.M دادو مقرر ٿيو. مان الله تبارڪ وتعاليٰ جا لک شڪر ادا ڪريان جو منهنجن سخت مخالف آفيسرن عبدالعليم عقيلي صاحب A.D.M، محمد صالح ميمڻ صاحب ڊپٽي ڪمشنر، ضيغم حسين موسوي صاحب ڊپٽي ڪمشنر صاحب ۽ سيد محب الله صاحب ڪمشنر صاحب جن آڏو پيش نه پورايو ۽ منهنجي عزت ۽ خودداري برقرار رکي.

هڪڙي دفعي ذوالفقار علي پُٽي جي لاڻل سرڪاري آفيسرن جو ذڪر نڪتو ته چار پنج ڄڻا جيڪي موجود هياسين، انهن ۾ هڪ به ايريگيشن ڪاتي جا ايگزيڪٽو انجنيئر صاحب به ويٺا هئا. جن مان هڪڙي انجنيئر صاحب چيو ته انجنيئري ڪاتي جا آفيسر بنسبت روينيو آفيسرن جي تمام گهڻا ڪڍيا ويا آهن، جنهن تي مون کيس چيو ته لطيف آباد حيدرآباد ۾ سڀ بنگلا ته انجنيري ڪاتي وارن آفيسرن صاحبن جا ئي آهن ۽ ڪنهن روينيو آفيسر جو ڪو اتي بنگلو آهي؟! جنهن تي هو خاموش ٿي ويو. هتي ايريگيشن ڪاتي جي آفيسرن جو انجنيئرن، سپرنٽينڊنگ انجنير وغيره جو به ٿورو ذڪر ڪرڻ مناسب آهي.

مان 1962 ۾ شاهجهان ايس ـ ڪريم اسسٽنٽ ڪمشنر صاحب قمبر سب ڊويزن جن وٽ هيڊ منشي هئس ته صاحب موصوف جن کي وارهه برانچ جي پڇڙيءَ وارن ڪاتيدارن کان شڪايتون مليون ته منڊ وارا آبادگارماندول ڀڃائي وڏيڪ پاڻي ڪٽي وڃن ٿا، انهيءَ ڪري پڇڙيءَ وارن آبادگارن جا فصل سڪي رهيا آهن ۽ ڪيتري زمين ته مورڳو آباد ڪرڻ کان ئي رهجي وڃي ٿي. اسسٽنٽ ڪمشنر صاحب جن پنهنجي سر ماڊول چيڪ ڪرڻ هليو. ڏينهن به ڏاڍا گرم هجن، بهرحال هو هليو ۽ مونکي به پاڻ سان وٺي هليو ۽ ايريگيشن ڪاتي جي واسطيدار ملازم کي به رڪارڊ جنهن ۾ هر هڪ واٽر ڪورس جي ماڊول جي لاءِ مقرر ٿيل پاڻي (Designed Discharger) سوڌو پاڻ سان وٺي هليو. لڳ ڀڳ 25 سيڪڙو يا ان کان به وڏيڪ ماڊول چيڪ ڪيائين، جيڪي سڀ جا سڀ ڀڳل هئا ۽ رڪارڊ ۾ ڄاڻايل مقرر پاڻيءَ کان (Designed Discharger) کان وڏيڪ پاڻي وهائي رهيا هئا. صبح جو سويل جيئن مان آفيس ۾ پهتس ته مسٽر محمد حسن نارائي ايگزيڪيٽو انجنيئر وارهه ڊويزن مون وٽ آيو ۽ چيائين ته اسسٽنٽ ڪمشنر صاحب جن کي سندس پارٽ ڪيان ته جيئن هن

جي خلاف رپورٽ نہ ڪڍي، باقي صاحب موصوف کي S.D.O لاءِ ڀلي جيڪا بہ رپورٽ وٺي اُها ڪڍي. مان پوءِ صاحب جن کي اها حقيقت ٻڌائي ۽ صاحب موصوف تارو ڪري ويس.

مسٽر شير محمد بلوچ صاحب اولهہ پاڪستان جو آبپاشي سيڪريٽري ٿي رهيو هو جنهن کي پڻ پُٽي صاحب جن نوڪريءَ مان برطرف ڪيو هو ۽ سندس پٽ عالم خان بلوچ بہ ايريگيشن کاتي ۾ ئي آفيسر هيو. شير محمد بلوچ صاحب منهنجو ڪراچيءَ ڪاليج واري وقت کان واقف هيو جو هو شايد S.S.E جو امتحان ڏيڻ آيو هو ۽ ساڳي ڪلب ۾ ماني کائيندا هئاسين. ان دادو ضلعي ۾ سيوهڻ تعلقي ۾ زمين (Cattle Farm) لاءِ 5000 ايڪڙ الاٽ ڪرائي هئي ۽ ان سلسلي ۾ ايندو هو تہ مون وٽ ضرور ايندو هو ۽ مان ان وقت دادوءَ ۾ ائڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر هئس.

بلوچ صاحب جن جي پنهنجي زباني جو مون کي ٻڌايائين تہ سندس پٽ عالم خان بلوچ کي 500 مينهن جو فارم آهي ۽ سندس خواهش آهي تہ 1000 مينهن جو فارم ڪري! عالم خان بلوچ بہ سنڌ جو آبپاشي سيڪريٽري ٿي رهيو هو جنهن کي زمينن جي تڪرار تان سندس مخالفن قتل ڪري ڇڏيو. اسان جي هڪ پري جي مائٽ مسٽر محمد سچل شيخ رٽائرڊ سپرنٽينڊنٽ انجنيئر رٽائرڊ ٿيڻ بعد قاسم آباد ۾ پنهنجي نياڻي کي ميڊيڪل اسٽور کولائي ڏنو هو ۽ پاڻ بہ وندر خاطر اتي ويهندو هو ۽ مان بہ هن کان دوائون وٺڻ ويندو هئس تہ ڪجهہ وقت ويهي ڪچهري بہ ڪندا هئاسين. هن جو چوڻ هو تہ هو هڪ پئٽرول پمپ خريد ڪرڻ چاهي پيو ۽ پيٽرول پمپ جي مالڪ جي گهر 60 لک روپيا هئي. هو ان رقم ۾ وٺڻ لاءِ بہ تيار هيو پر سودو پڪو ڪرڻ لاءِ بيانو وغيره ڏيڻ کان اڳ مسٽر سردار احمد خان مغل، رٽائرڊ چيف انجنيئر (جو شايد سندس آفيسر ٿي رهيو هجي) سان صلاح مشورو ڪيائين، جنهن چيو تہ سڄي عمر رشوت کائي کائي هاڻي هي وري ڪهڙو بي ايمانيءَ جو ڌنڌو شروع ڪرڻ چاهين ٿو جنهن تي هن اهو پيٽرول پمپ خريد نہ ڪيو. (مان هن تي پنهنجي طرفان رشوت جو الزام نہ ٿو هڻا پر سندس مون سان ڪيل زباني بيان ڪيو آهي).

ڪراچيءَ ۾ ڪاليج جي زماني ۾ جيڪي انجنيريءَ جا شاگرد هئا، انهن مان ڪن ٿورن ئي انجنيئرن ، سپرنٽينڊنگ انجنيئرن ۽ چيف انجنيئرن سان منهنجي نوڪريءَ دوران ملاقات ٿي هوندي، پر مان انهن جي بہ ذاتي معاملن جهڙوڪ رشوت وغيره جي ڄاڻ نہ ٿو رکان ۽ انهيءَ ڪري انهن جو ذڪر ڪرڻ مناسب بہ نٿو سمجهان. البت هڪ چيف انجنيئر مسٽر محمد هاشم ميمڻ صاحب (ويٽل ضلع نوابشاهہ) لاءِ نہ رڳو عام مشهور هو تہ هو سڄي سروس ۾ ايماندار آفيسر ٿي رهيو پر ان سان منهنجي ڪيترائي ڀيرا ملاقات بہ ٿي، جنهن آڌار مان بہ خاطريءَ سان چئي سگهان ٿو تہ هو واقعي بہ ايماندار آفيسر هيو. ڇاڪاڻ جو جڏهن هو لاڙڪاڻي ۾ سپرنٽينڊنگ آنجنيئر ٿي آيو هو تہ مان ڪليڪٽر صاحب جي آفيس ۾ هئس تہ هن سان چڱا ڀيرا آفيس ۾ ملاقات ڪرڻ ويو هئس، مون هميشہ هن کي سادگيءَ واري لباس ۾ ڏٺو ۽ جڏهن هو سکر ۾ چيف انجنيئر هو تڏهن مان S.D.M هئس تہ هن سان ملڻ ٿيندو هو. تڏهن بہ مان ڪيس هميشہ ئي سادگيءَ لباس ۾ ڏسندو هئس. هڪ

دفعي تہ مان سکر ۾ ساڻس بنگلي تي ملاقات لاءِ بہ ويس، هن چانهہ پياري تہ ڪوپ بہ سادي چينيءَ جا هئا، (بيشڪ هن آفيسر صاحب پنهنجي عاقبت سنواري ڇڏي). مان هتي اهو واضح ڪيان تہ مان بہ انجنيئرنگ ڪاليج ڪراچيءَ (N.E.D college) ۾ پهرين سال F.E پڙهيو هئس، انهيءَ ڪري ان ڪاليج جي ٻين شاگردن سان واقفيت تي ٿئي هئي ۽ ڪي تہ منهنجا ڪلاس فيلوز بہ رهيا هئا ۽ گهڻا تہ ساڳي هاسٽل ۾ رهندا هئاسين ۽ ساڳي ڪلب ۾ ماني کائيندا هئاسين پر مان امتحان ۾ فيل ٿيس ۽ انجنيئري ڪاليج ڇڏي وڃي D.J college مان انٽر سائنس ڪري انجنيئريءَ ۾ داخلا ورتي هئي، اتان ئي وري B.Sc ڪئي هئم. مان الله تبارڪ وتعاليٰ جو شڪر ٿو ڪيان جو انجنيئري پڙهڻ ڇڏي ۽ پنهنجي روينيو کاتي ۾ ڪيل نوڪريءَ مان بلڪل مطمئن آهيان، حالانڪ مان نوڪريءَ جي شروعات ڪلارڪيءَ کان 15.06.49 کان 62 روپيا ماهوار پگهار سان شروع ڪئي پر الله تعاليٰ جي فضل ۽ ڪرم سان A.D.M / S.D.M جي عهدي تي پهچي 11.04.1984 تي عزت سان نوڪري پوري ڪري رٽائر ٿيس.

ڪمشنر اسلم باجوا صاحب لاڙڪاڻي دوري تي آيو تہ ميرو خان تعلقي جو اوچتو معائنون ڪرڻ هليو، مون کي دفختردار A.D.C صاحب چيو تہ ساڻس گڏ وڃان. جڏهن لاڙڪاڻي جي V.I.P Road تان گذرندا هلياسين تہ ان وقت رستي لڳ خانبهادر کهڙي صاحب جي بنگلي جو ڪم پئي هليو. ڪمشنر صاحب پڇيو تہ ڪنهن جو ٿو بنگلو ٺهي. مون کين ٻڌايو تہ کهڙي صاحب جو پيو ٺهي.

1972 ۾ مان جڏهن مسٽر علي محمد شيخ صاحب ڊپٽي ڪمشنر ٿي جن وٽ شاهبندر تعلقي ۾ مختيارڪار هئس تہ هڪڙي ڏينهن ذڪر ڪڍيائين تہ ڪنڊڪوٽ سب ڊويزن جي ايس ڊي ايم سيد انور علي شاهہ ۾ سندس زمين جي حوالي سان ڪم آهي ۽ اهو تنهنجو واقف آهي. مان صاحب موصوف جن کي ٻڌايو تہ مان جڏهن لاڙڪاڻي ڪليڪٽر جي آفيس ۾ هيس تڏهن سيد انور علي شاهہ وارهہ تعلقي جو مختيارڪار هيو ۽ ان دور ۾ ساڻس ملاقات ٿي هئي ۽ هو ماڻهو بہ سٺو آهي. پوءِ ڊپٽي ڪمشنر صاحب مون کي هن لاءِ ڪم ٻڌايو. مان ڪنڊڪوٽ ويس تہ S.D.M صاحب هيڊڪواٽر ۾ موجود نہ هو ۽ مختيارڪار ڪنڊ ڪوٽ مسٽر خان محمد سيهڙ ٻڌايو تہ ڪراچي ويل آهي، ۽ وڏيڪَ ٻڌايو تہ سنڌ سيڪريٽ ۾ ڪم هئس ۽ اتي گهڻو ڪري ملي ويندو. مان پوءِ ڪراچيءَ ويس تہ شاهہ صاحب انور علي شاهہ سيڪريٽريٽ ۾ ئي ملي ويو ۽ مون کين مسٽر علي محمد شيخ صاحب جن واري ڪم لاءِ چيو. جنهن تي هن چيو تہ هو ڪم ڪري ڇڏيندو. مون پوءِ موٽي اچي صاحب جن کي اها حقيقت ڪئي. سيد انور علي شاهہ صاحب S.D.M، مسٽر علي محمد شيخ صاحب جن جو اهو ڪم ڪري ڇڏيو.

محمود خان پُٽو وينل عرضي پُٽو تعلقہ ميرو خان شروع ۾ پرائمري ٽيچر هيو. ميرو خان تعلقي قاضي فضل الله صاحب جو اليڪشن تڪ هو ۽ هو اتان ئي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊجي ايندو هو.

هن پوءِ محمود خان پٽي کي نوازيو ۽ هن ڪافي زمين ورتي ۽ تر ۾ چڱو اثر رسوخ ڪري ويو ۽ نوڪري پڻ ڇڏي ڏنائين. ذوالفقار علي ڀٽو صاحب پنهنجي 1970 واري پهرين اليڪشن مهم دوران ميرو خان تعلقي ۾ اليڪشن جي مهم لاءِ ويو ۽ محمود خان ڀٽي جي ڳوٺ عرضي ڀٽي به ويو ۽ محمود خان ڀٽي کي ووٽ ڏيارڻ لاءِ چيائين. جنهن تي هن کين ٻڌايو ته قاضي فضل الله صاحب سندس بابو آهي ۽ هو ان کي نه ڇڏي سگهندو. جو قاضي فضل الله صاحب ان اليڪشن ۾ ڀٽي صاحب جي مخالفت ۾ بينل اميدوار خانبهادر محمد ايوب کهڙي جي لاءِ ورڪ ڪري رهيو هو. خير اليڪشن ٿي گذري، جنهن ۾ ڀٽو صاحب ڪامياب ٿيو ۽ شروع ۾ پاڪستان جو صدر ٿيو.

حاجي علي نواز خان جاگيراڻي ميرو خان تعلقي جو وچولي ڪلاس جو زميندار هيو پر نهايت شريف انسان هو ۽ هن جي چهري مان ئي سندس شرافت محسوس ٿيندي هئي. هو اڪثر ڪري مون وٽ ايندو هو. جو مان ميرو خان تعلقي ۾ ٽي دفعا تعلقي هيڊ منشي ٿي رهيو آهيان. ڀٽي صاحب جن جي صدر ٿيڻ کان ڪافي عرصو پوءِ هڪڙي دفعي حاجي علي نواز خان جاگيراڻي مون کي مليو ۽ ٻڌايائين ته ڀٽي صاحب جن صدر ٿيڻ بعد محمود خان ڀٽي ۽ غلام مصطفيٰ خان جروار (وينل تعلقي شهدادڪوٽ) کي پاڻ وٽ گهرايو ۽ جڏهن محمود خان ڀٽو سندن آڏو حاضر ٿيو ته ڀٽي صاحب پنهنجي ڪرسيءَ تان اٿي اچي هن کي مُنهن تي گهروڙي ٻُجو ڏئي چيو ته تنهنجو بابو هاڻي ڪٿي آهي؟!

اها ڳالهه علي نواز خان جاگيراڻي کي ضرور محمود خان ڀٽي پاڻ ئي ٻڌائي هوندي، جو ساڳي تعلقي ۾ رهندڙ هئا، سندن پاڻ ۾ ميل ميلاپ ٿيندو رهندو هوندو. بهرحال حاجي علي نواز خان، غلام مصطفيٰ خان جروار بابت ڪجهه نه چيو. جو هو شهداد ڪوٽ تعلقي جو رهندڙ هو ۽ حاجي علي نواز سان ملڻ نه ٿيو هوندس، جو ان کان پاڻ ئي ڪٿي احوال وٺي ها. مان جيئن ته مٿي ذڪر آيو آهيان ته دادو جيمخاني ۾ ڀٽي صاحب T.V تي تقرير ڪندي ڏٺو ته هن ڪرسيءَ جي ٻانهن تي مُڪ هڻي چيو هو ته مان ڪمزور آهيان پر هيءَ ڪرسي ڪمزور ناهي، اهو هن محمود خان ڀٽي کي ڪرسيءَ تان اٿي اچي مُنهن ۾ گهروڙي ٻُجو ڏئي واقعي ثابت ڪري ڏيکاريو ته وزيراعظم خواه صدر جي ڪرسي ڪمزور ناهي هوندي. البت ڀٽي صاحب جن کي الله تعاليٰ اجا صدارتي ڪرسي نوازي هئي، هن ان ڪرسيءَ جي مرتبي ۽ شان کي نه ڏٺو پر هن محمود خان ڀٽي کي مُنهن ۾ گهروڙي بجو ڏئي ڪرسيءَ جي طاقت ڏيکاري.

ڪو وقت هو جو لاڙڪاڻي ۾ مشاعرن جو دور هوندو هو. جتي پري پري کان شاعر اچي شعر پڙهندا هئا ۽ مان به انهن مشاعرن ۾ وڃي شعر پڙهندو هئس. لاڙڪاڻي توڙي دادو ضلعي جا وڏا ناليوارا شاعر ئي نه پر ٻين به ڪيترن ئي پري پري جي علائقن کان ماڻهو اچي ڪٺا ٿيندا هئا. مخدوم محمد زمان طالب المولي هالن وارو پڻ انهن مشاعرن ۾ شرڪت ڪرڻ ايندو هئو. هو پاڻ به وڏو شاعر هو. هڪ دفعي محمد علي جوهر صاحب جيڪو به اديب ۽ شاعر هيو ۽ سندس مخدوم طالب المولي

صاحب جن سان وڏي عقيدت مندي هئي، ان سان هڪ دفعو گڏجي هالا شريف ۾ ساڻن ملاقات ڪئي هئي. هو ڪچهري پٽ تي وڇايل غاليچن تي ويهي ڪندا هئا. حاجي ميرڻ شاهه گمبٽ شريف وارو ۽ سائين محمد شاهه صاحب منهنجي مرشد سائين غلام مرتضيٰ شاهه جن جو فرزند ۽ سندن فرزند اسد الله جن به ڪچهري هيٺ ئي پٽ تي وڇايل غاليچن تي ڪندا هئا. باقي نوڪريءَ دوران ٻين زميندارن به وٽ وڃڻ ٿيو ته انهن وٽ ڪچهري صوفا سيٽن تي ئي ٿيندي هئي.

ميهڙ تعلقي ۾ ڳوٺ شاهه پنجو شيعن جو ڳڙهه آهي ۽ غلام نبي شاهه (جيڪو نبي شاهه جي نالي سان مشهور آهي) وڏوي فسادي ماڻهو آهي. مان 1974 ۾ جڏهن S.D.M دادوءَ جي چارج ورتي (ميهڙ رتعلقو ان وقت دادو سب ڊويزن ۾ شامل هو) ان کان اڳ ڪو شاهه پنجي ۾ بزرگ شاهه پنجي جي درگاهه تي حق هئڻ جي باري ۾ سنين ۽ شيعن جي وچ ۾ جهڳڙو رٿيو هو جو ٻنهي فرقن درگاهه تي پنهنجو حق پئي ڄاڻايو. درگاهه جي مقبري جي هڪ ديوار تي چئن يارن سڳورن 1. حضرت ابوبڪر صديق رضه 2. حضرت عمر فاروق رضه 3. حضرت عثمان غني رضه ۽ 4. حضرت علي ڪرم الله وجهه رضه جا اسم مبارڪ تمام گهاٽي نيري رنگ سان وڏن اکرن ۾ لکيل هئا پر شيعن جي درگاهه تي دعوا تسليم ڪندي پهرين ٽن يارن سڳورن جا نالا مٽن چونو هٽي مٽايا ويا هئا ۽ باقي حضرت علي ڪرم الله وجهه رضه جن جو اسم مبارڪ قائم رکيو ويو هو پر وقت گذرڻ سان چونو جهڪو جهڪو ٿيڻ ڪري پهرين ٽن يارن سڳورن جا اڳ مٽايل نالا ڪجهه قدر ظاهر ٿي پيا، جنهن تي شيعن جو چوڻ هو ته اهي نالا اهلسنت وارن وري لکيا آهن، حالانڪ ائين نه هو پر هو ازخود چوني جهڪي ٿيڻ سبب ظاهر ٿيا هئا ۽ اهلسنت وارن جو به ائين ئي چوڻ هو پر اهلشيعت وارا اهو دليل مڃڻ لاءِ قطعي ته تيار نه هئا ۽ بضد هئا ته پهرين ٽن خليفن سڳورن جا اسم گرامي مٽايا وڃن. تڪرار وڌندي ڏسي D.M محمد هاشم جن پاڻ به شاهه پنجي آيا ۽ اهل شيعت وارن کي ڪنهن ڳالهه کي مڃڻ لاءِ تيار نه ڏسي ۽ سندن بار بار انهيءَ اسرار تي ته پهرين ٽن يارن سڳورن جا اسم گرامي مٽايا وڃن، آخر ائين ئي ڪيو ويو جو انهن جي مٽان گهاٽي چوني جا به _ چار دفعا برش هٽايا ويا، جيستائين اهي صفا مٽجي ويا ان بعد قصو وڃي نريو ۽ فقط چوٽين يار حضرت علي ڪرم الله وجهه جن جو اسم گرامي باقي رهيو.

مان 1977 ۾ جڏهن دادوءَ ۾ A.D.M هئس ته عنايت علي شاهه راڻيپور (تعلقي گمبٽ) وارو تي ڏينهن مون وٽ مهمان ٿي اچي ترسيو هو ۽ واپس ويندي وقت مونکي ٻڌايائين ته سندس گرفتاريءَ جا وارنٽ نڪتا هئا، انهيءَ ڪري اتان ڪسڪي هتي اچي ٽڪيو هو.

نوڪريءَ دوران مون هينيان پلاٽ به خريد ڪيا، جيڪي پوءِ آهستي آهستي جڏهن پئسن جي ضرورت ٿيندي هئي اهي نيڪال ڪري ڇڏيم.

- لاڙڪاڻي هيڊ آفيس ۾ هئس ته شهاب الدين سپروائيزنگ ٽپيدار پنهنجو اسٽيشن روڊ تي 2800 چورس فوٽ پلاٽ مون کي 2000 رپين ۾ وڪرو ڪري ڏنو هو پر منهنجي نوڪريءَ

دوران مان جڏهن هيڊ ڪواٽر کان ٻاهر رهيو هئس تہ ان پلاٽ تي احمد نواز تنيي ۽ ٻين ناجائز قبضو ڪري ڇڏيو. جنهن قبضي ڇڏائڻ لاءِ مان جڏهن ڪوٽڙيءَ ۾ سٿي مئجسٽريٽ هئس تہ اتان جي ميجر صاحب کان لاڙڪاڻي جي ميجر کي فون ڪرايم ۽ ڪانئس ليٽر بہ ان ڏانهن وٺي آيس پر هن ڪا بہ دلچسپي نہ ڏيکاري ۽ مون اهو ڏٺو تہ جيڪڏهن ٻن سنڌين جو پاڻ ۾ ڪو پراپرٽيءَ تي قبضي وغيره لاءِ تڪرار هلندڙ هو تہ ان جو انصاف ڀريو فيصلو تہ نہ ڪندا هئا پر مورڳو هو ان ۾ ڪا دلچسپي ئي نہ وٺندا هئا ۽ چاهيندا هئا تہ ڀلي سنڌي پاڻ ۾ وڙهيل ئي هجن تہ سٺو. باقي شل نہ ڪنهن ميجر وٽ سنڌي ۽ غير سنڌيءَ جو اهڙي قسم جو معاملو وڃي، پوءِ چاهي ڪنهن دوڪان، پلاٽ يا زمين جو ڇو نہ هجي تہ هڪدم تحرڪ ۾ اچي ويندو هو. پوءِ توڙي غير سنڌي (اڪثر ڪري پنجابي) ناحق تي هوندو هو تہ ان کي سنڌيءَ دوڪاندار جا ٽپڙ ڪڍي ٻاهر روڊ تي ڦٽي ڪري بہ ان غير سنڌي کي هڪدم قبضو ڏيارينداهئا. (اهڙا بہ تي معاملا ڪوٽڙيءَ ۾ نوڪريءَ دوران خود ڪوٽڙي شهر ۾ بہ ٿيا هئا) ساڳي ڳالهہ پلاٽن ۽ زمين جي باري ۾ بہ هوندي هئي.

آخر مون مجبور ٿي اهو اسٽيشن وارو پلاٽ ناجائز قبضي ڪندڙن کي ئي 30 روپيا في چورس فوٽ جي حساب سان وڪرو ڪري ڇڏيو ۽ انهن 84 هزار روپين مان 64 جريب زمين غير آباد پنهنجي ڀاڻ امان الله جي چوڻ سان تعلقي ميرو خان ۾ خريد ڪئي، جو سندس زمين بہ ان زمين جي پرسان هئي. اها غير آباد زمين مون 64 هزار روپين ۾ هڪ هزار رپيا في جريب جي حساب سان خريد ڪري ورتي. باقي 38 جريب زمين جنهن جون قسطون اڃا رهيل هيون، انهن جي مون ائگريمينٽ امان الله جي نالي تي ڪرائي. جنهن لاءِ مون 2000 روپيہ هڪدم بروقت ادا ڪيا ۽ رٿائر ٿيڻ بعد 18000 روپيا امان الله کي ڏنم تہ انهن 38 جريب زمين جو رڪارڊ منهنجي نالي ڪرائي ڏي پر هو رڳو ڏٽا ڏيندو رهيو. انهيءَ دوران هو حاڪم علي گوپانگ وينل ميرو خان کان ان زمين لاءِ 200000 روپيہ وٺي آيو ۽ ڪيس چيائين تہ زمين سندس آهي ۽ ان جو ڪاتو هن کي ڪرائي ڏيندو پر هن کي بہ رڳو دلاسا ڏيندو رهيو ۽ سندس 200000 روپيا بہ ڪائي ويو.

اها حقيقت مونکي حڪم علي گوپانگ پاڻ ٻڌائي هئي، هن وڏيڪ ٻڌايو تہ هڪ ٺڳ ماڻهوءَ 38 جريب زمين سان 30 جريب جنهن پنجابيءَ جي نالي اها ڪٽت ٿيل هئي ان جي نالي سان عام مختيارنامون ٺهرائي اها زمين سجاول جي شاهہ صاحب حسين شاهہ کي وڪرو پئي ڪئي پر هن (حاڪم علي گوپانگ) ڪيس وڃي چيو تہ اها زمين سندن زمين جي مهاڳي ۾ آهي ۽ سهوليت ۾ آهي، انهيءَ ڪري هو نہ وٺي ۽ ڪيس وٺڻ ڏي، جو هن مڃيو ۽ هن اها زمين 7 هزار روپين ۾ في جريب ٻيا پئسا ڀري خريد ڪئي ۽ امان الله جيڪي حاڪم عليءَ کان 200000 روپيا ورتا هئا، اهي بہ ڪيس موٽائي نہ ڏنائين. باقي رهيل 8 جريب زمين جي بہ امان الله پوئواري نہ ڪئي، حالانڪہ ائگريمينٽ سندس نالي تي ٿيل هئي ۽ خبر ناهي تہ ان زمين تي ڪنهن قبضو ڪري ڇڏيو. ائين امان الله منهنجي 38 جريب زمين ضايع ڪري ڇڏي ۽ 200000 روپيہ ورتل بہ پاڻ کائي ويو. (خير سندس

ايتري زيادتي بہ مون کيس معاف ڪري ڇڏي آهي). باقي 64 جريب زمين مون حاڪم علي گوپانگ کي 64000 روپين ۾ 1000 روپيہ في جريب جي حساب سان وڪرو ڪري ڏني. امان الله جڏهن ڄائو تہ سندس والده (منهنجي همشيره) بيمار ٿي پئي، انهيءَ ڪري منهنجي گهرواري امان الله کي ٿج پياريندي هئي.

مان هيڊ آفيس ۾ H.V.C هئس تہ هڪڙي ڏينهن شفيع محمد ميمڻ تپيدار جمال الدين لغاري تپيدار کي وٺي آيو ۽ مونکي چيائين تہ سندس ڊل جا سرڪارير پئسا کُٽي پيا آهن، انهيءَ ڪري سندس لاهوري محلہ ۾ 4948 چورس فوٽ پلاٽ پيل آهي، اهو مان ڪانئس خريد ڪيان پر مون کين جواب ڏنو تہ مون وٽ پئسا ناهن، انهيءَ ڪري مان نہ وٺي سگهندس. انهن ٻنهي مون کي ڏاڍو ستايو تہ پلاٽ وٺان، اهو پلاٽ شفيع محدم ميمڻ ناوب امير علي خان لاهورِءَ کان 2000 روپين ۾ پنهنجي گهرواريءَ مسمات زيب النساءَ جي نالي خريد ڪيو هو جو هن مونکي رضا خوشيءَ سان 8 آنہ في چورس فوٽ جي حساب سان جملي رقم 2474 روپين ۾ وڪرو ڪري ڏنو. ان پلاٽ تي بہ ناجائز قبضا ٿي ويا. لاڙڪاڻي ۾ مون پوليس معرفت قبضن ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي پر ڪو ڪڙ تيل نہ نڪتو.

- دادوءَ ۾ A.D.M ٿي آيس تہ هائوسنگ سوسائٽيءَ ۾ مون 10000 چورس فوٽ ايراضي وارو پلاٽ 5000 روپين ۾ خريد ڪيو هو. اهو پلاٽ اصل ۾ رئيس علي خان لغاريءَ جو ورتل هو پر جيئن تہ هن پئسا جمع نہ پئي ڪرايا، انهيءَ ڪري رد ڪري مون کي اهو پلاٽ وڪرو ڪيو ويو هو. مون جڏهن پنهنجي وڏي پٽ غلام ياسين ۽ هڪ نياڻيءَ جي سال 1981 ۾ شادي پئي ڪرائي تڏهن پئسن جي ضرورت سبب اهو پلاٽ پنهنجي ڀيٽيوئي حاجي پير بخش کي 60 هزار روپين ۾ وڪرو ڪري ڇڏيو.
- سال 1984 ۾ A.D.M دادوءَ وقت دوران مون ڄامشوري جي ديهہ رئلو ۾ هڪ روينيو پلاٽ 4000 چورس فوٽ 4 روپيا في چورس فوٽ گرانٽ ڪرايو هو ان تي هڪڙي مگسي ناجازيءَ قبضو ڪيو هو جو مسٽر قبول محمد شيخ S.D.M ڪوٽڙيءَ مهرباني ڪري پٽائي پلاٽ خالي ڪرائي ڏنو. اهو پلاٽ مون پوءِ پنهنجي ڀاڻ انعام الله کي وڪرو ڪري ڏنو.
- دادوءَ ۾ مون هڪ ٻيو ننڍو پلاٽ 20000 روپين ۾ خريد ڪيو هو جو پوءِ 24000 روپين ۾ مون وڪريو ڪري ڇڏيو هو.
- دادوءَ ۾ انڊسٽريل ايريا ۾ هڪ 18000 چورس فوٽ وارو پلاٽ گرانٽ ڪرايو هو جنهن جا مون ان وقت تائين ڪل 6 هزار روپيا جمع ڪرايا هئا پر رٽائر ٿيڻ بعد اهو پلاٽ مسٽر غلام نبي سومري وڪيل کي ڪانئس ايترائي 6 هزار روپيا وٺي ڪيس وڪرو ڪري ڇڏيو.
- حيدرآباد ۾ هئپي هومز (Happy Homes) ۾ 150 چورس والن تي بنگلو نمبر 1 ٻُڪ ڪرايو هو جنهن لاءِ مان 90000 روپيا ڏئي چڪو هئس پر حيدرآباد ۾ جهڳڙن سبب ڪنسٽرڪشن ڪمپني هٿ ڪڍي وئي ۽ اڏاوت جو ڪم بند ڪري ڇڏيو. انهيءَ ڪري بنگلي تي

ڪن ماڻهن ناجائز قبضو ڪري ڇڏيو. جنهن ڪري مون اهو 87 هزار روپين ۾ مسٽر ۾محمد عثمان آفيس سپرنٽينڊنٽ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل حيدرآباد کي وڪرو ڪري ڇڏيو. جو قبضہ ڇڏائڻ لاءِ هن جا 3 هزار روپيا ڪل خرچ جا پئسا مون کيس ڀري ڏنا.

- اهڙيءَ طرح پلاٽن ۽ بنگلي ۾ وقت بوقت لڳايل رقم ۾ مونکي موٽ ۾ انهن جي وڪري مان مليل رقم جي وچور هيٺينءَ طرح بيهي ٿي.

	ڏنل رقم	مليل رقم	تفاوت
.1	2000	56000	+54000
.2	2474	130000	+127526
.3	5000	60000	+55000
.4	22000	50000	+30000
.5	20000	24000	+4000
.6	6000	6000	=
.7	90000	87000	-3000
	145474	413000	+267526

01.11.82 کان 11.04.84 تائين جڏهن مان دادوءَ ۾ A.D.M هئس تہ ريلوي پوليس اسٽيشن دادو منهنجي ڪيسن جي سماعت جي حد (Jurisdiction) هئي. ريلوي پوليس دادوءَ مون وٽ ڪن جوابدارن جو چالان پيش ڪيو. انهن جوابدارن مان هڪ جوابدار جو دادوءَ ۾ هڪ ميجر سان ڪو واسطو هيو. جنهن پنهنجي ضامن ڪٽائڻ لاءِ ان ميجر کي چيو. مون وٽ P.S.I مسٽر ٽڳڙ جيڪو آرمي وارن وٽ ڪيسن هلائڻ واسطي Attach ٿيل هو. اهو ان جوابدار جي ضامن لاءِ درخواست ڪٽي آيو ۽ چيائين تہ ميجر صاحب چيو آهي تہ هن جوابدار جو ضامن منظور ڪيو. مان ان درخواست کي پنهنجي ڪورٽ سان Attach ڪري ٿيل P.S.I ڏانهن ڀئي ڏينهن لاءِ نوٽيس ڪڍيو تہ ان ضامن لاءِ ڏنل درخواست تي پنهنجا دليل اچي ڏئي. اها ڳالهہ ٽڳڙ P.S.I کي نہ وڻي پر هو چپ ڪري هليو ويو. ٻئي ڏينهن تي ٻئي P.S.I آيا ۽ منهنجي ڪورٽ سان Attach ٿيل P.S.I چالان ۾ جوابدارن خلاف لڳايل ريلوي ائڪٽ جا سيڪشن ڏسي چيو تہ سائين هڪڙو جيڪو هي سيڪشن لڳايل آهي اهو صرف (Exelesirayr) هاءِ ڪورٽ جي ٻڌڻ جوڳو آهي ۽ ريلوپي ائٽ بہ ڏيکاريائين. مان پوءِ ضامن جي درخواست رد ڪري ڇڏي ۽ ڪيس سيشن جج صاحب دادوءَ جن ڏانهن موڪلي ڏنو تہ اهو هاءِ ڪورٽ ڏانهن موڪليو وڃي. آرمي وارن سان Attach ٿيل P.S.I مسٽر ٽڳڙ پوءِ خاموش ٿي هليو ويو ۽ ضرور ميجر کي وڃي حقيقت ٻڌائي هوندائين.

دادوءَ ۾ ستي مئجسٽريٽ ۽ اليڪشن آفيسر افتخار احمد هڪ ئي بنگلي ۾ گڏ رهندا هئا.

دراصل اهو بنگلو ستي مئجسٽريٽ لاءِ هيو پر جيئن تہ اليڪشن آفيسر افتخار احمد پنجابي هو، انهيءَ ڪري آرمي وارن طرفان اثر رسوخ هلائي ان ئي بنگلي ۾ ستي مئجسٽريٽ سان گڏ رهندو هو. هڪڙو (C.I.D (Intelligence جو ميجر ڪو اڳ ان بنگلي ۾ اليڪشن آفيسر سان گڏ رهي ويو هو، جو ان وقت شايد ستي مئجسٽريٽ جي پوسٽ خالي هئي. اهو ميجر وري دادوءَ ۾ مقرر ٿي آيو ۽ حال في الحال ٻين آرمي آفيسرن سان بلڊنگ ريسٽ هائوس ۾ اچي رهيو. هن مون کي هڪڙي ڏينهن فون ڪئي تہ ان بنگلي ۾ جتي ان وقت اليڪشن آفيسر سان گڏ مسٽر هريرام ستي مئجسٽريٽ رهيو پئي تہ ستي مئجسٽريٽ جي جڳهہ تي ڪيس ان بنگلي ۾ جڳهہ ڏني وڃي. مون ڪيس چيو تہ مان ائين نہ ٿو ڪري سگهان. باقي D.M صاحب سان ذڪر ڪندي تہ پوءِ ڏسجي تہ هو ڇا ٿو چوي! مون هريرام ستي مئجسٽريٽ کي گهرائي ميجر واري ڳالهہ ٻڌائي ۽ ڪيس چيو تہ تون D.M صاحب جن سان ان باري ۾ ملي وٺ، هن پوي وڃي D.M سان ملي ڪس اها حقيقت ڪئي، جنهن تي D.M ڪيس چيو تہ تون چپ ڪري بنگلي ۾ رهيو پيو هج ۽ جي ميجر ڪيس فون ڪئي تہ هو پاڻهي ساڻس ڳالهائيندو.

ٻئي ڏينهن تي وري ميجر مونکي فون ڪئي تہ سندس ڪم جو ڇا ٿيو تہ مون ڪيس ورندي ڏني تہ اوهان پاڻ D.M صاحب سان ڳالهايو، جنهن تي چيائين تہ توهان جو تعاون ڪونهي، مون ڪيس ورندي ڏيندي چيو تہ ان ۾ تعاون وغيره جي ڪهڙي ڳالهہ آهي! ان بعد مونکي چيائين تہ اوهان بہ بنگلي ۾ اڪيلا ئي ٿا رهو. مان ٿوري ڪهرائيءَ سان ڪيس چيو تہ اهو A.D.M لاءِ ئي آهي (But it is for A.D.M)، پوءِ هو خاموش ٿي ويو ۽ وري ان باري ۾ ڪڏهن بہ فون وغيره نہ ڪيائين.

اهو تہ عام طرح سيني کي ئي معلوم آهي تہ الله تبارڪ وتعاليٰ ڏينهن رات جي 24 ڪلاڪن ۾ ڪا اهڙي گهڙي بہ رکي آهي جو ان وقت جيڪي انسان جي طرفان دعا يا بددعا يا ٻيا ڪي الفاظ واتان ان گهڙيءَ ۾ نڪرندا آهن (پوءِ ڇو نا دانستہ ئي هجن) تہ الله تبارڪ وتعاليٰ اهي قبول ڪري ڇڏيندو آهي. ان جو هڪ عجيب مثال مسٽر عبدالستار شيخ رٽائرڊ صوبيدار (جيڪو سندس ئي ذات سان وابستہ آهي) پاڻ مونکي ٻڌايو تہ هن ڪسٽوڊين ڊپارٽمينٽ مان هڪ گهر جي جڳهہ خريد ڪئي هئي جا هن مسٽر علي نواز اعواڻ پوليس انسپيڪٽر کي ڪرائي تي ڏني هئي. ڪجهہ وقت بعد هن ڪانئس گهر ڪئي تہ جڳهہ خالي ڪري قبضو ڪيس ڏئي پر علي نواز خان اعواڻ جڳهہ خالي ڪرڻ کان صاف انڪار ڪري ڇڏيو. هن پوءِ وڃي سول سوٽ داخل ڪيو ۽ علي نواز اعواڻ کان مسواڙ وٺڻ کان انڪار ڪيو، جا سول ڪيس هلندي هو ڪورٽ ۾ جمع ڪرائيندو رهندو هو. هن جو سول ڪيس سپريم ڪورٽ تائين پهچي وري وري نئين سر هلائڻ لاءِ واپس ايندو رهيو. ائين 26 سال گذري ويا، آخر هڪڙي تاريخ تي اهو سول ڪيس سپريم ڪورٽ جي جسٽس عبدالقادري شيخ صاحب جن ڪراچيءَ ۾ هلايو تہ ان تاريخ تي نہ هو (عبدالستار شيخ) پاڻ ۽ نہ ئي وري سندس وڪيل جسٽس صاحب وٽ حاضر ٿيا. البت مدعي مسٽر علي نواز اعواڻ جو وڪيل مسٽر عبدالحفيظ ميمڻ جسٽس صاحب (هو ان وقت نوڪريءَ تان ليٽل هو) ان تاريخ تي سپريم ڪورٽ

جي جسٽس صاحب وٽ حاضر ٿيو ۽ سپريم ڪورٽ جي جسٽس صاحب مسٽر علي نواز اعواڻ جي حق ۾ فيصلو ڪري ڇڏي ۽ هن جڏهن اهو ٻڌو ته روئي به وينو ۽ پنهنجي وڪيل کي وڃي چيائين ته تو منهنجي 26 سالن جي محنت ڪورٽ مان غير حاضر رهي ضايع ڪري ڇڏي. پوءِ هو خاموش ٿي ويهي رهيو. پر الله تبارڪ وتعاليٰ جي قدرت جو هڪڙي ڏينهن وٽس سائين مولوي مشوري صاحب جنهن جو هو مريد هو. ان جو وڏو فرزند منو نالي وٽس آيو. جنهن سان هو تمام حجائتو هوندو هو. اهو جنهن مهل رات جو ڪانئس موڪلائي وڃي رهيو هو ته هن حجائتي ٿي چيس ته نالي منا ڳالهه ته ٻڌ جو 26 سال ٿي ويا آهن پر سندس مٿيون ڪم نٿو ٿئي، جنهن تي نالي مني چيس ته انشاءَ الله اڄ رات ٿي ويندو. جنهن تي هن وري حجائتي نموني کيس چيو ته چوين ڇا ٿو! 26 سالن ۾ نه ٿيو ۽ چوين ٿو ته انشاءَالله اڄ رات ٿي ويندو. خير نالي منو (جيڪو ڪو بزرگ به نه هو ۽ زماني جو ماڻهو هو) ته پوءِ روانو ٿي ويو.

عبدالستار صوبيدار جي پنهنجي مونکي روبرو ٻڌايل زباني ته الله پاڪ جو شان جو ان رات ئي دير سان 12 بجي ڌاري مير هزار خان جتوئي رٽائرڊ ڊي آءِ جي فون ڪئي ته عبدالستار تو واري اها علي نواز اعواڻ کي مسواڙ تي ڏنل جاءِ گهڻو لهي، جنهن ته هن کيس ٻه لک روپيا قيمت ٻڌائي، جنهن تي مير هزار خان جتوئيءَ چيس ته چڱو اهي 2 لک روپيه هو کيس موڪلي ڏيندو. جنهن تي هن (عبدالستار) چيس ته قبضو ڪيئن ڇڏائيندين؟ پر هزار خان جتوئيءَ چيس ته هو ان جڳهه جو قبضو نه ڇڏائيندو. ڇو جو ايوب صاحب جي مارشل لاءِ واري دور ۾ هن جي وڏي ڀاءُ هادي بخش جتوئيءَ تي ڪيس ٿيو هو. جنهن ۾ علي نواز اعواڻ صوبيدار بيان گهٽ وڌ ڪري کيس ان ڪيس مان بچايو هو. مير هزار خان جتوئيءَ پوءِ 2 لک روپيا کيس موڪلي ڏنا. (اسان کي به گهرجي ته پنهنجي اولاد يا ٻئي ڪنهن کي به ڪو پٽ پاراتو نه ڏجي، جو متان اها قبوليت جي ئي گهڙي هجي).

مسٽر تاج محمد ابڙو صاحب خيرپور ۾ سيشن جج صاحب هيو ته هڪڙي ڏينهن مان خيرپور ڪيس ۾ شاهدي ڏيڻ بعد ساڻن چيمبر ۾ ملڻ لاءِ ويس، جو ٻئي لاڙڪاڻي جا ئي هياسين، ان ڪري هن وٽ اڪثر ڪجهه وقت ڪچهري ٿيندي هئي. مان جڏهن ڪانئس موڪلائي اٿيس ته مونکي چيائين ته تون ميرواهه ۾ S.D.M آهين ۽ عبدالڪبير لغاري سول جج ميرواهه کي سمجهائي، جو سندس رشوت جي باري ۾ ڏاڍي بدنامي ٿي پئي آهي، مان تعجب کائڻ لڳس ته هو سڌو سندن ئي ماتحت آهي ۽ هن کي پاڻ نٿو سمجهائي پر مون کي ٿو چوي. خير مان کين ڪجهه نه چيو ۽ اتان نڪري آيس.

سانگهڙ ۾ S.D.M ٿيس ته ٻن ٽن ڏينهن بعد مسٽر علي شير هبيسباڻيءَ سول جج پنهنجي پٽيوالي هٿان چورائي موڪليو ته صاحب ٿو چوي ته پنهنجي ڊرائيور کي چئو ته ڪيس سندس جاءِ تي ڇڏي اچي. مان ڊرائيور کي موڪليو. جو وڃي کيس ڇڏي آيو. ٻئي ڏينهن تي وري صبح جو هن جي پٽيوالي اچي منهنجي ڊرائيور کي چيو ته هيسباڻي صاحب سول جج ٿو چوي ته جيپ ڪڍي اڄ جو هو

آفيس ايندو. مون کي پنهنجي ڊرائيور اچي اها ڳالهه ڪئي. مون سول جج صاحب جي پٽيوالي کي گهرائي چيو ته ڇا ٿو چوين! جنهن اها ساڳي ڳالهه ڪئي، تنهن تي مون کيس چيو ته پنهنجي صاحب کي وڃي چئو ته هيءَ ٽئڪسي ناهي.

سال 1985 ۾ جڏهن ضياءَالحق جي دور ۾ قوم ۽ صوبائي اسيمبلين جون چونڊون ٿيون ته حاجي گل محمد شيخ لاڙڪاڻي جي صوبائي سيٽ لاءِ اليڪشن ۾ بينو ۽ سيني شيخن اتفاق ڪري هن کي ووٽ ڏنا پر ان باوجود هو هارائي ويو.

بهرحال شيخ صاحبن اهڙي پهريون ئي پيرو پاڻ ۾ يڪمشت ٿيڻ جي خوشي ملهائڻ لاءِ سيني شيخن جي ميٽنگ ڪوٺائي، جنهن ۾ ميٽنگ بعد مانيءَ جو به انتظام ٿيل هئو مان به خير سان ان ميٽنگ ۾ پهريون پيرو ئي شريڪ ٿيڻ لاءِ ويس، جو مان اڪثر ٻاهر نوڪري ڪئي هئي، انهيءَ ڪري ڪڏهن اهڙي ميٽنگ ۾ وڃڻ جو موقعو نه مليو. اتي ويس ۽ ڏٺم ته هڪ اسٽيج ٺهيل هو جنهن تي ڪجهه ڪرسيون سجايل هيون ۽ انهن تي ويهڻ وارن معززين جي نالن جون پرچيون هڪ هڪ ڪرسيءَ تي چسپان ٿيون پيون هيون، جي پري کان پڙهڻ ۾ آيون پئي. شيخ برادري جي صدر حاجي در محمد شيخ ۽ صوبائي ميمبريءَ لاِ ٻيئل اميدوار حاجي گل محمد شيخ جن کي ڇڏي ٻين جن لاءِ ڪرسيون مخصوص هيون انهن ۾ ڪي ته پوليس جا دلال، ڪي بلئڪ مارڪيٽر وغيره شامل هئا. جن ۾ هڪ قديمي پوليس جو دلال هو ان جي لاءِ به مخصوص ڪرسي اسٽيج تي لڳايل هئي. مان جڏهن اتي پهتس ته ان ساڳي پوليس جي دلال شيخ هڪ ڪرسي سوري اسٽيج کان هيٺ پهرين قطار ۾ رکي، مون کي ان تي ويهڻ لاءِ چيو جنهن تي مون ان کي چيو ته تون اها تڪليف نه ڪر ۽ تون منهنجي ويهڻ کان ڇٽل آهين. برادري جي صدر صاحب در محمد شيخ ۽ گل محمد اميدوار کي اسٽيج تي لازمي ويهارڻ ڪپندو هو. باقي ٻين معززين صاحبن جا ڪرسين تي نالا پڙهي مون دل ۾ چيو ته جيڪڏهن مان انهن کان وڌيڪ معتبر ناهيان ته گهٽ ۾ گهٽ انهن جيتري منهنجي به الله پاڪ عزت ڪئي آهي، انهيءَ ڪري مان هيٺ ويهڻ ۾ پنهنجي بي عزتي محسوس ڪندي ميٽنگ جي ڪارروائي شروع ٿيڻ کان اڳ ئي اتي ويهڻ بنان واپس موٽي آيس. ٿوري دير بعد منهنجو ڀاڻيج امان الله شيخ منهنجي گهر آيو ۽ چيائين ته شهاب الدين شيخ به ٻاهر بينو آهي ۽ اوهان کي وٺڻ آيا آهيون پر مون کيس ميٽنگ ۾ هلڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ هو واپس هليا ويا. خير ميٽنگ ۾ ڪهڙي ڪار گذاري ٿي گذري، ان لاءِ ته مون کي ڪا خاص دلچسپي نه هئي جو شيخ صاحبن جا ٽپڙ مونکي اڳي ئي ساريا پيا هئا پر البت جڏهن ميٽنگ ختم ٿي ۽ حاضرين کي ماني کائڻ لاءِ سڏ ٿيو ته هنن جي فضيلت پرئي ڪردار لاءِ ٻڌو هيم ته قناتون ٻناتون ڦاڙي گهٽا ماڻهو ته وڃي ڪاڏي جي ديڳين تي ٽٽا ۽ ديڳين مان پاڻ ئي ڪڍي کائڻ ۾ جنبجي ويا هئا. ائين خير خوبيءَ سان اهو موقعو به ٿي گذريو. وري لاڙڪاڻي جي شيخن ۾ اهڙيءَ يڪجهتي بابت ٻيهر ڪڏهن نه ٻڌو اٿم.

1983 ۾ قاضي عبدالمنان جو پهريائين، وڪالت ڪندو هو ۽ پوءِ هو P.W.D منسٽر به ٿيو

هو وفات ڪري ويو تہ مان سدنس مامي قاضي فضل الله صاحب جن وٽ عذرخواهيءَ لاءِ ويو هئس، قاضي صاحب جن پوءِ هن جي خيرات جي مانيءَ لاءِ پڻ لکي موڪليو هو پر مان ان ۾ نہ وڃي سگهيس ۽ مان ان وقت دادوءَ ۾ A.D.M هئس. اهو زندگيءَ ۾ منهنجو پهريون ۽ آخري پيرو مان قاضي فضل الله صاحب جن وٽ سندن بنگلي تي ويو هئس. سو بہ قاضي عبدالمنان صاحب سان منهنجا ڪراچي ڪاليج واري وقت کان دوستيءَ جو رستو هوندو هو. انهيءَ ڪرسي ئي سندن عذر خواهي ڪرڻ لاءِ ويو هئس.

مسٽر محمد هاشم ميمڻ صاحب جن جڏهن لاڙڪاڻي ۾ ڊپٽي ڪمشنر ٿي آيا تہ مان ان وقت نوڪريءَ مان رٽائر ٿي لاڙڪاڻي ۾ ئي اچي رهيس. سندن چارج وٺڻ جي ٻئي ڏينهن تي مان ساڻن ملڻ ويس ۽ ڪچهريءَ بعد کين عرض ڪيم تہ هلال احمر ۾ ٻن ڊاڪٽرن جون مقرر ٿيل پوسٽون ڪيتري وقت کان خالي پيل آهن ۽ منهنجو پٽ غلام ياسين M.B.B.S پاس ڪيو ويٺو آهي، انهيءَ ڪري ڪيس هلال احمر ۾ ڊاڪٽر ڪري رکو. هن پوءِ علي اڪبر شاهہ جيڪو سندن P.A هو ان کي گهرائي چيو تہ انهن پوسٽن لاءِ جيڪي اڳ درخواستون ڏنل آهن، انهن اميدوارن کان انٽرويو لاءِ تاريخ رک ۽ مون کي بہ چيائين تہ پنهنجي پٽ غلام ياسين کان بہ درخواست ڪرائي تہ ان کي بہ انٽرويو لاءِ گهرائبو. انٽرويو جي تاريخ مقرر ٿي ۽ سيني اميدوارن کان انٽرويو ورتا ويا، انٽرويو ڪاميٽيءَ جو چيئرمين ڊپٽي ڪمشنر هو ۽ قاضي اختر وڪيل ميمبر هو.

هڪ پوسٽ لاءِ ڪنهن ميجر هڪڙي اميدوار لاءِ ڊپٽي ڪمشنر کي فون ڪئي، انهيءَ ڪري ان کي ڪنيون ويو ۽ ٻي پوسٽ تي هن منهنجي پٽ غلام ياسين کي مقرر ڪرڻ پئي چاهيو پر قاضي اختر مخالفت ڪئي ۽ قاضي خالد کي ٻي پوسٽ تي مقرر ڪيو ويو. مسٽر محمد هاشم صاحب جن سان منهنجي 1969 کان نيازمنديءَ جو رستو هو. جڏهن هو ڪمشنر صاحب جي آفيس ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر روينيو هو ۽ مان پني عاقل تعلقي ۾ مختيارڪار هئس، ان بعد تہ مان هن وٽ ڪيترو عرصو زيردست ٿي رهيس، جڏهن هو. دادو ۾ 1974 ۾ ڊپٽي ڪمشنر ٿي آيو تہ مان هن وٽ A.D.M ۽ S.D.M ٿي رهيس، وري جڏهن هو ميرپورخاص ڊپٽي ڪمشنر هو تہ مونکي پاڻ وٽ S.D.M ڊگڙي سب ڊويزن تي رکرائيو هئائين. هو ان بعد بہ مونکي بدلين ۾ ڏاڍي مدد ڏيندو هو ۽ منهنجي نوڪريءَ ۾ آخري A.D.M دادوءَ واري پوسٽنگ تي بہ هن ئي ڪمشنر صاحب حيدرآباد مسٽر عبدالله ميمڻ صاحب جن کي چئي ڪرائي هئي. (دادوءَ ۾ A.D.C جو آرڊر منهنجي نوڪري ۾ اهو ئي آخري آرڊر هو.)

هن مون سان ڪي اهڙيون ذاتي ڳالهيون بہ ڪيون هيون جي شايد ئي هن ڪنهن ٻئي سان ڪيون هجن. لاڙڪاڻي ۾ سندن نوڪريءَ دوران مان اڪثر وٽن ويندو هئس. هڪ دفعي ڳالهہ ڪيائين تہ محترمہ امير بيگم (ذوالفقار علي ڀٽو صاحب جي پهرين گهرواريءَ) جو هڪڙو زمين بابت ڪيس 1973 کان هلندڙ هو جنهن جو هن 1985 ۾ اچي سندس حق ۾ فيصلو ڪيو. محترمہ

امير بيگم کيس سندس دعوت کائڻ لاءِ چورائي موڪليو پر مون کيس چورائي موڪليو تہ دعوت کائڻ مناسب ناهي، جنهن بعد هن فل سوٽ جو ڪپڙو ڏياري موڪليو.

ٻئي دفعي مان وري سندن بنگلي تي حيدرآباد ۾ وڃي مليس تہ (انهيءَ وقت هو نوڪريءَ مان رٽائر ٿي چڪو هو) هن ٻڌايو تہ سيد مظفر حسين شاهہ اڳوڻو سنڌ اسيمبلي جو اسپيڪر ڪين چوندو هو تہ اوهان جڏهن ميرپورخاص ۾ ڊپٽي ڪمشنر هئا تہ مٿن ڏاڍا احسان ڪيا هئا (ان وقت سيد مظفر حسين شاهہ جو والد بزرگوار سيد غلام حيدر شاهہ جن حال حيات هئا ۽ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جا ميمبر هئا ۽ مان جڏهن ڊگڙيءَ ۾ S.D.M هئس تہ ڪين ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي ميٽنگ ۾ ڏٺو هو).

محمد هاشم صاحب جن وڏيڪ ٻڌايو تہ جڏهن سيد مظفر حسين شاهہ چيف منسٽر سنڌ هئا تہ هن ساڻن ملاقات لاءِ ڪانئن ٽائيم ورتو ۽ هن ٽائم ڏنو پر جڏهن ان ڏنل ٽائيم تي وٽس ملڻ لاءِ ويو تہ نہ هن گهرايو ۽ نہ ئي ساڻس مليو. جڏهن محمد هاشم صاحب روينيو آفيسر ڪوٽڙي ٻئراج هيو تہ هڪ ڏينهن ساڻن آفيس ۾ ملڻ ويس ۽ چيائين تہ محمد علي هن 52000 ايڪڙ زمين هارين کي گرانٽ ڪئي آهي.

سندس رٽائرمينٽ بعد هڪ دفعو حيدرآباد ۾ سندن بنگلي تي ملڻ ويس، هن شربت جا ٻہ گلاس گهرايا، جن مان هڪ مونکي ڏنائين ۽ ٻيو پاڻ پيئڻ لاءِ ڪٽندي پڇيائين تہ ٻيو ڪو ماڻهو تہ ساڻ نہ اٿئي! جنهن تي مون کيس چيو تہ منهنجو ڊرائيور آهي، اهو ٻڌڻ تي هن پاڻ وارو گلاس ان ڊرائيور ڏانهن ڏياري موڪليو. مان جڏهن ڪانئس موڪلائي نڪتس پئي تہ پاڻ مون سان گڏجي بنگلي جي گيٽ ڪان ٻاهر آيو ۽ ڪار بيٺل ڏسي پڇيائين تہ هيءَ ڪار ڪنهن جي آهي؟ مون کيس ٻڌايو تہ هيءَ ڪار علي محمد جيسر دادوءَ واري جي آهي. مان دل ۾ چيو تہ چڱو ٿيو جو مون کيس ٻاهر ڊرائيور جي هئڻ جو ٻڌايو نہ تہ ڪوڙو ٿي پوان ها.

اها منهنجي ساڻن آخري ملاقات هئي ۽ پوءِ 1998 ۾ هُو 71 سالن جي عمر ۾ وفات ڪري ويا، مان سندن فرزند آفتاب احمد ڏي عذر خواهي لاءِ ويو هئس. سندس وفات ننڊ ۾ هو تہ ٿي هئي.

D.M محمد شريف صاحب جنهن وٽ مان دادوءَ ۾ A.D.M ٿي رهيو هئس، اهو پوءِ وري جڏهن سانگهڙ ۾ D.M هيو تہ مان ان وقت رٽائر ٿي آيو هئس. هو هڪڙي دفعي جڏهن لاڙڪاڻي آيو تہ پنهنجي ڊرائيور غلام رسول هٿان نياپو ڪيائين تہ هو شام جو مون وٽ ايندو. مان پوءِ ڊاڪٽر شهہ بيگ چانڊيي ۽ پنهنجي ڀاڻ امان الله کي ٻہ چيو تہ اهي ٻہ انهيءَ مهل اچن، جو ٻہ چار ٿي گڏجي ويهون. هنن ٻنهي جي پڻ اڳ ئي محمد شريف صاحب جن سان چڱي خاصي واقفيت هئي. هوُ شام جو آيو ۽ ڊاڪٽر شهہ بيگ چانڊيو توڙي امان الله ٻہ آيا. هڪ ٻہ ڪلاڪ ڪن ڪچهري ڪري چانهہ پي پوءِ سيئي اٿياسين ۽ محمد شريف صاحب جن روانہ ٿي ويا.

منهجو جڏهن ٻہ ڪراچيءَ وڃڻ ٿيندو هو تہ هو سيڪريٽري هيلٿ يا سيڪريٽري تعليم وغيره هيو تہ مان ساڻن ضرور ملڻ ويندو هئس ۽ ڪين پنهنجو ڪارڊ موڪليندو هئس تہ هڪدم

گهرائيندو هو. پوءِ وٽس ڪيترا بہ ماڻهو اڳ ڇو نہ وينا هجن، هڪ دفعي پنهنجي ائڊيشنل سڪريٽري جيڪو وٽس ويٺل هيو ان کي منهنجي لاءِ چيائين تہ مان سندنس زبردست ٿي رهيو آهيان ۽ جڏهن بہ ڪراچيءَ ايندو آهي تہ وٽس ضرور ايندو آهي. هڪڙي دفعي هو جڏهن سيڪريٽري هيلٿ هيو ۽ مان ساڻن ملڻ پئي ويس ۽ ان وقت منهنجو پٽ محمد سليم بہ گڏ هو تہ منهنجي رستي ۾ عبدالحق جان سرهندي ائڊيشنل سيڪريٽري هيلٿ جي بورڊ تي اوچتو نظر پئجي وئي ۽ مان پنهنجي پٽ کي چيو تہ ياد ڪجانءِ تہ موٽندي عبدالحق جان سرهنديءَ سان ملندا هلون، ڇاڪاڻ تہ مان سانگهڙ ۾ S.D.M هئس تہ هو ڪپري سب ڊويزن جو S.D.M هو. مان محمد شريف صاحب جن سان ملي واپس اچي پنهنجو ڪارڊ پير عبدالحق جان جي پٽيوالي کي ڏنو تہ هي وڃي صاحب کي ڏي، جنهن موٽي اچي چيو تہ صاحب چيو تہ ويهاريوس تہ مان گهرايانس ٿو. مون ان تي پٽيوالي کان پڇيو تہ ڪارڊ ميز تي رکي آئينس يا صاحب کي ڏنئي، جنهن تي ٻڌايائين تہ هن ڪارڊ صاحب کي هٿ ۾ ڏنو پر پوءِ مان نہ ترسيس ۽ هليو آيس. پير عبدالحق جان سرهندي ڪپري ۾ هوندو هو تہ اڪثر ڪري ملاقات ٿيندي هئي ۽ ماڻهو بہ نهايت شريف هوندو هو ۽ ڪا معذوري نہ هوندي هئس. هڪ دفعي تہ مان ڊاڪٽر غلام سرور مستوئي سول سرجن سانگهڙ ۽ دين محمد شيخ ايگزيڪٽو انجنيئر روڊس سانگهڙ وٽس گهمڻ ويا هئاسين ۽ هو اسان کي ڪپري تعلقي ۾ جيڪا وڏي لوڻ جي ڪاڻ هئي اها بہ گهمائڻ وٺي هليو هو ۽ منجهند جي ماني بہ هٿونگي بنگلي تي ڪارائي هيائين پر ان وقت ٻئي ساڳي پوسٽ تي هياسين جو ٻئي S.D.M هياسين پر هن وقت هو وڏي عهدي تي يعني ائڊيشنل سيڪريٽري هو ۽ مان هڪ رٽائرڊ ڪامورو هئس، انهيءَ ڪري هن تي ڪا ميار نہ هئي پر اها منهنجي ئي غلطي هئي جو مان اجا هن کي اهو ئي پير عبدالحق جان سرهندي پئي سمجهيو. جو مون کي ائين نہ سمجهڻ گهرجي ها.

منهنجي ياڻج امان الله هڪ دفعي G.M Syed صاحب کي دعوت ڏئي لاڙڪاڻي گهرايو هو تہ سندن بندوبست منهنجيءَ جاءِ ۾ رکيو هيائين. G.M Syed صاحب تہ ان وقت بہ پيرسن هيو ۽ ويل چيئر تي ويهندو هو. هڪ دفعي وري امان الله بيگم نسيم ولي خان کي بہ دعوت ڏئي لاڙڪاڻي گهرايو تہ ان جو بندوبست بہ منهنجي گهر واري جڳهہ ۾ رکيو هو. ان وقت تہ بيگم نسيم ولي خان نهايت چست ۽ چڱي شڪل شباهت واري هئي پر هاڻي مان جڏهن هن کي هڪ ٻہ دفعو ٿي وي تي ڏٺو آهي تہ سندس حليو ئي بگڙيل ڏٺم ۽ ڊنگر پئي لڳي. (ٻين کي جيڪڏهن اجا بہ ڪنهن چڱي مُنهن مهانڊي ۾ نظر ايندي هجي تہ ان لاءِ مان ڪجهہ نٿو چئي سگهان).

مان رٽائرمينٽ بعد ڪنهن وقت دادوءَ پنهنجي پٽ ڊاڪٽر غلام ياسين وٽ دادوءَ اچي رهيو هئس تہ خبر پئي تہ مسٽر عزيز الله خان بروهي جيڪو منهنجي ميرواهہ سب ڊويزن جي S.D.M هئڻ دوران ٺريءَ ۾ پوليس انسپيڪٽر هو. اهو اتي D.S.P ٿي آيو آهي، ائين پوءِ مان هڪڙي ڏينهن ساڻس آفيس ۾ ملڻ ويس. مان جڏهن سندس آفيس ۾ اندر داخل ٿيس تہ بہ چار پوليس انسپيڪٽر وٽس وينا

هئا مون سان ملي مونکي چيائين تہ خان صاحب اوهان جي نوڪريءَ وارا دور گذري ويا ، هاڻي تہ سندن پوليس ڪاتي ۾ بہ ڪو ڊسيپلين نہ رهيو آهي ۽ سڀ ڪو پئسن جي ميڙ ميڙان ۾ لڳو پيو آهي. مان جڏهن ڪجهہ وقت ساڻس ڪچهري ڪري موڪلائي اٿيس تہ مون سان گڏجي ٻاهر نڪري آيو ۽ چيائين تہ گاڏي ڏيانوَ اوهان کي ڇڏي اچي، پر جيئن تہ مان دادوءَ جي S.D.M جي گاڏي ڪٽي ويو هئس ان ڪري ڪيس چيم تہ مونکي گاڏي آهي.

نوڪريءَ مان رٽائر ٿي اچڻ بعد جن وڏيرن آفيسرن يا ڪنهن پنهنجي ويجهن مائٽن سان ڪنهن ڪم ڪار جي سلسلي ۾ واسطو پيو تہ مون ڪنهن هڪ بہ وڏيري يا پنهنجي عزيز ۾ لحاظ نہ ڏٺو پر البت ڪن آفيسرن تہ ساڳي عزت سان پئي ڏٺو ۽ ڪمن ڪارين ۾ روبرو توڙي پرپٺ نياپي موڪلڻ تي بہ نہ موٽايو ۽ هڪ بہ فون ڪرڻ تي بہ ڪم ڪري ڇڏيائون، جيڪي منهنجا زيردست بہ ٿي رهيا هئا، اهي نهايت بي لحاظ/ بي مروت نڪتا، جن سمورن وڏيرن، آفيسرن خواه عزيزن جو ذڪر هيٺ ڪبو.

وڏيرو عبدالحميد خان جتوئي ۽ سندن فرزند ارجمند لياقت علي خان، انهن ٻنهي جي باري ۾ پنهنجي نوڪريءَ واري دور ۾ ڪافي ڪجهہ مٿي لکي آيو آهيان، سال 1984 جي اپريل مهيني ۾ مان رٽائر ڪري آيس تہ منهنجو پٽ محمد سليم B.Com ڪري آيو. مو عبدالحميد خان کي ڪيس مسلم ڪمرشل بئنڪ ۾ نوڪري وٺائي ڏيڻ لاءِ هڪ بہ دفعو چيو پر هن ڪم نہ ڪيو. (ان وقت مسلم ڪمرشل بئنڪ جو پريزيڊنٽ سليم ملڪ صاحب هو، جو عبدالحميد خان کي بابو ڪري سڏيندو هو، جو هو ملڪ امير محمد خان گورنر جو مائٽ هيو ۽ گورنر صاحب سنڌ ۾ رڳو ٻن ماڻهن هڪ غلام محمد خان وساڻ ۽ ٻيو عبدالحميد خان جتوئي سان ئي ٺهيل هو ۽ اهڙو ذڪر مان اڳ بہ ڪري آيو آهيان) ساڳيءَ طرح لياقت علي خان جنهن کي منهنجي پٽ محمد سليم کي M.B.A ۾ داخلا وٺرائي ڏيڻ لاءِ چيو پر هن بہ ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيو. انهيءَ ڪري مون بہ وري سندن در تي لڙي وڃڻ کان ڪناره ڪشي ڪري ڇڏي ۽ عبدالحميد خان جي حياتيءَ تائين صرف هڪ دفعو انسانيت جي تقاضا سبب جڏهن سندس نوجوان فرزند اعجاز علي وفات ڪري ويو تڏهن ان جي عذر خواهيءَ لاءِ ويس.

جيئن تہ عبدالحميد خان کي گوڏن ۾ سور جو عارضو هو، انهيءَ ڪري هو مٿي ڪرسيءَ تي ويٺل هو ۽ سندس هڪ پاسي سيٺ محمد يوسف هارون صاحب ۽ ٻئي پاسي کان پير محمد خان جتوئي (مرحوم عاشق حسين جو والد بزرگوار) ويٺل هئا. عبدالحميد خان مونکي ڏسي پڇيو تہ محمد علي جنهن تي مان هائوڪار ڪئي، لياقت علي خان ان وقت چيف منسٽر هيو. ٻنهي کي اعجاز علي خان جي وفات تي عذر خواهي ڪري ڪجهہ وقت تڏي تي ويهي واپس آيس. مون سان ان وقت منهنجو نياڻو ڊاڪٽر رسول بخش بہ گڏ هو.

ٻيو دفعو جڏهن عبدالحميد خان پاڻ اوچتو دل جو دور پوڻ ڪري وفات ڪري ويو تڏهن

سندن ڳوٺ ٻيٽي جتوئي لياقت علي خان سان عذر خواهي ڪرڻ ويس پر لياقت علي خان لاءِ چيائون تہ ان جي طبيعت ڪجھہ صحيح نہ هئي، انهيءَ ڪري اندر جاءِ تي آهي، باقي ڀاڻس احسان وينو آهي. مان پوءِ احسان سان عذر خواهي ڪري موٽي آيس. (احسان منهنجو اڳ ڏٺل نہ هو). البت ايترو ڪيم جو ساڻس پنهنجو تعارف ڪرايم تہ مان ۽ سندن والد بزرگوار ميهڙ هاءِ اسڪول ۾ گڏ پڙهيا آهيون ۽ وڏيڪ چيم تہ لياقت علي خان کي ٻڌائي ڇڏجان تہ محمد علي شيخ تعزيت لاءِ آيو هو.

انهن ٻن ڏک وارن موقعن کان سواءِ مان 1984 کان 2006 تائين 22 سالن جي عرصي ۾ لياقت عليءَ خان جي منسٽر، چيف منسٽر يا وفاق وزير هئڻ باوجود ڪڏهن بہ سندن ڳوٺ مبارڪ ڏيڻ واري لنڊي خوشامد ڪرڻ نہ ويو آهيان، جو وڏيري ۽ سرڪاري آفيسر جو تعلق آفيسر جي ڪرسيءَ ۾ هجڻ تائين ئي آهي ۽ سندس رٿائر ٿيڻ تي وڏيري جون اکيون ڦري ويندڙيون آهن.

حاجي ميرڻ شاهہ گمبٽ شريف وارو

مان جڏهن سال 1971 ۾ گمبٽ ۾ مختيارڪار هئس، ان وقت کان وٺي منهنجي 1984 ۾ رٿائرڊ ٿيڻ تائين ساڻس تمام گهاٽا تعلقات رهيا، مان جڏهن ميرواهہ ۾ S.D.M هئس ۽ خيرپور ۾ ميٽنگ ۾ يا ٻئي ڪنهن موقعي يا ڪورٽ ۾ شاهدي ڏيڻ لاءِ ويندو هئس تہ واپسيءَ ۾ مڙئي وٿائنس ٿيندو ايندو هئس ۽ ڪنهن وقت تہ رات بہ اتي ترسي پوندو هئس. هو بہ اڪثر ڪري مون وٽ ٿري ميرواهہ ايندو هو. افتخار سومرو شڪارپور وارو وزير ٿيو هو تہ حاجي ميرڻ شاهہ ساڻن دوستيءَ جو دم ڀريندو هو. مون هڪڙي دفعي رٿائر ٿيڻ بعد ڪيس پنهنجي پٽ غلام ياسين جيڪو M.B.B.S پاس ڪيو وينو هو، ان کي افتخار سومري وزير صاحب کي چئي نوڪري وٺرائڻ لاءِ چيو تہ ڏڏڙ ۾ پير هڻي ويو. (سندن وفات بعد مان سندن فرزند سان گمبٽ عذر خواهي ڪري آيو هئس).

ظفر ٻانيڻ: ظفر آباد تعلقي فيض گنج وارو (مرحوم الاهي بخش خان ٻانيڻ جو فرزند)

1985 جي چونڊن ۾ سنڌ صوبائي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊجي آيو هو ۽ پير صاحب پاڳاري جن جي ويجهن ماڻهن مان هيو. ايتريقدر جو بقول سندس (ظفر) تہ پير صاحب جن ڪيس صوبائي ڪابينا ۾ وزير ڪري ڪٽائڻ جو آسرو بہ ڏنو آهي. ان وٽ بہ 1985 ۾ ساڳيءَ ئي پنهنجي پٽ غلام ياسين کي پير صاحب جن کي چئي نوڪريءَ ڏيارڻ لاءِ چيم پر هن کي بہ اکين پوريل ئي ڏٺم، وري وٽس وڃڻ نہ ٿيو آهي.

قبلہ سيد غوث علي شاهہ صاحب:

سيد غوث علي شاهہ صاحب جن سان ايتري گهاٽائي نہ هئي جو مان سندن تعلقي

خيرپورميرس يا خيرپور سب ڊويزن ۾ نوڪري نہ ڪئي هئي، پر جڏهن خيرپور ۾ ڪيسن ۾ شاهدي ڏيڻ لاءِ ويندو هيس تہ ميل ملاقات ڪري ساڻس چڱي ڄاڻ سڃاڻ ٿي وئي هئي ۽ منهنجي سائين عزت بہ ڪندو هو جنهن ڳالهہ جو ذڪر مان اڳ بہ ڪري چڪو آهيان. شاهہ صاحب جن جڏهن هاءِ ڪورٽ جا جسٽس هئا تہ ساڳي وقت تعليم کاتي جا وزير بہ هئا. ان وقت ڊاڪٽرن جي اميدوارن لاءِ پبلڪ سروس ڪميشن وينل هئي. مان شاهہ صاحب جن جي بنگلي تي ويس تہ ان وقت موجود نہ هو باقي اتي سپاهيءَ ٻڌايو تہ F.I.A جي اسسٽنٽ ڊئريڪٽر کي 3 وڳي جو وقت ڏنل اٿس. مان ان ٽائيم کان 15 منٽ کن اڳ وڃي سندن بنگلي جي ٻاهران گاڏيءَ مان لهي بينس تہ جهٽ کان پوءِ شاهہ صاحب آيو ۽ مون کي ڏسي گاڏي روڪي پڇيائين تہ محمد علي ڪيئن اچڻ ٿيو آهي، جنهن تي مون کيس چيو تہ اوهان ۾ ڪم هو پوءِ پنهنجي بادي گارڊ کي (جو ساڻس پوئين سيٽ تي وينل هو) اڳين سيٽ تي موڪلي مونکي پاڻ سان پوئين سيٽ تي ويهاري چيائين تہ هل تہ ڊرائنگ روم ۾ ٿا هلي ڳالهايون. پوءِ اتي مون کيس بہ پنهنجي پٽ غلام ياسين لاءِ نوڪري جو چيو تہ پبلڪ سروس ڪميشن ترت امتحان وٺڻ واري آهي، انهيءَ ۾ کيس ڪٽائڻ ۾ مدد ڪيو جنهن تي مون کي خاطري ڏيندي چيائين تہ ٽي ميمبر احسان علي شاهہ ۽ بہ ٻيا سندس تعليم کاتي جا ئي پبلڪ سروس ڪميشن جا ميمبر آهن ۽ دلجاءِ ڪري خدا ڪندو تہ منهنجو ڪم ڪرائيندو پر اهو بہ سندن آسرو ئي ڏنل رهيو ۽ ڪم نہ ٿيو. خير انهيءَ جو مون کي ايترو خيال نہ ٿيو جو تہ هن سان نہ منهنجي ڪا خاص گهاٽائي هئي ۽ ٻيو تہ سياسي ماڻهو ڪنهن کي بہ صفا ناامميد ڪري نہ موٽائيندا آهن ۽ آسرو ڏئي خوش ڪري ڇڏيندا آهن ۽ ڪم فقط انهن جو ئي ڪندا آهن جيڪي صبح سانجهيءَ سندن در جا دربان بڻيل هوندا آهن.

ڪجهہ ذڪر بي لحاظ/ بي مروت زيردستن جو:

علي حسن اويسي مون وٽ گمبٽ ۾ جڏهن مختيارڪار هئس تہ هيڊ منشي ٿي رهيو هو هو پوءِ ڪنهن وقت ۾ A.D.M جيڪب آباد ٿيو مان غلام مصطفيٰ جوئي وٽ جڏهن هو علي حسن اويسيءَ کان اڳ جيڪب آباد ۾ A.D.M هيو جن ماڻهن منهنجي لاهوري محلي ۾ پلاٽ تي ناجائز قبضو ڪيو هو ڪيس داخل ڪرايو هو جنهن تي هن ٻن قبضو ڪندڙن کي گرفتار ڪرائي جيڪب آباد جيل ۾ وڌو هو جنهن بعد سيئي قابض پلاٽ جي رقم جيڪا فيصلي ۾ مقرر ٿي هئي، اها قسطن ۾ ڏيڻ قبولي ۽ ڪجهہ قسطون ڏئي وري بس ڪري ويا ۽ وڌيڪ قسطون نہ پئي ڏنائون. ان دوران مسٽر غلام مصطفيٰ جو ڪيو بدلي ٿي ويو ۽ مسٽر علي حسن اويسي سندس جڳهہ تي A.D.M جيڪب آباد ٿيو ۽ اهو ڪيس اجان پينڊنگ ئي پيو هو ۽ مان علي حسن اويسيءَ ڏي جيڪب آباد روبرو وڃي ڪيس چيو تہ هو ماڻهو طئہ ٿيل معاملي باوجود وڌيڪ قسطن ڏيڻ کان نابري واريو وينا آهن. انهن خلاف وارنٽ ڪڍو پر هُو بي شناس جيستائين اتي هيو وارنٽ نہ ڪڍيا ۽ جنهن

وقت وري مسٽر غلام مصطفيٰ A.D.M ٿي آيو انهيءَ ساڳي ڪيس ۾ اچي ٻيهر وارنٽ ڪڍيا ۽ پوءِ هو اهي قسطون ڏيڻ لاءِ آماده ٿيا ۽ هن وقت تائين سيني قبضي ڪندڙن سموري رقم ڏئي سندن قبضي ڪيل ايراضيءَ جو دستاويز لکائي ورتو آهي. (علي حسن اويسي هڪ رات ننڊ ۾ ئي هيو جو سندس روح پرواز ڪري ويو)

شهاب الدين شيخ

هي مون وٽ منهنجي هيڊ منشيءَ واري وقت دوران تپيدار ٿي رهيو هو هن جو ذڪر حالانڪ اڳ ڪري چڪو آهيان پر مختصر طور وري دهرايان ٿو ته هن جي جڏهن زال ڪار جي حادثي ۾ فوت ٿي وئي هئي ۽ ان جو سول هاسپٽل دادوءَ ۾ پوسٽ مارٽم پئي ڪيوو ويو جو هن جي چوڻ تي پوليس ۽ سول سرجن کي چئي روبرو ڪرايو ۽ هو زال جو لاش دادوءَ مان لاڙڪاڻي بنان پوسٽ مارٽم ٿيڻ جي ڪڍائي آيو. هن جڏهن پوءِ شاپنگ سينٽر ٺهرايو ته منهنجي چوڻ باوجدو هڪ دوڪان منهنجي ڀيٽيوئي غلام نبيءَ کي ڪرائي تي ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيائين.

ذڪر انهن آفيسرن جو جن منهنجي رٽائرمينٽ بعد بہ ساڳي نوڪريءَ واري عزت ڏيندي منهنجا ڪم ڪيا، ڇاڪاڻ جو انهن جون ڪيل مهربانيون نہ ڳائڻ نهايت احسان فراموشي ٿيندي.

مسٽر مير محمد پهنيار صاحب ڊپٽي ڪمشنر

مان جڏهن دادوءَ ۾ A.D.M هئس ته هو سيوهڻ ۾ S.D.M هيو هو پوءِ جڏهن دادوءَ ۾ ڊپٽي ڪمشنر ٿي آيو ته ڊاڪٽر يار محمد وڃي ڪيس منهنجو حوالو ڏئي ته هو منهنجو نياڻو آهي ۽ سندس خيرپور تعلقي ۾ زمين جي حوالي سان هڪ ڪم آهي جيڪو نہ پيو ٿئي، هن ڪائنس پڇيو ته درخواست آندي اٿئي ته هن پاڻ سان ڪٿي ويل درخواست ڪيس ڏني، جنهن تي هن مختيارڪار خيرپور ڏانهن نوٽ لکي ڏنو ۽ بقول ڊاڪٽر يار محمد جي ته ڊپٽي ڪمشنر ڪيس وڏيڪ چيو ته جيڪڏهن تنهنجو ڪم نہ ٿئي ته پوءِ تپيدار ۽ سپروائيزنگ تپيدار جيڪي ڪم نہ ڪن، انهن جا نالا لکي اچجان. ڊاڪٽر يار محمد درخواست ته ڪٿي ويو پر تپيدار ۽ سپروائيزنگ مڙئي ڪم ڪرڻ کان نٽائيندا رهيا، هن بہ تي ڪلاڪ سندن اها روش ڏسي سمجهي ويو ته هو ڪم ڪرڻ لاءِ آماده نہ آهن. پوءِ هن مختيارڪار کي ٻڌايو ته ڊپٽي ڪمشنر صاحب ڪيس چيو آهي ته تنهنجو ڪم نہ ٿئي ته پوءِ واسطيدار تپيدار ۽ سپروائيزنگ تپيدار جا نالا پڇيو اچان، سو ڪيس انهن جا نالا رڳو ڏيو ته هو موٽي وڃي صاحب موصوف کي ٻڌائي. ان بعد هنن يڪدم سندس ڪم ڪري ڏنو. (اها حقيقت ڊاڪٽر يار محمد پاڻ مون سان ڪئي هئي، حالانڪ مون نہ ڊپٽي ڪمشنر کي سندس ڪم لاءِ ڪا فون ڪئي هئي ۽ نہ ئي ڪيس ڪو ان ڏانهن ليٽر لکي يا ڪو زباني نياپو ئي ڪيو هو).

D.I.G Police ميجر خالد شيخ صاحب

مان جڏهن ميرواهه ۾ S.D.M هئس تہ ميجر خالد صاهب خيرپور ضلعي جو S.P هيو ۽ اتي ساڻس ملاقات ٿيندي هئي، هو جڏهن لاڙڪاڻي ۾ D.I.G ٿي آيو تہ هڪ دفعو مان ساڻس ملي آيو هئس. رينجرس پوليس ڪن ڏاهاڻين ڏوهارين کي گرفتار ڪيو تہ انهن سان گڏ گاڏيءَ ۾ منهنجي نياڻي عبدالحميد جو ڀاءُ عبدالله بہ هيو. رينجرس سيني کي وٺي اچي D.M لاڙڪاڻي مسٽر بخشل خان گداري آڏو پيش ڪيو. جنهن سيني کي چالان ڪرائي ڇڏيو. عبدالحميد پنهنجي ڀاءُ کي ڇڏائڻ لاءِ مون کي چيو تہ مون D.M صاحب سان فون تي ڳالهايو. جنهن ٻڌايو تہ انهن جوابدارن کي چالان هن ئي ڪرايو آهي، هاڻي هو تہ ڪجهہ نٿو ڪري سگهي، مان ڪانئسن پڇيو تہ D.I.G صاحب ڪجهہ ڪري سگهي ٿو؟ جنهن تي چيائين تہ هن سان ڳالهائي ڏسو. (بخشل خان گارو ۽ مان ميرپورخاص ضلعي ۾ گڏ S.D.M ٿي رهيا هئاسين ۽ ان کان اڳ ڪراچيءَ ۾ بہ گڏ ائڊيشنل سٽي مئجسٽريٽ ٿي رهيا هئاسين، جنهن ڪري پاڻ ۾ دعا سلام هوندي هئي) مان پوءِ D.I.G صاحب جن کي فون ڪئي پر هو موجود نہ هئا ۽ مان سندن P.A کي پنهنجو ٽيليفون نمبر نوٽ ڪرائي ڇڏيو. رات جو 10 وڳي ڌاري D.I.G صاحب فون ڪئي ۽ ڪم بابت پڇيائين تہ مون ڪيس مٿين حقيقت ڪئي، جنهن تي چيائين تہ اهو ڪم رينجرس وارن جو آهي، تنهن هوندي بہ هو حال في الحال بہ ڏينهن موڪل تي وڃي ٿو ۽ موڪل تان موٽي تہ ساڻس ملان. پر پوءِ مون کين وڌيڪ چوڻ مناسب نہ سمجهيو. ڇو جو رينجرس وارا ڏاڍا نياڳا آهن ۽ مان هنن وٽ D.I.G جي عهدي واري آفيسر کي Awkward پوزيشن ۾ وجهڻ نہ چاهيو. (تنهن هوندي بہ D.I.G صاحب جن جي اها مون رٽائرڊ ماڻهوءَ کي رات جي ٽائيم ۾ Back Ring ڪري پڇا ڪرڻ بہ مهرباني چئبي). ميجر خالد شيخ صاحب ائڊيشنل انسپيڪٽر جنرل پوليس ٿيو هو ۽ وفات ڪري ويو آهي.

مسٽر عبدالله پٽي ائڊيشنل سٽي مئجسٽريٽ ڪراچي

بقول عزيز الرحمٰن جي تہ هو مسٽر عبدالله پٽيءَ جي ڪورٽ ۾ پنهنجي اصيل جنهن جو هو وڪيل هو، هڪڙي ڪم لاءِ ويو، جو هن نہ ڪيو. پوءِ ڪورٽ مان ڪم پورو ڪري جڏهن پنهنجي چيمبر ۾ ويو تہ هن کي گهرايائين ۽ احوال وٺندي پڇيائين تہ ڪهڙن شيخن مان آهين، جنهن تي هن ڪيس منهنجو حوالو ڏنس تہ چيائين تہ هو سندس مهربان آفيسر ٿي رهيو آهي ۽ ڪم ڪري ڏنائين. عزيز الرحمٰن اهو بہ ٻڌايو تہ هن پوءِ اصل کان ٻيٽي في وصول ڪئي.

مسٽر رسول بخش منگي اسسٽنٽ ڪمشنر آفيس ڪمشنر صاحب سکر

مسٽر عبدالحميد منهنجي نياڻي جي لاڙڪاڻي خزاني آفيس مان ٻاهر ڪنهن ٻئي ضلعي ۾ بدلي ٿي هئي جا هن منهنجي فون ڪرڻ تي رد ڪرائي.

مسٽر عبدالغفار سومرو صاحب سيڪريٽري فوڊ ڪاتو

منهنجي نياڻي مسٽر عبدالحميد جو ٽريئري آفيسر طور پهريون پروموشن پئي ٿيو تہ هن سان مان بہ ڪراچيءَ گڏ ويو هئس. هو سيڪشن آفيسر ڏيٽي صاحب غلام عباس وٽ وينو هو ۽ پنهنجي پروموشن جي باري ۾ واسطيدار اختياريءَ وارن سان ملي آيو هو ۽ ڪيس سانگهڙ ۾ رکڻ جو ٻڌايو هئائون پر اجا آرڊر نڪتو نہ هو. انهيءَ دوران مون مسٽر عبدالحميد کي چيو تہ مان مسٽر عدالغفار سومري صاحب سان ملڻ وڃان ٿو ۽ چوين تہ تنهنجي باري ۾ چوانس تہ هن پنهنجو ارادو ميرپورخاص لاءِ ڏيکاريو. مان مسٽر عبدالغفار صاحب سان ملڻ ويس تہ ان وٽ مسٽر قبول محمد شيخ وينو هو. جنهن کي مون تہ نہ سڃاتو پر پاڻ ئي پنهنجو تعارف ڪندي ٻڌايائين تہ هن وقت گورنر هائوس ۾ سيڪريٽري آهي. اتي مون کي سندس ڪيل احسان ياد آيو ۽ ڪيس ٻڌايم تہ اوهان جڏهن ڪوٽڙي ۾ S.D.M هيا تہ منهنجي ڄامشوري واري پلاٽ تي ڪيل ناجائز قبضو اوهان مهرباني ڪري پٽرائي پلاٽ خالي ڪرائي ڏنو هو. مون پوءِ مسٽر عبدالغفار سومري صاحب کي عبدالحميد شيخ کي ميرپورخاص ۾ رکڻ لاءِ چيو. هن پوءِ فنانس سيڪريٽري محترمہ رخسانہ سليم کي عبدالحميد کي ميرپورخاص ۾ رکڻ لاءِ چيو ۽ وڌيڪ منهنجي لاءِ ٻڌايائين تہ هو ۽ مان گڏ رهيا آهيون Colleague) ٿي رهيا آهيون). جنهن تي فنانس سڪريٽري کيس چيو تہ ميرپورخاص لاءِ ڪو ٻيو شيخ جاڳي پئي تہ پوءِ ان تي مسٽر عبدالغفار صاحب مون کي اهو ٻڌائي ٻيوآپشن گهريو. جنهن تہ مون کيس چيو تہ پوءِ لاڙڪاڻي لاءِ چئوس. هن پوءِ فنانس سيڪريٽريءَ کي اهو آپشن ٻڌايو.

مان صاحب موصوف کان موڪلائي آيس ۽ عبدالحميد کي اها حقيقت ڪئي تہ هن چيو تہ ميرپورخاص نہ تہ پوءِ لاڙڪاڻي لاءِ نہ پر سانگهڙ لاءِ چئوس ها. مان کيس چيو تہ سانگهڙ تہ اوهان کي آفيس وارا ازخود ڏين پيا. انهيءَ ڪري مون سانگهڙ لاءِ نہ چيم. سندس آرڊر پوءِ سانگهڙ لاءِ ٿي ويو هو. (عبدالغفار سومرو ميرپورخاص ۾ S.D.M هو تہ مان ڊگڙيءَ ۾ S.D.M هئس)

مسٽر محدم ابراهيم سومرو صاحب

دادو شهر مان ٻہ سومرا ذات جون نينگريون ٻن ڄڻ سان گڏجي ڪراچي ڪورٽ ۾ مئريج ڪرڻ لاءِ گهران نڪري ويون. هنن ڪراچيءَ ۾ منهنجي نياڻي عزيز الرحمن وڪيل وٽ ان ارادي سان ويون. جنهن ضروري ڪاغذ تيار ڪري ڇڏيا ۽ ڪين ٻئي ڏينهن تي اچڻ لاءِ چيائين تہ جيئن ڪين ڪورٽ ۾ پيش ڪري ۽ هُو ڪورٽ مئريج ڪن. هيڏانهن ميهڙ مان بہ پوليس انهن نينگرين کي هٿ ڪرڻ لاءِ وئي ۽ اتي ڪين خبر پئي تہ اهي ڇوڪرن سان گڏ مسٽر عزيز الرحمن جي آفيس ويون هيون. ڇوڪريون تہ ان وقت تائين هن جي آفيس مان نڪري ويون هيون. مسٽر محمد ابراهيم

سومرو صاحب ان وقت چيف منسٽر صياحب جو سيڪريٽري هيو. ميهڙ پوليس اها ڳالهه هن سان ڪئي، هو پاڻ بہ ميهڙ پرسان ئي شاهه پنجي جو وينل هو ۽ وڏي ڳالهه تہ ڇوڪريون بہ سندس ئي ذات واريون هيون، ان ڪري هن ڇوڪرين کي بازياب ڪرائڻ لاءِ ڏاڍي دلچسپي ورتي، جهن پوليس کي چيو تہ ان وڪيل تي بہ ڪارروائي ڪيو ۽ ڪيس وٺي ٽاڻي تي ويهاريو.

ميهڙ پوليس پوءِ مسٽر عزيز الرحمن کي وٺي وڃي گذري ٽاڻي تي ويهاريو هن اتان اهڙو اطلاع پنهنجي گهر منهنجي نياڻيءَ کي ڏنو ۽ وڏيڪ ڪيس ائين بہ چيائين تہ جيستائين مسٽر محمد ابراهيم سومرو صاحب پوليس کي نہ چوندو، تيستائين ٻئي ڪنهن جي بہ چوڻ تي نہ ڇڏيندا. منهنجي نياڻيءَ پوءِ مون کي لاڙڪاڻي فون ڪري سموري حقيقت ڪئي ۽ مسٽر محمد ابراهيم سومري صاحب کي چوڻ لاءِ چيائين. مون پوءِ مسٽر محمد ابراهيم صاحب کي فون ڪري ڪيس عزيز الرحمن کي ڇڏائن لاءِ عرض ڪيو جنهن تي هن چيو تہ ڪم تہ خراب ڪيو اٿائين پر توهان سان پراڻا تعلقات آهن، انهيءَ ڪري هو پوليس کي چوي ٿو ۽ هن جي چوڻ بعد ئي ميهڙ پوليس عزيز الرحمن کي آزاد ڪيو. (هتي مان اهو واضح ڪرڻ ٿو چاهيان تہ مسٽر محمد ابراهيم سومرو شروع ۾ ٻيلي ڪاتي ۾ رينج فاريسٽر آفيسر هيو جتان ڇڏي پوءِ هو سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ سيڪشن آفيسر ٿيو تہ منهنجو ان وقت کان وٺي ساڻن سنو لڳ لاڳاپو هيو ۽ جڏهن بہ مان ڪراچيءَ ويندو هئس تہ ساڻن سيڪشن آفيسر واري وقت ۾ ۽ پوءِ ڊپٽي سيڪريٽري ٿيڻ واري دور ۾ بہ ملڻ ٿيندو هو. هن جي ڀاءُ مسٽر غلام نبي سومرو جيڪو هاءِ ڪورٽ جو جسٽس ٿي رهيو. توڙي سندس سهري ميان عبدالرحمن خان سومري ۽ سندس سالي مسٽر خالد محمود سومرو جيڪو سکر ۾ ڪمشنر ٿي رهيو انهن مڙني سان منهنجي گهڻي وقت کان ويجها تعلقات رهيا هئا).

مسٽر محمد ابراهيم سومرو صاحب نوڪريءَ دوران ئي ننڍي عمر ج ۾ ڪينسر جي عارضي سبب وفات ڪري ويو. جنهن جي عذر خواهيءَ لاءِ مان سندس ڳوٺ شاهه پنهنجي سندن ڀاءُ مسٽر غلام نبي سومري صاحب ۽ مسٽر خالد محمود سومري صاحب جن ڏانهن ويو هئس ۽ اهي پاڻ ان وقت موجود هئا. مان جڏهن هنن وٽ ويس تہ بہ ڄڻا اڳ وٽن وينا هئا، جي ڏسڻ ۾ تہ ڪي آفيسر پئي لڳا پر مون کين نہ سڃاتو. پوءِ ڇڳو وقت ويهي اهي ٻئي اٿيا تہ هڪڙي پنهنجو پاڻ تعارف ڪرائيندي چيو تہ عبدالغفار سومرو (جنهن جو مان مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان) جنهن تي مون کين چيو تہ معاف ڪجو جو مون نہ سڃاتو. ڇاڪاڻ تہ ڇڳو وقت گذري چڪو هو، ٻيو تہ مان پيرسن ماڻهو سو يادگيريءَ جو ائين ئي چٽ!

باقي ساڻس جيڪو ٻيو آفيسر هو نہ هن مونکي سڃاتو ۽ نہ مان ئي هن کي سڃاتو پر پوءِ ڳالهين ڪندي هڪ ٻئي کي سڃاتوسين، جو هو عبدالحفيظ سومرو صاحب هيو. جنهن مون کان گهوٽڪيءَ ۾ ڊپٽي ڪالونائيزيشن آفيسر جي چارج ورتي هئي ۽ هن سان پوءِ بہ هڪ دفعو جڏهن هو ائڊيشنل ڪمشنر ڪراچي هو تہ سندن آفيس ۾ ملاقات ٿي هئي، هو هينئر رٽائر ٿي چڪو هو. مسٽر

غلام نبي سومري صاحب جا ٻہ ڀائر فيض محمد خان ۽ علي حسن خان ٻہ مسٽر محدم ابراهيم سومري جن کان اڳ فوت ٿي ويا هئا تہ انهن موقعن تي ٻہ مان وٽن عذر خواهي لاءِ ويو هئس. مسٽر خالد محمود سومري صاحب جي ڀاءُ ڊاڪٽر کي ڏاڙيل ڳوٺ ۾ قتل ڪري ويا هئا ۽ جڏهن وري سندن والد بزرگوار ميان عبدالرحمٰن وفات ڪري ويو هو تڏهن ٻہ ٻنهي موقعن تي مان وٽن عذر خواهي لاءِ ويو هئس.

مسٽر شاهد عزيز صاحب

مسٽر عبدالحميد شيخ منهنجو نياٽو جڏهن سانگهڙ ۾ ٽريزري آفيسر هو تڏهن سندس ڀاءُ عبدالله خان لاڙڪاڻي ۾ اوچتو انتقال ڪري ويو. منهنجي نياٽيءَ کيس فون تي اهڙو اطلاع ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر هن جو رابطو نہ ٿي سگهيو. پوءِ منهنجي نياٽيءَ مونکي فون ڪئي تہ مان سانگهڙ ڪنهن سان ڳالهايان تہ اهو عبدالحميد کي اطلاع ڪري. مون مسٽر عبدالڪريم سريوال وڪيل کي فون ڪئي تہ مسٽر عبدالحميد فون تي نٿو ملي الائي فون خراب اٿس ڇا! انهيءَ ڪري اوهان کيس سندس ڀاءُ جي وفات جو اطلاع ڏيو. هن پوءِ وڃي سندس هڪ ڪلارڪ کي اها خبر ڪئي تہ عبدالحميد جتي ٻہ هجي اتي اهڙو اطلاع ڪيوس، جو اهو آچر جو ڏينهن هو ۽ هو ڪپري ويل هو. ان ڪلارڪ ڪپري اهڙو اطلاع ڪيو پر عبدالحميد اتان اڳ ئي گرهوڙي شريف جن جي درگاهہ ڏانهن نڪري ويو هو. پوءِ ڪپري مان هن جي پٽيان ٻي گاڏيءَ ۾ وڃي ڪين اڏ رستي تي احوال ڪيو ۽ هو اتان ئي واپس موٽي صبح جو 5 بجي ڏاري پهتو ۽ جناز نماز وغيره ۾ اچي شريڪ ٿيو. عبدالحميد جي ڀاءُ جي خيرات جي ماني ٿي گذري تہ ويٽي ويٽي چيائين تہ ٻڌي ٿو تہ ڪيس سانگهڙ مان مٽي بدلي ڪن ٿا، سو شاهد عزيز صاحب جن کي فون ڪيو. جيئن سندس بدلي سانگهڙ مان نہ ٿئي، جو ان وقت جيڪا فنانس سيڪريٽري مسز رخسانہ سليم هئي سندن سالي هئي.

مان شاهد عزيز صاحب جن کي ڪراچيءَ فون تي عرض ڪيو تہ فنانس سيڪريٽري صاحبہ کي چوي تہ عبدالحميد کي سانگهڙ مان مٽي ۽ بدلي نہ ڪري، جنهن تي چيائين تہ ”بھائی میں جھوٹے لوگوں کو نہیں کہتا“ جنهن تي مان وري کين عرض ڪيو تہ ”سر وہ تو آپ کی سالی ہے“ جنهن تي چيائين تہ ”آپ کی وجہ سے میں اس کو کہونگا“. هن پوءِ کيس چيو هوندو. جنهن جي ڪري ئي عبدالحميد جي سانگهڙ مان بدلي نہ ٿي. ان کان اڳ ٻہ منهنجو پٽ محمد سليم P.T.C.L ۾ سروس لاءِ انٽرويو ڏئي آيو هو. ان وقت شاهد عزيز صاحب ائڊيشنل سيڪريٽري ڪميونيڪيشن وفاقي حڪومت ۾ هو. مون کين اسلام آباد فون ڪري هن جي مدد ڪرڻ لاءِ عرض ڪيو هو. جنهن لاءِ ٻہ دلجاءِ جهڙو آسرو ڏنو هئائين. مون وري جڏهن ٻيو دفعو کين اسلام آباد فون ڪري احوال معلوم ڪرڻ چاهيو تہ ان دوران هو ان پوسٽ تان بدلي ٿي ويو هو ۽ چيئرمين نئشنل هاءِ وي اٿارٽي (Chairman National High Way

Authority) ٿي ويو هو. (منهنجي پٽ محمد سليم بہ ٻڌايو تہ P.T.C.L جا ملازم ڪورٽ ۾ ويا هئا ۽ اهو ڪم اتي ئي رڪجي ويو).

مسٽر عبدالقادر منگي صاحب ائڊيشنل ڪمشنر لاڙڪاڻو

عبدالحميد شيخ لاڙڪاڻي ۾ اسسٽنٽ اڪائونٽنٽ هو تہ ڪمشنر صاحب سندس بدلي شايد تہ شڪارپور ڪئي هئي، مان سندس بدلي بند ڪرائڻ لاءِ مسٽر محمد رمضان چنہ اسسٽنٽ ڪمشنر (روينيو) ۽ مسٽر ظفر علي شر اسسٽنٽن ڪمشنر (جنرل) کي ساڻ وٺي مسٽر عبدالقادر منگي صاحب ڏانهن ان ڪم لاءِ ويس، جو منهنجي اڳ ساڻنس ڪا خاص واقفيت وڙي نہ هئي پر سندن نالو ٻڌندو هئس. هن ٻنهي مسٽر محمد رمضان ۽ ظفر علي شر کين چيو تہ هو ٻئي منهنجي Collegue ٿي رهيا آهن، ان ڪري منهنجو عبدالحميد جي بدلي بند ڪرائڻ وارو ڪم ڪري ڏي. جنهن تي هن کين چيو تہ ڊپٽي ڪمشنر صاحب کان اهڙو D.O Letter وٺي اچي. عبدالحميد پوءِ ڊپٽي ڪمشنر صاحب جو ڪمشنر صاحب جن ڏانهن اهڙو D.O Letter وٺي آيو. جنهن تي ڪمشنر صاحب خود ئي هن جي بدلي رد ڪرڻ جو آرڊر ڪري موڪليو.

مسٽر عبدالرشيد ميمڻ صاحب ائڊيشنل ڪمشنر لاڙڪاڻو.

ٻيو دفع وري عبدالحميد جي لاڙڪاڻي مان بدلي ٿي تہ مان مسٽر عبدالرشيد ميمڻ ائڊيشنل ڪمشنر صاحب سان وڃي روبرو مليس (جو هن سان اڳ چڱي ڄاڻ سڃاڻ هئي) ۽ ڪيس بدلي بند ڪرڻ لاءِ عرض ڪيم ۽ هن مهرباني ڪئي ۽ بدلي بند ڪيائين. (مسٽر عبدالرشيد ميمڻ صاحب کان مان ڊگري S.D.M جي چارج ورتي هئي).

مسٽر خالد محمود سومرو صاحب ائڊيشنل ڪمشنر لاڙڪاڻو

هڪڙي ڏينهن منهنجي سؤٽ حسن الله جو پٽ جاويد آيو ۽ اچي چيائين تہ هن پنهنجي سؤٽ (جيڪا سندس منگيندي هئي ۽ منهنجي پڻ ڏوهتي هئي) ان جي P.R.C ملڻ لاءِ ڪاغذ تعلقي آفيس ۾ ڏنا آهن پر هو چون ٿا تہ اهي پورا ناهن ۽ انهيءَ ڪري هو D.M صاحب ڏانهن رپورٽ بہ نہ پيا موڪلين، سو ان لاءِ ڪنهن کي چئو. مان پوءِ خالد محمود سومري ائڊيشنل ڪمشنر صاحب سان مليس ۽ ڪيس سموري حقيقت ڪئي ۽ ڪيس ان ڪم ۾ مدد ڪرڻ لاءِ چيو جو پبلڪ سروس ڪميشن ۾ انٽرويو ترت ٿيڻا هئا، جنهن ۾ اهو P.R.C ضرور پيش ڪرڻو هو. خالد محمود سومري صاحب پوءِ D.M صاحب کي فون ڪئي پر هو برگيڊيئر وٽ ميٽنگ ۾ ويل هو. هن پوءِ وري اوڏانهن فون ڪئي تہ برگيڊيئر صاحب چيس تہ ميٽنگ ۾ ويٺو آهي، جي اهڙو ڪو ضروري ڪم آهي تہ

اوهان سان ڳالهائي پر خالد محمود صاحب چيس تہ نہ چئي ڇڏيوس تہ جنهن مهل پنهنجي آفيس ۾ اچي تہ ساڻس ڳالهائي. مان پوءِ ڪيس پنهنجي ڏوهتيءَ جنهن جي نالي تي P.R certificate ڪپندو هو اهو نالو ۽ جاويد جا نالو نوٽ ڪرايا ۽ ڪيس چيو تہ D.M صاحب سان جاويد ملندو.

ٻئي ڏينهن تي صبح جو D.M صاحب قمبر گشت ۾ نڪري ويو هو. مان ان وچ ۾ مسٽر نظام الدين نٿيار مختيارڪار لاڙڪاڻي (هو منهنجي دادوءَ ۾ نوڪريءَ دوران اتي ئي سروس ۾ هيو) کي فون ڪئي تہ اهي P.R.C وارا ڪاغذ حال في الحال پاڻ وٽ روڪجان ۽ ڪارپوريٽ D.M صاحب ڏانهن نہ موڪلجان. جيستائين مان اوهان سان روبرو ملان، مون پوءِ وڃي اهي ڪاغذ آفيس مان گهرائي ڏنا، جي بلڪل درست هئا ۽ مختيارڪار کي بہ چيم تہ ڪاغذ پاڻ بہ ڏسي جنهن ڏسي چيو تہ ڪاغذ بلڪل پورا آهن ۽ پوءِ هن مونکي P.R.C ملڻ لاءِ فائدي ۾ رپورٽ ڪڍي ڏني. جيڪي ڪاغذ مون وڃي D.M صاحب جي P.A مسٽر سانگيءَ کي ڏنا، جنهن P.R Certificate نهرائي D.M صاحب کان صحيح ڪرائي ڏنو ۽ ڪم روٽين ۾ ٿي ويو. مون اهڙو احوال خالد محمود سومري کي ڏئي ڇڏي تہ متان D.M صاحب ساڻن ان باري ۾ وري ڳالهائي.

خالد محمود سومرو صاحب جڏهن سکر ڊويزن جو ڪمشنر صاحب ٿي آيو هو تہ مان کين مبارڪ ڏئي آيو هئس، پر مان جڏهن کين مبارڪ ڏيڻ ويس تہ ان کان اڳ سندن والد بزرگوار ميان عبدالرحمن خان وفات ڪري ويو هو پر ان وقت تائين مونکي اهڙي ڪا بہ خبر نہ هئي. مان هڪ ڏينهن دادوءَ ويس تہ ڊاڪٽر عبدالرزق ابڙي ڊينٽل سرجن سول هاسپٽل دادوءَ اها ڳالهہ ٻڌائي تہ ميان صاحب انتقال ڪري ويو آهي. مان پوءِ سندن ڳوٺ شاهہ پنجي وڃي ميان صاحبن جي فرزندن سان جيڪي اتي موجود هئا، عذر خواهي ڪري آيس پر خالد محمود صاحب پاڻ سکر هو. مان ارادو ڪيو تہ وٽس بہ عذرخواهيءَ لاءِ سکر ويندس. انهيءَ دوران عبدالحميد منهنجي نياڻي جي هڪ دوست جي بدلي نوابشاهہ مان سکر ڪمشنر صاحب خالد محمود سومري ڪئي هئي تہ عبدالحميد مونکي اها بدلي بند ڪرائڻ لاءِ چيو. مون ڪيس چيو تہ مان سکر وڃڻو آهيان ۽ مونکي اهڙي درخواست لکي ڏجان تہ ڪٽي ويندس ۽ ڪوشش ڪري ڏسندس. هن درخواست بجاءِ ان بدليءَ واري آرڊر جي ڪاپي ڏئي ڇڏي. مان جڏهن سکر وڃي خالد محمد سومري صاحب سان سندن آفيس اندر داخل ٿيس تہ هو ڪرسيءَ تان اٿيو بيني فون تي پئي ڳالهايائين. هن جڏهن فون بند ڪئي تہ مان کين سندن والد صاحب جي فوت ٿيڻ تي عذر خواهي ڪئي ۽ کين ٻڌايم تہ مان جڏهن اڳ کين مبارڪ ڏيڻ لاءِ وٽن آيو هئس تہ ان وٽ تائين مون کي اها اوهان جي والد صاحب جن جي وفات ڪري وڃڻ جي خبر نہ هئي. عبدالحميد جي آرڊر جي ڏنل ڪاپي تہ مون وٽ موجود هئي پر موقعي جي لحاظ کان مان دليون هڻڻ لڳس تہ ڪيس چوان يا نہ!! هيڏانهن اهو بہ پيو سوچيان تہ عبدالحميد سان ڪهڙو وڃي ڪوڙ هڻان!

آخر مون هن کي اها آرڊر جي ڪاپي ڏئي عرض ڪيو تہ هي آرڊر تہ مهرباني ڪري رد ڪري

ڏيو. ان تي هو ڪرسيءَ تي ويٺو ۽ ائڊيشنل ڪمشنر صاحب غلام حسين قريشيءَ کي فون ڪري گهرايائين تہ شيخ صاحب توتي دانهين آيو آهي (غلام حسين قريشي صاحب بہ دادوءَ جو ويٺل هو ۽ هن سان منهنجي بہ چڱي گهاٽائي اڳ ئي هئي). قريشي صاحب آيو تہ ان کي چيائين تہ هي آرڊر شيخ صاهب جيئن چوي تيئن رد ڪري ڏجو ۽ گاڏي بہ ڏجو تہ جتي وڃڻو هجيس اتي ڪيس ڇڏي اچي. مون کي پوءِ چيائين تہ هو تڪڙو آهي جو ڪيس ڪراچيءَ ميٽنگ ۾ وڃڻو آهي. ايئن چئي هو ڪرسيءَ تان اٿيو ۽ هيٺ لٿو تہ مان بہ ساڻس گڏ آيس، هن جي رواني ٿي وڃن بعد مان اچي مسٽر غلام حسين قريشي صاحب وٽ ويٺس تہ هن آفيس سرپرنٽينڊنگٽ کي گهرائي چيو تہ ان آرڊر کي رد ڪرڻ جو آرڊر تيار ڪري اچي. ان دوران مسٽر عبدالوحيد ماڪو جيڪو بہ ڪمشنر صاحب جن جي آفيس ۾ ئي هيو، اهو بہ اچي قريشي صاحب وٽ ويٺو تہ ان کي منهنجي نالي چيائين تہ هن انجنيئر کي گرفتار ڪرايو هو، حالانڪہ ان کي ڪافي عرصو گذري چڪو هو. آفيس سپرنٽينڊنٽ انهيءَ دوران اڳ نڪتل آرڊر رد ڪرڻ جو آرڊر تيار ڪري ڪڍي آيو، جو قريشي صاحب مونکي صحيح ڪري ۽ نمبر هڻائي ڏنو، جو مون واپس اچي مسٽر عبدالحميد کي ڏنو.

مسٽر غلام محمد ميمڻ صاحب رٽائرڊ ميمبر بورڊ آف رويني‌يو

منهنجو نياڻو ڊاڪٽر رسول بخش شيخ باليشاهہ ۾ پوسٽ ٿيل هو، جنهن کي ميهڙ مان اوڏانهن روزانو اوٺ موٽ ۾ تڪليف ٿيندي هئي. انهيءَ دوران مان لاڙڪاڻو ڇڏي اچي حيدرآباد رهيس. هڪڙي ڏينهن مان مسٽر غلام حسين شيخ ڊئريڪٽر ڊينٽل سروسز سنڌ وٽ آفيس ۾ وڃي ڪيس چيو تہ ڊاڪٽر رسول بخش جي باليشاهہ مان ميهڙ ڊئريڪٽر جنرل هيلٿ سروسز سنڌ کان بدلي ڪرائي ڏي (ان وقت ڊاڪٽرن جون بدليون D.G Health) ئي ڪندو هو) پر هن پنهنجي D.G Health ۾ اميد نہ ڏيکاري ۽ مورڳو ايترو ٻڌايائين تہ هن سندس نياڻيءَ جو ئي ڪم نہ ڪيو هو. (مسٽر غلام حسين شيخ صاحب بہ لاڙڪاڻي جو ويٺل هو ۽ ساڻس دوستيءَ جو رستو هو). مان پوءِ ڪانئس صلاح پڇي تہ ڪيس ڪنهن کان ڇورائجي. جنهن تي ٻڌايائين تہ D.G محمد اسحاق ميمڻ صاحب ڏيپلي جو ويٺل آهي ۽ ڏيپلائن جا ڪم مڙئي ڪندو آهي. مان پوءِ ڪيس چيو تہ ڀلا ڪيس مسٽر غلام محمد ميمڻ رٽائرڊ ميمبر بورڊ آف رويني‌يو بہ ڏيپلي جو ويٺل آهي ۽ هو جڏهن خيرپور ۾ ڊپٽي ڪمشنر هو تڏهن مان وٽس ميرواهہ سب ڊويزن تي S.D.M ٿي رهيو آهيان ۽ اهو چويس تہ ڪم ٿيندو، جنهن تي مسٽر غلام حسين صاحب چيو تہ هن کي انڪار نہ ڪندو.

مان پوءِ مسٽر غالم محمد ميمڻ صاحب جن وٽ سندن بنگلي G.O.R ڪالونيءَ ۾ وڃي ساڻن مليس. منهنجي رپورٽ ڪرائڻ تي مون کي گهرائي ڊرائنگ روم ۾ ويهاريائين ۽ ٻڌايائين تہ ڪيس Brain Stroke لڳو هو ۽ ٻاهر نہ نڪرندو آهي ۽ ڊرائنگ روم ۾ بہ صرف منهنجي ڪري ئي آيو هو. هيڏانهن هوڏانهن جا احوال ڪرڻ کان پوءِ مون ڪيس ڊاڪٽر رسول بخش جي باليشاهہ مان

ميهڙ بدلي ڪرائن لاءِ چيو. هن پوءِ وڃي ٻہ وزٽنگ ڪارڊ ڪڍي اچي مون کي ڏنا ۽ چيائين تہ هڪڙو ڪارڊ D.G Health مسٽر محمد اسحاق ميمڻ کي ڏيان ۽ ٻئي ڪارڊ تي منهنجو ٽيليفون نمبر اٿئي، انهيءَ تي ٻڌائجان تہ ڇا ٿيو!

مان پوءِ ڪانئن اهي ڪارڊ وٺي D.G Health آفيس آيس ۽ پهريائين مون ڪيس پنهنجو ڪارڊ موڪليو جنهن تي مون کي اندر گهرايائين، مان اندر وڃي ڪرسيءَ تي ويهي ڪين مسٽر غلام محمد ميمڻ صاحب جن جو ڪارڊ ڏنو جيڪو پڙهي چيائين تہ سفارش تہ ڪرڙي ڪڍي آيو آهين. خير پوءِ جيڪي وهيو واپريو اهو تہ هڪ ڊگهو قصو آهي. بهرحال اتي مونکي ٽي چار ڪلاڪ ويهڻو پيو جو مان چاهيو پئي تہ ڪم جيئن اج ئي ٿئي ۽ ڏٺم تہ هن ٻہ اهو ئي پئي چاهيو تہ مونکي ڪم ان ڏينهن ئي ڪري ڏئي. ايتري ۾ ٻپهري جي نماز جو ٽائيم ٿيو ۽ پاڻ نماز لاءِ اٿيو تہ مان ڪين چيو تہ مان ٻہ مسجد (جيڪا اتي ئي پرسان هئي) ۾ نماز پڙهي اچان ٿو. مان نماز پڙهي موٽي اچي سندن آفيس ۾ ويٺس تہ هن ڊاڪٽر صاحب جي بدلي جي آرڊر جي ڪاپي (جيڪو هن اڳي ئي صحيح ڪري ڇڏيو هو) مونکي ڏني، جيڪا مان ڪانئن وٺي ۽ مهرباني چوندي ڪڍي آيس.

مان پوءِ مسٽر غلام محمد ميمڻ صاحب جن سان ٻہ ٽي دفعا فون تي احوال ٻڌائيڻ جي ڪوشش ڪئي تہ هن جي چوڻ مطابق تہ احوال ٻڌائجان ۽ مون چاهيو تہ ڪين ٻڌايان تہ D.G Health صاحب جن مهرباني ڪري بدليءَ جو آرڊر ڪري ڏنو آهي پر ساڻن فون تي رابطو نہ ٿي سگهيو. ٻئي ڏينهن ٻہ اهڙي ڪوشش ڪيم پر تڏهن ٻہ ساڻن ڳالهائڻ نہ ٿي سگهيو. پوءِ آرڊر جي فوٽو ڪاپي ڪرائي ان تي ڊاڪٽر رسول بخش جي نالي آڏو ٽڪ ڪري لفافي ۾ وجهي پاڻ ڪڍي سندس بنگلي تي ويس تہ بيل وڄائڻ تي هڪڙي ڪِڪي جيڪا وٽن ڪم ڪندي هئي اها آئي، جنهن کان صاحب موصوف جن جي پڇا ڪيم تہ چيائين آرام ۾ آهن ۽ وڏيڪ اهو ٻڌايائين تہ ٻن ڏينهن کان فون ٻہ خراب آهي. مان پوءِ لفافو جنهن ۾ آرڊر جي فوٽو ڪاپي هئي، اهو اها ڪِڪيءَ کي ڏئي چيو تہ جنهن مهل صاحب جن آرام مان اٿن تہ ڪين هي لفافو ڏجان.

مسٽر غلام محمد ميمڻ صاحب جن جو وڏو ڀاءُ ڊاڪٽر صالح ميمڻ صاحب (جيڪو هيلٿ سيڪريٽري ٻہ ٿي رهيو هو) اهو وفات ڪري ويو تہ مان صاحب موصوف جن وٽ عذر خواهي ڪرڻ ويو هئس. ان وقت سندن هڪ فرزند جنهن لاءِ ٻڌايائين تہ ڊاڪٽر آهي، اتي اچي نڪتو تہ ساڻن منهنجو تعارف ڪرايائين ۽ چيائين تہ هي سندن فرزند جڏهن ننڍو هوندو هو تہ مان وٽس خيرپور ۾ S.D.M ٿي رهيو هئس. ان کان بعد وري ساڻن ملاقات نہ ٿي آهي. جو مان ٻہ گهڻو ٻاهر نڪرڻ جهڙو ناهيان ۽ هو ٻہ اڪثر ڪري خوش نہ ٿو گذاري، انهيءَ ڪري هروپرو وڃي ڪين خفي ڪرڻ پسند نٿو ڪيان، جو جيئن مٿي چئي آيو آهيان تہ جڏهن پهريون دفعو وٽن ويو هئس تہ پاڻ ٻڌايو هيائون تہ ڪين برين سٽروڪ لڳو هو ۽منهنجي ڪري ئي ڊرائنگ روم ۾ آيو هو.

مسٽر محمد بخش سومرو ائڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر دادو

منهنجي ڀيٽيوئي حاجي پير بخش جو دادوءَ ۾ برف جو ڪارخانو هو. ان ڪارخاني جي لڳ سامهون هڪڙو روينيو جو پلاٽ خالي پيل هو. جيڪو هن پنهنجي نالي گرانٽ ڪرائڻ پئي چاهيو. ان سلسلي ۾ هن آفيس جي ڪلارڪن کان نوٽ تيار ڪرائي فائل بہ پاڻ وٽ رکيو ۽ مونکي فون ڪيائين تہ ائڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر مسٽر محمد بخش سومري ۾ سندس ڪم آهي انهيءَ لاءِ اچي ڪيس پارٽ ڪري ۽ ڪم ڪرائي ڏي. جو هن جي بدلي بہ ٿي آهي ۽ خبر ناهي تہ وري الائي ڪير اچي. مسٽر محمد بخش سومرو لاڙڪاڻي جو ئي ويٺل هيو ۽ اسان ٻئي لاڙڪاڻي جي ڊپٽي ڪمشنر جن جي آفيس ۾ نوڪريءَ ۾ گڏ رهيا هئاسين. مان پوءِ لاڙڪاڻي مان دادوءَ اچي حاجي صاحب کان سندس ڪم بابت پڇيو تہ هن مٿيون ڪم ٻڌايو. پوءِ مان ۽ حاجي صاحب گڏجي سندس بنگلي تي وياسين ۽ مان مسٽر غلام نبي خان سومري وڪيل کي بہ پاڻ سان گڏ وٺي ويو هئس. ڇاڪاڻ جو هو چارج ڇڏي چڪو هو. انهيءَ ڪري مون سوچيو تہ متان اهو بهانو ڏئي لنوائي نہ وڃي ۽ غلام نبي سومري صاحب جو ڪجهہ نہ ڪجهہ لحاظ رکي (جو سندس ذات وارو هو) ۽ ائين ڪم ڪري. حاجي صاحب پوءِ اهو فائيل هن کي ڏنو جنهن تي هن وچٽرو نوٽ هڻي فائيل واپس ڪيو. وري بہ شابس هجيس جو فائيل تي نوٽ هڻي اڳتي ڊپٽي ڪمشنر صاحب ڏانهن ڏياري موڪلڻ لاءِ ڏنائين. حاجي صاحب پوءِ اهو فائيل کڻي وڃي ڊپٽي ڪمشنر آفتاب قريشي صاحب جي P.A نظام الدين نٿيار کي ڏنو ۽ هن جي ئي معرفت ڏي وٺ ڪرائي پلاٽ ڊپٽي ڪمشنر صاحب کان گرانٽ ڪرايو ۽ اهو ميمبر بورڊ آف روينيو غلام عباس سومري صاحب جن کان ڪنفرم ڪرائي پلاٽ جي قيمت مقرر ڪرائي خزاني ۾ چالان ذريعي جمع ڪرائي پلاٽ رڪارڊ ۾ پنهنجي نالي داخل ڪرائي ڇڏيو.

مسٽر الهہ بچايو چانڊيو اسسٽنٽ ڪمشنر دادو

مٿيون پلاٽ حاجي صاحب جي نالي رڪارڊ ۾ تہ داخل ٿيل هو پر جيئن تہ اهو خالي پيل هو ۽ هو بہ ڪافي وڏو تہ ايريگيشن ڪاتي جي ڪنهن آفيسر اچي اسسٽنٽ ڪمشنر صاحب کي غلط خبر ڪئي تہ مذڪوره پلاٽ ايريگيشن ڪاتي وارن جي ڪالونيءَ جو پلاٽ آهي، انهيءَ ڪري ان جو قبضو کين ڏياريو وڃي. جنهن تي هن اهڙو پوليس کي ليٽر لکي موڪليو تہ ان پلاٽ جو قبضو ايريگيشن ڪاتي وارن کي ڏياريان. حاجي پير بخش خان انهيءَ دوران وفات ڪري ويو هو. پر منهنجي پٽ غلام ياسين (جيڪو سول اسپتال دادوءَ ۾ ميڊيڪل آفيسر هو) کي اها خبر پئي تہ هن مونکي لاڙڪاڻي فون تي اهو احوال ڏنو. مان هڪدم دادوءَ آيس ۽ اچي الله بچائي صاحب سان آفيس ۾ مليس (مان جڏهن سانگهڙ ۾ S.D.M هئس تہ الهہ بچايو چانڊيو مون وٽ زيردست هيڊ منشي ٿي رهيو هو) ۽ ڪيس چيم تہ چانڊيا صاحب رڪارڊ بہ ڏسو ٿا يا نہ ۽ ائين ئي کڻي ٿا پوليس کي ليٽر لکو. جنهن تي چيائين تہ سائين مون کي خبر پئي تہ پلاٽ اوهان جي عزيزن جو آهي، انهيءَ ڪري هن اهو

ليٽر پوليس کان واپس وٺي ڇڏيو آهي ۽ ايريگيشن وارن کي جواب ڏئي ڇڏيو آهي.

وري به شابس هجيس جو صحيح خبر پوڻ تي پرپٽ ئي ليٽر واپس وٺي ڇڏيائين نه ته ايريگيشن وارن کي پوليس ان ليٽر جي آڌار تي پلاٽ جو قبضو ڏئي ڇڏي ها ته هو ته پوءِ شينهن ٿي وڃن ها ۽ وڏو رولو بڻجي وڃي ها، ايئن پوءِ قبضو به وڏي تڪليف بعد ئي ملي ها.

جتي پنهنجي زندگيءَ جي گهڻن ئي قصن ڪهاڻين ۽ لاهن چاڙهن جو داستان لکي آيو آهيان، اتي پنهنجن تن مائٽن جي ڪيل قربن جو ذڪر ڪرڻ به ضروري ٿو سمجهان، جيئن انهن کي وساري وڃڻ ڪري پوءِ پڇتاءُ نه ڪرڻو پوي.

- **بشير احمد ولد حبيب الله شيخ**

تعارف: هي منهنجي سڳي سؤٽ ۽ سڳي ماسيءَ جو فرزند ارجمند آهي.

هن ۽ منهنجو گهر لڳو لڳ آهن. منهنجي جڳهه سندس جڳهه کان گهڻو اڳ جي ٺهيل هئي ۽ بعد ۾ رستي مٿي ٺهڻ ڪري جڳهه هيٺ ٿي وئي هئي، انهيءَ ڪري برسات جي وقت يا گندي پاڻيءَ جي نالين ۾ وهڪري رڪجڻ ڪري اهو منهنجو گهر ۾ اچي ويندو هو ۽ پاڻي ڪڍڻ ۾ سخت تڪليف ٿيندي هئي. بشير جي جڳهه ڪافي پوءِ جي ٺهيل آهي، جيڪا پهريائين هڪ شاهه صاحب ٺهرائي هئي، جن کان هن خريد ڪئي آهي پر اها روڊ کان چڱو مٿي آهي، جنهن ڪري هن سان مون وانگر مٿيون آزار نه آهي. هڪ موقعي تي تمام گهڻو نالين جو ڪِنو پاڻي توڙي برسات جو پاڻي منهنجي جڳهه ۾ اچي ويو ته هن شخص پنهنجي گهر جي ڪوني تي بيهي ڏند ٽيڙي منهنجي موجودگيءَ ۾ منهنجي گهرواريءَ کي چيو ته ڀاڄائي پاڻي اچي ويو آهي ڇا! ۽ ٺٺولبازي ڪرڻ لڳو. مان ان وقت رٽائر ٿي آيو هئس ۽ منهنجي ڪمزور مالي حالت جي هن کي بخوبي خبر هئي ۽ هن کي اهو يقين ٿي ويو هيو ته مان جڳهه اڳي پوءِ نيڪال ڪندس جو هن مون ۾ ايتري وسعت نه پئي سمجهي ته ڪو جاءِ ڊهرائي مٿي ڪري ٺهرائي سگهندس. اهو مان به قبول ڪيان ٿو ته هن جو اهو گمان بلڪ درست هو. منهنجي اها مجبوري ڏسي مون کان 1000 فوٽ ايراضي پنهنجي گهر مان (جيڪا هن جي جڳهه سان لڳ پٽي هلي پئي وڃي) ڪيس ڏيڻ لاءِ منهنجي ڀاڻيج انعام الله شيخ جي معرفت گهر ڪرڻ لڳو. جنهن لاءِ انعام الله پڻ مون تي ڪيترا ڀيرا زور ڀريو پر مان هميشه ڪيس انڪار ڪندو رهيس.

بس الله تبارڪ وتعالي نهايت غفور ۽ رحيم آهي ۽ جڏهن به پنهنجي ڪنهن گنهگار بندي تي پنهنجو فضل وڪرم ڪرڻ چاهي ٿو ته سڄي دنيا جي مخالفت ڪجه به بگاڙي نه ٿي سگهي. مون تي به الله تبارڪ وتعالي پنهنجو وڏو ڪرم ڪيو. جو مونکي پنهنجي سڄي جڳهه ڊهرائي پٽ ڪري نئين سر ٺهرائڻ لاءِ واهه پٽي ڏني، جو هڪ ڏينهن مان ان پريشانيءَ واري حالت جو پنهنجي ڏوهتي ڪليم الله سان ذڪر ڪيو ته هن مونکي چيو ته بابا سست نه ٿيو. ماشاءَ الله ڪري جڳهه ڊهرائڻ شروع ڪيو ۽ الله پاڪ سڀ ڀلي ڪندو.

مان الله پاڪ تي ڀروسو رکي سيپٽمبر 96 ۾ پوري جڳهه ڊهرائڻ شروع ڪئي، منهنجي جڳهه جي جملي ايراضي 3081 چورس فوٽ هئي، ان مان اتر منهن پلاٽ جو 1108 چورس فوٽ ايراضي وارو ٽڪرو وڪري لاءِ خالي ڇڏي باقي 1973 چورس فوٽ ايراضيءَ تي ڏکڻ منهن نقشو L.D.A لاڙڪاڻي کان بحال ڪرائي جاءِ ٺهرائڻ شروع ڪيم. مون نئين جڳهه گرائونڊ ليول کان چار فوٽ مٿي رکي ٺهرائڻ شروع ڪئي تہ الله پاڪ جي فضل وڪرم سان پنهنجي ڏوهتي ڪليم الله شيخ ۽ ڀاڻيجو نظام الدين ۽ ٻين مٿن مائٽن کان قرض طور مالي مدد ملندي پئي وئي ۽ ڪم ۾ ڪا رڪاوٽ نہ پئي. بشير خان کان اهو سَنو نہ پئي ٿيو ۽ هن منهنجي خلاف ميونسپل ڪارپوريشن توڙي لاڙڪاڻي ڊولپمينٽ اختيارن کي درخواستون ڪري اجايا سجايا بهانا ڏئي منهنجي جڳهه جو ڪم بند ڪرائڻ چاهيو پر مان هن جي سيني اعتراضن دور ڪرڻ لاءِ لاڙڪاڻي ڊولپمينٽ اختيارين کي لکت ۾ ڏنو جن پوءِ ڪيس درخواست جي جواب ۾ لکي موڪليو تہ هن جي جڳ بحال ڪيل نقشي موجب ٺهي رهي آهي ۽ سندس اعتراض غلط آهن. هن اهو بہ منهنجي خلاف دانهيون تہ مون 36 فوٽ رستي ۾ رڪاوٽ ڪئي آهي، جنهن تي ميونسپل جو اينڪروچمينٽ آفيسر گل محمد گاد سرزمين ڏسڻ لاءِ آيو ۽ ڏنائين تہ رستي ۾ ڪابہ رڪاوٽ نہ هئي ۽ ايترو بہ اظهار ڪيائين تہ ماڻهو بہ ڏسن ڪونہ رڳو ڪوڙ تي پيا دانهون ڪن ۽ هو مطمئن ٿي هليو ويو.

مان جيڪو 1108 چورس فوٽ ايراضي وارو پلاٽ جو ٽڪرو وڪري لاءِ خالي رکيو هو ان لاءِ منهنجو ڊاڪٽر امان الله سان سودو طئہ ٿي ويو تہ اهو بہ هو برداشت نہ ڪري سگهيو ۽ وڃي ڊاڪٽر امان الله شيخ جي عزيز قربان شيخ جي ڪپڙي واري دوڪان تي ڪيس چيائين تہ ڊاڪٽر کي حرام جا ڏوڪڙ ٿيا آهن ڇا جو ايترن پئسن ۾ ڪانئس پلاٽ ٿو وٺي ۽ مان ڪيس (بشير) کي سستو پيو ڏيان پر هنن هن جي ان ڳالهہ کي ڪشي نہ باشي ڪري ڇڏيو ۽ ڊاڪٽر صاحب مون کان اڳ طئہ ٿيل اڳهہ ۾ پلاٽ خريد ڪري ورتو.

الله پاڪ جي فضل وڪرم سان منهنجي جڳهه مڪمل طرح تيار ٿي وئي ۽ ان ۾ ڪمرن جي گنجائش بہ اڳين جاءِ جيتري ئي آهي. البت ايوان ٿورو گهٽيو پر جڳهه جو نقشو ڏاڍو سنو آهي. مان نومبر 1997 ۾ اُن نئين جڳهه ۾ وڃي ويٺس. اپريل 1998 ۾ مون پنهنجي ننڍي پٽ محمد سليم جي شادي ڪرائي، ان وقت هو قومي بچت اسڪيم ڊئريڪٽوريٽ سکر ريجنل آفيس ۾ اسسٽنٽ ڊئريڪٽر هو. هن کي اتي 6 سال سروس ڪندي گذريا تہ حيدرآباد ريجنل آفيس ۾ بدلي ڪري رکيو ويو. انهيءَ ڪري منهنجي پٽن محمد سليم ۽ وڏي پٽ ڊاڪٽر غلام ياسين ارادو ڏيکاريو تہ جڳهه نيڪال ڪجي ۽ حيدرآباد ۾ مستقل رهائش اختيار ڪجي پر جڳهه جي مناسب قيمت اسان جي تقاضا موجب نہ پئي ملي، انهيءَ ڪري جڳهه وڪرو نہ ڪئيسين. البت استيٽ ايجنسيءَ وارو نثار شيخ صاحب خود مڃي پيو تہ جيڪا رقم اسان گهرون پيا جڳهه اوترو واقعي لهي. هن اهو بہ ٻڌايو تہ جڏهن بہ ڪو گراهڪ ڪيس جڳهه وٺي ڏيڻ لاءِ چوندو هو تہ هو اڳ ۾ ان گراهن کي اسان واري جڳهه

ئي ڏيکاريندو هو جا نقشي جي لحاظ ۾ روشني توڙي وينٽيلينس (هوا جي گذاري) جي لحاظ کان نهايت بهترين هئي. (نثار شيخ صاحب لاڙڪاڻو ڇڏي هاڻي ڪراچي ۾ وڃي رهائش اختيار ڪئي آهي). خير اسان ان جڳهه ۾ نومبر 1997 کان 02.05.2000 تائين رهياسين ۽ تاريخ 03.05.2000 تي جڳهه بند ڪري حيدرآباد شفٽ ٿي آياسين. ڪن خانگي ماڻهن جڳهه ڪرائي تي ڏيڻ لاءِ چيو پر اسان انهن کي انڪار ڪري ڇڏيو.

بس الله تبارڪ وتعاليٰ جڏهن پنهنجي مهرباني جي نظر ڪنهن بندي تي ڪري ٿو تہ اهو ئي واهہ پٽي ٿو ڏئي، ائين اسان تي سندن ڪرم ٿيو جو فوجي فائونڊيشن وارن منهنجي ان جڳهه ۾ ڊسپينسري کولڻ لاءِ 8 هزار روپيا ماهوار ڪرائي تي اها جڳهه ورتي ۽ اهڙي ائگريمينٽ پهريان 3 سالن لاءِ 21.06.2001 کان 20.06.2004 تائين ٿي، جنهن لاءِ هنن 12 مهينن جو يڪمشت ڪرايو 96 هزار روپيا اڳواٽ ڏنو ۽ پوءِ هر مهيني 8 هزار روپيا ڏيندا رهيا. پهرين ائگريمينٽ جي مدي پوري ٿيڻ بعد وري وڌيڪ ٻين ٽن سالن لاءِ 20.06.2004 کان 21.06.2007 تائين ساڳي ڪرايو 8 هزار ماهوار سان ائگريمينٽ ٿيل آهي، جنهن لاءِ بہ هنن 12 مهينن جو ڪرايو 96 هزار روپيا ڏنو هو ۽ هاڻي ماهوار 8 هزار روپيہ بنا گهرڻ جي ئي ڏيندا رهندا آهن.

جڏهن لاڙڪاڻي وڃڻ ٿيو آهي تہ مڙئي ڊسپينسري جي I/C Doctor مسٽر محمد علي ڪوڪر صاحب سان ملڻ وڃبو آهي ۽ جڳهه چڱي طرح Maintain ڪندو پيو اچي ۽ شروعاتي حالت (Condition) ۾ ئي آهي.

منهنجو ماروٽ منهنجي سڳي مامي محمد عمر جن جو فرزند

هي قمبر ۾ واپڊا ۾ اسسٽنٽ انجنيئر هو تہ هڪڙي ڏينهن قمبر شهر ۾ لڳل ناجائز ايئرڪنڊيشنرن جي ڇاپن هڻڻ لاءِ نڪتو. هن ٻين سيني ماڻهن کي ڏيتي ليتي ڪري ڇڏي ڏنو ۽ فقط منهنجي نياڻي حبيب الله کي قمبر ٽاڻي وارن جي حوالي ڪري آيو. منهنجي نياڻي هن کي منهنجي رشتيداريءَ وارو حوالو بہ ڏنو پر هن ڪو شرم حياءُ نہ ڪيو ۽ واپس لاڙڪاڻي موٽي آيو. مون کي پوءِ منهنجي ڏوهتي قمبر مان فون ڪئي ۽ مان وڃي حبيب الله سان ٽاڻي تي مليس، جنهن مٿين حقيقت ٻڌائي. اتان پوءِ ٽئڪسي ڪري مان لاڙڪاڻي هن جي در تي ويس ۽ ڪيس چيم تہ حبيب الله جي تہ جان ڇڏائي، جنهن بعد هن قمبر ٽاڻي تي فون ڪئي ۽ هنن پوءِ حبيب الله کي ڇڏي ڏنو. منهنجو حوالو ڏيڻ بجاءِ هو بہ ٻين وارو طريقو اختيار ڪري ها تہ اها نوبت نہ اچي ها، جو اڄ شناس موڪلائي وئي آهي.

مشتاق صاحب ولد حسن الله شيخ

تعارف: عجيب اتفاق جو هن جي بہ مون سان ساڳي بشير احمد جهڙي ئي رشتيداري آهي ۽

منهنجي ٻئي ساڳي سؤٽ حسن الله (حبيب الله جي ننڍي ڀاءُ) ۽ منهنجي ننڍي ماسيءَ جو پڳدار پٽ آهي.

هڪڙي ڏينهن مان اوطاق ۾ ويٺو هيس ۽ در کليو پيو هو جو هڪڙو سفيد پوش ماڻهو هليو آيو ۽ مون کان پڇيائين ته مان کيس سڃاڻان ٿو يا نه! جنهن تي مون هن کي انڪار ڪندي چيو ته مان کيس نه ٿو سڃاڻان. هن پوءِ پنهنجو نالو محمد بچل جڪرو ٻڌايو. (ڪنهن وقت ۾ هو ڏوڪريءَ ۾ مختيارڪار هو ته مان هن وٽ زيردست هيڊ منشي ٿي رهيو هئس پر ان کي گهڻو عرصو ٿيو هو. جنهن ڪري مان هن کي سڃاڻي نه سگهيس). هن پوءِ حال احوال ڏيندي چيو ته سندس رتيديري ۾ سارين جو سيلر ڪارخانو آهي ۽ هن کي بئنڪ مان قرض وٺڻو آهي ۽ ٻڌو اٿائين ته بئنڪ جو مئنيجر منهنجو عزيز آهي، انهيءَ ڪري کيس سندس پارٽ ڪيان ته قرض منظور ڪري. مشتاق صاحب ئي اتي ان وقت مئجينجر هيو. جنهن کي مون فون ڪئي پر انڪار ڪري ڇڏيائين، مون پوءِ اهڙي حقيقت اچي جڪري صاحب کي ڪئي جو خاموش ٿي هليو ويو. مشتاق انڪار جو جواز اهو ٻڌايو ته محمد بچل جڪري کي رتيديري ۾ ڪارخانوئي ڪونهي. مان هن سان وڌيڪ بحث ڪونه ڪيو. اڳي چوندا هئا ته ڏائڻ به هڪ گهر تارينديءَ آهي پر اهو زمانو گهڻو اڳ گذري ويو ۽ موجوده نفسانفسيءَ واري دور ۾ دنيا ميڙڻ جي هوس هڪ به گهر تارڻ ڇڏي ڏنو آهي.

عمرو ادا ڪرڻ جي سعادت

سال 1983 ۾ جڏهن منهنجي عمر 59 سال هئي ۽ دادوءَ ۾ A.D.M هيس ته محترم نظير احمد ٻرڙي جن چيو ته هلو ته عمره تي وڃي هلانوَ جو ڪيس سعوديءَ جو اگامو به مليل آهي ۽ سندس ذاتي جڳهه به آهي پر مان ان سان ڪونه ويس.

الله تبارڪ وتعاليٰ جا لک احسان جو مون کي 80 سالن کان ڪجهه وڌيڪ عمر ۾ عمرو ادا ڪرڻ جي سعادت حاصل ٿي. (تاريخ 24.10.2004 کان 06.11.2004 دوارن) الله تبارڪ وتعاليٰ جا وڌيڪ احسان اهي به ٿيا جو مان ويس به اڪيلو ۽ ڪو رفيق به ساڻ ڪونه هو پر الله پاڪ هر هنڌ منهنجي مدد واسطي ڪونه ڪو رستو کولي ئي پئي ڏنو. اسدالله شيخ صاحب ٽريولنگ ايجنٽ جي معرفت پئي ويس پر هو ٽڪيٽ ڪنفرم ڪرائي ڏيڻ لاءِ ڪا واضح تاريخ ڪونه پيو ڏئي.

پوءِ منهنجي نياڻي عبدالحميد دل ٻڌرائي ته ڪراچيءَ هلئون ٿا ۽ اتي خدا پاڪ ڪندو ته ٽڪيٽ ڪنفرم ٿي ويندي. تاريخ 123.10.2004 تي ٻئي گڏجي ڪراچيءَ وياسين. ڪراچيءَ ۾ منهنجو ڀائٽيو سرفراز احمد P.I.A ۾ سروس ۾ آهي. رات جو هن وٽ ماني ٽڪي کائي پوءِ مون کيس پنهنجو پاسپورٽ وغيره ڏئي چيو ته سيٽي 24.10.2004 واري فلائيٽ ۾ ٽڪيٽ ڪنفرم ڪرائي ڏي ۽ اسان (مان ۽ عبدالحميد) اچي ماڊل ڪالونيءَ ۾ مسٽر عزيز الرحمان پنهنجي سؤٽ وٽ رهياسين جو اتان ايئرپورٽ تمام ويجهو پئي پيو بنسبت سرفراز احمد جي رهائش واري جڳهه جي.

صبح جو مون فون تي سرفراز احمد کان پنهنجي ڪم لاءِ پڇا ڪئي ته چيائين ته ٽڪيٽ O.K (ڪنفرم) ته نه ڪئي اٿن باقي چانس تي رکي اٿن. مان ۽ عبدالحميد پوءِ ايئرپورٽ تي وياسين ۽ وڃي ساڻس ملياسين. اتان پوءِ مون پنهنجي پٽ محمد سليم جي دوست جميل احمد سان حيدرآباد موبائيل فون تي رابطو ڪيو جنهن چيو ته سندس سؤٽ رشيد شيخ F.I.A ۾ آهي ۽ اتي ايئرپورٽ تي ئي ڊيوٽيءَ تي آهي ان کي چئو ته ساڻس فون تي ڳالهائي، سرفراز پوءِ ان سان ملايو جنهن کي مون جميل احمد جو نياپو ڏنو ته ساڻس فون تي ڳالهائي. جنهن هن سان ڳالهائي مونکي چيو ته تون اڪيلو آهي يا ٻيو به ڪو اٿئي. مان ڪيس چيو ته مان اڪيلو ئي آهيان. پوءِ مون کي چيائين ته تون ترس ته انشاءَالله تنهنجي ٽڪيٽ ڪنفرم ڪرائي ٿو ڏيان. جا هن مونکي واقعي ڪرائي ڏني. رشيد صاحب وٽ ڏٽي بخش سمون صاحب ۽ ان جو ڀاءُ عبدالقادر صاحب به ان ڏينهن آيا ۽ ساڻس آفيس ۾ مليا پر هنن جي ٽڪيٽ ان تاريخ تي ڪنفرم نه ٿي سگهي.

مان پوءِ الله تبارڪ وتعاليٰ جي آسري 24.10.2004 تي P.I.A جي فلائيٽ ۾ جدي شريف روانو ٿي ويوس. مان عمري لاءِ احرام ڪراچي ايئرپورٽ تي ئي ٻڌي ڇڏيو هو. روزي جي افطاري رستي ۾ جهاز ۾ ئي ڪرائي هيائون. جدي ايئرپورٽ تي ڪاغذن (پاسپورٽ وغيره) جي چڪاس لاءِ قطار ۾ بيهڻو پيو. قطار تمام ڊگهي هئي ۽ مان ڪافي پوئتي قطار ۾ ئي بيٺل هئس ته اتي جدي پورٽ تي ڊيوٽيءَ تي بيٺل هڪ آفيسر مون کان ڪاغذ وٺي وڃي (دري Window) تي جتي ڪاغذن جي جاچ پڙتال ٿي رهي هئي، اتان وڃي چيڪ ڪرائي مونکي واپس اچي ڏنا. هن شايد منهنجي پيرسنيءَ ڪري همدردي طور اها مهرباني ڪئي. مان پوءِ جدي ايئرپورٽ کان ٻاهر نڪري پيس. ۽ ائين عمري تي آيل ٻيا ماڻهو به ڪاغذ چيڪ ڪرائيندا ٻاهر ايندا ويا. ٻاهر ايجنٽ ٽرپولنگ ايجنٽ هوٽل جو ووچر ڏنو هو. اهو مون هن کي ڏيکاريو هو ماڻهن کي جدا جدا جڳهين لاءِ وٺڻن ۾ موڪليندو پيو وڃي، جيڪي هن جي توسل سان آيل هئا ۽ مونکي به جنهن هوٽل مڪي مڪرمہ جو ووچر مليل هو اتي پهچايائون. مان سامان هوٽل ۾ رکي عمره جي ادائگيءَ لا ڪعبت الله شريف هليو ويس. مان اجا ڪعبت الله شريف جي طواف ڪراڻ لاءِ پهتس ته هڪڙو ماڻهو سامهون ايندو ڏٺم، جو طواف ڪري واپس پئي ويو. هن سان ٻار به ساڻ هئا. هن ٻڌايو ته هو ڪراچيءَ جي علائقي لياريءَ ۾ رهندو آهي. هن مون کان پڇيو ته طواف ڪندؤ؟ جنهن تي مون ڪيس هائو ڪئي، هن کي الله پاڪ اُجورو ڏيندو جو ٻار ويهاري مونکي هٿ کان وٺي ڪعبت الله شريف جو طواف ڪرايائين.

مون کي پوءِ صفامره ڪرڻ لاءِ ٻڌايائين ته هن هنڌ کان شروع ٿيندو ۽ چيائين ته هو صفامره به ڪرائي پر اتي جيئن ته ايتري ماڻهن جي پيهه نه هئي ۽ ماڻهو هڪ طرف کان مٿي وڃي، ٻئي طرف کان لٿو پئي آيو انهيءَ ڪري مان سندس مهرباني بجا آڻيندي ڪيس چيو ته اوهان اها تڪليف نه ڪيو ۽ صفامروه مان پاڻ ڪيان ٿو. اهو پورو ڪري پوءِ جيئن ٻيا ڪجهه وارن جي چڳ (اتي جيڪي ڪئنچي ڪٽي انهيءَ ڪم لاءِ بيٺل هئا، انهن کان) ڪٽائيندا ويا ته مان به ائين ڪٽرائي

هوٽل تي واپس آيس. هوٽل واري مونکي ٻڌائي ڇڏيو تہ شاهہ عبدالعزيز دروازي کان اچجان، جو اُهو رستو هوٽل تي ايندو آهي، ٻئي ڏينهن تي مسٽر ڏٽي بخش سمون اسسٽنٽ ڊئريڪٽر ائنٽي ڪرپشن حيدرآباد ۾ سندس ڀاءُ عبدالقادر سمون پوليس انسپيڪٽر بہ اچي ساڳي هوٽل ۾ مون واري ڪمري ۾ ئي اچي لٿا ۽ اهي ڏاڍا سٺا رفيق ملي ويا. هو ٻئي بہ حيدرآباد ۾ رهندڙ آهن ۽ اسد الله صاحب وٽ ساڻن ملاقات ٿيندي رهندي هئي.

حرم پاڪ ڏي نماز پڙهڻ لاءِ هنن سان ئي گڏجي ويندو هيس پر مڪي مڪرمہ ۾ ترسڻ دوران مان سمورو وقت حرم پاڪ ڏانهن نماز پڙهڻ نہ وڃي سگهيس، جو هوٽل کان حرم پاڪ تائين چڱو پنڌ هو، انهيءَ ڪري ڪجهہ وقت هوٽل جي ڀرسان هڪ مسجد ۾ ئي پڙهي هيم، حرم پاڪ ۾ افطاريءَ جو بندوبست مخير حضرات طرفان ڪيل هوندو هو، جن جا ماڻهو هر ايندڙ کي پاڻ وٽ ئي افطاري ڪرڻ لاءِ چوندا ۽ زور بہ ڀريندا هئا پر جنهن کي جتي مرضي پوندي هئي انهيءَ قطار ۾ وڃي افطاريءَ لاءِ ويهندو هو. افطاريءَ لاءِ صفون حرم پاڪ کان ٻاهر ايوان ۾ ۽ حرم پاڪ جي ڇت تي لڳايون ويندون هيون. مان جڏهن حرم پاڪ ۾ نماز پڙهڻ يوندو هئس تہ ڪوشش اها ڪندو هئس تہ اهڙي هنڌ ويهان جتان ڪعبت الله شريف تي نظر پئجي سگهي ۽ الله پاڪ جي ڪرم سان اڪثر اها سعادت حاصل ٿيندي هئي. هڪڙي جمعي جي نماز حرم پاڪ اندر پڙهڻ جي بہ سعادت حاصل ٿي، جيتوڻيڪ جمعي جي نماز وقت ڏاڍي رش هئي، جو مڪي مڪرمہ جا رهواسي بہ اتي ئي نماز پڙهڻ ايندا هئا پر ڏٽي بخش سمي صاحب مونکي ان رش مان پنهنجي ڀاڪر ۾ وجهي حرم پاڪ اندر پاڻ سان گڏ صف ۾ هلي بيهاريو. جنهن لاءِ الله تبارڪ وتعاليٰ کيس اُجورو عطا فرمائي ۽ اجر ڏئي. انهيءَ دوران نظام الدين صاحب ۽ سندس ڀائٽيو بہ اچي هوٽل ۾ اسان واري ڪمري ۾ رهيا ۽ اهي ٻئي بہ نهايت سٺا رفيق ملي ويا هئا.

اسان پنج رفيق مان، محترم ڏٽي بخش خان سمون صاحب، سندن ڀاءُ عبدالقادر صاحب، محترم نظام الدين صاحب ۽ سندن ڀائٽيو مدينہ منوربہ گڏ ويا هياسين ۽ آخر تائين گڏ هياسين، پر مان هنن کان اڳ واپس هليو آيو هئس. مدينہ منوره ۾ گهاريل ڏينهن جو ذڪر هيٺ ايندو.

مڪي مڪرمہ ۾ اسان جي رهائش واري هوٽل جي ڀرسان وئگنون بيهنديون هيون، جي عمري لاءِ آيلن کي مڪي مڪرم جي ڀرپاسي ۾ زيارت واريون جڳهيون ڏيکاريندیون هيون. مان بہ هڪڙي ڏنهن انهن جڳهن جي زيارت ڪرڻ لاءِ ٻين سان وئگن ۾ گڏجي ويس، جنهن ۾ گهڻائي مردن جي هئي ۽ بہ چار عورتون بہ هيون. منهنجا ٻيا رفيق جيئن تہ اڳي بہ هتي ايندا رهيا هئا، اهي ان وقت مون سان گڏ نہ هئا.

جبل ثور، جبل نور، (غار حرا)، نزولِ قرآن پاڪ، جبل رحمت ۽ ڪن ٻين جڳهين جي زيارت نصيب ٿي. جبل رحمت تي مٿي چڙهڻ لاءِ ڏاڪڻ نهيل هئي، جا اٽڪل 150 ڏاڪا يا اڃان بہ ڪجهہ وڌيڪ ڏاڪا مٿي هئي پر چڙهڻ ۾ ڏاڍي سولي هئي ۽ روزي هجڻ باوجدو ڪا تڪليف محسوس نہ

پئي ٿي. رحمت جبل تي مٿي هوندي بہ اُٿ ماڻهن کي سير ڪرائڻ لاءِ وينا هئا، جي نهايت خوبصورت سينگاريل هئا. اتي وڻج، واپار بہ چڱو پئي هليو جنهن ۾ تسبيهون، عطر، واچون رنگين چمڪدار پٿر جي اڪثر منڊين ۾ ٻڙي طور وڪڻڻ ۾ ڪم ايندا آهن ۽ ٻين اهڙين شين جو ڪافي سٺاءُ رکيل هو. اهي زيارتون ڪرائي وٺڻ اچي اسان کي حرم پاڪ جي پرسان ڇڏيو ۽ اهو نماز پڙهڻ جو ٽائيم هيو ۽ اچي حرم پاڪ ۾ نماز ادا ڪئيسين. وٺڻ واري في ماڻهوءَ 10 ريال ورتا هئا.

مان مڪي پاڪ پهچڻ کان بہ ڏينهن بعد ڪراچيءَ پنهنجي نياٽيءَ کي پنهنجي خيريت سان پهچڻ جو احوال ڏنو جو منهنجي پهريائين Internation P.C.O ڏنل نہ هئو ۽ جڏهن منهنجي رفيق ڏٽي بخش خان ۽ عبدالقادر صاحب حيدرآباد ڳالهائڻ پئي ويا تہ مان بہ انهن سان گڏجي ويس ۽ P.C.O تان ڪراچيءَ پنهنجي نياٽيءَ سان ڳالهايو. مڪي پاڪ مان شايد تہ هڪ دفعو پوءِ بہ ڪراچيءَ ڳالهائڻ ٿيو هو. P.C.O ۾ چڱا خاصا الڳ الڳ بوٿ ٺهيل هئا. جنهن ۾ اندر وڃي هر هڪ خلاصي نموني ۾ آرام سان ڳالهائي پئي سگهيو ۽ چارجز جي سلپ ڪائنٽور تي اچي پئي وڃي، جتي Payment بوٿ نمبر ڏسي ورتي پئي وئي ۽ ڪال چارجز بہ ڪا گهٽي نہ هئي.

مڪي مڪرمہ مان پوءِ مديني منور ڏانهن پنج ئي رفيق گڏجي روانا ٿياسين. مڪي مڪرمہ ۾ هوٽل جو ووچر جن ڏينهن ۽ راتين لاءِ مليو هو، ان کان اتي وڌيڪ عرصو رهڻ ٿيو جنهن ڪري انهن واڌو ڏينهن جو في ماڻهو 16 ريال هڪ ڏينهن جي حساب سان ادا ڪيوسين. مدينہ منور روانگيءَ وقت بہ رفيقن منهنجو سامان موڪي ڪڍڻ نہ ڏنو ۽ ان سامان جي ڪڍڻ جي بہ هنن تڪليف ڪئي ۽ مدينہ منور ۾ هوٽل تائين هلڻ لاءِ بہ هنن ئي مون وارو سامان پاڻ سان کنيون.

مدينہ منوره ۾ بہ هوٽل مسجد نبويءَ کان ڪجهہ پري هو انهيءَ ڪري مان سڀ وقت تہ نماز پڙهڻ اوڏانهن نہ وڃي سگهندو هوس پر تڏهن بہ ڪوشش ڪري جيترو وقت وڃي سگهندو هئس تہ ويندو هئس، باقي ٻيا وقت هوٽل ۾ پرسان هڪ مسجد ۾ پڙهندو هئس. منهنجا ٻيا سڀ رفيق هر وقت جي نماز مسجد نبويءَ ۾ ئي پڙهدا هئا ۽ نہ رڳو ايترو پر هو مڪي مڪرمہ ۾ گهڻو وقت رهندا ئي حر م پاڪ ۾ هئا ۽ ساڳي طرح مدينہ منور ۾ بہ گهڻو واقت مسجد نبويءَ ۾ ئي رهندا هئا ۽ بہ تي، بہ تي وقت نماز اتي پڙهي پوءِ هوٽل تي ايندا هئا، هو تراويحون بہ حرم پاڪ ۽ مسجد نبويءَ ۾ پڙهي پوءِ ايندا هئا. مونکي بہ ڪجهہ تراويحون اتي پڙهڻ خدا نصيب ڪيون. جنت البقيع ۾ بہ وڃڻ نصيب ٿيو ۽ اتي قُل پڙهي سيني کي بخشيا ويا. مسجد نبوي ۾ داخل ٿيڻ لاءِ هڪڙو دروازو عورتن لاءِ مخصوص ٿيل هو ۽ ان دروازي مان ڪنهن بہ مرد کي لنگهڻ نہ ڏنو ويندو هو، انهيءَ ڪري نماز پڙهڻ لاءِ بہ هڪ حصو مسجد نبويءَ اندر خواهہ ٻاهر ايوان ۾ عورتن لاءِ ئي مخصوص هوندو هو ۽ ٻاهر ايوان ۾ مخصوص هنڌ جي چوڌاري قناتون هڻي بند ڪيو ويندو هو. جنت البقيع روضي رسول الله ڪريم صہ جن جي ويجهو آهي.

مدينہ منوره ۾ بہ جمع جي نماز مسجد نبويءَ اندر پڙهڻ جي سعادت حاصل ٿي ۽ روزي رسول

الله صہ جي ڄاري پرسان ٻہ دفعا گذرڻ جي سعادت ٻہ حاصل ٿي، اتي ترسڻ نہ پئي ڏنائون، مدينہ منوره ۾ مان، محترم نظام الدين صاحب ۽ سندن ڀائٽيي 50 ريالن ۾ ٽئڪسي ڪري متبرڪ جڳهين جي زيارت ڪرڻ لاءِ وياسين ۽ مسجد قبا ۽ مسجد قبلتين ۾ نفلن پڙهڻ جي سعادت ماڻيسين. ٽئڪسي وارو رستي سان متبرڪ جڳهين ڏانهن اشارا ڪندي ڏسيندو هليو پئي، هڪڙي هنڌ جهنگلي جي اندر اشارو ڪري چيائين تہ اها حضرت امير حمزه رضہ رسول ڪريم صليہ الله عليہ وسلم جن جي پياري چاچي جي مزار آهي. مسجد جِنُ ۽ مسجد خيف وٽان ٻہ گذر ٿيو. مسجد خيف وٽ ٽئڪسي مان لٿاسين تہ اتي نفل پڙهجن پر مسجد بند پئي هئي. ٽئڪسي واري هڪ هنڌ ٻڌايو تہ هيءَ اها جڳهہ آهي جتي جڏهن رسول ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن مڪي مڪرمہ مان هجرت ڪري مدينہ منوره اچي تشريف فرما ٿيا هئا تہ نينگرين دڦ وڄائي سندن استقبال ڪيو هو. ان هنڌ هن وقت روڊ ٺهيل هو هن هڪ هنڌ ٽئڪسي روڪي پري اشارو ڪري ٻڌايو تہ اتي ٽن يارن سڳورن جي نالن سان مسجدون تعمير ٿيل هيون پر حڪومت جو ارادو آهي تہ اتي هڪ شاهي مسجد تعمير ڪجي ان لاءِ اُهي ٽئي مسجدون شهيد ڪيون ويون آهن.

ڏٽي بخش صاحب ۽ نظام الدين صاهب جي ڀائٽي جو مسجد نبوي ۾ اعتڪاف ۾ ويهڻ جو پختو ارادو هو انهيءَ ڪري اهي رمضان المبارڪ جي عيد اتي ئي ڪري پوءِ واپس موٽڻا هئا. هنن جي اعتڪاف ۾ ويهڻ ڪري عبدالقادر صاحب ۽ نظام الدين صاحب جن کي گهڻو وقت مسجد نبويءَ ۾ ئي هنن جي سڏ سلوه يا شئي شڪل آڻي ڏيڻ لاءِ ترسڻو پيو پوي. وڏيڪ تہ مون کي پيرسنيءَ سبب ڪجهہ پيٽ جي تڪليف ٻہ ڪنهن ڪنهن وقت ٿي پوندي آهي ۽ پيشاب جو ٻہ عارضو رهندڙ آهي، انهيءَ ڪري مون رفيقن عبدالقادر ۽ نظام الدين جن کي چيو تہ مونکي واپسيءَ جي ٽڪيٽ ڪنفرم ڪرائي ڏيو جن ويچارن ٻن ٽن ڏينهن لڳاتار ڪوشش ڪري مون کي 6 نومبر 2004 جي صبح واري فلائيٽ جيڪا 8 وڳي ڪراچيءَ لاءِ رواني ٿيڻي هئي ان ۾ سيٽ ڪنفرم ڪرائي ڏني. مان انهيءَ دوران هڪ دفعو انهيءَ آفيس جتي ٽڪيٽ ڪنفرم ڪئي پئي وئي، ڏانهن ويو هئس پر اتي ماڻهن جي پيهہ ڏسي مون چيو تہ هتي منهنجي ڀيٽي ناهي. محترم نظام الدين ۽ محترم عبدالقادر صاحب ٻئي جوان ۽ چست ماڻهو هئا، جن همت ڪري مونکي ان مٿين فلائيٽ ۾ سيٽ ڪنفرم ڪرائي ڏني.

تاريخ 5 نومبر 2004 جمع ڏينهن مسجد نبويءَ ۾ جمع نماز ادا ڪري عبدالقادر خان ۽ مان بازار ۾ اچي ڪجهہ اجوا ۽ ڪجهہ ٻي جنسن جي ڪجورخريد ڪري هڪ ٿيلهيءَ ۾ وجهرائي هوٽل تي آياسين. آبِ زم زم اتي نظر نہ آيو انهيءَ ڪري نہ وٺي سگهيس. هوٽل تي اچي ڪجهہ سامان ڪجهہ پنهنجي ٿيلهي ۾ ۽ رهيل ميرا ڪپڙا ۽ ڪنواس واري ٿيلهي جنهن ۾ ڪجي پيل هئي ان ۾ وجهي پئڪ ڪري ۽ ٿيلهي چڱي طرح ٽيپ سان بند ڪري عبدالقادر صاحب ٻنهي ٿيلهين ۾ ٿيلهيءَ تي منهنجا نالا لکي سامان تيار ڪيو ائين ڪندي رفيق نظام الدين صاحب ٻہ هوٽل تي آيو

۽ پوءِ ٽئي گڏجي جتي جدي پاڪ لاءِ وئگنون بيهنديون هيون، اتي آياسين. هوٽل مان سامان بہ هنن مونکي کڻڻ نہ ڏنو ۽ منهنجو سامان بہ هُو کڻائي آيا.

مان 5 نومبر 2004 ڪراچي پنهنجي نياڻي کي فون تي 6 تاريخ تي صبح واري فلائيٽ ۾ پهچڻ جو اطلاع ڪري ڇڏيو هو. وئگن ۾ ڪجهہ مسافر اڳ ئي وينل هئا، انهن مان هنن هڪ پئسينجر کان پڇا ڪئي تہ هو ڪيستائين ويندو جنهن تي هن کين ٻڌايو تہ هو بہ جدي شريف وڃي رهيو هو جنهن کي هنن منهنجي پارٽ ڪئي تہ جتي وئگن هلي مسافر لاهي اتان مون کي حاجي ڪئمپ (جتان اسان واري فلائيٽ هلڻي هئي، ان کي حاجي ڪئمپ تي سڏيائون) لاءِ ٽئڪسي ڪري ڏجو. جنهن اتي پهچي مونکي ٽئڪسي ڪري ڏني. جنهن لاءِ مان هن جو نهايت احسانمند آهيان، ڇاڪاڻ جو هو عربي ڄاڻي پوي ۽ ٽئڪسي وارن سان ڳالهائي پئي سگهيو نہ تہ مونکي تڪليف کي مُنهن ڏيڻو پوي ها، ڇو جو هڪ تہ رات جو ٽائيم هو ۽ رش بہ ڏاڍي هئي ۽ اڪثر ٽئڪسي گاڏيون بہ خالي مشڪل سان پئي نظر آيون، جنهن ڪري مون کي بہ ٽئڪسي ڪافي دير سان ملي. ان مسافر کي بہ جدي شريف کان ٻاهر حاجي ڪئمپ واري رستي تي ئي ڪنهن ڳوٺ ۾ وڃڻو هو جيڪو بہ مون سان گڏيو هليو. هو اهڙو شريف انسان هو جنهن مون کي ٽئڪسيءَ جي ڪرائي لاءِ بہ پئسا ڏيڻا چاهيا پر مون هن جي ڪافي زور پرڻ باوجود نہ ورتا ۽ مون کي اهي وٺڻ بہ گهربا هئا، جو اها احسان فراموشي ٿئي ها، هن ويچاري مدد ڪري ٽئڪسي ڪري ڏني هئي.

حاجي ڪئمپ تي ان فلائيٽ وارا گهڻا ئي ماڻهو اڳ ئي پهچي ويا هئا، مان بہ سامان رکي بئنچ تي وينس ۽ سوچيم تہ سعوديءَ مان موٽندي اهي ٻئي شيون هڪ ڪجور ۽ ٻيو زم زم جو پاڻي تہ سوکڙيو هونديون آهن ۽ سوچيم پئي تہ زم زم جو پاڻي هتي ئي ملي وڃي تہ وٺي وٺجي. ائين سوچيندي مان پرسان ئي وينل هڪ مسافر کان پڇا ڪئي تہ هتي زم زم جو پاڻي ملندو هن چيو تہ ملندو پر اوهان اتي ترسو ۽ هو پاڻ وڃي پڪ ڪري اچي ٿو. پوءِ موٽي اچي ٻڌيائين تہ زم زم جي پاڻيءَ جا ڪينَ ملي سگهن ٿا پر ٿورو پري آهن. هو پوءِ مون سان گڏجي اوڏانهن هليو جتان مون هڪ وڏو ڪين زم زم جي پاڻي جو خريد ڪري، ڪين کڻڻ لاءِ ان ۾ هٿ وڌو تہ هن مون کي ڪين، کڻڻ نہ ڏنو پوءِ هن پاڻ ويچاري سموري وات اهو ڪين کڻي منهنجي سامان وٽ اچي رکيو ۽ ان تي نالو بہ لکيائين، هُو پنجاب جو وينل هو ۽ شايد لاهور پئي ويو. ماڻهو نهايت شريف پئي ڏنو ۽ الله پاڪ سندس ڪيل مهرباني ۽ جو ڪيس اجر عطار ڪري. پوءِ جنهن وقت ڪائونٽر تي مسافرن کان سامان وٺڻ جو مرحلو شروع ٿيو تہ ايئرپورٽ جي عملي هر هڪ مسافر جي سامان جو وزن ڪري مقرر حد کان وڌيڪ سامان جو ڪرايو وصول ڪندا پئي ويا، جڏهن منهنجو سامان توريائون تہ اهو ان مقرر وزن اندر هو جنهن ڪري مون کان وڌيڪ ڪجهہ بہ وصول نہ ڪيائون ۽ منهنجا ٽئي ننگ 11. ٽيلهو 2. ڪجور واري ٽيلهي ۽ 3. زم زم جي پاڻي وارو ڪين مون کان وٺي پنهنجي حوالي ڪري مون کي فارغ ڪيو ويو. جيئن جيئن مسافر فارغ ٿيندا ويا، ائين ئي هڪ مقرر ٽيل هال ۾ اُهي سڀ ويهندا ويا،

مان بہ فارغ ٿي اچي ان هال ۾ ويٺس. جهاز ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ اسان کي ٽن هنڌن تي ويهڻو پيو. فلائيٽ بہ ڪلاڪ کن ليٽ ٿي وئي ۽ صبح جو 8 وڳي بجاءِ ساڍي نائين بجي يا ڏهين بجي جدي شريف کان رواني ٿي ۽ ڪراچيءَ منجهند جو لڳ ڀڳ 2 وڳي پهتي.

مان جهاز مان لهي جتي سامان ڪنو ٿيڻو هو ٻين سان گڏ اتي پهچي پنهنجو سامان گڏ ڪري ڪينم پئي تہ منهنجو پٽ محمد سليم ان سامان واري ڪمري ۾ اندر آيو ۽ پوءِ ٻئي سامان کڻي ٻاهر آياسين، جتي منهنجي ڪراچيءَ ۾ رهندڙ نياڻي، سندس پٽ ڪاشي ۽ منهنجو نياڻو ڊاڪٽر يار محمد موجود هئا. پوءِ سيئي گڏجي منهنجي ڏوهتي واري ڪار ۾ سندن گهر آياسين ۽ ڪجهہ وقت اتي ترسي رات جو ئي اتان روانو ٿي اچي خير خوبيءَ سان بحفاظت حيدرآباد پهتس. منهنجو پٽ جيڪو حيدرآباد کان ڪراچيءَ آيو، اهو بہ مون سان گڏجي واپس آيو. منهنجن چئني رفيق محترم ڏٽي بخش خان سمون، سندس ڀاءُ عبدالقادر خان، نظام الدين ۽ سندس ڀائٽيي مديني منوره ۾ ئي عيد ڪري پوءِ حيدرآباد واپس آيا ۽ مان نظام الدين جي ڀائٽيي کان سواءِ ٻين سيني کي عيد مبارڪ ڏئي آيو هئس، جنهن لاءِ هن ٻڌايو تہ هو رائيونڊ ويل هو. الله تبارڪ وتعاليٰ جا لک شڪرانا جنهن پنهنجي هن بندي کي عمرو ڪرڻ جي سعادت ۽ جاڳندڙ اکين سان ڪعبة الله شريف ۽ روضي رسول الله ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن جي زيارت نصيب فرمائي. (البت زندگيءَ ۾ حج جو فرض ادا نہ ڪرڻ جو ڏاڍو ارمان آهي).

ميان علي محمد قادريءَ متعلق "لاڙڪاڻو ساهہ سيباڻو" ڪتاب ۾ مون پڙهيو آهي تہ سندن شادي پنهنجي ننڍي مامي ميان نور محمد جي نياڻي ۽ ميان غلام سرور "فقير" جي ڀيڻ غلام بيبيءَ سان ٿيل هئي. هن جي پنهنجي گهرواري سان ڏاڍي محبت هئي، سندس زال جواني ۾ وفات ڪري وئي، جنهن جو ڪيس جنون جي حد تائين صدمو رسيو. فقيري اختيار ڪري پنهنجي گهر واري جي مزار تي پڪو اڏي الله جي عبادت ۾ ڏينهن رات مشغول ٿي ويو. هو هر وقت خدا کان اهو سوال گهرندو هو تہ سندس گهرواري وري زنده ٿئي. اهڙي ريت ٻہ سال گذري ويا. هڪڙي ڏينهن ڏٺائين تہ سندس گهرواري مزار جي ويجهو بيني هئي. جنهن کيس چيو تہ "فقير صاحب مان هتي خوش آهيان، اوهان زماني کي وڃي مُنهن ڏيو." ان کان پوءِ قادري وري زماني جي ڪمن ۾ مشغول ٿي ويو. (اها بہ مان سندس گهرواري جي چوڻ جي بجا آوري ئي سمجهان ٿو) پر برعڪس ان جي مغل شهنشاهہ پنهنجي پياري ملڪ (راڻيءَ) جي وفات بعد سند محبت ۾ مٿانئس ڪيڏو شاهي خزانو لٽائي ۽ ڪافي وقت بعد "تاج محل" مقبرو اڏائي ساڻس محبت هئڻ جي پاڻ کي تہ تسڪين ڏني ۽ ان بابت دنيا ۾ ڍنڍورو بہ ڏياريو پر پنهنجي راڻيءَ سان محبت جي هجڻ جو اظهار "فقير" ميان علي محمد قادريءَ جو پنهنجي گهرواري وانگر نہ ڪري ڏيکاريو.

***

شروعاتي دور ۾ تپيدارن جو ٽريننگ ڪاليج ۽ هاسٽل پٿورو (ضلعي ميرپورخاص) ۾ هوندو هو. ڪاليج جو پرنسپال ڪنهن مختيارڪار کي مقرر ڪيو ويندو هو. لارڪاڻي ۾ مسٽر عبدالوارث شيخ جيڪو نائب دفتردار ٿي رهيو هو ۽ ان وٽ مان ڪلارڪ ٿي رهيو هئس تہ پوءِ اهو پروموٽ ٿي مختيارڪار ٿيو هو. هن کي ڪنهن وقت ۾ ان ڪاليج جو پرنسپال ڪري رکيو ويو هو ۽ سندس پرنسپال هئڻ جي عرصي دوران هڪ دفعو منهنجو بہ وٽس وڃن ٿيو هو ۽ هڪ رات بہ وٽس ترسڻ ٿيو هو .

نوڪريءَ دوران ۽ رٽائرمينٽ بعد هيٺين اوليائين ڪرامن/روحاني شخصيتن/بزرگن/نيڪ ماڻهن ۽ ٻين مشهور شخصيتن جي درگاهہ شريف/مقبرن ۽ مزارن تي بہ وڃڻ ٿيو.

- شهيد عبدالله شاهہ غازي (ڪراچي)
- سيد عبدالله شاهہ اصحابي (مڪلي ٺٽو)
- مخدوم محمد هاشم ٺٽوي (مڪلي ٺٽو)
- حضرت لال شهباز قلندر (سيوهڻ شريف ضلعو دادو)
- شاهہ گودڙيو صاحب (تعقلو ميهڙ ضلعو دادو)
- منهنجو مرشد سائين غلام مرتضيٰ شاهہ جيلاني گمبٽ، ضلعو خيرپورميرس
- حضرت داتا گنج بخش (لاهور)
- 9. سائين علي اڪبر شاهہ صاحب ۽ سندن ننڍو ڀاءُ سائين علي اصغر شاهہ صاحب (ميهڙ ضلعو دادو)
  - اولياءَ الله قائم شاهہ بخاري صاحب (لاڙڪاڻو)
  - بزرگ محدم عثمان صاحب (نزد ڪينيڊي مارڪيٽ لاڙڪاڻو)
  - مزار قائداعظم محمد علي جناح صاحب (ڪراچي)
  - مقبره مغل شهنشاهہ جهانگير خان (لاهور)
  - مقبره راڻي نورجهان (لاهور)
  - مزار علامہ اقبال (لاهور)
- (17،16) پير حسام الدين راشدي صاحب ۽ شيخ عبدالمجيد سنڌي (انهن ٻنهي صاحبن جو مزارون مخدوم محمد هاشم ٺٽوي صاحب واري مقام (مڪلي ٺٽي) ۾ آهن.
- حضرت محمد قاسم مشوري صاحب (مشوري شريف تعلقو ڏوڪري ضلع لاڙڪاڻو)
- درگاهہ حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ (ضلعو مٽياري)
- درگاهہ حضرت سچل سرمست صاحب (درازا ضلعو خيرپور)
- پير پاڳاري صاحب جن جي وڏن بزرگن جي درگاهہ پير جو ڳوٺ (ضلعو خيرپور)

- هالا شريف ۾ مخدوم خاندان وارن بزرگن جي درگاهه (ضلعو مٽياري)
- درگاهه اولياءَ الله شاهه اسماعيل صاحب (پريان لوءِ، ضلعو خيرپور)
- شهيد مخدوم بلاول صاحب جن جي درگاهه (مخدوم بلاول، ضلعو دادو)
- (26,25) علامه آءِ آءِ قاضي ۽ محترمه ايلسا قاضيءَ جون مزارون (ڄامشورو ضلعو دادو)
- (27) درگاهه اولياءَ الله پير پيهل صاحب (ڳوٺ ٻٽ سرائي منهنجو آبائي ڳوٺ تعلقو ميهڙ)
- (28) درگاهه سائين سمن سرڪار (تعلقه ٽنڊو باگو ضلع بدين)

(هن درگاهه تي ويندڙ زيارتي پاڻ سان گڏ اڪثر ڪڪڙ ڪڻي ويندا آهن، جيڪا هڪ روايت آهي، اهڙي ريت اُهو ڪڪڙ درگاهه جي متوليءَ کي ڏيندا آهن، درگاهه جي ان وقت جي متوليءَ سان به ملڻ ٿيو هو).

ضلعي بدين ۾ لواريءَ به وڃڻ ٿيو هو پر درگاهه بند پئي هئي ۽ اتي پوليس ڊيوٽيءَ تي هئي. اتي هر سال نقلي حج ڪرائڻ چاهيندا هئا، انهيءَ ڪري حڪومت سال بسال قلم 144 لڳائي نقلي حج ڪرائڻ تي پابندي هڻي ڇڏيندي آهي ۽ درگاهه بند رهندي آهي.

28. مزار شهيد ذوالفقار علي ڀُٽو صاحب
29. مزار شهيد مير مرتضيٰ ڀُٽو صاحب
30. مزار شهيد شاهنواز ڀُٽو صاحب
31. مزار شهيد سنڌ جي راڻي بينظير ڀُٽو صاحبه

(مٿيون چارئي مزارون هڪ ئي هنڌ ڳوٺ ڳڙهي خدا بخش ڀُٽو تعلقي رتيديري ۾ آهن).

(32) ڳڙهي خيرو (ضلعي جيڪب آباد) ۾ به هڪ بزرگ جي مزار تي وڃڻ ٿيو هو پر بزرگ صاحب جو نالو ذهن ۾ نه ٿو اچي.

(33) بزرگ حماد الله صاحب هاليجي شريف (تعلقو پنو عاقل، ضلعو سکر).

(34) درگاهه شاهه پنجو صاحب (تعلقو ميهڙ).

(35) درگاهه شريف ميان غلام صديق شهدادڪوٽ (ضلعو لاڙڪاڻو).

(36) بزرگ ويهڙ شريف (ضلعو دادو).

(37) درگاهه عبدالرحيم گرهوڙي شريف

مان جڏهن گهوٽڪيءَ ۾ ڊپٽي ڪالونائيزيشن آفيسر هئس ۽ لاڙڪاڻي ڳوٺ ٻارن سان گڏ جيپ ۾ ٻئي آيس ته ٻوڏ آيل هئي، انهيءَ ڪري گهوٽڪيءَ کان پنو عاقل وارو رستو پاڻيءَ هيٺ آيل هو ۽ ان طرف کان ٽرئفڪ بند هئي. جنهن ڪري مان گهوٽڪيءَ کان اوٻاوڙو ۽ اتان صادق آباد کان ڪشمور ويندڙ رستي سان آيس. صادق آباد کان ڪشمور رستي تي هڪ مسجد "پنگ شريف" جي نالي سان هئي، جنهن لاءِ ٻڌل هو ته ڏاڍي سهڻي ٺهيل آهي. انهيءَ ڪري اتي گاڏي روڪي وڃي اها

مسجد شريف ڏٺيسين، جيڪا البت ايڏي وڏي ته نه هئي پر نهايت خوبصورت هئي ۽ ان وقت مسجد تي ڪاريگر ڪم ڪري رهيا هئا، جن کان معلو ٿيو ته اها غالبن غازي خان نالي هڪ نيڪ بخت شخص ٺهرائي پئي ۽ هن کي پنهنجي مرشد يا ٻئي ڪنهن بزرگ جي تاڪيد ٿيل هئي ته هو مسجد شريف جو ڪم ڪڏهن به بند نه ڪرائجان. انهيءَ ڪري ان مسجد شريف تي ٻارنهن ئي مهينا ڪم هلندو رهندو هو ۽ مسجد شريف تي سون جو ڪم به ٿيل هو. غازي خان نالي اهو به ٻڌايائون ته تمام خوشحال ماڻهو آهي ۽ ڪيس ڪجهه ڪاٽن فئڪٽريون به آهن. پني عاقل ۾ به شايد هڪ اهڙي فئڪٽري ڪيس هئي، اتان ٿي پوءِ گڊو بئراج تي اچي ٿورو گهمي ڦري ٿڪ ڀڃي ڪشمور ايندڙ رستي سان لاڙڪاڻي آياسين.

منهنجي نوڪري سنڌ جي سڀني ضلعن ۾ نه رهي آهي پر سواءِ چند تعلقي هيڊ ڪوارٽرن جي پوري صوبي سنڌ جا تعلقا هيڊ ڪواٽر ڏٺل آهن.

ضلعو	تعلقو هيڊڪواٽر
جيڪب آباد	جيڪب آباد ڳڙهي خيرو ٺل ڪنڊڪوٽ ڪشمور تعلقي مان گڊو بئراج کان ايئن گذرڻ ٿيو هو.
• شڪارپور	شڪارپور هتي جي مٺائي ۽ ڪٽاڻ مشهور آهي. ڳڙهي ياسين خانپور لکي غلام شاهه
• لاڙڪاڻو	لاڙڪاڻو تعلقو رتوديرو (هتي جا ڪير پڙا ۽ ڦڪو مائو مشهور آهن. ڦڪو مائو ته ڪنهن وقت ۾ ملڪ کان ٻاهر به موڪليو ويندو هو پر هاڻي جي خبر ناهي). ڏوڪري تعلقو (موهن جو دڙو هن تعلقي ۾ آهي). قمبر ميرو خان

	شهداد ڪوٽ (ميان غلام صديق مشهور بزرگ جي درگاهه شهداد ڪوٽ شهر ۾ ئي آهي. وارهه تعلقو
• 5. ضلعو سکر ۽ گهوٽڪي	سکر (ڏنل تعلقا) پنو عاقل گهوٽڪي (هتي جي اکڙوٽن جي مٺائي مشهور آهي ۽ زمين به ڏاڍي زرخيز آهي، انهيءَ ڪري هن تعلقي ۾ سبزي تمام گهڻي پوکي ويندي آهي). روهڙي ميرپورماٿيلو ڏهرڪي اوباوڙو (هتي جا کيرُ پڙا مشهور آهن). تعلقو صالح پٽ نئون بڻايل آهي، جو ڏنل ناهي).
4) خيرپور ميرس	خيرپور (مير علي نواز جو باليءَ جي عشق ۾ ٺهرايل بنگلو (فيض محل) خيرپور شهر ۾ ئي آهي). (هتي جي کجور (ڏنگ، ڪتل) ۽ ان مان ٺهيل ڇوهارا تمام گهڻا ۽ سٺا هوندا آهن. ڇوهارا ته گهڻا هندستان به موڪليا ويندا آهن) گمبٽ (هتي جا کيس تمام مشهور آهن، جيڪي سوڪڙي طور به ڏنا ويندا آهن). مان جڏهن گمبٽ ۾ مختيارڪار هئس ان وقت ذوالفقار علي ڀُٽو صاحب صدر پاڪستان هو ۽ سفيرن کي تحفي طور ڏيڻ لاءِ 100 کيس گمبٽ مان گهرايا ويا هئا). گمبٽ تعلقي ۾ محرم دوران کهڙا، گڏيجي ۽ ٻين چڱن شهرن ۾ شيعا ۽ سني فساد ٿيڻ جو گهڻو امڪان رهندو آهي ۽ مان جڏهن ٺري تعلقي ٺري ميرواهه ۾ مختيارڪار هئس ته محرم دوران منهنجي ڊيوٽي اڪثر ڪري گڏيجي تعلقي گمبٽ ۾ لڳندي هئي، جو ان وقت تعلقو ٺري ميرواهه ۾ شيعن جو نالو ئي نه هوندو پر هينئر ته اتي به اهو فرقو تمام گهڻو وڌي ويو آهي ۽ اتي به اڪثر شيعا _ سني فساد ٻڌڻ ۾ اچن ٿا). ڪوٽڏيجي

	(ڪوٽڏيجي جو قلعو مشهور آهي) هز هائينس مير صاحب جو ٽڪريءَ تي ٺهيل بنگلو پڻ ڪوٽڏيجيءَ ۾ آهي). محرم ۾ ڪوٽڏيجيءَ ۾ ٽانڊن تي ماتم بہ ٿيندو آهي). نارو تعلقو (هتي تلور وغيره جو شڪار تمام گهڻو ٿيندو اهي ۽ سڄو نارو تعلقو شڪار لاءِ عرب شهزادن کي مقاطعي تي ڏنل آهي جيڪي هر سال شڪار جي موسم ۾ اچي شڪار ڪري ويندا آهن ۽ ڪافي تلور پڪي پاڻ سان کڻي ويندا آهن). ميرواهہ (ٺري ميرواهہ). فيض گنج (هن تعلقي ۾ ڪيلو ۽ ليمون ڪافي ٿيندو آهي).
5) 8. نوابشاهہ ۽ نوشهروفيروز ضلع سانگهڙ	نوابشاهہ سڪرنڊ مورو (هتي جو حلوو مشهور آهي). (دادوءَ ۾ نوڪريءَ دوران اڪثر موري مان حلوو گهرائي کائيندو هئس). پريا ستي (نئون تعلقو ٺهيل آهي) نوشهرو فيروز (هتي جو قديمي مشهور مدرسو بہ ڏٺو هو). ڪنڊيارو سانگهڙ هن تعلقي جي مڇي مشهور آهي جيڪا ناري ڪئنال تي واڍڪيءَ ۾ مرندي آهي). سنجهورو شهدادپور (سهڻي ۽ ميهار جون قبرون هن ئي شهر ۾ آهن) ٽنڊو آدم (هتي جي چيلي جي پڪل ران (سجي) تمام گهڻي مشهور آهي،

	سانگهڙ ۾ نوڪريءَ دوران ٽنڊي آدم مان لنگهندي اڪثر ڪري وٺبي هئي، اُنَ جا وقت 40 روپين ۾ ملندي هئي). ڪپرو هن تعلقي جي گهڻي ايراضي ٿر آهي ۽ لوڻ جي تمام وڏي ڪاڻ به هن تعلقي ۾ آهي، جا ڪن دوستن سان گڏ وڃي ڏٺي هئي). ڄام نواز علي (نئون تعلقو ٺهيل آهي).
6) دادو	دادو جوهي ميهڙ (هتي جو مائو ۽ ميندي مشهور آهن، ٻاهريان واپاري ميهڙ جي ميندیءَ ۾ نوشهري جي ميندي ملائي ميهڙ جي ڪري وڪڻندا آهن). خيرپور ناٿن شاهه سيوهڻ (قلندر لال شهباز جي درگاهه ملڪان ملڪ مشهور آهي). ٽاٽو بولا خان (هتي جي آبهوا فرحت بخش آهي). سشيلا مهتاڻي جيڪا اسان واري D.J ڪاليج ۾ پڙهندي هئي ۽ ڪاليج جي تقريبن ۾ ڏاڍو سٺو ۽ دلڪش انداز ۾ ڳائيندي هئي، ان جي چاچي جو بنگلو ٽاٽي بولا خان ۾ آهي جو هينئر بلڪل زبون حالت ۾ آهي ۽ فرنيچر به پري پڄي ويو اٿس).
ٺٽو	ٺٽو (هتي جو حڪيم درس جو شربت مشهور هوندو هو ۽ وقتي مان به گهرائيندو هئس). سجاول جاتي ميرپور بٺورو شاهبندر (هن تعلقي ۾ نانگ تمام گهڻو هوندو آهي ۽ شاهبندر ۾ تعلقي مختيارڪار هئڻ دوران ڪئين نانگ ڏسڻ ۾ آيا هئا). ڍنڍون به هن تعلقي

	۾ گهڻيون آهن، جن ۾ سياري جي موسم ۾ پڪي بہ جام مرندو آهي، جيڪي چوهڙ جماليءَ ۾ ريڙهن تي سبزيءَ وانگر ڪپندا هئا. ان وقت ٻن روپين ۾ جوڙي پڪين جي ملندي هئي. ڪيلو بہ هن تعلقي ۾ تمام گهڻو ٿيندو آهي. ميرپور ساڪرو (هن تعلقي ۾ گهاري ۾ زمين تمام مهانگي آهي، جنهن تي غير سنڌي قابض ٿيندا پيا وڃن پر ان طرف نہ سنڌ حڪومت جو ۽ نہ وري وڏيري ڪلاس ۽ نڪي وري اتي جي سنڌي رهاڪن جو ئي ڪو ڌيان آهي). (ٽئي ضلعي جا ٽي تعلقا (1) گهوڙاٻاري (2) ڪيٽي بندر ۽ (3) ڪارو ڇاڻ ڏنل نہ آهن).
بدين	بدين تلهار ماتلي ٽنڊو باگو (هتي جو قديمي مشهور مدرسو بہ ڏٺو هو). بدين ضلعي جي تعلقي گولاڙچيءَ هيڊ ڪواٽر مان ڪراچيءَ مان ايندي صرف گذر ٿيو هو جو بدين لاءِ وئگن بدلائي هئي).
حيدرآباد	حيدرآباد (بمبئي بيڪريءَ جو ڪيڪ مشهور آهي). (نوڪريءَ دوران سانگهڙ ۽ ڊگڙيءَ مان جڏهن بہ ڳوٺ لاڙڪاڻي اچڻ وڃڻ ٿيندو هو تہ غلام محمد بئراج (ڪوٽڙي بئراج) تي المنظر ريسٽورينٽ تي اڪثر ترسڻ ٿيندو هو ۽ چانهہ وغيره پي، ٽڏيون هوائون ڪائي ۽ گهمي ڦري پوءِ وڃبو هو. ان وقت درياهہ جو اوج هو ۽ حد نگاهہ تائين درياهہ ۾ هينئين پاسي پڻ تار پاڻي ڏسڻ ۾ ايندو هو پر هاڻي تہ درياهہ جي هينئين پاسي پاڻيءَ بجاءِ رڳو واري ئي واري اُڏامي پئي. هالا هتي جنڊيءَ جو ڪم نهايت عمدو ٿيندو آهي. مان بہ ٻن ڪتن جا جنڊيءَ وارا پاوا وٺي آيو هئس. هتي اجرڪ بہ نهايت سهڻا ۽ سُٺا ٺهندا آهن ۽ تحفن ۾ عام طرح ڏنا ويندا آهن، هتي ٺهندڙ ڪاڏيءَ جو ڪپڙو بہ مشهور آهي)
ٽنڊو الهيار	ٽنڊوالهيار
ٽنڊو محمد خان	ٽنڊو محمد خان

ميرپورخاص، عمرڪوٽ، مٺي (ٿر)	ميرپورخاص تعلقو هتي جو حلوو ڏنڌا گيري بيحد مشهور آهي. ان کان علاوه هتي انب ۽ چڪو تمام گهڻو ٿيندو آهي. ڊگڙي جيمس آباد (ڪاڇيلي جو مشهور فارم هن تعلقي ۾ آهي) مٺي (هينئر مٺي شهر ٿر ۾ واپار جو وڏو مرڪز آهي). مٺيءَ وارو مندر به وڃي ڏٺو هو. (ڏيپلو شهر اجڙيل نظر آيو هڪ اسڪول جي ديوار تي لڳل بورڊ تي محدم صالح ميمڻ اسڪول لکيل هو). ڇاڇرو (هي تعلقو گهڻي قدر ٿر جي ايراضيءَ ۾ آهي). عمرڪوٽ (عمرڪوٽ جو تاريخي قلعو سڄو ڊهي ويو آهي) هتي مغل اڪبر بادشاهه جي ڄمڻ واري هنڌ هڪ وڏي بورڊ تي ايندڙن جي لاءِ پوري معلومات لکيل آهي. ڪنري (هتي پوري ايشيا جي وڏي ۾ وڏي مرچ منڊي ڏٺي هئي، جتي وڏي ميدان ۾ ڳاڙهن مرچن جا اَنَ جي کوڙن وانگر تمام وڏا کوڙا رکيل هئا ۽ لاتعداد مرچن جون پريل ٻوريون به ڇپرن هيٺان رکيل هيون). سامارو (تعلقي پٿورو ۽ ننگر پارڪر ڏٺل ناهن) ڪراچي (سارو (اسان جي ڪاليج ۾ تعليم دوران (پاڪستان ٺهڻ کان اڳ) جهونا مارڪيٽ ۾ چندو حلوائيءَ جو هنداگيري حلوو تمام مشهور هوندو هو.

منهنجا ڏٺل ميوزم.

ڪراچي ميوزم. (هيءُ ميوزم ڪراچي ڪاليج ۾ پڙهڻ واري دور ۾ ڏٺو هو. جو ان وقت برٽش گارڊ ۾ هو. هينئر جي خبر ناهي ته ساڳي هنڌ آهي يا ڪنهن ٻئي پاسي شفٽ ڪيو ويو آهي.

لاهور شاهي مسجد ۾ رکيل تبرڪات
موهن جو دڙو ميوزم. (هي تعلقي ڏوڪري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ آهي).
عمرڪوٽ قلعي ۾ ميوزم
ٽئڪسيلا ميوزم
لاهور ميوزم. گهٽو ڪري لاهور قلعي اندر ئي آهي.
سنڌيالاجي ميوزم جامشورو
(هن ميوزم ۾ هن وقت بينظير ڀٽو گئلري بہ ناهي وئي آهي). ان ئي ميوزم ۾ هيٺ ڄاڻايل ڏنل شخصيتن جون ۽ پڻ ٻين جون لاتعداد تصويرون رکيل آهن.

- شيخ اياز
- پيرزادو عبدالستار (سکر) اڳوڻو وزيراعليٰ سنڌ
- خانبهادر محمد ايوب کهڙو (لاڙڪاڻو)
- قاضي فضل الله لاڙڪاڻو.
- تاج محمد ابڙو (لاڙڪاڻو).
- جمال الدين ابڙو (لاڙڪاڻو)
- اياز قادري (لاڙڪاڻو)
- ذوالفقار راشدي (نئون ديرو)
- شهيد ذوالفقار علي ڀٽو صاحب
- مير رسول بخش ٽالپر
- محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ
- علامہ آءِ آءِ قاضي
- سيد غلام مصطفيٰ شاهہ (سجاول ضلعو ٺٽو)
- ميمڻ عبدالمجيد سنڌي (لاڙڪاڻو)
- مخدوم محدم زمان طالب المولي (هالا)
- شيخ عبدالمجيد سنڌي
- سيد ميران محمد شاهہ (ضلعو حيدرآباد)
- سر غلام حسين هدايت الله
- تاج صحرائي (دادو)
- محمد اڪرم انصاري (دادو)
- نسيم کرل (خيرپور)

- تنوير عباسي (خيرپور)
- استاد منظور علي خان (راڳي)
- موهن پڳت
- وحيد علي (راڳي)
- ممتاز مرزا
- الهداد ٻوهيو (لالو رائنڪ لاڙڪاڻو)
- فقير عبدالغفور (راڳي)
- ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ
- حيدر بخش جتوئي (لاڙڪاڻو) (باني هاري تحريڪ)
- قائدِاعظم محمد علي جناح (باني پاڪستان)
- مادرِ ملت محترمہ فاطمہ جناح
- سيد علي اڪبر شاهہ (ميهڙ)
- جي ايم سيد (غلام مرتضيٰ شاهہ)
- پير حسام الدين راشدي (لاڙڪاڻو)
- پير علي محمد راشدي (لاڙڪاڻو)
- عبدلحميد خان جتوئي (ٻيٽو تعلقو ميهڙ)
- اعجاز علي جتوئي (ٻيٽو تعلقو ميهڙ)
- محمد خان جوڻيجو صاحب (ضلع سانگهڙ (Ex P.M)
- پير الاهي بخش (دادو) اڳوڻو وزيراعليٰ
- علامہ عمر بن محمد دائودپوٽو
- ضياءُ الدين بلبل (ميهڙ)
- استاد بخاري (دادو)
- محمد حسين پنهور (Known as M.H. Panhwer)
- منهجو ڪلاس فيلو ميهڙ هاءِ اسڪول کان D.J College ڪراچيءَ تائين.

لاڙڪاڻي ضلعي جي هيٺين ٽن نوابن ۽ ٻين مشهور شخصيتن جو تصويرون موجود نہ ڏسي البت ڏک ٿيو حالانڪ مئڊم مهتاب راشدي صاحبہ ڪنهن وقت ۾ چڱو وقت سنڌالاجيءَ جي انچارج (ڊئريڪٽر) رهي چڪي آهي ۽ پاڻ بہ ڳوٺ نئون ديرو ضلع لاڙڪاڻي جي رهواسڻ آهي.

- نواب نبي بخش خان ڀُٽو
- نواب امير علي لاهوري
- نواب غئبي خان چانڊيو

- خانبهادر احمد خان پُٽو (ذوالفقار علي پُٽي جو پهريون سهرو)
- سردار پير بخش خان پُٽو
- سنڌالاجيءَ جي موجود انتظاميا بہ رڪارڊ ڏسي پڻ تصديق ڪئي تہ برابر مٿين پنجن تمام مکيہ شخصيتن جون تصويرون ميوزم ۾ هن وقت موجود نہ آهن.
-

نوڪريءَ دوران روينيو ڪاتي ۾ منهنجا آفيسر

منهنجي پوسٽنگ	مختيارڪار صاحب
تعلقي هيڊ منشي لاڙڪاڻہ	1. مسٽر جمع خان
هيڊ منشي رتوديرو	2. مسٽر محراب خان مهر
	3. مسٽر هادي بخش شيخ
	4. مسٽر محمد عثمان ميمڻ
	5. مسٽر ڪمال الدين شيخ
تعلقہ هيڊ منشي ڏوڪري	6. مسٽر فضل محمد عباسي
	7. مسٽر محمد بچل جڪرو
	8. مسٽر عبيد الله مهر
تعلقہ هيڊ منشي قمبر	9. مسٽر محمد انور قاضي
تعلقہ هيڊ منشي ميرو خان	10. مسٽر محمد رمضان خان چانڊيو
	11. مسٽر مير محمد ڪولاچي
	12. مسٽر محمد اعظم انصاري
	13. مسٽر علي رضا شاهہ
اليڪشن هيڊ منشي شهداد ڪوٽ	14. مسٽر غلام محمد لغاري
تعلقہ هيڊ منشي وارهہ	15. مسٽر محمد چنيسر وسير
منهنبجي پوسٽنگ	**چٽنس / دفتردار صاحب**
لاڙڪاڻي ضلعي ۾ نان گزيٽيڊ پوسٽن ڪلارڪي، هيڊ منشي، اسسٽنٽ، نائب دفتردار ۽ سب ڊويزنل هيڊ منشي، هيڊورنيڪيولر ڪلارڪ ۽ آفيس	1. مسٽر امير بخش شيخ چٽنس 2. مسٽر محمد هاشم قاضي = دفتردار 3. مسٽر عبدالعليم عقيلي = 4. مسٽر سيدي ڪرم الله شاهہ = 5. مسٽر برڪت علي شيخ = 6. مسٽر علي نواز شيخ =

سپرنٽينڊنٽ جي عرصي تائين	7. مسٽر رحمت الله قريشي = 8. محمد ابراهيم قريشي = 9. مسٽر مراد علي خان بلوچ = 10. مسٽر گوهر علي خان بلوچ = 11. ديوان ٽانورداس =
منهنجي پوسٽنگ	ڊپٽي ڪليڪٽر / اسسٽنٽ ڪمشنر صاحب
لاڙڪاڻي ضلعي ۾ نان گزيٽيڊ پوسٽن تي نوڪريءَ دوران.	1. مسٽر مدد علي نظاماڻي (ڊپٽي ڪليڪٽر) 2. مير شهداد خان ٽالپر (ڊپٽي ڪليڪٽر) 3. مسٽر اختر محمود C.S.P اسسٽنٽ ڪمشنر 4. جمال الدين جماڻي (ڊپٽي ڪليڪٽر) A.4 مسٽر مظهر علي شيخ 5 مسٽر قادر بخش لاڙڪ (ڊپٽي ڪليڪٽر) 6 حاجي شاهه محمد شيخ (ڊپٽي ڪليڪٽر) 7 شاهجان – ايس – ايم C.S.P اسسٽنٽ ڪمشنر 8 مفتي محمد لطف الله C.S.P اسسٽنٽ ڪمشنر 9 نور محمد خان پٽي (ڊپٽي ڪليڪٽر) 10 مسٽر نثار الحميد C.S.P اسسٽنٽ ڪمشنر 11 مسٽر محمد پنيل عطار ڊپٽي ڪليڪٽر 12 امدادا لله انڙ 13 مسٽر سائين بخش ڪلهوڙو (ڊپٽي ڪليڪٽر) 14 الله ڏنو خان ميمڻ، امداد الله خان انڙ 15 علي محمد خان ڊومڪي 16 اشفاق احمد عباسي (ڊپٽي ڪليڪٽر) 17 محمد بچل ميمڻ (ڊپٽي ڪليڪٽر)
مختيار ڪار پنو عاقل	

مختيار ڪار ٺري ميرواهه ضلع خيرپور مختيار ڪار گمبٽ مختيار ڪار شاهبندر ضلع ٺٽو	
منهنجي پوسٽنگ	ڪليڪٽر / ڊپٽي ڪمشنر صاحب
ضلع لاڙڪاڻي ۾ نوڪريءَ دوران	1. مسٽر قاضي سچيڏنو ڪليڪٽر 2. محمد يوسف جوڻيجو 3. مسٽر محمد رمضان شورو 4. مسٽر قاضي غلام مصطفيٰ 5. مظفر حسين ڪليڪٽر 6. عبدالمجيد افغان ڪليڪٽر 7. سيد الطاف حسسين ترمزي 8. مسٽر عبدالواسع موٽني C.S.P ڊپٽي ڪمشنر 9. مسٽر مهدي حسن 10. مسٽر مبشر 11. نصرت حسن C.S.P ڊپٽي ڪمشنر 12. مسٽر آءِ اي امتيازي 13. مسٽر اظهارالححق 14. مسٽر اي سميع قريشي 15. مسٽر محمد رفيق 16. عبدالله خان چنہ ڪليڪٽر 17. مسٽر انور عادل C.S.P ڊپٽي ڪليڪٽر 18. مسٽر بشارت رسول 19. مسٽر آصف فصيح وردگ C.S.P ڊپٽي

مختيار ڪار پنو عاقل مختيار ڪار پنو عاقل مختيار ڪار ٺري ميرواهه ضلع خيرپور	ڪمشنر 20. مسٽر وقار رستم بخشي 21. سيد سردار احمد 22. آغا رفيق حسين 23. مسٽر محمد هاشم ميمڻ ڪليڪٽر 24. مسٽر تاج محمد قريشي 25. مسٽر علي محمد شيخ 26. مسٽر عنايت الله قريشي 27. مسٽر امداد الله خان انڙ (ٻيو دفعو)
مختيڪار ڪار گمبٽ ضلع خيرپور	28. مئڊم ثريا ٻائي City A.D.M 29. مسٽر سيد مشرف علي
مختيارڪار شاهبندر ضلعو ٺٽو مختيارڪار ڪپرو صلعو سانگهڙ	مسٽر محمد هاشم ميمڻ (ٻيو دفعو) تاج محمد قريشي 30. مسٽر شاهد عزيز C.S.P
ائڊيشنل سٽي مئجسٽريٽ ڪراچي A.C.C/S.A.M) ڊپٽي ڪليڪٽر سانگهڙ	31. مسٽر محمد صالح ميمڻ ڪليڪٽر 32. مسٽر ضيغم حسين موسوي مسٽر محمد هاشم ميمڻ (ٽيون دفعو) 33. مسٽر الطاف حسسين قادري ڪليڪٽر ضلعو دادو
ڊپٽي ڪليڪٽر ڊگڙي سٽي مئجسٽريٽ ڪوٽڙي سٽي مئجسٽريٽ دادو	34. مسٽر جميل احمد صديقي ڪليڪٽر ضلعو خيرپور 35. غلام محدم خان ميمڻ صاحب 36. فقير محمد ڏهر ڪليڪٽر ضلعو دادو 37. مسٽر محمد شريف بلوچ
ڊپٽي ڪليڪٽر مير واهه ايڊيشنل ڪمشنر دادو ڪراچي ضلع	38. ڪنور ادريس صاحب D.M

ڪمشنر صاحب

1. الله بخش سومرو صاحب
2. محمد اسلام باجوا صاحب
3. محمد حسين شيخ صاحب
4. محمد صديق صاحب
5. پرويز احمد بٽ صاحب ڪراچي
6. عبدالله _ ڊي _ بلوچ صاحب
7. عبدالله _ جي _ ميمڻ صاحب
8. اي _ ڪي _ لوڏي صاحب
9. علي محمد شيخ صاحب
10. سيد محب الله شاهه صاحب

مان ڪنهن به ڪمشنر جي آفيس ۾ نوڪريءَ ۾ نه رهيس پر اهي جڏهن گشت ۾ ايندا هئا ته ڪليل ڪچهري ڪندا هئا يا ڪنهن ميٽنگ ۾ وٽن وڃڻ ٿيندو هو ته ساڻن ملڻ ٿيندو هو. البت به ڪمشنر صاحب محمد حسين ۽ محمد صديق صاحب مون ڪڏهن نه ڏٺا هئا.

صوبي بلوچستان ۾ سئيءَ جي مڪامَ وٽ جتي سئي گئس پلانٽ جي (Installation) ٿيل هئي، ان جي ويجهو گذر ٿيو هو ۽ سڄي (Installation) شايد ته اليومينيم جي بلڪل اڇين چادرن سان ڍڪيل هئي، جا پري کان چانڊوڪيءَ ۾ تمام اڇي چلڪي ۽ خوبصورت لڳي رهي هئي.

هڪ دفعي ڪوٽڙيءَ واري Distillery (شراب ٺهڻ واري بني) به وڃي گهمي ڦري ڏني هئم، اتي موجود ماڻهن مان هڪ ٻاهر وڏي حوض مٿان بيهاريو جنهن ۾ سندس چواڻي ته شراب ٺاهڻ لاءِ (Raw Material) ڪنو (Dump) ٿيل هو جنهن مان تمام گهڻي بدبوءِ اچي رهي هئي ۽ خبر ئي نه پئي پوي ته ان حوض ۾ ڪهڙو مادو ڪنو ڪيو ويو هيو جو ان مان ايڏي بدبوءِ اچي رهي هئي. بدبوءِ جي ڪري اتي ٿورو ئي وقت بيهي پوءِ اندر وياسين، جتي اهو حوض ۾ گڏ ٿيل مادو ڪيترن مرحلن مان گذري رهيو هو ۽ آخرڪار هڪ شيشي جي نلڪيءَ مان صاف شراب جو ڦڙو ڦڙو ٿي ٽمندو هڪ شيشي جي ٽانءُ ۾ ڪنو پئي ٿيندو ويو. هينئر جي خبر نه آهي ته اها Distillery اتي اڃا هلي رهي آهي يا بند ٿي وئي.

منهنجي وڏي فرزند ڊاڪٽر غلام ياسين سال 1988 جي آخر کان سال 2008 جي آخر تائين دادو سول اسپتال ۾ نوڪري ڪئي ۽ سندس مستقل رهائش به دادوءَ ۾ هئي. ان بعد هن دادو ڇڏي حيدرآباد ۾ اچي مستقل رهائش اختيار ڪئي آهي ۽ انهيءَ ڪري پنهنجي بدلي به دادوءَ مان حيدرآباد ڪرائي ۽ سندس (Posting) مقرري گدو اسپتال حيدرآباد ۾ ڪئي وئي. گدو اسپتال لاءِ عام تاثر اهو ورتو ويندو رهيو آهي ته اها چرين جي اسپتال آهي پر دراصل ائين نه آهي.

تاريخ 12.06.2009 رتي مون کي پنهنجي پٽ ڊاڪٽر غلام ياسين سان گڏ وڃي گدو اسپتال ڏسڻ جو موقعو مليو. اها حقيقت آهي تہ گدو اسپتال ۾ چرين جا واردِ آهن پر ان کان علاوه ٻين بيمارين وارن مريضن جهڙوڪ هيروئن جي عادين، ذهني مريضن وغير جا بہ واردِ اتي موجود آهن. اسپتال ۾ مرد ڊاڪٽرن، ليڊي ڊاڪٽرياڻين سميت ٻيو بہ عملو مقرر ٿيل آهي. اسپتال ۾ ٻن قسمن جي چرين جا واردِ آهن. هڪڙا چريا جيڪي نهايت خطرناڪ آهن، جيڪي عام ماڻهن توڙي پنهنجو پاڻ ۾ وڙهڻ ۾ ويرم ئي نہ ڪندا آهن، اهي واردِن ۾ اندر بند رکيا ويا آهن ۽ انهن کي واردِ مان ٻاهر نہ ڪڍيو ويندو آهي ۽ انهن واردِن ڏانهن عام ماڻهوءَ کي وڃڻ بہ نہ ڏيندا آهن. باقي ٻيا چريا پاڻمرادو واردِ ۾ ئي وڃي ويهندا آهن يا وري مرضيءَ پوڻ تي واردِ مان ٻاهرر اچي واردِن جي سامهون هڪ وڏي ڪليل ميدان ۾ گهمندا وتندا آهن پر ان ميدان جي چوڌاري ديوار ڏنل آهي ۽ هڪ مضبوط گيٽ لڳل آهي ۽ ان کان ٻاهر ڪنهن بہ چرئي کي وڃڻ نہ ڏيندا آهن.

منهنجي پٽ غلام ياسين جي آفيس بہ ان گيٽ جي اندر ئي آهي ۽ جڏهن هو ڊيوٽيءَ تي ويندو آهي تہ گيٽ تي مقرر ٿيل عملي جو ماڻهو ڪيس آفيس ۾ وڃڻ لاءِ گيٽ کولي ڏيندو آهي ۽ وري گيٽ اندران بند ڪري ڇڏيندو آهي. منهنجي پٽ ڊاڪٽر غلام ياسين جي آفيس جي لڳ ۽ ڪجهہ پري چرين جا واردِ آهن ۽ وڏو ميدان جنهن جو مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان، اهو بہ سندس آفيس جي بلڪل سامهون آهي، جنهن ۾ ڪجهہ چريا گهمندا رهندا آهن ۽ ڪي واردِن ۾ ئي وينا هوندا آهن ۽ جڏهن مرضي پوين پئي تہ واردِ مان نڪري ان ميدان ۾ گهمندا ڦرندا پيا وتن. غني نالي هڪڙو قداور چريو ظاهري طرح نيڪ ناڪ پئي لڳو. ان جو ٻين چرين تي مڙئي ڪجه رعب پئي لڳو. جو جنهن چرئي کي جيئن چوي پيو تہ اهو ائين ڪري پيو. ايئن جڏهن چرين جا ڪپڙا لانڊريءَ تان ڌوپجي آيا تہ انهن کي چيائين تہ وڃي ڪپڙا بدلايو. هنن هڪدم وڃي ڪپڙا بدلايا ۽ جيڪڏهن ڪنهن چرئي کي پٽڙيءَ تان لهندو پيو ڏسي تہ ان کي ٿوري ڇڙپ ڏئي چوي پيو تہ وڃ گوري وٺي کاءُ تہ هو يڪدم وڃي اها گوري کائي وري ايوان ۾ گهمندا ڦرندا وتن. مان ۽ منهنجو پٽ ڊاڪٽر غلام ياسين بہ ڪرسيون ان ميدان ۾ هڪ وڻ هيٺان رکي ويٺاسين. منهنجي پٽ واري واري سان هڪ هڪ چرئي کي سڏي ٿورو پري ويهاري ڪانئن احوال پئي ورتو تہ چانهہ پيتي اٿوَ ۽ گوري ڪاڏي اٿوَ. اوهان جو ڪو مٽ مائٽ ملاقات لاءِ آيو آهي؟ وغيره جهڙيون ڳالهيون پئي ڪيون. چرين جو بہ پنهنجو جهان آهي. منهنجي پٽ ٻڌايو تہ هتي وارن واردِن ۾ 45 چريا آهن پر ڪنهن جو بہ سالم دماغ ٺيڻ جو امڪان ڪونهي ۽ انهن جي زندگي اتي ايئن ئي گذري ويندي ۽ اهي اتي ڪيترن ئي سالن کان انهيءَ حالت ۾ آهن ۽ ڪن کي تہ 30 _ 32 سال اتي رهي ٿيا آهن.

غني چريو جنهن جو مان مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان، انهيءَ تہ ڪجهہ اهڙا سنا ۽ عقل ڀريا شعر بہ ٻڌايا جي ٻڌي محسوس ئي نہ پيو ٿئي تہ هي ڪو چريو آهي پر وقتي بيٺي بيٺي پٽڙي تان لهي

پيو وڃي، جنهن مان سندس چريائپ نظر پئي آئي. هڪڙي چرئي منهنجي پٽ کي چيو تہ سندس ڪروڙ ڊالر بئنڪ ۾ پيا آهن ۽ ڇڏيو تہ اهي ڪيرائي اچان.

ڪن چرين کي منهنجي پٽ چيو تہ توهان ڪجهہ ٺيڪ ٿيو تہ اوهان کي ڳوٺ ڇڏي اچجي تہ وري هيڏانهن موٽي تہ نہ ايندا؟ جنهن تي هنن جو چوڻ هو تہ پلي اسان کي ڳوٺ ڇڏي اچو پر وري موٽي هتي ئي ايندا سين.منهنجي پٽ وڏيڪ ٻڌايو تہ جنهن چرئي کي مائٽ هتي ڇڏي هليا ويندا آهن تہ وري ساڻن ملاقات ئي نہ ڪرڻ ايندا آهن. ڪن چرين بابت تہ ائين بہ ٻڌايائين تہ چڱو پڙهيل آهن ۽ بہ ٿي تہ اهڙا بہ هئا جيڪي سرڪاري نوڪريءَ ۾ بہ رهيا هئا. هڪڙي چرئي لاءِ تہ اهو بہ ٻڌايائين تہ ڪيس پنهنجي ڳوٺ ۾ 600 جريب ذاتي زمين بہ آهي.

منهنجي پٽ وڏيڪ ٻڌايو تہ ورلي ڪو چريو بلڪل صحيح سالم دماغ ٿي ويندو آهي تہ ان کي اسپتال جي طرفان سرڪاريءَ گاڏيءَ ۾ وڃي سندس ڳوٺ ڇڏي ايندا آهن. جيڪي خطرناڪ چريا هميشہ وارڊ ۾ بند هوندا آهن، انهن جون پري کان رڙيون بہ ٻڌڻ ۾ اچن پيون. هيروئن جي عادي مريضن ۽ ذهني مريضن وغيره جا وارڊ بہ ڏٺم جتي سندنس علاج پئي هليو. بس الله تبارڪ تعاليٰ پنهنجي خلقيل مخلوق جا راز پاڻ ئي ڄاڻي ٿو.

ادا غلام نبي جڏهن دادوءَ ۾ رينج فاريسٽ آفيسر (R.F.O) هيو تہ مان ڪجهہ ڏيبنهن وٽس وڃي رهيو هئس. هو "ويهڙ شريف" جي بزرگ جو مريد هو. ويهڙ جو ڳوٺ دادوءَ کان لڳ پڳ پنج ڇهہ ميل پري آهي. هڪڙي ڏينهن دادوءَ ۾ منهنجو پڻڙ حاجي محمد ابراهيم ۽ ٻيو ويجهو عزيز حاجي جان محمد خان بہ دادوءَ ۾ آيا. اهي ٻئي بہ ويهڙ شريف جي بزرگ جا معتقد هئا. انهن ٻنهي ادا غلام نبيءَ کي چيو تہ سندن ارادو آهي تہ "ويهڙ شريف" واري بزرگ جي زيارت ڪري اچئون. پوءِ اسان چارئي، ادا غلام نبي، مان ۽ مٺيان ٻئي عزيز گڏجي جيپ ۾ ويهڙ شريف وياسين ۽ بزرگ صاحب جن جي زيارت ڪري واپس پئي آياسين ۽ موٽندي رات ٿي وئي هئي. لڳ پڳ اڌ پنڌ ڪيوسين تہ اوچتو بارش شروع ٿي وئي. بهرحال اسان آهستي آهستي اچي رهيا هئاسين تہ رستي ۾ جيپ بند ٿي وئي. ڊرائيور چيڪ ڪري چيو تہ پئٽرول ختم ٿي ويو آهي ۽ جيپ اڳتي نہ هلي سگهندي.

ادا غلام نبيءَ چيو تہ هو دادو وڃي ٿو جو سندس آفيسر ڊويزنل فاريسٽ آفيسر سيٺي دادوءَ گشت تي اچڻو آهي ۽ هو دادوءَ مان پئٽرول ڏياري موڪلي ٿو. مان ڪيس چيو تہ اوهان اڪيلا نہ وڃو مان بہ اوهان سان گڏيو ٿو هلان. اسان ٻئي پوءِ جيپ مان هيٺ لٿاسين تہ ڏٺوسين تہ سخت بارش سان گڏ هلڪو ڳڙو بہ وسيو پئي ۽ ڪنوڻ جا بہ ڏاڍا ڪڙڪاٽ پئي پيا نہ تہ هونئن اوندهہ انڌوڪار لڳي پئي هئي ۽ رستي جي بہ پوري خبر نہ پئي پوي. بهرحال اسان کي تہ دادوءَ وڃڻو ئي هيو. انهيءَ ڪري وڃ جي چمڪاٽ تي ڪجهہ پنڌ هلي وڃي ڪنهن وڻ هيٺان پئي بيٺاسين. ائين ڪجهہ پنڌ ڪيوسين تہ پري کان زوردار رڙيون "آجائو، آجائو" ٻڌيوسين. اسان کي ڪجهہ خوف تہ ٿيو پر سوچيوسين تہ هي رڙيون نہ جاڻ تہ ڪير ڪري رهيو آهي! پوءِ جيئن تہ دادوءَ ڏانهن وڃڻ لاءِ ٻيو ڪو

رستو نہ هو انهيءَ ڪري اهي رڙيون ٻڌندا اڳتي وڌندا رهياسين ۽ جڏهن دادو ڪئنال جي پل تي پهتاسين تہ ڏٺوسين تہ هڪ مست ملنگ اهي ئي رڙيو ڪندو دادو ڪئنال جي پل جي هڪ ڇيڙي ڪان ٻئي ڇيڙي تائين بار بار ائين ئي ڊوڙندي ڊوڙندي رڙيون ڪندو رهيو پر هن اسان کي ڪجهہ نہ چيو ۽ نہ ئي ويجهو آيو. (دادو ڪئنال، دادو شهر کان ٿورو ئي ٻاهر ڪجهہ ئي مفاصلي تي آهي). خير الله تبارڪ وتعاليٰ کي ٻاڏائيندي نيٺ دادو ۾ جاءِ تي اچي پهتاسين.

ادا غلام نبيءَ پوءِ پئٽرول ڊبي ۾ وجهرائي پنهنجي پٽيوالي سان ٽانگي ۾ ڏياري موڪليو ۽ ٻئي عزيز پڦڙ حاجي محدم ابراهيم ۽ حاجي جان محمد خان جيپ ۾ دادوءَ اچي پهتا. جنهن هنڌ جيپ جو پئٽرول ختم ٿي ويو هو ۽ جيپ بند ٿي وئي هئي، اهو دادو شهر کان لڳ پڳ ڏيڍ ميل کن جو مفاصلو هو.

****

مون نوڪريءَ کان اڳ ۽ نوڪريءَ دوران ٻن سرڪاري ملازمن کي تمام سهڻي پوشاڪ پهريندڙ (Well dressed) ڏٺو آهي. پهريون مسٽر غلام الله ميمڻ صاحب (ويٽل هالا). هو جڏهن ڪمشنر آفيس ۾ ”پروينشل آفيسر هو تڏهن ڪيس مون ڏٺو هو جنهن مهل هُو تمام سهڻي ڊريس پائي ڊيوٽيءَ تي پئي ويو. ٻيو آغا نور الله. جڏهن هو شهدادڪوٽ تعلقي ۾ مختيارڪار هو ۽ لاڙڪاڻي ۾ ڊپٽي ڪمشنر صاحب جن وٽ ميٽنگ ۾ ايندو هو ته تمام سهڻي بٽ تي سٺي ٺهندڙ ڊريس پائي ايندو هو. غلام الله ميمڻ ۽ آغا نورالله سهڻي شباهت ۽ سٺي هڏ ڪاٺ وارا ماڻهو هئا. آغا نور الله دل جي دوري پوڻ تي علاج لاءِ اسپتال ۾ داخل هو پر وفات ڪري ويو. خدا تعاليٰ جي قدرت جو جنهن ڏينهن سندس سنڌ جي ڪمشنر ٿيڻ جو آرڊر نڪتو هن جي وفات به ان ئي ڏينهن ٿي. مان ميرو خان تعلقي ۾ تي ڀيرا تعلقي هيڊ منشي ٿي رهيو هوس، جنهن دوران سڪندر حيات خان کهاوڙ ۽ سندس ڏاڏي حاجي محمد علي صاحب جن سان تمام گهاٽو رستو ٿي ويو هو. جڏهن هو ميرو خان يا لاڙڪاڻي ايندا هئا ته مون وٽ ئي اچي ترسندا هئا. مان پوري ضلعي ۾ هيڊ منشي ٿي رهڻ دوران رڳو هن وٽ ئي سندن ڳوٺ نه ويو هئس ۽ رات ٽڪيو هئس. البت ڏگاڻي مهيسر جي مهيسر زميندارن حاجي محمد نواز، حاجي نظر محمد خان، حاجي در محمد، حاجي مومن خان، حاجي خير محمد ۽ سندس ڀاءُ گدا حسين سان دعا سلام هوندي هئي.

مان سال 1968ع ۾ منهنجي مختيارڪار طور پروموشن ٿيڻ کان وٺي سال 1984ع ۾ ملازمت تان رٽائرمينٽ تائين لاڙڪاڻي کان ٻاهر ئي رهيس ۽ انهي عرصي دوران لاڙڪاڻي اچڻ تمام گهٽ ٿيندو هو، ايتريقدر جو ڪن عيدن تي به ٻاهر نوڪريءَ واري هنڌ تي ئي هوندو هئس.

سڪندر حيات خان کهاوڙ سان تمام گهاٽا تعلقات هئا. هو ۽ مان سال 1959ع ۾ ٻه مهينا زيارت ۾ به گڏ وڃي رهيا هئاسين، جنهن بابت ذڪر اڳ ۾ ڪري آيو آهيان. تنهن هوندي به، سال 1968ع کان وٺي سندس وفات (جيڪا ٻه سال ڪن اڳ ٿي) تائين رڳو تي ڀيرا ملاقات ٿي سگهي. پهريون، سندس والده جي وفات تي تعزيت ڪرڻ لاءِ وڃڻ ٿيو. ٻيو، سندس اغوا ٿي ويل پٽ جڏهن بازياب ٿي واپس آيو ته ڪيس مبارڪ ڏيڻ ويو هوس. ٽيون، هڪ ڏينهن مان وي آءِ پي روڊ سان ٽانگي تي پئي ويس ته سوڪرانو ٽاور وٽان هو پنيان پنهنجيءَ جيپ ۾ پئي آيو ته مون کي ڏسي جيپ مان لٿو. مان به ٽانگي تان لهي پيس. چڱو ٽائيم بيٺي بيٺي حال احوال ڪيوسين، جنهن کان پوءِ هو هليو ويو. ان کان پوءِ وري سندس حياتيءَ ۾ ساڻس ملاقات نه ٿي.

سڪندر حيات خان جو پٽ اعظم حيات خان کهاوڙ هاڻي لاڙڪاڻي ۾ رهندو آهي ۽ يونائيٽڊ بئنڪ ۾ نوڪري ڪري رهيو آهي. سڪندر حيات خان جي وفات جي خبر مون کي منهنجي سؤٽ بشير احمد خان ٻڌائي. سا به گهڻي عرصي گذرڻ کان پوءِ. مون تنهن کان پوءِ اعظم حيات خان سان

سندس والد صاحب جي وفات تي تعزيت لاءِ ڪاٽي فون وسيلي ڪئي، انڪري جو مان سفر نٿو ڪري سگهان.

مان اڳ لکي آيو آهيان تہ (اڳوٽي) ضلعي ميرپورخاص ۾ ننگر پارڪر تعلقو ئي رڳو منهنجو ڏنل ناهي. مان ننگرپارڪر ۾ هڪ قديمي مسجد ۽ هندن جي مندر جي مشهور هجڻ بابت ٻڌندو هئس. انهيءَ ڪري دل چوندي هئي تہ ڪو موقعو ملي تہ اهي بہ ڏسي اچان. تاريخ 31 آڪٽوبر 2009ع ڇنڇر جي ڏينهن منهنجي نياڻي ۽ عبدالحميد شيخ پنهنجي پوري فيملي سميت ٿر جي علائقي ڏسڻ جو پروگرام رٿيو. مون کي بہ گڏ هلڻ لاءِ چيائون، جنهن ڪري مان بہ ساڻن گڏجي ويس. عبدالحميد جو هڪڙو دوست سجاد ميمڻ صاحب بہ پنهنجيءَ گاڏيءَ ۾ پنهنجي فيملي (سندس گهرواري ۽ ٽي ٻارڙا) اسان سان گڏ وٺي هليو. سجاد ميمڻ اصل ڏيپلي شهر، جيڪو بہ ٿر جي ايراضيءَ ۾ آهي، جو وينل هو، پر هاڻي مستقل طور حيدرآباد جي علائقي قاسم آباد ۾ رهندو آهي. سندس استيٽ ايجنسي آهي. سندس گهرواري بہ ڪنهن اسڪول ۾ ٽيچر طور نوڪري ڪري رهي آهي. هو اڃا پنهنجي اباڻي ڳوٺ ڏيپلي بہ ويندو آهي، جتي، سندس چواڻي، هن جي اباڻي جڳهہ اڃا بہ موجود آهي. اسان هتان حيدرآباد مان ٻن گاڏين (هڪ عبدالحميد جي ذاتي گاڏي ۽ ٻي سجاد صاحب جي گاڏي) ۾ ڇنڇر ڏينهن قريبن اڀائي وڳي ڌاري منجهند جو نڪتاسين ۽ ميرپورخاص، ميرواهہ گورچاڻيءَ، ڊگهڙيءَ ، ٽنڊي جان محمد، جهڏي کان ٽيندي نئون ڪوٽ پهتاسين ۽ ان کان پوءِ ٿر جي شروعات ٿي ٿئي.

مان جڏهن سال 1979ع ۾ ڊگهڙيءَ ۾ ايس ڊيم ايم هوس تہ سب ڊويزن ڊگهڙيءَ جي حد دمبالي کان وٺي نئون ڪوٽ تائين هئي. ان دور ۾ نئين ڪوٽ کان اڳتي ٿر ۾ ڪو پڪو رستو نہ هوندو هو. اتان ماڻهو توڙي ڊور ڊڳا ۽ ٻيو سامان سڙو ڪيڪڙن ۾ ويندو هو. ان وقت مٺيءَ ۾ مسٽر محمد عظيم ابڙو، وينل رتوديرو. ايس ڊيم ايم هو، جنهن کي جڏهن ميرپورخاص ڊپٽي ڪمشنر صاحب وٽ ميٽنگ ۾ اچڻو پوندو هو تہ "فور وهيلر" جيپ ۾ ايندو هو. انڪري جو ٿر ۾ واريءَ ۾ رڳو اهڙي جيپ ئي هلي سگهندي هئي. هڪ بہ ڀيرا تہ سويل اچي مون وٽ ناشتو ڪيو هئائين ۽ پوءِ گڏجي ميٽنگ ۾ ويا هئاسين.

نئين ڪوٽ کان پوءِ مٺيءَ وياسين. ان سفر ۾ اسان کي لڳ ڀڳ ساڍا ٽي يا چار ڪلاڪ لڳا هئا، انڪري جو واٽ تي ميرپورخاص وٽ ڪجهہ رستو خراب هو. هاڻي تہ نئون ڪوٽ کان اڳتي ٿر جي ايراضيءَ وارن تعلقي هيڊ ڪواٽرن تائين گهڻي ڀاڱي پڪا رستا نهي ويا آهن، انهيءَ ڪري سفر ڏاڍو سولو ٿي ويو آهي. مٺيءَ تائين پهچندي اسان کي رات ٿي وئي هئي. انهيءَ ڪري رات مٺيءَ ۾ ڪنهن هوٽل ۾ رهڻ جو پروگرام هو. عبدالحميد ڪنهن هوٽل تي هلڻ کان اڳ ڪجهہ ضروري خريداري ڪرڻ پئي چاهي. انهيءَ ڪري سڏو هلي هڪڙي ڪپڙي جي دڪان ويجهو گاڏيون بيهاري ٻارن کي ساڻ وٺي هليو. ان دڪان ۾ ڪپڙي جي تاڪين جو سسٽم نہ هو، پر هڪ هڪ

ڊريس جدا جدا ٿيلهيءَ ۾ رکيل هئي. ٿيلهيون ڏاڍي سجايل نموني ۾ رکيل هيون. دڪاندار پوءِ عبدالحميد ۽ سندس ٻارن جي چوڻ تي ٿيلهين مان ڊريسون ڪڍي ڏيکاريندو پئي ويو. سڀ زنانيون ڊريسون رکيل هيون ۽ ڪجهه چادرون (Bad sheets) ۽ ٿورو گهڻو ٻيو ڪپڙو به رکيل هو. ان کان علاوه پرس به چڱا رکيل هئا.

عبدالحميد ۽ سندس ٻارن (گهرواري ۽ نياڻين) جيڪي ڊريسون پسند ڪيون، اهي خريد ڪيون ۽ انهن ڪجهه پرس به خريد ڪيا. مون به چار ڊريسون خريد ڪيون. اتان فارغ ٿي پوءِ پارڪر هوٽل ۾ ٿي ڪمرا وٺي انهن ۾ رهياسين. پارڪر چڱو هوٽل هو. اتي ماني به سٺي ملي. هڪ ڪمري جو چوويهن ڪلاڪن لاءِ ڪرايو 300 رپيا هو. پهرين نومبر آچر جي ڏينهن صبح جو ناشتو ڪري ننگرپارڪر وڃڻ کان اڳ مٺي شهر کان ٻاهر تجڪريءَ تي ٺهندڙ تفريح گاهه وڃي ڏٺيسين، جتي ڪيتري عرصي کان ڪم هلندڙ هو. ان جي مڪمل ٿيڻ لاءِ اڃا ڪافي وقت گهربل هو. ان هنڌ ڪجهه تصويرون به ڪڍيوسين. ان ٽڪريءَ تان مٺي شهر تمام هيٺ پئي ڏٺو ۽ ان وقت ڏنڌ هجڻ ڪري صاف نظر نه پئي آيو. اتان کان پوءِ ننگرپارڪر ڏانهن روانا ٿياسين. رستي ۾ اسلام ڪوٽ شهر هو، پر شهر ۾ اندر نه وياسين. ٻاهران ئي سڌو ننگرپارڪر وياسين. ڏهين ڌاري اتي پهتاسين. ننگر پارڪر ۾ قديمي مسجد ۽ مندر به ڏٺاسين. اسان پهريان مندر ڏسڻ وياسين. مون مٺيءَ کان ننگرپارڪر ويندي ڳائي مال (ڍڳين) جا ڪافي ولر رستي سان هلندي ڏٺا، جيڪي ٿر جي ماڻهن لاءِ روزگار جو وڏو ذريعو آهن. ڍڳيون البت ايتريون ساڄيون نه هيون. جيئن ته مندر تائين پهچڻ لاءِ ڪار جو رستو نه هو، انهيءَ ڪري اسان کي گاڏيون مندر کان اٽڪل ٻه ڪلو ميٽر ڪن اورتي روڪڻيون پيون. پوءِ اسين سڀ گاڏين مان لهي مندر ڏانهن پيادل وياسين. چڱو پنڌ واريءَ تان اڪري هڪڙي اهڙي هنڌ پهتاسين، جتان هڪ لاهي تان لهڻو هو، جيڪا سيمينٽ جي ٺهيل هئي ۽ نهايت اُڀي ۽ ڪافي ڊگهي توڙي لسي هئي، جنهن تي هلڻ سان پير ترڪڻ جو ڏاڍو ڊپ پئي ٿيو، پر ان تان آهستي آهستي ڏاڍي احتياط سان هلي هيٺ لٿاسين. جتان وري به واريءَ مان چڱو پنڌ هلي مندر وٽ پهتاسين.

اهو آچر جو ڏينهن هو ۽ ننگرپارڪر ۾ ميلو هو. ٿرين جا ڪيترا ٽولا مندر ڏانهن اچي وڃي رهيا هئا، جن ۾ مرد، عورتون، پوڙها، نوجوان ۽ ٻار شامل هئا. اهي رکي رکي "جئي ماتا جي" جو نعرو هڻندا پئي ويا ۽ اهي ايندڙ ويندڙ ٽولا هڪٻئي کي ڪراس ڪندي "جئي ماتا جي" چئي ڪيڪاريندي پئي ويا.

مندر کان ٿورو اورتي هڪ هنڌ پاڻيءَ جي حوض هو، جتان رڍن جا ڌڻ پاڻي پي هلندي پئي ويا. ڪجهه ٻڪريون به پاڻي پيئندي ڏسڻ ۾ آيون. جڏهن مندر ويجهو پهتاسين ته مندر ٻاهران هڪ تلاءُ هو، جنهن ۾ بينل پاڻي سائو پئي ڏٺو، تنهن مان ٿري زيارتين پاڻي پئي پيتو. توڙي جو تلاءَ وٽ هڪ بينل ماڻهو وڏي واڪي زيارتين کي چئي رهيو هو ته هيءُ پليت پاڻي پي مندر ڏي نه وڃو. پر

اهڙي بار بار اعلان کي ٻڌو اٽڪڻو ڪري، هو تلاءَ مان پاڻي پي مندر ڏانهن پئي ويا. اهڙا زيارتي بہ گهڻا هئا، جن پاڻي نہ پئي پيتو. مون کي تہ لاهيءَ تان لهندي ڏاڍو ڊپ پئي ٿيو تہ پير ترڪي نہ وڃي. توڻي جو مون کي هٿ ۾ چڱو لڪڻ بہ هو، جيڪو مان جنگهہ ۾ سور جي عارضي ڪري چئن سالن کان هميشہ کڻندو ٿو اچان. پر ٿري ماڻهن جا ٽولا، ڪنهن بہ ڊپ ڊاءِ کان سواءِ مندر ڏانهن ايندي ويندي، لاهيءَ تان لٿا چڙهيا پئي. توڻي جو ڪيترن مردن توڙي عورتن کي مٿي تي ڪافي سامان بہ هو.

انهن ٿرين جي ٽولن ۾ ميگهواڙ ڪولهي، اوڏ، ڀيل، باگڙي ۽ هريجن بہ هئا، پر اڪثريت ميگهواڙن جي هئي. ڪارونجهر جبل بہ اتي لاهيءَ پرسان ئي هو. مندر کو وڏو نہ هو. ٿورو صحن، ان کان پوءِ ٿورو ورانڊو (ڇاپرو) ۽ ان کان پنيان هڪ ننڍي ڪمري ۾ مندر جي در سامهون هڪ مورتي. ديويءَ جي مُنڍي پٽ تي لڳل هئي، جنهن جي سامهون ايندڙ ٿري زيارتي عقيدي موجب در جي چانئٽ تي مٿو (سجدي وانگر) گهڙي کن لاءِ ٽيڪي پوءِ واپس ٽيندا پئي ويا. اسان اتي بہ ڪجهہ تصويرون ڪڍيون ۽ واپس ٽياسين. ساڳيو واريءَ جو پنڌ ٻيهر لتاڙي لاهيءَ وٽ پهتاسين، تہ صاف ڏٺو پئي تہ اها لاهي هاڻي هڪ تمام اُڀي ۽ ڪافي ڊگهي چاڙهي هئي، جنهن تي چڙهڻو هو. اتي ڪجهہ ٿري ماڻهو جيڪي ٻوٽن جي ڇانو ۾ ٽڪ ڀڃي رهيا هئا، انهن چيو پئي تہ خيال سان وڃجو، ڇاڪاڻ تہ جي پير ترڪي ويو تہ سڌو هيٺ اچي ڪِرندا. اها چاڙهي نہ رڳو تمام اُڀي ۽ ڪافي ڊگهي هئي، پر ان کان علاوه ڏاڍي لسي ترڪڻ واري بہ هئي. پوءِ الله تعاليٰ کي سنڀاريندي چاڙهيءَ تي آهستي آهستي هلڻ لڳاسين. ٿورو پنڌ هلياسين تہ منهنجي نياڻيءَ اچي منهجو هٿ جهليو ۽ ٻئي گڏجي هلڻ لڳاسين. ٿورو پنڌ ڪرڻ کان پوءِ مان هڪ پٿر تي ويهي ٿوري ساهي پٽي اتي هلڻ لڳس. هلڻ مهل منهنجي نياڻي عبدالحميد اچي ٻانهن کان ورتو. مون کي هڪ ٿري ماڻهوءَ ٽڪل ڏسي اچي ٻيءَ ٻانهن کان ورتو. ڪجهہ مفاصلو طئہ ڪيوسين تہ ٿريءَ چيو تہ اوهان کي ڪٽي هلان، پر مون کيس چيو تہ، نہ مان پنڌ ڪندو ٿو هلان. نيٺ چاڙهي چڙهي مٿي پهتس. جتان پوءِ بہ واريءَ ۾ چڱو پنڌ ڪري گاڏيءَ وٽ پهتاسين. ٻيا سڀ اڳ ئي گاڏين وٽ پهچي چڪا هئا. رڳو منهنجي اچڻ لاءِ ترسيا ٻيٺل هئا. ان وقت منهنجي عمر 85 سالن کان بہ مٿي هئي).

اتان پوءِ سڀ گاڏين ۾ چڙهي مشهور ۽ تمام قديمي مسجد ڏسڻ وياسين، جا هڪ ميدان تي هئي. گاڏيون بہ مسجد پرسان بيهاريون سين. مسجد شريف کان اورتي آثار قديمہ جي اختيارين پاران هڪ وڏو بورڊ لڳايل هو جنهن تي مسجد بابت معلومات لکيل هئي، جيڪا هيٺينءَ ريت هئي: هيءَ هڪ ننڍڙي مسجد ڪارونجهر جي پوڏيسر تلاءَ جي پر ۾ آهي. جيڪا اچي سنگمرمر جي پٿر سان محمود شاهہ بن مظفر شاهہ بن غياث الدين، گجرات جي حاڪم، سال 1505ع عيسويءَ مطابق 880 هجريءَ ۾ ٺهرائي، جنهن کي ٽي گنبڊ آهن، جيڪا اڏاوت ۾ هندو ۽ ٻي قوم جي فن تعمير جو نمونو آهي ۽ محراب وارو حصو لڳ ڀڳ چورس ٺهيل آهي، جنهن کي سنگمرمر جا ٽنب ڏنل آهن.

هن جي مهاڙي ڪنگرن سان سجايل آهي. اوپر ۾ اڳڻ آهي، جنهن تي مقامي تراشيل پٿر جو ڪٿهڙو ڏنل آهي. پوڏيسر وارو تلاءُ ڪارونجهر جي دامن ۾ هو، تنهن وقت ان ۾ پاڻي گهڻو نه هو.

اها مسجد به وڃي ڏٺي سين، اتي ٻپهريءَ جي نماز جو وقت به اچي ٿيو هو، انڪري نماز به انهيءَ مسجد ۾ پڙهي سين ۽ ڪجهه تصويرون به ڪڍيون سين. مسجد مان ٿي پوءِ واپسيءَ جو سفر شروع ڪيوسين. واپس ايندي پهريائين اسلام ڪوٽ شهر ۾ وياسين، جيڪو ٿر ۾ هڪ چڱو وڏو ۽ مشهور شهر آهي. هاڻي ان کي تعلقي جو درجو ڏنو ويو آهي. ننگرپارڪر کان اسلام ڪوٽ تائين لڳ ڀڳ 90 ڪلوميٽر مفاصلو آهي. اسلام ڪوٽ پهچندي منجهند جي مانيءَ جو وقت اچي ٿيو هو، سو حر مجاهد هوٽل ۾ ماني کائڻ لاءِ مٿي چڙهياسين. عبدالحميد ۽ سجاد صاحب جا ٻار اندر هوٽل جي ڪمري ۾ ماني کائڻ لاءِ وڃي ويٺا. عبدالحميد، مان، سجاد صاحب ۽ ڊرائيور هوٽل جي ورانڊي ۾ ماني کائڻ لاءِ ويٺاسين. هوٽل ۾ گراهڪن جي ويهڻ لاءِ ڪانن جا موڙا رکيل هئا ۽ ماني رکي کائڻ لاءِ ٽيبلون به ڪانن جون ٺهيل هيون، جن مٿان پلاسٽڪ جا ڪوَر ٽاڪيل هئا. هوٽل ۾ آرڊر ڏيڻ تي کائڻ لاءِ جيڪا ماني ملي سان به سٺي نه هئي پر روزي هئي انهيءَ ڪري شڪر ڪري کاڌي سين.

مون زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو ئي چيڙن جي ڀاڄي ڏٺي، جنهن جي پڻ ٻين ڀاڄين سان گڏ هڪ پليٽ اندر ٻارن لاءِ ۽ ٻاهر پاڻ لاءِ گهرائي سين، پر مان اها نه کاڌي. اسان ڏي اپر سنڌ ۾ چيڙن کي متيرا سڏبو آهي، پر اسان انهن جي ڀاڄي نه ٺاهيندا آهيون. باقي اڏواڏ ڪري سڪائي ٺوٽ ڪري رکندا آهيون ۽ پوءِ اهي جڏهن کائڻ چاهيندا آهيون ته تري اڪثر ڪري چانورن سان کائيندا آهيون، جيڪي ڏاڍا مزيدار ۽ ڪڙڪ لڳندا آهن.

اسلام ڪوٽ کان واپس اچي وري مٺيءَ ۾ ساڳي دڪان تي چڙهياسين، جتان پهريان ويندي مهل خريداري ڪئي هئي سين. اُتان عبدالحميد ڪجهه واڌو خريداري ڪئي. پوءِ هو ٻارن سميت ڪنهن ٻئي دڪان تان خريداري ڪرڻ ويو پر مان ان دڪان تي ئي ويٺو رهيس. دڪاندار جنهن پنهنجو نالو ڪيلاش رائي ٻڌايو. ان کان حال احوال وٺڻ ويٺس. مٺيءَ جا چار ڄڻا منهنجي نوڪريءَ دوران پڻ نوڪريءَ ۾ رهيا هئا، جن مان پوڄراج رائي. جيڪو ايس ڊي ايم ٿي رهيو هو، ان جي ته خبر هئي ته ديهانت ڪري ويو هو. سندس ڀاءُ امبارام به سانگهڙ ۾ اي ڊي ايم ٿي رهيو هو، ان جي خبر هئي ته هو هاڻي ميرپورخاص ۾ رهندو آهي. جڏهن عبدالحميد ميرپورخاص ۾ ٽريزري آفيسر هو ته منهنجو وٽس وڃڻ ٿيو هو. تڏهن امبارام منهنجي ۽ عبدالحميد جي پنهنجي رهائش تي دعوت به ڪئي هئي. باقي تلجارام تڏهن خيرپور ۾ اي ڊي ايم رهيو هو، جڏهن مان ٺري ميرواهه ۾ ايس ڊي ايم هوس. هريرام منهنجي دادوءَ ۾ اي ڊي ايم هئڻ وقت سٺي مئجسٽريٽ ٿي رهيو هو. انهن ٻنهي لاءِ ٻڌايائين ته اهي ديهانت ڪري ويا آهن. وڌيڪ اهو ٻڌايائين ته اهي چارئي ڄڻا پوڄراج، امبارام، تلجارام ۽ هريرام سندس رشتيدار هئا. مون کانئس وڌيڪ پڇيو ته سندس دڪان ۾ اسٽاڪ ڪيترو هوندو، جنهن تي چيائين ته اندازن 25 لک رپين جي سيڙپ آهي. مون وري کانئس وڌيڪ

پڇيو تہ ايتري استاڪ هوندي اوهان جو روزانو سراسري ڪيترو وڪرو ٿيندو آهي. هن جواب ۾ ٻڌايو تہ لڳ ڀڳ 7 هزار رپيا. وڌيڪ چيائين تہ ايترو گهٽ وڪرو انڪري آهي جو سندس دڪان مارڪيٽ ۾ آهي. منيءَ ۾ گهٽائي هندن جي آهي، جن جون عورتون مارڪيٽ ۾ نہ ايندیون آهن. البت مني ضلع هيڊ ڪواٽر ۽ وڏي واپاري مرڪز آهي، تنهن ڪري، ٻهراڙيءَ جا ماڻهو يا اسان وانگر ٻاهران ايندڙ ماڻهو خريداريءَ لاءِ دڪان تي ايندا آهن. اسان مجموعي طور 14/15 هزار رپين جي خريداري ڪئي هئي. اسلام ڪوٽ کان منيءَ تائين لڳ ڀڳ 40 ڪلوميٽر جو مفاصلو آهي. منيءَ مان ٽي پوءِ نئون ڪوٽ، جهڏو (جيڪو بہ هاڻي تعلقي هيڊ ڪواٽر آهي) تنڊو باگو، تلهار، ماتلي ۽ تنڊي محمد خان واري رستي سان خيرخوبيءَ سان رات جو لڳ ڀڳ 10 وڳي حيدرآباد پهتاسين.

مون دڪاندار ڪيلاش رانيءَ کان جڏهن منيءَ ۾ امن امان بابت پڇيو هو تہ چيو هئائين تہ اڳ امن امان سنو هوندو هو ۽ ڪوبہ ڊپ ڊاءُ نہ ٿيندو هو، پر جڏهن کان روڊ پڪا ٿيا آهن تہ ڪجهہ ڊپ رهندو آهي، ڇو جو ڪي رهزن منيءَ ۾ ڪا ڏوهہ جي واردات ڪري پڪي روڊ تي چڙهن ٿا تہ پوءِ خبر ئي نہ ٿي پوي تہ ڪيڏانهن ويا.

ننگر پارڪر شهر کان ڪافي ٻاهر مفاصلي تي آرمي وارن طرفان هيلي پئڊ ٺهيل آهي، انڪري جو اتان هندستان جو باردر گهڻو پري نہ آهي. ان هيلي پئڊ تي رڳو هيليڪاپٽر ئي لهي سگهن ٿا. اها گهڻي وڏي ناهي جو وڏا جهاز اتي لهي سگهن.

اخبارن ۾ اهي خبرون عام پڙهجن پيون تہ اڄڪلهہ جو اولاد پنهنجن پيرسن والدين (پيءُ ماءُ) کي گهرن مان ڪڍي ڇڏين ٿا. جيڪي ويچارا پوءِ ڪنهن خيراتي اداري ۾ پناهہ وٺي زندگيءَ جا باقي ڏينهن پورا ڪن ٿا ۽ هن دارالفنا مان دارلبقا ڏانهن راهي ٿي وڃن ٿا. مان هتي رڳو هڪ فرمانبردار پٽ ۽ هڪ نهايت نافرمان پٽ جو قصو مثال طور ڏيڻ چاهيان ٿو.

فرمانبردار پٽ

منهنجو ڏاڏو سدا رنگ خان مرحوم جڏهن مسلمان ٿيو تہ پنهنجو نالو محمد علي رکيائين. مون تي پنهنجي ڏاڏي جو نالو رکيل آهي، پر پوءِ بہ هُو سدا رنگ نالي سان ئي مشهور هوندو هو. مون تہ پنهنجو ڏاڏو نہ ڏٺو هو، پر منهنجي ڏاڏي مرحومہ جيڪا سال 1965ع ۾ وفات ڪري وئي، اها ڳالهہ ٻڌائيندي هئي تہ ڏاڏو مرحوم خيرپورميرس ۾ صوبيدار هوندو هو. اتي جي ميرن سان بہ چڱا تعلقات هوندا هئس، ان ڪري جو تنهن وقت صوبيدار جي وڏي عزت هوندي هئي. ڏاڏي سدا رنگ خان مرحوم جا والدين (پيءُ ۽ ماءُ) مسلمان نہ ٿيا هئا. ڏاڏي خيرپور ميرس ۾ نوڪريءَ دوران هڪ سريت ويهاري هئي. ڳوٺ اچڻ گهٽ ڪري ڇڏيو هيائين. پوءِ هڪ ڀيري ڏاڏي مرحوم جا والدين وٽس خيرپور ميرس ويا. ڏاڏو ٽاڻي تي ڊيوٽيءَ تي هو تہ سندس والده جنهن کي پڙو پاتل هو (جو هوءَ مسلمان نہ ٿي هئي) ۽ وٽس پهچندي ئي پنهنجي جتيءَ جو پادر لاهي کيس (ڏاڏي کي) ڪُٽڻ لڳي. اهو ڏسي

سپاهين پاڻ ۾ سُس پُس ڪندي چيو تہ مهتي صاحب کي پادر پئي ٿي هٽي. ڪيس ڇڏائڻ لاءِ ڪجهہ اڳيرو ٿيا تہ ڏاڏي هنن کي منع ڪئي. وڏڻ کان روڪي ڪين چيائين تہ هيءَ منهنجي ماتا آهي. سندس والده چڱو پادرن جو ڏاڏي کي ڪُٽڪو ڏئي پاڻ ۽ ڏاڏي جو والد بزرگوار واپس موٽي آيا.

قصو هڪ نهايت نافرمان پٽ جو

مان گمبٽ تعلقي ۾ سال 71_1972ع ۾ تعلقي مختيارڪار ٿي رهيو آهيان. گمبٽ تعلقي جي اڳڙا شهر ۾ بدرالدين خان زاهدي رهندو هو. هو چڱن وڏن عهدن تي رهيو هو. جيتري قيدر ياد ٿو پوي تہ هو ڪنهن وقت زرعي ترقياتي بئنڪ جو چيئرمين بہ ٿي رهيو هو. هڪ ڀيري هو رات واري گاڏيءَ ۾ ڳوٺ پئي آيو تہ مون کي ڊپٽي ڪمشنر صاحب خيرپور فون ڪئي تہ مان ڪيس گمبٽ اسٽيشن تي رسيوِ ڪريان. مان پوءِ پٽيوالو ساڻ ڪري گمبٽ اسٽيشن تي ويس ۽ ڪيس ڪجهہ پري کان جاچيندو پئي ويس تہ ڏٺم تہ هو ڪچ ۾ مختصر بسترو ۽ هٿ ۾ بئگ کنيو پئي آيو. مون پٽيوالي کي چيو تہ صاحب کان بسترو ۽ بئگ وٺ. اسٽيشن کان ٻاهر آياسين تہ گمبٽ بنگلي تي نہ ترسيو. پنهنجي ڳوٺ اڳڙا هليو ويو. ان بابت هڪ معتبر ماڻهوءَ واتان ٻڌو هيم تہ زاهدي صاحب ڪنهن وڏي عهدي تي هو تہ سندس والد بزرگوار ساڻس ملڻ ويو. پٽيوالي کي چيائين تہ صاحب کي ٻڌاءِ تہ اوهان جو والد اوهان سان ملڻ آيو آهي، پر زاهدي صاحب پٽيوالي کي چيو تہ اهو منهنجو پيءُ نہ، پر نوڪر آهي. ڪيس ڪنهن ڪواٽر ۾ وڃي رهايو. پٽيوالي پوءِ اچي اها حقيقت زاهدي صاحب جي والد کي ڪئي، جنهن تي هن پٽيوالي کي چيو تہ مان تنهنجي صاحب جو نوڪر ناهيان. مان هن جي ماءُ سان سمهندو آهيان. وڌيڪ چيائين تہ خدا تعاليٰ ڪندو تہ وري تنهنجي صاحب جو مُنهن ئي نہ ڏسندس. اهو چئي پوءِ زاهدي صاحب جو والد صاحب واپس موٽي آيو. اها تہ مون کي اڳ خبر نہ هئي تہ زاهدي صاحب زندهہ آهي يا وفات ڪري ويو پر تازو اخبار ۾ سندس وفات بابت پڙهيو اٿم.

مون سان گڏ ميهڙ هاءِ اسڪول ۽ ڪراچيءَ ۾ ڪاليجن ۾ جن ٻين شاگردن تعليم حاصل ڪئي وڃي، انهن مان ڪي زمينداريءَ سان لڳا. ڪن نوڪريون ماڻي وڏا عهدن تان رٽائر ڪيو. پر گهڻن وڃي وڪالت شروع ڪئي. انهن وڪيلن مان پوءِ اڳتي هلي ڪي تہ سيشن جج بہ ٿيا. انهن مڙنيءَ سان تعليم پرائڻ واري ٽائيم ۾ دعا سلام ۽ ڪن سان چڱي دوستي بہ هوندي هئي. البت انهن مان ڪن هيٺين سان پوءِ پنهنجي نوڪريءَ واري عرصي ۾ بہ ميل ملاقات ٿيندي رهندي هئي/آهي.

- احمد نواز اعواڻ: مان ۽ هيءُ ڪرمان باغ واري لاڙڪاڻي جي ساڳي گهٽيءَ ۾ رهندا هئاسين. اسان ٻنهي جا گهر بہ ويجها ئي هوندا هئا. پوءِ خبر ناهي تہ احمد نواز اعواڻ الائي ڇو پنهنجي گهر واري جڳهہ سيالن کي وڪرو ڪري پاڻ وڃي نوابشاهہ وسايو.
- عبدالوحيد ڪٽپر: هن لاڙڪاڻي ۾ ئي وڪالت شروع ڪئي. ڪرمان باغ واري منهنجيءَ جڳهہ ويجهو ئي هن جي جڳهہ هوندي هئي. هو شام جي وقت ۾ پنهنجي جڳهہ جي ٻاهران

يارن دوستان سان ڪچهريون ڪرڻ لاءِ ڪرسيون رکائي ويهندو هو تہ ڪڏهن ڪڏهن مان بہ وٽس وڃي ڪچهري ڪندو هئس. هن جو مون تي وڏو احسان ٿيل آهي. هن مون کي پنهنجي گهر ۾ مٿي هڪڙو ڪمرو ڏنو هو جتي مان هائر جي امتحان جي تياريءَ لاءِ پڙهندو هئس. اڪثر ڪري دير تائين پڙهائيءَ ڪري رات جو اتي ئي سمهي پوندو هئس، انڪري جو تنهن وقت تائين منهنجي گهر ۾ بجلي نہ هئي. ڪٽپر صاحب ان وقت اڃا ڪنوارو هو. سندس آفيس ۾ لائبرري هيٺ هوندي هئي ۽ اتي پاڻ رهندو هو. ڪافي عرصي کان ڪراچيءَ وڃي رهائش ڪئي هئائين، جتي هو وڪالت بہ ڪندو هو. هنن سٽن لکڻ کان چار پنج ڏينهن اڳ 88 سالن جي عمر ۾ دل جي دوري پوڻ سبب هُو ڪراچيءَ ۾ ئي وفات ڪري ويو.

- محمد صالح ٻٽ: هيءُ ۽ مان ٻئي هڪ ئي ڳوٺ ٻٽ سرائيءَ جا رهندڙ هئاسين. هو ڳوٺ جي زميندار سرائي غلام رسول خان جو وڏو وڏو فرزند هو. هن ايل ايل بي ڪري ميهڙ ۾ وڪالت شروع ڪئي. آخر تائين اتي ئي رهيو. عبدالحميد خان جتوئيءَ جي مخالفت کان پوءِ بہ ميهڙ شهر ۾ هن جو ئي وڏو اثر رسوخ هوندو هو. ميهڙ ميونسپل ڪاميٽيءَ جو بہ اڪثر ڪري هو ئي چيئرمين ٿيندو هو. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ مان تہ پوءِ ٻٽ سرائن مان 1948ع ۾ شفٽ ٿي لاڙڪاڻي وڃي رهڻ لڳس. مان جڏهن 75_1974ع ۾ دادوءَ ۾ ايس ڊي ايم/اي ڊي ايم هوس تہ تنهن وقت دادو سب ڊويزن ۾ چار تعلقا دادو، جوهي، خيرپور ۽ ميهڙ هوندا هئا. مان جڏهن ميهڙ گشت ۾ ويندو هوس تہ ڪڏهن ڪڏهن آفيس ۾ ملڻ ايندو هو. ايئن چوندو هو، توکي ماني تہ کارايان پر پوءِ پوءِ عبدالحميد خان جتوئي بدلي ڪرائي ڇڏيندئي، ڇاڪاڻ جو ڪيس خبر هئي تہ مون کي عبدالحميد جتوئيءَ (جيڪو هن جي سخت مخالف هو) ئي ايس ڊي ايم ڪرائي رکرايو هو، جو ان وقت غلام مصطفيٰ خان جتوئي صاحب سنڌ جو وڏو وزير هو ۽ دادوءَ ۾ سڀ آفيسر عبدالحميد خان جي خواهش وارا ئي رکندو هو. ميهڙ سب ڊويزن 1977ع ۾ ٺهي، جنهن ۾ ميهڙ ۽ خيرپور تعلقا شامل هئا. دادو سب ڊويزن ۾ بہ صرف ٻہ تعلقا دادو ۽ جوهي آهن. مان وري جڏهن 1982ع نومبر کان 11.04.84 (رٽائرمينٽ تائين) دادوءَ ۾ اي ڊي ايم هوس، تڏهن بہ هڪ ٻہ دفعو آيو هو. هڪ دفعي تہ عبدالله خان مهيسر بہ ساڻس گڏ آيو هو. مان بہ رٽائرمينٽ کان پوءِ جڏهن لاڙڪاڻي پئي ويس تہ ساڻس ميهڙ ۾ ملندو ويو هوس.
- الاهي بخش ڪيهر: هيءُ اصل خيرپور ميرس جو وينل هو پر ايل ايل بي ڪرڻ کان پوءِ وڪالت جي شروعات لاڙڪاڻي ۾ ئي ڪيائين ۽ ڪوڪڙي محلي ۾ رهائش اٿس. هن سان بہ ڪڏهن ڪڏهن سندس آفيس ۾ ڪچهري ڪندو هوس. هو نهايت خوش اخلاق ۾ ملنسار آهي. مان رٽائرمينٽ کان پوءِ جڏهن لاڙڪاڻي رهندو هوس تہ روزانو صبح جو واڪ ڪندو هئس ۽ الاهي بخش خان بہ واڪ تي نڪرندو هو. هڪ ڀيري اسان ٻئي واڪ تان موٽندي لاڙڪاڻي اسٽيشن تي ٻئي هڪٻئي جي آمهون سامهون ٿياسين تہ مون کي چيائين تہ محمد

علي اسان جي خيرپور واري سموري سنگت وفات ڪري وئي آهي، باقي تون ۽ مان اڃا پيا هلون. ان ملاقات کي بہ ڪافي وقت ٿيو آهي. خيرپور واري سنگت ۾ هيٺيان شامل هئا.

- **مسٽر غلام رسول صديقي:** هيءُ اصل گمبٽ تعلقي جي گڏيجي شهر جو رهاڪو هو پوءِ اچي خيرپور ۾ مستقل طور رهائش اختيار ڪيائين. هو وڪالت سان گڏ سياست ۾ بہ بهرو وٺندو هو. پ پ ۾ هو. ضلعي خيرپور پيپلز پارٽيءَ جو صدر ۽ سينيٽر بہ رٿي رهيو. مان ميرواهہ ۾ تعلقي مختيارڪار هوس ۽ وري ايس ڊي ايم بہ ٿي رهيس تہ جڏهن بہ خيرپور ۾ ڊپٽي ڪمشنر صاحب وٽ ميٽنگ ۾ اچڻ ٿيندو هو تہ اڪثر ڪري منجهند جي ماني هن وٽ ئي کائيندو هوس. هن ۽ منهنجا ڪراچيءَ کان ئي گهاٽا لاڳاپا رهندا آيا هئا. ٻئي ساڳي هاسٽل جناح ڪورٽ ۾ رهندا هئاسين.
- **فقير امير علي هيسباڻي وڪيل:** هيءُ تعلقي فيض گنج جي ڳوٺ خوش خير محمد هيسباڻيءَ جو رهاڪو هو. ڪاليج ڇڏڻ کان پوءِ وري هن سان ڪڏهن ملاقات نہ ٿي آهي.
- **هادي بخش شيخ وڪيل:** هيءُ گمبٽ ۾ رهندو هو پر هن سان بہ ڪاليج واري وقت کان پوءِ ملاقات نہ ٿي آهي.
- **محمد عمر خان ميمڻ:** (ٻڌل قصو) هيءُ بہ خيرپور ضلعي ۾ تعلقي گمبٽ جي ڪهڙن شهر جو وينل هو. هن ڊي. جي. ڪاليج مان بي ايس سي تہ ڪئي، پر نوڪري نہ ڪيائين. ۽ ڪراچيءَ ۾ ئي گورنڌنداس مارڪيٽ ۾ ٻڌي ڪپڙي جو ڪاروبار ڪندو هو. ڪافي ملڪيت ٺاهي ويو. سندس اتي ڪوني بہ هئي، جنهن لاءِ لاڙڪاڻي جا ڪپڙي وارا واپاري بہ ٻڌائيندا هئا تہ هُو سندس ئي ڪونيءَ تي وڃي ترسندا هئا. پر پوءِ ٻڌو هئم تہ محمد عمر سٽا هٽڻ شروع ڪيا. سٽن ۾ نقصان پوڻ ڪري مالي حالت ڪمزور ٿي ويئي هئس (وڌيڪ خبر خدا کي). اها هئي خيرپور واري سنگت جنهن جو ذڪر مٿي ٿيو.
- **شاهنواز خان لاڙڪ وڪيل:** هن سان نوڪريءَ دوران بہ گهڻي قدر ملاقات ٿيندي رهندي هئي. ان ڏس ۾ ٻن موقعن جي ملاقات جو ذڪر اڳ ڪري آيو آهيان. ان کان سواءِ مان جڏهن پروموٽ ٿي مختيارڪار ٿيو هوس تہ مون کي نواب شاهہ ضلعي جي زرعي ترقياتي بئنڪ جي قرض جي وصوليءَ لاءِ نوابشاهہ ۾ رکيو ويو هو. سڄو نوابشاهہ ضلعو منهنجي حد هوندي هئي. هيڊڪواٽر بہ نوابشاهہ ئي هو. مان ان دوران مونيڪا بازار ۾ هڪ ڪرايي تي ورتل جاءِ ۾ رهندو هوس. شاهنواز خان جو گهر مسجد روڊ تي هو ۽ اڪثر ڪري ملاقات ٿيندي هئي.
- **محمد عرس خان ٻرڙو وڪيل:** هيءُ تعلقي خيرپور ۾ گوزو ڳوٺ ۾ رهندو هو. مان جڏهن دادوءَ ۾ اي ڊي ايم هوس تہ هڪ بہ پيرا آيو هو. هڪ پيري تہ هن اها بہ مهرباني ڪئي هئي جو ڏهاڪو ڪن پڪي بہ موڪلي ڏنا هئائين.

هو جڏهن ميهڙ هاءِ اسڪول ۾ پڙهندو هو تہ اسڪول جي فنڪشنن ۾ گهڻو ڪري فينسي ڊريس شو ۾ حصو وٺندو هو ۽ ڪنهن اهڙي بدليل لباس ۾ ايندو هو جو سڀ شاگرد حيران ٿي ويندا هئاسين ۽ ڪيس سڃاڻي بہ نہ سگهبو هو.

- **فيض محمد خان ٻرڙو وڪيل:** هيءُ ميهڙ شهر ۾ ٽڪنڊي بلڊنگ ۾ رهندو هو جيڪا هن هندن جي لڏپلاڻ وقت بلڊنگ جي مالڪ سيٺ لولومل کان خريد ڪئي هئي. اها ٽڪنڊي بلڊنگ منهنجي نياڻي ڊاڪٽر رسول بخش جي گهر جي پرسان آهي. مان هڪ ڀيري ميهڙ ويو هوس تہ فيض محمد خان جي پڇا ڪرڻ تي ڊاڪٽر رسول بخش ٻڌايو تہ هو بيمار رهي ٿو ۽ ٻاهر نہ نڪرندو آهي. پوءِ مان ڪانئس سندس طبيعت پڇڻ لاءِ ويس ۽ ساڻس ڪافي وقت ويهي ڪچهري ڪئي. هو بستري تي ئي ليٽيل هو. سال ٻہ اڳ وفات ڪري ويو آهي. هن حَجَ بہ چڱا ڪيا هئا. پاڻ ٻڌايائين تہ هُو بيماريءَ ۾ بہ حج ڪري آيو هو. هن لاءِ اڳ بہ لکي آيو آهيان تہ ٿوري ئي وقت ۾ وڪالت ڇڏي، پنهنجي زمين سنبالي هئي. ان ملاقات ۾ هن اهو بہ ٻڌايو تہ ڪيس پنهنجي مئٽرڪ پاس ڪرڻ تي عجب ٿيندو هو جو هن چار پنج سال لاڳيتو آلجبرا جي پيپر ۾ هميشہ ٻُڙي مارڪ ڪڍندو هو. هو مون کان جونيئر هو.
- **غلام حيدر خان بلوچ وڪيل:** هيءُ حيدرآباد ۾ وڪالت ڪندو هو. منهنجي 1942ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪري ميهڙ اسڪول ڇڏي وڃڻ کان 42 سال پوءِ اسان ٻنهي جي ملاقات ٿي هئي. جڏهن مان 1984ع ۾ دادوءَ ۾ اي ڊي ايم هوس تہ هو پنهنجن پٽن جا ڊوميسائيل سرٽيفڪيٽ ڪڍرائڻ آيو هو جيڪي مون ڪيس ڪڍي ڏنا هئا. ان ملاقات ۾ هن ٻڌايو تہ احد يوسف صاحب جو صحت کاتي جو وزير هو اهو سندس جونيئر هو.
- **محمد سچل خان رند وڪيل:** مان جڏهن سال 1980ع ۾ دادوءَ ۾ سٽي مئجسٽريٽ هوس تہ نثار خان بلوچ جي خون جو ڪيس ملٽري ڪورٽ ۾ هلندو هو جنهن جو پرزائيڊنگ آفيسر برگيڊيئر هوندو هو. ميمبرن ۾ هڪ مئجسٽريٽ ۽ هڪ ميجر ويهندا هئا. ان ڪيس ۾ مون کي ئي مئجسٽريٽ طور ميمبر ڪيو ويو هو. محمد سچل رند صاحب ان ڪورٽ ۾ هڪ ڀيرو آيو تہ ساڻس ملاقات ٿي هئي، پوءِ وري نہ ملياسين.
- **احمد خان بارڪزئي، قاضي خدا بخش ۽ عبدالجبار بچاڻي:**

اهي ٽئي سيشن جج رهيا. ساڻن ڪاليج واري وقت کان پوءِ بہ پنهنجي نوڪريءَ دوران ڪيترائي ڀيرا ملاقاتون ٿيندڙيون هيون. انهن بابت گهڻو ڪجهہ ذڪر ڪتاب ۾ اڳ ئي لکي آيو آهيان. اهي ٽئي ڄڻا وفات ڪري ويا آهن.

- شمس الدين صديقي: هيءُ بہ ميهڙ هاءِ اسڪول ۾ پڙهندو هو. مون کان سال ٻہ جونيئر هو. منهنجي سال 1942ع ۾ ميهڙ هاءِ اسڪول مان مئٽرڪ پاس ڪري وڃڻ کان پوءِ وري ساڻس 35 سالن جي عرصي کان پوءِ 1977ع ۾ سانگهڙ ۾ ملاقات ٿي، جڏهن آئون اتي ايس ڊي ايم ٿي آيس ۽

هُو اتي سيشن جج هو. مان سانگهڙ ۾ 01.08.1977 کان 31.03.1979 تائين ايس ڊي ايم هوس. انهيءَ عرصي دوران ڪيترائي پيرا ملاقات ٿي هئي. احمد خان بارڪزئيءَ ۽ خدا بخش قاضيءَ جن کي ڏنل دعوتن ۾ به مون کيس مدعو ڪيو هو. هن جي باري ۾ به مان اڳ ۾ لکي آيو آهيان.

- **جمال الدين خان ابڙو:** هن سان هڪ ٻه پيرا رستي تي ويندي ملاقات ٿي هئي. هو اديب هئڻ سان گڏ سُني وڏي خلق وارو هو ۽ شڪل شباهت به سني هوندي هئس.
- **غلام علي ميمڻ صاحب:** هن ۽ مون سال 1947ع ۾ بي. ايس. سي.، ڊي جَي ڪاليج ڪراچيءَ مان پاس ڪئي هئي. هن سان 26 سالن کان پوءِ ملاقات ٿي. 1973ع ۾ جڏهن مان ڪراچيءَ ۾ ائڊيشنل سٽي مئجسٽريٽ هوس ته سندس آفيس ۾ وڃي ساڻس ٻه ڪلاڪ ڪن ڪچهري ڪئي هئي. هن لاءِ گهڻو ڪجهه اڳ ۾ لکي آيو آهيان.
- **دوست محمد خان ابڙو صاحب:** هن سان رڳو هڪ ٻه پيرا سندس جڳهه تي ملاقات ٿي هئي.
- **نظام الدين ميمڻ صاحب:** لاڙڪاڻي ۾ نوڪريءَ دوران آفيس ويندي روڊ تي موجود پنهنجيءَ جڳهه جي ايوان ۾ ڪڏهن ڪڏهن وينو هوندو ته دعا سلام ٿيندي هئي. ساڻس آخري ملاقات ڪافي عرصو اڳ پاڪستان چوڪ وٽ نئشنل سيونگ سينٽر ۾ ٿي هئي، تنهن وقت سينٽر انچارج چانڊيو صاحب هو. جنهن وٽ مسٽر نظام الدين ميمڻ اڳ ئي وينو هو. جو مون وڃي ساڻس ملاقات ڪئي. ڪانئس پڇيم ته مون کي سڃاڻو ٿا، پر هن جي نظر تمام ڪمزور ٿي وئي هئي. چيائين ته مون ڳالهائڻ مان اوهان کي سڃاتو آهي.
- **سيف الدين پنهور وڪيل:** هيءُ به ميهڙ هاءِ اسڪول ۾ پڙهندو هو ۽ مون کان سال سينئر هو. 1942ع ۾ منهنجي مئٽرڪ پاس ڪري وڃڻ کان پوءِ وري جڏهن مان دادوءَ ۾، 1974ع ۾، اي ڊي ايم ٿي آيس ته منهنجي ڪورٽ ۾ هلندڙ ڪيسن ۾ به اپيئر ٿيندو هو.
- **ملڪ غلام ياسين (ويٽل ڪنڊڪوٽ):** هن سان ڪاليج ۾ شاگرديءَ واري وقت 1947ع کان واقفيت هئي. هڪ پيري ڪنهن شاديءَ تي لاڙڪاڻي آيل هو ته مون کيس ڏسي ساڻس ملاقات ڪئي. هو هاڻي وفات ڪري ويو آهي.
- **مسٽر امان الله قريشي صاحب:** هيءُ سکر ۾ ئي وڪالت ڪندو آهي، هن سان به هڪ پيرو پنهنجي هڪ رشتيدار تي هلندڙ ڪيس جي سلسلي ۾ سکر وڃي مليو هوس. هو سکر ضلعي ۾ ئي ڊي. پي. پي. ٿي رهيو آهي. وري ساڻس ملڻ نه ٿيو آهي.

تعليم ختم ڪرڻ کان پوءِ نوڪريءَ دوران هيٺين وڪيل صاحبن سان به چڱي دعا سلام رهندي آئي آهي.

- **مسٽر گل زمان:** مان ڪراچيءَ ۾ ايڊيشنل سٽي مئجسٽريٽ هوس ته ڪيسن ۾ منهنجي ڪورٽ ۾ گهڻو ايندو هو. انڪري هن سان چڱي دعا سلام ٿي ويئي هئي. اخبار ۾ پڙهيو

هئم تہ گل زمان خان کي قتل ڪيو ويو هو. ان حوالي سان پنهنجي سؤٽ عزيزالرحمٰن (جيڪو بہ ڪراچيءَ ۾ وڪالت ڪندو آهي) کان پڇيم تہ گل زمان کي ڇو قتل ڪيو ويو هو؟ جنهن تي هن جو چوڻ هو تہ ڪنهن پارٽيءَ سان ملڪيت تي تڪرار هلندڙ هوس، انهيءَ دشمنيءَ ڪري سندس مخالفن هن کي قتل ڪرايو هو.

- **غلام مصطفيٰ ميمڻ (وڪيل)**: ڪراچيءَ ۾ هيءُ بہ منهنجي ڪورٽ ۾ ڪيسن ۾ گهڻو ايندو هو. انهيءَ ڪري هن سان بہ چڱي دعا سلام ٿي وئي هئي، هڪ دفعو تہ ٻارن سميت مون وٽ لاڙڪاڻي بہ آيو هو.
- **قاضي محمد اشرف صاحب**: هيءُ سينيئر ۽ قابل وڪيل هو. سٿي ڪورٽس ۾ ڪيس نہ ڪٽندو هو پر سيشن ڪورٽ، هاءِ ڪورٽ ۽ سپريم ڪورٽ ۾ ڪيس هلائيندو هو. منهنجي ڪراچيءَ مان بدلي ٿيڻ وقت هن مون کي فاروق هوٽل ۾ منجهند جي مانيءَ تي دعوت ڏني هئي ۽ مون کي چيو هئائين تہ هو قلندر لعل شهباز جي ميلي ڏسڻ لاءِ سيوهڻ ايندو. ميلو منهنجي دادوءَ ۾ A.D.M جي تاريخ 17.04.1974 تي چارج وٺڻ کان ٿوري ئي وقت کان پوءِ ٿيڻو هو. قاضي اشرف صاحب پنهنجي هڪ دوست ۽ آخوند نظير احمد ائڊيشنل سيشن جج سان گڏ ميلو گهمڻ آيو. ميلو ڏسي رات جو واپس ڪراچيءَ هليا ويا هئا. مان اهڙو ذڪر اڳ بہ ڪري آيو آهيان.

لاڙڪاڻي جا وڪيل صاحب

- **قاضي اختر علي**: هيءُ اصل تہ پاٽ (ضلع دادوءَ) جو ويٺل هو پر لاڙڪاڻي ۾ اچي مستقل طور رهيو. هو دادوءَ ۾ ڪيس هلائڻ ايندو هو تہ مان ان وقت جڏهن A.D.M هوس. ڪڏهن ڪڏهن مون وٽ آفيس ۾ ايندو هو ۽ ساڻس ڪچهري ٿيندي هئي. هن سان منهنجي آخري ملاقات سندس اسيمبلي ميمبر چونڊجڻ کان پوءِ ڪيس مبارڪ ڏيڻ لاءِ وڃڻ وقت ٿي هئي.
- **عبدالغفور خان پرڳڙي وڪيل**: مون هن کي پهريون دفعو لاڙڪاڻي مدرسي ۾ والي بال راند کيڏندي ڏٺو هو. جڏهن مان ڊرائينگ جو امتحان ڏيڻ ويو هوس. امتحان جو سينٽر لاڙڪاڻو ئي هو. مان ان وقت ميهڙ هاءِ اسڪول جو شاگرد هوس. بهرحال هن سان پهرين ملاقات تڏهن ٿي هئي، جڏهن هو لاڙڪاڻي ميونسپل ڪاميٽيءَ جو پريزيڊنٽ ٿيو هو تہ مان ۽ ادا غلام نبي خان ڪيس مبارڪ ڏيڻ ويا هئاسين. هن سان منهنجي آخري ملاقات چڱا سال اڳ موهن جو دڙو ايئرپورٽ تي ٿي هئي، جڏهن اسان جا ڪي عزيز حج يا عمرو ڪري ڪراچي ايئرپورٽ تان لاڙڪاڻي هوائي جهاز ۾ پئي آيا تہ انهن کي رسيو ڪرڻ لاءِ پنهنجن ڪجهہ مائٽن سان گڏ ويو هوس. پرڳڙي صاحب بہ ان فلائيٽ ۾ موهن جي دڙي ايئرپورٽ تي لٿو هو جتي ساڻس ملاقات ٿي هئي. ان کان پوءِ وري ملاقات نہ ٿي. ٻڌو اٿم تہ هو تازو ئي وفات ڪري ويو آهي.

- **عبدالرزاق سومرو صاحب:** لاڙڪاڻي ڪليڪٽر جي آفيس ۾ نوڪريءَ دوران ساڻس منهنجي دعا سلام شروع ٿي هئي. جيتريقدر ياد ٿو پوي تہ ڪڏهن ڪڏهن سندس آفيس ۾ بہ وڃي بہ چار دفعا ملاقات ۽ ڪچهري ڪئي هئم. مان پوءِ جڏهن 1968ع ۾ پروموٽ ٿي مختيارڪار ۽ پوءِ A.D.M/S.D.M ٿيو هوس تہ رٽائرمينٽ تائين منهنجي نوڪري لاڙڪاڻي ضلع کان ٻاهر رهي. لاڙڪاڻي اچڻ بلڪل گهٽ ٿيندو هو. ايتريقدر جو ڪي عيدون بہ ٻاهر نوڪريءَ وارن هنڌن ڪيون هيون. منهنجون آخري بہ ملاقاتون ساڻس تڏهن ٿيون، جڏهن منهنجي ڀاڻ امان الله جو والد صاحب وفات ڪري ويو هو تہ ان جي تعزيت لاءِ آيو هو. تڏي تي ئي ڳالهہ ٻولهہ ٿي هئي. ويندي وقت چيو هئائين تہ منهن ڏيکارجان! پوءِ ٻئي ڏينهن تي پنهنجي ڀاڻ سعيد احمد سان گڏ وڃي سندس جڳهہ تي چڱو وقت ويهي مون هن سان ڪچهري ڪئي، جا ساڻس آخري ملاقات هئي. منهنجي دل تہ گهڻو ئي چاهيندي آهي تہ ڪڏهن ڪڏهن لاڙڪاڻي وڃي سنگتين ساٿين ۽ مٽن مائٽن سان ملجي ۽ پنهنجن وفات ڪري ويلن مٽن کي مقام ۾ وڃي قُل وغيره پڙهي ختمو بخشجي، پر پيرسنيءَ ۽ ڪمزوريءَ سبب سفر ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ٿو لڳي، جو مان هنن سٽن لکڻ تائين 88 سالن جيڏي وڏي ڄمار کان بہ ڪراس ڪري چڪو آهيان. زندگيءَ جا باقي الائي ڪيترا ڏينهن باقي آهن. مسٽر عبدالرزاق صاحب جي باري ۾ وڌيڪ ڪجهہ هينئينءَ ريت بہ لکڻ چاهيان ٿو. مون ڪاوش اخبار جي آچر جي ڏينهن "دنيا مئگزين" ۾ قربان سنديلي جو شايع ٿيل مضمون پڙهيو. جنهن ۾ هن مسٽر عبدالرزاق سومري صاحب جي لکيل ڪتاب "يادن جي ڳڙڪيءَ مان" جو حوالو پڙهيو. مون تازو ئي ان ڪتاب جي هڪ ڪاپي لاڙڪاڻي مان گهرائي آهي، جيڪا مان هنن ڏينهن ۾ پڙهي رهيو آهيان. توڻي جو منهنجي نظر ڪمزور آهي پر ڪتاب جي پرنٽ سني ۽ صاف اکرن واري آهي، جنهن ڪري مان ٿورو ٿورو ڪري ڪتاب پڙهندو آهيان، پر گهڻي زور ڏئي بہ پڙهندو آهيان، جو پوءِ ان ڪري تڪليف محسوس ڪندو آهيان.
- **غلام مصطفيٰ خان اعواڻ ۽ الاهي بخش خان سيال وڪيل:** هي ٻئي منهنجي پاڙي ڪرمان باغ ۾ ئي رهندا آهن، جن سان دعا سلام ٿيندي رهي پر هنن سان ڪڏهن ويجهي ڪچهري ڪرڻ جو موقعو نہ مليو آهي. الاهي بخش خان سيال کي تہ ڪنهن غلط فهميءَ ۾ اچي سندس اوطاق ۾ ئي ڪيس شوٽ ڪري ماري ويا هئا. البت غلام مصطفيٰ خان اعواڻ جي باري ۾ خبر ناهي تہ هُو زنده آهي يا نہ..!!
- **انور دُراني صاحب وڪيل:** مان جڏهن ڪرمان باغ مان شفٽ ٿي باقراڻي روڊ جي هڪ گهٽيءَ ۾ ڪٽپر صاحب کان پلاٽ خريد ڪري ان تي جڳهہ ٺهرائي ۽ اتي 1965 کان رهڻ لڳس تہ انور دُراني صاحب ان پاڙي ۾ ئي ويجهو ئي رهندو هو ۽ رستي ۾ ايندي ويندي ساڻس دعا سلام پئي ٿيندي هئي. ٻڌو اٿم تہ هو وفات ڪري ويو آهي.

- **نور الله خان انڙ:** (مسٽر امداد الله خان انڙ جو ڀاءُ) هن سان چڱي دعا سلام رهي آهي. هو شايد تہ D.P.P بہ ٿي رهيو آهي.
- **فتح محمد خان بروهي وڪيل:** هن سان بہ راهہ ويندي دعا سلام ٿيندي هئي.
- **مسٽر غلام نبي خان شيخ:** ٽاٽي پرسان هي جنهن جاءِ ۾ رهندو هو اُها ڪانئس انو علي سيال رٽائرڊ سپرنٽينڊنگ انجنيئر خريد ڪري ۽ سڄي ڊهرائي پٽ ڪري، ٻيهر ان جي تعمير ڪندي ان ۾ هيٺ شاپنگ سينٽر ۽ مٿي رهائش لاءِ جڳهہ ٺهرائي آهي. مسٽر غالم نبي خان سان بہ ٿوري ٽڪي دعا سلام هوندي هئي.
- **مسٽر تاج محمد ابڙو** رٽائر سيشن جج سان لاڙڪاڻي ۾ تہ مونکي ياد نہ آهي تہ هن سان ڪڏهن ملاقات ٿي هجي پر جڏهن هو خيرپور ۾ سيشن جج هيو ۽ فارغ هوندو هو تہ سندس چيمبر ۾ ساڻس ملاقات ٿيندي هئي.
- **غلام سرور عباسي صاحب وڪيل:** هن سان بہ چڱي دعا سلام هوندي هئي. مان هتي اهو بہ ٻڌائڻ چاهيان ٿو تہ عبدالوحيد ڪٽپر صاحب ۽ مسٽر عبدالرزاق سومري صاحب الاهي بخش خان ڪيهر جن وٽ ئي سندن آفيس ۾ ويهي وڃي ڪچهري ڪندو هئس ۽ چوٿون احمد علي شيخ صاحب وٽ سندس آفيس ۾ وڃي ڪچهري ڪندو هئس. جنهن بابت وڌيڪ ذڪر اڳتي هلي ڪندس. انهن چئن وڪيل صاحبن کان سواءِ لاڙڪاڻي ۾ رهندڙ ٻئي ڪنهن بہ وڪيل وٽ سندن اوطاق/ آفيس ۾ ڪڏهن بہ ساڻن وڃي ڪچهري نہ ڪئي.
- **مسٽر احمد علي شيخ صاحب:** (هاءِ ڪورٽ جو جج صاحب): هن سان منهنجي چڱي مٽي بہ آهي، هُو جڏهن وڪالت ڪندو هو تہ سندس آفيس منهنجي رهائش واري جڳهہ کان بلڪل ئي ٿوري مفاصلي تي هوندي هئي. مان ڪڏهن ساڻس سندس آفيس ۾ (جيڪا مٽي پهرئين فلور تي هوندي هئي) اتي وڃي ساڻس چڱو وقت ڪچهري ڪندو هئس ۽ وٽس گهڻو ان ڪري نہ ويندو هئس جو هڪ تہ هو رات جو ڪيسن جي تياريءَ ۾ مشغول هوندو هو انهيءَ ڪري ڪيس ڊسٽرب نہ ڪرڻ چاهيندو هئس ۽ ٻيو تہ هن جي آفيس ۾ پهچڻ لاءِ ڏاڪڻ ڊگهي، اُيي ۽ سوڙهي هوندي هئي، جنهن تي چڙهڻ توڙي لهڻ وقت ڊپ ٿيندو هو. هو منهنجي ڏاڍي عزت ڪندو هو. جج ٿيڻ بعد هو هڪ دفعو پنهنجي والده سان گڏ منهنجي گهر بہ آيو جو منهنجي گهرواري جي طبيعت ان وقت ٺيڪ نہ هئي ۽ ان جي طبع پرسيءَ لاءِ آيا هئا. هڪ دفعي تہ جج ٿيڻ جي خوشيءَ جي موقعي تي ڪيڪ بہ ڏياري موڪليو هيائين. خدا تعاليٰ شل خوش ۽ آباد رکيس ۽ ڪيس لاڙڪاڻي ضلعي جي مسٽر رحمت حسين جعفري صاحب، سيد ديدار حسين شاهہ صاحب ۽ راڻا ڀڳوانداس صاحب وانگر سپريم ڪورٽ جي جسٽس جي عهدي تائين رسيا.

- **مسٽر غلام قادر سمو وڪيل:** هن سان لاڙڪاڻي ۾ دعا سلام هوندي هئي، هن مون کي هڪ ڪم ۾ وڏي مدد ڪئي. هو پوءِ حيدرآباد وڃي رهيو ۽ سال 1979 ۾ جڏهن ڪوٽڙيءَ ۾ سٽي مئجسٽريٽ هئس تہ هڪ دفعو مون وٽ آيو هو.
- **مسٽر امان الله خان شيخ وڪيل:** هي منهنجو سڳو ڀاڻج ٿئي ۽ انهيءَ ناتي گهر جو ڀاتي ئي ليکجي، باقراڻي روڊ تي منهنجي گهر جي جڳهہ ۽ سندس گهر جي جڳهہ لڳو لڳ آهن ۽ وچ ۾ صرف ڀت آهي، انهيءَ ڪري هن لاءِ وڌيڪ ڇا لکان ۽ اهو لکڻ ئي ڪافي آهي جو هن لاءِ اڳ ڪافي لکيو اٿم. تنهن هوندي بہ ايترو سچ چوندس تہ پئسي جي ڏيتي ليتيءَ ۾ سندس اڳ ڪارپٽ سٽي نہ رهي آهي. جنهن لاءِ هو پاڻ بہ هينئر محسوس ڪندو هوندو. امان الله جي ڄمڻ وقت سندس والده (منهنجي همشيره) بيمار ٿي پئي، جنهنڪري ڪيس منهنجي گهرواري ٿج پياريندي هئي.
- **مسٽر غلام الله شيخ وڪيل:** هي نوان تڪ ۾ رهندو هو ۽ هُو منهنجو پڦات ٿئي. هن جي پهريائين سياسي وابستگي تہ قاضي فضل الله صاحب جن سان هئي ۽ ٻڌو هيم تہ ان جي رضامندي وٺڻ بعد ئي پيپلزپارٽيءَ ۾ آيو هو ۽ شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي صاحب جن جي ويجهن ماڻهن مان هو. ان حد تائين تہ مونکي اڳ خبر هئي تہ شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي صاحب جن ڪيس فارين سروس لاءِ سليڪٽ ڪيو هو جنهن ڪري ڪيس ملڪ کان ٻاهر وڃڻو هيو پر سندس والد بزرگوار ان ڳالهہ ۾ راضي نہ هيو. جنهن ڪري هو نہ ويو. هينئر جڏهن مسٽر عبدالرزاق سومري صاحب جو ڪتاب مون پڙهيو تہ ان ۾ هن مسٽر غلام الله جي باري ۾ سموري حقيقت هيٺينءَ طرح لکي آهي. "شهيد ذوالفقار علي ڀُٽو صاحب جڏهن وزيراعظم هيو. تڏهن غالم الله جي چوڻ تي ڪيس وزارت خارجہ ۾ فرسٽ سيڪريٽري جي عهدي لاءِ چونڊي سول سروس اڪيڊمي لاهور ۾ ڇهن مهينن جي تربيت لاءِ موڪليو ويو. ٽريننگ پوري ڪرڻ کان پوءِ ملڪ کان ٻاهر آرڊر ڪيو ويو. ٻاهر وڃڻ کان اڳ جڏهن مٿن مائٽن کان موڪلائڻ لاڙڪاڻي آيو تہ سندس پيءَ ڪيس روئندي چيو تہ "تون ملڪ کان ٻاهر وڃي رهيو آهين، مان مري ويندس تہ منهنجو مُنهن بہ نہ ڏسندين!" ايتري چوڻ جو مٿس ايڏو اثر ٿيو جو هن نوڪري ڪرڻ کان ئي جواب ڏئي ڇڏيو. خدا جي قدرت تہ ڏسو جو ملڪ ۾ ئي رهندي پاڻ پنهنجي پيءُ کان اڳ گذاري ويو ۽ سندس والد سندس مرڻ کان ڪيترائي ورهيہ پوءِ بہ حال حيات رهيو.
- **مسٽر عبدالمنان:** هيءُ صوبائي اسيمبليءَ جو ميرو خان تعلقي مان ميمبر چونڊيو ويو ۽ پوءِ سنڌ حڪومت ۾ ايريگيشن ڪاتي جو وزير ٿي رهيو. هن لاءِ ڪافي ڪجهہ اڳ بہ لکي آيو آهيان.

دادو ضلعي جا وڪيل صاحب.

- مان دادو ضلعي ۾ ٽي دفعا A.D.M، هڪ دفعو S.D.M ۽ هڪ دفعو سٽي مئجسٽريٽ ٿي رهيو آهيان. مجموعي طر منهنجي دادو ضلعي ۾ لڳ ڀڳ چار سالن کن نوڪري رهي آهي. ان عرصي دوران منهنجي هيٺين سينيئر وڪيلن سان دعا سلام توڙي چڱو گهاٽو رستو رهيو آهي.
- **مسٽر صدرالدين خان جوڻيجو صاحب:** هيءُ تمام سينيئر وڪيلن مان هو هن جو فرزند مسٽر غياث الدين جوڻيجو جڏهن نٿي ضلعي ۾ A.D.M هيو تہ مان شاهبندر تعلقي ۾ مختيارڪار هئس. هو مون تي نهايت ئي مهربان هوندو هو. جڏهن پروموٽ ٿي بدين ضلعي جو ڪليڪٽر هو ٿيو تہ مون کيس فون تي مبارڪ ڏني. مسٽر صدرالدين خان ان کان ٿورائي ڏينهن پوءِ مون وٽ آفيس ۾ آيو تہ ٻڌايائين تہ جنهن وقت مون سندس فرند مسٽر غياث الدين کي مبارڪ ڏني تہ هو ان وقت وٽس وينو هو ۽ اوهان سان وڌيڪ ڪجهہ ڳالهائڻ چاهي پيو ۽ پاڻ وٽ مونکي A.D.M طور رکرائڻ چاهيائين پئي پر ان دوران مسٽر غلام حيدر چنڙ جيڪو وٽس A.D.M هيو اهو اچي نڪتو انهيءَ ڪري اوهان سان وڌيڪ ڪو ذڪر نہ ڪيائين.
- **مسٽر علي احمد قريشي صاحب:** هن سان چڱي اچ وڃ هئي ۽ منهنجا ٻار ۽ سندس ٻار هڪ ٻئي جي گهر بہ ايندا ويندا هئا. هو تازو ئي وفات ڪري ويو آهي.
- **مسٽر خادم حسين شيخ صاحب:** هن جو قصو بہ عجيب آهي. خدا پاڪ جنهن تي راضي ٿيندو آهي تہ ان کي صحيح سمجهہ ڏيندو آهي پر جڏهن پنهنجي ڪنهن بندي تي ناراض ٿيندو آهي تہ ان جي مت ئي کسي ڇڏيندو آهي. اهو سڀ انسان جي مقدر جو ئي معاملو سڏبو آهي. مسٽر خادم حسين شيخ جو قصو پهرين ڪئٽيگري يعني خدا پاڪ طرفان صحيح سمجهہ ڏيڻ جو آهي. اهو مختصر قصو ڪجهہ ائين آهي تہ مان جڏهن سال 1974 ۾ 17.04.74 تي ڪراچي مان ائڊيشنل سٽي مئجسٽريٽ هئڻ وقت اتان بدلي ٿي دادوءَ ۾ اچي A.D.M جي چارج ورتي تہ مسٽر خادم حسين ان وقت ڪليڪٽر صاحب جي آفيس ۾ پٽيوالو هو جو ان وقت هن جي مئٽرڪ بہ پاس ڪيل نہ هئي جو ڪيس ڪلارڪي ملي. هڪڙي ڏينهن سندس والده منهنجي گهر آئي ۽ منهنجي گهرواريءَ کي چيائين تہ مون کي چوي تہ خادم حسين کي ڪلارڪي وٺرائي ڏي. مون سان منهنجي گهرواريءَ اها ڳالهہ ڪئي، مان کيس چيو تہ هن جي مئٽرڪ ئي پاس ڪانهي، ان ڪري اڳ ۾ مئٽرڪ پاس ڪري. خادم حسين خان جو وڏو ڀاءُ نياز صاحب ان وقت سول اسپتال دادوءَ ۾ سول اسپتال جي دوائن جو اسٽور ڪيپر هيو ان وقت مسٽر غلام سرور مستوئي اسپتال ۾ سول سرجن هو. جنهن سان بہ منهنجو گهاٽي دوستيءَ جو رستو هو. ان ڪري وٽس اسپتال خواهہ جڳهہ تي گهٽو اچڻ وڃڻ ٿيندو هو. مون پوءِ هڪ دفعي نياز کي چيو تہ پنهنجي ڀاءُ خادم حسين کي چوي تہ گهٽ ۾ گهٽ مئٽرڪ تہ پاس ڪري. خدا جي قدرت جو خادم حسين پوءِ پڙهائيءَ ڏي ڏاڍو توجهہ ڏئي ۽ خوب محنت ڪري مئٽر تہ ڇا پر L.L.B ڪري دادوءَ ۾ ئي وڪالت شروع ڪيائين ۽ هڪ قابل وڪيل ثابت ٿيو آهي ۽ هينئر تہ تمام سينيئر وڪيلن مان آهي. مسٽر خادم حسين ڪجهہ وقت تہ هاءِ

ڪورٽ جو جج بہ ٿي رهيو. هن جو جونيئر مسٽر نور احمد سومرو منهنجي 11.04.84 تي رٽائرمينٽ تائين D.M صاحب جو سرشتيدار هيو. اهو پڻ پوءِ استعيفا ڏئي L.L.B ڪري مسٽر خادم حسين جو جونيئر ٿي رهيو ۽ هو بہ سنو وڪيل ثابت ٿيو آهي. هينئر خبر ناهي تہ هو اڄان اتي آهي يا ان کان الڳ آهي.

- **مسٽر غلام نبي سومرو صاحب:** (سنڌ سرورس ٽربيونل جو موجوده چيئرمين) 1935 ڌاري جڏهن مان ميهڙ هاءِ اسڪول ۾ پهرين درجي ۾ داخلا ورتي، تڏهن ميان عبدالرحمٰن خان سومرو (مسٽر غلام نبيءَ جو سهرو) بہ اتي ئي پڙهندو هو. مون کان ڪافي سينيئر هيو پر ساڳي اسڪول ۾ پڙهڻ ڪري پاڻ ۾ دعا سلام رهندي هئي. ان وقت کان وٺي هن خاندان سان رستو رهندو اچي (يعني لڳ ڀڳ 75 کان) ميان عبدالرحمٰن صاحب کان علاوه سندس پٽ خالد محمود سومرو صاحب جيڪو سنڌ حڪومت ۾ سيڪريٽري رهي رٽائر ٿيو آهي ۽ مسٽر غلام نبي سومري صاحب جي ڀاءُ مسٽر محمد ابراهيم خان مرحوم سنڌ جي چيف منسٽر جو سيڪريٽري ٿي رهيو هو. انهن بابت ڪافي ذڪر اڳ ئي ڪري آيو آهيان ۽ انهن ٻنهي جا مون تي گهڻائي احسان ٿيل آهن، جن جو ذڪر بہ اڳ گهڻن هنڌن تي ڪري آيو آهيان. مسٽر غلام نبي سومري صاحب جي نياڻي ۽* منهنجي نياڻي دادوءَ ۾ گڏ پڙهيون آهن. هن جي جڳهہ بہ منهنجي رهائش واري ٻنگلي جي سامهون هوندي هئي، اسان ٻنهي جو گهرو اچڻ وڃڻ جو رستو هوندو هو. مسٽر غلام نبي سومرو هينئر ڪراچيءَ ۾ سيٽل آهي ۽ مسٽر خالد محمود سومرو صاحب رٽائر ٿيڻ بعد ڪراچيءَ ۾ ئي رهائش اختيار ڪئي آهي. ٿورو وقت اڳ ٻنهي سان فون تي بہ ڳالهائڻ ٻولهائڻ ٿيو هو. مسٽر غلام نبي سومرو ڪجهہ وقت هاءِ ڪورٽ جو جج بہ ٿي رهيو آهي. سندس ڀاءُ وفات ڪري ويو هو تہ مان سندس ڳوٺ شاهہ پنجي تعزيت لاءِ ويو هئس پر هُو اتي موجود نہ هو ۽ لاڙڪاڻي هليو آيو هو. (ان وقت هو هاءِ ڪورٽ جو جج هو) مون پوءِ لاڙڪاڻي ۾ چيمبر ۾ چاءِ جي وقفي دوران ساڻس تعزيت ڪئي ۽ مونکي ڏسي چيائين تہ هن سمجهيو پئي تہ مان ڪمزور ۽ پيرسن ٿي ويو هوندس پر شڪر آهي جو خدا تعاليٰ اوهان جي صحت اڄان اڳ جهڙي ئي رکي آهي.

- **مسٽر نصر الله ڪلهوڙو صاحب:** هن جو واسطو پير پاڳاري صاحب جن سان هوندو هو جو آخر تائين قائم رهيو. هو مجلس شورا جو ميمبر بہ ٿي رهيو هو. هن جو ڌانڌلين وارين چونڊن ۾ (جنهن جي خلاف تحريڪ هلي هئي) دادوءَ واري صوبائي اسيمبليءَ جي سيٽ لاءِ اميدوار بيٺو هو ۽ سندس مقابلو منير احمد چني سان هيو پر سندس نامينيشن پيپر رد ڪيو ويو هو ۽ منير احمد چنو بنا مقابلي چونڊ ۾ ڪامياب قرار ڏنو ويو. مان ان تڪ جي اليڪشن لاءِ رٽرننگ آفيس هيس مسٽر نصر الله خان ڪلهوڙي ڪورٽن ۾ ڪيسن کان فارغ ٿي مون وٽ ڪافي دفعا اچي ڪچهري ڪئي هئي، هو چانهہ جو موالو هو. وفات وقت هن جي عمر ايڏي وڏي نہ هئي، مان هن جي پوئنرن سان

تعزيت ڪرڻ ويو هئس. مان دادوءَ ۾ قومي اسيمبلي جي سيٽ لاءِ بہ رٽرننگ آفيسر مقرر ٿيو هئس جتان علڻ خان لغاري بنا مقابلي ڪامياب قرار ڏنو ويو هو.

- **مسٽر عبداللطيف قريشي وڪيل:** هيءُ پيپلز پارٽيءَ سان واڳيل هو ۽ ڪجهہ وقت هاءِ ڪورٽ جو جج بہ ٿي رهيو هو. هڪ دفعي سندس ايڪسيڊنٽ ۾ جنگهہ ۾ فرئڪچر ٿي پيو هيو تہ مان ڪانئس طبع پرسيءَ لاءِ بہ ويو هئس، هو وفات ڪري ويو آهي.
- **پير مظهر الحق صديقي (موجود سينيئر صوبائي وزير صاحب):** هن ايل – ايل – بي ڪرڻ بعد وڪالت جي شروعات 1974 ۾ دادوءَ مان ڪئي. مان 17.04.1974 تي جڏهن دادوءَ ۾ A.D.M جي چارج اچي ورتي هئي تہ ان کان ٿورن ئي ڏينهن بعد ڪيس سندس ڏاڏي پير الاهي بخش صاحب (اڳوڻي صوبائي وزير اعليٰ) انهن مون سان ۽ ٻين آفيسرن سان سندس تعارف ڪرايو هيائين ۽ ٻڌايو هيائين تہ هُو هتي دادوءَ ۾ وڪالت ڪندو پير مظهر الحق صاحب جي والد پير شاهنواز خان جي شادي حيدرآباد مان قاضي عبدالقيوم خاندان مان ٿيل هئي. پير مظهر الحق پوءِ ترت ئي سياست ۾ پير پاتو،جنهن ڪري پوءِ سندس جونيئر مسٽر شمس الدين اڪثر ڪري ڪورٽن ۾ ڪيس هلائڻ ايندو هو. پير مظهرالحق منهنجي A.D.M واري عرصي ۾ منهنجي ڪورٽ ۾ بہ چڱا ڀيرا ڪيس هلائڻ لاءِ Appear ٿيو هو. هو جڏهن پهريون دفعو صوبائي اليڪشن ۾ پ پ ٽڪيٽ تي اميدوار بيٺو ۽ خدا تعاليٰ جي مهرباني‌ءَ سان ڪامياب بہ ٿيو تہ مان پنهنجي وڏي پٽ غلام ياسين سان گڏ ڪيس مبارڪ ڏيڻ ويو هئس تہ وٽس ڪافي ماڻهن جي رش هئي، پوءِ مونکي چيائين تہ فارغ ٿيان تہ پوءِ پاڻ ٻئي ڪمري ۾ هلي ڪچهري ڪيون ٿا ۽ پوءِ اسان ئين ئي ڪيو هيوسين. هن دفعي واري وزارت کان اڳ بہ جڏهن صوبائي وزير ٿي رهيو هو تڏهن بہ ساڻس بہ چار دفعا ملاقات ٿي هئي، جيڪا ڪڏهن دادوءَ ۾ تہ وري ڪڏهن ڪراچيءَ سندس آفيس ۾ ٿي هئي. هو نهايت سهڻي نموني ملندو هو ۽ ساڻس ڪافي وقت ڪچهري ٿيندي هئي. سال 2011 ۾ منهنجي ڏوهتي (منهنجي نياڻي عبدالحميد جي ڌيءَ) جاگرافيءَ ۾ M.Sc ڪئي هئي ۽ پوءِ ليڪچرار جي عهدي لاءِ پبلڪ سروس ڪميشن جي ورتل امتحان ۾ بہ ڪامياب ٿي تہ سندس پوسٽنگ شهدادڪوٽ ڪاليج ۾ ليڪچرار طور ٿي پر هوءَ اوڏانهن Join ڪرڻ نہ وئي هئي، ان دوران حيدرآباد پبلڪ اسڪول ۾ ڪا تقريب رکيل هئي، جنهن جي صدارت بہ پير مظهر الحق صاحب جن کي ڪرڻي هئي پوءِ منهنجي نياڻي عبدالحميد چيو تہ پير صاحب کي چوان تہ سندس نياڻيءَ جي پوسٽنگ هتي (حيدرآباد) ۾ ئي گهورنمينٽ ڪاليج ۾ ڪري. اسان ٻئي (مان ۽ منهنجو نياڻو عبدالحميد) گڏجي پبلڪ اسڪول (جتي تقريب رکيل هئي) اتي وڃي ويناسين تہ ٿوري ئي وقت ۾ پير مظهرالحقن صاحب آيو تہ صحافي ڪيس چوڏاري وڪوڙي ويا، هو انهن سان ڳالهائڻ بيٺو، ان بعد پوءِ جڏهن اسٽيج تي چڙهيو تہ مان ۽ عبدالحميد اڳ ئي اتي وڃي بيٺا هياسين، ڇاڪاڻ جو هو اسٽيج تي وڃي صدارتي ڪرسيءَ تي ويٺو تہ پوءِ ساڻس ملڻ ۽ ڳالهائڻ نہ ٿي ٿي سگهندو. پوءِ جڏهن صحافين کان فارغ ٿي مٿي اسٽيج تي چڙهيو تہ اسان ٻنهي

سان نهايت سهڻي نموني ملي ۽ بيهي مون کان مسٽر فيض محمد قريشي ۽ ٻوڙي امداد علي شيخ (اهي ٻئي بہ دادوءَ ۾ S.D.M ۽ A.D.M تي نوڪري ڪري ويا هئا. امداد علي شيخ جيئن تہ ٻوڙو هوندو هو ان ڪري هن کي هميشہ امداد علي ٻوڙو ڪري سڏيندا هئا). بابت احوال ورتائين تہ مون کيس ٻڌايو تہ فيض محمد قريشي تہ وفات ڪري ويو آهي، باقي ٻوڙي امداد عليءَ لاءِ کيس ٻڌايم تہ هو شڪارپور ۾ رهندو آهي ۽ ساڻس ڪو رابطو نہ ٿيندو آهي. پوءِ مون کيس اتي سندس بيهڻ وقت پنهنجو ڪم ٻڌايو تہ منهنجي ڏوهتيءَ جي پوسٽنگ جو شهدادڪوٽ ڪاليج ۾ ليڪچرار وارو آرڊر رد ڪري کيس حيدرآباد گورنمينٽ ڪاليج ۾ پوسٽنگ ڪرائي، جيڪو هن ڪري ڏنو ۽ منهنجو نياڻو عبدالحميد پوءِ ڪراچيءَ وڃي اهڙو آرڊر ڪڍي آيو ۽ هينئر منهنجي ڏوهتي هتي حيدرآباد ۾ ئي ان ڪاليج (ان ڪاليج کي اڪثر ڪري زبيده ڪاليج بہ چوندا آهن) ۾ سيپٽمبر 2011 کان ليڪچرار طور نوڪري ڪري رهي آهي.

- **مسٽر قمرالدين ڪلهوڙو وڪيل:** هيءَ منهنجي ڪورٽ ۾ تہ شايد ڪڏهن Appear نہ ٿيو هو، باقي D.S.P نثار بلوچ جي قتل ڪيس ۾ ملٽري ڪورٽ ۾ هلندڙ ڪيس ۾ هڪ جوابدر جو Pauper Advocate (وڪيل) طور Appear ٿيو هو. مان ان ڪورٽ ۾ مئجسٽريٽ جي حيثيت ۾ ميمبر هئس، هن البت هڪ دفعي منهنجي آفيس ۾ ڪچهري ڪندي هڪ عجيب قصو ٻڌايو هو جو هينئن آهي تہ وڪالت شروع ڪرڻ کان اڳ هو S.P دادوءَ جي آفيس ۾ Sheet Clerk هو جو هڪ ڏينهن مٿي ڄاڻايل نثار بلوچ D.S.P ان وقت ڪنهن ٽاڻي تي انسپيڪٽر هو تہ هڪ بزرگ کي گرفتار ڪري آيو هو تہ ان بزرگ جو هڪ مريد ڪيس (مسٽر قمرالدين) کي پنهنجي مرشد جي سفارش ڪرڻ آيو تہ نثار بلوچ انسپيڪٽر لڳ ڀڳ 100 يان ان کان بہ ڪجهہ وڌيڪ ان بزرگ صاحب جي ڪن عورتن سان گڏ Vulgar نڪتل فوٽو سندس ميز تي رکي ڏيکاريا ۽ چيائين تہ بزرگ کان پڇي پڪ ڪيو تہ اهي سندس ئي قبضي مان ورتل آهن يا نہ!؟ بزرگ چپ ئي بيٺو رهيو، باقي سندس مريد جيڪو پنهنجي مرشد جي سفارش ڪرڻ آيو هو، اهو آهي فوٽو ڏسي ڪنڌ هيٺ ڪري هليو ويو.

منهنجون ڏنل هينيون معزز شخصيتون، جن جو هن منهنجي لکيل ڪتاب ۾ ذڪر ڪيل آهي، اهي منهنجي اکين آڏو وفات ڪري ويون آهن.

- پير پاڳارو صاحب. (شاهہ مردان شاهہ) حرن جو روحاني پيشوا.
- قائدِاعظم محمد علي جناح
- مادر ملت محترمہ فاطمہ جناح.
- خواجہ ناظم الدين گورنر جنرل وزيراعظم
- شهيد ذوالفقار علي ڀٽو صاحب
- شهيد سنڌ جي راڻي محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ

- لياقت علي خان
- محمد خان جوڻيجو صاحب Ex. MPA
- غلام مصطفيٰ خان جتوئي صاحب (نگران وزيراعظم

صدرِ پاڪستان

محمد ايوب خان

ضياءُ الحق

بزرگ اولياءَ الله وغيره.

- سائين غلام مرتضيٰ شاهه (گمبٽ وارو) منهنجو مرشد)
- حماد الله صاحب (هاليجي شريف تعلقو پنو عاقل)
- پير عبدالجبار شاهه (راڻيپور ضلع خيرپورميرس)
- سائين علي اڪبر شاهه (ميهڙ)
- حافظ امام بخش (تعقلو ڏوڪري)
- مولوي محمد قاسم مشوري (نواب)
- نواب بهادر يار جنگ (حيدرآباد دڪن)
- نواب غئبي خان چانڊيو
- نواب امير علي خان لاهوري
- نواب نبي بخش خان پُٽو
- نوابزادو سلطان احمد خان چانڊيو (غئيبي ديرو)
- سردار غلام محمد خان مهر (گهوٽڪي)
- نور محمد خان لنڊ (تعلقو ميرپور ماٿيلو)
- پير بخش خان پُٽو (لاڙڪاڻو)
- علي بلاول خان ڊومڪي (جيڪب آباد)
- علي مردان خان چاچڙ (تعلقو پنو عاقل)
- محمد بخش خان ناريجو (سانگهڙ) ـ (سياستدان)
- پيرزادو عبدالستار ـ چيف منسٽر سنڌ
- سر غلام حسين هدايت الله
- محمد ايوب کهڙو

- قاضي فضل الله
- سيٺ يوسف هارون
- پير الاهي بخش
- سيد عبدالله شاهه
- مير غلام علي ٽالپر
- قاضي اختر علي
- اعجاز جتوئي ـ سينيٽر
- غلام رسول صديقي (خيرپور)
- اعجاز علي جتوئي (پيٽو جتوئي)
- محمد سليمان سميجو (دادو)
  (وفاقي وزير)
- سردار عبدالرب نشتر
- سيد غلام مصطفيٰ شاهه (سجاول)
- مير علي احمد ٽالپر (حيدرآباد)
- پير عبدالقادر شاهه (بنا ڪاتي) (راڻيپور)
- اسپيڪر سنڌ اسيمبلي
- سيد ميران محمد شاهه
  (صوبائي وزير)
- قاضي عبدالمنان (لاڙڪاڻو)
- هاشم گذدر (ڪراچي)
- خليفو محمد عاقل (سانگهڙ)
- محمد يوسف چانڊيو (ٺٽو)
- محمد خان سومرو (ٺٽو)
- پير علي محمد راشدي (لاڙڪاڻو)
- رحيم بخش خان سومرو (شڪارپور)
- حاجي مولا بخش خان سومرو (شڪارپور)
- در محمد اوستو (جيڪب آباد)
- مير رسول بخش ٽالپر (سنيئر وزير)
- ميمبر مجلس شورا
- مير الله بخش شاهه (ٺٽنگ شريف ضلعو دادو)

- نصر الله خان ڪلهوڙو (دادو)
- **معزز شخصيتون**
- خانبهادر احمد خان پُٽو (نئون ديرو)
- خانصاحب منل خان شيخ (تعلقو قمبر)
- علام آءِ آءِ قاضي (پاٽ شريف)
- پير حسام الدين راشدي (هيءُ سچل سيمينار خيرپور ۾ آيو هو)
- ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ (هيءُ سچل سيمينار خيرپور ۾ آيو هو)
- محمد حسين پنهور (ابراهيم ڪچي ضلعو دادو)
- شيخ اياز (شڪارپور)
- ڊاڪٽر تنوير عباسي (خيرپورميرس) (سچل سيمينار جي شروعات ڊپٽي ڪمشنر مسٽر غلام محمد ميمڻ صاحب سيد محب الله شاهه ڪمشنر کان ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ ئي ڪرائي هئي).
- حيدر بخش خان جتوئي (بکو ديرو، ضلعو لاڙڪاڻو) هُو تقادي قرض وٺڻ جي سلسلي ۾ آفيس ۾ به آيو هو).
- جي ايم سيد (سيد غلام مرتضي شاهه)
- مخدوم طالب المولي صاحب (هالا)
- محمد علي جوهر
- الله داد خان ٻوهيو صاحب (لعلو رائنڪ) (زميندار)
- وڏيرو موسيٰ خان ٻگهيو (تعلقو ڏوڪري)
- دوست محمد هڪڙو (قمبر)
- غلام حيدر خان وساڻ (ڪنڊياري ضلع سانگهڙ)
- حاجي غلام حين شيخ (تعلقو قمبر)
- حاجي محمد علي خان کهاوڙ (تعلقو ميرو خان)
- سڪندر حيات خان کهاوڙ (حاجي محمد علي خان کهاوڙ جو پوٽو)
- حاجي محمد نواز خان مهيسر (تعلقو ميرو خان)
- حاجي خير محمد خان مهيسر
- نظر محمد خان مهيسر
- حاجي مومن خان مهيسر
- حاجي در محمد خان مهيسر

- عبدالحميد خان جتوئي (پيٽو جتوئي)
- پير محمد خان جتوئي
- اڪبر خان لغاري (ضلعو دادو)
- پير بخش خان گهانگهرو (رتوديرو)
- خير محمد خان گهانگهرو
- حاجي علي نواز خان جاگيراڻي (ميرو خان)
- حاجي ميرڻ شاهه (گمبٽ)
- محمود خان پُٽو (تعلقو ميرو خان)
- چاڪر علي خان جوڻيجو (ڏامراهو ضلعو لاڙڪاڻو)
- مولوي محمد ابراهيم (قمبر)
- عبدالڪريم شيخ (شيخن جي تڪ وارو تعلقو قمبر)
- قاضي فيض محمد راجڙ (ڪپرو)
- سرائي علي مراد (پُٽ سرائي)
- سرائي غلام رسول پٽ (پُٽ سرائي)
- محمد خان وڏو (قمبر)
- منظور حسين شاهه (هالاڻي)
- (هن وٽ هڪ رات رهڻ بہ ٿيو هو جو ڪانئس زرعي ترقياتي بئنڪ مان ورتل قرض جي وصوليءَ لاءِ ويو هئس).
- سيد ڪرارو شاهه (ڊيرو)
- عبدالستار ڪيهر (اصل ڪيهرن جو پوءِ ڇڇ جهان خان ضلعو ٺٽو)
- عبدالله خان مهيسر (گاهي مهيسر)
- ميان عبدالرحمٰن خان سومرو (شاهه پنجو)
- الله ڏنو خان ٽيپو (گهاڙي)
- مير محمد خان جانوري (منگواڻي)
- سيٺ ڪلياڻداس (گاجي کهاوڙ) (هن کي رهزن سندس ڪارخاني تي قتل ڪري ويا هئا).
- عطاءُ الله جهانيان (مبارڪپور تعلقو پنو عاقل)
- علي نواز ڏاريجو (تعلقو پنو عاقل)
- محمد حسن خان بُلو (تعلقو پنو عاقل)

- انور علي خان مهر (سردار غلام محمد خان جو ڀاءُ)
- علي گوهر خان شيخ (تڪ وارو تعلقو قمبر)
- عبدالڪريم خان شيخ (تڪ وارو تعلقو قمبر)
- محمد نواز خان شيخ (تڪ وارو تعلقو قمبر)
- علي اڪبر پيچوهو (لالو رائنڪ تعلقو وارهه)

قمبر تعلقي ۾ تڪ جا شيخ مشهور زميندار آهن. مشهور درگهه ڏنڊ به سندن ذاتي ملڪيت آهي. مان قمبر ۾ جڏهن تعلقي هيڊ مُنشي هئس تہ خانصاحب مٺل خان شيخ هڪ ٻہ دفعا ڪم ڪار سانگي تعلقي آفيس آيو هو تہ ساڻس ملاقات ٿي هئي، هو ڏاڍو مانائتو ماڻهو هو. خانصاحب مٺل خان کي ٻہ پٽ حاجي محمد نواز خان ۽ حاجي عبدالڪريم خان هئا، جن سان بہ هڪ ٻہ دفعو ملاقات ٿي هئي. خانصاحب مٺل خان جو وڏو ڀاءُ قائم خان جيڪو مون تہ نہ ڏٺو هو پر سندس ڏاڍي نيڪي ٻڌبي هئي. هن جو بنگلو لاڙڪاڻي گهنٽي ڦاٽڪ وٽ اڄ بہ موجود آهي. قائم خان شيخ جي باري ۾ "لاڙڪاڻو ساهہ سيباڻو" ڪتاب ۾ پڙهيو آهي تہ وڏو نالي وارو ۽ سخي مرد ٿي گذريو. هن کي پهريائين "خانصاحب" ۽ پوءِ "خانبهادر" جو لقب مليو. هو بمبئي ڪائونسل جو ميمبر بہ ٿيو. 1930 ۾ حج تي ويو تہ پاڻ سان 40 ماڻهو پنهنجي خرچ تي وٺي ويو. اتي جيڪا بہ خيرات ڏنائين اها سون جي سڪن جي صورت ۾ هئي. وقت جي بادشاهہ سندس دعوت ڪئي ۽ ڪيس ڪعبة الله شريف ۾ اندر وڃڻ جي اجازت ملي. غلام مرتضيٰ (جيڪو منهنجو پڦات ۽ ماروٽ بہ ٿئي) ان جي پوئين شادي (پهرين گهراوريءَ جي انتقال کانپوءِ) خانصاحب مٺل خان جي خاندان مان ٿيل آهي ۽ اهو ٻڌائيندو هو تہ تڪ جي شيخن وٽ سون جون سرون هونديون هيون. خانصاحب مٺل خان شيخ جي هڪ نياڻيءَ جي شادي علي گوهر خان شيخ سان ٿيل آهي.

علي گوهر خان شيخ رهندو تہ لاڙڪاڻي شهر ۾ ئي هيو پر ڇهين ٻارهين مهيني ڪجهہ ڏينهن لاءِ زمينن جي سڌ سماءَ يا بٽئي لاءِ ڳوٺ ويندو هو. منهنجو هن سان گهاٽي دوستيءَ وارو رستو هو. ان وقت سندس اڪيلو فرزند مغفور علي خان اڃان ننڍو 12 يا 13 سالن جو هو. جڏهن وڏو ٿيو تہ ساڻس بہ اچڻ وڃڻ جو رستو رهيو. مان جڏهن بہ علي گوهر خان سان ملڻ ويندو هئس تہ مغفور علي خان سان ضرور ملندو هُئس، جو پيءُ ۽ پٽ (علي گوهر خان) ۽ پٽ (مغفور علي خان) اڪثر ڪري الڳ ڪمرن ۾ رهندا هئا. مغفور عليءَ خان مون وٽ بہ ڪڏهن ڪڏهن جڳهہ تي اچي ڪچهري ڪندو هو. علي گوهر خان شيخ وٽ هڪڙو سانولي نالي خانگي نوڪر هوندو هو. جنهن تي سندس ڏاڍو راضپو هوندو هو. جنهن لاءِ مغفور علي خان ٻڌائيندو هو تہ سندس والد پنهنجي چڱي پلي زمين ان سانولي نوڪر جي نالي ڪئي هئي. مغفور علي پنهنجي پيءَ جو اڪيلو پٽ هو ۽ هُن شادي پنهنجي خاندان مان نہ پر شايد مسٽر شمس الدين ابڙي وڪيل جي نياڻي سان يا ٻئي هنڌان ڪئي هُئي.

مغفور علي ڦوهه جوانيءَ ۾ ئي وفات ڪري ويو هو ۽ پويان بيواهه ۽ هڪ صغير پٽ ڇڏيائين. مغفور علي جي وفات بعد هڪ دفعي علي گوهر خان وٽ وڃڻ ٿيو تہ مون کان پڇيائين تہ مغفور عليءَ جي ڇڏيل ملڪيت مان ڪيس ڪجهہ ملي سگهي ٿو؟ جنهن تي مون ڪيس چيو تہ شريعت ڇهون حصو ڏياري ٿي. مونکي تعجب ٿيو تہ مغفور علي پنيان بيواهہ ۽ صغير پٽ ڇڏي ويو آهي ۽ ٻئي حال حيات آهن، تڏهن بہ علي گوهر خان پنهنجي پٽ جي وفات بعد ان جي ڇڏيل ملڪيت مان حصو ڪڍڻ پيو چاهي، حالانڪہ ڪيس اڳ ئي پنهنجي ڪافي زمين هُئي. بس انسان جي ملڪيت جي هوس گهٽ ٿيڻ واري ناهي. (علي گوهر خان ڪافي عرصو اڳ وفات ڪري ويو آهي). مغفور علي خان يار ويس ماڻهو هو ۽ سندس دوستيءَ جو دائرو ڏاڍو وسيع هوندو هو ۽ جيتري قدر ياد ٿو اچي تہ ٻڌائيندو هو تہ مسٽر عبدالرزاق سومرو صاحب ۽ قاضي اختر علي صاحب بہ وٽس ڪچهري ڪرڻ ايندا هُئا.

مسٽر علي رضا شاهہ (ويٽل شڪارپور) جڏهن ميرو خان تعلقي ۾ مختيارڪار هو تہ مان وٽس تعلقي هيڊ منشي هئس ۽ هو مون تي مهربان هوندو هو. سڪندر خان ڪهاوڙ ويٽل ڪارڙا، جي مختيارڪار صاحب سان ڏاڍي دوستي ٿي وئي هئي. مختيارڪار صاحب کي، سڪندر حيات خان جي مون سان گهاٽي دوستيءَ جي بہ خبر هئي. انهيءَ ڪري جڏهن بہ هُو وٽس ايندو هو تہ مختيارڪار صاحب مونکي بہ گهرائي وٺندو هو ۽ پوءِ ٽئي گڏجي پتن(تاش) جي راند ڪندا هئاسين ۽ ڪافي دير تائين ويهي ڪچهريون بہ ڪندا هئاسين.

مسٽر علي رضا شاهہ پوءِ جڏهن ڪوٽڏيجي تعلقي (ضلعہ خيرپور) ۾ مختيارڪار هو تہ هڪڙي ڏينهن وٽس ويو هئس ۽ هڪ رات رهڻ بہ ٿيو هو (اهو غالبن سال 1964 جو قصو آهي). مان جڏهن اتان موٽي لاڙڪاڻي آيس تہ انهيءَ رات جو مونکي ننڊ ۾ دل جو دهڪو محسوس ٿيو ۽ مان موت ويجهو ڏسي رهيو هئس. مون پنهنجي والده کي ننڊ مان اٿاريو ۽ ڪيس حقيقت ڪئي ۽ ڪانئس پيرين پئي موڪلايو. هن هڪدم منهنجي منهن ۽ ڇاتيءَ تي گلاب جو پاڻي ڇٽڪاريو جنهن سان ڪجهہ فرحت محسوس ڪيم. مان پوءِ گهر جي ڇت تان بہ ڏاڪڻيون هيٺ لهي پاڙي ۾ ئي رهندڙ مسٽر نامديو ڊاڪٽر صاحب سان حقيقت ڪئي. جنهن يڪدم مونکي (Coramin) انجيڪشن هنئي ۽ دوا ڏني. مون هن جون تجويز ڪيل دوائون ڪجهہ ڏينهن استعمال ڪيون. بعد ۾ مامي محمد صديق جيڪو حڪمت ڪندو هو، هيٺ ڄاڻايل دوائون تجويز ڪيون تہ اهي ڪُٽي ڪپڙ ڇاڻ ڪري گلاب جي پاڻيءَ ۾ روهيءَ ۾ ڪرل ڪري، جيئن ڪرڪر بلڪل نہ رهي، اهو ڪشتو بہ رتيون ڪن ڪئپسول ۾ وجهي صبح جو نيراني پاڻيءَ سان وٺان.

تجويز ڪيل دوائون:

- سپ مروارید (10 گرام) 2. یاقوت (5 گرام) 3. کھربا (5 گرام) 4. مرجان (5 گرام) عقیق (5 گرام) 6. زمرد (5 گرام) 7. نیلم (5 گرام) 8. پکراج (5 گرام) 9.ج سنگ یشب (5 گرام) 10. زهرمرو خطائي (5 گرام).

جيڪڏهن ڪجهه موي جدا ڪرل ڪري مٿين ڪُشتي ۾ ملائجن تہ افضل آهي. مان اهو ڪُشتو ٺاهي چڱو وقت پابنديءَ سان استعمال ڪيو. هاڻي بہ ڪڏهن ڪڏهن تيار ڪري استعمال ڪندو آهيان، جو تيار ڪرڻ ۾ ڏاڍو وقت لڳندو آهي.

*****

مان جڏهن لاڙڪاڻي ۾ ڪليڪٽر صاحب جي آفيس ۾ نوڪريءَ ۾ هوس تہ مون شفيع محمد ميمڻ کان لاهوري محلي ۾ هڪ پلاٽ خريد ڪيو هو. پر مان جڏهن پروموٽ ٿي پهريائين مختيارڪار ۽ پوءِ ايس ڊي ايم ٿيس تہ منهنجي نوڪري سال 1968ع کان 1984ع (رٽائرمينٽ) تائين لاڙڪاڻي ضلعي کان ٻاهر رهي، پر ڪڏهن ڪڏهن لاڙڪاڻي وڃڻ بہ ٿيندو هو. ان وچ ۾ منهنجي لاهوري محلي ۾ ورتل پلاٽ تي ڪي ماڻهو ناجائز قبضو ڪري پنهنجا ڪي گهر اڏي ويهي رهيا. مون رٽائر ٿي اچڻ کان پوءِ انهن قبضيدارن کي قبضي ڇڏڻ جو چيو پر هنن صفا انڪار ڪري ڇڏيو. مون مسٽر غلام مصطفيٰ جوڪيي کي فون ڪئي، جيڪو ان وقت جيڪب آباد ۾ اي ڊي ايم هو ۽ چيو تہ قبضي ڪندڙن خلاف ڪو قدم کڻي. مون پنجن قبضي ڪندڙن مان ٻن تن ڄڻن جا نالا بہ ڪيس فون تي ٻڌايا. هن پوءِ اتيئي فرياد وٺي انهن ٻن تن ڄڻن خلاف ضمانت نہ ٿي سگهڻ جوڳا وارنٽ ڪڍي اتي جي پوليس کي هنن کي گرفتار ڪري وٺي اچڻ لاءِ ڏنا.

جيڪب آباد جي پوليس پوءِ لاڙڪاڻي اچي انهن کي گرفتار ڪري وٺي وڃي اي ڊي ايم (غلام مصطفيٰ) جي ڪورٽ ۾ پيش ڪيو جنهن کين ڏنڊا ٻيڙيون هڻائي جيل موڪلي ڇڏيو. قبضي ڪندڙن مان هڪ ڄڻي جو مسٽر غلام مصطفيٰ جي ڀيٽيوئي سان واسطو هو. انهيءَ ڪري هو وٽس ويو ۽ ان جي سفارش ڪيائين. غلام مصطفيٰ جوڪئي مون کي فون تي اهو احوال ڪيو جهن تي مون چيومانس تہ پلي اوهان جو ڀيٽيوبو فيصلو ڪري. ان کان پوءِ فيصلو ٿيو ۽ پلاٽ جو اگهہ طئہ ڪيو جو ڏرين قبول ڪيو ۽ قبضي ڪندڙن هر هڪ جي قبضي ڪيل ايراضيءَ جا پئسا قسطن ۾ ادا ڪرڻ چاهيا ۽ اهڙيون ائگريمينٽون بہ ڪيون، پر هنن بہ تي قسطن ڏيڻ کان پوءِ وڏيڪ قسطن جي رقم ڏيڻ کان بس ڪري ڇڏي.

مان ان سلسلي ۾ غلام مصطفيٰ خان ڏانهن جيڪب آباد روبرو وڃي مليس. تنهن وقت مسٽر خالد محمود سومرو صاحب اتي ڪليڪٽر هو. حال احوال ڪرڻ کان پوءِ مون کانئس پڇيو تہ ڪليڪٽر صاحب اتي آهي تہ مان ساڻس ملان. هن ٻڌايو تہ هو اتيئي آهي. ان وقت مسٽر غلام مصطفيٰ مون کي ٻڌايو تہ هن پنهنجي ڀيٽيوئي کان ٻن نياڻين جا سڳ پنهنجن ٻن پٽن لاءِ وٺڻا ڪيا هئا، پر رڳو اهڙي زباني طرح ڳالهہ ٿي هئي. مگڻو نہ ٿيو هو. پر اڳتي هلي سندس ڀيٽيوئي ڪيس چيو تہ مان پنهنجي ملڪيت سندس نياڻين نالي ڪري ڏيان، پر هن کي مون ائين ڪرڻ کان انڪار ڪيو. پوءِ هن پنهنجيون ٻئي نياڻيون ٻن پوليس آفيسرن کي پرڻائي ڏنيون. انهن پوليس آفيسرن معرفت ڪيس تنگ ڪرڻ لڳو آهي. ايتريقدر جو هن ايس پي دين محمد بلوچ جي معرفت ڊي ايم مسٽر خالد محمود سومري کي چيو تہ اي ڊي ايم غلام مصطفيٰ جوڪئي جو هڪ پٽ ڪار لفٽرن جي ٽولي سان شامل آهي ۽ ڊي ايم صاحب کان هن کي گرفتار ڪرڻ جي بہ اجازت وٺي ڇڏي آهي. غلام مصطفيٰ خان پوءِ مون کي چيو تہ اوهان ڊي ايم صاحب سان ملڻ وڃو ٿا. جيڪڏهن هن سان چڱو رستو اٿوَ تہ ڪيس منهنجي پارٽ ڪيو. مان پوءِ خالد محمود سومري صاحب جن سان سندن آفيس ۾

ملڻ ويس. زماني جا هيڏانهن هوڏانهن جا احوال ڪرڻ کان پوءِ مون کين چيو تہ آفيسرن کي پنهنجي زيردست کي تحفظ ڏيڻ کپي، پر اوهان الٽو پوليس کي اجازت ڏئي ڇڏي آهي تہ پلي اي ڊي ايم جي پٽ کي گرفتار ڪن. پوءِ مون کي چيائين تہ غلام مصطفيٰ کي دلجاءِ ڏجان تہ سندس پٽ خلاف هاڻي پوليس ڪوبہ قدم نہ کڻندي. مون پوءِ ڊي ايم جن وٽان موٽي اچي اي ڊي ايم کي اها حقيقت ڪئي.

ملڪيت تي تڪرارن جا قصا تہ اخبارن ۾ روزانو ايندا رهن ٿا، پر مان هتي فقط انهن ٿورن قصن جو ذڪر ڪرڻ بہ مناسب سمجهان ٿو جيڪي متاثرن مون کي روبرو ٻڌايا هئا.

- مان جڏهن 1975ع ۾ دادوءَ ۾ ايس ڊي ايم هئس تہ هڪڙي ڏينهن مسٽر محمد الياس بلوچ صاحب رٽائرڊ ايس ڊي ايم (هو لاڙڪاڻي سب ڊويزن جو ايس ڊي ايم ٿي رهيو هو) مون وٽ آفيس ۾ آيو ۽ ٻڌايائين تہ هن نوڪريءَ دوران زمين پنهنجي پائٽي جي نالي ورتي هئي، پر هو هينئر ڪيس ان زمين جو ڪاتو ڦيرائي رڪارڊ ۾ سندس نالي ڪرڻ کان انڪار ٿو ڪري. هو مورڳو هن (محمد الياس) خلاف درخواست لکي وزيراعظم ڀٽي صاحب جن وٽ سندس لاڙڪاڻي ۾ رڪيل ڪليل ڪچهريءَ ۾ پيش ڪرڻ لاءِ ڪٽي ويو آهي. جيئن تہ وزيراعظم صاحب شڪايت ملڻ تي هڪدم گرفتاريءَ جو حڪم ڏيندو آهي ۽ جي اهڙي ڳالهہ ٿئي تہ مون کي ٻڌائجان، تہ جيئن مان ڪيڏانهن ڪسڪي وڃان. هن اهو بہ ٻڌايو تہ هن پنهنجي ڀاءُ کي بہ چيو آهي تہ پنهنجي پٽ کي سمجهاءِ، پر هن رهندو ڪيس اهو جواب ڏنو تہ هن جو پٽ سندس چئي ۾ ناهي. ٿورن ڏينهن کان پوءِ محمد الياس بلوچ صاحب اچي ٻڌايو تہ سندس پائٽئي سموري زمين تہ نہ لکي ڏني پر ڪجهہ پاڻ وٽ جهلي، باقي ٻي لکي ڏنائين. محمد الياس وفات ڪري ويو آهي.
- مسٽر **محمد اسماعيل ٻگهيو** ميهڙ هاءِ اسڪول ۾ ئي پڙهيو هو، پر مون کان سينيئر هو. هن بہ روينيو کاتي ۾ نوڪري ڪري هين18 گريڊ جي پوسٽ (ڪالونائيزيشن آفيسر گڊو بئراج) تان رٽائر ڪيو هو. ان مون کي هڪ ڀيري ٻڌايو تہ هن نوڪريءَ دوران ڪجهہ زمين پنهنجي ڀاءُ عبدالله جي نالي خريد ڪئي هئي، جا هن کيس لکي نہ ڀئي ڏني. هن پوءِ عبدالحميد خان جتوئيءَ کي چيو جنهن اسان جو فيصلو ڪيو هو.
- هڪ ڀيري **اڪبر خان لغاري** جيڪو پڻ ميهڙ هاءِ اسڪول ۾ پڙهيو هو، مون وٽ آفيس ۾ آيو ۽ اشرف خان لغاريءَ جا سور ڀئي ڀٽيائين. لڳو ڀئي تہ منجهن ملڪيت تي تڪرار هو.
- **مسٽر خير محمد گهانگهرو** وينل رٽويديرو مون سان ڊي. جي. ڪاليج ڪراچيءَ ۾ گڏ پڙهيو هو ۽ B.Sc پاس ڪري نڪتو، پر هو نوڪريءَ ۾ نہ گهڙيو ۽ وڃي پنهنجي زمينداري ڪرت سان لڳو. خير محمد خان جو وڏو ڀاءُ پير بخش خان منهنجو ويجهو دوست هو، جو مان رٽيديري تعلقي ۾ چار پنج ڀيرا تعلقي هيڊ منشي ٿي رهيو هئس. هڪ ڀيري خير محمد خان سان فون تي ڳالهائڻ ٿيو تہ چيائين تہ ادي (پير بخش خان) جا ڪم ڏسو ٿا. انهن ۾ بہ ملڪيت تان ئي تڪرار هو، پر جيئن تہ هيءُ ٻنهي پائرن جو پاڻ ۾ معاملو هو ۽ ٻئي منهنجا دوست هئا، انڪري مون ڪانئس ان

باري ۾ وڏيڪ تفصيل پڇڻ مناسب نہ سمجهيو. نہ وري هن ڪجهہ وڏيڪ ٻڌايو. پير بخش خان سان منهنجي آخري ملاقات لاڙڪاڻي ۾ ڊاڪٽر عبدالقادر شيخ فزيشن جي ڪلينڪ تي ٿي هئي. جتي ٻڌايو هئائين تہ هن دل جو باءِ پاس ڪرايو آهي. وري پوءِ ملڻ نہ ٿيو. خير محمد خان ۽ پير بخش خان ٻئي ڀائر وفات ڪري ويا آهن. مسٽر پير بخش خان جو فرزند علي نوازخان وڪيل مسٽر الاهي بخش خان ڪيهر وڪيل جي ڀرسان ئي رهندو آهي. مون کي ياد ٿو پوي تہ ٻہ ڀيرا الاهي بخش خان ڪيهر سان سندس آفيس ۾ ڪچهري ڪندي ڪيس چيو تہ مسٽر علي نواز جي جاچ ڪرائي تہ جاءِ تي آهي تہ ملجيس. هو منهنجي دوست جو پٽ هو. دل چاهيو پئي تہ ساڻس ملاقات ڪيان، پر ٻنهي موقعن تي هو اتي نہ هو، پر ڳوٺ هليو ويو هو.

- محمد خان وڏي ۽ مولوي محمد ابراهيم ميمڻ (ٻئي وينل قمبر) وچ ۾ زمين تي تڪرار بابت اڳ ذڪر ڪري آيو آهيان تہ مولوي محمد ابراهيم کي هارين تڪراري زمين تي قتل ڪيو هو، جنهن جو الزام محمد خان وڏي تي لڳو هو. پر پوءِ ٻنهي ڌرين ۾ ٺاهہ ٿيو هو. زمين مولوي محمد ابراهيم جي وارثن کي ڏياري وئي هئي.
- منهنجن ٻن ويجهن عزيزن مسٽر غلام مرتضيٰ ۽ سندس ننڍي ڀاءُ مسٽر نثار احمد (ٻئي منهنجا پڦات ماروٽ ٻہ هئا) جو ٻہ ملڪيت تي تڪرار هلندڙ هو. هڪ ڀيري مون کي غلام مرتضيٰ تہ اهو ٻہ ٻڌايو تہ تڪراري ملڪيت مان ڪٽڻ شيءِ تان ڪيس ڀاڻس نثار احمد چيو تہ تون قرآن شريف ڪٽندين تہ ان تي تنهنجو حق آهي، جنهن تي هن ڪيس چيو تہ هو قرآن شريف ڪٽڻ لاءِ تيار آهي. قرآن شريف رکي هن ان تي هٿ رکي چيو تہ ها ان تڪراري شيءِ تي سندس حق آهي، پر ان باوجود هو ڦري ويو.
- نثار احمد (جنهن جو مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان) ان جو پنهنجي ڀيٽيوئي محمد اسلم شيخ سان پئٽرول پمپ جي مالڪيءَ تي تڪرار هو ۽ قصو ان حد تائين پهتو جو نثار احمد، محمد اسلم تي ڪو ڪيس ڪري جيل ۾ وجهرايو. هو جتان پوءِ ضامن ڪرائي آزاد ٿيو. غلام مرتضيٰ پنهنجي ڀاءُ نثار احمد لاءِ اهو ٻہ ٻڌايو تہ نثار احمد ۽ محمد اسلم جن جو فيصلو مسٽر خالد محمود سومري صاحب ڪيو هو، پر نثار احمد ان ٿيل فيصلي تان ٻہ ڦري ويو. (نثار احمد لاءِ ٻڌبو آهي تہ هو ڪروڙپتي آهي. تبليغي جماعت جو آهي ۽ سلوار ٻہ ڀيڏيءَ کان مٿي هوندي اٿس ۽ ٻہ ٽي حج ٻہ ڪيل اٿس.

ملڪيت تي تڪرارن بابت ٻہ ٻڌل قصا

- سيد غوث علي شاهہ (وينل جيڪب آباد) لاڙڪاڻي ضلعي ۾ شهدادڪوٽ جو تعلقي مختيارڪار ٿي رهيو هو. هو ڏاڍي سني پرسنلٽيءَ وارو هو. هن نوڪريءَ دوران پنهنجي ڀائٽي جي نالي زمين خريد ڪئي هئي. ان ئي ڀائٽي سندس ئي گهر ۾ گهڙي ڪيس شوٽ ڪري ماري ڇڏيو هو.

- مسٽر شمس الدين سومرو (وينل لاهوري محلو لاڙڪاڻو) ايس ڊي ايم ٿي رٽائر ڪيو هو. هن نوڪريءَ دوران چڱي زمين مهاجرن کان پاڻ جي نالي تي ورتي هئي، پر اها سموري زمين پاڻس ڦٽائي ويو. انهيءَ ڪري مسٽر شمس الدين ڏاڍو پريشان هوندو هو ۽ ان ئي حالت ۾ ڪافي عرصو اڳ وفات ڪري ويو.
- قاضي قطب الدين ۽ سندس ننڍي پاڻ نظير احمد جو ملڪيت تي جهڳڙو رهندو هو. جڏهن بہ قاضي قطب الدين مون وٽ آفيس ۾ ايندو هو تہ مڙئي پنهنجي پاڻ نظير احمد جا سور پٽيندو هو. (پڌڻ ۾ ايندو هو تہ ٻئي پائر جدا جدا مائرن مان هئا). سيد غوث علي شاهہ لاڙڪاڻي ضلعي ۾ شهدادڪوٽ تعلقي جو مختيارڪار ٿي رهيو هو. هو شايد خيرپور جي رهندڙ ڪنهن پنهنجي آفيسر جو ستايل هو جو چوندو هو تہ ڪوفي جا سڀ ماڻهو خيرپور ۾ گڏ ٿيا آهن.

مسٽر عبدالوهاب خان شيخ جنهن ڊپٽي ڪمشنر جي عهدي تان رٽائر ڪيو هو اهو اصل خيرپور شهر جو وينل هو. هو ڪنهن وقت ۾ نارا هاءِ اسڪول خيرپور ۾ سيد غوث علي شاهہ (اڳوڻي وزيراعليٰ) جو استاد ٿي رهيو هو. رٽائر ٿيڻ کان پوءِ هو پنهنجي پٽ جي نوڪريءَ جي سلسلي ۾ وٽس ويو تہ هو (غوث علي شاهہ) ساڻس ڇهن ڏينهن کان پوءِ مليو. پر خبر ناهي تہ سندس ڪم بہ ڪيائين الائي نہ. پر عبدالوهاب شيخ چوندو هو تہ سرڪاري رٽائر ٿيل ملازم کي گولي هڻي ڇڏجي.

منهنجو تجربو تہ ائين ٿو چوي

مان اڳ ٿن ڪيل تجربن جو ذڪر پڻ ڪري آيو آهيان. سرڪاري آفيسر ڪيڏي بہ وڏي عهدي تي رهي رٽائر ٿئي ۽ نوڪريءَ دوران وڏيرن جا ڪم ڪاريون بہ ڪري، پر هن جي رٽائر ٿيڻ کان پوءِ انهن ئي وڏيرن وٽ پنهنجي تڪ جي هڪڙي ووٽر جيتري بہ اهميت نہ هوندي آهي. مون اهڙن ئي پنهنجن تجربن جو ذڪر هن ڪتاب ۾ ڪنهن هنڌ ڪيو آهي.

مان سال 1960ع ۾ جڏهن وارهہ تعلقي ۾ هيڊ منشي هوس تہ مون وٽ مسٽر علي اڪبر پيچوهو، وينل لعلورائنڪ، ڪمين ڪارين ايندو رهندو هو. تنهنڪري ساڻس سني ڄاڻ سڃاڻ ٿي وئي هئي، جيڪا منهنجي وارهہ تعلقي مان بدلي ٿي وڃڻ کان پوءِ بہ قائم رهندي پئي آئي. سال 1967ع ۾ جڏهن مان ڪليڪٽر صاحب جن جي آفيس ۾ آفيس سپرنٽينڊنٽ هوس تہ هڪڙي ڏينهن مسٽر عبدالوهاب شيخ صاحب، جيڪو تنهن وقت لاڙڪاڻي سب ڊويزن جو ڊپٽي ڪليڪٽر هو، ان فون ڪئي تہ علي اڪبر پيچوهي کي سڃاڻو. مون ڪيس چيو تہ هڪڙو علي اڪبر پيچوهو، جيڪو سڄو ڏينهن ڇوڪرن جي ڪڍ هوندو آهي، انهيءَ کي تہ مان سڃاڻان. جنهن تي هو ڪليو ۽ چيائين تہ هو ڪم سان اچيوَ ٿو ۽ سندس ڪم ڪرائي ڏجو. علي اڪبر پيچوهو پوءِ مون وٽ آيو ۽ مشڪي چيائين تہ يار منهنجي پٽ خراب ڪري ڇڏيئي. مون چيومانس تہ مان توکي نہ پيو سڃاڻان ڇا، جو تو وڃي ڊپٽي ڪليڪٽر صاحب کان فون ڪرائي آهي. (ڪيس شايد رائيس مل جي لائسنس ٿي ڪپيو يا ڪو ٻيو ڪم هو، بهرحال مون سندس اهو ڪم ڪرائي ڏنو).

ڪافي سال گذرڻ کان پوءِ مان هڪڙي رات وي آءِ پي روڊ سان پيادل پئي ويس تہ علي اڪبر خان رستي تي سامهون ملي ويو. ڏاڍو پريشان پئي لڳو. مون کيس اهڙي حالت ۾ ڏسي کانئس پڇيو تہ خير تہ آهي. هن ٻڌايو تہ کيس دل جي تڪليف جو عارضو آهي. هو هينئر وفات ڪري ويو آهي. (علي اڪبر خان پيچوهو شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي صاحب جن جي نهايت ويجهن ۽ اعتماد وارن ماڻهن مان هو).

وڏيرو غلام عمر خان انڙ

منهنجي لاڙڪاڻي ۾ نوڪريءَ دوران وڏيرو غلام عمر خان انڙ، وينل ڳوٺ نئون آباد تعلقي ڏوڪري نهايت بهادر ۽ دلير انسان هو. سندس پوشاڪ هميشہ سنهو ڊگهو چولو، اڇي شلوار ۽ سفيد سهڻي پڳ هئي. قد ۾ ڊگهو ۽ بت ۾ سنهو هوندو هو. سندس سر سدائين اوچو رهيو. هن لاءِ ٻڌبو هو تہ عبادت گذار هو. نماز جو پابند ۽ قرآن پاڪ جي تلاوت بہ روزانو پابنديءَ سان ساهہ جي آخري وقت تائين ڪندو آيو. هن جو دسترخوان نهايت ڪشادو هوندو هو. سندس مهمان نوازي مشهور هوندي هئي. وڏيري غلام عمر خان انڙ تي هميشہ قاضي فضل الله صاحب جن جو شفقت جو هٿ هوندو هو ۽ اهو سندس آخري ڏينهن تائين رهيو. جو قاضي صاحب سنڌ حڪومت ۾ گهڻو ڪري وزير يا وزير اعليٰ جي عهدي تي رهندو آيو هو. زماني جي گردش ڪري جڏهن خانبهادر محمد ايوب کهڙو صاحب ۽ قاضي فضل الله صاحب دوستن مان ڦري هڪٻئي جا دشمن ٿيا. وڏيري غلام عمر انڙ تي هڪ پيرو قلم 110 پنج، پ ر هيٺ ڪارروائي بہ ٿي هئي. جن ماڻهن کيس هٿڪڙين ۾ پوليس سان پيادل S.D.M (مير شهداد خان ٽالپر) جي ڪورٽ ڏانهن وٺي ويندي ڏٺو تہ تن جو چوڻ هو تہ تنهن وقت بہ وڏيري غلام عمر خان جو ڳاٺ اوچو ئي هو. سندس پيشانيءَ تي ڪي بہ پريشانيءَ جا اهڃاڻ نہ پئي ڏٺا. اهو پڻ ٻڌڻ ۾ آيو هو تہ مير شهداد خان ٽالپر ايس ڊي ايم کي سندس والد بزرگوار، جيڪو وڏيري غلام عمر انڙ سان خيرپور ضلع ۾ ڪچي جي ايراضيءَ ۾ دنگئي زميندر هو، کي چيو هو تہ وڏيري غلام عمر جو ضامن ڪٿي ڇڏجان.

رٽائرڊ ڊپٽي ڪليڪٽر مسٽر امداد علي شاهہ بخاري صاحب جهڙو شڪل شباهت ۾ سهڻو ۽ ٺهندڙ قد بت وارو هو، تهڙو ئي نهايت ڪلمک ۽ سٺي طبيعت وارو هو. سدائين سندن منهن تي مُرڪ نظر ايندي هئي. منهنجي روينيو ڪاتي ۾ نوڪريءَ ۾ اچڻ کان اڳ ئي هو پروموٽ ٿي ويو هو ۽ ڊپٽي ڪليڪٽر جي عهدي تي رهي رٽائر ڪيو هيائين. پر جيئن تہ هو اصل ڳوٺ آريجا تعلقي ڏوڪري جو وينل هو، تنهن ڪري ڪمين ڪارين جڏهن ڪليڪٽر صاحب جن جي آفيس ۾ ايندو هو تہ مون سان چڱو ٿائيم وراندي ۾ بيهي ڳالهيون ڪندو هو.

مان سال 2000ع ۾ لاڙڪاڻي مان پنهنجي ننڍي پٽ محمد سليم سان گڏ حيدرآباد ۾ شفٽ ٿي عبدالله ٽائون ۾ هڪ ڪرائي واري فليٽ ۾ اچي رهيس. ڇاڪاڻ جو منهنجو پٽ نئشنل سيونگس

ڊئريڪٽوريٽ ۾ اسسٽنٽ ڊئريڪٽر هو. ڪيس سکر ۾ نوڪريءَ ۾ ڇهه سال ٿي ويا هئا. اتان ڪيس حيدرآباد بدلي ڪيو ويو هو. منهنجو ڀاڻج انعام الله شيخ، جيڪو منهنجو نياڻو به ٿئي، سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ اسسٽنٽ پروفيسر هو ۽ پوءِ سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري به ٿي رهيو. اهو سنڌ يونيورسٽي ڪالونيءَ ۾ رهندو هو. هينئر هو علامه اقبال يونيورسٽيءَ جو حيدرآباد ۾ ريجنل ڊئريڪٽر آهي. هاڻي شورا ڳوٺ ۾ ذاتي جڳهه ٺهرائي رهي ٿو. مان ڪڏهن ڪڏهن وٽس يونيورسٽي ڪالونيءَ ۾ ڪجهه ڏينهن لاءِ وڃي رهندو هوس ۽ اتي جڏهن ڪا دوا وٺڻي هوندي هئي ته ڪالونيءَ جي مارڪيٽ ۾ ذوالفقار ميمڻ جي ميڊيڪل اسٽور تان وٺندو هوس، انعام جن به ڪانئس ئي دوائون وٺندا هئا. ذوالفقار جو والد صاحب سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر هو. اهو به ڪالونيءَ ۾ ئي انعام جي پرسان رهندو هو. سندن بنگلي جي وچ ۾ هڪ به ٻيا بنگلا هوندا هئا، جن ۾ به يونيورسٽيءَ جا آفيسر ئي رهندا هئا. جيئن ته ذوالفقار کان ئي اڪثر ڪري دوائون وٺندو هوس ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڪا دوا وٽس موجود نه هوندي هئي ته جڏهن پنهنجي ميڊيڪل اسٽور لاءِ دوائون وٺڻ لاءِ شهر ويندو هو ته مون کي گهربل دوا پڻ آڻي ڏيندو هو. تنهن ڪري ساڻس چڱي دعا سلام ٿي وئي هئي. جنهن مسجد ۾ مان نماز پڙهڻ ويندو هئس، سا به انعام جي بنگلي کان ايترو پري نه هوندي هئي پر تڏهن به ٿورو مفاصلو هوندو هو. هڪڙي ڏينهن جمعي جي نماز پڙهڻ مسجد ڏانهن پيادل پئي ويس. ڏينهن به سخت گرم هو. مون ٿورو ئي پنڌ ڪيو ته منهنجي پٺيان هڪ ڪار اچي بيٺي. انهيءَ ڪار ۾ پوئين سيٽ تي ذوالفقار ويٺو هو. مون کي ڪار ۾ ويهڻ لاءِ چيائين. ڪار ۾ پويون سيٽون ته سڀ پريل هيون. انڪري فرنٽ سيٽ تي ويٺل شخص دري کولي پاڻ ٿورو پرتي سري مون کي پاڻ سان گڏ ويهاريائين. منهنجو هن سان اڳ ڪڏهن به ملڻ نه ٿيو هو. انڪري مون کيس نه سڃاتو. ذوالفقار ٻڌايو ته اهو شخص سندس والد صاحب هو. منهنجي لاءِ هن کي ٻڌايائين ته انعام جو مامو آهي. ذوالفقار جو والد، چيف انجنيئر محمد هاشم ميمڻ، جنهن بابت مان اڳ ٻن ٽن هنڌن تي ذڪر ڪري چڪو آهيان، جو ڀاڻج به ٿئي ۽ نياڻو به ٿئي.

ذوالفقار جي والد صاحب ٻڌايو ته سندس مامو ۽ سهرو محمد هاشم صاحب جڏهن به وٽن ايندو آهي ته هو بنگلي ۾ اندر ڪنهن ڪمري ۾ نه رهندو آهي پر بنگلي جي در پرسان هڪ سادي سودي ٺهيل ڪمري ۾ ئي اچي ترسندو آهي. هن وڏيڪ ٻڌايو ته محمد هاشم صاحب جو ڪين چوڻ هوندو هو ته رات جو ڏهين وڳي کان پوءِ مون کي نه اٿاريندا ڪيو پوءِ پلي ڪٽي صدر صاحب ئي ڇو نه اچي. هو تهجد پڙهندڙ ۽ گهڻي عبادت ڪندڙ هو. هن ٻڌايو ته محمد هاشم صاحب جن جي پيدائش جو سال 1924ع هو. جنهن تي مون ٻڌايومانس ته منهنجي ڄم سال به 1924ع آهي. محمد هاشم صاحب جن 79 سالن جي عمر ۾ سال 2003ع ۾ وفات ڪئي، محمد هاشم صاحب لاءِ قصو اڳتي وڌائيندي چيائين ته شهيد ذوالفقار علي صاحب جن پنهنجيءَ زمين لاءِ غيرقانوني واٽر ڪورس ڪڍرايو هو. جيڪو محمد هاشم صاحب ڊهرائي ڇڏيو. جنهن تي هن جي ملتان بدلي ڪرائي

هيائين. محمد هاشم صاحب ملتان هليو ويو. ڪجهه عرصي کان پوءِ وري واپس موٽيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي صاحب وري به ٻيو غيرقانوني واٽر ڪورس ڪڍرايو هو ته اهو به محمد هاشم صاحب ڊهرائي ڇڏيو جنهن تي وري سندس بلوچستان بدلي ڪرائي ڇڏيائين. هو اوڏانهن هليو ويو. اتي سزا طور مقرر ٿيل عرصو گذاري واپس آيو. انهيءَ دوران شهيد ذوالفقار علي ڀُٽو صاحب پاور ۾ آيو ۽ محمد هاشم صاحب تنهن وقت چيف انجنيئر هو. شهيد ڀُٽي صاحب جن پوءِ جڏهن سرڪاري ملازمن کي نوڪريءَ مان ڪڍڻ چاهيو. ان سلسلي ۾ تيار ڪيل سرڪاري ملازمن جي لسٽ هن وٽ آندي هئي ته محمد هاشم صاحب چيف انجنيئر جو نالو تنهن ۾ ڏسي هن چيو ته هو برابر ساڻس سُنو نه هليو هو پر هو نهايت ايماندار آفيسر هو. تنهن ڪري سندس نالو ان لسٽ مان ڪٽي ڇڏيائين. هو نوڪريءَ مان رٽائر ٿيڻ کان پوءِ ڪجهه وقت سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو چيئرمين به ٿي رهيو هو. مان محمد هاشم صاحب ميمڻ جن لاءِ اڳ به ٻن ٽن هنڌن تي ذڪر ڪري آيو آهيان. هن لاءِ ائين به لکيو آهي ته ايريگيشن کاتي ۾ مون اهو واحد ايماندار آفيسر ڏٺو. منهنجو ڪن چيف انجنيئرن سان پنهنجي نوڪريءَ دوران گڏ رهڻ ٿيو آهي ۽ ڪن سان ته چڱو رستو به رهيو آهي، پر انهن مان ڪوبه ايماندار نه هو تن ۾ 1. مسٽر شمس الدين ميمڻ. 2. مسٽر امان الله ميمڻ صاحب 3. مسٽر الهوسايو خان ڀٽي 4. مسٽر محمد شفيع جوڻيجو 5. مسٽر سردار احمد مغل 6. مسٽر مسعود ارباب 7. مسٽر عبدالرسول ميمڻ شامل آهن.

ڪافي عرصو اڳ عبدالحميد خان جتوئي لاڙڪاڻي مان سردار پير بخش خان ڀٽي جي مقابلي ۾ قومي اسيمبليءَ جي سيٽ جي چونڊ لاءِ بيٺو هو. سندس ڪئمپ آفيس فقير محمد خان انڙ جي اوطاق ۾ قائم ڪئي ويئي هئي. ميان عبدالرحمان سومرو صاحب (شاهه پنجي وارو خالد محمود سومري صاحب جو والد) ڪئمپ جي نظرداري ڪندو هو. مان تڏهن ڪرمان باغ محلي ۾ رهندو هوس. ميان عبدالرحمان صاحب ڪئمپ لاءِ ڪجهه بسترا ۽ رڌپچاءَ لاءِ ٿانو ٿپا مون کان وٺي ويو هو. اليڪشن کان پوءِ واپس ڏئي ويو هو. عبدالحميد خان جتوئي ان اليڪشن ۾ هارائي ويو هو ۽ جڏهن ڳوٺ واپس پئي ويو ته سردار پير بخش خان ڀٽي کي سندس ڪاميابيءَ تي مبارڪ ڏيندو ويو هو.

هڪڙي ڏينهن پڪنڪ ملهائڻ جي ارادي سان مان پنهنجيءَ گهرواري سميت، منهنجو وڏو فرزند پنهنجن ٻارن سميت ۽ انعام منهنجو ڀاڻيجو پنهنجيءَ پوري فيملي سميت ۽ ڪجهه ٻيا ويجها عزيز گڏجي ڪينجهر ڍنڍ تي پڪنڪ پوائنٽ تي وياسين. اسان جي اتي پهچڻ کان اڳ ٻيون ڪيتريون ئي فيمليون پڻ اتي پهتل هيون. هر هڪ فيملي اتي ڪناتون ٽن پاسن کان هڻي، اندر دريون (گلم) وڇائي ويٺي هئي. اسان به ساڳيءَ طرح ڪناتون وٺي پاسا بند ڪري، ڪمري وانگر ٺاهي، ان ۾ گلم وڇائي پنهنجو سامان رکي ويٺاسين. ڪناتون ۽ گلم اتي ڪرائي تي ملڻ پئي. گهڻو ڪري هر فيملي منجهند جي ماني گهران ئي تيار ڪري کڻي آئي هئي. اسان پڻ ايئن ڪيو هو. اتي

ڏاڍو چهچٽو لڳو پيو هو. هر عمر جا مرد توڙي عورتون ۽ ٻار پڪنڪ ملهائڻ آيا هئا. اتي ڪيترائي نوجوان ۽ ٻار ڪرائي تي ورتل ٽيوبن تي ڪينجهر ڍنڍ ۾ وهنجي ۽ تري رهيا هئا ۽ ڪيترائي مرد، عورتون ۽ ٻار ٻاهر بيهي انهن کي ۽ ڍنڍ جي خوبصورت نظاري کي ڏسي رهيا هئا. منهنجو ڀاڻ انعام تہ خوب وهنتو ۽ تريو. ڀاڻ سان آندل مانيءَ جا ٻہ ٽي گرهہ کائي ور وري ڪري وڃي پئي ڍنڍ ۾ وهنتو ۽ تريو. ڪيس ڍنڍ مان نڪرڻ تي دل ئي نہ پئي ٿئي. خير ڪافي وقت اتي اهو چهچٽو ڏسي، منجهند جي ماني کائي، ٽٽي شهر ۾ آياسين. جيڪو ڪينجهر ڍنڍ کان لڳ ڀڳ ويهن ڪلوميٽرن يا ان کان گهٽ وڌ مفاصلي تي هو. ٽٽي شهر ۾ پهچي اتي جي مشهور شاهي مسجد گهمي ڏٺيسين. اتي ٻپهريءَ جي نماز جو وقت ٿيو هو، انهيءَ ڪري اتي نماز ٻہ پڙهيسين. اتان ٿي پوءِ وري مڪليءَ تي اچي مخدوم محمد هاشم ٽٽوي صاحب جن واري مسجد ڏسي پوءِ سندن مقام ۾ وياسين. مقام ۾ مخدوم محمد هاشم صاحب ٽٽويءَ جي مزار توڻي پير حسام الدين راشدي صاحب، شيخ عبدالحميد سنڌي صاحب جن جي مزارن تي وڃي قل پڙهي کين بخشياسين.

مون تہ اُن مقام ۾ موجود رٽائرڊ ايس ڊي ايم حاجي محمد بچل جانوريءَ جي مزار تي ٻہ وڃي قل پڙهي کيس بخشيا. هن جي قبر پرسان سندس والده جي قبر ٻہ، ان ئي مخدوم صاحب جن جي مقام اندر ئي هئي. مقام مان نڪرندي اتي مدفون ٿيل سيني کي قل پڙهي بخشياسين. اتان پوءِ مڪلي ٽڪري واري مقام ۾ آياسين. اهو مقام تمام وڏي ايراضيءَ ۾ ڦهليل آهي. ان مقام ۾ وڃي پهريائين ڄام نظام الدين يا ڄام نندي ۽ سندس دولهہ دريا خان سپهہ سالار جا مقبرا ڏٺاسين، پوءِ مائي مڪليءَ جي مزار ڏٺيسين. مقبرا تمام اوچا هئا. انهن جي اڏاوت ڏسي حيرت پئي لڳي تہ اڳي ڪهڙا تہ قابل ڪاريگر ٿي گذريا آهن. مقبرن جا دروازا تنهن وقت بند هئا، تنهن ڪري اندر نہ وڃي سگهياسين، رڳو ٻاهران ڏسي سگهياسين. ڄام نظام الدين ۽ سندس دولهہ دريا خان جي مزارن جي اندر نہ وڃي سگهياسين. مائي مڪليءَ جي قبر هڪ چبوتري ۾ هئي، سا ان چبوتري جي مُنهن کان ڏسي سگهياسين ۽ اتي قل پڙهي کيس بخشياسين. آخر ۾ عبدالله شاهہ اصحابيءَ جن جي درگاهہ تي اچي قُل پڙهي کين بخشياسين ۽ دعا گهري خير خوبيءَ سان حيدرآباد موٽي آياسين.

مسٽر عبدالرزاق سومري صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ مسٽر عبد محمدڪوڪر (رٽائرڊ ٽريئري آفيسر) جي شاگرديءَ واري دور بابت ڪافي ڪجهہ لکيو آهي. عبد محمد ڪوڪر صاحب واقعي هڪ زندهہ دل، خوش مزاج، ٺڪائي ڀوڳائي ماڻهو هو. هن سان اسان جي سنگت وارن جون ٻہ ڪچهريون ٿينديون هيون. عبد محمد ڪوڪر صاحب بابت هڪ ٻڌل قصو هو تہ جڏهن هڪ ڀيري (شايد شاگرديءَ واري وقت ۾) ڳوٺ پئي آيو. ٽرين مان لهي پليٽ فارم تي ٻاهر نڪرڻ لاءِ گيٽ تي پهتو تہ گيٽ ڪيپر هن کان ٽڪيٽ گهري، پر هن وٽ ٽڪيٽ ڪانہ هئي. انڪري گيٽ ڪيپر کيس ٻاهر وڃڻ کان روڪيو. جنهن تي هن ڇا ڪيو جو گيٽ کان ٿورو پوئتي پليٽ فارم تي وڃي پنهنجي مٿي جي ٽوپي هڪ هٿ ۾ ڪري وات چبو ڪري هڪ اک ٻوٽي، شلوار جا ور کنجي مٿي ڪري، ٻيو هٿ

گوڏي تي رکي لنگڙائيندو وري انهيءَ گيٽ تي آيو. گيٽ ڪيپر هن کي نہ سڃاڻي سگهيو. هن ڪيس شايد هڪ پينو فقير سمجهي گيٽ کان ٻاهر نڪرڻ ڏنو. هو جيئن گيٽ کان ٻاهر نڪتو تہ اڳي وانگر نيڪ ناڪ تي سڏو گهمي هيٺ لهي آيو. گيٽ ڪيپر جو هن کي ان حالت ۾ ڏسندي ئي وات ڦاٽي ويو. هُو واڙو ٿي ويو تہ هو ڪيئن ڪيس بيوقوف بڻائي نڪري ويو. پر ڪيس پوءِ تہ ڪجهہ بہ نہ پئي ڪري سگهيو.

جيئن تہ هن بابت اهو قصو ٻڌل هو. تنهن ڪري هڪ پيري ڪچهري ڪندي ڪيس حاضر سنگت چيوسين تہ عبد محمد! اهو ڊرامو تہ اسان کي بہ ڪري ڏيکار. جنهن تي هن اها ساڳي ائڪٽنگ ڪندي بہ پيرا ڊرامو ڪري ڏيکاريو. جنهن تي ڪچهريءَ ۾ ويٺل سڀ ڏاڍو ڪلياسين ۽ وڏا ٿهڪ ڏناسين. عبد محمد خان اصل ڳوٺ شاهپور، تعلقي ميرو خان جو رهواسي هو. پوءِ لڏي اچي لاڙڪاڻي ڪليڪٽر صاحب جن جي آفيس جي ڪمپائونڊ کان ٻاهر ٿوري ئي مفاصلي تي جڳهہ ٺهرائي اچي رهيو هو. مون پنهنجي ميرو خان تعلقي ۾ ورتل زمين، جيڪا حاڪم علي گوپانگ کي وڪرو ڪري ڏني هئي، تنهن جو ذڪر اڳ ڪري آيو آهيان. ان کان ڪافي عرصو اڳ ان جو سودو عبد محمد خان کوڪر سان پئي ٿيو ۽ پروگرام بہ رکيوسين تہ هلي اها زمين پاڻ ڏسي ايندو. الله پاڪ جي قدرت جو پروگرام واري ڏينهن ئي، اوچتو دل جي دوري پوڻ سبب وفات ڪري ويو. رب پاڪ کيس جنت بخشي. (آمين).

منهنجي گهرواريءَ کي ٻيون بہ ٽي ڀينرون هيون. هڪ سڳي ماءُ مان ۽ بہ سندس والد جي ٻيءَ گهرواريءَ مان. سندس سڳي ڀيڻ تہ گهڻو عرصو اڳ وفات ڪري وئي آهي. باقي سندس ٻيون بہ ڀينرون زندهہ آهن. منهنجي گهروايءَ جي ٽنهي ڀينرن جا گهڻو عرصو اڳ ئي حج ڪيل آهن. منهنجي گهرواريءَ جي بہ اها ئي آرزو رهندي آئي هئي تہ خدا تعاليٰ کيس حج جو فرض ادا ڪرڻ نصيب ڪري ۽ ان لاءِ رب پاڪ کي سدائين ٻاڏائيندي ايندي هئي. سڀ ڪم بس الله تعاليٰ جي امر سان ئي ٿئي ٿو. جڏهن اهو پنهنجي بندي تي راضي ٿئي تہ سندس اميد پڄائڻ ۾ دير ئي نہ ٿي ٿئي.

رب پاڪ بہ ائين منهنجي گهرواريءَ جي حَج ڪرڻ جي آرزو پوري ڪئي، جو ڪيس 80 سالن جي عمر ۾ حج جو فرض ادا ڪرڻ نصيب فرمايو. سال 2010ع ۾ پنهنجي ننڍي پٽ محمد سليم سان گڏ وڃي حج ڪري آئي آهي. حج تي روانگي تاريخ 20 آڪٽوبر 2010ع تي سندن ڪراچيءَ مان پي آءِ اي جي فلائيٽ ۾ ٿي ۽ واپسي 30 نومبر 2010ع تي ٿي. عجب اتفاق جو منهنجي پٽ محمد سليم جي نياڻي ماريا جي سالگرهہ بہ ان تاريخ تي هئي. منهنجي وڏي پٽ غلام ياسين ۽ سندس گهرواريءَ کي الله تبارڪ وتعاليٰ سال 2013ع ۾ حج جو فرض ادا ڪرڻ جي سعادت نصيب فرمائي آهي.

منهنجي سوٽ جي پٽ بشير احمد ۽ اسان جي پاڻ ۾ ڪافي وقت کان اٽڻٽ رهندي پئي آئي، جنهن بابت مان تفصيل سان ذڪر اڳي ڪري آيو آهيان، پر منهنجو پٽ محمد سليم حج

ڪري پلي پار ڪان موٽڻ ڪان پوءِ سندس گهر وڃي ساٿس مليو ۽ پلي پار ڪان آندل ڪجهه سوڪڙي پاڪڙي بہ ڪيس ڏئي آيو هو. ان ڪان پوءِ اسان جي پاڻ ۾ اڳ واري اٽبٽت ختم ٿي وئي. هاڻي هڪبئي ڏانهن اچڻ وڃڻ بہ ٿيندو آهي.

مان دادوءَ ۾ جڏهن آخري ڀيرو پهرين نومبر 1982ع ڪان 4 نومبر 1984ع تائين اي ڊي ايم هوس، تڏهن هڪڙي ڏينهن منهنجي ڪنهن واقفڪار ماڻهوءَ اچي چيو تہ سيتا سب ڊويزن جي ايس ڊي او نثار علي عباسيءَ ۾ سندس ڪم آهي، سو ان کي سندس پارٽ ڪيان. مون چيومانس تہ هو جڏهن دادوءَ آيو تہ ڪيس چوندس. جنهن تي ٻڌايائين تہ اڄ هتي انجنيئر صاحب وٽ ميٽنگ ۾ آيل آهي. مون پوءِ انجنيئر صاحب جي پي اي کي چيو تہ نثار علي صاحب کي چئي ڇڏي تہ ميٽنگ مان فارغ ٿئي تہ مون سان ملندو وڃي، پر هو جهٽ آيو تہ ٻڌايائين تہ پي اي ميٽنگ هلندي ئي ڪيس فون تي اهو نياپو ڏنو تہ انجنيئر ڏيٽي صاحب پڇيو تہ ڪنهن جي فون هئي تہ مون ڪيس اوهان جي نياپي بابت ٻڌايو. جنهن تي هن چيو تہ اي ڊي ايم اهو آهي نہ، جنهن انجنيئر کي جيل ۾ پئي وڌو ۽ تون ميٽنگ کي هاڻي ڇڏي، اي ڊي ايم صاحب ڏي وڃ. انهيءَ ڪري هو ميٽنگ ڇڏي آيو آهي. نثار علي عباسي صاحب سان منهنجي چڱي دوستي هئي، جو هو منهنجي ناناڻن واري ڳوٺ آريجا جو رهواسي هو. اتي هن جي وڏي ڀاءُ حاڪم علي خان سان ڪجهه وقت گڏ پڙهيو هوس.

قصو هڪ حاذق حڪيم جو

لاڙڪاڻي شهر ڪان ڏکڻ پاسي ٻن ٽن ميلن جي مفاصلي تي هڪڙو هٽڙي نالي ننڍو ڳوٺ آهي. ان ڳوٺ ۾ علي شاهہ نالي هڪڙو حاذق حڪيم رهندو هو. ڪيس الله تبارڪ وتعاليٰ طرفان چڱي هٿ شفا ڏنل هئي. مرض جي سچاڻپ جي بہ سٺي ڄاڻ هئس. هن نالياري حڪيم وٽ ڪو مريض علاج ڪرائڻ ويندو هو تہ ان ڪان چڱي خاصي رقم اڳ ۾ وصول ڪري ڪيس علاج ڏيندو هو. مريض هن جي ڏنل علاج مان فائدو محسوس ڪري وڏيڪ علاج وٺڻ لاءِ وٽس ويندو هو تہ هو گس گساءُ ڪري ڪيس ٽاري ڇڏيندو هو. ڇاڪاڻ تہ هو ان مريض ڪان خاصي رقم تہ شروع ۾ وٺي چڪو هو. مريض پوءِ بہ تي پنڌ ڪري آخر بيزار ٿي وڃي ڪنهن ٻئي طبيب ڪان علاج معالج ڪرائيندو هو. هن جو مريضن کي پنڌ ڪرائي بيزار ڪرڻ جي ڪري هيٺين چوٽي مشهور هوندي هئي. (علي شاهہ جي علاج ڪان ماڻهو مئو پلو آهي).

مامي محمد صديق جو ٻڌايل هڪ قصو. هو ڏوڪري تعلقي ۾ پهريان تپيدار ٿي رهيو هو. پر پوءِ نوڪري ڇڏي لاڙڪاڻي شاهي بازار ۾ حڪمت جو ڪم ڪندو هو.

اها هندستان جي ورهاڱي ڪان اڳ جي ڳالهہ آهي، جڏهن لاڙڪاڻي ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ جي اميدوارن جي چونڊ پئي ٿي. ان دور ۾ هندن جو ڏاڍو زور ۽ اثر رسوخ هو. قاضي فضل الله صاحب بہ ان چونڊ ۾ بهرو وٺڻ لاءِ پنهنجو نامينيشن فارم ڀريو. جنهن تي هندن ڏاڍو اعتراض ڪيو. ڇو تہ

ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي ميمبريءَ لا اهو ئي اهل هوندو هو جنهن کي پنهنجي ڪاتي ۾ ڪجهه زمين هجي، پر جيئن ته قاضي فضل الله صاحب اصل نوشهرو فيروز جو وينل هو ۽ لاڙڪاڻي ۾ وڪالت ڪرڻ لاءِ ئي اچي مستقبل رهائش اختيار ڪئي هئائين، تنهن ڪري لاڙڪاڻي ضلعي ۾ ڪيس ڪا زمين وغيره نه هئي ۽ نه رڳو ايترو پر، ڪيس رهائش لاءِ به پنهنجي ذاتي جڳهه نه هئي. ساري زندگي وفات ڪرڻ تائين پنهنجي گهاتي دوست ٻيٽي واري عبدالحميد خان جتوئيءَ جي لاڙڪاڻي شهر ۾ گهنتي ڦاٽڪ ڀرسان بنگلي ۾ ئي رهندو آيو. اهڙو اظهار پاڻ قاضي فضل الله صاحب ”لاڙڪاڻو ساهه سيباڻو“ ڪتاب ۾، پنهنجيءَ زندگي بابت لکيل مضمون ”منهنجي زندگيءَ“ ۾ به ڪيو آهي. انهيءَ ڪري هندن قاضي صاحب جي لوڪل بورڊ جي چونڊ لاءِ ڀريل نامينيشن فارم خلاف تنهن وقت جي ڪليڪٽر/سيشن جج صاحب وٽ اپيل داخل ڪرائي. هوڏانهن وڏيري غلام عمر خان انڙ پنهنجي ديهه واري زمين مان ڪجهه زمين قاضي صاحب جي نالي ڪري رڪارڊ ۾ داخل ڪرائي ڇڏي هئي. پنهنجي ڳوٺ ۾ هڪ جاءِ خالي ڪرائي، ان کي قاضي فضل الله صاحب جي اوطاق طور مشهور ڪرائي ڇڏيو. پنهنجي ڳوٺ جي مڙني ماڻهن کي هدايت به ڪري ڇڏي ته ڪير به جڏهن ڪا پڇا ڪري ته هو اهو ئي ٻڌائين ته اها جڳهه قاضي صاحب جي اوطاق آهي. پاڻ به وقتي جڏهن هتي ايندو آهي ته ان ۾ ئي رهندو آهي. مامي محمد صديق چواڻي ته هو ان ديهه جو ۽ تپي جي ٻين ديهن جو تپيدار هو. انهيءَ ڪري هندن پاران ڪيل اپيل ٻڌڻ دوران ڪيس پنهنجي بيان ڏيڻ لاءِ گهرايو ويو. ڪانئس پڇيو ويو ته تون قاضي فضل الله صاحب کي سڃاڻين. جنهن جي جواب ۾ هن اپيل ٻڌندڙ ڪليڪٽر صاحب/سيشن جج صاحب کي ٻڌايو ته هو هڪ ڀيري پنهنجي تپي ۾ پرتال ڪري رهيو هو ته هن قاضي صاحب کي فلاڻي ديهه ۾ پنهنجي فلاڻي فلاڻي سروي نمبرن جي فصل جي بتئي ڪندي ڏٺو هو. ان جواب ٻڌڻ کان پوءِ اپيل ٻڌندڙ آفيسر صاحب (ڪليڪٽر يا سيشن جج صاحب) هندن کي چيو ته ٻيو به ڪو سوال آهي؟ هندو مطمئن نه ٿيا هئا، تنهن ڪري اهو اصرار ڪيائون ته سرزمين تي هلي جاچ ڪئي وڃي. هندن جي انهيءَ ضد ڪري اپيل ٻڌندڙ آفيسر صاحب، اپيل ڪندڙ هندن مان ڪجهه پاڻ سان گڏ ڪڻي وڏيري غلام عمر خان انڙ جي ڳوٺ ڏانهن وٺي ويو ته دادو ڪئنال جي پاٽ تي ڪي هندو واپاري (غلام عمر جي ڳوٺ جا) گڏهن تي ايندي سامهون نظر آيا ته هنن کان پڇا ڪئي وئي ته هو قاضي فضل الله صاحب کي سڃاڻن يا هن کي ڪڏهن ڏٺو آهي ته انهن گڏهن تي ايندڙ واپارين کين ٻڌايو ته ها هنن قاضي فضل الله جن کي ڏٺو آهي ۽ هن جي سندن ڳوٺ (غلام عمر خان جي ڳوٺ) ۾ فلاڻي هنڌ اوطاق به آهي ۽ جڏهن به پنهنجي زمين تي چڪر ڏيڻ مهل يا فصل جي بتئي ڪرڻ ايندو آهي ته ان اوطاق ۾ ئي رهندو آهي. اهي گڏهن تي ايندڙ هندو واپاري لاڙڪاڻي مان پنهنجن دڪانن لاءِ سودو سلف وٺڻ پئي آيا. اپيل ٻڌندڙ آفيسر صاحب پوءِ اڳتي غلام عمر خان جي ڳوٺ وڃڻ بدران اتان ئي واپس لاڙڪاڻي موٽي آيو. هندن جي ڪيل اپيل رد ڪري ڇڏي.

الله تبارڪ وتعاليٰ مون کي زندگيءَ ۾ 293 مسجدن ۾ فرض نفلي نماز پڙهڻ جي سعادت نصيب فرمائي آهي.

- **ضلعو لاڙڪاڻو: تعلقو**

	لاڙڪاڻو 50	2	رتوديرو 2	3	ڏوڪري 6	4	قمبر 6	5	ميرو خان 2	6	شهداد ڪوٽ 2
7	وارهه 5	8	جيڪ ب آباد1	9	ڳڙهي خيرو 2	10	ٺل 1	11	شڪارپور 2	12	خانپور 1
13	ڳڙهي ياسين 2	14	لکي غلام شاهه 2	15	حيدرآباد 18	16	هالا 5	17	ٽنڊو الهيار 1	18	ٽنڊو محمد خان 1
19	دادو 11	20	ميهڙ10	21	خيرپورناٿن شاهه 1	22	سيوهڻ 4	23	ڪوٽڙي 10 ضلعو نوابشاهه تعلقو نوشهرو فيروز	24	نوابشاهه 2
25	سڪرنڊ 1	26	پرياسٽي 1	27	مورو 3	28	نوشهروفيروز 1	29	ڪنڊيارو 2	30	سانگهڙ 3
31	سنجهورو	32	ٽنڊوآدم	33	شهدادپور 2	34	ڪپرو 1 ضلعو بدين	35	بدين 2	36	تلهار 1
37	ماتلي1	38	ٽنڊوباگو 2 ضلعو ٺٽو تعلقو	39	ٺٽو2	40	سجاول 1	41	جاتي 1	42	شاهبندر 1
43	ميرپور بٺورو 1	44	ميرپور ساڪرو 3	45	گهوڙا ٻاري 1 (ڳاڙهي	46	سڪر 10	47	روهڙي2	48	پنو عاقل 1

						۾ ضلعو سکر تعلقہ گھوٽڪي					
49	گھوٽڪي 1.ضلعو خيرپور تعلقہ	50	خيرپور 7	51	گمبٽ 9	52	نري ميروا هہ 16	53	فيض گنج	54	ڪرٽڙيج 4ضلعو ميرپورخاص تعلقو عمرڪوٽ مني 3
55	ميرپورخاص 7	56	ڊگھڙي 1	57	عمرڪوٽ 2	58	ساماروا 1	59	ڪنري 1	60	مني 2
61	چاچرو 1	62	ڏيپلو 1	63	جهڏو 1	64	ننگر پارڪر 1	65	ڪراچي 26 سارو شهر	66	صادق آباد (پنگ شريف)
67	لاهور 2 (بادشاهي مسجد، موتي مسجد) 2	68	پشاور 1 (مهابت خان مسجد)	69	ائبٽ آباد 1 (الياسي مسجد)	70	چترال 1 (جامع مسجد دروش)	71	مڪہ مڪرمہ 3 (حرم پاڪ 2 ۽ 3 مڪي پاڪ شهر ۾)	72	مدينہ منور (1، مسجد نبوي، 2، مسجد قبا، 3، قبليتن، 4،5،6، مدينہ منوره شهر ۾)

منهنجي روينيو کاتي ۾ لڳ ڀڳ 35 سالن جي نوڪريءَ واري عرصي ۾ منهنجا ايڪونجاهہ پوسٽنگ آرڊر ٿيا. جيئن تہ مون پنهنجيءَ زندگيءَ جو داستان نهايت پيرسنيءَ ۾ 90 سالن جي عمر ۾ لکي پورو ڪيو آهي. انهيءَ ڪري حافظو پورو نہ هئڻ سبب ڪيتريون ڳالهيون موقعي مهل تي نہ، پر اڳي پوءِ لکجي ويون آهن ۽ ڪيتريون ياد نہ اچڻ ڪري لکڻ کان رهجي بہ ويون هونديون. بهرحال مان پنهنجي گهاريل زندگيءَ مان بلڪل مطمئن آهيان. مون کي زماني جي ڪابہ فڪرات ڪانهي،

انڪري جو مون پنهنجي زندگيءَ ۾ ئي پنهنجن ٻنهي پٽن ۽ ستن ئي نياڻين جون شاديون ڪرائي ڇڏيون آهن. منهنجا ٻئي پٽ سني ۽ ڪشادي روزگار سان آهن. ست ئي نياڻيون پڻ پنهنجن گهرن ۾ سني ۽ خوشحال زندگي بسر ڪري رهيون آهن. مون کي به هن وقت 38000 رپيا هر مهيني پينشن ملندي آهي. منهنجو گذر سفر توٽي منهنجيءَ گهرواريءَ جو نهايت سنو ٿو رهي. انهيءَ ڪري منهنجو موت (جيڪو برحق آهي) اميد ته الله پاڪ ڏاڍي سڪون سان ڪندو (آمين) ۽ آخرت ۾ به الله پاڪ جي رحمت جو اميدوار آهيان. آخر ۾ هڪ شعر ۽ ٻئي شعر جي هڪ مصرع لکي داستان ختم ٿو ڪيان.

گناهن ڀريل ۽ ثوابن کان عاري
سڄي زندگي آهي اهڙي گذاري
ڏسي ڏوهه پنهنجا ڏڪي ڏيل سارو
گناهن جي ڳنڙي لڳي آهه ڀاري
وڃايم سموري حياتي اجائي
ڪريان ٿو مان توبهه ڪريان ٿو مان زاري
قيامت تي ڪوڪي سڏي تي قبر پڻ
الاهي نه ٿئي شل لحد منهنجي ڪاري
هتي ڀي هُتي ڀي ڪپي فضل تنهنجو
جهانن ٻنهي ۾ سندءِ فيض جاري
پنان تنهنجي در تان دعا روز شب ٿو
شفاعت طلب ٿو ڪريان ذات باري
"انيس" آهه عاصي گنهگار مولا
سندءِ توهه تي آ تڳيو عمر ساري

شاعر الله بخش انصاري "انيس" لاهوري محله لاڙڪاڻو. ٻئي شعر جي هڪ مصرع ڪم جو ڪري تي قادري تقرير، عقل وارن جو ڪاروبار عبث ڪتاب "لاڙڪاڻو ساهه سيباڻو" ۾ ميان علي محمد قادريءَ بابت مضمون ۾ لکيل.

قلم تازو

منهنجي رفيق حيات مون سان 75 سالن (مُني صديءَ) جو سات ڏئي تازو ئي تاريخ 22 جون 2015ع تي بمطابق 4 رمضان المبارڪ 1436) تي وفات ڪري وئي، ڪيس هتي حيدرآباد ۾ ئي فاروقي جامع مسجد گلستان سجاد ڀرسان مقام ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو آهي.

محمد علي شيخ

رٽائرڊ ڊپٽي ڪليڪٽر

* گهر نمبر A29/B نزد فاروقي جامع مسجد
گلستان سجاد ـ حيدرآباد سنڌ
0331-3613526

****